
سنڌي ناول
جي
مختصر
تاريخ
مختيار احمد ملاح
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# سنڌي ناول جي مختصر تاريخ

## مختيار احمد ملاح

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن
2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

ڪتاب: سنڌي ناول جي مختصر تاريخ

ليکڪ: مختيار احمد ملاح

تعداد: 1000

ڇاپو پهريون: آگسٽ 2012 ع

ڪمپوزر: سنگم پبليڪيشن، ڪراچي

ڪمپيوٽرلي آئوٽ: ظفر آفتاب ابڙو

ڇپيندڙ: سيڪريٽري ثقافت ، حڪومت سنڌ

ملھ: 450 رپيا

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

www.sindhsalamat.com

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي ليکڪ ۽ محقق **مختيار احمد ملاح** جو لکيل تحقيقي ڪتاب ”**سنڌي ناول جي مختصر تاريخ**“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

هن ڪتاب ۾ مختيار ملاح ناول جي جدا جدا جزن، ناول جي اوسر، سنڌي ناول جي تاريخ، ناول جي رجحانن، ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۽ هند ۾ لکيل ناولن جو سرسري جائزو به ڏنو آهي.

هي ڪتاب **سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مختيار احمد ملاح جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي ) ، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- مهاڳ آغا سليم
- سنڌی ناول نگاریءَ جی تاریخ ۾ هڪ جهاتی ولی رام ولڀ
- سنڌي ناول جي مختصر تاريخ تي تاثر رکيل مورائي
- ليکڪ پاران مختيار احمد ملاح

ناول ۽ ناول جا ترڪيبي جزا

- ناول جا قسم
- سماجڪ ناول
- رومانوي ناول
- تاريخي ناول
- جاسوسي ناول
- نفسياتي ناول
- شعور جي وهڪري تي مبني ناول
- ڊرامائي ناول
- ناول جا ترڪيبي جزا
- پلاٽ
- پلاٽ جا قسم
- ڪردار نگاري
- مڪالما
- منظر نگاري
- منظر نگاري جا قسم
- انداز بيان يا اسلوب
- مقصديت

ادب ۾ ناول جي اوسر

سنڌي ناول جا اوائلي اهڃاڻ ۽ قصہ نويسي

برطانوي دور جي سنڌي ناول جي اوسر ۽ موضوع

- شهنشاهي پرچارڪ ۽ ”خدائي حق“ وارو فلسفو

- قصصي ناولن جو رجحان
- ناول ۾ تاريخي واقعا نگاري
- جاسوسي ناول جي مشهوري
- هندو مسلم جي سياسي نفاق جو ناول تي اثر

**برطانوي دور جي سنڌي ناول ۾ نوان لاڙا ۽ رجحان**

- ترجمن ۾ خارجي ادب اثر ۽ لاڙو
- انگريزي ناول جو اثر ۽ ترجما
- بنگالي ناول اثر ۽ ترجما
- جدت پسندي جو لاڙو
- ترقي پسند لاڙو
- ديسي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو لاڙو

**برطانوي جي دور جا ڪي مشهور ناول نگار**

1. مرزا قليچ بيگ
2. ديوان پريتم داس
3. ڪوڙومل ڪلناڻي
4. هوتچند مولچند گربخشاڻي
5. قاضي عبدالرزاق
6. لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي
7. پيرومل مهرچند آڏواڻي
8. سيرومل ڪيئلداس سنگراڻي
9. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي
10. صاحب سنگهه شهاڻي
11. مولوي عبدالخالق "خليق" مورائي
12. ميلهارام واسواڻي
13. محمد عثمان ڏيپلائي
14. نانڪ هنگوراڻي
15. چوهڙ مل هندوجا

16. مرزا مدد علي بيگ
17. ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي
18. پروفيسر موتومل گدواڻي
19. هيرانند سوڀراج
20. پرڀداس پيرومل
21. لطف الله ”جوڳي“ بدوي
22. پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي
23. آسانند مامتورا
24. پروفيسر رام پنجواڻي
25. شيوڪ ڀوڄراج
26. گلي سدارنگاڻي
27. ڄيٺانند لعلواڻي
28. جڳت آڏواڻي
29. ٻهاري لال ڇاٻڙيا
30. تيرٿ ديو سياڻي
31. ٺهلرام آزاد

**آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناول**

- سنڌي ۾ گهٽ ناول نہ شايع ٿيڻ جا سبب
- آزاديءَ کان پوءِ شايع ٿيل ناولن جي لسٽ
- قسطوار شايع ٿيل ناولن جو جائزو

**آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ۾ عورتن جو ناول ۾ حصو**

**آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻو ناول**

**آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناول جا موضوع ۽ لاڙا**

- سماجڪ ناول
- تاريخي ناول
- ناول ۾ سياسي پسمنظر
- رومانوي ناول

- ڪئمپس جي پسمنظر ۾ رومانوي ناول
- سنڌي ناول ۾ ترقي پسند لاڙو
- سنڌي ناولن ۾ نفسياتي پهلو
- مونولاگ جي ٽيڪنيڪ
- سنڌي ناول ۾ وجوديت جو فڪرجو لاڙو
- سائنسي افسانيت جو لاڙو

**آزاديءَ کان پوءِ جا ڪي مشهور ناول نگار**

1. محمد عثمان ڏيپلائي
2. قاضي فيض محمد
3. منصور ويراڳي
4. محمد طيب ”نصر پوري“
5. فتح الدين ”بيدار“ مورائي
6. محمد بخش ”جوهر“
7. راز بلڙائي
8. شيخ محمد حسين ”ڪندياروي“
9. انجم هالائي
10. ساقي سجاولي
11. الله بخش ٽالپر
12. حافظ شاهه حسيني
13. عمرالدين ”بيدار“
14. گل حسن نصر پوري
15. مشتاق علي
16. فضل احمد بچاڻي
17. نجم عباسي
18. سراج ميمڻ
19. آغا سليم
20. منير احمد ”ماڪ“

21. رشيد ڀٽي
22. غلام نبي مغل
23. قاضي خادم
24. ولي رام ولڀ
25. طارق اشرف
26. حليم بروهي
27. امر جليل
28. ماهتاب محبوب
29. مراد علي مرزا
30. علي بابا
31. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
32. ڄام ساقي
33. ڪاظم علي "ڪاظمي"
34. قبول ابڙو
35. عمر ميمڻ
36. بيدل مسرور
37. علي محمد "پرويز"
38. غلام نبي "گل"
39. رسول ميمڻ
40. ملڪ آگاڻي
41. عنايت حسين رند
42. محمد انور بلوچ
43. طارق عالم ابڙو
44. محمود مغل
45. اڪبر سومرو
46. اخلاق انصاري
47. اسحاق انصاري

48. ج. ع. منگهاڻي
49. سليم چنا
50. منصور ٿلهو
51. ممتاز بخاري
52. انور ابڙو
53. شگفته شاهه
54. نوشاد
55. مظهر ابڙو
56. حيدر دريا
57. پرويز ابڙو
58. شبانه سنڌي
59. منير چانڊيو
60. ڪليم ٻٽ
61. حبيب ڪانهيو
62. ناشاد رحم علي

**آزاديءَ کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ناول (مختصر جائزو)**

**آزاديءَ کان پوءِ هندوستان ۾ ڪي مشهور سنڌي ناول نگار**

1. گوبند مالهي
2. پوپٽي هيراننداڻي
3. موهن ڪلپنا
4. چندو لعل ڪشنچند جئسنگهاڻي
5. موتي لعل جوتواڻي
6. ڪيرت مهرچنداڻي
7. ڪرشن کٽواڻي
8. سندري اتمچنداڻي
9. موتي پرڪاش
10. هري موٽواڻي

11. لعل پشپ
12. ڪلا پرڪاش
13. ريتا شهاڻي
14. گوبند خوشحالاڻي
15. هري همٿاڻي
16. پرم ابيچنداڻي
17. داس طالب
18. آنند ٽهلرا ماڻي
19. ايشوري جوتواڻي
20. آنند ڪيماڻي
21. آنند گولاڻي
22. تارا ميرچنداڻي
23. شيام جئسنگهاڻي
24. لکمي ڪلاڻي
25. وشنو ڀاٽيا
26. لڇمڻ ساٽي
27. نامديو تارا چنداڻي
28. گرڌاري لعل ڏوڏيجا
29. سندر حشمتراءِ نيپواڻي

# مهاڳ

ادب جي هر صنف وانگر ناول بہ زندگي جي تفسير ۽ تشريح آهي، چيو ويجي ٿو تہ ناول اطالوي لفظ (Novelle) مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڳالهہ يا ڪا خبر. يعني شروع ۾ ڪا بہ ڳالهہ ناول هئي پر پوءِ آهستي آهستي ناول پنهنجي جدا نسبت ۽ حيثيت اختيار ڪئي ۽ اڄ ناول ادب ۾ زندگي جي اظهار جو هڪ نهايت طاقتور ۽ مؤثر وسيلو آهي. ناول جي شروعات ڪڏهن کان ٿي ان لاءِ ادب جا عالم ماڻ آهن. ڪن عالمن جي خيال ۾ مصر ۾ ٻارهين صدي قبل مسيح جون اهڙيون تصنيفون مليون آهن، جيڪي ناول جون سڀ لوازمات پوريون ٿيون ڪن ۽ ناول جي ٽيڪنيڪ تي پوريون ٿيون لهن ۽ انهن کي ناول چئي سگهجي ٿو. پر ناول جي صحيح معنيٰ ۾ ابتدا نائين عيسوي صدي ۾ مڃي وڃي ٿي. جپان ۾ نائين عيسوي صدي ۾ اهڙيون تصنيفون سامهون آيون جن کي ٽيڪنيڪي لحاظ کان جديد دور جا ناول مڃيو وڃي ٿو. ناول جي تاريخ جي باري ۾ لکيل ڪتابن ۾ هڪ جپاني ناول Genji جو ذڪر ملي ٿو جيڪو عيسوي سن 1000 ۾ لکيو ويو هو. هي ناول هڪ عورت پنهنجو اصلي نالو لڪائي قلمي نالي Muresaki Shikibu سان لکيو هو. هن ناول جو هيرو بادشاهي دربار ۾ عورتن جو شڪاري آهي. هن ناول کي ناول جي تاريخ ۾ نهايت اهم مقام آهي جو شايد تہ هي پهريون ناول آهي جنهن ۾ ڪردار جو مطالعو ۽ محبت جي حوالي سان سندس نفسياتي تجزيو پيش ڪيو ويو هو. ان حوالي سان هن ناول جي جديد ناول جي تاريخ ۾ سنگ ميل واري حيثيت آهي.

ناول جي ٽيڪنيڪ ۽ سنڌي ناول جي تاريخ جي باري ۾ گهٽائي ڪتاب لکيا ويا آهن، جن ۾ مختيار ملاح صاحب جو هي ڪتاب بہ هڪ تمام سٺو واڌارو آهي. هن ڪتاب ۾ مختيار صاحب ناول جي جدا جدا جزن، سنڌي ناول جي تاريخ، ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۽ هند ۾ لکيل ناولن جو سرسري جائزو بہ ڏنو آهي. پر ان جائزي ۾ هن ناولن جون اوڻايون ۽ چڱايون ٻڌائي پڙهندڙن ۾ انهن جي باري ۾ پهريان ئي رايو قائم ڪرڻ جي بدران ناولن جي باري ۾

پڙهندڙ کي پوري انفارميشن ڏني آهي. انهن جي سٺي يا خراب هجڻ جو فيصلو پڙهندڙن مٿان ڇڏيو آهي. مان وري بہ پنهنجي اها راءِ ورجايان ٿو تہ مختيار ملاح جو هي ڪتاب ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“ سنڌي ادب ۾ هڪ تمام سٺو واڌارو آهي.

آغا سليم
ڪراچي
2012ع

# سنڌي ناول نگاريءَ جي تاريخ ۾ هڪ جهاتي

سيني ادبي صنفن ۾ ناول کي سماج سان سلهاڙيل ۽ وڌيڪ ويجهو سمجهيو ويندو آهي جو ان ۾ سماجي رشتن ۽ رواجن جو ڇِٽ ڇٽيل هوندو آهي، نئين پيڙهيءَ جي سوچ جو انداز ۽ پراڻي پيڙهيءَ سان ان جو ٽڪراءُ پڌبو آهي؛ روايتن جي ٽٽڻ ۽ نين رسمن ۽ رواجن جي آرنپ ٿيڻ جا آثار نظر ايندا آهن، مستقبل جا سپنا ساپيا ٿيڻ ۾ ويساهه ڇمندو آهي؛ ۽ من اندر جا ولوڙ واڪا ٿيندا آهن. زندگي انهيءَ سموري پيچ ڊاهه جي عمل مان گذرندي پنهنجو ڏگ وٺي روان دوان رهندي آهي. اهو سمورو ڪائناتي سياءُ جو لقاءُ آهي، جنهن ۾ ناول جو ميٽر هلندو رهندو آهي. انهيءَ تسلسل ۾ ٻئي ڇيڙا، شروعات توڙي پڇاڙي، پاڻ ۾ گنديل هوندا آهن. پوءِ ان تسلسل ۾ مختيار احمد ملاح جي تصنيف ڪيل ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“ چونه هجي! هُن اها تاريخ، مختصر صورت ۾ بيهاري، جدا فريم ۾ جڙي، ان ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو سندس ساراهه جوڳو قدم آهي.

دراصل لائق ليکڪ اهو تحقيقي ڪم مختلف ادبي تاريخن جي ڪتابن ۽ مقالن جي عرق ريزي ڪري سرانجام ڏنو آهي، جنهن جي فهرست پڻ ڪتاب ۾ شامل ڪئي اٿس. سموري مواد تي هڪ طائرانه نظر وجهڻ سان ڏسجي ٿو ته ڪتاب جو مواد مختلف عنوانن هيٺ مختلف بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين باب ۾ ناول جي وصف ۽ ترڪيبي جزن جي باري ۾ آهي. ٻئي باب ۾ ناول جي اوسر ڏني وئي آهي. ٽئين باب ۾ سنڌي ناول جا اوائلي اهڃا ۽ قصه نويسي جي اوسر ڏني وئي آهي. چوٿون باب برطانوي دور جي سنڌي ناول جي اوسر ۽ موضوع جي باري ۾ آهي. پنجين باب ۾ سنڌي ناول تي انگريزي ۽ بنگالي ناول جو اثر ۽ ترجمن جو ذڪر آيل آهي. ڇهين باب ۾ انگريزن جي دور جي ناول جي ادبي لاڙن کي پيش ڪيو ويو آهي. ستين باب ۾ مشهور ناول نويسن جا سوانح خاڪا ڏنا ويا آهن. اٺين باب ۾ آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ناول جون خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن. ان سلسلي ۾ سنڌي ناول ۾ عورتن جي ڪردار ۽ ٻارن لاءِ لکيل ناولن جو به جائزو ورتل آهي. نائين ۽ ڏهين باب ۾ آزاديءَ

ڪان پوءِ سنڌي ناول جا موضوع ۽ ادبي لاڙن جو جائزو ورتل آهي. يارهين باب ۾ آزاديءَ ڪان پوءِ جي ڪجهه مشهور ناول نگارن جا سوانحي خاڪا ڏنا ويا آهن. ٻارهون باب آزاديءَ ڪان پوءِ هند جي مشهور ناول نگارن جي خاڪن تي مشتمل آهي.

مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب به اڳي وانگر شاگردن لاءِ خاص طور تي ۽ عام پڙهندڙن لاءِ عام طور تي ڪارائتون ۽ لاڀائتو ثابت ٿيندو ۽ آئنده مصنف توڙي پبلشر کي اهڙا ڪتاب لکڻ ۽ شايع ڪرڻ لاءِ اتساهيندو.

B_4 ، شريف اسڪائر — ولي رام ولڀ

حسين آباد. حيدرآباد

15 مارچ 2010ع

## سنڌي ناول جي مختصر تاريخ تي تاثر

مختيار احمد ملاح سنڌ جي اڄ جي نوجوان لکندڙن مان اهڙو نوجوان آهي، جنهن پهريان ڇٺي ڇڏيو آهي ته هو نقاد نه آهي ۽ ان کان اڳ ۾ به هن ڪنهن قسم جي نماءَ کان پاسو ڪيو آهي، پوءِ به هن جيڪا سنڌ جي ادبي تاريخ جي خدمت ڪئي آهي، ان جو مثال سندس ٿيءَ ۾ وري ملي سگهندو. هن سنڌي ادب بابت اڪيڊمڪ مطالعو ڪيو آهي ۽ سنڌ جي وڏن ڇتا پيٽيءَ جي امتحانن لاءِ سنڌ جي ادبي تاريخ بابت ڪيئي ننڍا وڏا ڪتاب لکيا آهن. پر انهن سڀني ۾ هن جو اهم ڪتاب اهو ضخيم ڪتاب آهي، جنهن جو نالو آهي. "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" هيءُ ڪتاب ۽ ان ۾ موجود داخلائون پڙهي ۽ ڏسي مختيار جي پورهئي تي حيرت ٿئي ٿي. ساڳئي وقت هيءُ هڪ اهڙو ڪتاب ٿي سامهون آيو آهي، جنهن کي حوالي طور ڪنهن به وقت استعمال ڪرڻ مان فائدو ملندو.

اديبن ۽ ادبي تحريڪن توڙي جلسن جلوسن کان بنهه پري رهندڙ مختيار جو تازو جيڪو ڪتاب آيو آهي، ان جو نالو آهي "سنڌي ناول جي مختصر تاريخ" هيءُ ڪتاب ادبي تاريخ به آهي ۽ مختصر به آهي، ان ڪري، هن ڪتاب تي تنقيدي اپياس لکڻ کان اڳ جيڪو ڪجهه مان لکڻ چاهيان ٿو، اهو فقط تعارفي آهي. ان تعارف ۾ مختيار جي هن ڪتان جي تعريف گهٽي ڪرڻ ان حوالي ۾ اهم آهي ته هن سنڌي ادب ۾ ناول جي ان حصي جو نهايت چڱو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو حصو اسان جي عام پڙهندڙ کان وڃي لکندڙ تائين نهايت ڏکيا ئيءَ سان پهچي ٿو، مختيار ان ناول، جيڪو سنڌ کان ٻاهر ڇپيو آهي، تي گهڻو لکي هن ادبي تاريخ کي گهڻو اهم بڻايو آهي، ڇاڪاڻ ته ايندڙ ادبي تاريخ لکندڙ لاءِ هن جهجهو مواد پنهنجي ڪتاب ۾ رهنمائيءَ لاءِ ڏنوآ هي، ان مواد هٿ ڪرڻ پويان جيڪا مختيار جي محنت آهي، اها ڪيس هڪ اهم ادبي تاريخ لکندڙ طور ياد رکندي، ٻيءَ طرح سنڌ ۾ اصلوڪن ناولن توڙي ۽ ترجمي جي صورت ۾ آيل ناولن بابت مختيار نهايت گهٽي نيڪ نيتيءَ ۽ پاسخاطريءَ کان سواءِ لکيو آهي، جيڪا ڳالهه ڪنهن به تاريخ لکندڙ لاءَ ضروري هجڻ گهرجي. شايد ان جو سبب به اهو آهي ته مختيار ڪنهن به ادبي ڌر جي نظريي جي اثر هيٺ نه رهيو آهي، مختلف ڏارائن جي اثر هيٺ لکيل ۽ ترجمو ڪيل ناولن

بابت مختيار جي راءِ نج تاريخ لکندڙ واري آهي، اها نہ ايپاسيءَ طور هن ڏني آهي ۽ نہ هڪ نقاد طور. ان ڪري مجموعي طور سندس لکيل هيءَ ناول جي تاريخ، سنڌ جي ادبي تاريخن ۾ اهم جڳهہ والاريندي، ان جو هڪ سبب اهو بہ آهي جو هن ڪتاب ۾ اڄ جي تاريخ تائين گهٽي ۾ گهٽيون داخلائون درج ٿيل آهن. جيڪا ئي ادبي کوجنا آهي. ٻيو تہ مختيار حوالا جيئن جو تيئن نہ کنيان آهن، هن انهن جي ڇنڊ ڇاڻ بہ ڪئي آهي، تہ تصديق بہ ڪئي آهي سندس ان جذبي ئي گهٽي حد تائين هن ڪتاب کي مستند هجڻ واري مجتا ڏني آهي. سنڌي ناول جي الڳ الڳ پهلوئن بابت برابر مختيار مختصرئي لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ هيءُ ڪتاب هزار صفحن جي لڳ ڀڳ پنهنجي سجاٽپ ڪرائي ها ! هُن ڪتاب مختصر ضرور ڪيو آهي، پر ان کي مستند بڻائڻ جي هن ممڪن حد تائين ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪيتريون ئي سنڌي ادب جي اڄ جي پڙهندڙن کان لڪل داخلائون بہ درج ڪيون آهن. جيڪو هڪ تحقيق/کوجنا جو ڪم ڇاتو ويندو آهي. اهڙي هڪ لاجواب ڪم تي مختيار گهڻو گهڻو جس لهڻي، هن ٽي سئو چوهٺ صفحن جي سنڌي ناول جي مختصر تاريخ کي، سنڌ جي ثقافت واري کاتي نهايت اوچي پني، پڪي جلد ۽ اکين کي وڻندڙ ٽائيٽل سان ڇپايو آهي.

رکيل مورائي
ڪراچي

## ليکڪ پاران

ادب جي تاريخ ۾ ناول کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته ناول ئي آهي جيڪو مڪمل سماجي ۽ ملڪي حالتن کي پاڻ ۾ سمائي ٿو. اڄ به ادب جا اڪثر نوبل انعام کٽندڙ ناول نگار آهن. سنڌي ادب ۾ ان جي برعڪس ناول ڪاگهڻي ترقي نه ڪئي آهي.سنڌي ادب ۾ ناول جي صنف ڪا گهڻي ترقي ڪري نه سگهي آهي، نتيجتا سنڌي ناول تي تنقيد ۽ تحقيق به گهٽ نظر اچي ٿي. انگريزن جي دور ۾ لکيل اڪثر ناول اڄ وڏين وڏين لائبريرين ۾ به موجود نه آهن. آزاديءَ کانپوءِ وارن شايع ٿيل ناولن ۾ ڪن مشهور ناولن کانسواءِ ٻيا ناول اڻ لڀ آهن. ان صورتحال ۾ سنڌي ناول جي مختصر تاريخ لکڻ ۾ به وڏيون ڏکيائون پيش آيون. انگريزن جي دور ۾ سنڌي ناول جي شروعات ڏاڍي سٺي رهي هئي مگر آزاديءَ کان پوءِ ان جي رفتار ۽ ترقي ٿي نه سگهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ناول جي تاريخ تي به ڪتاب گهڻا شايع ٿي نه سگهيا آهن، البت ڪجهه ڪتاب پي-ايڇ ڊي يا ايم فل جون سندون وٺڻ لاءِ لکيا ويا آهن. ڪجهه ادب جي همدردن مقالا ۽ مضمون لکيا آهن. مطلب ته سنڌي ناول جي تاريخ تي ڀرپور ڪم ٿي نه سگهيو آهي. هتي ڪجهه ناول جي ادبي تاريخن جو مختصر جائزو ڏجي ٿو:

### سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ (ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، سنڌي ناول جي ارتقا تي پي-ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. بعد ۾ سندس مقالو ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ مانواري محقق انگريزن جي دور تائين ناول جي ارتقا ۽ ترقيءَ جو جائزو ورتو آهي. جيتوڻيڪ هيءَ هڪ ڀرپور تاريخ آهي، مگر ڪتاب جا ٽي حصا ناول، ناولن جي قسمن ۽ ناول جي عنصرن ۾ اچي وڃن ٿا. فقط ڪتاب جو هڪ حصو سنڌي ناول جي تاريخ بابت مختص ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هر سال شايع ٿيل ناولن جون لسٽون ۽ آخر ڪن خاص ناولن جو جائزو ورتو ويو آهي. هي ڪتاب

1982ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو طرفان شايع ٿيو.

**ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول (فيض جوڻيجو)**

سنڌي ناول تي تحقيق جي سلسلي ۾ هڪ مونوگراف فيض جوڻيجي جو لکيل "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول"، اسان جي سامهون آيو. هن ڪتاب ۾ صرف سراج، آغا سليم ۽ علي بابا جي ناولن جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. هي ڪتاب فيئر پرنٽس، ڪراچي، 1995ع ۾ شايع ٿيو.

**سنڌي ناول ۾ مالهيءَ جي يگاني دين**

هن ڪتاب ۾ ناليواري قلمڪار هولارام هنس، گوبند مالهيءَ جي 25 ناولن جو جائزو ورتو آهي. هن سندس ناولن کي ستن حصن ۾ ورهايو آهي: (1) سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل ناول، (2) تخيلاتي (ڪالنيڪ) ناول، (3) تاريخي ناول، (4) جاسوسي ناول، (5) سماجي ناول، (6) خطن وارا ناول ۽ (7) آتم ڪهاڻيءَ جي طرز جا ناول. هي ڪتاب 1998ع ۾ ڇپرو ٿيو.

**ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر (ڊاڪٽر نور افروز خواجه)**

ڊاڪٽر پنهنجي موضوع کي وڌائيندي ڊاڪٽر نور افروز خواجه ورهاڱي کانپوءِ هند ۽ سنڌ جي ناولن جي اوسر بابت تاريخ لکي پي_ايڇ ڊي جي ڊگري ورتي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ عالمي طور هلندڙ تحريڪن جو وڏو اثر رهيو آهي. هن تاريخ جي ڪتاب ۾ انهن ادبي تحريڪن کي سنڌي ناول جي حوالي سان زير بحث آندو ويو آهي. هي ڪتاب 1999ع ۾ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هن ڪتاب جو وڌايل ايڊيشن .... ۾ شايع ٿيو.

**سنڌي ناول جي ارتقا (ڊاڪٽر چندو لعل)**

ڊاڪٽر چندو لعل جيسنگاڻي خود به وڏو ناول نگار هو. تنهن سنڌي ناول جي ارتقا تي مقالو لکي پي_ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. هن ڪتاب ۾ انگريزن جي دور جي چونڊ ناولن جو موضوع ۽ ملڪي حالتن جي تناظر ۾ جائزو ورتو ويو آهي ۽ آزاديءَ کان پوءِ فقط هند جي چونڊ ناولن جو جائزو پيش ڪيو اٿائين. سندس تحقيق ۾ 80 سيڪڙو حوالا پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتابن تان کنيل آهن. هي ڪتاب ڪونج پبليڪيشن پاران 2004ع ۾ شايع ٿيو.

**سنڌي ناول ڪٿڙي ۾ (پروفيسر هيرو شيوڪاڻي)**

هي ڪتاب، نالي واري نقاد پروفيسر هيرو شيوڪاڻي جي انهن تنقيدي مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪي هن وقت بہ وقت مختلف ناولن ۽ ناول جي بابت لکيا هئا. هن ڪتاب ۾ گهڻو ڪري هندستاني سنڌي ناولن ۽ ناول نگارن تي تنقيد ملي ٿي. هي ڪتاب 2012ع ۾ شايع ٿيل آهي.

**سنڌي ناول جي مختصر تاريخ (مختيار احمد ملاح)**

هي سنڌي ناول بابت نصابي تاريخ آهي. هن تاريخ ۾ گهڻي ۾ گهڻا ناول ۽ ناول نگار متعارف ڪرايا ويا آهن. هي ڪتاب 2011ع تائين شايع ٿيل سڀني ناولن جي معلومات مهيا ڪري ٿو. ان کان علاوه سنڌ جي ناولن تي الڳ ۽ هند جي ناولن کي الڳ الڳ تاريخ وار بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ طبعزاد ناولن، ترجمو ٿيل ناولن، ٻاراڻن ناولن، عورتن جي لکيل ناولن کي الڳ باب ڏاهي پيش ڪيو ويو. ڪوشش ڪري ناولن ۾ آيل موضوع ۽ پلاٽ کي فوڪس ڪيو ويو آهي ۽ تنقيدي راءِ کان پاسو ڪيوويو آهي. مطلب تہ هي ڪتاب نصابي مقصدن کان وينديءَ معلومات تائين وڏي اهميت رکي ٿو. هي ڪتاب ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران 2012ع ۾ شايع ٿيو آهي.

**سنڌي ناول جي اوسر (ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي)**

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ جو هي ڪتاب 2018ع ۾ ويٽا پبليڪيشن، الهاس نگر مان شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ آزاديءَ کان اڳ جي چند ناولن ۽ پوءِ جي هندستان ۾ شايع ٿيل ڪجهہ چونڊ ناولن جي تنقيدي ڪٿ ڪيل آهي.

**Woman in Sindhi novel (Rukmaṇī Sundar Cainani)**

”سنڌي ناول ۾ عورت جي روپ“ جي عنوان سان هندستان ۾ پروفيسر رخمني سندر چئنراءَ پي.ايچ.ڊي ڪئي آهي، جيڪا 1990ع ۾ شايع ٿيل آهي. هن مختصر ڪتاب ۾، مختصرنموني سنڌناول ۾ عورت جي ڪردار کي چٽيو ويو آهي.

**سنڌي ناول ۾ عورت جي خودمختياريءَ جي تصور (حسين مسرت)**

حسين مسرت شاهه. سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري اديب ۽ سماج سڌارڪ آهي. هن سنڌي ناول ۾ عورت جي خودمختياري ( The Concept of the independence in Sindhi Novel, an analytical study) جي عنوان سان پي.ايڇ.ڊي ٿيسز لکي، جيڪا اڃا شايع نہ ٿي آهي. هن ٿيسز ۾ مختلف ناولن ۾ عورت جي چٽيل ڪردار جو اڀياس ڏنو ويو آهي.

**سنڌي ناول جو سفر (ممتاز بخاري)**

ممتاز بخاري، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، صحافي ۽ مترجم آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ناول هن جي پسند جي صنف آهي. هن سنڌي ناولن جي اشاعت جي سلسلي ۾ ٿيل غلطين جي بہ نشاندهي ڪئي تہ مغربي، روسي ، بنگالي ناولن جو سنڌي ادب تي اثر جي حساب بہ جائزو ورتو آهي. هيءُ ڪتاب 2020ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي پاران شايع ٿيل آهي.

**سنڌي ۽ سرائڪي ناول نگاريءَ ۾ موضوعي ۽ فني هڪجهڙايون (ڊاڪٽر منصور ٿلهو)**

ڊاڪٽر منصور ٿلهو، ناميارو اديب ۽ ناول نگار آهي، سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هيءُ ڪتاب سندس پي.ايڇ.ڊيءَ جي ٿيسز آهي، جيڪو 2021ع ۾ سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ناولن جو تقابلي جائزو ورتل آهي.

اهڙي طرح، مختلف ادبي تاريخن ۾ پڻ ناول جي صنف تي الڳ باب لکيل آهن. ان سلسلي ۾ ايم سڳڻ ۽ ڦتن پرسواڻيءَ جو "سنڌي ناول جو دور"، هڪ اهم مقالو آهي، جيڪو ساهت سڳنڌ پاران 1959ع ۾ شايع ٿيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ءَ جو "سنڌي نثر جي تاريخ"، محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو "چار مقالا" ، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ پي_ايڇ ڊيءَ لاءِ لکيل ٿيسز " آزادي کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"1982ع ۾ سنڌالاجي ڄامشورو پاران شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب آهي. عرساڻي صاحب هن تحقيق ۾ آزاديءَ کان پوءِ واري ڪهاڻي جي تاريخ ڪي ادبي لاڙن سميت اهم ڪهاڻيڪارن سان گڏوگڏ سهيڙيو آهي. پر هن ڪتاب ۾ هڪ اهم باب سنڌي ناول جي باري

۾ بہ آهي. ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب آهن. اهڙي طرح، مختلف رسالن ۾ بہ ڪيترائي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن. خاص طور تي اڪبر لغاري، ممتاز بخاري، ڪليم ٻٽ، ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري، ۽ ڪن ٻين مضمون ۽ آرٽيڪل لکيا آهن.

هن ڪتاب جي باري ۾ عرض آهي تہ هيءُ ڪتاب اڳ 2012ع ۾ شايع ٿيل آهي ۽ هاڻي مارڪيٽ مان غائب هو. ان ڪري ضرورت محسوس ٿي تہ هن ڪتاب کي ٿورو گهڻو وڌائي ۽ اپ ڊيٽ ڪري ٻيهر آڻجي. جيتوڻيڪ، ڪتاب جي هن ايڊيشن کي مڪمل طور تي روائيز ڪرڻ جي ضرورت هئي، پر وقت نہ هجڻ ڪري اهو ممڪن ٿي نہ سگهيو، پر ڪنهن حد تائين تبديليون آنديون ويون آهن. هن ايڊيشن ۾ ڪوشش ڪري، وڌ ۾ وڌ ناول ۽ ناول نگار متعارف ڪرايا ويا آهن، پلي انهن جا ناول اصلوڪا هجن يا ترجمو هجن. هن ڪتاب ۾، انگريزن جي دور جي ناولن جي تمام گهڻي معلومات ڏني وئي آهي، جيڪا اڳ ۾ منظر عام تي آيل نہ هئي. ناول نگارن جي ناولن جو تعارف سان گڏوگڏ سندن حياتيءَ جي بہ مختصر معلومات ڏني وئي آهي. ان کان علاوه، انگريزن جي دور ۾ ناول جا جيڪي خاص موضوع ، لاڙا ۽ رجحان هئا، انهن تي مثالن سان روشني وڌي وئي آهي. گذريل ڏهن سالن کان سنڌي ناول جي لکجڻ ۾ ڪافي اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي ۽ ڪيترائي نوجوان ناول لکي رهيا آهن. افسوس تہ هن ايڊيشن ۾ مان موجوده دور جي ناول تي ڪا روشني وجهي نہ سگهيو آهيان. انهن ناولن تي لکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ الڳ باب جي ضرورت آهي. پر خوشيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄڪلهہ سوشل ميڊيا تي موجوده دور جي ناول تي ڪافي مواد موجود آهي.

آزادي کانپوءِ هند ۽ سنڌ ۾ ناول جهڙي نموني مختلف فڪري رجحانن کان لکيا ويا آهن، ان حوالي سان بہ هن تحقيقي ڪتاب ۾ مواد شامل ڪيو ويو آهي. ناول کي مختلف دؤرن ۾ ورهايو ويو آهي. ڪوشش اها ڪئي وئي آهي تہ ناول ۾ موجود کهاڻي ۽ خوبين کي نروار ڪيو وڃي. هن ڪتاب ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ناولن ۽ ناول نگارن کي گڏوگڏ بيان ڪيو ويو آهي. ڇو جو ترجمو بہ ادبي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جيتوڻيڪ آزادي کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ناول سنڌ جي ڀيٽ ۾ گهڻو لکيو ويو آهي، پر ان جو اوترو جائزو وٺي نہ

سگھيو آھيان، ڇو جو ان تي ھڪ الڳ تحقيقي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آھي. پر ان جي باوجود ڪجھہ مشھور ناول نگارن ۽ سندن ناولن جو مختصر جائزو ھن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آھي. ان ڪان علاوه ھڪ ڳالھہ سنڌي ناول جي تاريخ لکڻ دوران منھنجي سامھون آئي، اھا آھي تہ ڪوڙ سارن اديبن سان ھٽرادو ناول منسوب ڪيا ويا آھن. ادبي تاريخدانن شاعري، مضمون ۽ افسانن جي ڪتابن کي ناول ڪري پيش ڪيو آھي ۽ ادبي تاريخن ۾ غلط روايتن کي شامل ڪيو آھي. مان ڪوشش ڪري ھن ڪتاب ۾ اھڙن ڪتابن جو ذڪر ھن ادبي تاريخ ۾ نہ آندو آھي. ڪوشش ڪري ناول نگارن جو مختصر تعارف ڏنو ويو آھي، تہ جيئن ناول نگاري سان گڏوگڏ سندن حياتي ۽ ادبي خدمتن جي بہ خبر پئجي سگھي. ان جي باوجود ڪن تي الڳ بحث ڪيو اٿم تہ ڪن کي گڏيل بحث ۾ آندو اٿم.

ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن جي اشاعت لاءِ مان سليمان وساڻ جو شڪرگذار آھيان، جنھن اڳ بہ منھنجي ڪتابن کي پنھنجي ويب سائيٽ تي شايع ڪيو آھي ۽ ھن ڪتاب کي بہ عام ڪري توھان تائين پھچايو آھي، جنھن لاءِ مان سندس دل جي گھراين سان شڪرگذار آھيان.

مختيار احمد

ڪراچي

# ناول ۽ ناول جا ترڪيبي جزا

ناول ادب جي مقبول ترين صنف آهي، هي واحد ادبي صنف آهي، جنهن جي مقبوليت ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي آهي. ادب جي هيءَ تڪڙي ۽ زبردست مقبوليت حاصل ڪندڙ صنف يورپ کان آمريڪا، ايشيا ۽ ڏرتي جي ٻين ڪندن جي ادب ۾ داخل ٿي آهي. ناول جي هن صنف ادبي دنيا ۾ تيزيءَ سان پکڙي ۽ تيزيءَ سان شهرت حاصل ڪئي. اطالوي ٻولي معرفت انگريزي ۾ آيو. اطالوي ۾ لفظ، ناويلا (Novella) جنهن ڪي ڪهاڻي يا افسانوي معنيٰ ۾ ڪتب آندو ويندو آهي. فرانسسي ۾ اهو ساڳيو لفظ ناول (Novelle) جي صورت اختيار ڪري ويو، جنهن ڪي ساڳي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهڙي طرح لفظ انگريزي ادب ۾ ناول (Novel) جي عنوان سان جڳهه والاري. سنڌي ٻولي ۾ اهو لفظ ساڳي ئي معنيٰ ۽ مفهوم سان انگريزي ٻولي ۽ ادب معرفت پهتو آهي. ان ڪري اسان سنڌي ادب ۾ چئي سگهون ٿا ته "لفظ" ناول اسان وٽ انگريزيءَ مان آيو آهي. ناول جي وصف ڪي مختلف عالمن مختف نمونې بيان ڪيو آهي. انسائيڪلوپيڊيا آف برٽنيڪا موجب ناول اسان ان ڪهاڻي کي چئون ٿا جيڪا ٻن لکن لفظن تائين هجي، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سو صفحن تائين ڦهليل هجي. ان کان گهٽ واري ڪهاڻي کي ناولٽ چيو وڃي ٿو.

ناول افسانوي ادب (Fiction) آهي. ناول دراصل لاطيني لفظ "Nouus" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "نئون" يا "نئين شي". دراصل ناول ۽ افساني جي انفرادي خصوصيتن جي ميلاپ سان جيڪا صنف وجود ۾ آئي ان کي ناوليٽ چئجي ٿو. هن ۾ ناول وارا سڀ ترڪيبي جزا موجود هوندا آهن. ناول جي ڊيگهه بدران هن ۾ افساني کان ٿوري وڌيڪ ڊيگهه ڪئي ويندي آهي. ناولٽ ڪڏهن افسانو لڳندو آهي ته ڪڏهن ناول لڳندو آهي. مطلب ته اها طويل ڪهاڻي، جيڪا 50 صفحن کان مٿي هجي ۽ 200 صفحن کان گهٽ هجي، ان کي ناولٽ چئي سگهجي ٿو. ناولٽ جو دائرو ننڍو ٿئي ٿو. انڪري ناولٽ نگار ۾ ٿورن لفظن ۾ گهڻو مفهوم سمائڻ جي صلاحيت هئڻ

گهرجي، ان لاءِ ضروري آهي ته ناولٽ نگار کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جهجي ڄاڻ هجي، هو لفظن جي جوڙجڪ جو ماهر هجي“.(1)

مشهور انگريز ناول نگار والٽر اسڪاٽ (1771_1832)موجب ”ناول هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي حقيقي آزمودن جو نقش چٽيل هوندو آهي.“ مشهور انگريزي اديب سمر سيٽ (1874_1965) ناول جي تعريف ڪندي لکيو آهي ته ”ناول هڪ اهڙي وڏي تصوير آهي، جنهن ۾ هڪ خاص پلاٽ کي واضح ڪرڻ لاءِ، زندگيءَ جا ڪردار مختلف زاوين ۾ سمائي، مختلف پهلوئن سان ظاهر ڪيا وڃن ٿا“. جڳ مشهور آمريڪي نقاد، ايف ميريون (1854 –1909) مطابق ”ناول هڪ اهو ٿئيٽر آهي، جيڪو ليڪڪ ۾ سمايل هوندو آهي، جنهن ۾ پلاٽ، اداڪار، لباس، منظر ۽ ٻيو ضروري سامان هوندو آهي، جيڪو گفتگو ۽ ڊائلاگ لاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي.“ رالف فاڪس (1900 – 1936) چوي ٿو ته ”ناول رڳو افسانوي نثر نه آهي، اهو زندگيءَ جو نثر آهي، جنهن ۾ انسان جي مڪمل تصوير ملي ٿي، سندس اظهار ٿئي ٿو، وڏي ڳالهه جا ناول کي ٻين ادبي صنفن کان الڳ ڪري ٿي، اها ته ناول انسان جي لڪل توانائي کي ظاهر ڪري ٿو. حقيقت جو اهو پهلو جيڪو ناول پيش ڪري ٿو سو شعر، ناٽڪ، سئنيما، چترڪاري يا سنگيت ۾ نٿو ملي“. جيفري بريرٽن (1906 – 1979 پنهنجي ڪتاب Short History of French Literature ۾ لکي ٿو ته ”اسان کي ناول انهيءَ ڪري دلچسپ نٿو لڳي ته ڪو ان ۾ عظيم خيالات پيش ڪيا ويندا آهن، بلڪ انهيءَ ڪري جو هن ۾ انسان جي سماجي وهنوار جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. هن ۾ ڏيکاريو ويندو آهي ته ڪنهن خاص دور ۾ انسان سماجي گروهن جي صورت ۾ ڪيئن ان وقت ريتن پٽاندڙ گذجي گذاريندا هئا“.(2)

جواهر لعل نهرو يونيورسٽيءَ جو پروفيسر شارب ردولوي چوي ٿو ته ”ناول کي زندگيءَ جو جهيڙو ڪوٺيو ويو آهي. هي هڪ دلچسپ صنف هجڻ سان گڏ اوکي صنف پڻ آهي. دلچسپ ان لاءِ آهي ته هن صنف ۾ هر دور پنهنجي سيني سچاين، پيچدگين، الفتن ۽ ڪلفتن سان ثمتار نظر اچي ٿو. ناول هڪ پاسي پنهنجي دور جي تهذيبي، ثقافتي، سماجي ۽ تاريخي قدرن جو عڪاس هوندو

آهي تہ ٻئي پاسي شعور احساس ۽ ڄاڻ جو ترجمان ۽ مرڪز پڻ هوندو آهي. ناول کي اوکي صنف ان لاءِ بہ چيو ويجي ٿو تہ زندگي تمام گهڻو تيزي سان تبديلي ٿي رهي آهي ۽ ناول کي انهن تڪڙين تبديلن سان گڏ هلائڻ ضرور اولو ڪم آهي.“ (3)

محمد اسماعيل عرساڻي(1906_1986) پنهنجي ڪتاب ”چار مقالا“ ۾ چوي ٿو تہ ”هر هڪ اعليٰ پيماني جو ناول هميشہ زندگيءَ مان اپري نڪري ٿو، زندگي تي ئي سندس مدار آهي ان جون حقيقتون زندگيءَ سان لاڳاپو رکن ٿيون، انهن کان هرگز بي نياز ٿي نٿو سگهي. درحقيقت افسانو هڪ انساني اعمال جو دفتر آهي. ڪنهن جي حياتيءَ جي سرگذشت بيان ڪندي مصنف جي تيز بين نظر انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي پوي ٿي ۽ پاڻ پنهنجي پختي آزمودي ۽ خيالي قوت سان ان جي مافي الضمير جو يا تہ پنهنجي لفظن ۾ نقشو چٽي ٿو يا اداڪارن جي زبان مان ظاهر ڪري ٿو.“ (4)

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو تہ ”افسانوي ادب ۾ ناول کي تيسين ناول چئي نٿو سگهجي، جيستائين اهو نثر ۾ لکيل نہ آهي. ناول ۾ حقيقي زندگيءَ جي نقش جون ڳالهيون هونديون آهن. يا انهن جهڙيون لڳ ڀڳ ٻيون ڳالهيون.“ (5)

ڊاڪٽر قاضي خادم ناول جي اهميت بيان ڪندي لکي ٿو تہ ”ناول ادب جي مقبول ترين صنف آهي. هيءَ واحد صنف آهي، جنهن جي مقبوليت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. گذريل ڏيڍ صدي کان وٺي، جڏهن کان ناول باقاعده لکجڻ ۾ آيو آهي، موجوده دور تائين هن صنف جنهن ريت مقبوليت جا ڏاڪا طئہ ڪيا آهن، تنهن تي سخت حيرت ٿئي ٿي. ڇو جو ان عرصي دوران دنيا ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون آهن. وقت جي ڦيرگهير سبب انسان ايڏي فراغت ۽ وقت نہ رهيو آهي، جو هو وڏن ۽ طويل ناولن کي پڙهڻ ۾ لڳو رهي. پر ان هوندي بہ نهايت طويل ناول اڄا بہ لکجي رهيا آهن ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ انهن جي ڇپائي ۽ کپت جو اندازو ڪري اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هن صنف جي مقبوليت جو مقابلو ٻي ڪا بہ ادبي صنف نہ ٿي ڪري سگهي.“ (6)

پوپٽي هيراننداڻي (1924_2005) مطابق ”ناول ادب جي اها صنف

آهي، جيڪا پوري طرح زندگيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. هر دور جو ناول ان دور جي آرٽ گئلري سمان هوندو آهي، جنهن ۾ ان دور جا انسان جيئرا جاڳندا، محبتون نفرتون ڪندا آهن، وڙهندا، بدلا وٺندا، رويو ۽ ڪليو، محبوبن جا انتظار ۽ ملاقاتون ڪندا، حادثات ۽ واقعيات جي وهڪرن ۾ لڙهي، وچڙندا ۽ ملندا نظر ايندا آهن".[7] ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي مطابق "ناول ۾ جنهن قصي جي اپٽار هوندي آهي، سو بيشڪ ان قوم جي جذبات ۽ خيالات جو مجموعو هجڻ سان گڏ، ان قوم جي زندگي جي تفسير ۽ تاريخ هوندو آهي".[8] عبد القيوم صائب لکي ٿو ته "ناول سماج تي سڌو سنئون گهرو ۽ گهڻو اثر ڪري ٿو ۽ سماج جي اوڻاين ۽ عيبن جي اوگهڙ ڪري انهن کي عوام تائين آڻي، سڌاري جون سوين راهون کوليو ٿو ڇڏي، تنهنڪري جيڪڏهن اسين گهرون ٿا ته سماج ۾ سڌارو اچي ۽ ان ۾ نت نيون خواهشون ۽ امنگون پيدا ڪجن ته پوءَ اسان کي ناول جهڙي صنف ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي".[9]

ڊاڪٽر نجم عباسي (1927_1995) لکي ٿو ته "ڪو به ماڻهو ناول پڙهڻ کي فرض سمجهي نه پڙهندو آهي، پر ورونهه خاطر پڙهندو آهي. تنهن ڪري ان ۾ دلچسپي ۽ ڊرامائي ڍنگ هجڻ گهرجي. پڙهندڙ نه واندڪائيءَ جي وندر سمجهي هٿ ۾ کڻي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته ان کي سمجهڻ واسطي ذهن تي هروڀرو زياده زور ڏيڻو نه پوي. ڪردار ڏٺل وائٺل هوندا ته هنن جي هلت چلت جي نتيجي ڄاڻڻ ۽ هنن جي جيون جي واقعن جو اثر جاچڻ جو شوق جاڳندو ۽ پڙهڻ جي دلچسپي قائم رهي سگهندي".[10]

مطلب ته ناول، ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي، انسان جي زندگيءَ جي تصوير ۽ تفسير آهي. تنهنڪري ان جو زندگيءَ سان گهرو لاڳاپو آهي. ناول اسان جي زندگيءَ جا سياسي، سماجي، مجلسي، قومي، نفسياتي، تاريخي، مذهبي مسئلن جا حل به فراهم ڪري ٿو. انسان جي من جي گهرائيءَ کان وٺي، هن وسيع مخلوقات جا سمورا ڪارناما، ناول جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. ناول، ادبي روپ ۾ زندگيءَ جي تمام ننڍين ننڍين حقيقتن جو اظهار به تمام گهرائيءَ ۽ چٽائيءَ سان ڪري ٿو. ناول مڪمل زندگيءَ جو عڪاس آهي ۽ حقيقي زندگيءَ کي تمام گهڻو ويجهو آهي، پر مافوق الفطرت واقعا به ناول ۾ سمائي سگهجن ٿا.

## ناول جا قسم

مواد ۽ ٽيڪنڪ جي باوجود هر هڪ ناول ۾ ڪا نہ ڪا خوبي اهڙي هوندي آهي، جيڪا ٻئي ناول ۾ پڻ ملي سگهي ٿي. ان حساب سان ڪنهن بہ هڪ ناول کي مخصوص ڪري نٿو سگهجي. هوئنئن تہ ناولن جا ڪيترائي قسم آهن، جيئن:

1. سماجڪ ناول
2. رومانوي ناول
3. تاريخي ناول
4. نفسياتي ناول
5. جاسوسي ناول
6. شعور جي وهڪري تي مبني ناول
7. ڊرامائي ناول
8. قومي ناول
9. اصلاحي ناول
10. جنسياتي ناول
11. سائنسي ناول
12. مذهبي ناول
13. ڪرداري ناول
14. واقعاتي ناول
15. عملي ناول
16. جاسوسي ناول
17. اخلاقي ناول
18. سياسي ناول
19. خانداني ناول
20. سياحتي ناول
21. مهماتي ناول
22. جنگي ناول
23. پوائنٽو ناول
24. فلسفيانہ ناول
25. تبليغي ناول
26. مزاحيہ ناول

ڪيترن ئي ناولن تي مختلف ناولن جي خصوصيتن جي ميلاپ ڪري بہ نالا ڏئي سگهجن ٿا، مثال طور ڪرداري، واقعاتي ۽ ڪرداري ڊرامائي وغيره پر هتي صرف سنڌي ناول جي ترقيءَ جي حساب سان ناول جي ڪجھ قسمن جو مختصر جائزو وٺون ٿا:

### سماجڪ ناول (Social Novel)

ناول جو اهم مقصد عڪاسي آهي. اهڙو ناول، جنهن ۾ سماجي عڪاسي ڀرپور نموني ٿي سگهي .سماجڪ نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ جيڪي طبقاتي مسئلا آهن، سي سڄيءَ سنڌ لاءِ ساڳيا آهن. اهڙن مسئلن ۾ زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش، ڪارخانيدارن ۽ مزورن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ،

سرمائيدارن ۽ غريبن جي وچ ۾ فرق، ٽوٽا ڦيٽا، پير پرستي، قبر پرستي، شادين جا مسئلا، گهرو مسئلا.. جهڙوڪ سس ۽ ننهن جو جهيڙو، ڪراڙن جي نابالغ يا ننڍي نيڻيءَ سان شادي يا ان جي ابتڙ، حق بخشائڻ، بدو، پيٽ لکي ڏيڻ وغيره اهڙا مسئلا آهن، جن جي مطالعي سان سنڌي سماج جي فطري، سماجي، اقتصادي ۽ قومي لاڙن جو پتو پوي ٿو. سنڌي سماج جي اهڙن مسئلن کي سجاڳ ناول اِوّل نويسن پنهنجين لکتين ۾ آندو آهي ۽ اهڙن مسئلن جا حل پڻ ٻڌايا آهن. اهڙن ناول نگارن کي سماجڪ سڌار ناول نگار چيو ويندو آهي.

## رومانوي ناول (Romantic Novel)

رومان لفظ، رومانس (Romance) مان نڪتل آهي. انگريزي زبان ۾ رومانس جي لفظي معنيٰ آهي "ڪهاڻي"، "قصو"يا "داستان" پوءِ ڀلي چو نه اهو خيالي هجي. سنڌي ۾ "رومانوي" لفظ جو مطلب آهي "عشقيه يا محبتانه." جهانگير راهوجو پنهنجي مقالي "ناول" ۾ لکي ٿو ته "گهڻو اڳ انگريزي ادب ۾ رومانٽڪ ناول، ان ڊگهي قصي کي چئبو هو، جنهن کي تاريخي حوالن سان لکيو ويجي. جيئن سر والٽر اسڪاٽ جو ناول "Since is Sixty Years T" آهي. پر هاڻي رومانس جي معنيٰ حسن و عشق جي اهڙن قصن کي سمجهيو ٿو وڃي. جنهن ۾ جنبشي لڳاءُ هجي، همت ۽ بهادريءَ جو دخل هجي. اهڙن رومانوي ناولن ۾ خيالي دنيا به سجائي سگهجي ٿي. جنهن جو پل حقيقت سان پري جو به واسطو نه هجي. رومانوي ناول ۾ مثالي ڪردارن وسيلي مقصد بياني ڪئي وڃي ٿي. اهڙا ناول لکڻ وقت ليکڪ اها ڳالهه خيال ۾ رکي ٿو ته پڙهندڙ لاءِ حيرت سان گڏ تجسس به پيدا ڪري ۽ پڙهندڙ پيار پرئي ان قصي کي پڙهندو ئي رهي." (11)

سنڌي ناول جي تاريخ ۾ عبدالخالق خليق مورائي جو "سندري"، ڊاڪٽر گربخشاڻي جو "نورجهان"، قاضي عبد الرزاق جو "جهان آرا"، پروفيسر نارائڻ داس يمپاڻي جو "پاڪ ۽ پاڪيزگي"، نرمل جيوتاڻي جو "بينا" اهم رومانوي ناول آهن. جڏهن ته آزادي کانپوءِ گوبند مالهي، ڪرشن کتواڻي، آغا سليم، سراج، علي بابا، نجم عباسي، قاضي خادم، امر جليل، موهن ڪلپنا، طارق عالم ابڙو ۽ ٻيا ڪيترائي رومانوي ناول نگار آهن.

## تاريخي ناول (Historical Novel)

ماضي يا ان دور جي حالتن ۽ واقعن کي تاريخوار سهيڙي انساني جذبن ۽ احساسن جي پوشاڪ ۾ ويڙهي اهڙي طرح آڪاڻي کي پيش ڪيو وڃي جو ائين محسوس ٿئي ته ڄڻ پڙهندڙ پاڻ اتي موجود هو. اهڙن ناولن ۾ ضروري آهي ته ڪردارن جا نالا تاريخي هجن. پر وقت، جڳهون ۽ واقعات به تاريخي هجن تاريخي ناول کي ان حساب سان ڪڏهن ڪڏهن افسانويت کان الڳ به سمجهيو ويندو آهي.انگريزي ادب ۾ سر والٽر اسڪاٽ خاص طور تي تاريخي ناولن جي ڪري سڃاتو ويندو آهي پر چارلس ڊڪنس جو ناول "ٻن شهرن جي ڳالهه" (A Cities Tale of Two) شاهڪار تاريخي ناول آهي. سنڌي ۾ محمد عثمان ڏيپلائي مشهور تاريخي ناول نگار آهي". (12)

## جاسوسي ناول (Novel Detective)

جاسوسي ناولن جو بنياد والپول وڌو، جنهن گاٿڪ لکيو. جاسوسي ناول ٽائيم پاس ڪرڻ ۽ لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بهترين ذريعو آهن. هنن ناولن ۾ مڪاري، فريبي، قتل، گناهه، پراسراريت، خوفناڪ واقعات وغيره جهڙا موضوع هوندا آهن. اهڙي طرح هن قسم جي ناولن ۾ ڏوهن پٺيان لڪل مجرم جو پتو لڳايو ويندو آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو ته: "هي (جاسوسي) ناول عام ماڻهن کي تمام گهڻو پسند هوندا آهن، ڇو ته هنن ناولن ۾ ڪهاڻي کي وڏيڪ اهميت هوندي آهي، جنهن ۾ هڪ راز هوندو آهي ۽ اها ڪهاڻي شروع ٿيڻ سان ئي پڙهندڙن جي سمجهه ۾ نه ايندي آهي، جيڪو ناول نگار تيستائين ظاهر نه ڪندو آهي جيسيتائين هو نه چاهيندو آهي. اها هن جي مرضي هوندي آهي ته هو جتي چاهي اتي ناول جي ڪهاڻيءَ کي ختم ڪري يا ان کي واڌ ڏيئي پڙهندڙن کي ڪيتري وقت تائين منتظر رکي. اهو هن جي هٿ ۾ هوندو آهي. هن قسم جي ناولن ۾ هيري ۽ بدمعاش جو هجڻ لازمي آهي، جنهن ۾ هيرو راز جي ڳولا ۾ هوندو آهي ۽ بدمعاش انهيءَ راز کي لڪائڻ ۾ ڪوشان رهندو آهي. بهرحال، هن قسم جي ڪهاڻيءَ جو اثر پڙهندڙن جي ذهن تي ايستائين رهندو آهي، جيستائين ڪهاڻي ختم نه ٿئي. ڪهاڻي ختم ٿيڻ تائين ڪهاڻي پڙهندڙ جو ذهن ڪهاڻي سان جڪڙيل هوندو آهي ۽ جيئن ئي ڪهاڻي ختم ٿيندي تيئن پڙهندڙ جو ذهن آزاد ٿيو پوي. هنن ناولن ۾ خاص ڪري بهادري ڏيکاريل هوندي

آهي، تنهن ڪري خاص طرح سان اهي ناول نوجوانن ۾ بلڪل پسند پوندا آهن“.(13)

## نفسياتي ناول (Psychological Novel)

اهڙو ناول، جنهن ۾ ناول نگار هڪ ڪردار جي نفسياتي ڇنڊ ڇاڻ ڪري. هن قسم جي ناولن ۾ ڪردار جي زندگيءَ جي مختلف رخن کي باريڪ بيني سان کولبو آهي ۽ انهن جي هر هڪ سوچ ۽ لاڙن کي عيان ڪيو ويندو آهي. هن ۾ ناول نگار ان ڪردار جي اندروني ڪيفيتن ۽ جدوجهد جي تصوير ڪشي ڪندا آهن. مطلب ته ناول جو تسلسل قصي جي ڪري نه هوندو آهي، بلڪه ڪنهن فرد جي نفسياتي حالت مؤجب هوندو آهي. ناول جو پسمنظر اڪثر ڪري يادن تي مبني هوندو آهي ۽ واقعا زمان ماضي جا بيان ڪيا ويندا آهن. انگريزي ناول جي تاريخ ۾ سموئل رچرڊسن، جارج اليٽ ۽ جارج مرڊيٿ نالي وارا نفسياتي ناول نگار ٿي گذريا آهن“.(14)

## شعور جي وهڪري تي مبني ناول

هي ناول ويهين صديءَ جي پيداوار آهن. هنن ناولن جو بنياد به نفسياتي بنيادن تي ٽيندو آهي. نفسياتي بنيادن تي هن اصطلاح کي سڀ کان پهرين وليم جيمز استعمال ڪيو. هينري جيمس (1843_1961ع)، وليم فاڪنر (1868_1962)، ورجينيا وولف (1882_1941) (To The Light House) ۽ جيمز جوائيس (1822_1941ع) “A Portrait of the Artists Man as a Young” ۽ “Ulysses” ۾ هن قسم جي ناولن کي هميشه لاءِ رائج ڪيو، جنهن کي پوءِ شعور جي وهڪري (The Stream of Consciousness) تي مبني ناول سڏيو ويو.

هن ٽيڪنڪ ذريعي اندروني، داخلي ۽ ذاتي تجربن کي بيان ڪيو ويندو آهي. موضوع پوءِ پلي، سماجي هجي، عشقيه هجي، بک ۽ بيروزگاري جو هجي يا تاريخي هجي. انساني لاشعور ۾ سوچن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو هوندو آهي. انهن بي تربيت سوچن کي جيڪي هڪ وهڪري جي شڪل ۾ هونديون آهن، انهن جي اظهار کي شعور جو وهڪرو سڏيو ويندو آهي. هن ۾ اڪثر تخليقون ضمير متڪلم (First Person) ۽ ڊرامائي مونولاگ ۾ هونديون آهن. پر

ورجينيا وولف پنهنجي ناول (To The Light House) ۾ هر ڪردار ڪان شعور جي وهڪري ۾ ڳالهرايو.“ (15)

## ڊرامائي ناول (Dramitic Novel)

ڊرامائي ناولن ۾ نه پلاٽ جي چوڏاري ڪردارن ڪي پابند ڪيو ويندو آهي نه ئي پلاٽ تي زور ڏنو ويندو آهي. عمل ۽ ڪردار، سيرت ۾ تبديلي آڻيندا رهندا آهن. اهڙن ناولن ۾ ظاهر ۽ باطن کي هڪ ڪري ڏيکاريو ويندو آهي. سيني تبديلين لاءِ داخلي اسباب ضرور موجود هوندا آهن، جيڪي پڙهڻ سان محسوس ٿيندا آهن. ڪردار ۽ عمل ۾ وڇوٽي ناهي ڏيکاريل هوندي. هن قسم جي ناولن جي پڇاڙي ۾ ائين ئي ٿيندو آهي جو اهو واقعات ناهي هوندو پر سيرت کي سنواري پيش ڪيو ويندو آهي. ڊرامي وانگر اهڙن ناولن جون خصوصيتون آهستي آهستي ظاهر ٿينديون آهن. ناول ۾ تجسس ايترو هوندو آهي ته پڻا آخر ۾ ڇا ٿيندو؟“. (16)

## ناول جا ترڪيبي جزا

ناول جي جوڙجڪ ۽ رٿا جي حوالي سان ڪيترائي ترڪيبي جزا ٿيندا آهن، جن کي مختصر نموني ڏجي ٿو:

### پلاٽ (Plot)

لفظ ”پلاٽ“ لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ بيان ڪرڻ يا وري اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪهاڻي کي رٿيل دائري اندر بيان ڪرڻ کي پلاٽ چئبو آهي. ناول ۾ واقعن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق ٿئي ٿو، ذهن ۾ انهن واقعن جي عڪاسي، جيڪي ڪردارن کي پيش اچن ٿا. انهن کي ناول جي آڪاڻي يا پلاٽ چئجي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته اهو واقعاتي خاڪو جنهن کي ڪردارن جي سگهه وسيلي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي. دراصل تسلسل وسيلي واقعن ۽ عملن جي ڳانڍاپي واري سوچ کي پلاٽ چئجي ٿو.

ناول جو پلاٽ واقعن مان پيدا ڪيو ويندو آهي. ان جو عنوان هڪ انسان، هڪ حادثو يا هڪ گفتگو تي سگهي ٿي. ان جي چونڊ فنڪار جي قابليت تي مدار رکي ٿي. اها فنڪار جي پرک جي قوت ئي آهي جيڪا هن کي راز جو پتو ڏئي ٿي. ناول نگار پنهنجي ان قوت وسيلي زندگيءَ جي لڪل رازن ۾ گهڙي

ڪري انهن کي پرکي ۽ پروڙي ٿو ۽ ان ڪانپوءِ ناول لاءِ آکاڻي تيار ڪري ٿو.“ (17)

## پلاٽ جا قسم ( Kinds of Plot)

ماهر نقادن ۽ محققن هڪ ناول جا ٻه پلاٽ ٻڌايا آهن. هڪ سادو پلاٽ ۽ ٻيو مرڪب پلاٽ يا الجهيل پلاٽ. هرهڪ جا وري ٻه قسم ٿين ٿا: هڪ لچڪدار يا پختو پلاٽ ۽ ٻيو غير پختو يا ڍلو پلاٽ.

(1) سادو پلاٽ (Plot Simple) هي سڌو سنئون پلاٽ ٿئي ٿو. ان ۾ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هڪ ئي ڳالهه تي رڪيل هوندو آهي، ان ۾ هڪ هيرو ۽ هڪ هيروئن هوندي آهي. ٻيا ڪردار انهن سان ڪنهن نه ڪنهن نموني منسوب هوندا آهن.

(2) مرڪب پلاٽ (Plot Compound)هي پلاٽ جو اهم قسم آهي، جنهن ۾ ٻه ڪهاڻيون گڏوگڏ هلنديون آهن. ٻنهي ڪهاڻين جو هڪٻئي سان سڌو سنئون تعلق هوندو آهي. هن قسم جي پلاٽ ۾ ڪهاڻي هڪ ڪان وڌيڪ رازن تي رٽيل هوندي آهي.هر هڪ پلاٽ وري ربط ۽ تنظيم جي لحاظ کان هيٺين ٻن قسمن ۾ ورهايل هوندو آهي.

(1) مربوط يا پختو پلاٽ (Plot Organised)هي پلاٽ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ناول نگار جنهن مقصد کي ذهن ۾ رکي ڪهاڻي ترتيب ڏئي ٿو، اهو مقصد ڪهاڻي جي آخر ۾ نڪرندو آهي. يعني مقصد ابتدا واري رٿا سان ملي ته اهڙي قسم جي پلاٽ کي پختو پلاٽ چئبو آهي.

(2) گهرگهلو يا ڍلو پلاٽ (Plot Loose)ناول نگار، جنهن مقصد کي ذهن ۾ رکي ڪهاڻي ترتيب ڏئي. ان ۾ رٿا کي گهٽو وڌائي وڃي ته اهڙي پلاٽ کي ڍلو پلاٽ چئبو آهي. موجوده دور ۾ وجوديت واري فلسفي يا شعور واري سٽاءَ ۾ لکيل ناولن جو پلاٽ گهرگهلو هوندو آهي.“ (18)

## ڪردار نگاري (Characterisation)

ڪردار نگاري ناول جو اهو عنصر آهي، جيڪو هڪ ناول کي قصي کان منفرد ڪري ٿو. ناول ۾ موجود فردن کي ”ڪردار“ چيو ويندو آهي. ناول ۾ ڪردار کي سندس ماحول، رهڻي ڪهڻي، ريتن، رسمن مطابق پيش ڪرڻ جي فن کي ڪردار نگاري چئبو آهي.“ (19) ڪردار نگاريءَ ۾ اهم خوبيون هيٺيون هجڻ

گهرجن:

1. ناول جي ڪردارن جو تعلق انسان جي عملي زندگي سان هئڻ گهرجي. اهي ڪردار عام ماڻهن وانگر خصوصيتون رکندا هجن، يعني عام ماڻهن وانگر، خوشي، غم ۽ محبت جهڙن جذبن سان ڀرپور هجن. انهن جون عادتون اخلاق عام انسانن جهڙا هجن.
2. هڪ ناول ۾ ڪڏهن به اهڙا ڪردار نه هجڻ گهرجن، جيڪي مافوق الفطرت هجن. اهي اهڙا ڪم ڪري ڏيکارن جيڪي انسان ڪري ئي نٿا سگهن. اهي انسان هجڻ گهرجن، جن، ديو يا پريون نه .
3. ڪردارن ۾ واقعن جو هڪ ٻئي سان اهڙو تعلق هجي جو اهي هم آهنگ لڳن.
4. ناول نگارن لاءِ اهو ضروري آهي ته هو جدت ۽ جماليات جي اصولن تحت صحيح ڪردار چوندي.
5. ڪردار سماجي حقيقت نگاري جي نمائندگي ڪري.
6. هر هڪ ڪردار جي پنهنجي انفراديت هوندي آهي. انهيءَ ڪري ڪردار نگاري ۾ هر هڪ ڪردار ۾ انفرايت هئڻ گهرجي.

## مڪالما (Dialogues)

ناول جا مختلف ڪردار مختلف واقعن دوران هڪٻئي سان ميل ميلاپ ۾ گفتگو ڪن ٿا يا جيڪي زبان مان جملا نڪرن ٿا انهن کي مڪالما چئجي ٿو. سٺن مڪالمن جو جيترو هڪ ڊرامي ۾ هجڻ ضروري هوندو آهي. اوترو هڪ سٺي ناول لاءِ مڪالمي جي سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون هجڻ ضروري آهن.

1. هڪ سٺي ناول لاءِ ضروري آهي ته ناول نگار ڪردارن کان اهڙا جملا ڳالهرائي جيڪي نه صرف معنيٰ خيز هجن پر سهڻا سخن ۽ دل کي موهيندڙ به هجن.
2. سٺن مڪالمن جي ڪري ڪردارن جي سڃاڻپ ٿيندي آهي.
3. مڪالما ڪردار جي ذهني سطح مطابق هئڻ گهرجن. ائين ڪرڻ سان ئي ڪردار جي سوچ، فڪر، خوبين ۽ خامين جي خبر پوندي آهي.
4. سٺن مڪالمن جي ڪري ڪهاڻي اڳتي هلندي آهي.
5. مڪالما ناول ۾ بيان ڪيل ماحول جي به ڀرپور عڪاسي ڪندڙ هجن. اگر

ماحول سوز دار هجي ته مڪالما به اهڙا هجن. اگر خوشيءَ جو ماحول هجي ته مڪالما به خوشي وارا هجن.

## منظر نگاري (Imagery)

ڪهاڻيءَ ۾ دلڪشي پيدا ڪرڻ لاءِ، لکندڙ ڪردارن کي پيش آيل واقعن وقت، ان وقت جي ماحول جي تصوير ٺو چٽي، جنهن کي منظر نگاري چيو ويندو آهي. ڪردارن کي مختلف قسمن جا واقعا پيش اچن ٿا ۽ هو مختلف قسمن جا ڪم ڪن ٿا. جنهن ڪري اسان جي سامهون مختلف منظر (Scenes) اچن ٿا، جيڪي ناول جي ارتقا ۾ مدد ڏين ٿا. انهن منظرن کي منظرنگاري ڪوٺجي ٿو. ان لحاظ کان ناول ۾ منظر نگاري جو مفهوم وسيع ۽ ويڪرو ٿي وڃي ٿو. ناول نگار نه صرف فطرت جي عڪاسي ڪري ڪي نظارا اسان جي سامهون آڻي ٿو، پر هو ڪردارن جي اٿڻي ويهڻي، سوچ، فڪر ۽ ان دور جي ماحول، ريتن، رسمن ۽ ان دور جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي جيڪا چترڪاري ڪري ٿو انهن سيني کي منظر نگاريءَ جي دائري ۾ آندو وڃي ٿو.“ (20)

## منظر نگاري جا قسم

(1) سماجي منظر نگاري:_هن ۾ جيڪي منظر پيش ڪيا ويندا آهن اهي سماجي زندگي جي اوڻائين، خوبين ۽ خامين کي سولي نموني پيش ڪيا ويندا آهن. موجوده دور ۾ سماجي منظر نگاري تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي.

(2) مادي منظر نگاري:_مادي منظر نگاري ۾ فطري نظارا به اچي وڃن ٿا ته گهر ۽ ان ۾ گهربل سامان وغيره. فطري نظارن ۾ خوشين جو رنگ ڀري پنهنجي تخليق ڪيل ڪردار جي ڏک سور کي نروار ڪيو ويندو آهي. مطلب ته فطري نظارن سان هڪ طرف دلڪشي آندي ويندي آهي ته ٻئي طرف ڏک ۽ پريشانين جا اهڃاڻ به شامل ڪيا ويندا آهن. ٻئي طرف روزمره جي زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ شين جي بيهڪ ڪردار جي طبقاتي بيهڪ مطابق بيان ڪيا ويندا آهن.

## انداز بيان يا اسلوب (Style)

ناول نگار ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو فقط لفظ ئي آهن، جنهن جي معرفت ناول نگار پنهنجا خيال، سوچ، فڪر ۽ پنهنجو متو پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو. ان کان علاوه اهو اسلوب بيان ئي آهي جنهن سان ليکڪ سڃاتو

ويندو آهي. انگريزي ۾ چيو ويندو آ تہ "Style is a man". ان سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون عرض ڪجن ٿيون:

1. ناول ۾ ڪهاڻي جي بيان جو انداز اهڙو تہ ڪارائتو هجي جو اهو پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي هميشہ قابض هجي.
2. ناول نگار اهڙن لفظن کان پاسو ڪري جيڪي اڻانگا هجن ڇاڪاڻ تہ ناول ڪي اهي ماڻهو بہ پڙهندا آهن جن جي تعليم جو معيار گهٽ هوندو آهي يا جن جي ذهني سطح رواجي هوندي آهي.
3. ناول جي ٻولي حڪمت ڀري هجڻ گهرجي.

**مقصديت (Objective)**

ناول نگار جي اڳيان، ناول لکڻ جو ڪو واضح مقصد ضرور هوندو آهي. پلاٽ ۽ نظريہ حيات جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو ٿئي ٿو. ناول نگار کي پنهنجو مقصد سهڻي طريقي سان واضح ڪرڻ گهرجي. پوءِ اهو مقصد ڪردارن کان مڪالمن وسيلي ظاهر ڪرائي يا پاڻ تجرباتي طور بيان ڪري.

**حوالا:**


1. مختيار احمد ملاح: "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 340، 341
2. J. A. Cuddon, Dictionary of Literary Terms & Literary Theory, ed., 4th edition, revised C. E. Preston. London: Penguin, 1999, pp. 76o_2.
3. حوالو: ماهوار سوجهرو آگسٽ 2008ع
4. محمد اسماعيل عرساڻي: "چار مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو،1973ع، ص 10
5. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: "سنڌي ناول جو ارتقائي تاريخ"، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص ، 110

6. ڊاڪٽر قاضي خادم:” ادب ۾ روايتون“، سنڌ ساهت ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1992ع، ص 64
7. Prof. Popati R. Hiranandani: "History of Sindhi Literature, Post_independence, 1947_1978", 1984
8. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1994ع
9. عبد القيوم صائب:”سنڌي ٻولي ۾ ناول نويسي“ (مضمون)
10. ڊاڪٽر نجم عباسي: ”ڪهاڻيءَ جو قافلو“ ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1986ع، ص 17
11. جهانگير راهوجو: ”ناول“ ، ماهوار ڪينجهر: جنوري 1996ع
12. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي: ”سنڌي ناول جي اوسر“، ويٽا پبليڪيشن، الهاس نگر، 2018ع، ص 46
13. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ:”سنڌي ناول جي ارتقا“،انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 142
14. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي: ”سنڌي ناول جي اوسر“، ويٽا پبليڪيشن، الهاس نگر، 2018ع، ص 47
15. مختيار احمد ملاح: ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 231
16. جهانگير راهوجو: ”ناول“ ، ماهوار ڪينجهر: جنوري 1996ع
17. B.R.Mullik: "Novel", S.C Chand, Bombay, 1977, p.12
18. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، 2010ع، ص 170
19. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي: ”سنڌي ناول جي اوسر“، ويٽا پبليڪيشن، الهاس نگر، 2018ع، ص 37
20. J. A. Cuddon, Dictionary of Literary Terms & Literary Theory, ed., 4th edition, revised C. E. Preston. London: Penguin, 1999, pp. 122

# ادب ۾ ناول جي اوسر

آڪاڻي ٻڌڻ جي چاهت انسان ۾ ڄائي ڄم کان موجود آهي. ان چاهنا لاءِ انساني تخليق ڪيترن ئي لوڪ ۽ ڏند ڪٿائن کي جنم ڏنو آهي. ديوتائن، ديون ۽ پرين جون ڪهاڻيون بہ وجود ۾ آيون. جن جي جاءِ پوءِ وري راجائن، مهاراجائن، اميرن ۽ پهلوانن جي وارتائن والاري، سورهيہ دليرن جون تعريفون وڏندي وڏندي اهي سڀ اچي ناول جي روپ ۾ سمائجي ويون. ناول لوڪ ڪهاڻين، داستانن، ڏند ڪٿائن مان سفر ڪندي ڪندي مذهبي مسئلن، تاريخي داستانن مان اچي زندگي جي بنيادي مسئلن تي پهتو.

ناول جي شروعات ڪڏهن کان ٿي ان لاءِ ادب جا عالم ماٺ آهن. ناول کان اڳ انٽيت ڊرامو، سانگ ڪرڻ، شعر، ۽ نثري صنفون پنهنجي مڃتا ماڻي چڪا هئا. ناول ادب جي ڪيتر ۾ تمام دير سان آيو ۽ ٿوري عرصي ۾ ادب جي سڀني صنفن تي حاوي ٿي ويو. ناول جي صحيح معنيٰ ۾ ابتدا نائين عيسوي صدي ۾ مڃي وڃي ٿي. ناول جي تاريخ جي باري ۾ لکيل ڪتابن ۾ هڪ جپاني ناول Genji جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو عسيوي سن 1000 ۾ لکيو ويو هو. هي ناول هڪ عورت پنهنجو اصلي نالو لڪائي قلمي نالي Muresaki Shikibu سان لکيو هو. هن ناول جو هيرو بادشاهي دربار ۾ عورتن جو شڪاري آهي، پر اها حقيقت آهي تہ سڀ کان پهرين تنقيد اسپين جي ليکڪ سروانٽس (Cervantes 1616_1547) ڪئي. جنهن ۾ هن، وقت جي چالو رومانوي قصن تي ٺٺولي ڪئي هئي. هن جو اهو تحرير ڪيل تنقيدي ڪتاب ”ڊان ڪئڪزاٽ“ نالي دنيا جو پهريون ناول آهي ۽ انهيءَ حوالي سان سروانٽس (Cervantes) کي ناول جي صنف جو باني مڃيو ويو آهي.

15 صدي عيسوي ۾ يورپ ۾ ڇاپخانا شروع ٿيا پر انهن جي مٿان ڇاپ وري بہ جاگيردار ۽ مقدس پادرين جي رهي. نتيجي طور ادب ۾ جمهوري جزا اپري نہ سگهيا ۽ ادب پادرين جي چنبي هيٺ رهيو جڏهن تہ ”ناول يورپ ۾ ارڙهين صديءَ جي پيداوار آهي.“ هاڻوڪي روپ وارو ناول اڍائي سؤ سال کن مس پراڻو

آهي. انگريزي ادب جي ڄاڻو محققن جي راءِ آهي ته صحيح معنيٰ ۾ موجوده ناول جي شروعات رچرڊسن (1689_1761)جي ڪتاب ”پاميلا“ سان ٿي، جيڪو 1740ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول خطن تي آڌاريل هو. جنهن ڪري رچرڊسن جي فن کي مڃيو ويو ۽ هن جي پيروي ڪئي وئي. پر هينري فليڊنگ (1707_1754) جي ناول ”ٽام جونز“(Tom Jones) ۾ زندگيءَ جا نقش چٽڻ، مزاج ۽ واقعن کي سهڻي نموني پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ پلاٽ کي اثرائتي نموني جوڙيو.

ارڙهين صدي، جنهن ۾ ناول پيدا ٿيو، حقيقت پسند ۽ سماجي سجاڳي واري صدي هئي. انسان جو چاهه گذريل زماني جي پراڻين ڪٿائن سان گڏ هلندڙ وقت ۽ زندگي جي روزاني ڪارنامن ۾ پڻ وڌندو رهيو. ناول وقت جي ان تقاضا ۽ ماڻهن جي عقيدن سان بخوبي نڀايو، نه صرف ايترو پر ان تقاضا ناول تي وڏو اثر ڪيو ۽ ان کي حقيقت اڳيان جهڪي آندو. جيتوڻيڪ ناول جي شروعات انگريز اديبن ڪئي جا ڳالهه ان ملڪ جي ماڻهن لاءِ قابل فخر آهي. انگريزي کان علاوه ٻين ٻولين ۾ به ناول جي شروعات ٿي. فرانسي، روسي ۽ جرمن زبانن جي ناولن خاص مقام حاصل ڪيو. بالزاڪ جي اڳيان موضوع جي نواڻ ۾ ڊڪنس بيهي ڪونه سگهندو. عورت جي فطرت جي ڄاڻ ۽ اپياس ۾ ”مئڊم باوري“ جهڙو ڪردار ڳولهيو به نه لڀندو. پلي ڊي. ايچ لارينس (1885_1930) کي انساني جنسي جبلت جو ڳوڙهو اپياس هجي پر پرانوسٽ اڳيان ڪجهه به ڪونهي. روسي ناول به عروج تي پهتو. روسي ناول جي اهميت کي قبوليندي خود اي_ايم_ فارسٽر (1879_1970) چيو هو ته ”انگلينڊ ٽالسٽاءِ جهڙو مهان ناول نگار اڃا پيدا ڪري نه سگهي آهي، جنهن انسان جي جاندار تصوير مڪمل روپ ۾ چٽي آهي. ڪنهن به انگريزي ناول نگار دوستو وسڪي جيان انساني من جو اهڙو بي نظير اظهار نه ڪيو آهي.

19 هين صدي جي ابتدا ناول لاءِ سٺي ثابت ٿي ڇاڪاڻ ته ناول نه صرف پنهنجو ماحول جوڙي چڪو هو پر ان ۾ فني پختگي به اچي چڪي هئي. هن صديءَ جي شروعات ۾ تاريخي ناولن جو رواج پيو. 20 صديءَ کي 19 صديءَ سواءِ بارود ۽ بدحاليءَ جو ٻيو ڪجهه به نه ڏنو ۽ هن جي شروعاتي ڏهاڪن ۾ اهو بارود ڦاٽڻ شروع ٿيو ۽ يورپ سان گڏ سڄي دنيا جي مٿان ان جا ڪکر اپريا.

جنگ ۾ يورپ جا طاقت ور ملڪ ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيا ۽ سوويت يونين ۾ پرولتاري انقلاب آيو. هڪ مارڪسي فڪر جي رياست اڀري، جنهن پنهنجي فڪر سان ٻين ملڪن ۾ اڀرندڙ تحريڪن جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي ۽ انقلابن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو. انهن ڏينهن ۾ افسانوي ادب کي نظرياتي پرچار طور استعمال ڪيو ويو. ميڪسم گورڪي جو ناول ”ماءُ“ جيڪو سڄي دنيا ۾ مقبول ٿيو اهو ان جو چٽو مثال آهي.

فرانس جي ڊمس (1870– 1802 ) تاريخي ناولن ۾، وڪٽر هيوگو (1885 ـ 1802) شهري زندگيءَ ۾، ۽ انگريز ناول نگاره جارج ايليٽ ڳوٺاڻي زندگي ۽ ٻارن جي ڪردار نگاري ۾ پنهنجو ڪمال ڏيکاريو. جڏهن ته 20 صدي جي پوئين اڌ جي حالتن افسانوي ادب تي وڏيڪ اثر ڇڏيا. والٽر اسڪاٽ (1771 – 1832ع) جي سڃاڻپ انگريزي ادب ۾ تمام وڏي آهي. هن ڪيترائي تاريخي ناول لکيا، بلڪ انگريزي ۾ تاريخي ناولن کي رائج ڪيو. بالزاڪ فرانس جو جڳ مشهور ناول نويس آهي. هن شروع ۾ سنسني خيز ناول ڇپائي زبردست شهرت حاصل ڪئي. هن باستيل جي زوال کان 1848ع جي انقلاب تائين فرانسيسي معاشري جي ڀرپور عڪاسي ڪئي ۽ هر طبقي ۽ هر پيشي جي فردن جي جذبن کي اجاگر ڪيو. سندس مشهور ناول ويران ۽ انڌيرا گهر آهن.

ترجنيف (Turgenev) پهريون روسي ناول نگار هو، جيڪو سڄي يورپ ۾ مشهور ٿيو. زولا بر ۽ ڊوڊيٽ سندس خاص دوست هئا، جن روسي تحريڪن تي به ناول لکيا. سندن مشهور ناول Father and Sons آهي.دستو وسڪي (1821 ـ 1881ع) مشهور روسي ناول نگار هو. هن جا ناول ڏتڙيل ۽ دماغي توازن بگڙيل انسانن جي نفسياتي تصوير ڪشي ڪن ٿا. دوستووسڪي جيئن ته وچولي ڪلاس جي خاندان منجهان هو، تنهنڪري هن جا تجربا به مختلف قسمن جا هئا. اهوئي سبب آهي جو ”ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ“، ”ايڊيٽ“، ”برادرس ڪرامازوف“ ۽ ”گيمبلر“ توڙي سندس هر ناول ۾ هڪ انوکو تجربو ملندو.جنهن ۾ سندس فطري ذهانت جا نت نوان رنگ نظر ايندا.سندن ناول ( Crime and Punishment) ادبي دنيا جو شاهڪار آهي. اهڙي طرح ليوٽالسٽاءِ به تمام وڏو ناول نگار آهي. سندس ناول War and Peace جو شمار دنيا جي

شاهڪار ناولن ۾ ٿئي ٿو. روسي ناول نگار بورس پيٽرناڪ ( Boris Pasternak) جو ناول ڊاڪٽر زواگو (Dr Zhivago) تي کيس نوبل پرائيز مليو. هن ڪتاب ادبي دنيا ۾ ترٿلو مچايو. مئڪسم گورڪي (1865ـ 1936ع) مشهور روسي ناول نگار هو. ادبي دنيا ۾ کيس سماجي حقيقت نگاريءَ جو ابو چيو وڃي ٿو. سندس ڪيترائي ناول شايع ٿيل آهن. پر سندس ناول Mother ڏاڍو مشهور ٿيو. هي ناول 1906ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول روسي انقلاب جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي. هي ناول هڪ نوجوان جي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي، جيڪو فيڪٽري ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ انقلابي مهم ۾ حصو وٺي ٿو. سندس ماءُ هن جي انقلابي ڪمن ۾ هن جي مدد ڪري ٿي.

آمريڪا ۾ ڪيترائي نالي وارا ناول نگار پيدا ٿيا آهن. ارنيسٽ هيمنگوي کي نوبل پرائيز مليو. سندس ناول "پوڙهو ۽ سمنڊ" ۽ "فيئر وئل ٽو آرمس" ادبي دنيا جا شاهڪار سمجهيا وڃن ٿا. وليم فاڪنرجي ناول Sound and Fury ۾ وقت جهڙي اهم موضوع کي انتهائي فيلسوفاڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو. انگريزي ناول نگار ايچ ـ اي بيٽس (H_ E_ Beats) جي ناولن جي خاص ڳالهه اها هوندي آهي ته انهن ۾ وڻن، ٻوٽن ۽ گلن جي تفصيل گهڻي هوندي آهي. خاص ڪري گلن جي رنگ، سرهاڻ ساخت، قسمن، واڌ وغيره بابت گهڻي معلومات ملندي. مشهور ناول نگار سامر سيٽ جي ناولن ۾ چتر چٽڻ ۽ مورت سازي جي فن بابت گهڻي معلومات هوندي آهي.

20 هين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تائين ناول پنهنجي اندر جديد فني بيهڪ، هئيت (Form) ۽ انساني زندگيءَ جو هر مسئلو هر حقيقت پنهنجي موضوعات ۾ شامل ڪري چڪو هو. جيڪڏهن ڪا ڪوٽ رهيل هئي ته اها ٻي مهاڀاري لڙائيءَ پوري ڪري ڇڏي ۽ جديد وجوديت جو فڪر به ناول ۾ شامل ٿي ويو. مٿي اسان جن حالتن جو ذڪر ڪيو آهي انهن ئي تاريخي تسلسل ۾ هلي ناول کي موجوده شڪل ۾ اچي بيهاريو.

البرڪامئو الجزائر ۾ ڄائو. صحافت جو پيشو اختيار ڪيائين. فرانسيسي ناول نگار وجودي ۽ سرئيلزم جهڙن ادبي لاڙن کي متعارف ڪرايو.ڪاميت اخبار جو ايڊيٽر ٿيو.جنگ کان اڳي (1939ع) ۾ هن "ڪالي گلاناالي" هڪ ڊرامو

لکيو هو ۽ جنگ جي دوران ’دي آئوٽ سائيڊر‘ ۽ ’لي مٿ ڊي سسٽي‘ لکيائين، جنهن هن کي شهرت بخشي. ان کان پوءِ هن اهڙا ڪتاب لکيا، جن دنيا جي ادب ۾ سندس ڌاڪ وهاري ڇڏي، انهن مان ڪي مشهور آهن، ’دي پليگ‘ (1947ع)، ’ليس جسٽس‘ (1949ع) ’دي ربيل‘ (1951ع) ۽ ’دي فال‘1956ع 1957ع ۾ هن کي ادب جو نوبل پرائز مليو. جنوري 1960ع ۾ هو ٽرئفڪ جي هڪ حادثي جو شڪار ٿي ويو.

خليل جبران ((1883 ـ 1931 جي دنيا جي ادب تي تمام وڏي ڇاپ ڇڏيل آهي. سنڌي ادب ۾ هن جا ناول ورائي ورائي ترجمو ڪيا ويا آهن. سندس مشهور ناول The Prophet ۽ Broken Wings جا سنڌي زبان ۾ ڪيترائي ترجما ٿيا آهن. هن جي ناولن ۾ روحانيت، رومانيت، بغاوت ۽ مزاحمت جا عنصر غالب هوندا آهن.

ڪرشن چندر (1914ـ 1977ع) اردو ۽ هنديءَ جو نامور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. هو بنيادي طور ڪشميري هو. هن 20 کان مٿي ناول لکيا. هن جا ڪيترائي ناول سنڌي ۾ ترجمو ٿيا آهن. سندس ناولن جا موضوع هئا. غريب، يتيم، مسڪين انگ اگهاڙا، پيٽ بکيا، بي گهر، لاوارث ۽ مظلوم ماڻهو. جيڪي ظلم جي جانڊهه ۾ پسبا پيا رهندا هئا ۽ اڃا به پسجي رهيا آهن. سنڌي ناولن ۾ ترقي پسندي ۽ جدت پسندي جي لاڙن آڻڻ ۾ ڪرشن چندر جي ناولن جو وڏو هٿ آهي.

اهڙي طرح ناول اهي صدين جا سور، اهنج ۽ سختيون پنهنجي سيني ۾ سانديندو پيو اچي ۽ سندس سفر 21 صديءَ ۾ به جاري آهي، جيڪا مذهبي جنونيت، اقتصادي انتشار ۽ بين الاقوامي دهشتگرديءَ جو شڪار آهي. اڄ به ادب جا نوبل پرائيز ناول نگارن کي پيا ملن.

# سنڌي ناول جا اوائلي اهڃاڻ ۽ قصه نويسي

هر ٻوليءَ جي ادب ۾ ناول جي ارتقا داستان مان ٿي ٿي آهي. سنڌي ناول جو به سفر داستان ۽ قصي کان شروع ٿيو آهي. قصا قديم دور کان هر ٻولي ۾ رائج هوندا آهن. سندن مقصد اخلاقيات جي تبليغ ۽ بهادرن جا ڪارناما ۽ عشقيه داستان هوندا آهن. قصو نثر ۾ به لکي سگهجي ٿو ته نظم ۾ به. قصن ۾ انسان پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ بادشاهن، وزيرن، جنن، ديون ۽ پرين جا ڪردار ٺاهيا، قصن داستانن ۾ اصلاحي پهلو به سمايل هوندو آهي. انسان اذلي جنگ: برائي ۽ ڀلائي جي سلسلي ۾ هڪ ڪمزور انسان طاقتور جنن ڀوتن، ڏائڻن کي شڪست ڏئي ٿو. شهزادا، بادشاهه ڀلائي جي علامت هوندا آهن ۽ ديو، ڏائڻيون وغيره برائي جون. داستان جو هيرو ڪنهن اڻ ڏٺل محبوب شيءِ جي تلاش ۾ نڪري پوي ٿو ۽ وڏيون مصيبتون ڪشالا ڪڍي ٿو. پر سندس ارادا مضبوط آهن. نيت هو ڪامياب ٿئي ٿو. جڏهن ته ناول ۾ ڪرداري نگاري هميشه اصل ۽ عام زندگيءَ مان هوندي آهي. قصي جو پلاٽ ناول وانگر منظم هئڻ بدران پيچجده ۽ منجهيل هوندو آهي. ليڪن ان پيچيدگي ۾ به دلڪشي هوندي آهي. ٻئي طرف قصي ۾ ماحول اجنبي هوندو آهي.قصن ۾ نمودار ٿيندڙ واقعا هميشه غير فطري هوندا آهن

سنڌ ۾ داستان گوئي (ڳالهه ڪٿڻ) واري روايتون لڳ ڀڳ 1200_ 1300ع ڌاري سمنگ چارڻ ۽ پاڳو ڀان جي چيل ڳاهن کان ملن ٿيون. ٻين لفظن ۾ سنڌ ۾ داستان رچڻ جي روايت تيرهين صدي عيسوي کان به اڳ جي آهي. يعني ان جي عمر لڳ ڀڳ هزار سال آهي. داستان گوئي جي ابتدائي شڪل نظم واري هئي. سنڌي داستانن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته ”ڪهاڻيون آڳاٽي دور ۾ اسريون ۽ ڪافي آڳاٽي دور کان رائج ٿيون. اول جن به شخصيتن تي جيڪي ٿي گذريو سو انهن پنهنجي ساٿين سان بيان ڪيو، پوءِ سورمن جا ڪارناما وڏن ننڍن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجي اولاد کي سڻايا. جيئن وقت وچان پوندو ويو تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙهندو ويو. تان جو

حقيقي ڪشالا، ڪارناما، قصا ۽ ڪهاڻيون بڻجي ويا. سنڌي داستان گهڻو ڪري سڀ زباني روايتون آهن، جن کي سيني به سيني سانديو ويو. انهن داستانن جي خوبي اها آهي ته جنهن به ماڻهو کي ڪابه ڪهاڻي ياد آهي ته ان کي پنهنجي زبان ۾ بيان ڪري ٿو ۽ پنهنجي ئي لفظن ۾ ادا ڪري ٿو. صرف داستان جو بنيادي خاڪو ساڳيو آهي، باقي اسلوب هر راوي جو پنهنجو آهي". [1]

بهرحال، سومرن، سمن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جا قصا، داستان ۽ ڪهاڻيون لوڪ ادب ۾ اڪيچار آهن. انهن ڏوهيڙن ۽ بيتن جي بنياد تي ڪيترائي قصا جوڙيا ويا. انهن ۾ سسئي پنهون، عمر مارئي، دودو چنيسر، مومل راڻو، ليلان چنيسر، سهڻي ميهار، سيف الملوڪ، سورٺ راءِ ڏياچ، مورڙو ۽ مانگر مڇ ۽ ٻيا ڪيترائي قصا شامل آهن. اهي بعد ۾ مختلف افسانوي انداز ۾ ڪتابي صورت ۾ به شايع ٿيا. داستان ۽ ناول ۾ اڄ به ڪيتريون ئي هڪجهڙايون ملن ٿيون. جن ۾ خاص طور تي ڪردار نگاري، گفتگو، زمان ۽ مڪان، وقت ۽ جاءِ منظر نگاري وغيره تي سگهن ٿا.

انگريزن جي دور ۾ جڏهن سنڌي زبان ۾ ناول لکڻ جو رواج پيو، تڏهن به ڪيترائي داستان قصا لکيا ويا، جن کي هو ناول جو نالو ڏيندا هئا. ان کا علاوه جيترا به ناول لکيا ويا، اهي مڪمل طور تي داستان کان آجا نه هئا. ناول جي داستان مان اوسر جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر شمس سومرو لکي ٿو ته "سنڌي زبان ۾ داستان جو مطلب آهي، ڏکھو قصو يا تفصيلي ڪٿا، انهيءَ لحاظ کان جيڪڏهن سنڌي زبان ۾ ناول جي ڌوڙي لفظ طور داستان جو لفظ متبادل طور اختيار ڪيو وڃي ته ان حوالي سان، سنڌي زبان انگريزي ۾ جديد ساهتي دور جي داستان نويسي جي عمر لڳ ڀڳ ڏيڍ سو کن سال جي آهي، جنهن جي ابتدا ڪئپٽن جارج اسٽيڪ جي ڪتاب سنڌي گرامر ۾ ڏنل پنجن سنڌي لوڪ ڪهاڻين سان ٿئي ٿي". [2]

سنڌي نثر ۾ قصي نويسيءَ جي ابتدا انگريزن جي دور ۾ ٿي. مير شفيع احمد علوي لکي ٿو ته " سنڌي نثر ۾ قصي نويسيءَ جو رواج برٽش حڪومت جي اوڻهين صديءَ جي آخر ۾ پيو ، جڏهن "ونهين ۽ ولهيءَ جي آڪاڻي"، "پنيي زميندار جي ڳالهه"، " سڏاتوري ۽ڪذاتوري جي ڳالهه" لکيا ويا، جي

سپ اخلاقي هئا. پوءِ رومانوي افسانا لکيا ويا، جن ۾ بادشاهن ۽ شهزادن جون ڳالهيون ، ديون ۽ پرين جون ڪهاڻيون ۽ جادوءَ جا ناشداني قصا ڏنل آهن. اهڙن افسانن لکڻ ۾ آخوند لطف الله هالائي ، احمد خان جلباڻي، حاجي امام بخش بدوي ، ماسترعلي بخش ۽ محمد حسين چڳو نالو ڪڍيو." (3)

طوطي نامو اصل ۾ سنسڪرت ۾ لکيو ويو هو، پوءِ ڌار ڌار ٻولين ۾ ترجمو ٿيو ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو. سنڌي ٻولي ۾ هن جو آڳاٽو ترجمو منشي اڌارام ٿانورداس مير چنداڻيءَ جو ڪيل آهي. جيڪو ڪراچي مان سنه 1862ع ۾ شايع ٿيو. ترجمي ۾ نج ٻولي ڪتب آندل آهي. مثال ڏجي ٿو:

جڏهن سج لٿو ۽ چنڊ نڪتو، خجسته کهنبا ويس ڪري، ڳهه ڳنا پائي، هار سينگار ڪري چتونءَ کان موڪل وٺڻ ويئي ۽ اُن کي اباڻڪو ڏسي پڇڻ لڳي ته "اي من رجهائيندڙ اج چو اباڻڪو ٿيو آهين، ۽ ڪوهه ايتري ڳڻتي ٿو ڪرين؟". (4)

محمد يوسف ڪراچيءَ جو رهواسي هو. ٽالپرن جي دور کان منشي گيري طور خدمتون سرانجام ڏيندو هو. سندس باري ۾ گهٽي معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي. 1836ع ۾ واٽين سنڌي زبان جو پهريون گرامر لکيو. ان گرامر جي ڪتاب ۾ منشي محمد يوسف سندس مدد ڪئي. محمد يوسف بنيادي طور تي درسي ڪتاب وڌيڪ لکيا، مگر هن کي قصا پڻ لکيا، جن ۾ "دودو چنيسر" اهم آهي. هي قصو 1893ع ۾ شايع ٿيو. دودي ۽ چنيسر جو قصو سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان مشهور آهي. اهو قصو هڪ قسم جو جنگي داستان يا epic آهي. هن داستان ۾ پڳ جي جهيڙي تان ملڪي جنگ لڳي. هن قصي کي محمد يوسف 1893ع ۾ لکيو. هي پهريون قصو هو، جنهن کي ديوناگري خط ۾ لکي شايع ڪيو ويو.

عبدالرحيم وفا (1805_1880ع) ، استاد، شاعر، قصه نويس، مرتب، لغت نويس هو. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي سندس باري ۾ لکي ٿو ته " هن ڪراچي ، ڪوهستاني ، لاڙ ۽ وچولي توڙي سري وارن پاڳن مان ڪيترائي قلمي نسخا هٿ ڪيا. ازنسواءِ سگهڙن کان به متعدد ۽ مستند صدري روايتون ٻڌي قلمبند ڪيون. پهريون عالم هو، جنهن سگهڙائتي ادب ۽ معياري ۽ معنوي ادب جون

صنفون مرتب ڪري انهن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو.“[5] هن نظم سان گڏوگڏ ڪيترائي قصا ۽ آکاڻيون نثر ۾ به لکيون يا مرتب ڪيا. تن مان نثري قصن ۾ ”قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو“ 1870ع کان پوءِ به پيرا ڇپيو. هن ڪتاب ۾ هڪڙو جهونو خيالي قصو آهي، جنهن ۾ جيتوڻيڪ عشق جي تاثير ۽ ديون پرين سان وهنوار جو ذڪر گهڻو آهي، ته به نمڪ حلالي، دل جي شرافت، صبر ۽ تحمل جهڙا اخلاقي سبق به منجهس چڱي طرح سمايل آهن. ”قصو دلوراءِ جو“

هي نثري قصو پهريون دفعو سال 1870ع ۾ ڇپيو. ”قصو عمر ماريءَ جو“ 1871ع ۾ حوالن سان لکيو، جنهن ڪري سنڌي جو پهريون تحقيقي ڪتاب پڻ چيو ويندو آهي. هي قصو نظم توڙي نثر ۾ جوڙيل آهي. هي قصو پڻ ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ ڇونديو ۽ ڇپايو. سندس اسلوب جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

”تڏهن عمر سومرو شڪار جي بهاني نڪري ان ڦوڳ سان گڏجي ٿر ۾ آيو. ماريئي پيي سرتين هڪجيڏين سان گڏجي پاڻي پرڻ لاءِ کوهه تي آئي هئي، پوءِ جڏهن عمر کي ڏوران ڏٺائين تڏهن ڊڄي ويئي، ته هيءُ ڌاريو ماڻهون نامحرم الاجي ڪير آهي ۽ هيڏي ڇا جي لاءِ ٿو اچي، تڏهن سرتين چيس ته پڇڻ ٿهڻ پنهنجو ڪم ڪونهي الاجي متان اجايل هجي ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ کوهه تي ايندو هجي. تنهنڪري بيهي رهون ته چڱو. پوءِ جڏهن عمر کوهه وٽ آيو تڏهن ماريءَ تي وجي نظر پيس، سو پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري، ٽپو ڏئي.“[6]

آخوند لطف الله ”لطف“قريشي (1842_ 1902ع) حيدرآباد ۾ ڄائو. آخوند صاحب سٺو نثر نويس، نظم گو ۽ ذوق سليم جو مالڪ هو. هن ”گل خندان“ داستان رجب علي سرور جي لکيل ”فسانه عجائب“ تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جهڙو اصل ڪتاب مشهور ۽ معياري ادب جو حصو بنجي ويو. اهڙي ئي مقبوليت ”گل خندان“ کي ملي. هي داستان شهزادي جان عالم ۽ انجمن آرا جي پيار ڪهاڻي آهي. مهم جوئي ۽ تڪليفن جو هڪ داستان آهي. هن قصي لاءِ محمد

اسماعيل عرساڻي لکيو آهي تہ ” انهيءَ زماني ۾ آخوند لطف الله جو ڪتاب ”گل خندان“ بہ شايع ٿيو جو اگرچ جنن ۽ پرين جي داستانن سبب قصو سڏي سگهجي ٿو ۽ نہ جديد ناول. مگر هن ڪتاب جي عبارت اهڙي تہ دلچسپ آهي جو غالباً هيءُ ڪتاب بہ شاهہ جي رسالي وانگر سنڌي ادب ۾ لازوال رهندو. دراصل اهو ڪتاب اردو قصي ”افسانہء عجائب“ تان ورتل آهي، مگر ٻنهي ڪتابن ۾ زمين آسمان جو فرق معلوم ٿئي ٿو. خود ”افسانہء عجائب“ بہ ”گل خندان“ اڳيان هيچ معلوم ٿئي ٿو“.(7)

هن داستان ۾ بہ ڪي جادوئي ڳالهيون آهن. پڇاڙي جان عالم جو ڪامياب ٿي موٽڻ ۽ راڻين سان خوش گذارڻ تي ٿئي ٿي. هي ڪتاب 1892ع ۾ تعليم کاتي شايع ڪيو . اڻويهين صديءَ ۾ لکيل قصن ۾ آخوند صاحب جو هي قصو مثالي حيثيت رکي ٿو. ظاهري طرح تہ هي ترجمو آهي، مگر پڙهندڙن کي طبعزاد تصنيف جهڙو مزو ڏئي ٿو. ”گل خندان“ جهوني قسم جو قصو آهي ۽ سنڌي زبان جو شاهڪار آهي. ”آخوند صاحب سٺو نثر نويس، نظم گو ۽ ادبي ذوق سليم جو مالڪ هو. فارسي ۽ اردوءَ جي غير مانوس اصطلاحن ۽ محاورن کي ڪڍي، ٺيٺ سنڌي لفظن جو واهپو ڪيو اٿس، تن کي بحال رکيو اٿس. ادبي دنيا ۾ مثالي آهي. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو :

”شهزادي جي پيرن جي ڪڙڪي تي فقير خبردار ٿيو، ذڪر جي ذوق مان فارغ ٿي ڏاڍي جوش مان چيائين يا هادي! هٿن سان پرون مٿي ڪٽي اکيون کولي شهزادي ڏي چتائي نهاريائين. جان عالم ادب سان سلام ڪيو. جوڳي تسليٰ جو ڪلام ڪيو، چيائينس بابا تنهنجو پلو هجي زماني جي اولي توکي هيڏانهن آندو آهي. اچي وهو، گرو تنهنجو پلو ڪري! مرشد جي دعا سان خدا تنهنجي مراد حاصل ڪري ! آءٌ تنهنجو امانتدار آهيان، تنهنجي حال کان خبردار آهيان، آءٌ بہ هلڻ لاءِ تيار آهيان“.(8)

نامور اديب، مرزا قليچ بيگ ڪيترائي قصا لکيا، جن ۾ ”هرڻيءَ جو قصو“ مشهور قصو آهي. جنهن ۾ هرڻي ۽ شڪاري جي ڪهاڻي آهي. هرڻي

شڪايت ڪٽي نبي سائين وٽ اچي ٿي ۽ انصاف جي گهر ڪري ٿي. هي قصو مرزا صاحب 1878ع ۾ لکيو هو. مرزا قليچ 1880ع ۾ ”رستم“ جي نالي سان لکيو. جو قديم ايران جي تاريخي ڪتاب تان ورتل هو. ”هن ۾ ڪيترائي قصا فردوسيءَ جي شاهنامي تان اکر به اکر ترجمو ٿيل هئا. جيتوڻيڪ رستم پهلوان فردوسيءَ جي شاهنامي تان ورتل هو, ليڪن ان جي نثر ۾ ترجمو نهايت ڪاريگريءَ سان ڪيل هو. رستم جا ڪارناما, پنهنجي پٽ سهراب هٿان افسوسناڪ شڪست ۽ خوفناڪ موت ۽ هن جي زندگيءَ جا ٻيا واقعا, هڪ ٻئي سان ائين جڙيل آهن, جو هڪ جاندار ڪهاڻيءَ جو روپ حاصل ڪن ٿا, جيڪي نه فقط انهن پڙهندڙن جون آڪاڻيون پڙهڻ تي هريل هئا, بلڪ انهن پڙهندڙن کي به ڪشش ڪن ٿا, جيڪي اهڙن قصن ڪهاڻين کان منهن موڙين ٿا“.[9]

امام بخش ”خادم“ بدوي“ (1861_ 1918ع ولد محمد بچل بدوي شڪارپور ۾ ڄائو هو. بنيادي طور تي استاد هو. اڻويهين صدي عيسويءَ ۾ ”خادم“ صاحب قصصي ادب ۾ پاڻ موکيو. انهيءَ سلسلي ۾ ”الف ليليٰ“ (1896ع), ”وڏو قصو بهرام بادشاهه“ (1897), ”وڏو حاتم طائيءَ جو“ (1898ع), ”چار درويش“ (1896ع), ”قصو دودو چنيسر“ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. اردو زبان ۾ ”الف ليليٰ“ جو ڪيترن ئي ترجمو ڪيو. سنڌي زبان ۾ هن ڪتاب کي منتقل ڪرڻ جو شرف امام بخش ”خادم“ کي آهي, جنهن 1896ع ڌاري ان کي مڪمل ڪيو. مترجم جي سامهون شايد مرزا حيرت دهلويءَ جي ايڊيشن هئي, هيءُ ترجمو مسٽر پوڪرداس چئن حصن ۾ شايع ڪرايو هو. ۽ ان کي سنڌ ۾ بيحد مقبوليت حاصل هئي. ”هنن چئني حصن ۾ قصي جا چارئي حصا موجود آهن. هن ترجمي جي ٻولي نهايت سولي ۽ عام فهم آهي. ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ هي اصلي سنڌي قصو هجي“.[10] ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

بادشله سلامت, منهنجو وڏو ڀاءُ بڪ بڪ نالي ڪٻو (گڱو) هو. ان کي ڪربلائي به چوندا هئا. سو درزڪو ڏنڊو ڪندوهو. جڏهن پورو ڪاريگر درازي ٿيو تڏهن هن هڪڙو دڪان مسواڙ تي ورتو, جو هڪڙي جانداهي جي گهر سان لڳو لڳ هو. اچا سندس دڪان نئون هو, تنهن ڪري گهٽي آمدني

ڪانهُ هوس. جئين جئين ٽوپو ٽاپ ڪري پيٽ پالي پنهنجو مان پيو ڪندو هو. ۽ جانداهي پئسن وارو ماڻهو هو. سندس زال جانداهڻ ڏاڍي صورت مند هئي ڏسڻي واسڻي ناهوڪڙي جوانڙي هئي“.[11]

امام بخش ”خادم“ جو ”وڏو قصو بهرام بادشاهه“ 1897ع ۾ شايع ٿيو. ”ڪليات خادم ۾ آهي ته ڇا حاتم طائيءَ جو قصو (حاجي امام بخش خادم) ”پوڪرداس تاجر ڪتب“ جي فرمائش تي لکيو ويو. خادم جي هن قصي جو ماخذ ”سياحت حاتم“ نالي هڪ ڪتاب آهي، جو سن 1871ع ۾ بمبئيءَ ۾ قاضي ابراهيم ڇاپيو هو ۽ نارمل اسڪول جي نصاب ۾ داخل هو. ”خادم“ هن قصي جو ترجمو سهڻي سنڌي زبان ۾ ڪيو آهي ۽ ان جي پڙهڻ مان مترجم جي اعليٰ طرز نگارش جو پتو پوي ٿو“.[12] ”چار درويش“ قصو 1895ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ اُن کي پوڪرداس، شڪارپور جي مشهور ڪتب فروش ڇپائي پڌرو ڪيو هو. بادشاهه آزاد بخت قبرستان ۾ پهچي ٿو: اُن جو ذڪر مترجم هن فصيح عبارت ۾ ٿو ڪري:

بادشاهه خيال ڪيو ته پلا هيءُ ڪهڙو ڏيئو آهي، جو اهڙي ڏاڍي واءَ ۾ به نه ٿو وسامي. شايد ڪو طلسم آهي، جو ڦٽڪيءَ ۽ گندرف کي ملائي، ڏيئي کي ڇڙڪيو ويو آهي، جو ڪهڙي به هوا لڳي ته ڏيئو نه وسامي. يا ڪنهن وليءَ جو ڏيئو آهي، جو روشن آهي. جو ڪجهه ٿئي سو ٿئي، هلي ڏسڻ گهرجي. شايد هن شمع جو نور ڪان منهنجي گهر جو چراغ به روشن ٿئي ۽ دل جي مراد به ملي“.[13]

بهرام گور جو ننڍڙو قصو امام بخش ”خادم“ سن 1901ع ڌاري لکيو. جنهن کي شڪارپور جي وڏي ناشر پوڪرداس ڇپايو. ”بهرام گور جو ننڍڙو قصو ويهن بابن تي مشتمل آهي ۽ 164 صفحن تي ڦهليل آهي. تمهيد ۾ ڄاڻايل آهي ته هن قصي ۾ ايران جي مشهور طاقتور بادشاهه بهرام جي معاشقي جي حڪايت آيل آهي.

ماستر احمد خان ولد تڳيو خان جلباڻي، پرين جي پرسان جلباڻين جي ڳوٺ جو ويٺل هو. انگريزن جي شروعاتي دؤر جو هڪ وڏو عالم ۽ نثر نويس هو. هن آخوند لطف الله جي ”گل خندان“ ۽ قاضي عبدالغفور هالائيءَ جي ”امير

حمزي” کان متاثر ٿي مقفيٰ نثر ۾ ”گل بڪاولي“ لکيو. ان کان علاوه ان زماني ڪيترائي قصا، ڪهاڻيون ۽ ناول لکيائين ۽ ترجما ڪيائين. 1890ع ۾ ناول جي ٽيڪنڪ ۾ احمد خان جلباڻي، عزت الله شيخ جو ”گل بڪاولي“ فارسيءَ تان ترجمو ڪيو. ”گل بڪاولي“ ۾ خالص سنڌي نثرسان گڏوگڏ بيتن ۾ ڪيل بيان ۽ مائيدار قافيه دار نثري عبارت، هنن ديون پرين جي ڪارنامن سان ڀرپور ناشدني قصن ڪي به قديم ادب جو درجو ڏئي سگهجي ٿو. ”گل بڪاولي“ مان پرين جي شهزاديءَ بڪاوليءَ جي حسن جو هيٺيون بيان ، بيهڪ جون نشانيون سڌاري پڙهڻ سان احمد خان جي شاعراڻي تصور ۽ قلم جي قوت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو :

”وڏي وڏائي ان مالڪ جي، چون ٿا ته جڏهن بڪاولي جادو ڀريلون اکيون پٽيون ۽ مٿيءَ ننڊ مان سجاڳ ٿي تڏهن چوليءَ ڪي مٿي سرڪائي چولو ٿاهي پيشوار ڍڪي وارن کي ڦٽيءَ سان سلجهائي اٿي ڪڙي ٿي ۽ هوريان هوريان لڏندي لمندي بڪاولي گل جي حوض ڏانهن اکيون مهٽيندي هلي ۽ مور وانگر ٿلندي اچي، سندس پير پير جو رند، ڌرتيءَ تي عجيب نقش ٿاهيندو وڃي ۽ سندس هلڻ سان جا لٽ پيئي اڏامي سا سڪايلن لاءِ مثل سرمو. جڏهن حوض وٽ آئي تڏهن نازڪ هٿن سان گلاب جو پاڻي پنهنجي موچاري منهن ۽ ڳاڙهن ڳلن تي وجهڻ لڳي ۽ منهن ڌوئي اکهي صاف ڪري بڪاولي، گل ڏانهن ڏيان ڪري ته گل آهي ئي ڪونه.... “.(14)

احمد خان جلباڻيءَ انگريزي ناول نگار رينالڊس (1732_1792ع) جي مشهور ناول (Mysteries of the Court of London ) جي هڪ حصي جوترجمو ”تينهن نياڻ“ جي نالي سان ڪيو. انگريزي ناول نويس رينالڊس جي ڪتابن تي بد اخلاقيءَ جو الزام لڳايو ويندو آهي. هن ناول ۾ لنڊن شهر جي هيٺئين ڪلاس ۾ فحاشي ۽ سماجي اقربا پروري ۽ ڪرپشن جا داستان لکيل هئا. هن ناول ۾ رينالڊس لنڊن جي انتهائي اندروني ۽ خفيه رازن کي فاش ڪيو آهي“.(15)

انهن کان علاوه احمد خان جلباڻيءَ جا لکيل ڪي قصا پوڪرداس تاجر، شڪارپور واري شايع ڪرايا، انهن ۾ ”الف ليليٰ“ (1926ع)، ”گل صنوبر“، ”چار

درويش” 1891ع وغيره شامل آهن. هن جي قصن جي خوبي اها به هوندي هئي ته با تصوير قصا شايع ڪرائيندو هو.

واحد بخش ”شڪارپوري“ (وفات 1916ع) جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. شاعريءَ ۾ ”مشتاق“ تخلص استعمال ڪندو هو. هو سکر ضلعي ۾ ماستر هو. ان دور ۾ قصن جي سلسلي ۾ ماستر واحد بخش پڻ ڪيترائي قصا لکيا، جن ۾ ”قصو تاج الملوڪ“ (1895ع)، قصو مومل ۽ مينڌري جو“ (1899ع)، ”قصو گل صنوبر“ (1900)، ”وڏو قصو دودو چنيسر“ ۽ گل بڪاولي“ اهم آهن. ماستر واحد بخش ابڙي ”گل بڪاولي“ جي قصي جو ترجمو اردوءَ تان ترجمو ڪيو. هن ڪتاب جي عبارت مقفيٰ آهي، پر”گل خندان“ جهڙي رواني ۽ شستگي منجهس موجود نه آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”ميزبان چيو ته مون حضرت سليمان جو سنهن کنيو آهي، جن هن کي مطلب ملائيندو ته جان جو ٿورو لائيندو نه ته جان اَجل ۾ گوائيندو. ديو قبول ڪيو اِهو قول، ٻڌو هن سان پڪو ٻول، ته جمال نالي آهي منهنجي اَدي، تنهنجي هٿان هيءَ حاج لهندي، چاڪاڻ ته ديو آهن ارڙهن هزار، خاص چوڪيدار، تن جي آهي اُها سردار.“[16]

”چار درويش“ قصي جو ڪيترن ئي ليکڪن ترجمو ڪيو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته ”چار درويش“ قصو جيڪڏهن ڪنهن به مريض کي پڙهي ٻڌايو ويندو ته کيس شفا ٿيندي. بهرحال، اهو قصو اردوءَ وارن ترجمو ڪيو، جنهن تان وري ماستر واحد بخش شڪارپوريءَ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. ماستر واحد بخش مشتاق شڪارپوري سنه 1889ع ۾ ”قصو سسئي پنهل“ جو، سنڌي مثنوي (خليفي صاحب واري بحر) ۾ منظوم ڪيو، جيڪو شڪارپور جي ڪتب فروش منشي پوڪرداس شايع ڪيو هو. سنڌي ادب ۾ قصه نويسيءَ ۾ آخوند حاجي فقير محمد ولد مرحوم آخوند موسيٰ قريشي جو نالو به اهم آهي. سندس لکيل قصو ”گلشن بهار“ وڏي اهميت رکي ٿو. بنيادي طور تي شاعر هو ۽ مير عبدالحسين ”سانگي“ ۽ سيد غلام محمد شاهه ”گدا“ ۽ ”حيدري“ سان خصوصن، ۽ مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ حافظ حيات شاهه ”حافظ“ سان به صحبت هوندي هيس. آخوند صاحب 16 جنوري 1918ع تي وفات ڪئي. گل بڪاولي“ به فارسي جو

قصو آهي، جنهن کي عبدالواحد ٻرڙدي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. اهڙي طرح ٻيا ٻه ڪيترائي قصا شايع ٿيا. مشهور سنڌي اديب پرمانند ميوارام (1866 – 1938ع)جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. پر قصن ۾ ”هارجيت“، ”نيڪي بدي“ ۽ ”هيرو ـ گلو“ لکيائين. سندس ”هارجيت“، نيڪي ۽ بدي جي اڌلي موضوع تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ معاشري جي اڻنگي رسمن تي طنز ڪيل آهي. برائي کي ننديو ويو آهي جيت نيڪي جي ڏيکاري وئي آهي. جڏهن ته ”هيرو ـ گلو“ هي هڪ دلچسپ، دلسوز، عبرت انگيز ۽ نصيحت آميز قصو آهي، جيڪو انگريز ليکڪ ”ڪئنن سمٿ“ جي ڪتاب تان ترجمو ڪيو آهي. ڪردارن ۽ ماحول کي سنڌي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن قصي ۾ ٻه ڪردار هيرو ۽ گلو آهن. جن مان هيرو نيڪيءَ جو ۽ گلو بديءَ جو نمائيندو آهي. هن ناولٽ ۾ ٻه نيڪي ۽ بدي جا تضاد ڏيکاريا ويا آهن. گلو کي آخر ۾ چورين ۽ بدڪارين جي ڪري عمر قيد جي سزا ملي ٿي ۽ پرهيزگاري جي زندگي گذاري ٿو.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو ته ”سن 1885ع ۾ ماستر هريسنگ سکر مان، سن 1886ع پوڪرداس شڪارپور مان، ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو شروع ڪيو. هنن گهڻو ڪري اردو تان داستان ۽ قصا ترجمو ڪري پيش ڪيا. جيڪي هندستان ۾ اڳي ئي ڇپجي چڪا هئا، انهيءَ ڪانسواءِ ٻيون طبعزاد ڪهاڻيون، عشقيه ۽ مزاحيه قصا جي هئا. ”ڪچڙي ماني“، ”ڪوئا ٻلي“، ”سس نونهن“ ۽ ”ٽوپي پڳ“ انهن قصن سان گڏ ڪيترائي عشقيه ۽ نيم تاريخي قصا به لکيا ويا، جهڙوڪ: ”عمر مارئي“، ”دودو چنيسر“، ”سهڻي ميهار“ ۽ ”مومل مينڌرو“ وغيره.ان کان علاوه ڪيترائي ازغيبي ۽ ڪرامتي قصا ۽ ڪهاڻيون به هن دور جي سنڌي ادب جي پيداوار آهن، جن ۾ انساني عشق بازيءَ سان گڏوگڏ جن، ڀوت، ديو، پريون ڪردار طور پيش ٿيل هئا“.(17)

جيتوڻيڪ داستان ناول جي اوسر ۾ اهم ڪردار ضرور ادا ڪيو پر انهن کي ناول نٿو چئي سگهجي. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام لکي ٿو ته ”چالو زماني جي ناول نويسي جي اصولن موجب اهي عشق ۽ جانبازيءَ جا ڪرامتي قصا، نوخيز جوانن ۽ سنسنيءَ جي شوقينن کي دلچسپي ڏيئي سگهن ٿا. پر رنگين عبارت ڪانسواءِ موضوع جي مدنظر، انهن جو ادبي درجو گهٽ آهي، تنهن هوندي

ٻه ناول جي تاريخ ۾ انهن جو ذڪر ضروري آهي، ڇو ته انهن جي ذريعي سنڌ جي عام ماڻهن ۾ ناولن پڙهڻ جو خوب شوق پيدا ٿيو هو.“[18] سنڌي ٻوليءَ ۾، انگريزي ٻوليءَ مان نه رڳو ناول پاڻ آيو پر پاڻ سان گڏ پنهنجو اصطلاحي نالو به کڻي آيو ۽ اهڙو مقبول ٿي ويو جو اڄ تائين ان جي نعم البدل جي تلاش ڏانهن اديبن ۽ نقادن جو ڌيان ئي نه ويو آهي.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون – 1“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، (ڇهون ڇاپو)، 2004ع، ص 6
2. ڊاڪٽر شمس سومرو: تخليقي ادب جا ترڪيبي جزا“ اوسر اشاعت گهر، حيدرآباد، 2009ع، ص 145
3. شفيع احمد علوي: ”سنڌي ادب ۾جهونا داستان“ ، ماهنامو نئين زندگي، ڪراچي، آڪٽوبر 1961ع
4. ذولفقار راشدي: ” سنڌي طوطي نامو“، مهراڻ، 1967، نمبر 2
5. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ؛ شخص ۽ عڪس “ ، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، 2015، ص 8
6. آخوند عبدالرحيم محمد وفا ؛ قصو عمر مارئي جو“، تعليم کاتي جو ڇاپخانو، 1871ع، ص 6
7. محمد اسماعيل عرساڻي: ”چارمقالا“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1974ع
8. آخوند لطف الله: ” گل خندان“،مطبوعه 1965ع
9. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 73
10. ڊاڪٽر قاضي خادم : ”سنڌيءَ جا نثري داستان“، انڊس پبليڪيشنز، ڪراچي، 19ع ، ص 186
11. امام بخش ”خادم “ : ”الف ليليٰ“،
12. انور فگار هڪڙو: ”شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو“،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2009، ص 423، 424
13. لطف الله بدوي: ”چار درويش جي سنڌي ترجمي تي نظر، (چار دريش)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1960ع

14. احمد خان جلباڻي: ”گل بڪاولي“،1890ع
15. مختيار احمد ملاح: ” سنڌي ناول جي تاريخ “ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 50، 51
16. ماستر واحد بخش: ”گل بڪاولي“، 1895ع
17. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ: ”سنڌي ناول جو ارتقائي تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع، ص 187
18. پروفيسر منگھارام: سن”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 71

# برطانوي دورجي سنڌي ناول جي اوسر ۽ موضوع

سنڌي علم و ادب ۾ ناول جي صنف نہ صرف انگريز دور ۾ آئي، پر انگريزي علم و ادب جي اثر هيٺ آئي. شروع ۾ ڪي قصا سرڪاري خرچ تي ترجمو ٿيا. ان ڏس ۾ غلام حسين قريشيءَ جو ترجمو ”پنهنجي زميندار جي ڳالهہ“ 1854ع ۽ سيد ميران محمد شاهہ اول جو ”سڌاتوري ڪڌا توري جي ڳالهہ“ 1855ع وغيرہ ترجما ڪرايا. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو خيال آهي تہ ”سڌا تورو ۽ ڪڌا توري جي ڪهاڻي انگريزن جي حڪمت عمليءَ جو جيئرو جاڳندو نمونو آهي. هي قصو ڪو ناول تہ نہ آهي پر سنڌيءَ ۾ جيڪا صورت وٺي بيٺو آهي، تنهن موجب سنڌي ناول جي اوائلي اهڃاڻن ۾ شمار ضرور ٿيندو“.[1]

سڀ کان پهرين ناول جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو اهو هو ڊاڪٽر سيموئل جانسن جو لکيل ”راسيلاس“ (Rasselass) جنهن جو ترجمو ديوان اڌارام ۽ ساڌو نولراءِ گڏجي 1870ع ۾ ڪيو. هن ناول جي ترجمي نگارن کي وڏا انعام اڪرام ڏنا ويا. ترجمن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم ناول ، ”طلسم“ (Talisman) آهي. هي ناول جڳ مشهور ناول نگار سر والٽر اسڪاٽ جو لکيل هو. هن ناول لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان جون شروعاتي قسطون ساڌو هيرانند ترجمو ڪري ”سرسوتي“ ۾ شايع ڪرايون . بعد ۾ سندس اوچتي ديهانت ڪري، ڀيرو مل مهرچند مڪمل ترجمو ڪري ڇپرايو. سنڌي ادب ۾ طبعزاد ناول لکڻ جو سهرو مرزا قليچ بيگ ڏانهن وڃي ٿو. هن 1888ع ۾ ”دلارام“ نالي پهريون طبعزاد ناول لکيو. هن ناول تي بہ داستان جو رنگ غالب آهي، ڇو جو ڪهاڻيءَ جو پلاٽ قديم دؤر جي بادشاهن جي قصي تي مبني آهي ۽ انساني زندگيءَ جي برعڪس مافوق الفطرت ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن. هي ناول دراصل اصلاحي فڪر ۾ ڏنو ويو آهي، سنڌي ادب ۾ داستان کان ناول طرف هي پهريون قدم هو. مرزا قليچ بيگ جو ٻيو ناول ”زينت“ 1890ع سنڌي ادب ۾ جديد ناول نگاريءَ جو پهريون مثال آهي. هن ناول جديد ناول جي

پوري ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويئي. ناول جي اصل مقصد تحت زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪئي ويئي. هن ناول ۾ مرزا قليچ بيگ انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. ٺيٺ سنڌي ماحول پيش ڪندي، رسمن ۽ رواجن جي خامين کي خوب ننديو آهي. 1892ع ۾ ديوان پريتم داس ”عجيب پيٽ“ لکيو. جيتوڻيڪ هن ناول ۾ به سماجي حقيقت نگاري موجود آهي پر پوءِ به ناول تي داستاني رنگ پڻ حاوي آهي.ان کان علاوه هريسنگهه ڏنگو مل جو ”عشق تماچا “(1890ع) ، ڪيولرام جو ”عجيب الغنچه“، احمد خان جلباڻيءَ جو ”نينهن نياڻڻ يا سچي سڪ“ (1891ع)، بولچند ڪوڏومل جو ”واندڪائيءَ جي وندر“ (1895ع)، ليکومل جو ترجمو ”فسانه عجيب“ وغيره به هن دؤر ۾ لکيا ويا.

ان کان پوءِ مرزا قليچ بيگ ”گلن جي ٽوڪري“، ”تي گهر“، ”جولئن هوم“،”غلامي کان مٿي چڙهو“ جهڙا ناول ترجمو ڪري سنڌي ناولن ۾ سماجي حقيقت نگاري کي رائج ڪيو. اهڙي طرح لعلچند امر ڏني مل جا ”چوٽ جو چنڊ“، ڪاڪي ڀيرومل ”آنند سندريڪا“ ۽ ”وريل نعمت“ لکي داستان گوئي جو خاتمو آندو. بنگال جي ورهاڱي سان سنڌي ادب ۾ به قومي ۽ سياسي حالتن جو رد عمل شروع ٿي چڪو هو. ان سلسلي ۾ سنڌي اديبن بنڪم چندر چٽرجي، رابندرناٿ ٽئگور (1861-1941ع) شرٽ چندر جا ڪيترائي ناول سنڌي ۾ ترجمو ڪيا. اهڙي طرح سنڌي ادب ۾ رومانوي، نفسياتي، ڊرامائي، تاريخي، عصري، جاسوسي وغيره ناول لکجڻ شروع ٿيا.

ناول لکندڙن ۾ هندو ۽ مسلمان اديبن جو گڏيل سهڪار هو، پر هندو اديبن جو ڪردار اڳرو هو. مسلم ناول نگارن ۾ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ گهڻي ۾ گهڻا ناول لکيا. جنهن کانپوءِ محمد عثمان ڏيپلائي، مير علي نواز خان، غلام احمد نظامي، قاضي عبدالرزاق مورائي ، محمد صديق ميمڻ، محمد صديق مسافر، لطف الله بدوي ۽ ڪي ٻيا شامل هئا. هندو ناول نگارن ۾ ديوان پريتم داس، ديوان ڪوڙومل، لعلچند امر ڏنومل، ڀيرومل مهر چند، صاحب سنگهه چنداسنگهه، ڊاڪٽر گربخشاڻي، نانڪرام ڌرمداس، شيوڪ ڀوڄراج، ڄيٺانند ٽڏومل، پرمانند ميوارام، پروفيسر موٽومل، تولارام گدواڻي، ميلا رام واسواڻي،

پروفيسر نارائڻ ڀمڀاڻي، سڳن آهوجا، پروفيسر رام پنجواڻي، چيتنا نند لعلواڻي، آسانند مامتوراءِ، ديو سياڻي، گلي سدار نگاڻي، ليلارام ولايتراءِ، گوبند مالهي، ڄڳت آڏواڻي، ايم. آر مائيداساڻي، چوهڙمل، اندراهميراڻي ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

انگريز دور جي ناول ۾ مذهب، معاشرت، تعليم، سياست، تاريخي موضوع، معاشي ۽ معاشرتي حالتون به آهن ته ادبي تحريڪن جو اثر به آهي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي مطابق "انگريزي اقتدار ڪان وٺي ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي تائين لڳ ڀڳ هڪ صديءَ جي وڇوٽي آهي، ان زماني ۾ سنڌي ناول جو هڪ وڏو ذخيرو ميسر ٿيو. ليڪن دراصل انهن ۾ زيادهه ترجمي جي گهڻائي آهي ۽ طبعزاد ناول ته ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس ملندا. ليڪن طبعزاد ناول ۾ به ڪن ٿورن ۾ اصليت جو عنصر يا فني اجتهاد ڪارفرمان آهي".(2)

جيئن انگريزي ادب ۾ " ايلزبٿ دور "(1500 _ 1600 ع) ڊرامي جو دور هو، تيئن سنڌي ادب جي تاريخ ۾ انگريزن جو دور "ناول جو دور" آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته" هن دور ۾ ترجما گهڻي انداز ۾ ڪيا ويا ۽ طبعزاد ناول تمام گهٽ لکيا ويا. هن دورجي ناولن جا موضوع هئا آزادي ۽ بيداري واري سياسي تحريڪ ۽ قومي اصلاح، جنهن تي خاص توجهه ڏنو ويندو هو. هن دور ۾ تاريخي ناول تمام گهڻي انداز ۾ لکيا ويا، جن ۾ غلط روايتون ۽ واقعا بيان ڪيا ويا، جنهن ڪري اهڙن ناولن جي اهميت پڙهندڙن وٽ وقتي رهي ناول نگارن هن دور ۾ معاشرتي، ماحول جي حالتن، معاشي ۽ سياسي حالتن کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. جن ناولن جو خاص موضوع اتي لئي ۽ اڇهي تي ٻڌل هو انهن ۾ ملڪي، اقتصادي حالتن تي چڱي طرح نڪتئہ چيني ٿيل آهي. اهڙي طرح هن دور ۾ سنڌي ناول نگارن سنڌي زبان جي هر ڪنهن موضوع ۽ تحريڪ کي پنهنجو مقصد بڻائي قوم کي جهالت ۽ انڌيري مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي".(3)

**شهنشاهي پرچارڪ ۽ "خدائي حق" وارو فلسفو**

حاڪم قومون هميشہ محڪوم قومن کي اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن ته سندن حڪومت هنن مٿان خدا طرفان مقرر ٿيل آهي.

سنڌ ۾ جيڪي بہ حڪمران آيا انهن سنڌ مٿان نہ صرف پنهنجي ٻوليءَ کي نافذ ڪيو، مگر اسڪول، تعليم، ادب، سرڪاري ڪاروبار لاءِ هنن پنهنجي ٻوليءَ کي زبردستيءَ سان مڙهيو. آرين کان وٺندي فارسيدانن تائين هنن نہ صرف پنهنجي ٻولي مڙهي، پر پنهنجو ادب، تعليم، فلسفو، ثقافتي قدر ۽ معاشرتي اثر بہ زبردستي مرتب ڪرايا. پر، انگريز سرڪار ان جي برعڪس عمل ڪيو. اپريل 1848ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ اعلان ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي، هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن". مطلب تہ انگريزن ، مٿي ذڪر ڪيل قومن جي برعڪس پنهنجي انگريزي ٻولي مڙهڻ بجاءِ مقامي ٻولي (سنڌي) کي ترجيح ڏني. هنن کي پوري هندستان ۾ سرڪاري ڪاروبار هلائڻ لاءِ سرڪاري ملازم گهربل هئا، ان ڪري هنن مقامي ٻولين کي ترجيح ڏني. سنڌي زبان ۾ لغتون تيار ڪيون، گرامر لکيا. سنڌ ۾ رهندڙ انگريز اهلڪارن پنهنجي ذاتي وندر لاءِ ناٽڪ منڊليون قائم ڪيون. هنن عام ماڻهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ سماجي، تعليمي ، ادبي ۽ معاشي اصلاحات آنديا. هنن ان ڏس ۾ انگريزن کي قصا، ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ ، مضمون، تاريخ جا ڪتاب ۽ پڙهناما لکرايا يا ترجمو ڪرايا، جن ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ سنڌ جو عوام سنڌن بعيت ڪري ۽ دنگي ۽ فساد کان پاسو ڪري ۽ آرام سان ترقي ڪري، ڇوجو انهن ۾ ئي سنڌس ڀلو هوندو. مخالفت ڪندڙن کي هنن سخت سزائون ڏنيون. هندو ۽ مسلمانن کي هنن ورهايو ۽ حڪومت ڪيو جي بنياد تي ورهائي ڇڏيو. هنن خاص ادب تخليق ڪرايو يا ترجمو ڪرايو، جن ۾ وفاداري، تابيداري ۽ بعيت وارو لاڙو هو، انهن ڪتابن جي ليکڪن ۽ مترجمن کي خاص معاوضا ڏنا ويندا هئا. اصلوڪي ڪم جو اعزازيو الڳ هو تہ ترجمي جو الڳ . ڪجهہ خاص ڪمن لاءِ صلاحڪار مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ غير سنڌي ليکڪن جون خدمتون حاصل ڪيون ويندون هيون. خاص ڪتابن ۽ ترجمن لاءِ انعام ڏنا ويندا هئا.

انگريزن پنهنجي ٻولي مڙهن جي بجاءِ نئين چال تحت سنڌي ٻوليءَ کي هٿي ڏني، پر فلسفو پنهنجو مڙهيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو تہ ”حاڪم قومون هميشہ محڪوم قومن کي اها ڳالهہ سمهجائڻ جي

ڪوشش ڪندا آهن ته هيءَ شهنشاهت سندن مٿان خدا طرفان مقرر ڪيل آهي. انگريزن به هتان جي عوام کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهي ته سنڌ وارن تي هنن زوريءَ حڪومت نه آندي آهي، بلڪ قدرت سندن پلي لاءِ ڪين موڪليو آهي. حڪومت سان وفاداريءَ ۾ سندن ڀلو آهي“.(4) ناميارو ڪهاڻيڪار امرجليل لکي ٿو ته ”فاتح قومون ٻين قومن جي ملڪ ڪي طاقت سان يا ٺاهه ٺڳيءَ سان هٿ ڪرڻ ڪان پوءِ، سڀ ڪان اڳ ان قوم جي ٻولي ۽ تمدن کي تباهه ڪرڻ جو منصوبو رٿيندي آهن. انگريز سامراجين سنڌ تي مڪمل قبضي ڪرڻ ڪان پوءِ، معمول جي خلاف، سنڌي ٻوليءَ تي وار نه ڪيو. انگريزن جي ان چالبازيءَ جا ڳڻ اڄ تائين ڳايا وڃن ٿا ۽ اسڪولن ڪان يونيورسٽيءَ تائين ساراهيا وڃن ٿا. سامراجين، رٿيل منصوبي مطابق، سنڌ جي عظيم ترين شاعر لطيف سائينءَ ۽ سنڌ جي لافاني ۽ لاثاني باغي شاعر سچل سرمست جي ڪلام، ڪلام جي پرچار، پيغام ۽ حق جي آواز کي صوفي ازم جو ليبل هڻي ٻنهي جي هٿ ۾ يڪتارو ڏيئي ڇڏيو. هڪڙي ڪان چوايائون ”پيرين پوندي سان، نه چوندي سان، رهي وڃ رات پنيور ۾“، ۽ ٻئي ڪان چوايائون، ”جنهن دل پيتا عشق دا جام سو دل مست و مست مدام“. جابر ۽ ٺڳ قومون، جيڪي ويسا گهاتيءَ سان ٻين جي ملڪ تي قبضو ڪنديون آهن، سي اُن مفتوح قوم جي ادب مان باغي رجحانن کي ڪوري ڪڍڻ جي ترڪيب استعمال ڪنديون آهن“.(5)

انگريز حاڪمن پوري هندستان سميت سنڌ ۾ به اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندن پاران آندل شهنشاهت خدا طرفان مقرر ٿيل آهي.ان نئين فلسفي هيٺ ، هنن سنڌي ادب ۾ ناول نويسي ۽ ڪهاڻي نويسيءَ جي شروعات ڪرائي، جنهن ۾ اهڙو ماحول ڏنو ويو، جنهن سان شهنشاهت جي پرچار ٿئي. هڪ ڊگهي آکاڻي (ناليٽ نما) ”ينيي زميندار جي ڳالهه“ 1854ع ۾ غلام حسين قريشيءَ ترجمو ڪئي. البت آکاڻيءَ کي ديسي رنگ ۽ ڍنگ ۾ آڻڻ لاءِ ماڻهن ۽ ڳوٺن جا نالا مٽائي ٻيا وڌائين. ڪهاڻي نويسيءَ ۾ ان جي انهيءَ ترجمي کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. آکاڻي ۾ زميندارِي نظام جي حمايت ڪيل آهي. آکاڻي لاءِ آغا سليم لکي ٿو ته ”غلام حسين قريشيءَ ان ڪهاڻي کي اهڙو ته مقامي رنگ ڏنو هو جو، اها ڪهاڻي نج

سنڌي ڪهاڻي تي پئي هئي. ڪهاڻيءَ جي مقامي (ميرپور ماٿيلو ۽ ڍهرڪي) ڪردارن جا نالا پنيو ۽ اوپايو ۽ مسئلو زمين جو جهيڙو هو. جيڪو اڄ به سنڌ جي زرعي سماج جو وڏو مسئلو آهي".[6]

هڪ ٻي ڏکڻي آکاڻي (ناوليٽ نما)"سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه"سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۾ نهايت سهڻو نثري قصو آهي، جنهن کي 1855ع ۾سيد ميران محمد شاهه هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر "سبودي ڪبودي" تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن آکاڻي ۾ ٻن ڪردارن کي چٽيو ويو آهي. مگر ماڻهن جا نالا سنڌ جا ڪم آيل آهن. هن آکاڻي جي ٻن اهم ڪردارن ۾ سڌاتورو اسڪول وڃي، تورڙن ڏينهن ۾، بابنامو پڙهي ۽ ٻيا ڪتاب ڏسي، پاڻيهي سرت وارو ٿي وڃي ٿو. آخوند ۽ ٻين ماڻهن چيو ته هيءُ ڇوڪر تورڙن ئي ڏينهن ۾ لکپڙهه ۾ پڙُ ٿي ويندو. هوشيارپ جي ڪري تپيداري جي نوڪري مليس ٿي. محنت ۽ ايمانداري جي ڪري نامور مختيار ٿئي ٿو. ٻئي طرف ڪڌاتورو به گهڻا ڏکا ڪائي پڙهي منشي بڻجي ٿو. مگر بي ايمان ۽ رشوت خور ٿئي ٿو. هڪ دفعي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ گرفتار ٿئي ٿو ۽ سخت پورهي سان ٽيپ ڪائي ٿو. "سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري" جي ڳالهه ۾ آفيسر شاهي واري ذهنيت جو پرچار ڪرڻ ۽ وقت جي حاڪم جي قوت کي به تسليم ڪرائڻو هو. آکاڻي ۾ بنيادي نقطو انگريز راڄ ۽ سردار سان سهڪار ڪرڻ هو.

سڀ کان پهرين ناول جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو. راسيلاس دراصل انگريزي ادب جي مشهور نثر نويس ڊاڪٽر جانسن جو لکيل آهي. هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ لاءِ تعليم کاتي اشتهار ڪڍيو، ته جيڪو انهيءَ ڪتاب جو صاف سنڌي ۾ ترجمو ڪندو، تنهن کي سرڪار 300 روپيا انعام ڏيندي.هي اشتهار به ٽي سال لاڳاتار هلايو ويو. ان سلسلي ۾ ڪيترن ئي سنڌ مترجمن قسمت آزمائي، پر قبول نه ٿي پيا. ڇو جو سرڪار کي هڪ اهڙي ترجمي جي ضرورت هئي، جنهن ۾ انگريز برتريءَ جو روح سمايل هجي. اهو ڪم اڌارام ٿانورداس ۽ ساڌونولراءِ گڏجي آسان ڪري ترجمو ڪيو."هن ڪتاب ۾انسان ذات جي دماغي ۽ دلي طاقت ۽ خواهشن جون حقيقتون ۽ مثال، انسان ذات جي غم ۽ خوشيءَ جا سبب ۽ نتيجا، ۽ انسان ذات جي زندگيءَ جون منزلون ۽ مقصد ، هڪڙي

دلچسپ آکاڻيءَ جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن.هن ناول جو ٻيو موضوع آهي تلاش ۽ کوجنا. ناول ۾ حبش جو شهزادو راسيلاس ۽ سندس ڀيڻ نيڪايا ۽ عملاڪ نالي هڪ سائنسدان جي سنگ اچي شهزادن واري يڪطرفي زندگيءَ مان ڪڪ تي، مائٽن کي اطلاع ڏيڻ بنا لڪ چوريءَ نڪري دنيا جو سير ڪري وڏو تجربو حاصل ڪن ٿا. هن ناول ۾ سائنس ۽ ايجاد جي وسيلي هوا ۾ اڏامڻ جي اڳڪٿي پڻ ڪئي ويئي آهي".[7] هن ناول ذريعي شهنشاهيت جي پرچار ۽ خدائي خوف جو درس ڏنو ويو. هن ناول جي ڪهاڻي حبش جي شهزادي جي آهي جيڪو دنيا جي آزمودي پرائڻ لاءِ انسان ذات جي سک جي ڳولا لاءِ ٻاهر نڪري ٿو. هن ناول ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته يورپ جا سڄي دنيا ۾ ذهين ۽ سورهيه آهن.

"شهزادي چيو ته اهو ڇا آهي جنهن جي ڪري ڪان يورپ جا ماڻهو اهڙا سورهيه ۽ سگهارا ٿين ٿا؟

عملاڪ: سائين هو وڌيڪ طاقتور ۽ سورهيه هن ڪري آهن جو هو وڌيڪ سياڻا آهن. جيئن انسان ٻين جانورن تي پنهنجو عمل هلائي ٿو، تيئن پڙهيل ۽ سياڻو ماڻهو اڻ پڙهيلن ۽ اياڻن تي عمل هلائي ٿو. پر انهن ۾ دانش اسان جي دانش کان ڇو وڌيڪ آهي، تنهنڪري جو ڪو سبب آئون ڏئي نٿو سگهان پر ڇاڻجي ٿو ته اها خدا جي خواهش آهي".[8]

هي ڪتاب، جيستائين انگريز سرڪار سنڌ ۾ رهي، اهو مختلف ڪلاسن جي ڪورس ۾ لازمي رهيو. ترجمن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم ناول ، "طلسم" (Talisman) آهي. هي ناول جڳ مشهور ناول نگار سر والٽر اسڪاٽ جو لکيل هو. هن ناول لاءِ چيو وڃي ٿو ته ان جون شروعاتي قسطون بولچند ڪوڏو مل ترجمو ڪري "سرسوتي" ۾ شايع ڪرايون . بعد ۾ سندس اوچتي ديهانت ڪري، ٻيرو مل مهرچند مڪمل ترجمو ڪري ڇپرايو. عيسائي حڪمران رچرڊ ۽ سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جا معرڪا، رچرڊ جي بيماري ۽ ٻيون سازشون هن ناول جي ڪهاڻي بنائين ٿيون. ٻيا ڪردار راڻي، ضحاڪ شيدي، ايڊٿ ۽ سر ڪينٿ آهن. هي ناول عيسائين ۽ مسلمانن جي صليبي

جنگين تي ٻڌل هو ۽ عيسائيت ۽ عيسائين جي ڪاميابين وڏائي چڙهائي پيش ڪيو ويو.

مرزا قليچ بيگ جو ناول "زينت" 1890ع سنڌي ادب ۾ جديد ناول نگاريءَ جو پهريون مثال آهي. هن ناول جديد ناول جي پوري ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويئي. ناول جي اصل مقصد تحت زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪئي ويئي. حقيقت اها آهي ته هي ناول به سرڪاري فرمائش تي لکيل آهي. 1875ع ۾ پهريون دفعو، سنڌ جي تعليم کاتي اعلان ڪيو ته اسان کي هڪ اهڙي سنڌي ناول جي تلاش آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سماجي زندگي، خاص طور تي عورتن جي حوالي سان هجي. ان اشتهار ۾ چاٽايو ويو ته:

"A novel descriptive of the present domestic and social life, with particular reference to the condition of women in this Province, the main object being to expose the social prejudices and evil customs that have been detrimental to the true interests of the people(9)."

هن ناول ۾ مرزا قليچ بيگ انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. ٺيٺ سنڌي ماحول پيش ڪندي، رسمن ۽ رواجن جي خامين کي خوب ننديو آهي. جارج شرٽ (1843_1886ع) برطانوي مشنري مبلغ هو. هو 1873ع تائين حيدرآباد ۾ رهيو ۽ سنڌي ٻولي لکڻ، پڙهڻ ۽ ان بابت تحقيق ڪرڻ ۾ خاص دلچسپي ورتائين. حيدرآباد ۾ هو مشن سوسائٽي سان لاڳاپيل هو ۽ 1874ع ۾ واپس برطانيا هليو ويو. ٻن سالن کان پوءِ وري سنڌ واپس آيو ۽ ڪراچي مشن سوسائٽيءَ سان وابسته ٿيو. هن دفعي هن تمام گهڻو لکڻ جو ڪم ڪيو. جنهن ۾ سنڌي_انگريزي ڊڪشنريءَ جو ڪم به شامل هو." (10)حيدرآباد ۾ هن بائيبل جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جارج شرٽ، سنڌ جي اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جي شاگرد جي ڪورس تي رکيل جان بنيان جي ڪتاب "دي پلگرمس پروگريس" (The Pilgrim's Progress) جو ترجمو "مسيحي مسافر جو احوال" ٻن ڀاڱن ۾ 1877ع

۾ ڪيو. هي ڪتاب، سنڌ جي اسڪولن ۾ ڪورس جي رکيل هو ۽ انگريزن طرفان مشنري سرگرمين جو حصو هو. هن ڪتاب کي اصلي نالن ۽ ماڳن سان پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ اها پڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته انگريز معاشرو سڌريل ۽ سندن مذهبي تعليم سيني کان بهتر آهي. هن ڪتاب جو هڪ ٻيو ترجمو پرڀداس پيرومل (مرتيو 1943ع) ولد پيرومل مهرچند آڏواڻي "سالڪ جو سفر" جي نالي سان ڪيو هو.

مرزا قليچ بيگ، جوناٿن سئفٽ جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver's Travels جو ترجمو 1920ع ۾ "گليور جو سفر" جي نالي سان ڪيو. هي ڪتاب ارڙهين صدي جي ادب جو هڪ شهڪار آهي. اصل ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ آهي، پر مرزا صاحب صرف ٻن ڀاڱن جو ترجمو ڪيو آهي. گليور جو سفر" به هڪ طنزيه تصنيف آهي، جنهن سئفٽ جي طنز جو دائرو تمام وسيع آهي. سئفٽ ان تصنيف ۾ سڄي انسانيت جي حماقتن بڇڙائين ۽ اخلاقی ڪمزورين تی سخت چوٽون ڪري ٿو. "گليور جی سير ۽ سفر" تصوراتی يا خيالی دنيا جوڙي، حقيقی ڪردارن وسيلی ڪهاڻيءَ کی بيان ڪيو آهی. مرزا قليچ صاحب، ڪيل ٻن ڀاڱن جی ترجمی ۾ اهی حصا ترجمو نه ڪيا آهن، جن ۾ انگريزن جي سياسي ۽ سماجي بڇڙاين تي تنقيد ٿيل آهي.

انگريزي جي سموري دور جي ادب تي انگريزن جي عظيم قوم وارو فلسفو، سنڌي ادب تي غالب رهيو ۽ هنن هو ادب تخليق يا ترجمو ڪرائيندا رهيا ، جن مان سندن حڪومت کي اخلاقي ۽ قانوني جواز ڏنل هجي. سنڌ ڪيترن ئي اديبن ان ڏس ۾ سندن شان ۾ ناول، ناٽڪ، مضمون، شعر لکيا ۽ ڇپيا. اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻي وسعت پيدا ٿي، ترجمن سان سنڌي ادب جي سگهه ۾ واڌارو ٿيو ۽ نوان اديب ميدان ۾ اچي ويا، سياسي ۽ سماجي تنظيمن جي اجراع ٿيو، تعليم جي ڦهلاع ٿيو، ادب ۾ سماجي حقيقت نگاري جو رجحان وڌڻ لڳو. تڏهن سنڌ جي عام ماڻهن جي سوچ ۾ به ڦيرو آيو ۽ انگريز سرڪار جي خلاف نفرت ۽ حقن جي ڳالهه شروع ٿي ۽ انگريزن جي زوري مڙهيل "خدائي حق" واري فلسفي مان سنڌي ادب آزاد ٿيڻ لڳو. ان فلسفي جو دائرو گهٽجو ڪري درسي ڪتابن جي ترجمن تائين محدود هو، عوام ۾ ان جون پاڙون

ڪو نہ هيون. ان کان علاوه عام سنڌي عالم نثر جي پيٽ ۾ شاعري جي وڏيڪ ويجهو هو. جنهن جو اساس سنڌي قصن ۽ ڪهاڻين جي مظبوط قدرن تي بيٺل هو. جڏهن سنڌي نثري ادب ۾ معياري ترجمن سان گڏو گڏ طبعزاد ناول، ناٽڪ ۽ افسان لکجڻ شروع ٿيا تہ انگريزن جي "خدائي حق" وارو فلسفو بہ ختم ٿي ويو.

**قصصي ناولن جو رجحان**

19 صديءَ جي اختتام ۽ 20 صديءَ جي شروعات ۾ ، هندو سماج، تعليم جي ميدان ۾ ڪافي اڳتي اچي چڪو هو ۽ ڪيترين علمي، ادبي، سماجي ۽ ڌرمي سوسائٽيون، منڊل ۽ تنظيمون جوڙيون ويون، جن جو هڪ مقصد هندو سماج سڌارڪ موضوعن ۽ مسئلن تي ڪم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. ان سلسلي آريا سماج، برهمو سماج، سناتن ڌرم ، سنڌ هندو سڀا وغيره سرگرم تنظيمون هيون. 1901 ع ۾ سنڌي اديبن جو هڪ مشرڪ سيمينار ٿيو هو، جنهن ۾ ناول جي وڌندڙ شهرت جي ڪري اديبن فيصلو ڪيو تہ ناول جي صنف کي مڪمل سماجي ۽ اصلاحي ڪيو ويندو. اهوئي سبب آهي تہ 1901 ع کان سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا قصصي ناول لکيا ويا، جن ۾ هندو سماج جي پنگتي مسئلن ۽ انهن جي اوڻاين کي پيش ڪرڻ شروع ڪيو ويو ۽ ناول نما قصن جو دور ڪافي وقت هلندو رهيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ لکيو آهي تہ "هن دور ۾ ادب جي اشاعت ۽ ناولن جي ڇپائڻ جو سلسلو سڀ کان اول سماج سڌار ۽ پبلڪ ادارن طرفان شروع ٿيو، جن جو مقصد هندو سماج مان بڇڙين رسمن کي ٽڙي ڪيڍٹو هو. جيئن معاشرو صحتمند بنجي ۽ قوم جي اصلاح ٿي سگهي. ان کان سواءِ نئين زماني جي روشني ڦهلائڻ ۽ نون سڌارن ۽ ترقيءَ جي آگاهي ڏيڻ، جيئن قوم ان مان مستفيض ٿئي. سناتن ڌرم سڀا، سک ٽريڪٽ سوسائٽي، سنڌ جووينائيل سوسائٽي ۽ چند ٻيا ادار اڳ ۾ ئي اهڙي مشن کڻي ادبي ميدان تي پڌرا ٿيا ۽ پنهنجي مقصدن جي برصوابيءَ لاءِ اشاعت جو اهتمام ڪيو ۽ اهڙي طرح رسالن ۽ جريدن ۾ پهريون پيرو سلسليوار ناولن جي پذيرائي ٿي. اڌنسواءِ ساڳئي وقت ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور ۾ وڏا پبلشنگ ادارا تجارتي بنيادن تي قائم ٿيا، جن هر قسم جو ادب شايع ڪيو، جن ۾ اوائلي طور ڇپجندڙ ڪتابن ۾ ساين ئي سماجي قصن ۽ ناولن

جي پرمار هئي. ان باري ۾ مٿي ذڪر ڪيل سيا طرفان ”سناتن ڌرم پرچارڪ پتر“ جاري ڪيو ويو، جنهن هن دور ۾ سڀ کان وڌيڪ پنگتي قصا شايع ڪيا“.(11)

سناتن ڌرم وارن تمام گهڻا قصصي ناول شايع ڪيا جن ۾ ”دک روپ سنسار“، ”راج لڪشمي عرف پريم ليلا“ ، ”ستي لڪشمي“، ”رما لڪشمي“، سشيلا وڌوله“، ”شيلا جمنا“، ”بگڙيءَ جو سڌار، ”ويشيا ناٽڪ“، ”نٽئو عرف چنڊالن جي چوڪڙي“، ”آدرش ڏمپتي“ ، ”لتا ۽ للتا“ ، ”نقلي منڊم“، ”گنگا جو ڪٽنب“ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. هن قسم جي قصن جو بنياد ڪوڙيمل چندن مل، بنگالي قصن جي ترجمو ڪري وڌو هو، جنهن ”ٽي منڊيون“ ، ”ڪير جو ڪير“ جهڙا قصصي ناول لکيا. هتي

تيجو شرما ( 1873 _ 1947 ع) جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. هو ”سناتن ڌرم“ جي پرچارڪ پتر جو ايڊيٽر هو. سناتن ڌرم ڪي زور وٺرائڻ لاءِ سستو سنڌي ساهتيہ“ برپا ڪيائين. ان منصوبي تحت ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا. ان سلسلي ۾ تيجو شرما ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون ترجمو ڪيون“.(12)تيجو شرما .هندو سنسار“ (گجراتي تان)، ”نول لڪشمي“ (گجراتي تان)، .چڙواڳ رما“ (هندي تان)، ”پروبس سندري“ (هنديءَ تان)، انهيءَ کان سواءِ ”چنڊالن جي چوڪڙي“، ”نقلي ميم“، ”لتا ۽ للتا“ ،”رام لڪشمي“ ، ”سهاڳڻ“ ،”پتو رتي ناري“ ، ”ستي ساوتري“، ”منورما“، ”آنندپون“ وغيره اهم آهن. هنن ۾ ”نول لڪشمي“ ۾ ڪيترن ئي ڳالهين جو يتن ڪيل آهي، ليڪڪ ٻڌائي ٿو تہ ”جيئن پاپ، ڪرم ڪرڻ ۾ ڪونهي پر انتهہ ڪرڻ ۾ آهي. هڪڙي هندو وڌوا کي هر ڪنهن حالت ۾ سنجم ڪرڻ جي ڏاڍي ضرورت آهي ۽ حياتيءَ جي پوين گهڙيءَ تائين ڪيس پنهنجي پتيءَ ڪي سنمک سمجهي جيئري رهڻ جي ضرورت آهي“.(13)

مهراج تيجورام شرما کان پوءِ، جيٺانند رتني هو جنهن سناتن ڌرم جي پليٽ فارم تان ڪيترائي قصصي ناول لکيا، جن ۾ ”آدرش آتمارام“، ”پتورت ليلا“ وغيره. ناول ”هندو ڪٽنب“ جو هنديءَ ۾ لکيل ناول ”هندو گرهست“ تان ورتل هو، ۽ جنهن ۾ وئشيا ناچ جي ڪرم جا نقصان ڏيکاريل هئا.

سو اهڙو لوڪ پسند پيو جو انجو ٽيون ڇاپو 1922ع ۾ نڪتو هو. ۽ ”شيل جمنا“ جو ٽيون ڇاپو 1924ع ۾. ”هندو ڪتنب“ مان جيٺانند رتنيءَ جي رومانوي ناٽڪي لکڻي جو هيءَ حوالو آهي:

”بس! پوءِ ته سيٺ جو حڪم ٻڌي هڪدم ڳائڻ شروع ٿيو. نيٽُونءَ تي هڪ ٻئي پٺيان برهه جون ٻٽچيون اُڇليندي هوءَ ڪيترائي غزل ۽ ڪافيون چوڻ لڳي جن مان نموني طور هڪ ڪافي هن ريت آهي:

اڄ آءٌ منهنجا مٺا، ياڳ پلائي پانيان،

ياڳ پلائي پايان، باس پيرن جي وراهيان.

شڪاريءَ جي ٻاڻ ڪان جئن هرڻ گهائل ٿي اتي ئي ٺم تي پوندو آهي، تيئن اسان جي نيٽونءَ جو به معشوق جان جي ڪافين ۽ غزلن اهڙوئي حال ڪيو. هنجي پيار ۾ هو ديوانو ٿي ويو. جيڏانهن ٿي اک ڪنيائين اوڏانهن معشوق جان ئي معشوق جان ٿي ڏٺائين ۽ ٻيو ڪجهه به نه. جڏهن دل ڪي قابو نه رکي سگهيو تڏهن هنريت پڪاري چيائين ته پياري معشوق! دلدار معشوق!! تنهنجي اکين مان جادوءَ جي برسات پئي رهي آهي. بس! مون کي ته پنهنجو نوڪر ڪٺي ٻڌاءِ. پڙهڻ لکڻ سان منهنجو هاڻي ڪو ضرور ڪونهي. مان نه پڙهندس! نه پڙهندس!! ۽ نه پڙهندس!!!، معشوق جان_ پيارا بس! مان جنهن جي تلاش ۾ هيس سو اڄ مون کي ملي ويو. جنهن جي ڳولا ۾ وڏن وڏن سيٺين کي مون ڪين جهيڙو ٿي ليکيو، سو ئي جانب اڄ ملي ويم. بس يار! مون کي گلي سان لڳاءِ، ٻيو ڪجهه به نه گهرجيم“.(14)

روچيرام گنگارام سڏاڻي (1901_1968ع) جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. اين. جي. وي هاءِ اسڪول ۾ استاد هو. ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جن ۾ ناولن جا ’درگاوتي‘، ’گوري‘، ’آزاد خيال زالون‘ ۽ ’عمر مارئي‘ شامل آهن. سندس سيني ناولن ۾ ’آزاد خيال زالون‘، ڏاڍو مشهور ٿيو، جنهن ۾ هن نئين ايرنڊڙ سماج جي قدرن تي طنز ڪئي آهي. هن ناول لاءِ ملڪاڻي صاحب لکيو آهي ته ”هي ناول وڏواهه جي فائدي ۾ ۽ ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو. سڏاڻي صاحب جي عبارت سٺي ۽ پختي هئي.

منو تولارام گدواڻي (1911 – 1981 ع) جو جنم ڳوٺ ٻوبڪ، تعلقي سيوهڻ ۽ ضلعي ڄامشوري ۾ ٿيو. پاڻ شاعر، مضمون نگار، ناول نگار ڪهاڻيڪار ۽ ٻوليائي ماهر هو. هن ڪيترائي قصصي ناو هندو جيوت سنسار بابت لکيا. ان سلسلي ۾ سندس ناولن ۾ "واڻڪو وهنوار""وڏوا جي وارتا" ، "خونخوار خنجر" (جاسوسي ناول) ، سندس اهم ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جو اتهاس" (1968 ع) ۽ ڪي اهم مضمون مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيل آهن. سندس ناول "وڏوا جي وارتا" ۾ هڪ بيوه جي معاشرتي زندگي ڏيکاري وئي آهي ته هي سماج ڪيس ڪهڙين نظرين سان ڏسي ٿو. سندس هڪ ناوليٽ "پريم جو چوڪندو" آڪٽوبر 1967 ع جي ڪونج رسالي ۾ شايع ٿيو هو. هن قسم جي ٻين ليکڪن ۾ ويرومل ملاڻيءَ جا "ليلا" (گجراتيءَ تان)، ۽ "گنگا جو ڪٽنب" (گجراتيءَ تان)، ديودت ڪندرام جو "آنند مٺ"، منوهرداس ڪوڙيمل جو "سروجني" (بنگالي تان 1930 ع)، دروڪا پرشاد شرما جا "راجپوتي تلوار" (هندي تان 1926 ع)، ۽ "ويرڪماري" (هنديءَ تان 1932 ع) وغيره اهم آهن.

**ناول ۾ تاريخي واقعا نگاري**

انگريزن جي دور جي ناول تي تاريخي واقعن جو لاڙو غالب نظر اچي ٿو. تاريخي ناولن ۾ ماضي يا ان دور جي حالتن ۽ واقعن کي تاريخوار سهيڙي انساني جذبن ۽ احساسن جي پوشاڪ ۾ ڍڪي ڪنهن ناول ۾ اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ کي پيش ڪيو ويجي جو ائين محسوس ٿئي ته ڄڻ پڙهندڙ پاڻ اتي موجود هو. اهڙن ناولن ۾ ضروري آهي ته ڪردارن جا نالا تاريخي هجن، پر وقت، جڳهون ۽ واقعات به حقيقي هجن تاريخي ناول کي ان حساب سان ڪڏهن ڪڏهن افسانويت کان الڳ به سمجهبو آهي. انگريزي ادب ۾ سر والٽر اسڪاٽ (1771_1832 ع)خاص طور تي تاريخي ناولن جي ڪري سڃاتو ويندو آهي. سندس ڪتاب Talisman صليبي لڙاين ۾ غازي صلاح الدين جي ڪردار تي ٻڌل آهي. انگريزن جي دور ۾ ، سنڌي تاريخي ناول تي مذهبي رنگ وڌيڪ ڇانيل هو ۽ ان جوش ۾ غلط روايتون به شامل ڪيون وينديون هيون. هندو اديب، خاص طور تي هندستاني حڪمرانن جي معاملن ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندا هئا. ۽ ان دلچسپيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي اخلاقي ۽ گهريلو معاملن کي به ناڪاري

انداز ۾ پيش ڪندا هئا. ٻئي طرفان مسلمان اديب، مسلمان سورمن، غازين جي باري ۾ ناول لکندا هئا. ٻنهي قسمن جي ناولن ۾ ”سنڌ جي تاريخ “ غائب هوندي هئي. ان جو هڪ سبب اهو به هوندو هو جو اڪثر ناول ترجمو هوندا هئا، ان ڪري مقاميت نگاري جي لاڙي کان به خالي هوندا هئا.

تاريخي ناولن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ۽ ميلارام وسواڻي قابل ذڪر ناول نگار آهن. سنڌي ناول نگار ٻن گروپن ۾ ورهائجي ويا. مذهبي نظرياتي اختلافن تحت هنن مسلم ۽ هندو تاريخي قصن کي غير معمولي اهميت سان پيش ڪيو، پنهنجن پنهنجن سورهين ۽ جوڌن جي ڪارنامن کي وڌائي پيش ڪيو. محمد عثمان ڏيپلائي جا ”فتح فلسطين“، ”محمد بن قاسم“، ”ڪارا ڪافر“ وغيره، ٻئي طرف ميلارام وسواڻي جا ”راجا اشوڪ“، ”راجا چندر“، ”نند ڪماري کي ڦاسي“، ”رتنا“، ”چندر پال“ اهم ناول آهن. هنن ناولن سان مذهبي ڪٽرپڻي ۾ اضافو ٿيو ۽ غير حقيقي واقعا سنڌي ادب ۾ شامل ٿيا. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترائي تاريخي موضوعن تي ناول لکيا ويا جن ۾ خليق مورائي جو نالو سر فهرست آهي. سندس ”سندري“، ”ستيءَ جي ست“، ”عبرت“ وغيره اهم ناول آهن. نالي واري عالم هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ مغلن جي زندگيءَ تي ”نورجهان“ لکيو، جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو.

غلام احمد نظامي (1895_1951ع)، سنڌي زبان جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي. گهڻو ڪري قومي شعر چيو اٿس، ۽ مسلمانن جي عظمت رفت جو ذڪر ڪري، برصغير پاڪ وهند جي مسلمانن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيڻ لاءِ وڏي واڪي سڏيو اٿس. سيپٽمبر 1945ع کان ڊسمبر 1949ع تائين ماهوار رسالي ”اديب سنڌ“ جو ايڊيٽر ٿي رهيو، جيڪو ”جمعيت الشعراءِ سنڌ“ جي سهاري هيٺ لاڙڪاڻي مان نڪرندو هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن اسلامي تاريخ تي ”حور دمشق“ جي نالي هڪ ناول لکيو، جيڪو 1929ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي ديباچي ۾ لکيو اٿس ته ”اسلامي تاريخ جو سونو ورق ”حور دمشق“ جنهن ۾ خليفه اول حضرت ابوبڪر؄ جي عهد خلافت جا واقعا، حضرت خالد بن وليد جا حيرت انگيز ڪارناما، نمازين جي

شجاعت، همت ۽ توحيد جو مقابلو، اسلام ۽ نصريت جا محرڪ، عشق، محبت، هجر ۽ وصال جا دلفريب نظارا آهن“.(15)

علي نواز خان مرزا (1874_1972ع) مرزا جو تعلق حيدرآباد سان هو. بنيادي طور اسلامي تاريخ تي ڪيترائي ڪتاب لکيائين. هن جي اسلامي تاريخ جي ناولن ۾ ”انتقام“ (1928ع) ۽ ”سرفراز خا“ (1931ع)، ”ناصر سوداگر“ ۽ ”سرفراز ۽ رعنا“ اهم آهن. ”انتقام“ ۾ امامن جي جنگ جو ذڪر آهي. ان ڪان علاوه ٻيا به ڪيترائي تاريخي واقعن تي ناول لکيا ويا يا ترجمو ٿيا.

محمد صديق ”مسافر“ (1879_ 1961ع) مسافر ٽنڊي باگي، ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. ادبي دنيا ۾ شاعر، نقاد، محقق، مترجم، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ نصابي ڪتاب لکندڙ هو. محمد صديق مسافر ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون ڪهاڻيون لکيون. جيڪي الڳ ڪتابي صورت ۾ نه اچڻ ڪري گمنام ٿي ويون آهن. هن نه صرف ڪهاڻيون لکيون. پر ڪي تاريخي ناول ۽ قصا پڻ ترجمو ڪيا، جن ۾ ”سپاهي زاده“، ”گلبدن“ ، ”مهربانو“ ۽ ”ممتاز دمساز“، ”شريف شهزادو“ ۽ ”جڙتو شهزادو“ اهم آهن.

**جاسوسي ناول جي مشهوري**

جاسوسي ادب جي پنهنجي عجيب ۽ انوکي دنيا هوندي آهي. ماڻهو انهن کي پڙهي ٿو ته جهٽ گهڙي زندگيءَ جي مشڪلاتن ۽ مايوسين کان پري ٿي وڃي ٿو. جاسوسي ادب ۾ ڊراما لطف به اندوز ٿيندا آهن. ۽ فلمون به جڙنديون آهن. ڊرامن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوف وغيره جا موضوع هوندا اهن. جڏهن ته جاسوسي ناول وڏيڪ مقبول هوندا آهن. ناولن جو بنياد سر هيو والپول(1884_1941ع) وڌو. جاسوسي ناول وقت گذاريءَ ۽ لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بهترين ذريعو اهن. هنن ناولن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوفناڪ عمل وغيره جا موضوع هوندا اهن. جاسوسي ناولن دنيا جي ادب ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪئي، پنهنجي پڙهندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو. ”اها حقيقت عالم آشڪار آهي ته انگريزي ادب، شيڪسپيئر جي ادب ۽ شاعريءَ کان وڌيڪ جاسوسي ادب ذريعي ترقي ڪئي. ساڳيءَ طرح هندوستان ۾ اردوزبان جي ترقيءَ جون راهون به جاسوسي ادب کوليون. لکنؤ ۾ نولڪشور

پبلشر ۽ بڪ سيلر گهٽي ڪان گهڻا جاسوسي ناول ڇپايا. اهي ناميارن انگريز مصنفن جي ناولن جا ترجما هئا. اردوءَ ۾ ڪجھ جاسوسي ناول طبعزاد به لکيا ويا، جن جون پراسرار، کھاٽيون نوابن ۽ جاگيردارن جي محلن جي پرپاسي ۽ اندرين ڪمرن، تهخانن ۽ مندرن جي غفائن تائين گهمن ڦرن ٿيون ۽ وڪڙ ۽ چڪر ڏيئي آخرڪار ڳجهارت وانگر کلن ٿيون".(16)

دنيا جي مشهور جاسوسي ليکڪن ۾ آرٿرڪانن ڊائل، رائيڊرهيگرڊ، سئڪس روهمر، ڊئنس وهيٽلي، اگاٿا ڪرسٽي، جان ليڪار، ارل اسٽينلي گارڊنر، اي اي فيئر، رچرڊ ايس آٿر، جان ڊي ميڪڊونالڊ، جان ڊڪسن ڪار، مڪي اسپلين، ڪارٽر برائون، جان ڪريزي ۽ڊان بيلاٽي وغيره ڪي پيار سان پڙهيو ويندو آهي . انهن ناولن ۾ گهڻو ڪري هي ڪردار مشهور هئا: جاسوسن ۾ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس، ڏوهارين ۾ آرسين لوپن ۽رائمرڪيو ڊاڪو ۽ ايمليا ڪارٽر ڊاڪوءَ جي ساٿڻ وغيره. "شرلاڪ هومز، انتهائي مقبوليت ماڻيندڙ جاسوسي ڪردار، جيڪو برطانوي ليکڪ سر آرٿر ڪونئن ڊوئل تخليق ڪيو. هيءُ ڪردار پهريون پيرو 1887ع ڌاري هڪ افساني A Study in Scarlet ذريعي ڇپيل صورت ۾ منظرعام تي آيو، جڏهن ته ڪردار جي باقاعده مقبوليت جو آغاز 1891ع ڌاري، The Strand Magazine ۾ A Scandal in Bohemia نالي افساني ذريعي ٿيو، جيڪو 1927ع تائين جاري رهيو، جنهن دوران هن ڪردار تي ڪونئن ڊوئل لڳ ڀڳ چار ناول ۽ 56 افسانا لکيا. هن ڪردار جي اتساهه بابت چيو وڃي ٿو ته هي ڪردار، ايڊگر ايلن پوءَ جي افسانوي جاسوس ڪردار سي. آگسٽي ڊيوپن تان ڪنيو ويو، جڏهن ته خود ڪونئن ڊوئل جو چوڻ هو ته شرلاڪ هومز جو ڪردار، ايڊنبرگ جي هڪ حقيقي ڪردار کان متاثر ٿي تخليق ڪيو ويو، جنهن سان سندس ملاقات 1877ع ۾ ٿي هئي".(17)

لندن ۾ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس جا گهر (فرضي) بيڪر اسٽريٽ ۾ هئا. بيڪر اسٽريٽ اڄ به اتي موجود آهي ۽ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس جي فرضي ڪردارن جي ڪري مشهور آهي. انهن جاسوسن جي يادگار طور اُتي جاسوسي ناولن جا اشاعتي ادارا هئا. جهڙوڪ سيڪسٽن بلئڪ

لائبرري .اُن نالي سان جاسوسي ناول ماهوار شڪل ۾ شايع ٿيندو هو. سنڌي زبان ۾ انهن جاسوسن جي موت ڪان پوءِ جي فرضي ڪردارن وارا جاسوسي ناول، جن ناميارن اديبن ۽ ليکڪن ترجما ڪيا. "اُردو ۾ جاسوسي ادب جو خانو بہ ستو پريل آهي. ابن صفي، اڪرم الهہ آبادي، ايچ اقبال، ايم اي راحت، مظهر ڪليم، اظهر ڪليم، ايم. ايس. قادري ۽ اثر نعماني وغيره پاڻ ملهايو آهي. ابن صفي صاحب جو "عمران سيريز" ناول لکين ماڻهو پڙهندا هيا. هر مهيني هن جو ناول ايندو هو ۽ ماڻهو شدت سان انتظار ڪندا هيا. اردو ۾ جاسوسي ادب جي مقبول سيريز ۾ :عمران سيريز، فريدي حميد سيريز، انسپيڪٽر جميشيد سيريز،شرلاڪ هولمز سيريز، جيمز بانڊ سيريز، پرمور سيريز وغيره اهم آهن". (18)

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي نثر جي باقاعده شروعات ٿي، ناول، ڊراما، افسانا ۽ وغيره سنڌي ادب ۾ انگريزي اثر جي معرفت جاري ٿيا. هن ئي دور ۾ جاسوسي ادب جي نہ صرف شروعات ٿي پر پنهنجي عروج تي پهتل نظر آيو. هن دور جي ناول، ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن وٽ وڏي اهميت رکندا هئا. ڪيترائي جاسوسي ناول ۽ ڊراما لکيا ويا ۽ شايع ٿيا. جن جو ذڪر پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ ڪيو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جو ذڪر صرف محمد بخش جوهر پنهنجي مضمون "سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب" ۾ ڪيو آهي. ان دور ۾ ڪي خاص ادارا هئا، ڪيترين اخبارون ۽ رسالا قسطوار جاسوسي ناول شايع ڪندا هئا ۽ ڪجهہ ادارا بہ جاسوسي ادب جي فروغ جي سلسلي ۾ ڪليل هئا.

سنڌي ۾ سڀ کان اول احمد خان جلباڻي ولد تگيو خان جلباڻي، پرين جي پرسان جلباڻين جي ڳوٺ جو ويٺل هو، تنهن رينالڊس جي مشهور ناول (Mysteries of the Court of London) جي هڪ حصي جو ترجمو "تينهن نيائڻ" جي نالي سان 1890ع ۾ ترجمو ڪيو. اصل ناول 1844ع ۾ 52 ڀاڱن ۾ شايع ٿيو، جنهن جو هن ناول ۾ لندن شهر جي هيٺئين ڪلاس ۾ فحاشي ۽ سماجي اقربا پروري ۽ ڪرپشن جا داستان لکيل هئا. هن ناول ۾ رينالڊس لندن جي انتهائي اندروني ۽ خفيہ رازن کي فاش ڪيو آهي، جنهن ۾ ان

دور جی نوابن ۽ اميرن جا ڪرتوت ظاهر ٿيل هئا“.[19] پر سنڌي ادب ۾ جاسوسي ادب جي باقاعده شروعات 1910ع کان شروع ٿي، جڏهن مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراڻيءَ قسطوار ناول ترجمو ڪيا. پر جاسوسي ادب جو عروج 1914ع کان باقاعده نظر اچڻ لڳو. ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون جاسوسي ادب شايع ڪرڻ لڳيون. ”هفيتوار ناول اخبار“ ، ڪراچي، مهاوار جاسوسي چڪر، شڪارپور، ماهوارا جاسوسی دنيا چوٽڪی گهتی، حيدرآباد وغيره اهم هئا. هفتيوار ’ناول اخبار‘ ، ’ مسٽريز آف سنڌ‘ به شايع ڪيو هو، جيڪو ناول ڇهن پاڱن ۾ هو. ڏنو مل بصر مل حيدرآباد جو هڪ مشهور ۽ آڳاٽو ڪتب فروش هيو هن ڪيترائي جاسوسي ناول ڇپرايا . هن ٻارن لاءِ هفتيوار ”ڪرانتي“ ۽ جاسوسي ادب لاءِ ماهوار ”پوشيده“خزانو“ ڪراچي مان جاري ڪيا. هن جی جاسوسی ناولن ۾ ”نڱن جو بادشاهه“ (1916ع)، ”نقاب پوش عورت“، ”شيطان خونی“، ”بدمعاشن جی پارليامينٽ“،“ پردي ۾ لڪل راز“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سندس باري ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکی ٿو ته: ”ماهوار اخبار ”پوشيده غيبی خزانو“ ، جنوري 1934ع کان وٺی مهاراج نارائڻ داس بصر مل شرما جی ايڊيٽريءَ هيٺ جاري ٿی. اخبار جو مئنيجنگ پروپرائيٽر هيمنداس ايسرداس ياڳناڙي ۽ مئنيجر نيڀداس ايسرداس ياڳناڙي هو. اخبار جی آفيس ڊينسو هال جی پرسان بندر روڊ ڪراچيءَ تی هوندی هئی. هيءَ ماهوار اخبار ڪي. جي. آڏواڻيءَ جی پايونيئر پرنٽنگ پريس ، حيدرآباد مان ڇپبی هئی“.[20]

1914ع ۾ مرزا قربان علی بيگ ۽ مرزا مدد علی بيگ جو “ مسٽريز آف حيدرآباد عرف ڪامل عيار“ جی عنوان سان جاسوسی ناول ڇپرايو. هن ڪتب فروش ٻيا به جاسوسی ناول ڇپرايا جن مان ”حيرت انگيز عرف شهزادو“ ، “ طلسم حيرت “ ۽ ”عقل چرخ بهادر جاسوس“ ذڪر لائق آهن. انهی ئی ڪتب فروش جنوری 1919 کان وٺی “ جاسوسی ناولس اخبار“ شروع ڪئی جيڪا نالی ۾ ته اخبار هی پر دراصل اهو لڳ ڀڳ 32 صفحن وارو رسالو هيو جنهن ۾ قسط وار جاسوسی ناولن کان سواءِ مضمون، خبرون ۽ لطيفه پڻ ڏنا ويندا هئا. 1915ع ۾ ڪاڪی پيرومل هڪ جاسوسی ناول ”وريل ۽ نعمت“ لکيو. هن ناول لاءِ هيري ٺڪر لکيو آهي ته ”هن ۾ هڪ ديسي جاسوس وريل مل جو ڪردار

خلقيو آهي. نعمت يا نعمتراءِ هن جو دوست آهي. هن قصي ۾ پيرومل صاحب حسيه، رومانچ ۽ انتظاري وارا عناصر خوبيءَ سان آندا آهن. هڪ خون جو معاملو پيش ڪري، ان پنيان راز کي ٺهه پهه کوليو آهي".[21]منو تولارام جو جاسوسي ناول ”خونخوار خنجر“ (1927ع) به ڏاڍو مشهور ٿيو. 1921ع ۾ خوشيرام موٽومل هيراننداڻي حيدرآباد مان هڪ ماهوار ”ناولس“ اخبار ڪڍي هئي، جنهن سان جاسوي ناولن کي ترقي ملي. . ” مسٽريز آف دي ڪورٽ آف لنڊن“ جهڙو جاسوسي ناول جيڪو ماستر هاسومل پيسو مل ليلا راماڻيءَ جو ترجمو ٿيل هيو اهو 1923 واري سال ۾ هن ”ماهوار ناول اخبار “ ۾ شايع ڪيو. مئي 1937 ۾ ڪراچي منجهان ” سنسار چڪر“ جي نالي سان رسالو شايع ٿيو جنهن جو پبلشر هونداراءِ پهلاجراءِ هيو. هن رسالي ۾ انگريزي ۾ لکيل جاسوسي ناولن جو ترجمو ڏنو ويندو هيو پر اصلي ليکڪن جو نالو ڪو نه ڏنو ويندو هيو. جن مترجمن اهي ناول ترجمو ڪيا انهن منجهان هاسو مل پيسو مل ناتاڻي، هيرانند طالب، محمد بخش سڪايل ۽ دولترام ڪلياڻي جا نالا ذڪر لائق آهن.

ماهوار ”سنسار چڪر“ جي لاءِ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو ته:”1927ع ۾ بوڪ سيلر ۽ پبلشر هونداراج پهلاجراءِ اينڊ سنز طرفان ”ماهوار سنسار چڪر“، هڪ جاسوسي رسالو جاري ٿيو. هي رسالو هر مهيني جي پنجين تاريخ تي شايع ٿيندو هو. ان جو هندستانين لاءِ ششماهي چندو اڍائي روپيا ۽ ٻاهرين لاءِ ٽي رپيا هوندو هو. نئين گراهڪ کي هڪ ڊائري ۽ ٽن روپين وارو جي قيمت وارو هڪ ناول مفت ۾ ڏنو ويندو هو. ان کان سواءِ خريدارن کي هر ڇهين مهيني هڪ ناول مفت ڏنو ويندو هو.“ هو وڌيڪ لکي ٿو ته: هن ماهوار رسالي ۾ نج جاسوسي ناول پوهندا هئا، جن مان گهڻا ترجمو ٿيل هوندا هئا. مگر اڪثر ڪري ليکڪن جا نالا نه ڏنا ويندا هئا. ماستر هاسومل ناتاڻي هن ماهوار جو مکيه ليکڪ هوندو هو.“[22]سنسار چڪر“ ۾ ڪوڙ سارا جاسوسي ناول شايع ٿيا انهن منجهان ڪجهه نالا هي آهن: ” لعل چٽي“ ” موت جو تجلو“ ” ڀيانڪ وچون“ ” خون جو پياسي“ ” خون جي تلاش“ ” سفيد ڀوت“ ” خوني اک“ ” ڀيانڪ بدمعاش“ ” ٽرين ۾ خون“ ” غئبي خون“ ” دشمن“، ” شيطان جي کوپڙي“ ” رازداري خوني“ ” شريف شيطان“ ” ڪرامتي انسان“ ” خوني تلوار“ ” قهري تلوار“ ”قاتل ڏينيو“ ”

قاسي" "نقاب پوش" "طوفان" "زهري تير" "موتمار بجلي" "زهري زخم" "دغا" "خوني بدلو" ۽ ٻيا شامل آهن.

اڳتي هلي جاسوسي ادب جي وڏيڪ ترقي ٿي. ان سلسلي ۾ محمد بخش جوهر لکيو آهي ته:"1935ع کان سنه 1946ع تائين وارو دور سنڌي ۾ جاسوسي ادب جو گهٽي کان گهٽو ترقيءَ وارو دور ليکيو وڃي ٿو. هڪڙي پاسي عام بوڪ سيلرن وڏي تعداد ۾ جاسوسي ناولن جا ترجما شايع ڪيا ٻئي پاسي مختلف نالن سان ماهوار جاسوسي ناول، اخبارون، رسالا هڪ سوءَ يا ان کان مٿي ٻه صفحن تي مشتمل رائل سائيز ۾ ناول جي صورت ۾ شايع ٿينديون هيون. ڇاپيٽي چوٽ تي چڙهيل هئي. اهي ادارا پيسا ڏئي جاسوسي ناول ترجمو ڪرائيندا هئا ۽ خريدارن جي ڪمي ڪا نه هوندي هئي. ناول هٿو هٿ وڪامي ويندا هئا".[23] سکر ۾ هري سنگهه سنس ڪتب خاني ۽ ڇاپخاني سوين جاسوسي ناول ڇپرايا هئا. سندس ڇپايل جاسوسي ناولن جي هڪ فهرست ۾ آرسين لوپن ڌاڪو ۽ بلئڪ جاسوس جا ڪجهه ناول هيٺ ڄاڻائجن ٿا :

آرسين لوپن ڌاڪو جا ناول (1) :نوجوان جاسوس، (2)غيبي خزانو، (3) چورن مٿان مور، (4) جهاز ۾ ڌاڪو، (5)جاسوس ۽ ڌاڪو، (6) ڪرامتي نيلم، (7) ولايتي ڌاڪو، (8) شريف ڌاڪو، (9) فرينچ ڌاڪو، (10) امير ڌاڪو، (11) جنتلمئن ڌاڪو، (12) ڪنيا جو قاتل، (13) ريشمي رومال، (14) عجيب شادي، (15) خون بيگناهه، (16) خوني چار، (17) عجيب خوني، (18) طلسمي دلپاڪ، (19)زهري خنجر، (20) عجيب چوري، (21) ڀهروپي ڌاڪو.

بلئڪ جاسوس جا ناول :

(1)پهاڙي وڇون، (2) عجيب ڏاڙيل، (3)هئبت ناڪ ڌاڪو، (4) وچتر ڌاڪو، (5) دغاباز دولتمند، (6) خوفناڪ ليڊي، (7) انسانن جي چوري، (8) چورن جي چاچي، (9) خوني بدلو، (10) ٻيٽ جي راڻي، (11) خوني شهزادو، (12) ڊبل ڌاڪو، (13) هوائي جهاز، (14) هينري گورڪ ڌاڪو، (15) دل جو دوست، (16) ڏاڪايل راڻي، (17) طوفان محبت، (18) نازنين يورپ، (19) خوني پستول .ڇيتمل ڪيئو مل بڪ سيلر، حيدرآباد جا ڇپرايل جاسوسي ناول : ڊبل لاش، خوني پيائتيو، معشوق چار، پستول باز معشوق، زبردست ڌاڪو،

طلسمي تهخانو، ڪاري جو يڪو (2 ڀاڱا) ، خوني ڪتو (2 ڀاڱا). ان کان علاوه شڪارپور جي پبلشر منشي پوڪرداس ڀاهران ڪجھ جاسوسي ناول ترجمو ڪري ڇپرايا. هتي ڪجھ مشهور جاسوسي اديبن جو جائزو ڏجي ٿو:

منشي خوشيرام (مرتيو 1919) ولد موٽومل هيراننداڻي لينڊ روينيو کاتي ۾ ملازم هو. نوڪري کان علاوه ڪتابت ڪندو هو. 19 صدي جا ڪيترائي نثري ڪتاب هن جي هٿن سا لکيل آهن".[24] ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون لکيائين. "1921ع ۾ خوشيرام موٽومل هيراننداڻي حيدرآباد مان هڪ ماهوار "ناولس" اخبار ڪڍي هئي، جيڪا جاسوي ناولن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مقصود هئي. هن اخبار جي ڪري سنڌي زبان ۾ ڪيترن ئي ناولن جو اضافو ٿيو".[25] "هن اداري ناميار انگريزناول نويس رينالڊ جي ناول جوزف ولمٽ جو ترجمو پندرهن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو. جاسوسي ناولاخبار جو ٻيو ناول 'لوز آف دي حرم' هو. جنهن جو ترجمو 'برقعي ۾ سرڪو' جي نالي سان ڪيو ويو. اهو ناول پنجن ڀاڱن ۾ ڇپيو. هن اداري جو ترجمو ڪرايل ٽيون ناول 'ميري پرائيس' هو، اهو به رينالڊ جو لکيل هو.ان ناول جا اٺ ڀاڱا هئا، جنهن جي قيمت 15 رپيا رکي وئي. جاسوسي ناول اخبار جا ٻيا ترجما ڪرايل ناول: گونگو دوست، دکياري، پراسرار جاسوسي ناول، ڇرويدمعاش،بناوتي ڊبل خون، ڪلجڳي سمي جي وارتا (چار ڀاڱا)، مسٽريز آف دي ڪورٽ آف لنڊن (ڏھ ڀاڱا)، رابرٽ مڪاير (ڏھ ڀاڱا) ۽ ٻيا ڪيترائي ناول هئا. هن اداري هڪ سنڌي مصنف جو سماجي موضوع تي لکيل ناول 'مسٽريز آف سنڌ' به شايع ڪيو هو، جيڪو ناول ڇهن ڀاڱن ۾ هو".[26]

واڌو مل مولچند سڀ کان اول مشهور شاعر ساميءَ جي ڇهن سؤن کان مٿي سلوڪ چوندي انهن کي ٻائيتاليهن مضمونن ۾ ورڇيو ۽ اهو "ساميءَ جا سلوڪ"، چونديل واڌو مل مولچند، ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل، حيدرآباد، 1946ع شايع ٿيو. واڌو مل مولچند "ساڌو هيرانند جو جيون چرتر" (1933ع) ۽ "ديوان موتيرام شوقيرام جو جيون چرتر" (1946ع) لکيا. سندس جاسوسي ناولن ۾ "خوني انتقام"، "شيطان ڌاڪو"، "چڪردار چوري"، "آنرري جاسوس" شامل آهن. دولترام ڏيئلداس موٽواڻي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ جاسوسي ناول "رهزن ٽولي"، "هرفن مولا"، "هئلر"، "رت جو سگنل"، "شيطاني پڪچر" شامل

آهن. انگريزي جاسوسی ناولن جی ترجمن ۾ ٻيا ٻہ هندو ليکڪ شامل رهيا، جو هندو ڪتب فروشن ۽ ادارن، ناميارن مترجمن ۽ مصنفن کی ان کري ترجيح ٿی ڏنی، جو انهن مترجمن جی چونڊ ٻين کان وڌيک بهتر هوندی هئی. مرزا قليچ بيگ، مرزا مدد علی سيرومل شاگرداڻي سميت ٻيا بہ ڪيترائي ناول نگار هئا، جن جاسوسي ناول لکيا.

## هندو مسلم جي سياسي نفاق جو ناول تي اثر

سنڌ جي مسلمانن توڙي، هندن جيڪي شروع ۾ ناول لکيا، انهن ۾ پنگتی، گهرو ماحول، سماجی مسئلا ۽ ٻيا اهم موضوع هوندا هئا. مثال طور: مرزا قليچ بيگ جو طبعزاد ناول "زينت" 1890ع ۾ ڇپيو. هی جو پهريون مثال آهی، جنهن ۾ زندگیءَ جی ڀرپور عڪاسی ڪندي سنڌي ماحول ڏيکاريل ۽ مدی خارج رسمن جی نندا ٿيل آهی. ڀيرو مل مهرچند جو طبعزاد ناول 'آنند سندريڪا' 1910ع ۾ ڇپيو. ان کانپوءِ 1917ع ۾ سندس سک انت ناول 'موهنی ٻائی' ڇپيو، جنهن ۾ هندو طرز زندگی ۽ سماجی مسئلا کنيا ويا هئا. 1915ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻیءَ جو ناول 'نورجهان' ڇپيو، جيڪو سنڌيءَ جو پهريون طبعزاد تاريخی ناول آهی. اهڙي طرح، هندو ڌرمی ناول بہ تمام گهڻا شايع ٿيا تہ مسلم زندگیءَ بابت بہ ڪافی تاريخی ناول شايع ٿيندا رهيا، جن ڪو بہ تضاد ۽ اٽڪاءُ ڪو نہ هو. پر اڳتی هلی، سياسی پارٽيون وڌنديون ويون ۽ صحافتی دنيا ڦهلجندي وئی، جنهن سان ٻنهی ڌرين ۾ هڪ اهڙو حلقو پيدا ٿی پيو، جن صدين جی صوفين جی ڌرتیءَ جی مذهبی بنيادن تی سياست ۽ نفاق پيدا ڪري وڌا، جنهن جو اثر سنڌي ناول تي بہ نمايا نظر آيو. هن قسم جی ناولن ۾ هيٺيان موضوع شامل هئا:

1. مذهبی عقيدن تی طنز
2. تاريخی واقعن کی وڌائی ۽ گهٽائی پيش ڪرڻ
3. مذهبی رهبرن تی ذاتی حيثيت ۾ تنقيد ڪرڻ
4. بادشاهن ۽ سپهسالارن کي گهٽ ڪري پيش ڪرڻ ۽ سندن شان کي گهٽ ڪري پيش ڪرڻ

5. هندو ڇوڪرن جي مسلمان ڇوڪري سان شادي ۽ مسلمان ڇوڪريءَ جي هندو ڇوڪري سان شادي

جيئن جيئن ملڪ ۾ سياسي حالات سنگين ٿيندا هئا، تيئن تيئن ، هن قسم جي ناولن جي اشاعت ۾ تيزي ايندي هئي. پر، هڪ ٻي ڳالھ ته هئي، جيڪا هميشه اتحاد، محبت ۽ ڀائيچاري وارا ناول لکندي هئي. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو ته:"1922ع تائين سنڌ جي ڌرتي، هندو مسلم نفاق سان پر ٿي چڪي هئي. غير مسلم ليکڪن طرفان مسلمانن جي مذهبي ۽ تاريخي اڳواڻن ۽ ڪردارن کي ٽوڙي موڙي پيش ڪيو ويو. مسلمان ليکڪن به ردعمل ۾ قلمي ڪاروائي ڪئي".[27]ناول ۾ سڀ کان وڌو رد عمل حڪيم عبدالخالق مورائي جي ناولن ۾ آيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته:"سنه 1923ع تائين حڪيم عبدالخالق مورائي جا ٽي ناول شايع ٿي چڪا هئا، اهي ٽئي تاريخي ناول هئا، جن جا نالا آهن: "سندري"، چترپتي" ۽ "ستيءَ جي ستيا". اهي ٽئي ناول سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جي پسمنظر ۾ لکيل آهن، جن ۾ راجا ڏاهر ۽ راجا ڇچ جو دور ڏيکاريو ويو آهي. هي ناول انهيءَ وقت جي لکيل هندن جي ناولن جي جواب ۾ لکيا ويا هئا، جن ۾ هنن مسلمانن جي لاءِ سخت ڪلامي ڪئي هئي".[28]پروفيسر صاحب سنگھه چندا سنگھه ڪراچيءَ جي ڊي.جي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. پروفيسر صاحب سنگھه، ٿامس هارڊي جي مشهور ناول The Mayor of Caster Bridge تان "بلو کوکر" کي سڌي طرح ترجمي ڪرڻ جي بجاءِ الٿو ڪيو. هن ناول ۾ مرڪزي ڪردار "بلو کوکر" جي باري ۾ مترجم ٻڌايو آهي ته "پهرين هن وٽ هاري هو ۽ پوءِ ڪمدار ٿيو. ناول جي ڪهاڻي لفظ به لفظ انگريزي جو ترجمو آهي ."مون جڏهن هارڊيءَ جي ناول "ميئر آف ڪاسٽربرج" پڙهي ڏٺم ته زال جي وڪري جي ڳالھ جا ان ڪتاب ۾ ڏنل آهي، سا بلو کوکر جي زندگيءَ سان مشابهت ٿي رکي".[29]هن ناول کي الٿو ڪرڻ دوران، مترجم ڪيترن ئي جاين تي اهڙا لفظ ۽ جملا استعمال ڪيا، جن سان مسلمانن جي دل آزاري ٿي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکي ٿو ته: "هن ناول جي ڪردارن کي مسلمانن جا نالا ڏيئي مصنف پنهنجي آريه

سماجي ذهنيت جو مظاهرو ڪيو آهي، ۽ انهيءَ مقصد مان هندو مسلمانن جي نفاق کي ظاهر ڪيو ويو آهي“.[30]

1931ع کان 1947ع دوران، سنڌ جو سياسي شعور عروج تي پهتل هو ۽ سياسي پارٽيون پنهنجي پنهنجي سياسي پليٽ فارمن تان سياست جو مظاهرو ڪري رهيون هيون. مسلم ليگ، ڪانگريس ۽ ٻيون ننڍيو پارٽيون پڻ پنهنجي زور ۽ شور سان ملڪي سياست ۾ موجود هيون . اهي پارٽيون ڪنهن نه هڪ ايجنڊا تي ڪو نه هيون. ڪي نفرت ته ڪي محبت جو درس ڏئي رهيون هيون. ڪانگريس اکنڊ هندستان ته مسلم ليگ پاڪستان زنده آباد جي نعري تي ساست ڪري رهيون هيون، اهڙي سياسي حالتن جو سنڌي ناول تي هاڪاري اثر پيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حيسن پنهنڻ لکي ٿو ته: ”هن دور جا ناول ٻن موضوعن جي ڪري مقبول ٿيا. پهريون ته معاشري جي برائين کي نروار ڪيائون، ان لاءِ ته معاشري جي اخلاقي اصلاح ٿئي. ٻيو موضوع هو هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ اختلاف کي وڌائڻ. اهو هڪ طرف مذهبي ته ٻئي طرف سياسي، جنهن ڪري هر ڪنهن اديب پنهنجن خيالن جو پرچار ڪيو. انهيءَ هلچل ۾ فرقيوارڻه رجحان ظاهر ٿيا ۽ ڪيترائي تاريخي ناول ادبي دنيا ۾ اچڻ لڳا. اديبن پنهنجي فرقي جي واکاڻ، بهادري ۽ شان شوڪت کي نروار ڪندي ڪيترائي غلط واقعا ۽ روايتون تاريخي ناولن ۾ شامل ڪيون “. هو وڌيڪ لکي ٿو ته: ”جيئن ته ان زماني ۾ غلاميءَ جون ڪڙيون تنگ ٿي چڪيون هيون ۽ هر ڪنهن انهن جي مصيبت کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ رٿون پئي رٿيون، تنهن ڪري هر ڪنهن اديب انهيءَ راهه ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفاق هڪ وڏي رڪاوٽ پيدا ڪئي هئي. انهيءَ رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ وري ٽيون موضوع ”اتحاد“ پيدا ٿيو هو“.[31]

ان دور جي سياسي هلچل ۾ ميلارام واسواڻي اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ هڪ ٻئي جي پويان ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا. سندس اڪثر ترجما ، بنگالي ادب تان ٿيل هوندا هئا. هن جي ترجمن جي خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته هن هندو سماج جي تاريخي واقعن ۽ پسمنظرن کي بنياد بڻائي ۽ وڌائي پيش ڪندو هو ۽ انهن مان ڪيترن جاين تي مسلمانن جي هيروز تي حملا ٿيل هوندا هئا. سندس ناولن جي ترجمن ۾ ”آگري جي ٻانهي“ (رميش چندر دت جي Slave Girl of

Agrah جو ترجمو 1936ع)، ”ڪمل ڪماري“ (رميش چندر دت جي Slave Girl of Agrah جو ٻيو حصو 1937ع)، ”رتنا (هندي 1939ع)، سنجوتي“ (هندي 1939ع)،”سماجڪ بلوو (شرت چندر چٽرجي 1941ع)، ”چندرپال“ (پريمچند 1945ع)، ”پتي پڳتي“ (هندي 1941ع)، ”نند ڪمار کي ڦاسي“(چندي چرن سين 1943)، تنهن کانسواءِ ميلارام صاحب ڪيترائي پنگتي ناول ترجمو ڪيا، جي گهڻو ڪري، نئين جڳ جي هندي افسانې نويسيءَ جي بانيءَ، منشي پريمچند جا لکيل هئا، جن مان مکيه هئا: ”نرملا“ (1931)، ”خوني سماج“ (1934) جو ”سيوا سدن“ تان سنڌي جيوت ۾ آندل هو،”سڪدار“، ”منوراما“، ”ڪرم پومي“(1940)، ”مايا چار“ (1940)، ”چندر چڪور“،”هاري جيت“(1943ع)، ”سنسار ليل“ (1945ع)، ”قرباني“ (1944ع)،”شيواجي“ (1944ع)، ”رتل راڻي“ (1945ع)، ”چندن منزل“ (1945ع)، ”رنگ مچل“ ، ”شيش محل“ (1938ع) ۽ ٻيا ترجما شامل آهن. سندس ناولن لاءِ ڊاڪٽر غلام حيسن پنهڻ لکي ٿو ته: ”ميلارام واسواڻيءَ جا ٻه تاريخي ناول ملن ٿا، جن ۾ هندو سورمن کي ساراهڻ لاءِ ڪيترين ئي فرضي ڳالهيون تاريخي ناولن ۾ شامل ڪيون ۽ مسلمانن جي خلاف نفرت پيدا ڪرڻ کي پڙڪايو. انهيءَ جدوجهد ۾ هندن جي پنهنجن سورمن کي واڪاڻيو ۽ ملسلمانن پنهنجي غازين ۽ بهادرن جي بيباڪيءَ کي عوام جي اڳيان آندو. انهيءَ چٽاپيٽيءَ ۾ ڪيترين ئي غلط روايتون ۽ واقعا پڙهندڙن جي ذهن تي آندا ويا“.(32)

مسلمانن طرفان، محمد عثمان ڏيپلائي انهيءَ ساڳي نفاق هيٺ تاريخي ناول لکيا. ان دور جي ڏيپلائيءَ جي ناولن ۾ گلستان حسن، حور بغداد، ڪتي جو....، سبڪتگين ۽ جئه پال، سومنات جي سندري ۽ ٻيا شامل هئا. ان دور جو مشهور ترين ناول’ رنگ محل ڏاهري رنگ محل‘ هو، جيڪو ميلارام واسواڻيءَ جي ناول ’مُغل رنگ محل‘ جي جواب ۾ لکيو ويو هو. هي ٻئي ناول فرقي پرستيءَ جي خدشي کي مدنظر رکي انگريز سرڪار پاران ضبط ڪيا ويا. ان ناول جي جواب ۾ محمد عثمان ڏيپلائي ”ڏاهري رنگ محل‘ لکيو. هي ٻئي ناول فرقي پرستيءَ جي خدشي کي مدنظر رکي انگريز سرڪار پاران ضبط ڪيا ويا.

ڏيپلائی صاحب جو ناول ”ڪتی جو.....“ ، جنهن جو پورو سرو ”ڪتی جو پٽ“ هو، جيڪو شيواجی تی لکيل هو. اهو ناول بہ هندن جی انهن ڪتابن جي ردعمل ۾ لکيل هو، جيڪی مسلمانن جی اخلاق ۽ ڪردار خلاف لکيل هئا.

ٻئی طرف، اتحاد جا پيروڪار ناول نگار هئا. ان سلسلی ۾ گلی سدارنگاڻیءَ ۽ ٻين اهڙا ناول لکيا، جن ۾ اتحاد جی ڳالهہ هئی. گلی سدارنگاڻیءَ 1941 ع ۾ ناول ’اتحاد‘ ڇپيو، جنهن ۾ هندو مسلم اتحاد جی جذبی کی اجاگر ڪرڻ ۽ مذهبی متڀيد کی ختم ڪرڻ جی ڪوشش ڪئی وئی آهی. هی ناول ان دور جی سياسی هلچل جی پسمنظر ۾ لکيل هو، جنهن تی ڪٽر پنگتی اڳواڻن گوڙ بہ ڪيو. هن ناول ۾ هڪ هندو ڇوڪریءَ جی هڪ مسلمان ڇوڪري سان شادي ڏيکاريل آهی. هن ناول ۾ ڀهريون پيرو راڄنيتي، آزاديءَ بابت انقلابي خيال، بردباريءَ سان ظاهر ڪيا ويا هئا.

**حوالا:**


1. ڈاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (جلد ٽيون)، سنڌي لئيگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2000 ع، ص 10
2. ڈاڪٽر شمس الدين عرساڻي: آزادي کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، 2009 ع، ص 97_98
3. ڈاڪٽر غلام حسين پناڻ:”سنڌي ناول جي ارتقا“،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986 ع، ص 194، 195
4. ساڳيو حوالو، ص 151، 152
5. امر جليل: ”لهندڙ سج جي لام“ ، ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي، 2010 ع، ص 15
6. آغا سليم: ”سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌيت“، (سنڌي ڪهاڻي، ترتيب ڈاڪٽر منوهر مٿلاڻي)، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي آف بمبئي، 2000 ع
7. مختيار احمد ملاح: ” سنڌي ناول جي تاريخ “ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010 ع، ص 49
8. منشي اڌارام ٿانور داس ۽ ساڌونولراءِ : ” راسيلاس “،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

9. Mukhtiar Ahmed Mallah: "Educational Progress in Sindh during 19th Century" (Compilation of Reports) , _ under publication

10. مختيار احمد ملاح: "مغربي سنڌ شناس"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2013ع، ص 296

11. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ"، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، 2009ع، ص 76

12. ڊاڪٽر در محمد، پٺاڻ: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۾ حصو" (پي ايچ ڊي ٿيسز" (قلمي)

13. تيجو شرما: "نول لڪشمي"،سناتن ڌرم پتر...

14. جيٺانند رتني: "هندو ڪتنب"، 1924ع

15. غلام احمد نظامي: "حور دمشق"

16. محمد بخش جوهر: "سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب" ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع

17. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد ٽيون: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ، حيدرآباد، 2011ع، ص 404

18. آن لائين انسائڪلو پيڊيا ، وڪيپيڊيا (اردو)

19. مختيار احمد ملاح: " سنڌي ناول جي تاريخ " ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 50، 51

20. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: ڪجهه پراڻا رسالا"، گل حيات انسٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان ڪنيل

21. هيرو ٺڪر:"مهرچند آڏواڻي"،فيونڪس بوڪس، حيدرآباد ,2007ع، ص 52

22. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ: ڪجهه پراڻا رسالا"، گل حيات انسٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان ڪنيل

23. محمد بخش جوهر: "سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب" ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع

24. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي:" اڻويهن صديءَ جو جائزو"، ماهوار پيغام، ڊسمبر، 1988ع

25. ڊاڪٽر خان محمد پنهور: ” ٻري جن جي ٻاري “،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1995ع
26. محمد بخش جوهر: ”سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب“ ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع
27. ڊاڪٽر در محمد پٺان :”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو“، ص 147
28. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ، ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“ ، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 165، 166
29. صاحب سنگهه، پروفيسر: ”بلو کوکر“، سنڌي ادبي بورڊ (ڇاپو ڇوٿون) 1972ع، ص 2
30. پٺاڻ ، غلام حسين، ڊاڪٽر: ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“ ، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 168
31. ساڳيو حوالو، ص 175
32. ساڳيو حوالو، ص 180

# برطانوي دور جي سنڌي ناول ۾ نوان لاڙا ۽ رجحان

انگريزن جو دور "جديد سنڌي ادب جو دور" هو. هن دور ۾ نوان لاڙا ۽ نيون تحريڪون شروع ٿيون. ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ سياسي شعور پنهنجي عروج تي پهتل هو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي مقالي "سنڌي ادب جا نوان موڙ" ۾ لکي ٿو ته "انگريزن جي آئي سنڌين جو نون نون علمن سان واهپو ٿيو. انگريزي ادب جي اڀياس ۾ قومي امنگ پيدا ڪيو. ماڻهن کي پنهنجي ڪمزورين جو احساس ٿيو. هن دور ۾ دنيا جون سياسي، اقتصادي ۽ سماجي حالتون بگڙيون جن برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي به متاثر ڪيو".(1)

نندي کنڊ جي تاريخ ۾ برطانوي دور قديم سماجن کان جديد سماجن ۾ پير پائڻ جي وچ وارو عرصو هو. هن دور ۾ صنعت، جهاز راني، واپار، زراعت، آبپاشيءَ ۾ مشيني دؤر جي شروعات ٿي جنهن سبب سماج ۾ تبديلي آئي. انگريزن جي دور کان اڳ سنڌي معاشرو گهڻو تڻو زراعت تي ٻڌل هو. انگريزن پنهنجي مفادن خاطر پاڻ سان جديد ٽيڪنالاجي به آندي. معاشرتي تبديليءَ سان گڏوگڏ سنڌي ادب ۾ به تبديلي ۽ نواڻ آئي. سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو سنڌي زبان کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ٿي. سڄي سنڌ ۾ تعليمي ترقي ٿي. هندستان سميت سنڌ ۾ سياسي، سماجي، ڌرمي ۽ انقلابي تحريڪون شروع ٿيون، جن سان سنڌي ڪهاڻيءَ جي موضوع ۽ بيان ۾ فني ۽ فڪري وسعت آئي. مغربي علمن ۽ ادبي تحريڪن هيٺ سنڌي ناول ۾ نوان لاڙا وجود ۾ آيا.

### ترجمن ۾ خارجي ادب اثر ۽ لاڙو

سنڌي اديبن جا انگريزن ۽ سنڌن علم و ادب سان مراسم وڌڻ لڳا. انگريزي ادب جيان، سنڌي ناول جي شروعات قصن ۽ ڪهاڻين سان ٿي. سنڌ جا لوڪ قصا، رومانوي داستان، سورهين جون بهادريون، بادشاهي عشق اڳ ئي سنڌ ۾ مشهور هئا. انهن مان ڪيترائي شاعري ۽ نثر ۾ لکجي به چڪا هئا.

## انگريزي ناول جوا ترجما

سڀ کان پهرين ناول جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو اهو هو ڊاڪٽر سيموئل جانسن جو لکيل ”راسيلاس“ (Rasselass) جنهن جو ترجمو ديوان اڌارام ۽ ساڌو نولراءِ گدجي 1870ع ۾ ڪيو. هن ناول جي ترجمي نگارن کي وڏا انعام اڪرام ڏنا ويا. ترجمن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم ناول”طلسم“ (Talisman) آهي. هي ناول جڳ مشهور ناول نگار سر والٽر اسڪاٽ (1771_1832ع) جو لکيل هو. هن ناول لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ان جون شروعاتي قسطون ساڌو هيرانند ترجمو ڪري ”سرسوتي“ ۾ شايع ڪرايون . بعد ۾ سندس اوچتي ديهانت ڪري، ڀيرو مل مهرچند مڪمل ترجمو ڪري ڇپرايو. سر والٽر اسڪا جو ناول ”اوانهو“ (Ivanhoe) هڪ تاريخي ناول آهي، جيڪو پهريون دفعو 1819ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ناول ٻارهين 12 صديءَ جي انگريز معاشري ۽ ٽي صليبي جنگ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هن ناول جي ”اوانهو“ هڪ اينگلو سيڪسن جي شاهوڪار خاندان جي ڪهاڻي مان هڪ آهي، جيڪو انگلنڊ جي نارمن جي هٿ اچي چڪو هو. ”اوانهو“ جي نواب پنهجي وفاداري نارمن جي بادشاهہ رچرڊ لاين هرٽ سان جوڙي ورتي هئي. هن ناول جو سنڌيءَ ۾ ترجمو صاحب سنگهہ ٻولسنگهہ 1938ع ۾ ”سيل پريڪشا“ جي نالي سان ڪيو هو. صاحب سنگهہ ٻولسنگهہ ، حيدرآباد جو رهاڪو هو ۽ سينٽرل اسٽامپ آفيس ۾ ملازم هو“.(2)

سنڌي ۾ سڀ کان اول احمد خان جلباڻيءَ ، جيڪو اُٺويهين صديءَ جو نالي وارو قصا نويس هو. تنهن رينالڊس جي مشهور ناول (Mysteries of the Court of London) جي هڪ حصي جوترجمو ”نينهن نيائڻ“ جي نالي سان ڪيو. 1921ع ۾ خوشيرام موتومل هيراننداڻي حيدرآباد مان هڪ ماهوار ”ناولس“ اخبار ڪڍي هئي، هن اخبار جي ڪري سنڌي زبان ۾ ڪيترن ئي ناولن جو اضافو ٿيو. رينالڊس جا سنڌيءَ ٻيا بہ ڪافي ناول ترجمو ٿيا، جن ۾ ڪي خوشيرام هيرانند پنهنجي ”ماهوار ناول“ رسالي ۾ شايع ڪرايا. مرزا قليچ بيگ وڏ ۾ وڏ ناول، انگريزي ٻوليءَ جي ادب تان ترجمو ڪيا آهن، جن ۾ ”سچي محبت“ نالي ناول لارڊ بيڪن جي Henrietta Temple تان

ترجمو ڪيو آهي، جيڪو 1914ع ۾ شايع ٿيو. مرزا صاحب هڪ ٻيو ناول ”راحيل“ جي نالي سان ڪنهن انگريزي ڪتاب تان ترجمو ڪيو، جيڪو 1914ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ اخلاقي قدرن جي پرچار ڪيل آهي. ساڳي سال مرزا صاحب ”زونونيه“ نالي هڪ انگريزي ناول ترجمو ڪيو ، جنهن ۾ هڪ مشرقي راڻيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي ۽ اهو هڪ تاريخي ناول آهي. اسڪولي ماحول تي هن فرار جي ناولن کي ترجمو ڪيو. مرزا قليچ بيگ، جوناٿن سئفٽ جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver's Travels جو ترجمو 1920ع ۾ ”گليور جو سفر“ جي نالي سان ڪيو. مرزا قليچ بيگ، 1944ع ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ليڪڪ ڪپتان جيمس جسٽيئن موريئر (1780ـ 1849ع) جي لکيل ناول Adventure of Haji Baba Isphani (1824) جو ترجمو ”حاجی بابا اصفهاني“ جي نالي سان ڪيو. ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻيءَ (1906ـ1978)، 1927 ۾ والٽر اسڪاٽ جي ناول The Heart of Midlothian جو اختصار”دلير دل نينگر“ نالي سان ڏنو، جيڪو ”نئين سنڌي لئبرريءَ“ ۾ ڇپيو هو.

ٿامس هارڊي جو سنڌي ادب تي ڪافي اثر رهيو آهي، خاص طور تي انهن اديبن تي جن، انگريزي ادب جو مطالعو ڪيو هو. صاحب سنگهه چندا سنگهه ، ٿامس هارڊي کان متاثر هو. هن ٿامس هارڊي جي مشهور ناول The Mayor of Caster Bridge تان ”بلو ڪوڪر“ التو ڪيو. انگريزن جي دور ۾ پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي کي پڻ ٿامس هارڊي جو اثر غالب آهي. سندس ناول ”پاڪ ۽ پاڪيزگي“ هارڊي جي Tess of D. Urervilles جو ترجمو آهي. هڪ ٻئي انگريز ناون نگار هال ڪين جا ٻه ڪي ناول سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا، جن ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ، هال ڪين جي ناول Eternal City جو التو ”پدما“ جي نالي سان 1939ع ۾ ڇپايو، جو هندستاني جيوت سان ٺهڪندڙ هڪ دلچسپ پنگتي ۽ سياسي ناول آهي. هيرانند سوڀراج هال ڪين جو White Prophet ”انصاف“ نالي سان ترجمو ڪيو .جان بنيان جي مشهور تمثيلي ناول Pilgrim's Progress جو جارج شرٽ ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌ جي اينگلو ورنيڪيولر اسڪولن جي شاگرد جي ڪورس تي رکيل هو. هن ڪتاب کي

اصلي نالن ۽ ماڳن سان پيش ڪيو آهي. ساڳي ناول جو ٻيو ترجمو پرڀداس پيرومل (مرتيو 1943ع)”سالڪ جو سفر“ جي نالي سان ڪيو .هي ناول عيسائي اصولن تي ٻڌل هو. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي ترجما آهن، جيڪي انگريزي ٻوليءَ تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا.

## بنگالي ناول اثر۽ ترجما

بنگالي ادب جي هڪ وڏي تاريخ آهي، جنهن ۾ ڪيترن ئي عالم، اديبن، شاعرن جو حصو آهي. خاص طور تي ارڙهين، اڻويهين ۽ ويهين صدين جو بنگالي ادب پنهنجي عروج تي پهتل هو، جنهن پوري برصغير جي ادب تي نشان ڇڏيا آهن. بنگالي ادب جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ رسول بخش پليجي لکيو آهي تہ: ”بنگال ۾ راجا رام موهن راءِ جي برهموسماج ۽ مهاراشٽر ۾ برهمڻ مخالف تحريڪ جي اڳواڻ جيوبا ڦلي جي ناهيل ”ستيا شوڌڪ“ سماج جهڙين سماجي سڌاري جي تحريڪن هندوسماج ۾ ڪافي هلچل پيدا ڪئي. ان کان علاوه تلڪ جي شروع ڪيل ڳڻيش پوڄا، بنگال جي انقلابين جي شروع ڪيل درگا پوڄا جون تحريڪون اهي سڀ هندستان جي وچين طبقي جي ماتحت هلي رهيون هيون انهن جي پويان جيڪو نظريو هو سو هندو دانشور طبقي جي ذهني تخليقن جي پيداوار هو. هنن دانشورن ۾ مشهور ناول نويس بنڪم چٽرجي شامل هو. جنهن بندي ماترم ۾ ڀارت ماتا جي نظريي مطابق ”بندي ماترم“ جو نعرو بلند ڪيو.“[3]

انگريزن جو دور سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم دور آهي، جنهن ۾ سنڌ سياسي ، سماجي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي رهڻي ڪهڻي ۾ تبديلي آئي. بنگالي جاڳرتا جي ڏس ۾ سڄي هندستان ۾ سماج سڌارڪ ديش ڀڳتي مالڪ جون تحريڪون برپا ٿيون. ان سلسلي ۾ ڪريم بخش خالد لکيو آهي تہ:” 1905ع ۾ بنگال جي ورهاڱي جي تحريڪ زور پڪڙيو جنهن ڪري هندن ۾ هڪ نئين جاڳرتا پيدا ٿي. هو ورهاڱي جي خلاف هئا. پنهنجي قومي اتحاد ۽ ناموس خاطر ، هنن هندو سماج مان براين ۽ اوڻاين جي خاتمي آڻڻ جي تحريڪ هلائي. هن دور ۾ ڪيترائي بنگالي ناول، ناٽڪ، ۽ ڪهاڻيون سنڌي ۾ ترجمو ٿيا. ميلارام منگتراءِ واسواڻي ’سماجڪ بلوو‘ ناول هو لکيو جيڪو بنگالي ليکڪ شري چندر چٽرجي جي ڪتاب جو ترجمو هو.“[4]جڏهن تہ راڌاڪشن چانڊواڻيءَ جو خيال آهي تہ: ”هن دؤر جو ادب پنهنجي دور جي احساس

ڪي ظاهر ڪرڻ جو مکيه وسيلو بڻيو. ٻاهرين ملڪن جي قومي، سماجي ۽ ادبي ويچارن جو به سنڌي ادب تي چڱو اَثر پيو. اِنهيءَ ڪري سنڌي ادب ۾ جُدا جُدا ڌارائن جو جنم ٿيو. ٿوري ۾ چئجي ته هن دؤر ۾ جدا جدا ٻولين جي ادب جا اَملهه رتن ترجمي ذريعي سنڌيءَ ۾ اَچڻ لڳا. بنگالي ادب جو به چڱو اَثر سنڌي ادب تي پيو. بنگالي رچنائن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. بنگالي ليکڪ گرديو ٽئگور، بنڪمچندر، شرت چندر سنڌي جڳت ۾ مشهور ٿي ويا. هن دؤر ۾ سنڌي ادب ۾ موضوع، هيئت توڙي ادبي روپن جي خيال کان جيتري گهڻائي نظر اَچي ٿي، اوتري اَڳين دؤرن ۾ ڪانه ٿي ملي". (5)

مشهور بنگالی شاعر، ناول نگار، مضمون نگار ۽ صحافی بنکم چندر چيٽرجی قومی ليکڪ طور وڏي شهرت رکی ٿو. بنکم چندر چيٽرجیءَ جو انگريز دور جی اوائلی سنڌی ليکڪن تی تمام گهڻو اثر رهيو.مشهور اديب، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار شرت چندر چٽرجیءَ جو ناول 'ديوداس' 1917ع هڪ رومانوي ناول آهی، جنهن جا مکيه ڪردار ديوداس، پاروتی ۽ چندرمکی آهن. هی ناول بنگال جي اوڻويهين صديءَ جي اوائلي سماجي زندگيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿو.

ٽئگور سنڌي علم ۽ ادب تي تمام وڏا اثرچڏيا آهن، ۽ سنڌي اديبن دل کولي کيس داد ڏنو آهي. ٽئگور 1923ع ۾ چندي جمع ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو. ٽئگورجي سنڌ ياترا کان پوءِ گرڌاري ڪرپلاڻي (جيڪو ٽئگورجي قائم ڪيل تعليمي اداري "شانتينڪيتن" ۾ پڙهيو هو) بقول ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جي ته "ٽئگور جي انساني دوستي امن پائيچاري ۽ قومي امنگ وارن خيالن سنڌي اديبن کي مٿس فريفته ڪري ڇڏيو ۽ سندس سنڌ ياترا سنڌي ادب جی تبديلی ۾ سنگ ميل ثابت ٿی". (6)

رابندر ناٿ ٽئگور ، پنهنجی دور جو تمام وڏو ناول نويس هو، سندس ناولن جو تعداد پڻ تمام گهڻو آهی. ناٽڪ سان گڏ. ٽئگور جی ڪيترن ئی ناولن جا سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. گلی سدا رنگاڻی ، ان دور ۾ سنڌ جی سياست، ادب ۽ سماجی خدمتن ۾ ڪافی حصو ورتو. هن ڪی ناول به لکيا، جن مان "گورا" جی عنوان سان 1938ع ۾ ٽئگور جو ناول ترجمو ڪيائين. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته: "هي هڪ مشهور پنگتي ۽ قومي

ناول آهي ۽ منجهس انگريزي پيءُ ۽ هندستاني ماءُ مان پيدا ٿيل هڪ نوجوان جي جدوجهد بيان ڪيل آهي“.[7] بهاري لال ڇاپڙيا ، ٽئگور جي هڪ سماجڪ ناول Two Sisters جو ترجمو ”ٻه ڀينر“ جو ترجمو ڪيو . چوهڙمل هندوجا 1963ع ٽئگور جي هڪ ٻئي ناول جو ترجمو ”سنجوڳ“ جي نالي سان ڪيو. ٽئگور جو هڪ ٻيو ناول ”اڪ سور“ پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. جڳت آڏواڻيءَ 1940ع ۾ ٽئگور جي هڪ ناول جو ترجمو ”بگڙيل ڪٽنب“ جي نالي سان ڪيو. ان دور هڪ ٻئي مشهور مترجم چوهڙمل ٽئگور جي نال The Wreck جو ترجمو ”طوفاني رنگ“ جي نالي سان ڪيو، جنهن ۾ سنسني وارا واقعا ڀريل آهن ۽ ان جي ڪردارنگاري به شاندار آهي. اي. آر. مائيداساڻيءَ ، ٽئگور جي سماجڪ ناول Two Sisters جو ترجمو ”ننڍي ڀيڻ“ جي نالي سان ترجمو ڪيو هو، ان کان 1943ع ۾ ايم. آر. مائيداساڻيءَ ڪهاڻي رسالو پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ رسالي ۾ ٽئگور جي ناول جو ترجمو ”بغاوت“ جي نالي سان ڪيائين، جيڪو آزاديءَ جي موضوع تي مبني هو.

مشهور بنگالي شاعر، ناول نگار، مضمون نگار ۽ صحافي بنڪم چندر چيٽرجي (1838_1894ع) بندي ماترم (هندستان جي قومي تراني) جي ليکڪ طور وڏي شهرت رکي ٿو.سندس باري ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکيو آهي ته ”هي پهريون ئي اديب آهي، جنهن جي فن ماڻهن کي جديد افسانہ نگاريءَ ڏانهن راغب ڪري، ان جو هيراڪ بنايو. هن کي سڏيو ئي ”ايشيا جو جادوگر“ ڪري ويندو هو“.[8] ديوان ڪوڙومل به بنگالي سماجڪ ۽ ساهتڪ جاڳرتا جي اثر هيٺ آيو. بنگالي ٻولي سکي، بنڪم چندر چٽرجيءَ جون پنگتي ڪهاڻيون: ”راڌا راڻي“ (1914) ”انديرا“ ، ”ٻه منديون“ (1914) ترجمو ڪيون. ديوان ڪوڙيمل 1918ع ۾ جي ناول جو ترجمو ”چندر مکي“ جي نالي سان ڪيو، جنهن ۾ گهريلو زندگيءَ جو چٽ چٽيل آهي. بنڪم چندر جي ناول Krishna Kanta’s Will جو ترجمو ”روهني“ جي ناولي 1920ع ۾ ڪيو. 1926ع ۾ مهراج ديو دت ”هندو آفيس“ مان ”آنند مٺ“ شايع ڪيو، جيڪو بنڪم چندر جي ناول جو ترجمو هو ۽ سياسي پسمنظر ۾ هو. پارومل، بنڪم چندر جا ٽي ناول ترجمو ڪيا، جيڪي ساڳي عرصي ۾ شايع ٿيا، انهن ۾

”آشا“، ”رجني“ ۽ ”چندر شيکر“ هئا. جڳت آڏواڻيءَ، بنڪم چندر جي تاريخي ناول جو ترجمو ”راجپوت رمڻي“ (1939ع) جي نالي سان ڪيو، ڇيتانند لعلواڻي 1946ع ۾ بنڪم چندر جي ناول ”راجسنگهه“ جو ترجمو شايع ڪيو.

سرت چندر چئٽرجي (1876_ 1931ع) ، 20 صديءَ جي بنگالي ناول نويسيءَ ۽ افسانہ نويسيءَ جو هڪ تمام وڏو نالو آهي. سندس جنم اتر بنگال جي هوگلي ضلعي جي ڳوٺ ديباندارپور ۾ موتي لال ڇيٽوپوڌي جي گهر ۾ ٿيو. سندس اڪثر لکڻين ۾ عام زندگي جي ڏکن، ڏولائن، جدوجهد ، ڳوٺاڻي زندگي، ۽ سماجي مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ آهي، اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي دور ۾ ليکڪن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مشهور هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ: ”ٻيو بنگالي ناول نويس سرت چندر چئٽرجي هڪ ماڻيٽو، پر اونهن ويچارن ۽ مانسڪ کوجنا وارو ليکڪ آهي، جو بنڪم کان گهڻو گوءِ کڻي ويو آهي“.[(9)]

سنڌي زبان ۾ شرت چندر جا تمام گهڻا ناول ترجمو ٿيا، جن جا مترجم گهڻو ڪري چوهڙمل، جڳت آڏواڻي، ڏيارام سيواڻي، ڇيتانند هنگوراڻي ۽ ٻيا شامل آهن. جڳت آڏواڻيءَ جي ترجمن ۾ ”وڏي دادي“ (1939ع)، ”شطرنج جو کيل“ (1940ع) ۽ ”آخري التجا“ (1940ع)، ”راڄپوت رمڻي“ (1939ع اهم آهن.ميلارام منگترام، سرت چندر چئٽرجيءَ جي هڪ ناول جو ترجمو ”سماجڪ بلوو“ جي نالي سان ڪيو. هن ناول ذريعي ڪيترن ئي هندو سماج جي اوڻاين جي تصوير چٽي وئی آهی ۽ سماجی اوڻاين ۽ ان جی خوفناڪا نتيجن کی نندیو ويو آهی“. سنڌي ٻوليءَ جي هنن ليکڪن بنگالي ناول جا تمام گهڻا ترجما ۽ ۽ اثر قبول ڪيو.

## جدت پسندي (Modernity) جو لاڙو

نندي کنڊ جي تاريخ ۾ برطانوي راڄ جو عرصو، قديم سماجن کان جديد سماج ۾ پير پائڻ جو وچ وارو عرصو هو.ڇاڪاڻ تہ يورپي طاقتون صنعت، جهاز راني، واپار، مشينن ۽ جنگي ميدان ۾ نئين تهذيب جون اڏيندڙ هيون.انگريزن پنهنجي مفادن سان گڏ، هتي اها ٽيڪنالاجي بہ کڻي آيا جو هو سچ پچ تاريخ ۾ داناءَ دشمن ٿي پيا، جڏهن تہ مقامي حاڪم، جاگيردار قوتون نادان دوست

هيون.ريلوي، ٽيليفون، جديد آبپاشي سرشتو ۽ يورپ جي علم ۽ اتان جي صنعت تاريخي قوتن جي اوسر ڪئي.انگريزن هتي جديد علم متعارف ڪرايا. هتان جي عوامي سهڪار سان نوان اسڪول، ڪاليج کلي پيا، جن ۾انگريزي زبان سان گڏ سنڌي زبان به وڏي ترقي ڪئي. يورپ جي سائنسي علمن سان هتان جي عوام ڪي واقفيت حاصل ٿي. انهيءَ پاليسي تحت هتان جا ماڻهو جديد تعليم وٺڻ لڳا.

انگريز دور حڪومت ۾ جدت پسنديءَ باقاعده هڪ تحريڪ جو روپ اختيار ڪيو. سنڌي شاعري ۾ جدت پسندي جو رجحان 20 صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ سانگيءَ ۽ بيوس جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. 1930 ع کان پوءِ مغربي ادب جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۾ ڪيترن ئي نون لاڙن ۽ تحريڪن جنم ورتو ۽ ڪيترين ئي ادبي جماعتون وجود ۾ آيون. جن جدت پسند تحريڪ کي زور وٺرايو. انهن جماعتن ۾ سنڌي ادبي سرڪل (1943 ع) انجمن ترقي پسند مصنفين (1945 ع) جو وڏو ڪردار آهي. جدت پسنديءَ جي ڪري، ناول ۾ حقيقت نگاريءَ جو لاڙو به رائج ٿيو.

مرزا قليچ بيگ پهريون سنڌي ناول نگار هو، جنهن اهڙن ناولن جي چونڊ ڪئي، جيئن علمي، معاشي ۽ معاشرتي سجاڳي ۽ قوم کي وڏي مقام تي پهچائجي. هن ان ڏس ۾ ڪيترائي ناول ترجمو ڪيا ديوان ڪوڙيمل بنڪم چندر جي تاريخي ناولن جا ترجما ڪري قومي سجاڳي واري موضوع کي ڪنيو. ديوان پريتم داس جو "عجيب پيٽ" پهريون حقيقت وارو ناول هو، جنهن ۾ هندن توڙي مسلمان جيوت جا نقش ملن ٿا. پيرومل ۽ لعلچند اهڙا ناول لکيا، تن اهو سڏارو آندو جو پڙهندڙن جي دلين کي ڇهي ويا. پيرومل جا "موهني بائي" ۽ "آنندسندريڪا" اهڙا ناول آهن جن ۾ ان زماني جي هندن جي گهرو ۽ پنگتي جيون جو سڌو سنئون عڪس ملي ٿو. لعلچند جي "چوٽ جي چنڊ" ۾ سنڌي مسلمانن جي پنگتي زندگي چٽيل آهي.

ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ سڄي دنيا ۾ روشن خيال فڪر جي لهر ڇانجي ويئي، جنهن جو اثر هند، سنڌ ۾ به ٿيو ۽ هتي ادب ۾ باقاعده دنيا جي مشهور اديبن جا ترجما ٿيا جهڙوڪ ٽالسٽاءِ، ٽئگور، والٽيئر، ميڪسم گورڪي وغيره

جا ڪتاب بہ ترجما ٿيا. جنھن سان اھو فائدو ٿيو تہ سنڌ ۾ دنيا جي مختلف عالمن، فلسفن اديبن جا نظريا ۽ خيال آيا ۽ ذھني سطح تي تبديلي آئي. ان ئي دور ۾ سنڌ ۾ طبع زاد ناول بہ لکجڻ شروع ٿيا جن ۾ مرزا قليچ بيگ، نرمل جوتواڻي، گلي سدارنگاڻي، ديوان پريتم داس، ديوان ڪوڙومل، صاحب سنگھ چنداسنگھہ، نانڪرام ڌرمداس، شيوڪ ڀوڄراج، چيتانند ٽڏومل، پروفيسر موٽومل، تولارام گڏواڻي، سگڻ آھوجا، پروفيسر رام پنجواڻي، چيتا نند لعلواڻي، آسانند مامتوراءِ، ديو سياڻي وغيره جا ناول شامل ھئا. ھن دور ۾ ناول ۾ خاص طور سان اصلاحي سماجي گھر گرھستي جي بدلجندڙ قدرن جھڙا رجحان موجود ھئا. ھن دور ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناول ”زينت“ سماجي حقيقت نگاريءَ جو پھريون بھترين مثال آھي. پريتم داس جو ”عجيب پيٽ“ ٻيو اھم مثال آھي. ان کان پوءِ لعلچند جو ”چوٿ چنڊ“ ميلا رام وسواڻي جو ”شيلا“، پروفيسر نارائڻ داس يمياڻيءَ جا ”وڏوا“ ۽ ”غريبن جو ورثو“ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جا ”لطيفا“ ۽ ”چانديءَ جو چمڪو“ سماجي حقيقت نگاريءَ جا بھترين مثال آھن. ھنن ناولن ان دور ۾ اھڙا چٽ چٽيا، جيڪي ان دور جي سماجي زندگي جي ھوبھو عڪاسي ڪن ٿا.

شيوڪ ڀوڄراج جا ناول ”آشيرواد“ ۽ ”دادا شيام“ ۾ قومي آزادي واري سجاڳي جو اولڙو پيش ڪن ٿا. آسانند مامتوراءِ جي ناول ”شاعر“ ۾ زندگي جي اعليٰ آدرشن ۽ فلسفي جي اپٽار ڪيل آھي. گلي سدار نگاڻي پھرين خاتون ناول نويس ھئي، جنھن ”اتحاد“ جھڙو شاندار ناول لکيو، جنھن ھندو مسلم اتحاد کي وقت جي اھميت قرار ڏنو. پروفيسر رام پنجواڻي جو ”لطيفا“ ۾ سنڌي مسلمان ڪاشيگارن جون مشڪلاتون پيش ڪيل آھن. پروفيسر نارائڻ داس جو ”غريبن جو ورثو“ اھم جاءِ والاري ٿو.

**ترقي پسند لاڙو**

غلامانہ دور ۾ جاگيرداري واري سماج جوتصور ۽ ان خلاف ٿيندڙ جاکوڙ کي ترقي پسند نظريو سمجھيو ويندو آھي. جاگيرداري کان پوءِ سرمائيداري واري نظام خلاف جدوجھد بہ ترقي پسندي جو نظريو چئجي ٿو. آسانند مامتورا اديب ھو، جنھن پنھنجي ڪھاڻين ۽ ناولن ۾ نفسيات ۽ جنسيات جي موضوعن کي

آندو. گوبند مالهي جا 1946ع ۾ ٽي ناول شايع ٿيا. جيڪي ان دور جي باغي نوجوان جي خيالن جي اپٽار ڪن ٿا. هنن ۾ ”ساٿي“ قومي موضوع تي، ”قاسيءَ جي ڪوٺڙي“ (ترجمو) انقلابي موضوع تي هئا. اهڙي طرح 1947ع ۾ شايع ٿيل ناولن مان ”انقلابي شاهراهه“ بغاوت ۽ انقلاب اهم موضوع آهي. ”ساٿي“ ۾ ترجمي جو مقصد هارين، مزدورن ۽ پورهيتن ۾ سجاڳي آڻڻ هو. هن ناول جو اصل ليکڪ پشپال (هندي) هو. سندس ٻيو ناول ”چتر ليکا“. دراصل احمد قديمي قاسمي جي ناول جو ترجمو هو. هن ناول جو مرڪزي خيال ٻي جنگ عظيم جي پسمنظر ۾ هو. هن ناول جنگن ڪي انسانيت لاءِ تباهي ۽ بربادي ڄاڻايل آهي. ”انقلابي شاهراهه“ اصل ۾ آنچل جو هندي ۾ لکيل هو، جنهن جو هن سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ۽ 1948ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو مقصد اهو ئي هو ته ملڪ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ سيني ماڻهن کي متحد ٿيڻو پوندو. اهو ئي سبب آهي جو گوبند مالهيءَ هن ناول جو نالو ”انقلابي شاهراهه“ رکيو. ميلهارام رنگومل مائيداساڻي جو شمار سنڌي ادب جي وڏن ڪهاڻيڪارن ناول نگارن، ڊراما نويسن ۽ ترجما نگارن ۾ ٿئي ٿو. 1943ع ۾ ”ڪهاڻي“ رسالو ايم آر مائيداساڻي ڪنيو ۽ ان جي ساپي هيٺ ساڳي سال ”بغاوت“ ناول شايع ڪيائين جو ٽئگور جي هڪ ناول جو اردو تان ترجمو ڪيل هو. 1945ع ۾ املا ديويءَ جي قصي ”ديش شيوڪ“ جو ترجمو ڪيائين، جنهن ۾ ان ڪردار جي ديس جي آزادي لاءِ قرباني ڏيکاريل هئي. 1947ع ۾ ٽئگور جي Two Sisters جي رٿا تي ٻڌل ننڍو ناول ”ننڍي ڀيڻ“ ڪڍيائين، پر اهو الٽو ڪري سنڌي ماحول ۾ ٻهاريل هو. هن ناول ۾ مائيداساڻيءَ جي لکڻي چڱي ۽ سليس آهي. گلي سدا رنگاڻي هندستان جي سياسي هلچل ۾ حصو ورتو. سندس ناول ”گورا“، اتحاد ۽ ترقي پسند لاڙي جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا.

**ديسي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو لاڙو**

انگريزن جي دور ۾، سنڌي ادب جي ترجمانگاريءَ ۾ هڪ نئين روايت پئي، جنهن جو وڏو حمايتي مرزا قليچ بيگ هو. ان روايت موجب، سڌي ريت ترجمي جي بدران الٽي ڪرڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. ناولن، ڪهاڻين ۽ ڊرامن جي اصلي ماحول، ڪردارن ۽ فلسفي کي تبديل ڪري سنڌي ماحول سان ٺهڪائيندا هئا. ان سلسلي ۾ پروفيسر

منگھارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي تہ:”ٿلتي ڪرڻ جو رواج سنڌي ساهت ۾ پيو آهي، سو ٻين ملڪن جي ادب ۾ ورلي ڏسڻ ۾ تو اچي. بلڪ اسان جا ديسي سڌريل ساهتن جهڙوڪ هندي، بنگالي، مرهٽي ۽ گجراتي ۾ ڌارين ٻولين مان ترجمو ڪندا تہ نالا، مڪاني حالتون وغيره سڀ ان ملڪ جون قائم رکندا. جنهن بابت ڪتاب لکيل هوندو، تہ انهن کي ڦيرائي گهيرائي هرو ڀرو هندستاني حالتن سان نهڪائيندا، جيئن سنڌي ترجمان ڪن ٿا. انهيءَ عادت جي برخلاف ٻہ سبب آهن: هڪ تہ ڌارين حالتن کي مروڙو ڏيئي ڏيهي رواجن سان نهڪائڻ اڪثر ڪري ناممڪن آهي، ۽ جڏهن ڌاريون رسمون ڏيهي زندگيءَ سان ڦهڪائڻ ۾ توري ئي ڦڪائي ٿي، تہ ڪهڙو بہ زبردست ڪتاب ترجمي ۾ بي اثرائتو ٿيو پوي“.(10)

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻيءَ جو ”پاڪ ۽ پاڪيزگي“ ، مشهور انگريز ناول نگار ٿامس هارڊي جي ناول Tess of Durbereillies جو الٿو آهي. جيتوڻيڪ پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جو ترجمو، ٻولي وغيره شاندار آهن، پر ان جو ماحول سنڌيءَ سان نهڪي ڪو نہ ٿو. ساڳي انگريز ناول نگار جي هڪ ٻئي ناول Mayor of Casterbrdge جو الٿو پروفيسر شاهاڻيءَ ”بلو ڪوڪر“ جي نالي سان ڪيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ وضاحت بہ ڏنائين، پر ماحول جي زبردستيءَ ڀيٽ ڪئي وئي آهي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ هال ڪين جي ناول Eternal City جو الٿو ”پدما“ جي نالي سان ڪيو.

مشهور ماهر تعليم ۽ اديب محمد صديق ميمڻ ڪيترائي درسي، اصلاحي، تاريخي ۽ افسانوي ۽ شاعري جا ڪتاب لکيل اٿس. محمد صديق ميمڻ اردو مان ٻہ ناول ترجمو ڪيا، جن جو اصل ليکڪ راشد الخيري هو. هي ناول ”صبح زندگي“ ۽ ”شام زندگي“ تان 1922ع ۾ ترجمو ڪيائين ۽ نالو رکيائين ”حياتيءَ جو پهريون دور“ ۽ ”حياتيءَ جو ٻيو دور“.مگر سنڌ جي حالتن جي پٽاندر ان ۾ ڦير گهير ڪئي وئي آهي. هي ناول سماجي ۽ گهرو زندگي ۽ سنڌ جي عورتن جي رهبري جي ڏس ۾ لکيو ويو آهي. ڪتاب جي ديباچي ۾ مترجم لکي ٿو تہ ”هي ڪتاب حياتيءَ جو پهريون دور“، انهيءَ مراد سان لکيو ويو آهي تہ پڙهندڙ کي چٽي طرح خبر پوي تہ نينگرين کي تعليم ڏيڻ ڪيتري قدر ضروري آهي ۽ انهن جي پرورش ۽ سنڀال ننڍي هوندي کان وٺي سامائجڻ تائين ڪهڙي

طرح هئڻ گهرجي. وندرائيندڙ ۽ مؤثر آڪاٽيءَ ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته ماءُ – پيءُ تي نياڻين جا کهڙا حق آهن. ۽ نياڻين جا کهڙا فرض هئڻ گهرجن. جو پاڻ ڪي هر حال ۾ تسلي رکي سگهن ۽ پنهنجا سونپيل ڪم فضيلت سان سنيالي سگهن.“ (11)

التو ڪرڻ سان سنڌي ناول نگارن پنهنجي ضرورت تحت ڪافي نواڻ پيدا ڪئي. ترجمي ڪرڻ وقت سنڌي ثقافت، ريتن رسمن، تاريخ ۽ سنڌي ماحول جو خاص خيال رکيو ويندو هو. مثال طور انگريزي ناول نگار پنهنجي منظر سجائڻ لاءِ جتي وڻن جو ذڪر ڪري ٿو ته ڪيس ايرو ڪيريا، پالم، سرو ۽ ڪوڪونٽ ٿو ياد ڪري، پر ساڳي جاءِ تي سنڌي ناول نگار جي سرنهن، ٽالهي، پپر، ٻير سان منظر کي سجائي ٿو. اهڙي طرح سنڌي سماج ۾ موجود ريتن ۽ رسمن ۽ معاشرتي حالتن کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي.

## حوالا:


1. ڊاڪٽر غلام علي الانا : ”سنڌي ادب جا نوان موڙ“، (مهراڻ4/1975)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص 158
2. پيرومل مهرچند: ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، روشني پبليڪيش، ڪنديارو، 2006ع
3. رسول بخش پليجو (سياسي ادب) ياڳو پهريون سهيڙيندڙ جامي چانڊيو نومبر2005 ڇپائيندڙ سي.پي.سي.ايس، ص 48
4. ڪريم بخش خالد:”سنڌي ٻوليءَ ۾ عالمي ادب“، ماهوار پيغام، سنڌ جو سڌ سماءَ وارو کاتو، ڪراچي،1985ع
5. راڌاڪشن چانڊواڻي: ”ٽئگور جو سنڌي ادب تي اثر“،عوامي آوزا سنڌي ميگزين، 22 آگسٽ 2011ع
6. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1981ع، ص 147
7. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 97

8. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي: ”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“،انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1981 ع، ص 147
9. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 93
10. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”ادبي اصول“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص 34 ۽ 35
11. محمد صديق ميمڻ: ”حياتيءَ جو پهريون دور“

## برطانوي جي دور جا مشهور ناول نگار

### مرزا قليچ بيگ (1853_1929ع)

مرزا قليچ بيگ ولد مرزا فريدون بيگ جو جنم ٽنڊي ٺوڙهي، ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. مرزا قليچ بيگ بمبئيءَ جي ايلفسٽن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رٽائرڊ ڪيائين. شايد ئي ڪا ادب جي صنف هجي، جنهن ۾ مرزا صاحب نه لکيو هجي. سندس ادبي خدمتن جو قدر ڪندي، انگريز سرڪار کيس ”قيصر هند“ جو تمغو ۽ 1905ع ۾ شمس العلماءُ جي لقب سان نوازيو ويو. ”مرزا قليچ بيگ اڻويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ جي پيداوار آهي . کيس سنڌي نثر جو ابو چيو وڃي ٿو، بلڪ ان دؤر جو ادب در اصل ”مرزا قليچ بيگ“ جو دؤر چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. مرزا قليچ بيگ هر صنف تي لکيو ۽ هن نون لکندڙن تي پنهنجا اثر ڇڏيا. مرزا قليچ بيگ کان اڳ سنڌي نثر نويسيءَ ۾ يا ته صرف درسي ڪتاب هئا، يا مذهبي ۽ ڌرمي لکتون هيون، سنسڪري ، عربي ۽ فارسي ادب مان ترجما هئا، مگر مرزا قليچ بيگ پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان مغربي ۽ مشرقي ادب جا شاهڪار سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائي سنڌي نثري ادب ۾ وسعت آندي. مرزا قليچ بيگ، سنڌي نثري ادب جي صحيح نموني آبياري ڪئي. مرزا قليچ بيگ نثري ادب جي ترقيءَ کي پنهنجو فرض سمجهي ادا ڪيو. هن انگريزي، عربي، فارسي، هندي ۽ ٻين ٻولين جا شاهڪار سنڌي زبان ۾ متعارف ڪرايا“.[1] سندس ڪتابن ، جو تعداد 450 کان به وڌيڪ آهي. هن جا ناول، ڊراما، مضمون، تاريخ، تحقيق انساني حق، کيتي ٻاڙي، عورتن جا مسئلا، تنقيدي ادب، لسانيات، تاريخ، گرامر، مطلب ته هر موضوع تي ڪتاب لکيا آهن. انهن جي ٻولي لاجواب آهي. اڻويهين صديءَ ۾ هن جا ڪيترائي نثر وارا ڪتاب شايع ٿيا ۽ ڪافي بعد ۾ به شايع ٿيا. مرزا صاحب نه رڳو اصلوڪا ناول لکيا پر هن ڪيترن ناولن جو ترجمو به ڪيو. سندس سڀ ناول سماجي ۽ اصلاحي آهن. هن جي ترجمو ٿيل ناولن جي خاص ڳالهه اها هوندي هئي ته انهن ۾ سنڌي ماحول جي پيشڪش ڪئي ويندي هئي.

مرزا قليچ بيگ پهريون طبعزاد ناول ”دلارام“ 1887ع ۾ لکيو. هي هڪ ننڍڙو ناول آهي، جيڪو قديم ڪهاڻين ۽ قصن تي مبني آهي. هن ناول جي وضاحت ڪندي مرزا صاحب لکيو آهي ته پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ته هي هڪڙو نئون قصو خيالي سٽيل آهي، پنهنجي دلئون جوڙيل آهي، ڪنهن ٻئي ڪتاب تان ورتل ناهي. هن ۾ ڪا ڪوڙي آڪاڻي يا نه ٿيڻ جهڙي ڳالهه پيل ناهي، نڪو منجهس ديو، نڪا پري آهي، رواجي اتفاقن ۽ دنيائي وهنوار ۽ هلت چلت جو منجهس ذڪر اچي ٿو ۽ نيڪي بدي ڪرڻ سان جي نتيجا نڪرن ٿا، سي چڱي طرح منجهس ڏيکاريل آهن“.(2)

ناول ۾ ڏنل قصو بادشاهن جي دؤر ۽ انهن جي مسئلن سان واسطو رکي ٿو. هن ناول ۾ اصل مقصد نيڪيءَ جي جيت ۽ بديءَ جي هار آهي. شاهه عادل کي هڪ عدل ۽ انصاف وارو بادشاهه ڏيکاريو ويو آهي ۽ جڏهن ته شاهه شجاع کي ظالم ، ڪوڙو ۽ لالچي ڏيکاريو ويو آهي . ناول جي پلاٽ تي داستان گوئيءَ جو رنگ غالب آهي، مافوق الفطرت ڪردار، ازغيبي امداد، بادشاهن جا قصا وغيره هن ناول جو حصو آهن. مرزا صاحب هيءُ قصو نهايت ئي سليس عبارت ۽ عام اصطلاحن سان لکيو آهي. هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هڪڙي ننڍي نصيحت به ڏني وئي آهي.

”زينت“ سنڌ جي اديب، عالم، ترجمي نگار ۽ ناول نگار شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو طبعزاد ناول آهي، جنهن ۾ مسلم گهراڻي جي گهريلو زندگي، رهڻي ڪهڻي، زماني جي حالات جو بيان ۽ ناول جي سورمي زينت جي سيرت کي نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هِن ناول ۾ ڪيترن ئي سنڌي اصطلاحن ۽ پهاڪن جو به استعمال ڪيو ويو آهي. هي مرزا قليچ جو ٻيو طبعزاد ناول آهي، جيڪو هن 37 سالن جي عمر ۾ 1890ع ڌاري لکيو. هيءُ سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار ناول آهي.

هي ناول معاشري جي تصوير به آهي ۽ تنقيد به. هي ۽ ناول وقت جي اهم ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هو. اها فقط مرزا صاحب جي ذاتي راءِ نه هئي، بلڪ هڪ چڱي خاصي طبقي جي ترجماني هئي. مرزا قليچ بيگ ”زينت“ ۾ جنهن مسئلي کي واضح طور تي بيان ڪيو آهي، سو عورت ۽ عورت جي عظمت سان

تعلق رکي ٿو. مرزا صاحب شدت سان محسوس ڪيو تہ معاشري ۾ عورت جي اصلاح کان سواءِ ترقي ممڪن نہ آهي.

”هن ناول ۾ مرزا صاحب شاديءَ جي مسئلي کي بہ کنيو آهي. ڏي وٺ واري شادي ءَ کي هو نا پسند ڪري ٿو. سندس خيال آهي تہ اها شادي ڪامياب آهي جتي زال ۽ مڙس ۾ ذهني هم آهنگي هجي. ان کان علاوه هن ناول ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي معاشرتي ۽ گهرو زندگيءَ سان واسطو رکندڙ شين کي پنهنجي بحث ۾ آندو آهي. مثال طور سڱا بنديءَ جي ڏي وٺ، ڏک سک ، خيال خطرا ، اجايا جذبا ۽ ارادا نهايت صفائيءَ سان بيان ڪيل آهن. ان کان سواءِ اجايون ريتون رسمون ۽ رواج، جي اسان جي زندگيءَ ۾ داخل ٿي چڪا آهن، تن جو پڻ بيان ڪيل آهي ۽ انهن کي دوُر ڪرڻ لاءِ بہ ڪي ضروري ۽ مؤثر ڳالهيون ۽ اپاءَ ٻڌايا ويا آهن. مطلب تہ زينت جي روپ ۾ مرزا صاحب هڪ آدرشي عورت ۽ هڪ آدرشي گهرو زندگيءَ کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”زينت“ ناول مرزا قليچ بيگ جي نثر جو بهترين نمونو آهي“.[(3)] سولا ۽ نج سنڌي لفظ. ننڍا ننڍا سولا جملا. هرو ڀرو فقرن جي منجهيل گهڙت کان ڪناري ڪشي، لفظن جي اٿردار ترتيب ، لفظن ۽ جملن ۾ معنيٰ ڀريو ربط، زينت جي نثر جون خوبيون آهن. هيٺ ”زينت“ مان مثال لاءِ هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو :

> ”وري جيئي شل منهنجو حامد بہ وينو آهي، جوان اچي ٿيو آهي، تنهنجو بہ نيٺ بلو ڪرڻو اٿم. اڄ تہ مائٽ بہ چون ٿا تہ اٿي تي اٿو، ڪارو نہ ڪتو، هڪڙي هٿ ۾ ڏيو تہ ٻئي هٿ ۾ وٺو.“ سوجي آءٌ ڪٽي اهڙو پير توسان ڀريان تہ مائٽن کان مور ويندس ۽ منهنجو چوکر بہ رهجي ويندو“.[(4)]

ائين گهڙت ۾ هن مثالي ٽڪري ۾ بہ وڏا جملا آهن، پر اهي گهٽي ياڳي ننڍين ثاني جملن (منهنجو حامد وينو آهي/جوان اچي ٿيو آهي/تنهن (حامد) جو نيٺ بلو ڪرڻو اٿم) مان رچيل آهن. ان ڪري سڄو جملو وڏو هوندي بہ وڏو نٿو ڀاسي. اهڙيءَ طرح ڏسجي تہ اوڻوهين صدي سنڌي ادبي نثر جي جيڪا راهہ قليچ بيگ جوڙي ، ان جو تاريخ ۾ وڏو حصو آهي.

جڏهن مرزا صاحب جو ناول ”زينت“ شايع ٿيو، تڏهن اهو تاثر ڏنو ويو ته هي ”صحت النساءِ“ نالي هڪ ناول جو ترجمو آهي. پر مرزا قليچ بيگ صاحب پنهنجي آتم ڪهاڻي ”سائو پن ۽ ڪارو پنو“ ۾ ان جي وضاحت ڪئي آهي، اڳتي هلي ”صحت النساءِ“ هڪ الڳ ناول جي روپ ۾ شايع ٿيو. هي ناول 1899ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ طرف مسلم سماج ۽ ان ۾ هلندڙ ريتن رسمن جو عمدو نقش چٽيل آهي ته ٻئي طرف عورتن جي صحت جي مسئلن ۽ مونجهارن کي به کولي سمجهايو ويو آهي.

مرزا قليچ سوين ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري، جهڙو سنڌي ساهت کي مالامال ڪيو تهڙو ٻئي ڪنهن لکندڙ ڪونه ڪيو. مڙئي ڪتابن ۾ سندس عبارت سلاست ڀري ۽ عام فهم واري هئي ۽ عربي فارسيءَ جي ڀرمار کان آجي هئي.

هيءُ ڪتاب مرزا قليچ بيگ جو ناول ”ايرڪ“ انگريز اديب فريڊرڪ وليم فرار جي Eric, or Little by Little مان 1919ع ۾ ترجمو ڪيل آهي. هن ناول ۾ شاگردن جي تعيلم ۽ هلت چلت جي سڌاري لاءِ توڙي مائٽن جي فائدي لاءِ ڪمائتا ويچار ڏنل آهن. ڪتاب جي ديپاچي ۾ مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته:” هيءُ ڪتاب فريڊرڪ وليم فرار پادريءَ جي ٽن مشهور ڪتابن مان هڪڙو آهي، جي ٿيئي شاگردن جي تعليم ۽ هلت چلت جي سڌاري لاءِ، توڙي انهن جي مائٽن جي فائدي لاءِ تمام ڪمائتا آهن. پهريون ڪتاب، ”ٽي گهر“ مون اڳي ئي ترجمو ڪيو آهي؛ اهو اڳي ئي تعليم ڪاتي ۾ ڪم اچي ٿو ۽ عام ماڻهن کي پسند آهي. اُهو خاص انهيءَ تعليم لاءِ لکيو ويو آهي ته ٻارن کي ۽ انهن جي مائٽن کي گهرن ۾ ڪيئن هلت ڪرڻ گهرجي. هيءُ ٻيو ڪتاب، ”ايرڪ“ انهيءَ تعليم لاءِ آهي ته شاگردن کي اسڪول ۾ ڪيئن هلت ڪرڻ گهرجي. ٽيون ڪتاب جنهن جو نالو ”جولئن هوم“ آهي سو انهيءَ تعليم لاءِ آهي ته ڪاليج ۾ ڪيئن هلت ڪرڻ گهرجي. انهيءَ جو به ترجمو اميد آهي ته جلد ظاهر ٿيندو“.(5)

هيءُ ناول ٻارن جي سکيا جي لحاظ کان مختلف بابن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ ٻار جي نشو نما، وڌندڙ عمر وغيره جو مڪمل خيال رکيو ويو آهي. مثال

طور تي پهرين باب ”ٻاراڻي وهي“ ۾ هڪ ٻار جي اسڪول وڃڻ جي خواهش ۽ نفسيات کي بهترين نموني چٽيندي لکي ٿو ته:
هڪڙو ننڍو ڇوڪر، نچندو ٽپندو ۽ تاڙيون وڄائيندو، وڏي سڏ ”هُري! هُري!“ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: ”اڄهو، هاڻي هفتي کن جي اندر بابو ۽ اَما ٻئي گهر ايندا، پوءِ اسين ٿورو وقت هتي رهنداسين ۽ تنهن کان پوءِ آءٌ اسڪول ڏي ويندس.“ اُنهيءَ ساڳيءَ جاءِ ۾ اُنهيءَ ڇوڪر جي ماسات مس فئني به هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ ماٽ ڪري ويٺي سئيءَ جو ڪم ڪيائين، اُنهيءَ ڇوڪر جي خوشيءَ جي رڙين ۽ ٻولين ڏي ڪو به ڌيان ڪو نه ڏنائين. نيٺ هو نچندو ٽپندو، سندس ڪرسيءَ وٽ اچي، وري به چوڻ لڳو: ”پوءِ، مس فئني، آءٌ اسڪول ڏي ويندس!“
مرزا قليچ بيگ پادري فرار جو ساڳي تعليمي موضوع تي لکيل هڪ ٻئي ڪتاب ”Three Homes“ جو ترجمو ”ٽي گهر“ جي نالي ڪيو آهي، جيڪو مرزا صاحب 1912ع واري سال ۾ ڪيو ۽ اُنهيءَ ئي سال شايع ٿيو هو. هن ناول جي وضاحت ڪندي مرزا صاحب لکيو آهي ته: ”هيءُ ڪتاب ايف. ڊبليو. فرار صاحب پادريءَ جي لکيل ٽن مشهور ڪتابن مان هڪ ڪتاب ”ٿري هومس“ جو ترجمو آهي. جنهن ۾ لکيل آهي ته ٻارن کي ۽ انهن جي مائٽن کي گهرن ۾ ڪيئن هلت ڪرڻ گهرجي. اُميد ته ٻارن ۽ سندن مائٽن کي هن جي پڙهڻ سان گهڻو فائدو پهچندو.“ (6)
بنيادي طرح سان هن ڪتاب جو موضوع ”گهرو سماجيات“ (Domestic Sociology) آهي جنهن جو مرڪزي نُڪتو ٻارن جو پنهجن وڏڙن ۽ مائٽن سان فرمانبرداري ۽ سعادتمنديءَ سان پيش اچڻ ۽ والدين ۽ بزرگن جو پنهنجن ننڍن ۽ اولاد سان شفقت ۽ تهذيب سان هلت هلڻ آهي. نصيحت جي سبق سان ڀرپور هيءُ ڪتاب فقط آکاڻي يا ’ٻاشڻ‘ جي انداز ۾ لکيل ڪونه آهي، پر هڪ ناول واري دل کي ڇهندڙ نوع ۾ بيان ڪيل آهي، جيڪو پڙهندڙ تي هڪ دل آويز تاثر قائم ڪري ٿو ۽ موضوع جي پيغام کي پنهنجي تمام تر ڀرپوريت سان پڙهندڙن جي ذهن ۾ نقش ڪري ٿو. هونئن به مرزا صاحب مغربي ٻولين مان جيڪو به ادب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، اُهو

سمورو انهيءَ تي دلنشين پيرايي ۾ ڪيل آهي. جنهن ڪري هڪ عام پڙهندڙ وٽ اُن ذخيري جي شروع کان وٺي ”عام مقبوليت“ رهي آهي.

مرزا قليچ بيگ پادري فرار جو ساڳي تعليمي موضوع تي لکيل هڪ ٺئي جو ترجمو ”جولئن هوم“ جي نالي سان 1919ع ۾ ڪيو. هن ڪتاب جي ديپاچي ۾، مرزا قليچ بيگ ڄاڻايو آهي ته:”هيءُ ڪتاب به فرار صاحب پادريءَ جو لکيل آهي، ۽ مشهور آهي. جيئن ته سندس ٻيا ٻه ڪتاب ”تي گهر“ ۽ ”ايرڪ“ آهن. جيئن انهن ڪتابن ۾، ترتيبوار، گهرن ۾ ۽ اسڪولن ۾ هلت ڪرڻ جو ذڪر آهي تيئن وري هن ڪتاب ۾ ڪاليجن ۾ هلت ڪرڻ جو ذڪر آهي. اميد ته شاگردن کي انهيءَ جي پڙهڻ مان گهڻو فائدو پهچندو.“ (7) هي ناول پڻ 33 بابن ۾ ورهايل آهي ، جيڪي اسڪولي ۽ ڪاليجي زندگيءَ جي غير نصابي سرگرمين سميت مختلف معاملن تي روشني وجهي ٿو. مثال طور تي ”هارٽن اسڪول ۾ تقريرن جو ڏينهن“ واري باب جي عڪاسي هن ريت ڪئي اٿس:

”هارٽن“ اسڪول ۾ تقرير جو ڏينهن هو. صبح کان وٺي ٿاهوڪيون گهوڙي گاڏيون سڙڪ تان تڪڙيون پئي آيون ۽ منجهن وينل ماڻهن کي ماسترن جي گهرن ۾ پئي لاٿائون. جيڪي سکر سکر ماڻهو اچڻا هئا، تن جي ڏسڻ لاءِ گاڏين جو گڙڪو ٻڌيو، ماڻهن ذري ذري ڏيان سان نظر پئي ڪئي، ”ڪئينس هيڊ“ هڪڙي وڏي گاڏين جي قطار بيٺي هئي، ۽ گهڻيون ماڻهن جي انبوهن سان پريون پيئون هيون. چوڌاري ڏاڍو گوڙ ۽ ڇهڇٽو لڳو پيو هو. ملاقاتي ماڻهو اڪثر ”هارٽن“ جي ڇوڪرن جا ماءُ – پيءُ ۽ ٻيا مائٽ هئا، جن صبح کان وٺي اسڪول ۽ ڳوٺ گهمي پئي ڏٺو. شاگردن جون مائون ۽ ڀيڻون هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري ڏاڍيون خوش ٿي ٿيون ۽ سندن ڇوڪرن کين ڏاڍي فخر ۽ خوشيءَ سان جدا جدا ڏسڻ جهڙيون شيون ۽ جايون پئي ڏيکاريون.انهيءَ مان ڪي ڪرڪيٽ جي ميدان تي پئي گهميون، ۽ ڪي وهنجڻ جي جاءِ واري مزي جهڙي پيچري سان پئي ويئون. گهڻيون خوبصورت نديءَ ديول ۾ بيٺيون هيون، جنهن جون چٽيل دريون اس ۾ پئي چمڪيون ۽ رنگا رنگ عڪس ٻنهي پاسي وارن پيلپاون تي پئي وڌائون. سڀ کان وڌيڪ فخر ۽ شوق سان ڇوڪرن پنهنجن مائٽن کي اها قديم اسڪول جي جاءِ پئي ڏيکاري، جنهن جي سادن درين جي شيشن تي

مشهور شاعرن ۽ فصيح ڳالهائيندڙن ۽ ملڪي مدبرن، نندي هوندي، پنهنجا نالا پنهنجي هٿ سان ڪرڙي اڪري چڙيا هئا. جن مان ڪي پنهنجي جهونيءَ محبت ۽ خوشي ظاهر ڪرڻ لاءِ اتي اچي حاضر ٿيا هئا.

ترتيب جي لحاظ کان، فريڊرڪ وليم فرار جا ناول Trilogy آهن ۽ مرزا قليچ بيگ جا ترجما به Trilogy آهن. ٽئي ڪتاب "ٽي گهر"، ايرڪ "جولئن هوم" ترتيبوار گهرن ۽ اسڪولن ۾ ٻارن ۽ والدين جي هلت چلت، ۽ ڪاليجن جي استادن جي تعليمي ، اخلاقي ۽ تربيتي لاڳاپن جي سکيا بابت آهن، ان حساب سان تعليمي تربيت جي لحاظ کان مڪمل معلومات ۽ سڌاري جو طريقو هنن ڪتابن ۾ ملي ٿو.

1911ع ۾ مرزا قليچ بيگ، جرمنيءَ جي مشهور اديب ڪرسٽاف شمڊ جي هڪ ناول (The Basket of Flowers) جو ترجمو "گلن جي ٽوڪري" جي نالي سان ڪيو. هن ناول ۾ مالهيءَ جي ڪردار ۾ هڪ آدرشي انسان جو خصوصيتون بيان ڪيو ويون آهن. مرزا قليچ بيگ هن ترجمي ۾ ڪل چوويهه باب رکيا آهن . هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1911ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ سيرتي ناول آهي، جنهن ۾ ناول نگار هڪ مالهيءَ جي حوالي سان نصحيتون ۽ سهڻا سخن ٻڌايا آهن، جنهن ۾ ان دور جي جرمنيءَ جي اخلاقيات ۽ ثقافت جي جهلڪ نظر اچي ٿي.جيڪب نالي هڪ مالهي گلن، ٻوٽن، پنن توڙي ڪيتي وارن سمورين شين جي چاڻ رکي ٿو بلڪ انهن سان محبت ڪري ٿو. هو بنيادي طور تي روحانيت واري دنيا ۾ رهڻ پسند ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو پنهنجي ڌيءُ ميريءَ کي هر هنڌ نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ جو درس ڏئي ٿو. هن ناول ۾ ميريءَ جي ڪردار ۾ ڪرسٽاف وان شمڊ هڪ فرشته صفت ۽ اعليٰ خصلت واري عورت کي پيش ڪيو ويو آهي. سندس ڪردار مان اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته "جهڙي صحبت تهڙو اثر". يعني سٺي صحبت ۾ ميريءَ جو ڪردار به مثالي آهي. ناول ۾ سورن ، تڪليفن سهڻ بعد به شڪايت نه ڪرڻ جو درس ڏنو ويو آهي. "مرزا قليچ بيگ، جرمن ماحول ۽ ثقافت ۽ جملن کي ٺيٺ سنڌيءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي معرفت ترجمو ڪيو هو، جنهن جو هڪ مثال هتي ڏجي ٿو:

”سدوري آهي اها ڇوڪري، جا ڪنهن نامناسب خيال ۾ اچڻ ڪري لڄي ٿئي ۽ جنهن شرم کان منهن ڳاڙهو ٿي وڃي، ڇا لاءِ جو انهيءَ ڪري هوءَ پاڻ سنڀاليندي ۽ خوف ۽ خطري ۾ نه پوندي، جي ڳل حياءَ کا جلد ڳاڙها ٿا ٿين ته ڳاڙهاڻ گهٽي تائين جتاءُ ڪندي، ۽ جن کي ڪنهن خسيس بيحيائي جهڙي خيال تي لڄ جي ڳاڙهاڻ ڳلن تي نه اچي، سي سگهوئي ڦڪا ٿيندا ۽ وقت اڳي قبر ۾ پوندا“.[8] هن ناول ۾ جرمن عورت جي هڪ شاندار ڪردار، اخلاقيات، محبت، محنت، مذهبي پرچار ۽ ثقافت جي عڪاسي ڪئي وئي آهي.

1917ع ۾ مرزا قليچ بيگ ان جو ترجمو ”مصيبت ماريا سائين سنواريا“ جي نالي سان ڪيو. مرزا قليچ بيگ ديپاچي ۾ لکيو ته ”مون اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. ڪتاب جو سمورو ترجمو نه ڪيو اٿم. پر ان جو سارو مضمون سنڌي ۾ ڏنو اٿم، ۽ ڪي ٿورا ڀاڱا ۽ نالا غيرضروري سمجهي، ڇڏي ڏنا اٿم. اميد آهي ته پڙهندڙ اهو پڙهي خوش ٿيندا، ۽ هن مان چڱي نصيحت حاصل ڪندا“.

مرزا قليچ بيگ کی ترجمی تی ملکو حاصل هو. ان ڪري فرانسيسی ناول، جنهن کی هن اختصار سان انگريزي تان ترجمو ڪيو هو، اهو شاندار هو. هن ترجمي جو نمونو هتي ڏجي ٿو:

> ”سن 1815ع ۾، فرانس جي هڪڙي پرڳڻي ۾ ”چارلس مريَل“ نالي هڪڙو پادري هوندو هو، جنهن کي اُتي مقرر ٿئي اَٺ ، نَو ورهيه ٿيا هئا. هو اصل هڪڙو خانداني ماڻهو هو، ۽ هاڻي پنجهتر ورهين عمر جو هو. هن کي سندس پيءُ ارڙهن ــ ويهن ورهين جي ڄمار ۾ پرڻايو هو. هو قد جو بندرو هو، مگر مضبوط ۽ خوبصورت ۽ خوش طبع هو. ملڪ جي ٻين اميرن وانگي هن خاندان جو به شاهي خاندان سان واسطو رهندو هو. پر انهيءَ وقت ڌاري جو فرانس ۾ حڪومت جي ڦيرڦار جو فساد پيو ۽ بادشاهي حڪومت مان ڦري راڄوٽي يا رعيتي حڪومت شروع ٿي، تنهن ۾ ٻين خاندانن وانگي هي خاندان به دربدر ٿي ويو. تنهنڪري چارلس مريل ملڪ ڇڏي زال سوڌو اٽليءَ ڏي ويو، اُتي هن جي زال مري پئي ۽ اولاد ڪو نه ڇڏيائين. انهيءَ کان پوءِ هو گوشه نشين ٿي گذاريندو هو“.[9]

مرزا قليچ بيگ جو ناول”سچي محبت“ لارڊ بيڪن فيلڊ جي ناول ”Henrietta Temple“ تان ترجمو ٿيو ۽ 1914ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اصل محبت ڇا آهي ۽ اها ڪيئن حاصل ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح ”راحيل“ناول به انگريزي ناول تان ترجمو ٿيل آهي، جيڪو مرزا صاحب 1914ع ۾ شايع ڪيو. هي ناول اخلاقي قدرن جي پرچار ڪري ٿو. ساڳي سال مرزا صاحب ”زونونيه“ نالي هڪ انگريزي ناول جو ترجمو ڪيو، جنهن ۾ هڪ مشرقي راڻيءَ جي ڪهاڻي آهي. هي هڪ تاريخي ناول آهي. 1920ع ۾ مرزا صاحب جو ناول ”ڪامل انسان“ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ ڪامل انسان جي پوري زندگيءَ جو عڪس چٽيل آهي. مرزا صاحب جو هي پيو ناول هو، جنهن ۾ ڪنهن هڪ خاص انسان جي زندگي پيش ٿيل هئي. سندس هي ناول به دين ۽ مذهب سان پرپور نظر اچي ٿو.

سندس ناول ”غلاميءَ کان متي چڙهو“ اصل ۾ بوڪر واشنگٽن (1856_1915ع) جي لکيل آتم ڪهاڻي آهي ۽ اصل ۾ ان جو نالو ” Up From Slavery“ آهي. هن ڪتاب لاءِ مرزا صاحب لکي ٿو ته ”هي سماجي ڪتاب آمريڪا جي هڪڙي مشهور تعليم يافته ۽ تعليم ڏيندڙ ۽ فصاحت ۽ بلاغت واري استاد بوڪر واشنگٽن جو لکيل هو. جنهن ۾ هن پنهنجي حياتيءَ جو سمورو احوال حجاب کان سواءِ ڏنو آهي. هن ناول جي وسيلي مرزا صاحب اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته انتهائي مخالف حالتن ۾ به انسان کي مايوس ٿيڻ نه گهرجي بلڪ حوصلي ۽ جرئت سان اڳتي وڌڻ کپي ۽ سچائي ۽ لگن سان ڪم ڪرڻ کپي. هن آتم ڪهاڻيءَ کي مرزا قليچ بيگ ناول جو شاندار روپ ڏيئي ترجمو ڪيو.

مرزا صاحب هي 1944 ۾ انگريزي ٻولي جي ڪپتان جيمس جسٽيئن موريئر (1780 _ 1849) جي لکيل ناول Adventure of Haji Baba Isphani (1824)جو ترجمو ”حاجي بابا اصفهاني“ جي نالي سان ڪيو. هن ناول ۾ ان وقت جو ذڪر آهي، جڏهن فتح علي شاهه ايران جو بادشاهه ۽ يورپ جي گهڻن ملڪن جا وڪيل ايران جي درٻار ۾ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ واپار ۽ آمد رفت جا عهدنامه ڪندا هئا. هن ناول ۾ ايران جي سياسي، سماجي،

اقتصادي، قومي ۽ اخلاقي حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مرزا صاحب هي ناول به نصيحت آميز لکيو آهي. هن ناول جو تت هي آهي ته هن دنيا ۾ گهڻيون ئي تڪليفون ۽ مصيبتون پيش اچن ٿيون، مگر انسان کي گهرجي ته همت نه هاري، پر محنت ڪري هر حال ۾ ڏاهپ ۽ سچائپ سان وقت گذاريندو اچي.

1925 ۾ مرزا صاحب انگريزي ناول جو ترجمو "سئنڊ فرڊ ايند مرٽن" جي نالي سان ڪيو، جيڪو اصل ۾ ٿامس . ڊي . جي جو لکيل هو. اصل ناول 1783 ع ۾ شايع ٿيو هيو. ٻارن جي سکيا لاءِ بهترين ڪتاب طور سڃاتو وڃي ٿو. هي ناول اخلاقي ۽ تعليمي هو، جنهن جي منڍ ۾ مرزا صاحب لکيو ته: "اهو هڪ خيالي قصو آهي، مگر ٻارن، جوان ماڻهن ۽ اسڪولن جي شاگردن لاءِ نهايت فائدي وارو آهي، تعليمي سڌارو ڪندو ۽ هن دنيا ۾ بهتر انسان ٿي گذاريندو." (حوالو: ناول جو ديباچو)

سندس ناول "رابنسن ڪروزو" مشهور انگريز جاسوسي ناول نگار ڊينئل ڊيفو (1660_1731 ع) جي ناول "Robinson Crusoe" جو ترجمو ڪيو آهي. هي ناول سڀ کان اول 1719 ۾ شايع ٿيو هو. مرزا صاحب ان کي 1925 ع ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو. ناول ۾ ڪهاڻي هڪ اهڙي شخص جي آهي، جيڪو پيسفڪ ٻيٽ ۾ چار سال گذاري ٿو، جنهن جو بعد ۾ نالو ئي رابنسن ڪروز ٻيٽ ٿي وڃي ٿو. هن ناول ۾ ساموندي زندگيءَ جون ڏکيائون، فائدا ۽ ٻيٽ ۾ اڪيلائي جي زندگيءَ جا تفصيل آهن.

مرزا صاحب جي سمورن ناولن تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته اهي سماجي، تعليمي، تدريسي ۽ اصلاحي آهن. هن ناول لاءِ اهڙا موضوع چونڊيا، جنهن سان سنڌي قوم کي سجاڳ ڪري سگهجي ۽ قوم کي وڏي مقام تي پهچائجي. مثال طور "زينت" ۾ بي سود ۽ مدي خارج ريتن رسمن کي ڪڍي نون قدرن کي اختيار ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. "صحت النساءِ" ۽ پراڻي دستوري علاج ۽ معالج جا نقصان ٻڌايا آهن ۽ ٻارن لاءِ جديد صحت جا اصول ٻڌايا آهن. "ايرڪ" ۾ والدين، استادن ۽ شاگردن جي باهمي رشتي کي سمجهايو ويو آهي. "جولئن هوم" ۾ ڪاليجي زندگي تي روشني وڌي ويئي آهي. "گلن جي ٽوڪري" ۾ روحاني ۽ اخلاقي تعليم کي اجاگر ڪيو ويو آهي. "ٽي گهر" ۾

جديد دور جي لحاظ کان والدين ۽ اولاد کي پيش ايندڙ حالات کي بيان ڪيو ويو آهي.

مرزا صاحب سيني ناولن ۾ سماجي اصلاح تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. اهو ڪٿي معاشرتي هجي يا معاشي، تهذيبي هجي يايايا اخلاقي هجي. هن ان ڏس ۾ نوان قدر ۽ نوان رستا ٻڌايا آهن. مثال طور هو ”زينت“ ۾ چوي ٿو ته ”اهو هڪ نئون رٿيل خيالي قصو آهي، جنهن ۾ زماني جي گردش ۽ حال چال جو بيان ڏنل آهي. هن ۾ سنڌ جي سڌريل گهرن جي هلت، چلت جو بيان، جو اڪثر هن زماني ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، سو چڱي طرح ڏيکاريل آهي.“

در حقيقت مرزا صاحب مشرقي ترقي پسند سوچ جو حامي هو ۽ سنڌ ۾ ان ترقي جو خواهشمند هو. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهيو ٿي جڏهن معاشرو تعليم يافته هجي. ان سلسلي ۾ سندس ناول ”غلامي کان مٿي چڙهو“ پيش ڪري سگهجي ٿو. هن ناول ۾ مرزا صاحب عام ماڻهن ۾ جدوجهد ۽ ترقي ڪرڻ جو رجحان پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ناول ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو ته ”انهيءَ جي پڙهڻ مان معلوم ٿيندو ته ڪيئن هڪڙو غريب مسڪين گمنام غلام ڇوڪرو پاڻ کي سڌاري وڏائي اوج ۽ وڏي درجي تي رسيو ۽ مشهور وڏن ماڻهن سان وڃي مٽ پيو. اميد ڪجي ٿي ته هن ڪتاب جي پڙهڻ سان غريب ۽ محنتي ماڻهن کي مٿي ترقي ڪرڻ جي همت ۽ ترغيب ايندي.“ اهڙي طرح سندس ناول ”ڪامل انسان“ ۾ هڪ اعليٰ اخلاق واري ماڻهو جي مڪمل زندگي بيان ڪئي ويئي آهي، جو پنهنجي اعليٰ اصولن جي ڪري ڪامل زندگي گذاري ٿو.

مرزا صاحب جي ناولن جي هڪ خوبي اها به آهي ته اهي گهريلو يا خانداني ناول آهن. مثال طور ”زينت“ ۾ هڪ سڌريل گهر جي حالتن جي هر ڪردار جي سيرت ڏيکاري آهي. ”ٽي گهر“ ۾ مارٽن، لارڊ ڊگيلينا ۽ رالف جي ٽن گهرن جو ذڪر ڏنل ٿو. ”جولئن هوم“ جولئن جي سڄي خاندان جي پسمنظر ۾ هلي ٿو. ”ايرڪ“ ۾ ايرڪ جي سوانحي تذڪرو آهي. ”گلن جي ٽوڪري“ ۾ به خانداني پسمنظر آهي. اهڙي طرح ٻيا ناول به ساڳيو رجحان پيش ڪن ٿا.

نصير مرزا لکي ٿو ته ”قليچ هوندئن ته هر ملڪ جي روشن خيال ادب جي

اعليٰ خيال کي سنڌي ۾ آندو آهي پر خاص ڪري ناولن ۾، گهڻو ڪري هن آمريڪي ناولن جي ترجمي کي ترجيح ڏني آهي ۽ پائنجي ٿو ته اهو شايد انهي ڪري جو، ان وقت جي آمريڪي ناولن ۾ هڪ نئين سماج جي جوڙجڪ جو ذڪر ٿيندو هو ۽ انهن منجهه اصلاح ۽ تعمير وارو جيڪو پيغام هو، قليچ بيگ کي اهو نئين اڏجندڙ سنڌ مطابق لڳي رهيو هو. سنڌ ان وقت انگريزن جي قبضي هيٺ هئي ۽ نئون سماج پروان چڙهي رهيو هو جنهن ۾ اسڪول، ڪاليج، اسپتالون، لوڪل بورڊ، چونڊون ۽ ڪجهه قدر جمهوريت جي رواج لاءِ به چئوچئو ٿي رهي هئي. مطلب ته سنڌ ۾ به، اهي ئي ڳالهيون توڙي شاعري، نئين ملڪ جي تعمير لاءِ، پنهنجي تحريرن ۾ آڻي رهيا هئا. مرزا قليچ بيگ جا اڪثر ناول ترجمو آهن، جيڪي انگريزي ٻولي تان ترجمو ٿيل آهن. سندس ترجمن جي خوبي اها آهي ته هو انگريزي ماحول کي تبديل ڪري، سنڌي ماحول ڏئي ٿو.“ (10)

هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙو مشهور مترجم جاسوسي ادب کان پري رهي نه سگهيو. مرزا قليچ بيگ جی زمانی ۾ جاسوسی ادب نئون نئون سنڌي ادب ۾ رائج ٿی رهيو هو ۽ سر ڪانن ڊائل جی تخليق ڪيل ڪردار ”شرلاڪ هومز “ جی عنوان سان جاسوسی ادب ترجمو يا لکجی رهيو هو. مرزا قليچ بيگ پڻ ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سندس ”شرلاڪ هومز (ڀاڱو_1، 1916ع)، ”شرلاڪ هومز“ (ڀاڱو_2، 1916ع) ۽ ”شرلاڪ هومز“ ( ڀاڱو_3، 1916ع) آتمارام ڪندنمل ، قيصره اسٽيم پريس حيدرآباد طرفان شايع ٿيا. هنن ناولن ۾ شرلاڪ هومز جا تجسس ڀريا مختلف واقعات ڏنل آهن. ساڳي اداري، مرزا قليچ بيگ جو هڪ ٻيو جاسوسی ناول ’ڀيانڪ لاش‘ (1942ع) به ڇپايو هو، جيڪو پڻ سر ڪانن ڊائل جی ناول جو ترجمو هو، جنهن ۾ پڻ شرلاڪ هومز جاسوس جا ڪارناما بيان ڪيل هئا“. (11)

مرزا قليچ بيگ، 1913ع ۾ ڪنهن اردو ناول تان ”لڇمي: هڪ نڀاز عورت“ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ هندو زندگي جي عڪاسي هئي، جنهن ۾ لڇمي جي ڪردار ۾ هڪ چالاڪ ۽ جاسوس عورت جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي. مرزا قليچ بيگ، انگريز ليکڪ جوناٿن سئفٽ (1665ع _1745ع) جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver's Travels جو ترجمو 1920ع ۾ ڪيو. هي

ڪتاب ارڙهين صدي جي ادب جو هڪ شهڪار آهي. اصل ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ آهي، پر مرزا صاحب صرف ٻن ڀاڱن جو ترجمو ڪيو آهي. ”گليور جو سفر“ به هڪ طنزيه تصنيف آهي، جنهن ۾ سڄي انسانيت جي حماقتن بچڙائين ۽ اخلاقي ڪمزورين تي سخت چوٽون ڪري ٿو. ”گليور جي سير ۽ سفر“ تصوراتي يا خيالي دنيا جوڙي، حقيقي ڪردارن وسيلي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ، جوناٿن سفٽ جو گليور جو سير ۽ سفر ۾ جاسوسي ماحول ڏنل آهي، ڇو جو ان جي پس پرده، انگلنڊ ۽ فرانس جي مخالف سياست جي ڪهاڻي ڏنل آهي ۽ هڪ ٻئي جي جاسوسيءَ جو پسمنظر ڏنل آهي.

مرزا قليچ بيگ،1923ع ۾ ڪنهن انگريزي ناول تان ”شوقين ڏاڙيل“ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ هڪ ڏاڙيل جي مختلف ورتائن جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي.

**ديوان پريتم داس(1868_1936ع)**

راءِ بهادر ديوان پريتمداس ولد حڪومتراءِ شهاڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس وڏا پنجاب مان سنڌ لڏي آيا هئا.هو اندبين ٽيليگراف آفيس بمبئي ۾ ٽيڪنيڪل ڊپٽي سپرنٽيڊنٽ هو. بئنڪ ۾ به ڪم ڪيائين. ڪيترن ئي سماجي ادارن سان وابسطه هو. پروفيسر شيوارقيرواڻي لکي ٿو ته ”ڇوڪرين جو اسڪول جيڪو ساڌو هيرانند کوليو سو هو ’دونهين گهٽي وارو اسڪول‘ ، اهو پريتم داس (عامل ڪوآپريٽو بئنڪ واري) مهربان سان شروع ٿيو هو . ان اسڪول جي نگهباني ساڌو هيرانند ۽ ديوان پريداس ڪندا هئا“.(12)

سندس شمار سنڌي ناول جي دنيا ۾ مرزا قليچ بيگ کان پوءِ ٻئي نمبر تي ٿئي ٿو. سندس ناول (هڪڙو نماڻو سڌاري جو ”طالب“ تخلص سان) ”عجيب پيٽ“ 1892ع ۾ شايع ٿيو. هي اصلوڪو هو ۽ حقيقت نگاريءَ جي حساب سان وڏي اهميت رکي ٿو. هي سڄو ناول سماجي ڪمزورين بابت آهي. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو ته ”عجيب پيٽ“ ۾ روزمره جي زندگيءَ جا ممڪن واقعا ۽ ڪردار آندل هئا. منجهس ان زماني جي حيدرآبادي عالمن ۽ پائيبندن جي پنگتي رسمن رواجن ۽ تعليمي ، اخلاقي ، ڌرمي جيوت تي چٽي روشني وڌل هئي ۽ لکيل نهايت چيديءَ ۽ سپڪ سنڌيءَ ۾ هو. هن ناول ۾ هڪڙي خامي اها هئي جو وچ واري هڪ باب ۾ جهوني روايت موجب، راجپوت

راجائن جي هڪڙي ڪهاڻي ڏنل هئي، جا هن سنڌي سماجي ناول ۾ ڏاري ٿي لڳي. سندس پختي لکڻيءَ جو مثال به ڏئي ٿو توڻي ان ۾ پورپون بيهڪ جون نشانيون ڏنل نه آهن:

انگريزي رڳو ان لاءِ ڪين ٿي پڙهجي ته اها ٻولي سکجي پر انهيءَ لاءِ به ته جيڪي علمي ڳالهيون انهيءَ ٻوليءَ ۾ (نوٽ هتي ڪتاب جون اٺ سٽون غائب آهن) ليکجڻ ڪري ڏاڍا ساڙ اچڻ لڳا آقي باقي جو ماستر ڪي به سندس نسبت چڱي راءِ نه هئي تنهن ڪري هو اسڪول مان ڪتو ٿي پيو ۽ ڪيترائي ڏينهن ويچار ڪرڻ ڪانپوءِ ائين سمجهائين ته ميٽريڪيوليشن پاس ڪرڻ لاءِ سيني ڪمن ۾ چڱو ڪرڻ گهرجي جو آءٌ ڪري ڪين سگهندس_تنهنڪري هن اسڪول ڇڏي ڏنو". (13)

"عجيب پيٽ" جو ٻيون سڌاريل ڇاپو 1910ع ۾ نڪتو هو جنهن جي ديباچي ۾ ناول نگار لکيو هو : "سرهائيءَ جي ڳالهه آهي جو هن ڪتاب ڇپجڻ ڪانپوءِ ڪن اڌنگين رسمن ۾ سڌارا ٿيا آهن. اڃا سڌاري جي گهڻي گهرج آهي، پر ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي جو ڪن ڳالهين ۾ اڳين کان به وڌيڪ خرابي ٿي آهي. هن ڪري جو خود غرضي ۽ لوڀ وڌيل آهي." هن مان ثابت آهي ته هن ناول لکڻ مان مصنف جون چاٽايل مرادون : "ملڪ جي حالت ۽ ٻولي سڌارڻ " ڪجهه قدر بر ثواب ٿيون هيون". (14)

سندس ٻيو ڪتاب "استري جا نيمي ڪرم" 1895ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ عورتن جي حقن ۽ فرضن وارن مسئلن کي موضوع بڻايو ويو آهي. ڪتاب مان نثر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

> ڏي _ امين تو مونکي گيتا ۾ پاڙهيو هو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي عرجي جا نيمي ڪرم ڦل جي اڇا رکڻ ڦاران سچائي سان پورا ڪري ايشور سان پريت رکي ٿو تهنکي مکتي ملي ٿي ۽ تو مونکي سکاريو ته ڪنوارين ڇوڪرين جو نيمي ڪرم اهو آهي جو جو هو ماءُ پئي آگيا ۾ رهن ۽ جيڪي ماءُ پئي سيکارين سو چت ڏيئي سکن ۽ دل سان هنڌائي انهيءَ ريت هلن. مان سداءِ تنهنجو ڇيو مڃيندي آهيان ۽ جئن تو سيکاريندي اهيم تئن هلندي آهيان". (15)

## ڪوڙومل ڪلناڻي (1844_1916ع)

راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ولد چندن مل ڪلناڻي جو جنم شهر پريا، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. هو مثالي استاد هو، ادبي ۽ علمي خدمتن ۾ سيني ڪان اڳتي هو. اينگلو ورنيڪيولر اسڪول ڪوليائين جنهن جو پاڻ هيڊماستر ٿي رهيو . هن صاحب پنهنجي خطي ڪي تعليمي اوج ڏياريو. پينشن بعد بہ ڪتابن جي تصنيف جو ڪم، زناني تعليم جي ترقي ، خوله ٻين تعليمي ڪمن سان خاص چاهہ هوس. تعليمي خدمتن جي ڪري کيس "راءِ بهادر" جو لقب مليو. سندس تحرير ڏاڍي اثرائتي هئي. پرين جو هاءِ اسڪول، زناني تعليم جو اسڪول سندس تعليم پرستيءَ جا يادگار آهن".[16] سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ديوان ڪوڙيمل، جتي درسي ڪتابن ۾ دلچسپي ورتي، اتي افسانوي ۽ ڊرامانويسيءَ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس آکاڻين، قصن ۽ ناولن ڪا بہ ڪتاب ترجمو ٿيل آهن. ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ: "سنڌي افسانن جو پهريون باقاعده ليکڪ ديوان ڪوڙومل هو، جنهن بنگالي ٻولي جي ليکڪ بينرجي چندر چٽرجي جا سماجي افسانا سنڌي ۾ ترجمو ڪيا".[17] هن بنگالي ٻولي سکي، بنڪم چندر چٽرجيءَ جون پنگتي ڪهاڻيون ۽ "شريمتي گهوشال" (ٽئگور جي ڀيڻ) جو ناول Fatal Garland آکاڻيءَ جي صورت ۾ "تدورو هار" نالي سان سهڻي سنڌيءَ ۾ آندائين.

سندس پهريون ناول جو هن صاحب سنڌيءَ ۾ آندو سو هو 'چندر مکي' جنهن ۾ هڪ بنگالي ڪٽنب ۾ هڪ گگدام آدرش ننهن جو قصو ڏنل هو ۽ سندس سرڳواس ٿيڻ ڪان پوءِ 1917ع ۾ 'ماستر بگيمل تلسيداس' ڇپايو هو، جنهن ۾ 95 صفحا ڏنل آهن. هن ناول نما قصي ۾ هڪ ڪٽنب جي ڪهاڻي ڏنل آهي، جيڪا تمام گهڻا ڏک برداشت ڪري، پر گهڻو پوءِ سندس قسمت ۾ ڦيرو اچي ٿو ۽ سکن جي زندگي گهاري ٿي. ڪوڙيمل هن ناول جي مرڪزي ڪردار لاءِ پاڻ لکيو آهي تہ

> "چندر مکي جو ڏک اڳي جهڙو اَپار هو تهڙوئي هاڻي وري سندس سک اَپار آهي. اڄ هوءَ پنهنجي پتيءَ جي سکي استري ٿي آهي. هاڻي هوءَ سيني پرين کي پاڻ پيري ٿي آهي ۽ گهڻي آرام سان وقت پيئي گذاري.

هن جي دک جي رات پوري ٿي ويئي آهي. آپدا روپي انڌڪار کي هن جي سياڳ جي سورج اُپري ناس ڪري ڇڏيو آهي. جٿن انڌڪار ڪانپوءِ سوجهرو ۽ برسات ڪانپوءِ اُس آنند ڏيندي آهي. تيئن دک ڪان پوءِ سک شانتي ڏيندو آهي. نارائڻ پنهنجي پيءُ جو ڌن سڀ ناس ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي هوءَ غريب ٿي رهيو آهي پر تب هنن جو سک جو گذارو پيو ٿئي. جيوت جو گذران ٻيڙي سمان آهي، پتي پتني اُنهيءَ ٻيڙيءَ جي هلائڻ وارا آهن. جيسين اُنهن جو ميلاپ آهي تيسين ٻيڙيءَ کي جوکو ڪونهي، اُها سٺين سڌي پٺي هلي پر اُنهن ٻنهي ۾ ڪجهه وروڌ ٿيو ته ٻيڙي اُٿائي ويندي ۽ هنجي ٻڏڻ جو پوُ رهندو. هڪڙو ٻيڙيءَ کي ڪاهيندو هڪ پاسي ۽ ٻيو ڪاهيندو ٻئي پاسي ته اُنهيءَ ڪنچا تاڻ ۾ اوس نقصان آهي. انهيءَ ريت گهر جو ڌڻي ۽ ڌياڻي ٻئي گڏجي ڪم ڪندا ۽ هڪ مت تي هلندا ته گهر جو ڪم ڪار سولائي سان پيو هلندو".[18]

بنڪم چندر جو Krishnakanta's Will جنهن سياويڪ سيرتن ۽ واقعن واري سماجڪ ناول کي 'روهني' جي نالي سان ڪوڙيمل 1915ع ۾ ترجمو ڪيو، سو گهڻو پوءِ 1937ع ۾ شايع ٿيو. بنڪم جو راڄ نيتي ناول 'آنند مٺ' جنهن ۾ سندس مشهور قومي گيت 'بندي ماترم' ڏنل آهي ۽ جنهن ۾ ڪن سنياسين جي ديش ڀڳتي ۽ انگريز سرڪار خلاف بلوو ڏيکاريل آهي ۽ هولناڪ حادثن سان تمتار آهي. هن ناول جي منڍ ۾ حڪومتراءِ آڏواڻي لکيو آهي ته "مٿين لوڪن جي پرتاب سان، سهنجي، سادگي، نهٺائي، غريبي، پراتما جو ڊپ، غريبن لاءِ همدري، سفيد پوشن جو ڏک ڏکڻ، جي هر هنڌ هيڪار پٺي آئي....ديوان ڪوڙيمل ۽ مٿين ستن جو اهو سعيو هو ته اجا به پنهجي ديس مان پنگتي اوٿايون ڪڍي سونهاري سنڌڙيءَ کي سورڳ سمان بڻائجي".[19]

1946ع ۾، ڪوڙيمل سنڌي ساهتيہ منڊل طرفان ديوان ڪوڙيمل جو ناول "ترنڊڙ مکڙيون" شايع ٿيو. جنهن بينڪم چندر چٽرجيءَ جي اڳ شايع ٿيل ڏگهيون ڪهاڻيون ، جيڪي دراصل سندس ناوليت: "ڪرم جو ڦل يا ڪير جو ڪير" (1915ع)، "ٻه منديون" (1916ع) ۽ "راڌا راڻي"(1914ع) شامل آهن. انهن ٽنهي کي گڏي ۽ ٽرائلاجي جوڙي وئي آهي. هي ٽئي ناوليٽ ڌرمي،

اخلاقي ۽ گهريلو موضوعن تي آهن. ”ڪرم جو ڦل يا ڪير جو ڪير“ مان ديوان ڪوڙيمل جي ترجمي جو نمونو ڏجي ٿو:

ميمن سنگ ضلعي جو اپرندي بنگال جي ٻين ضلعن جي پيٽ ڪري وڏيڪ ٽڪرائتو آهي. تنهن ۾ مدن پور نالي هڪ ڳوٺ آهي. انهيءَ ڳوٺ ۾ ويهارو ورهيہ ٿيا تہ هڪ پوڙهو زميندار رهندو هو. سندس آب مان آس پاس وارن ڳوٺن جي رهاڪن ۾ نہ رڳو انهيءَ ڪري سرس هو جو هو هڪڙي آڳاٽي ۽ آڪهائتي ڪٽنب جو سرومڻي هو پر انهيءَ ڪري بہ هو دل ۽ دماغ جي اوچن گڻن جي کاڻ هو. سائينءَ جي هن پوڙهي تي جهجهي ٻاجهہ هئي. ڌن دولت ۽ سکن جي ڪمي ڪانہ هيس ۽ پڻ ڦٽن پوٽن جو وڏو دل هوس. رڳو پر تي مڙسن جي گهر واري چلي ويئي هئي، جنهنڪري ٿن ورهين ڪان رنڙ ٿيو ويٺو هو.“ [20]

**هوتچند مولچند گربخشاڻي (1184 – 1947ع)**

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. بمبئي جي ولسن ڪاليج مان 1907ع ۾ ايم اي پاس ڪيائين. 1908ع ۾ ڊي جي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي بنيادي طور هڪ صوفي منش شخص هو. کيس شاهہ لطيف سان بہ بي انتها انس هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جون لکڻيون جيتوڻيڪ ٿوريون آهن. مگر اهي موضوع ۽ اسلوب بيان جي لحاظ کان وڏي اهميت رکن ٿيون. سندس ڪتابن ۾ ”نورجهان“ (ناول 1915ع)، ”لنواري جا لعل“ (سوانح، 1934ع)، ”روح رهاڻ“، (لطيفيات) ”شاهہ جو رسالو“ (ٽي جلد)، ”مقدمہ لطيفي“ (لطيفيات) ۽ ”سر سهڻي“ (لطيفيات) شامل آهن.

سندس ”نورجهان“ هڪ تاريخي ناول آهي جيڪو 1915ع ۾ آتما ڪندن مل پريس، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي ناول موضوع، فن، فڪر ۽ اسلوب بيان جي ڪري سنڌي ادب جي شاهڪار ناولن مان هڪ آهي. ”نورجهان“ هڪ تاريخي ناول هجڻ سان گڏوگڏ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ مغل گهراڻي جي شهنشاهہ جهانگير ۽ سندس راڻي نورجهان جي محبت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ناول جي وضاحت ڪندي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ ”جڏهن هي ڪتاب پهريائين ڇپجي پڌرو ٿيو هو، تڏهن ڪيترن صاحب ائين سمجهيو هو تہ منجهس نورجهان جو

سچو تاريخي احوال ڏنو ويو آهي. پر ائين هرگز ناهي، البت بنياد تاريخ تي ٻڌل اٿس ۽ اصل حوالا، جهڙوڪ تاريخ فارشته، منتخب التواريخ، اقبال نامہ، تزڪ جهانگيري، ٽاڊ صاحب جو راجستان ۽ سردار جوڳيندڙ سنگهہ وارو نورجهان نظر مان ڪڍيا ويا آهن. پر تڏهن بہ انهن مڙني ڪتابن مان ڪنهن هڪ جي مضمون ۽ طرز جي پابندي نہ ڪئي ويئي آهي. پڙهندڙن جي رس ۽ مزي لاءِ ڪيترين ئي ڳالهيون مغز مان ڪڍي پيش ڪيون ويون آهن. حقيقت ۾ هن ڪتاب کي هڪ تاريخي ناول يا افسانو ڪري سمجهڻ گهرجي، ۽ نہ نورجهان ۽ جهانگير جي سچي سوانح عمري، سرشتيءَ جي نرمل نظارن جا داستان قدرتي ۽ انساني حسن جي جلوي جون حڪايتون، مجلس ۽ محفلن جي رونق جون روايتون جي ڪتاب ۾ جاءِ بجاءِ نظر اينديون، سي اڪثر من گهڙت آهن". [21]ناول جي خاص ڳالهہ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي واقع نگاري ۽ ٻولي آهي، جنهن جو هڪ نمونو ڏجي ٿو:

سليم: "مارا! تڏهن، مونکان پاسي ٿيڻ لاءِ آتي آهين؟ اَفسوس! تون نہ جڏهن هتان هلي ويندينءَ، تڏهن هيءُ چنڊ جو هينئر هھڙو صاف پيو چمڪي سو هڪ ڪارنهن جو ڪکر پيو نظر ايندو. اجان گهڙي ڪن تہ ترس. ڪا روح رهاڻ تہ ڪر. پر پٽ وساري تہ ڪين ڇڏيندينئہ؟"

مهرالنسا: "وساريندي‌سانءِ ڪئن؟ بار بار پنهنجي پيار جو پرو ڏنو تي مانءِ، پر توکي اجا اعتبار نٿو اچي. پاڻيهي پوءِ مجرايون ڏيندين."

سليم: "پياري مهرالنسا! تڏهن، مون کي هرگز نہ وساريندينءِ؟"

مهرالنسا: "چو ٿو اهڙا خيال ڪرين؟ پر هاڻ بهتر آهي تہ جدا ٿيون: چو تہ مانيءَ جي مهل اچي ٿي آهي ۽ سڀ منهنجي لاءِ پيا نهاريندا هوندا."

سليم: "اجان سويل آهي. اَڌ ڪلاڪ کن مس رهاڻ ڪئي اٿيئي."

مهرالنسا: "پر انهيءَ اڌ ڪلاڪ اندر پنهن جو تن من توکي ارپي ڇڏيو اٿم."

سليم: چڱو ڀلا، هاڻ خدا حافظ! وري الائي ڪڏهن ميڙائو ٿيندو؟"

مهرالنسا: "جلد ئي، ۽ هميشہ لاءِ، چو تہ وري هرگز جدا نہ ٿينداسين."

سليم: "هائو، جڏهن وري گڏباسين، تڏهن لڪ چوريءَ نہ، پر کليو ڪلايو. هاڻ، خدا حافظ! ". [22]

هن ناول ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پلاٽ، ڪردار نگاري، منظر نگاري ۽ ٻولي

اهڙي تہ وڻندڙ دلڪش ۽ اثر انداز نموني جي پيش ڪئي آهي جو پڙهندڙ ناول پڙهندي اهو محسوس ٿو ڪري تہ اهي منظر اهي واقعا ۽ ڪردار وغيره روبرو پنهنجي اکين آڏو ڏسي رهيو آهي. سندس بيان جو انداز عشق ۽ محبت جي حڪايت فنڪارانہ انداز ۾ پيش ڪيل آهي.

## قاضي عبدالرزاق (1898_1941ع)

قاضي عبدالرزاق ميمڻ ولد عبدالسلام بنيادي طور تي مذهبي عالم، ماهر تعليم ۽ اديب هو. سندس جنم نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. پاڻ تعليم کاتي ۾ آفيسر هو. سن 1923ع ۾ عبدالرزاق عبدالسلام، ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس جو پرنسيپال مقرر ٿيو ۽ خيرپور رياست جو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن (ڊي.پي.آءِ) بہ ٿي رهيو. اسلامي موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سندس سڀ کان پهرئين تصنيف "گـُـئٽي: هڪ جرمن شاعر ۽ ڊرامانويس" آهي. گـُـئٽي، هڪ مشهور جرمن دانشور، شاعر ۽ ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي.

عبدالرزاق ميمڻ جو لکيل ناول "جهان آرا"، سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ سٺو رومانوي ناول آهي. هيءُ ناول، سنڌي ٻوليءَ جي اصولڪن ناولن مان هڪ آهي، ۽ هيءُ ناول سڀ کان پهريائين 1931ع ۾ ڇپيو. تازو 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان هن ڪتاب جو پندرهون ايڊيشن پڌرو ٿيو آهي. هي ناول قديم دور جي بادشاهن واري پسمنظر ۾ آهي. هي ناول جهان آرا ۽ جهان خان جي عشق تي مبني آهي. ناول ۾ "جهان آرا" هيروئن آهي ۽ هوءَ لطيف مالهيءَ جي ڌيءَ آهي. سندس سونهن چنڊ جهڙي آهي. سندس حسن ۽ جمال ڏسي عابد سندس نالو "جهان آرا" رکي ٿو. "جهان آرا" نون سالن جي عمر ۾ "جهان خان" سان ڪيڏي محبت ڪري ٿي. لطيف مالهي ڪيس جهان خان سان ڪيڏڻ کان منع ڪري ٿو. جهان آرا کي تہ جهان خان جي عشق جي چڻنگ لڳي چڪي هئي. هوءَ "جهان خان" کان جدا ٿيڻ کان پوءِ معصوم محبت دل ۾ سانديي برهہ جي باهہ ۾ جلي ٿي، پر شرم ۽ حياءَ جي واتان ٻڙڪ ٻاهر نہ ٿي ڪڍي. انهي وڇوڙي جي درد ۾ بيمار ٿي پوي ٿي. گهڻا ئي حاذق، حڪيم، ويج، طبيب ۽ درويش گهرايا ويا، پر ڦڪيون فرق نہ ٿيون ڪن.

جڏهن جهان خان جي ڪنهن ٻي هنڌان شاديءَ جي خبر پوي ٿي تہ ويتر

عشق جي باھ ڀڙڪو کائي ٿي. مرڻ وقت سندس وات مان جهان خان جو نالو نڪري ٿو ۽ راز ظاهر ٿئي ٿو. ٻئي طرف "جهان خان" رونق آباد جي بادشاھ جو پٽ آهي، جيڪو هڪ فقير جي دعا سان ڄائو. اهو فقير بادشاھ جو پاءُ هو، جنهن کي حامد بادشاھ سان ملايو. بادشاھ کيس سجاڳي تخت جي آڇ ڪئي هئي، پر هن نہ مڃيو هو.

فني طور تي ناول ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن. سڀ کان اول هي ناول گهٽ ۽ قصو وڌيڪ لڳي ٿو. ٻيو، ناول ۾ فقيرن ۽ درويشن جا ڪردار مافوق الفطرت پيش ڪيا ويا آهن. ٽيون، ناول ۾ جهان آرا جيڪا هيروئن آهي، ان جي ڪردار کي جاندار نموني پيش نہ ڪيو ويو آهي. چوٿون، ناول جي هيرو جهان خان کي اڌ کان پوءِ متعارف ڪرايو ويو آهي.

پنجون، جهان آرا کي صرف نون سالن جي عمر ۾ عشق ۾ گرفتار ڏيکاريو ويو آهي. ڇهون، ناول ۾ وڏا وڏا غزل ۽ فارسي لفظن جو گهڻو تعداد ڏيئي ٻوليءَ کي مشڪل بنايو ويو آهي. ستون، هن ناول ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ ڏنيون ويون آهن جيڪي ان زماني سان نہ ٿيون ٺهڪن. مثال طور حامد جو لان ۾ ويهي اخبار پڙهڻ ۽ داروغن جي دانهن تي سرورين جي مروڙ. اٺون، ڪيترن ئي ڪردارن جا نالا ئي نہ ڏنا ويا آهن. مطلب تہ ناول ۾ ڪيتريون خاميون آهن. ان جي برعڪس، سيرت نگاري، اخلاقيات، ايمانداري، وفا ۽ منظر نگاري هن ناول جون خوبيون آهن.

## لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي (1885ـ 1954ع)

"لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. لعلچند ادب جي هر صنف ۾ ڪتاب لکيا. پاڻ هڪ پختو، سليس ۽ سهڻي زبان لکندڙ ۽ ظرافت آميز عبارت جو صاحب هو. 1914ع ۾ لالچند امر ڏني مل جي "سنڌي ساهت سوسائٽي" طرفان ماهوار رسالن جي شروع ٿيڻ سان، جنهن سان افسانوي ادب ۾ تيزي آئي. لالچند نہ صرف ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ لکيا پر، هن ڪيترائي ناول لکيا بہ ۽ ترجما بہ ڪيا. هن جي ناولن ۾ ورهاڱي کان گهڻو اڳ جي سنڌ جي مدل ڪلاس هندو سماج جي گهر گرهستيءَ جو عڪس آهن. ٻولي اها ئي ڪتب آندل آهي، جيڪا ان دور ۾ هندو سنڌي گهرن ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

لعلچند جيئن تہ سنڌ جي ٻن وڏن شهرن حيدرآباد سنڌ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيو، تنهن ڪري سندس رچنائن ۾ پڻ شهري وايومنڊل ۽ ڪردار پيش ڪيل آهن. سندس رچنائن ۾ جيڪي نج محاورا ۽ چوڻيون استعمال ڪيل آهن، سي سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ، مناس ۽ انساني نفسيات کي ظاهر ڪن ٿيون ۽ انهن رچنائن جي مجموعي بيهڪ ۽ ماحول سان ٺهڪن ٿيون. لالچند، هيٺيان ناول لکيا يا ترجمو ڪيا:

”چوٽ جو چنڊ يا پرم جي پلائي“، لال چند امرڏني مل جڳتياڻيءَ جو مشهور ناول آهي، جيڪو 1905 ع کان ’ سرسوتي ‘رسالي ۾ سلسليوار قسطن ۾ ڇپيو ۽ 1909 ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڌار ڇپيو. هن ڪتاب جو ٻيو حصو 1947 ع ۾ ڀارت جيون ساهتيہ منڊل حيدرآباد ۾ ڇپيو.مهاڳ ۾ لکي ٿو: ”ڪتاب لکي تيار ڪيم ۽ ڪيترن سڄڻن کي ڏيکاريم تن مان گهڻن جي صلاح ٿي تہ بيشڪ ڇپائينس پر تہ بہ پئي ترسيس تہ متان ڪو اهڙو اجايو، سجايو ۽ گٿو حرف وڏو هجيم، جو ڪن اشرافن اخلاق جي عشق ۾ سرگردان صاحبن کي نہ وڻي ۽ ڪراهت کان ڦيءَ اچي وڃين“. (23)

هن ڪتاب جو پلاٽ رواجي آهي، ۽ مختلف سماجي، معاشي، جنسي ۽ پرم جي مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي، پر ليکڪ انهيءَ ۾ پنهنجي قلم وسيلي گهڻو چس پيدا ڪيو آهي. هن ناول ۾ ٻن ڪردارن موتي ۽ هيري جي روزمرہ جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر چندو لعل لکيو آهي تہ ”هن ناول جو وشي حم جنس پريم (Homo Sex) آهي. ناول ۾ ٻن ڇوڪرين جو پريم ڏيکاريو ويو آهي، جنهن زماني ۾ هي ناول لکيو ويو، تنهن زماني ۾ ڇوڪري ڇوڪري سان پيا ڪري، غير رواجي ڳالهہ ڪا نہ هئي“. (24)

هن ناول جو ٻيو اهم موضوع اهو بہ آهي تہ پرم جو پوٽ ماڻهوءَ کي ڪيئن نہ پٽڪائي ٿو. ناول جي آخر ۾ موتيءَ کي گهريلو تڪليفن ۾ گهيريل ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جو هڪ سبب قرض آهي. موتيءَ جو چاچو بہ هن ناول ۾ هڪ ڪردار آهي، جيڪو موتيءَ جي پيءُ جي پيسا هڙپ ڪري ٿو وڃي. جتي ناول جو پلاٽ منجهيل آهي، اتي ناول هڪ خوبي شاندار منظر نگاري ۽ ٻولي آهي:

اوچتوئي اُن ٽاڻي اسان جي تازي مگّيل نوجوان جون اکيون وجي اُپ ۾ کتيون. ۽ ڏائي شڪل چنڊ تي نظر پئجي ويس... سندس ڳيرو يار هن جو ڇهرو ڏسي، وائڙو ٿي ويو. ۽ ڳراٽڙي پائي، منهن ۾ نهاري، سٽيي آواز پڇڻ لڳس: ڇو موتي، ڇپ ڪري پيڙيا اٿيئي! مون سان رٺو ته ڪين آهين؟ تنهن تي امالڪ هن کي ورندو پاڪر پائي، ورندي ڏنائين: هيرا! توسان ر...ٺو...! وات مان ٻيو ڪي اُڪليس ئي ڪين: جو هينئين ڇپ سندس ٽپ ٽپ لائي ڏني، ۽ بدن ۾ سياٽو وٺي ويس...

آسمان ۾ تارن جهرمر لائي ڏني، ۽ هنن ٻن پريتمن کي محبت ۾ مائل ڏسي ڇن مرڪيائون پئي. چنڊ تنهن ويل نظر ڪونه ٿي آيو. گهر پوري ڏهين بجي پهتا. انهي ڏينهن بدي جي چوٽ هئي ".[25]

هن ناول جو نئون ڇاپو 1947 ۾ ”يارت جيون ساهت منڊل“ ڇپايو هو، جنهن ۾ لعلچند صاحب آڪاٽيءَ کي سنواريو هو. ۽ ان جي منڍ ۾ اعلان ڪيو هئائين: ”ناول جي ٻئي ڀاڱي ۾ جنهن جي رٿا اڃا ڪلپنا جي سنسار مان نڪري، اکرن جا ويس وڳا پهري، پڌري تي نه آئي آهي، حياتيءَ وفا ڪئي ته اُنهيءَ ۾، ملڪ ۾ هيڏي جا سماجڪ ۽ سياسي اُٿل پٿل تي ويئي آهي، تنهنجا ڪي ڏڏڪي وارا وستار قلم بند ڪبا“.[26]

لعلچند امر ڏنيمل لکيل ناوليٽ ”ڪشنيءَ جو ڪشٽ“ 1917ع آوتراءِ روپچند منچنديا جي فرضي نالي سان شايع ٿيو هو. پڙهندڙن، ڏسندئي ٻڌايو ته هن ناول جي آڪاٽي مسز هينري ووڊ جي Mrs. Haliburton’s Troubles تان ورتل آهي. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته: ”لعلچند امر ڏنيمل جي لنبي آڪاٽي يا ننڍو ناول (ناولٽ) ”ڪشنيءَ جو ڪشٽ“ (1917)، لکيائين، پر انهن جي اصليت جي پڪ نٿي ٿئي، ۽ هڪ عالم جي دعويٰ آهي ته اها مسز هينري ووڊ جي ناولMrs. Haliburton’s Troubles تان ورتل آهي، توڻي ان جي جواب ۾ لعل چند اعتراض ورتو هو ته اُن آڪاٽيءَ لکڻ تائين مون اهو انگريزي ناول پڙهيو ڪونه هو. منهنجي خيال ۾، اها ڪهاڻي فقط نالي بدلائڻ ڪري ڪونه پسند پئي، پر ڇو جو انهن جي عبارت کي استاد صاحب

ڪي قدر سليس ۽ عام فهم بڻايو هو. جيتوڻيڪ پاڻ هميشه دعويٰ ڪندو هو ته "رواجي ٻوليءَ مان آءٌ ڇاڻاڻان ٿي ڪين".[27]

لالچند امر ڏنو مل جي "ڪشنيءَ جو ڪشٽ" هڪ درد ناڪ ۽ دل ڇهائيندڙ ناوليٽ آهي، جنهن ۾ سنڌي گهرو زندگيءَ جو هڪ خاڪو آهي. هي ناوليٽ، دراصل، ٻولي ۽ ڪردارنگاريءَ جي لحاظ لان لالچند جي "چوٽ جي چنڊ، کان بهتر آهي. پر ٻنهي ناولن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي مشابهت آهي. هنن ٻنهي ناولن کي پيٽيندي هريش واسواڻيءَ لکيو آهي ته "چوٽ جو چنڊ" ۾ زندگي ائين آهي، جيئن جٽبي آهي. "ڪشنيءَ جو ڪشٽ" ۾ اها ائين آهي، جيئن ليکڪ ان کي چٽڻ چاهيو آهي. ها هڪ دور جي سماجي زندگيءَ جا ڪي پهلو اڻ لکي نموني ان ۾ ضرور اچي ويا آهن. مٽن مائٽن جا رشتا ناتا، کپت، ٽڪائڻ، ٽرن، پاين، مهراجن جا ڪارج، اٽٽي ويهٽي وغيره".[28]

"ڪشنيءَ جو ڪشٽ" ۾ لعلچند پهرين پيرا ۾ ئي محاراتي ۽ ٺيٺ سنڌي جو استعمال ڪيو آهي. ۽ سنڌي عورت جي ان وقت جي حالت جي بخوبي عڪاسي ڪئي آهي. مثال طور:

"هي پاڳ اولي به پٽ پيئي ته ماٽس سٽانچي ۾ ئي چلي رهي، جنهن ڪري بنهه نيپاج جو سک نصيب ڪونه ٿيس. وري جڏهن ساماٽي ۽ پرڻي ۽ ڏيءُ ۽ پٽ ڄڻيائين، تڏهن گهر وارث ڪي ڪنهن پوپيءَ ڏائڻ ٻيڙو وات وجهي ابتو پاراتو ڏنو جو هو ڪونڌر اوچتو مني جواني وني مني جڳاٽي مان لڏي ويو".[29]

مسٽر آءِ ايڊهر جرمن ۽ انگريزي زبانن جو اديب هو، سندس ناول 'Hearts of Gold' جو ترجمو "سون ورنيون دليون" جي عنوان سان 1925ع ۾ لالچند امرڏنيمل ترجمو ڪيو. هي ناول ٻيلائي ماحول جي به ترجماني ڪري ٿو. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جن جون دليون صاف ۽ انساني همدرديءَ سان ڀريل هونديون آهن، سي هميشه ڪامياب زندگي گذاريندا آهن. هن ناول جي پلاٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته "رٽ" هڪ جرمن نوجوان ڇوڪري آهي ۽ هيلڊبر نالي ڇوڪري سان محبت ڪري ٿي. لالچند امرڏنيمل جڳٽياڻيءَ هن ڪتاب جي ترجمي لاءِ لکيو آهي ته:"مون هن کي سنڌي ويس هن لاءِ ڍڪايو جو ديس ڀائرن کي ڏيکاريا، جو سون ورني وارا جيو جتي ڪٿي ٿا ٿين".[30]

هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ جن جون دليون صاف ۽ انساني همدرديءَ سان ڀريل هونديون آهن، سي هميشہ ڪامياب زندگي گذارين ٿا. هن ناول جو بنياد جرمن معاشري جي ڪن اهڙن ماڻهن جي حسن سلوڪ تي مبني آهي، جن تي زماني جي نفسانفسيءَ جو ڪو اثر ڪونهي. هو پنهنجي سون جهڙين دلين ۾ هر ڪنهن سان پيار، محبت ۽ خلوص رکن ٿا. هن ناول جي پلاٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ مسٽر رٽ سترهن سالن جي جرمن نوجوان ڇوڪري آهي، جيڪا برلن کان رواني ٿئي ٿي ۽ پنهنجي ماسيءَ وٽ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهي ٿي. هو انتهائي فضيلت واري جرمن ڇوڪري آهي. اتي رهڻ دوران سندس ملاقات هيلبر سان ٿئي ٿي جيڪو ٻيلي کاتي جو ملازم آهي. هو هڪٻئي کي پسند ڪرڻ لڳن ٿا ۽ مڱڻي ڪن ٿا. پر خيالن جي هم آهنگي نہ هئڻ سبب، سندن مڱڻي ٽٽي وڃي ٿي ۽ رٽ جي شادي آلدينهوفر سان ٿي وڃي ٿي. لالچند امرڏنی مل جڳتياڻيءَ جي ترجمي واري ٻولي انتهائي عام فهم، شاندار ۽ وڻندڙ آهي. نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

”ننڍي نيٽيءَ هيءَ جا سَهِمَ ڏنيس، تنهن تان جان تان چاهہ ٿيس، ساڻس رهاڻ ڪريان، پر وري بہ هن جي ترڊ ڪلاس ۾ چڙهڻ پلَ وڏيس.

اتي ڪو گهوڙن ٽاپو ڪاڏو، سو چڪي اونڌي ٿي، اچي ننڍي نيٽيءَ جي پلانڊ ۾ پيئي. پر هو مڙساڙو اجا اُٿيوئي ڪين، تنهن کان اڳ، هن وري اُن کي ٽانئيڪو ڪري، ٺاهي رکيو.

هن ڏنو جو هٽ بہ ڇڱا ڍولائتا اٿس! هينئر هيڪاري دل گهريس تہ ڪيئن ساڻس بہ – چار ڳالهيون ڪريان. پر انهي ارادي سان، پاڻ جيتوڻيڪ سندس ٽورو بہ مچائين، تہ بہ هن دوس ڪونہ ڏنس“. (31)

لالچند امر ڏنيمل، اسپيني ناول نگار ڪارڊينل وائيزمين (1802_1865ع) جي انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ناول تان ”سچ تان صدقي“ جي عنوان سان ناول ترجمو ڪيو، جيڪو هن پاڻ 1940ع ۾ شايع ڪرايو. هن ناول ۾ قديم عيسائن جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي مذهب جان جان کي صدقو ڪرڻ کي اعزاز سمجهن ٿا. ناول جي ڪهاڻي منجهيل بيان ڪيل آهي.

ان کان علاوه، ”پريم جو ٻل“ اي.ڊبليو ساوي جي انگريزي ناول تان ترجمو ڪيائين، جيڪو 1953ع ۾ شايع ٿيو. مطلب تہ لالچند پنهنجي ناولن ۾ گهرو

زندگيءَ جي مسئلن عورتن جي بيوسي ۽ سندن تڪليفن، گڏيل ڪٽنب جي مسئلن، زوري شادي ۽ سنڌي سماج جي ٻين مسئلن، غلط ريتن رسمن ۽ رواجن مان خراب نتيجا نڪرڻ وغيره کي خاص طور تي پيش ڪيو آهي.

**پيرومل مهرچند آڏواڻي** (1875 – 1950 ع)

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور اديب عالم، محقق ۽ فاضل پيرومل مهرچند آڏواڻي جي وجهه شهرت نالي وارو تاريخدان، ماهر لسانيات، گرامر نويس، مضمون نگار، سفرناما نويس واري آهي، پر هو افسانوي ادب جي ميدان ۽ شاعريءَ ۾ پوئتي ڪو نه هو. ڪاڪو پيرومل ناول نگار، ناٽڪ نگار، ڪهاڻيڪار ۽ مترجم هو. ڪيترائي ڪتاب لکيائين. جن جو تعداد 75 کان مٿي آهي. ان زماني ۾ افسانوي ادب نئون نئون سنڌي ادب ۾ رائج ٿي رهيو هو، ان ڪري هر اديب پنهنجي پنهنجي نموني موهي رهيو هو. شروعاتي دور ۾ پيرومل ڪيترائي ننڍن وڏن قصن جا ڪتاب لکيا، جن ۾ ”حڪمتي ماجسٽريٽ“، ”شيطان منجهان انسان“، ”موتين جي مالها“، ”ڏي ۽ وٺ“، هيري سنڌي هير“ (1918 ع)، ڪئن جي ڪانفرنس (1928 ع) وغيره جا نالا وٺي سگهجن ٿا. 1914 ع ۾ لعلچند امرڏني مل ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ قائم ڪئي، جنهن هڪ رسالو به جاري ڪيو. هن ئي سال سنڌي ڪهاڻيءَ جي باقاعد شروعات ٿي، ان ئي سال پيرومل مهرچند جي مشهور ڪهاڻي ”پريم جو مهاتم“ شايع ٿي، جيڪا اخلاقي ۽ سماجي سکيا سان ڀرپور هئي. هيءَ هڪ 21 صفحن تي مبني ڏکهي ڪهاڻي آهي، جنهن جا ڪردار سماجي قدرن جي ترجماني ڪن ٿا. پريم جو مهاتم ۾ نيڪ انساني سڀاءَ تي پنهنجا ويچار ڪندي پيرومل آڏواڻي صاحب لکيو آهي ته:

> ”ڪن ماڻهن جو اهڙو عمدو سڀاءُ ٿيندو آهي، جو سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ حڪمت سمجهندا آهن... اهڙو ڪو سورج سدائين سندن چت جي چوڌاري پيو چمڪ، جو سندن اندر ٻارهوئي پيو مهڪي ۽ جيڏانهن به نيڻ کڻي ٿا نهارين تيڏانهن نور کان سواءِ ٻيو ڪو به نگاهه ۾ نه ٿو اچين“. (32)

ڪجهه محققن هن ڪهاڻيءَ کي ناوليت طور به لکيو آهي. هيءَ آکاڻي پڙهندڙن

ڪي ايتري تہ پسند آئي جو سنڌي ساهت سوسائٽي وارن ٻيهر ۽ ٽيهر شايع ڪئي هئي. ڀيرومل جي نہ صرف سماجي موضوعن تي ناول لکيا، پر انهن ۾ ان دور جي عوامي سطحي تي پسند جي موضوعن جهڙوڪ جاسوسي ڪهاڻين کي ناول ۾ شامل ڪيو . ڪيترن ئي اديبن لکيو آهي تہ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پهريون سنڌي اديب هو، جنهن سنڌي ناول نگاريءَ ۾ نئون تجربو ڪيو ۽ ساڳي ڪهاڻيءَ جي تسلسل ۾ ٽي ناول :”آنند سندريڪا“ (1910ع) ، ”وريل نعمت“ (1915ع)، ۽ ”موهني ٻائي“ (1917ع) لکيا، جن ۾ ڪردارن جو تسلسل ڏيکاريل آهي. پر حقيقت اها آهي تہ انهن ناولن پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي، اهي ٽئي ناول، ڪهاڻي، ڪردارن ۽ ماحول جي ڪري هڪ ٻئي کان الڳ آهن. صرف آنند سندريڪا ۽ موهني ٻائي ۾ ٿوري گهڻي مماثلت آهي. ڪاڪي ڀيرومل جي ناولن جو مختصر احوال ڏجي ٿو:

ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو پهريون اصلوڪو ناول 1910ع ۾ ”آنند سندريڪا“ جي نالي سان شايع ٿيو. هيءُ هڪ سماجي ناول آهي، جنهن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڏک ئي ڏک آهن. هن ناول جي هيروئن سندريڪا ۽ هيرو آنند آهن. سندريڪا هڪ با اخلاق، پڙهيل ۽ سلجهيل خاتون آهي، جڏهن تہ آنند هڪ بد اخلاق ۽ عياش مڙس آهي. هن ناول ۾ اهم مسئلو، جيڪو ان دور جي هندو سنڌي خاندانن ۾ عام هو ۽ ادب جو موضوع پڻ هو، اهو هو ڏيتي ليتي واري رسم ۽ مردن جي جيئري تي جيئري شادي ڪرڻ واري مسئلي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ هئي. ڀيرومل مهرچند، هن ناول ۾ اهڙن آدرشي ۽ مثالي شخصيتن کي اڀاري پيش ڪيو آهي، جيڪي سماجي قدرن ۽ اخلاقي اصولن جي حمايت ڪن ٿا. ان سلسلي ۾ ناول جي پيش لفظ ۾ ڀيرومل پاڻ ڪي لکيو آهي تہ

> ”هن قصي کي پيش ڪرڻ جو مطلب آهي تہ اهي ڏک ڀريون ڳالهيون پڙهي اسان جي ڀائرن ۾ ڪا رت جي رتي پيدا ڪن، تہ ابلائن سان جيڪي وئل ڏيتي ليتي ۽ مردن جي جيئري تي جيئري شادي ڪري وهن ٿا، تن کي بند ڪرائڻ لاءِ ڪي اپاءَ ڪن“.[33]

”موهني ٻائي“ دراصل ”آنند سندريڪا“ جو ٻيو حصو آهي. ناول جو هي حصو 1917ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ ڏيتي ليتي، جيئري تي جيئري شاديءَ جي بدعتن ۽ عورتن جي تعليم ۽ ٻين گهريلو مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ زال کي ڪمائڻ جي سکيا، گهرو ڪفايت، اجاين خرچن ۾ بچت، ۽ هندو مسلم ڀائيچاري جي رجحان جهڙا موضوع اچي وڃن ٿا. هن ناول لاءِ هري ٺڪر لکيو آهي ته ”اج کان ڪيترائي سال اڳ ۾، ليکڪ استري پرش جي برابري ڀرين اڏڪار بابت موهني ٻائي جي سوچ جي ماڌيم سان جيڪي ويچار ظاهر ڪيا آهن. سي اج جي سڀيه سماج لاءِ به رشڪ جو باعث ٿي سگهن ٿا“. (34)

هي سماجي ناول آهي، جنهن ۾ عورت جي تعليم جي حد مقرر ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي ۽ سندس شادي هڪ ڪاروبار جيان ڏيکاريل آهي. سڳاوتيءَ جي دوران پئسن جي ڏي وٺ جو ذڪر آهي ۽ ڇوڪريءَ جي سونهن کي سندس سيرت ۽ قابليت تي فوقيت ڏيڻ تي به بحث ٿيل آهي. هن ناول جو ڪردار موهني پنهنجين سوچن ۾ بلڪل واضح موقف رکندڙ آهي، هوءَ ڌرم تي به تنقيدي سوچ تي رکي. ناول ڀيرمل لکيو آهي ته:

> ”اسان جي زالن کي ملڪ جي رواج موجب رڳو ايتريقدر علم ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهرجا، قوم جا فرض چڱيءَ طرح سمجهه سان بجا آڻي سگهن. انهيءَ مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڀرين ڌرمي سکيا ڏيڻ گهرجي، هنن کي اها ميتا ڏيڻ گهرجي، جنهن مان هو گهر جو ڪارخانو سمجهه سان هلائي سگهن“. (35)

سماج ۾ عورت جي آزاديءَ کي مختلف زاوين سان پيش ڪيو ٿو وڃي، سماجي قاعدا عورت جي آزاديءَ کي پسند نه ٿا ڪن. ان لاءِ عورت جي تعليم تي به اعتراض ڪيل آهي.

ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ٻن ڀاڱن ۾ ”وريل ۽ نعمت“ ناول لکيو. جنهن جو پهريون ڀاڱو 1915ع ۾ ۽ ٻيو ڀاڱو 1916ع ۾ سنڌي ساهتيه سوسائٽي شايع ڪرايو. هن جي ڇپائي ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪئي. ”وريل ۽ نعمت“ هن جو لکيل بلڪل اصلوڪو ناول آهي. هن ڪنهن حد تائين جاسوسي ناول لاءِ ڇيو

ويو تہ اهو مسلمانڪي زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي، ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو تہ:” 1915ع ۾ پيرومل صاحب ”وريل ۽ نعمت“ لکيو هو جو مسلمانڪي زندگيءَ ۾ بهاريل هڪ جاسوسي ناول هو ۽ 1946ع ۾ ايم آر مائيداساڻيءَ ”جاسوس“ نالي سان ٻيهر ڇپايو هو. دراصل 1915 ۽ 1916ع ۾ نڪتل هن جاسوسي سيريل ۾ ڪجھ ڪردار مسلمان آهن تہ ڪجھ هندو بہ آهن وريل مل ۽ نعمت راءِ بہ جاسوس آهن. ناول پڙهڻ بعد پتو پوي ٿو تہ هن ناول لاءِ هيءُ چوڻ درست نہ آهي تہ مسلمانڪي زندگيءَ ۾ بهاريل ناول آهي“.[36] جڏهن تہ محترم هيري ٺڪر لکيو آهي تہ ”هن ۾ هڪ ديسي جاسوس وريل مل جو ڪردار خلقيو آهي. نعمت يا نعمتراءِ جن جو دوست آهي. هن قصي ۾ پيرومل صاحب حسبہ رومانچ ۽ انتظاري وارا عناصر خوبيءَ سان آندا آهن. هڪ خون جو معاملو پيش ڪري، ان پنيان راز کي ٺهہ پهہ ويهي کوليو آهي“.[37]

ناول جي آڪاڻي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هيمور شهر ۾ بنگل خان نالي هڪ غريب شخص رهندو هو. هن کي ٻہ ٻار الهداد پٽ ۽ ساران نياڻي هئا. ملڪ ۾ اڃي ڏڪر پيو، سو ٻار ٻچا وٺي گهر کان نڪري پيو، دڳ تي سندس گهرواري گذاري وڃي ٿي، ۽ هو هڪ رڻ ۾ بک ۽ اڃ تي ڦاسي پون ٿا. اتان سردار تلسي داس جي ڪافلو لانگاهون ٿئي ٿو، جيڪو کين ماني ۽ پاڻي ڏئي پاڻ سان ٻيلي ۾ هڪ آستان تي وٺي آيو ۽ هو اتي ئي رهڻ لڳا. ساران جڏهن جوان ٿي تہ سندس حسن جي هاڪ سڄي ٻيلي ۾ مشهور ٿي وئي. ڇوڪريءَ جو عشق ولي محمد سان ٿي ويو، ان خبر پوڻ تي سردار تلسي داس، بنگل خان کان ڇوڪريءَ جو سڱ گهريو. اها ڳالهہ ٻڌي بنگل خان ، ولي محمد جي مدد سان رات جو رات ۾ ٻيلي مان ڀڄي نڪتا، پر واٽ سڄ ۽ سڄ هڻڻ ڪري کين تمام گهٽي اڃ لڳي. ولي محمد ۽ الهداد پاڻي جي تلاش ۾ نڪري وڃن ٿا. جڏهن واپس وري اچن ٿا تہ ڏسن تہ بنگل خان سڙيو خاڪ ٿيو پيو آهي ۽ ساران جو ناڻءُ نشان ئي ڪونهي. هوڏانهن ساران بہ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ، ولي محمد ۽ الهداد جي تلاش ۾ موت جو شڪار ٿي چڪي هئي. ولي محمد ڏٺو تہ ساران ۽ بنگل جو موت هيرجيءَ ۽ نرسيءَ جهڙن شيطان طبعيت انسانن جي ڪري ٿيو آهي، انهن کان پلئہ وٺڻ خاطر آنند

پور آيو ۽ پنهي جو انت آندائين. پوليس کيس گرفتار ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿيا، ان صورت ۾ هنن جاسوس وريلمل جي مدد ورتي. وريلمل پنهنجي چالاڪي ۽ حرفت جي ڪري مشهور هو. هن بل آخر ولي محمد کي گرفتار ڪرايو.

هن ناول ۾ ڪاڪي پيرومل جي ٻولي، گفتگو، فطرت نگاري به شاندار آهي. هتي سپاهي ۽ وريلمل جي گفتگو جو نمونو ڏجي ٿو:

وريل: بت تي ڪپڙا ڪهڙا هوس؟

سپاهي: هڪ لباتو چڙهيل هوس، ٻيو ته خدا ڄاڻي ڇا هوس.

وريل: بس بس! مون کي پڇڻوئي ايترو هو. ڇهبوڪ هوس؟

سپاهي: ڇهبوڪ ڇاجو. هو مست فقير هو ۽ ائين نه سمجهو ته ڪو خوني هو. چورن ۽ لچن لفنگن کي سهي ڪرڻ جا اسان به استاد آهيون. نيٺ ته پوليس جا ماڻهو آهيون". (38)

هن ناول کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهچڻ ۾ سمجهه اچي ٿو ته ناول ۾ وريل ۽ نعمت جا ڪرادر بلڪل ڪمزور آهن، نعمتراءِ جو ڪردار ته بلڪل بي معنيٰ آهي، جڏهن ته ناول جو هيرو ولي محمد ۽ هيروئن ساران آهن، جيڪي ناول جي پوري ڪهاڻي تي حاوي آهن. خبر نه ٿي پوي ته ڪاڪي پيرومل ڇو اصل ڪردارن کي ڇڏي وچي مدد ڪردارن جي نالي سان ناول جو نالو رکيو.

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، آمريڪي ناول نگار مسز هئر ايلزبيٿ بيچر استو (1811_1886ع جي لکيل ناول Uncle Tom's Cabin کي سنڌي ۾ "گولن جا گوندر" جي نالي سان 1926ع ۾ ترجمو ڪيو. هي ناول آفريڪي غلامن تي لکيل آهي، جيڪي غلام بڻجي آمريڪا ايندا هئا ۽ ٽڪي بها اميرن وٽ وڪرو ٿيندا هئا. ليڪڪ ڪيترن ئي سال تائين ڪارن آفريڪي ماڻهن جي بحالي لاءِ پاڻ پتوڙيو هو. هن هي ناول لکي آمريڪا ۾ غلامي جي خاتمي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. "گولن جا گوندر" ۾ اصلوڪي انگريزي ويچارن، احساسن ۽ امنگن کي بياني عبارت ۾ سنڌي اصطلاحن ۽ پهاڪن پري سهڻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ مترجم لکيو آهي ته:

”اڳي دنيا جي ڪيترن پاڱن ۾ ٻانهن جو واپار هلندو هو. ڪيترن غلامن سان اهڙيون تعديون ٿينديون هيون، جو رڪي ڏٺي پناهه ۾، اهو انڌير آمريڪا ۾ به هو. سن 1850ع ۾ آمريڪا سرڪار ڇوڪرن غلامن لاءِ هڪ سخت قاعدو جاري ڪيو. انهيءَ قهر جي قاعدي سبب هڪ رحمدل ميڊم هئر ايلزبيٿ بيچر اسٽو هڪ ڪتاب 1882ع ۾ لکيو، جو ”انڪل ٽامز ڪئبن“ جي نالي سان مشهور ٿيو.“ (39)

ترجمن جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو اهم ناول ، ”طلسم“ (Talisman) آهي، جيڪو سر والٽر اسڪاٽ جو لکيل هو. ”طلسم“ ناول لاءِ چيو ويجي ٿو ته ان جون شروعاتي قسطون ساڌو هيرانند ترجمو ڪري ”سرسوتي“ ۾ شايع ڪرايون. بعد ۾ سندس اوچتي ديهانت ڪري، پيرو مل مهرچند مڪمل ترجمو ڪري 1927ع ۾ ڇپرايو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1983ع ۾ پنجون دفعو شايع ٿي چڪو آهي. حقيقت هي آهي ته ”غازي صلاح الدين عرف طلسم“ ان دور جي هڪ تعليمدان بولچند ڪوڏومل جو ترجمو ڪيو هو. بولچند ڪوڏومل جڳتياڻي هڪ پڙهيل لکيل شخص هو.1884ع ۾ الفسٽن ڪاليج، بمبئي مان گريجوئشن ڪيائين. تعليم ڪاتي ۾ نوڪري ڪيائين.شڪارپور جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر به رهيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ هن ناول لاءِ لکي ٿو ته ”تازو سنڌي نثر جي بزرگ استاد ديوان ڏيارام وسڻ مل ڪان معلوم ٿيو ته طلسم جو پهريون حصو ساڌو هيرانند جو ترجمو ڪيل ڪونه هو. سندس نالو ڏنل به نه هو. اهڙي پڌرائي پرمانند ميوا رام ۽ ديوان پريداس شيوڪ رام جوت اخبار ۾ ڪئي ته سنڌيءَ جي هڪ ٻئي اوائلي عالم بولچند ڪوڏومل جو ترجمو ڪيل هو. پيرومل، مخزن جو مهتمم ساڌو هيرانند جي هجڻ ڪري، ان جو سمجهيو ۽ ساڌوءَ جي نالي ۾ ڇپايائين.“ (40)

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته ”طلسم“ جو موضوع صليبي جنگيون آهي. عيسائي حڪمران رچرڊ ۽ سلطان صلاح الدين ايوبيءَ جا معرڪا، رچرڊ جي بيماري ۽ ٻيون سازشون هن ناول جي ڪهاڻي بنائين ٿيون. ٻيا ڪردار راڻي،

ضحاڪ شيدي، ايڊٽ ۽ سرڪينٽ آهن. هي ناول نهايت وڻندڙ ۽ سليس زبان ۾ ترجمو ڪيل آهي ۽ عاري نثر ۾ آهي. هڪ اڌ پئرا مقفيٰ نثر ۾ به آهي. ڪتاب ۾ مهاڪا ۽ چوڻيون سنڌي ماحول مان ڪنيو ويون آهن. ڪتاب مان نثر جا ڪي نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

”فرانس ۽ انگلينڊ اڳيئي پاڻ ۾ چانديا مگسي هئا“.

”اوهان جهڙا بهادر ڦڏا نڪرتي وينا آهن، ته پوءِ اسان غريبن ڪي ڳيهڻ،

هن لاءِ چوڪين آسان ٿيندو.“

مارڪش سمجهيو ته هاڻ ته سوسڙي دڪي، سوهوڙ مان تڳي پڄي ويو،

جو پاڻ ڪي ڏنو ڪرٽو ڪو نه هوس.

”نه ڪنهن جي ڪٿيءَ هٿ لائجي، نه پنهنجو پن ڦڙائجي“.

مڙيا سي جڙيا“. هڪڙو چئي ٻيو مڃي، تنهن جو پورهيو ڏٽي نه پڄي.“ (41)

## سيرومل ڪيئلداس سنگراڻي (1869_1911ع)

مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراڻي جو جنم نواب شاهه ضلعي ۾ ٿيو. سندس باري ۾ پيرومل مهرچند لکيو آهي ته ”مکي سيرومل، مکي لوڪرامداس وليرام جي ڪوٺيءَ تي، پنهنجي چاچي مکي نارائڻداس سان گڏ هو. ڪيترو وقت نوابشاهه جي زمينداري تي پنهنجي نالي اڏايل ڳوٺ ٽنڊو سيرو ۾ رهندو هو. سندس سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب ”چندر ڪانتا“ ۽ ”سورج ڪانتا“ مشهور آهن“.(1) هو بنيادي طور زميندار هو ۽ شوقيه صحافت ۽ جاسوسي ناول لکندو هو. ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ناول لکيا يا ترجمو ڪيائين، جن ۾ اڪثر جاسوسي ناول هئا. هن کي جيڪڏهن سنڌي جاسوسي ناولن جو باني چئجي ته وڌاءُ ڪو نه ٿيندو.

28 ڊسمبر 1910 ڌاري، حيدرآباد ۾ مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراڻيءَ 28 پاڳن ۾ هڪ جاسوسي ناول ”هردل عزيز عرف چندر ڪانتا سنتتي“، هندي ناول نگار ديوڪي نندن کتريءَ جي مشهور ناول تان ترجمو ڪيو. جيڪو ٻن هفتن جي وقفي سان وديا ساگر پريس، حيدرآباد شايع ڪندو هو. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ لکي ٿو ته ”هيءَ ناول عياريءَ ۽ طلسم بازيءَ جي عجائب ۽ اڏيت ڪاررواين سان ٽمٽار هو، ۽ عام پڙهندڙن ۾ ايترو اتساهه پيدا ڪيو

هئائين، جو ٻي ٻي هفتي جڏهن ان جو نئون ڀاڱو نڪرندو هو، تڏهن پرينءَ بزار ۾ مکي صاحب جي پريس ٻاهران، ڪتا نه ڪتان اٺ آنا پٽي سٽي وجي ڳاهڻ ٿيندا هئاسون. هيءَ ناول گرما گرم نانختاين وانگر اهڙو ته وڪاڻو". (42)

سيرومل ڪيئلداس سنگراڻي ساڳئي سلسلي کي قائم رکندي "پوتنات جي جيوني" جا 24 ڀاڱا ڪڍيا. هنن ناولن ۾ جيتوڻيڪ ناشندني ۽ سندس سنسنيءَ وارا هزارين واقعا ۽ حادثا آندل هئا، تنهن هوندي به منجهس آڪاڻيءَ جو سلسلو نهايت ڪاريگريءَ سان بهاريل هو ۽ رتا جي ايڪتا پڻ پوري رکيل هئي. منجهن ادبي لياقت اها هئي جو ڪن ڪردارن_ مردن خواهه زالن_ جون شخصيتون اهڙيون ته چٽيون اپاريل هيون جو اهي وسرڻ جا نه آهن ۽ مثالي ڪردار بنجي پيا آهن. مثلن:ٽيج سنگ ۽ پوتنات، ڪملني ۽ مايا راڻي، جيتوڻيڪ خيالي پرش ۽ ناريون آهن، ته به شيڪسپيئر ۽ ڊڪنس جي ڪن ڪردارن وانگر امر ٿي پيا آهن.

مکي سيرومل، پهريون لکندڙ هو جنهن ڪيترائي سولا ۽ سهڻا هندي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ڪري ڇڏيا ۽ ان جو خزانو وڌايو. تنهن کان اڳ سنڌ ۾ فارسي ۽ عربي لفظن ڪم آڻڻ کي اسين علميت جي نشاني سمجهندا هئاسون ۽ هندي اکرن ڏانهن پورو ڌيان نه ڏيندا هئاسون. پر منجهن خاص ادبي خامي اها آهي جو بيهڪ جون نشانون بنهه عدم پيدا يا غلط آهن "هر دل عزيز" جي پنجيويهين ڀاڱي مان مکي صاحب جي لکڻيءَ جو نمونو هن ريت آهي:

"پڙهندڙ مهاشيه! توهان کي هن اپنياس پڙهڻ مان معلوم ٿيو هوندو ته 'هاڻي هيءَ اپنياس سماپتيءَ جي طرف هليو ٿو وڃي'...... هن اپنياس ۾ جيڪي طلسمي ڳالهيون لکيليون آهن جيتوڻيڪ اهي ناممڪن نه آهن ۽ وگيان ويتا يا سائنس ڄاڻڻ وارا ضرور چوندا 'ها اهڙيون شيون تيار ٿي سگهن ٿيون' تنهن هوندي به گهڻا اڻ ڄاڻ ماڻهو اهڙا آهن جو هنڪي بلڪل ڪيل ئي ڪيل سمجهن ٿا ۽ ڪيترائي هن جي ديکا ديکيءَ پنهنجن لکيلن انوکن ڪتابن ۾ ناممڪن ڳالهيون لکي طلسم جي نالي کي بدنام ڪرڻ لڳي ويا آهن انهيءَ ڪري منهنجو ڌيان هاڻي طلسم لکڻ جي طرف نٿو جهڪي پر چا ڪيو وڃي لاچاري آهي هڪ ته پڙهندڙ جي رچيءَ جي طرف ڌيان ڏيڻو ٿو پوي ٻيو چنارگيه جي

چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لڪئي بنا ڪم نٿو هلي جنهن ڪي هن اپنياس جو بنياد چوڻ گهرجي جنهن جي لاءِ چندر ڪانتا جي قصي ۾ واعدو ڪري چڪو آهيان تنهن ڪري هاڻي هن هنڌ چنار گڍ چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لکي انهي پکيه کي پورو ڪريان ٿو. انهي ڪانپوءِ ٻنهي ڪمارن جي شاديءَ ۽ قيدين جي مقدمي طرف ڌيان ڏيئي هيءُ اپنياس پورو ڪندس.“ (43)

انگريزي ناول نويس Reynolds، جنهن جي ڪتابن تي بداخلاقيءَ جو الزام لڳايو ويندو آهي تنهنجي هڪ ناول Leiha of Star of Mingelia جو ترجمو مکي سيرومل ”ستاري منگريلا“جي نالي سان 1915ع ڌاري ڪيو هو. جيڪو ڪوهه ڪاف جي پسگردائيءَ بابت هڪ روماني ناول هو.

## نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي (1876ـ 1946ع)

نانڪرام ولد ڌرمداس ميرچنداڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو نولراءِ اڪيڊميءَ ۾ انگريزي جو استاد هو. بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ۽ مترجم هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس اڪثر ناول انگريزي ٻوليءَ تان ترجمو ٿيل آهن. هن پڙهندڙن جي پسند مطابق جاسوسي ناول به ترجمو ڪيا ۽ ان دور جي رجحان مطابق ڪي ناول الٿو به ڪيا. سندس ڪجهه ناولن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

نانڪرام ڌرمداس، مشهور فرانسي ناول نويس Dumas جي Count of Monte Cristo جو اختصار ”حسد جي هاڃ“نالي ننڍي ناول ۾، پنهنجي موزون عبارت ۾ ڏنو. هي ناول حيدرآباد استينڊر پريس مان 1912ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان ۾ 146 صفحا ڏنل هئا. ايلنگزينڊر ڊوما (1802ـ1870ع) فرانسيسي زبان جو مشهور ناول نگار آهي ۽ سندس Count of Monte Cristo انتهائي مشهور ناول آهي. هي ناول مورسف ۽ مانٽي ڪرسٽو ٻيٽ جي دوستيءَ مان اپريل دشمنيءَ تي مبني آهي. مانٽي ڪرسٽو، جڏهن 29 سالن جو هو تڏهن، ڪنهن فرانسي جهاز تي فرسٽ مين جي حيثيت سان ڪم ڪندو هو ۽ سندس نالو ايڊمنڊ دانتي هو ۽ هو ڪيٽلن نالي ڇوڪريءَ سان محبت ڪندو هو. ان ڇوڪريءَ جو نالو مرسيديز هو (جيڪا بعد ۾ ڪائونٽيس آف مورسرف جي نالي سان مشهور ٿي). جڏهن هنن

جي شاديءَ جي تياري ڌوم ڌام ٿي رهي هئي، تڏهن فارنالڊ نالي شخص منصوبو ڪري شادي روڪرائي ڇڏي. هن دراصل حڪومت کي اطلاع ڏنو ته هڪ شخص ايڊمنڊ دانتي جاسوس آهي ۽ فرانس جي جلاوطن ٿيل شهنشا نيپولن سان تعلق رکي ٿو. اهڙي اطلاع، پوليس ڪيس گرفتار ڪري زير زمين جيل ۾ بنا ڪيس هلائڻ جي موڪليو وڃي ٿو. هن کي اڳتي هلي ٻڌايو وڃي ٿو ته بغاوت جي ڪيس ۾ ڪيس عمر قيد جي سزا ڏني وئي آهي. ٻئي طرف سندس مرسيڊيز کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ايڊمنڊ دانتي مسافري دوران مري ويو. هو ٻي واهه نه ڏسندي فارنالڊ سان شادي ڪري ڇڏي ٿي. بهرحال، ايڊمنڊ دانتي جيل مان نه صرف ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، اتان هڪ خزانو حاصل ڪري امير ٿي وڃي ٿو ۽ ڪائونٽ آف مانٽي ڪرسٽو جي نالي سان مشهور ٿئي ٿو. ۽ پنهنجي سيني دشمنن کان بدلو وٺي ٿو. ناول ۾ سسپينس، جاسوسي عنصر آهن، جن سان نانڪرام ڌرمداس سٺي نموني نڀايو آهي.

فريڊرڪ وليم فرار جي ناول Eric, or Little by Little جو هڪ ٻيو ترجمو نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي ۾ ”نازڪ گلڙا“ جي نالي سان الٿو ڪيو، جيڪو سکر واري پبلشر هري سنگهه 1929ع ۾ شايع ڪيو هو . هن اصل ڪردارن ، ماحول ۽ پسمنظر کي سنڌ جي تعليمي حالتن سان ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ترجمي جي خوبين ۽ ٻوليءَ جي استعمال جي حساب سان مرزا قليچ بيگ جي ترجمي جي برابر نه هو. هن ناول ۾ شاگردن جي تعليم ۽ هلت چلت جي سڌاري لاءِ توڙي مائٽن جي فائدي لاءِ ڪمائتا ويچار ڏنل آهن.

مشهور ناول نگار، ڊراما نويس ۽ مترجم نانڪرام ڌرمداس، ميري ڪوريلي جي ناولن جي خاص مطالعو ڪيو هو. هن ميري ڪوريلي جي ناول Vendetta!; Or, the Story of One Forgotten کي ”فريبي فتنو“ جي نالي سان ترجمو ڪري ڊرامائي روپ ڏنو. هن ناٽڪ کي ايمچوئر ڊريميٽڪ سوسائٽي، حيدرآباد طرفان 1915ع ۾ شايع ٿيو. ميري ڪوريليءَ جو اصل ناول 1886ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ ڪالرا جي وبا ڦهلجڻ ۽ ان مان هزارن ماڻهن جي موت جي ڪهاڻي ڏنل آهي. نانڪرام ڌرمداس، هن ناٽڪ کي دراصل الٿو ڪيو ۽ سنڌ ۾ پليگ جي ڦهليل وبا جي حوالي سان پيش ڪيو.

مشهور ناول نگار، ڊراما نويس ۽ مترجم نانڪرام ڌرمداس، ميري ڪوريلي (1855_1924) جي ناول Thelma کي ”ڪشميري ڦول“ جي نالي سان 1944ع ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو پارٽ جيون رسالي ۾ شايع ٿيو. ميري ڪوريليءَ جو اصل ناول Thelma 1887ع ۾ شايع ٿيو ۽ ميري ڪوريلي جي سيني ناولن مان وڌيڪ مشهور ماڻي هئي. هن ناول کي نانڪرام ڏيهي ماحول ڏيئي ترجمو ڪيو. هي ناول هڪ معصوم ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي. جيڪا وڏي خاندانن جي اميرن جي حوس جو شڪار ٿئي ٿي. ان ڪري هن ناول کي اعليٰ معاشري جو ناول پڻ چيو ويندو آهي. هن ناول ۾ ليکڪ اعليٰ خاندانن جي هٺرادو ڪوڙين ريتن رسمن تي سخت تنقيد ڪئي آهي. هي هڪ طنزيه ناول آهي.

نانڪرام ڌرمداس، انگريزي ٻوليءَ جي ليکڪ وليم .ايم ٿير جي From Log Cabin to White House تان ”لٽ تان پٽ تي“ جي نالي سان ترجمو ڪيو. هي ناول آڳوڻي آمريڪي صدر ابراهم لنڪن جي زندگيءَ تي آڌاريل آهي. هن ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن هڪ مسڪين ماڻهو سڌري محنت ڪري آمريڪا جو نالي وارو صدر ٿئي ٿو. ياد رهي ته هن ناول جو مرزا قليچ بيگ به ڪيو هو. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻيءَ جو رومانوي ناول ”آدرشي ناري“ڪوڙي مل، سنڌي ساهتيه منڊل طرفان، نئشنل پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد مان 1926ع ۾ ڇپيو. هن ناول ۾ آدرشي آريه ناريءَ جا گڻ بيان ڪيل آهن. نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻيءَ جو ٻيو رومانوي ناول ”آرام محل“پارٽ جيون ساهتيه منڊل طرفان1926ع ۾ شايع ٿيو.

نانڪرام بيشمار جاسوسي ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ ”حسد جي هاڄ“ (فرانسي ناول نگار Dumas جي Dumas جو ترجمو، 1912ع)، ”غيبي خزانو“، ”شريف ڌاڪو ۽ فولادي خنجر“ (چار ڀاڱا)، ”امير ڌاڪو ۽ نازنين چور“ ( ٻه ڀاڱا 1925ع)، ”فرينچ ڌاڪو ۽ ڪهري ڪاغذ“ (1925ع)، ”ڪرامتي نيلم“ (1925ع)، ”جينٽمين ڌاڪو ۽ خوني هيرو“ (ٻه ڀاڱا 1926ع)، ”خوفناڪ قاتل“ (1926ع)، ”خوني نقاش“ (ٻه ڀاڱا 1926ع)، ”خوني بيگناه“ (1927ع)، ”نازنين يورپ ولايتي ڌاڪو“

(1928 ع)، ”خوني عورت“، ”ڪرامتي انسان“، ” مصري خنجر“،”ٽرين ۾ خون“، ”آرسين لوپن سان ڏيٺ“، ”چورن مٿان مور“،”جاسوس“ ۽”ڏاڪو“ ۽ ٻيا ناول شامل آهن .

## صاحب سنگهه شهاڻي (1848_1931ع)

صاحب سنگهه چندا سنگهه شهاڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. 1894ع ۾ ڏي جي ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. ڪاليج جي ميگزين جو ايڊيٽر رهيو. 1917 کان 1927ع تائين ڪاليج جو پرنسپال رهيو. سندس دور، ڏي. جي ڪاليج جي تاريخ جو شاندار دور سمجهيو ويندو آهي. شاهاڻي صاحب جي دؤر ۾ نه رڳو سائنسي تعليم پر آرٽس جي تعليم تي به خاص ڌيان ڏنو ويو. آرٽس جي شعبي کي مکيه عمارت مان ڪڍي ڏي جي ڪاليج جي آڏو سنڌ سيڪريٽريٽ ويندڙ روڊ تي ڪراچي ميوزيم واري جاءِ خريد ڪري ان ۾ منتقل ڪيو ويو. اهو ڪاليج ايس ايم ڪاليج جي نالي سان اڄ به هلي رهيو آهي“ .(44)

ادبي دنيا ۾ به، صاحب سنگهه شهاڻي تمام گهڻو سرگرم هو. هو ڏي. جي ڪاليج مسلنيءَ ۾ انگريزي مضمون ۽ سنڌي رسالن ۾ سنڌي مضمون لکندو هو. هو بنيادي طور تي انگريزي ادب جو پروفيسر هو ۽ انگريز ناول نگار ٿامس هارڊيءَ کان متاثر هو. سندس ٻه ڪتاب: ”بلوکوکر“(ناول 1930ع) ۽ ”تارن جو اڀياس“(ناول 1930ع) اهم آهن.

پروفيسر صاحب سنگهه چندا سنگهه، ٿامس هارڊي جي مشهور ناول The Mayor of Caster Bridge تان ”بلو کوکر عرف جوءِ جو وڪرو“ کي سنڌي طرح ترجمي ڪرڻ جي بجاءِ الٿو ڪيو ۽ 1929ع ۾ شايع ٿيو. ناول کي سنڌ جي حالتن تي ٺهڪائڻ ۾ ڪافي قابليت کان ڪم ورتل آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته وڏا اديب ۽ شاعر جڏهين ٻين ڪمن کان روڪبا آهن، تڏهين هو پنهنجو وقت شاهڪارن پيدا ڪرڻ ۾ صرف ڪندا آهن. ادب جي خوش قسمتيءَ سان ديوان صاحب سنگهه کي به گهوڙي ڏک ڏنو ۽ هن ڏيڍ مهينو گهر ۾ ويهي سنڌي ادب کي هي شاهڪار ڏنو. پروفيسر صاحب سنگهه، ناول جي باري ۾ پاڻ لکيو آهي ته ”مون جڏهن هارڊيءَ جي ناول ”ميئر آف ڪاسٽربرج“ پڙهي ڏٺم ته

زال جي وڪري جي ڳالهه جا ان ڪتاب ۾ ڏنل آهي، سا بلو کوکر جي زندگيءَ سان مشابهت ٿي رکي ۽ هينچرڊ جو مينيجر ۽ دوست به علامتن ۾ جمڙائو جي پٽ وارن پنجابي ڪالونٽسن، مان ڪن جهڙو آهي. ايليزبيٿ جينءَ ته، منهنجي پنهنجي پنگت ۾ ڪي چڱي ۾ چڱيون ڇوڪريون آهن، تن جهڙي مون کي نظر آئي. سوهن جهڙيون زالون بڻيءَ تي ۽ پنهنجي پنگت ۾ مون گهٽيون ڏٺيون. خيال ڪيم ته جي هارڊيءَ جي ناول جي ڪهاڻي ۽ شخص پنهنجي ڏٺلن ڳالهين ۽ ماڻهن سان آميز ڪري، ڪنهن وقت هڪڙو سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول لکيم، ته شايد ڪارگر ٿي پوي. ڪمن فرجو نه ڏنو، تان جو گهوڙي تان ڪريس ۽ بيمار پيس. بيماريءَ ۾ به ڪا حڪمت! فرصت ملي، ڏيڍ مهيني کن ۾ هيءُ ناول، جنهن جو نالو مون "بلو کوکر"، رکيو آهي".(45)

هن ناول جا خاص پنج ڪردار آهن: ابراهيم خان کوکر، در محمد دهلوي، حليمان، رحمت ۽ خانزادي، بچي. انهن جا ڳڻ اوڳڻ به پڙهندڙ پلي پاڻ سوچي. هن ناول ۾ ميرپور ۽ آس پاس جي پومي رنگ ٻڌائين جي ڪوشش نه ٿيل آهي، ۽ نڪي ايڊيٽر، ڊاڪٽر ۽ وڪيل، جي ميرپور ۾ موجود آهن، تن جي ڪنهن ذڪر جي به ڪا ڪوشش ٿيل آهي. ميونسپالٽي ۽ لوڪل بورڊ جا پريزيڊنٽ هاڻي ڏيهي ٿا ٿئن. لوڪل بورڊ جا پريزيڊنٽ ته هيستائين اڪثر اڻ پڙهيل ٿيا آهن، جنهنڪري ابراهيم خان کي به وجهه مليو، جو محنت سان چڙهي وڃي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ ٿيو. علم جيترو حليما، رحمت ۽ خانزاديءَ ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي، ايترو ٻهراڙيءَ جي مسلمان زالن ۾ هينئر، به اڪثر نه ٿو ليي. "بلو کوکر" جو ڪردار، جيڪو انساني فطرت جي عمل ۽ انساني عادتن سان گڏوگڏ وقت جي بدلجندڙ تبديلين کي پيش ڪري ٿو. جڏهن ته ٻيو ڪردار "رحمت" جو آهي، جيڪو مثالي ڪردار آهي. هن ڪردار جي وسيلي اها تلقين ڪيل آهي ته جيڪڏهن انسان ثابت قدم هجي ته سندن لاءِ دنيا جي ڪاميابي يقيني ٿي وڃي ٿي.

صاحب سنگهه چندا سنگهه ، ٿامس هارڊي جي هڪ ٻئي ناول ( Two on Tower) جو ترجمو "تارن جو اپياس يا آتو ميرچنداڻي" جي نالي سان ڪيو. هي ڪرائون سائيز جي 170 صفحن تي مشتمل ناول، صاحب سنگهه

چندا سنگهہ شاهاڻيءَ جو لکيل آهي، جيڪو 1930 ع ۾ ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچيءَ پاران ڪي. ٽي شهاڻيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ناول ۾ شهري هندو جيوت ۾ الٽو ڪيو هو. پر اهو ڏيهي حالتن سان پورو ٺهڪايل نہ هو، ۽ ان جو ترجمو بہ ڪيترن هنڌن تي نهايت اکري ۽ الوٽو هو. جنهن مان هن عالم جي دستوري ٺيٺ سنڌيءَ جو ساءُ ڪونہ آيو. سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جو پهريون ناول "تارن جو اپياس يا آتو مير چنداڻيءَ" کي چئي سگهون ٿا.هِن ناول جو تاجي پيتو، اُن زماني جي ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ جي جهلڪ ڏئي ٿو. هِن ناول جا بہ مکيہ ڪردار هڪ ڳڀرو نوجوان ۽ هڪ سينياڻي آهن. ناول جو مکيہ ڪردار 'آتو' ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ قائم آبزرويٽريءَ ۾ ويهي تارن، گرهن ۽ وايومنڊل جو اپياس ڪري ٿو تہ جيئن دُرست انگ اکر زراعت لاءِ ڪتب آڻجن، ٻوڏن ۽ موسمياتي تبديلين جو اڳواٽ بندوبست ڪري سگهجي. هن ناول جي باري ۾ ڊاڪٽر چندو لعل لکيو آهي تہ:"تارن جو اپياس"، ٻين اصلوڪن ناولن جي ڀيٽ ۾ مادرن يعني جديد آهي. اڳتي هلي پنگتي ناولن ۾ پيار جون ڳالهيون مبهم نموني ۽ اشارن ۾ ٻڌايون ويندڻيون هيون. هن ناول ۾ پيار جون ڳالهيون لکيل نموني ۾ ورنن ڪيل آهن. هن ناول ۾ وڏوا وواهہ کي همٿايو ويو آهي. اڳ شادي ڪيڪ زال لاءِ ڪنواري ڇوڪري جي سنبنڌ کي همٿايو ڪو نہ ويندو هو. هن ناول ۾ اهڙي سنبنڌ کي همٿايو ويو آهي. اڳ شادي ڪيل زال لاءِ ڪنواري ڇوڪري سان پيار ڪرڻ ناجائز سمجهيو ويندو هو. اڳ تہ ڇا ، پر هينئر بہ شايد اها ڳالهہ گهٽن ئي نہ آئڙي. هن ناول جي ساري ڪهاڻي ان قسم جي پيار تي ٻڌل آهي".(46)

## مولوي عبدالخالق "خليق" مورائي (1893_1934ع)

مولوي عبدالخالق "خليق" مورائي، ساهتي پرڳڻي جي علمي شهر موري جي قاضي خاندان مان هو. "پاڻ شاعر، ناول نگار، محقق، سوانح نگار ۽ صحافي هو. ڪراچي شهر ۾ سنڌي ادب جي ڪافي خدمت ڪيائين. سندس ناول "سندري" تمام گهڻو مقبول ٿيو. 1925 ع ۾ لياري واري علائقي رانگي واڙي مان حڪيم عبدالخالق مورائي جي نگراني ۾ ماهوار رسالو "ترقي" شايع ٿيڻ لڳو. رسالي ۾ موضوع گهڻو ڪري مسلمانن جي ترقي بابت هوندا هئا.

1933ع ۾ قاضي عبدالرزاق جي نگراني ۾ هڪ ماهوار رسالو ”ڪاميابي“ ڪراچيءَ مان جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ ادبي مضمون، شعر ۽ شاعري، خبرون، انهن تي تبصرا ۽ مذهبي مضمون شايع ٿيندا هئا. سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي ترقيءَ ۾ بہ سنڌس تمام گهڻو ڪردار هو ۽ مينجمينٽ تي بہ ڪم ڪيائين. ورهاڱي کان اڳ جن اديبن ناول نويسي ۾ نالو ڪڍيو انهن ۾ خليق مورائي جو نالو وڏي حيثيت رکي ٿو. سندس ناول سنڌ جي تاريخي، تهذيبي ۽ مذهبي پسمنظر ۾ لکيل آهن.

ان زماني ۾ آريہ سماج تحريڪون پنهنجي عروج تي هيون، جنهن جو اثر پوري هندستاني ادب تي ڇانيل هو. ان تحريڪ جي اثر هيٺ اهڙو ادب تخليق ڪيو ويو جنهن ۾ مسلمان سورمن ۽ جوڌن جي زندگي ۽ ڪردار تي سخت حملا ڪيا ويا هئا. خليق مورائي جا ناول ان تحريڪن جو رد عمل هئا. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ ”1920ع کان 1922ع ڌاري حڪيم عبدالخليق مورائي هندو زندگي تي ناول جوڙڻ ۾ اهڙي دلچسپي ورتي جو سڄا سارا ٽي حصا ”سندري“، ”ستيءَ جي ستيا“ ۽ ”چترپتي“ هڪ ٻئي جي پٺيان لکي ورتائين. هي سڀ آڳاٽي سنڌ جي تاريخي پسمنظر ۾ بهاريل هئا، جڏهن راجا ڇڄ ۽ ڏاهر سين راج ڪندا هئا ۽ آخر محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي. اهي ناول گهڻو تڻو ڇچ نامي جي اختياريءَ تي ٻڌل هئا ۽ منجهن هندو _ مسلم اختلافن تي زور ڏنل هو ۽ سخت ڪلامي ڪيل هئي پر حڪيم صاحب جي عاليشان عبارت کي داد ڏيڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي“.[47] مٿي ذڪر ڪيل ٽئي ناول درحقيقت (Trilogy) آهن. ناول ”سندري“ ۾ برهمڻ سماج جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي. هي ناول دراصل ان وقت جي لکيل هندن جي ناولن جي جواب ۾ لکيا ويا هئا.

حڪيم خليق مورائيءَ سڀ کان اول ”فاتح سنڌ عرف محمد بن قاسم“ نالي ڪتاب 1926 ۾ لکيو، جنهن ۾ محمد بن قاسم جي شخصيت کي اجاگر ڪيو ويو. پر ڪتاب جي اٽت ناول وانگر آهي. سندس مشهور ناول ”سندري“ 1928ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ عربن هٿان 712ع ۾ محمد بن قاسم جي اڳواڻي ۾ ٿيل فتح ۽ برهمڻ گهراڻي جي شڪست جو پسمنظر آهي. هن ناول

جون شروعاتي قسطون ماهوار ”ترقي“ رسالي ۾ شايع ڪيون هائين.هن ناول ۾ هڪ طرف راجا ڏاهر جي طرفان ڪيل ظلمن، ناانصافين ۽ غير مساوي سلوڪ ۽ سندس بدڪارين جو ذڪر ڪيو ويو تہ ٻئي طرف سندريءَ جي عشق ۽ لازوال محبت جو سهڻي نموني ذڪر ڪيو ويو آهي.ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مطابق ”ديسي ناول نگارن، تاريخي ڪارنامن، ناولن جي صورت ۾ پيش ڪري اپارڻ تي گهريو. هن ڏس ۾ مرحوم خليق مورائيءَ جو ناول ”سندري“ فن توڙي زبان جي لحاظ کان شاندار آهي.“ (48)

هن ناول ۾ ان دور جون ريتون، رسمون، تمدن، معاشرتي اخلاق ۽ جذبات تي بہ سهڻي نموني نظر وڌي وئي آهي. اهڙي طرح سنڌ ۾ اسلام جي آمد جي خوشخبري پڻ ڏني ويئي آهي ۽ حق کي باطل تي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اسلام ۽ توحيد جو ڦهلاءُ سنڌ ۾ خوشقسمت واقعو ۽ بت پرستي جو انت ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول ۾ خليق مورائي صاحب، سنڌ جي نياڻين سان راجا ڏاهر جي سپاهين جيڪي ويل وهايا هئا، تن جا منظر چٽيا ويا آهن، جن ۾ سنڌي قوميت ۽ قوميت جي تحريڪ کي موضوع بنايو ويو آهي ۽ ناول ۾ محمد بن قاسم جي حسن سلوڪ جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي.

هن ناول جو ٻيو حصو ”ستيءَ جي ست“ آهي، جيڪو دراصل تاريخي تسلسل ۾ آهي. هن ناول ۾ بہ راجا ڏاهر ۽ راجا ڏهرسين کان پوءِ وارا دور ڏيکاريا ويا آهن. هن ناول ۾ فتح سومنات جو پسمنظر بہ آهي، راجا ڏاهر ۽ عربن جي دور کان پوءِ محمود غزنوي هندستان جي رياستن ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اسلام کي ڦهلايو. محمود غزنوي 1025ع ۾ سومنات مندر تي حملو ڪيو ۽ بتن کي تباهہ ڪيو هو.

قاضي صاحب ٽيون ناول ”چتر پتي“ لکيو. هي ناول ڪنهن هندو ليکڪ جي ڪتاب ”چتر سال“ جي جواب ۾ هو. ان ڪتاب ۾ هندو ليکڪ اورنگزيب جي پيڻ ۽ نياڻي تي فرضي نالن سان حملا ڪيا هئا. قاضي صاحب نہ صرف هندو ليکڪ کي مدلل جواب ڏنا. پر ناول ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ اورنگزيب عالمگير ۽ آڏيپور جي راڻي جي عشق جو دلچسپ قصو بہ بيان ڪيو آهي.

1930ع ۾ قاضي صاحب جو ناول "عبرت" شايع ٿيو. هن ناول بابت ڪريم بخش خالد لکي ٿو ته "جڏهن خليق صاحب، ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جو پروپيگنڊا سيڪريٽري هو، تڏهن ڪيس ڪراچي ضلعي جي رهاڪن جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي هڪ ناول لکڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو هو "... هن ناول جو مقصد ڳوٺاڻن جي حقيقت ظاهر ڪرڻ ۽ اڻ سڌي طرح انهن کي سڌاري ۽ وڌاري جي ترغيب پڻ هو... هن ناول ۾ جڙتو پيرن ۽ اڌ اکري ملن تي سهڻي تنقيد ڪيل آهي".(49) هي ناول ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل نه آهي، بلڪه "ڪوآپريٽو" رسالي ۾ 1929ع کان 1930ع ۾ قسطوار شايع ٿيو هو. هي ناول سماجڪ سڌارڪ موضوع جي ترجماني ڪري ٿو.

قاضي صاحب جو ناول "نسيما"، 1930ع ۾ شايع ٿيو. سندري ۽ عبرت وانگي هن ناول کي به شهرت ملي. هن ناول ۾ عجيب و غريب نموني ۾ محبت ۽ عشق جي تشريح ملي ٿي. هن ناول جو ٻيو پهلو سماجي اصلاح به آهي. اهڙي طرح قاضي صاحب جو ناول "درس آموز" (1932ع) هڪ معاشرتي ناول آهي. جيڪو ان دور جي سماجي زندگي پيش ڪري ٿو. مطلب ته خليق مورائي جو سنڌي ناول نويسي جي فن کي ترقي ڏيڻ ۾ وڏو هٿ هو. سندس ڪيترائي تاريخي، سماجي ۽ رواجي ناول پڻ لکيل آهن.

## ميلهارام واسواڻي (1901ـ 1972ع)

ميلهارام منگترام وسواڻي جو تعلق حيدرآباد جي عاملن مان هو. هو مترجم، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، پبلشر، ٻاراڻي ادب خاص طور تي آکاڻين جو وڏو ليکڪ هو. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پنهنجي ٿيسز ۾ لکي ٿو ته "سندر ساهتيه منڊل" جي باني ميلهارام واسواڻيءَ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جا گهڙا ڀريا تن کي ڪڏهن به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هن صاحب هڪ طرف ڪتابي صورت ۾ وقت به وقت ڪهاڻين جا مجموعا شايع ڪرايا ۽ ٻئي طرف 1924ع کان وٽي رسالو جاري ڪيو، جنهن ۾ به وقت به وقت ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهنديون هيون".(50)

ميلهارام وسواڻيءَ جي ناولن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ گهڻا ترجما آهن. هن قومي ۽ سياسي شعور هيٺ لکيل بنگالي ناولن، ڊرامن ۽

ڪهاڻين جا ترجما ڪيا. هن جي ناولن جي خاص ڳالهه اها هئي ته هن هندو سماج جي تاريخي واقعن ۽ پسمنظرن کي بنياد بڻايو. ٻيو، هن هندو سورمن، پنڊتن ۽ تاريخي واقعن کي فرضي ڳالهين سان پيش وڌائي پيش ڪري غلط روايتن جو بنياد وڌو، جن سان ادبي دنيا ۾ مذهبي ڇڪتاڻ پڻ ٿي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ لکيو آهي ته ”هن هندو سورمن کي ساراهڻ لاءِ ڪيترون ئي فرضي ڳالهيون تاريخي ناولن ۾ شامل ڪيون ۽ مسلمانن خلاف نفرت کي ڀڙڪايو. انهيءَ جدوجهد ۾ هندن پنهنجي سورمن کي واڪاڻيو ۽ مسلمانن پنهنجن غازين ۽ بهادرن جي بيباڪيءَ کي عوام جي اڳيان آندو. انهيءَ ڇتاڀيتيءَ ۾ ڪيتريون ئي غلط روايتون ۽ وقعا پڙهندڙ جي ذهن تي آندا ويا“. (51)

ميلهارام منگترام تمام گهڻا ناول لکيا، جن ۾ وڌ ۾ وڌ بنگالي ناول ترجمو آهن. هن مشهور بنگالي اديب ’رميش چندر دت‘ جي ناول Slave Girl of Agra کي ’آگري جي ٻانهي‘ عنوان سان (1936 ۾) ترجمو ڪيو. هن مغل سلطنت جي خاندان سان تعلق شهزادي سليم ۽ مهرالنساءِ جي رومانوي ڪهاڻيءَ جو شاندار نمونو ذڪر آهي. ياد رهي ته پوري هندستان ۾ مغليه خاندان جي رومانوي ۽ سياسي قصن کي ناولن ، ڊرامن ۽ ڪهاڻين ۾ پيش ڪرڻ جو هڪ قسم جو رواج پيل هو. ”آگري جي ٻانهي“ مان، شهزادي سليم ۽ مهرالنسا جي شروعاتي محبت بابت هيٺيون سهڻو بيان ڏجي ٿو:

”مهرالنسا کي اهڙي حشمت ۽ دٻدٻي سان ڳالهائيندو ڏسي سليم چيس، ’مهرالنسا، تون سچ پچ بادشاهيءَ لاءِ ڄائي آهين ۽ وقت پري ڪونهي جڏهن سلطنت تنهنجا فرمان بجا آڻيندي. ڇڳو، جي تنهنجي مرضي آهي ته مان وڃان ٿو. تنهنجي مصلحت مڃيندس. پر ڀڄاڙيءَ جو هڪ نوازش ٿو گهران. جدا ٿيڻ کان اڳ رڳو هڪ ڀيرو پنهنجي منور منهن جو ديدار ڪراءِ. پنهنجي موهيندڙ نيڻن جي هڪ نگاهه هن پينار تي وجهه. بدنصيب شهزادو پنهنجي دل ۾ تنهنجي صورت سڪ سوز سان سانديندو پٽڪندو وتندو....، مهرالنسا نيٺ به ته عورت هئي، ويتر نرم دل ۽ دردوندي. ڀڄاڙيءَ جي خوشامند ۽ التجا زناني دل کي پڃائي وڌو. ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين، ’يا خدا،

جيڪڏهن ڪو گناهه جو ڪم ڪريان ٿي تہ پنهنجي رحم سان بخش. ’منٿ ۾ رڪي چيائين، ”شهزادا، تنهنجو هي پڇاڙيءَ جو عرض موٽائي نٿي سگهان‘.

”ناز سان نہ، پر نزاڪت سان، ريشمي پڙدو سرڪي پري ٿيو ۽ منور منهن ظاهر ٿيو جنهن ۾ غرور نہ پر الاهي شان هو. اکين ۾ لڄ ۽ مرم. حياءَ وچان پريل ڳلن ۾ گلابي رنگت پرجي آئي، جنهن سندس حسن کي ٻيڻو ڀڙڪايو. شعر، راڳ ۽ حسن جي ملڪ ايران ۾ بہ سندس ثاني نازنين نہ هئي، نہ ڪي هندستان جي رمڻين ۾ ڪا اهڙي موهيندڙ مورت.... دهليءَ جي نقاشن بيسود عاج ۽ ڪپڙي تي بي مثل سونهن چٽي آهي ۽ مغرب جي شاعرن جي حرم جي هسن تي شعر رچيا آهن، ڇاڪاڻ تہ هن ايراني حور جو حسن، نقاش جي ڪاريگريءَ ۽ شاعري جي جذبات پري قلم بنديءَ جي پهچ کان ٻاهر هو. تحقيق هوءَ بي نظير هئي.... سليم مهر النساءَ جو بي۔ برقو منهن ڏٺو تہ سندس دل تڏو ساهہ پربو. مهرالنساءَ منهن ڏيکاري وري ڪٽي ڏيکيو جڻ تہ وڄ چمڪو ڏيئي گم ٿي ويئي“.[52]

1943ع ۾ ميلهارام منگترام چندي چرن سين جو لکيل ”نند ڪمار کي ڦاسي“نالي تاريخي ناول ڪيو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ موجب ”ان ناول ۾ آڪاٽيءَ جو ڏنگ خيرڪو هو، باقي ڪمپنيءَ جي ڏينهن ۾، انگريزن جا هندستانين تي ظلم، اَنگن اکرن ۽ حقيقت سميت، اهڙا تہ بيان ڪيل هئا جو دل ڏاريو ٿي ڇڏيائون“.[53]

ميلهارام منگترام ، 1941ع ۾ شرت چندر چٽرجي جي ناول جو الٿو ” سماجڪ بلوو“ جي عنوان سان ڪيو ۽ پوري ناول کي مقامي رنگ ۾ آندائين. هي هڪ معاشرتي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ترجمي لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي تہ ”هن ڪتاب ۾ هندو سماج جي چڱي تصوير چٽي، ان کي ننديو اٿس. حالانڪ پاڻ هن ڪتاب جو اصل رچيندڙ شري شرت چندر چٽرجي ڄاڻايو اٿس، ليڪن مطالعي مان سڄو ڪتاب اصلوڪو پيو لڳي، نہ رڳو ٻوليءَ ۽ ڪردارن جي ڪري بلڪ سڄو ماحول بہ مقامي آهي“.[54] هن ناول جي ڪهاڻي جوتي نالي هڪ ڇوڪريءَ بابت آهي، جيڪا ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ غريب

گھراڻي پيدا ٿي هئي. هوءَ انتهائي حسين ۽ بااخلاق آهي. جوتيءَ کي هيموءَ نالي حيدرآباد جي هڪ زميندار ڇوڪري ڏسي ورتو ۽ دل ڦرائي ويٺو. هوجوتيءَ جي گھر ۾ اچڻ وڃڻ لڳو ۽ ساڻنس محبت جو اظهار ڪيائين. ان محبت معاشرتي سوال ۽ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا. ٻنهي جي شادي اميري ۽ غريبي جي پرک تي ٻئي هنڌ ٿي وڃي ٿي. ناول جي ٻولي بہ بهترين آهي، جنهن جو مثال هتي ڏجي ٿو:

”زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ فقط هڪ وک جي وڇوٽي هئي. دل گھائل پکيءَ جيان ڦٿڪي رهي هئي. ڇا، هن جو نالو دنيا آهي؟ ڇا، ٿورن ڏينهن جي زندگيءَ تي انسان ايترو ناز ٿو ڪري؟. هن گناهہ جي ڪنڊن ڀري جهاز ۾ ڦاسي حياتي ڪاٽڻ مان ڪهڙو فائدو؟ جن کي اسين انساني صورت ۾ ٿا ڏسون، تن جي دل ۾ نہ تہ نالي ماتر بہ همدردي، ڪوملتا ۽ ديا ڪانهي. حسد، دشمني، خود غرضي، فريب ، دوکو، گناهہ ۽ ظلم سان ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي، ان جو سبب؟“. (55)

ميلارام واسواڻيءَ هڪ طبعزاد ناول ”سشيلا“ سندر ساهتيہ منڊل پاران 1937ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ڀڻ پنگتي حالتن تي جوڙيل آهي، جنهن ۾ ناول نگار بيواهہ جي شاديءَ جي حق ۾ دليل ڏنا آهن ۽ سماج جي انهن ماڻهن خلاف آواز اٿاريو آهي جيڪي ظاهري طرح بيوه جي شاديءَ جي مخالفت ڪن ٿا ۽ اندروني طور تي اهڙن عورتن جي زندگي تباهہ ڪن ٿا. هن ناول جو پلاٽ سشيلا نالي هڪ وڌاو (بيوه) جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي. لڇمڻ ۽ پروفيسر ديال پاڻ ۾ گھاٽا دوست آهن. لڇمڻ جي زال ديهانت ڪري وئي هئي ۽ ٻئي طرف سشيلا جي مڙس بسنت ڪمار، هوليءَ جي ڏينهن گنگا ۾ سنسان ڪندي ٻڏي ويو هو. هن ناول ۾ هڪ مرد جي ٻي شاديءَ جي ڪهاڻيءَ آهي، جنهن جي زال مري وئي آهي ۽ هڪ عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو مڙس مري ويو آهي. هن سماج جي قدرن جي روشنيءَ ۾ ٻنهي جي شاديءَ جا معيار ڏيکاريا ويا آهن.

ميلارام واسواڻيءَ جو هڪ ٻيو طبعزاد ناول ”ڳئون دان يا دکي هاري“ هو، جيڪو سندر ساهتيہ منڊل پاران 1943ع ۾ شايع ٿيو. هي قومي ۽ سماجي مسئلن تي لکيل اهم ناول آهي.

ميلارام منگترام واسواڻيءَ جو هڪ ٻيو اهم ترجمو ”چندر چڪور“ 1938ع ۾ سندر ساهتيه منڊل پاران شايع ٿيو. هن ناول جي آڪاڻي راجپوت معاشري جي عڪاسي ڪري ٿي. ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مالتي ڳڙهه ۾ هڪ تياڳي برهمڻ رهندو هو، جنهن وٽ ”مالتي“ نالي هڪ ڪنيا رهندي هئي. هن طرف مالتي ڳڙهه جي سرادر ڪي هڪ پٽ ”شوپن سنگهه“ هو. اهي ٻئي ڄڻا ٻاليٽي ڪان وٺي هڪ ٻئي ڪي چاهيندا هئا. جڏهن جوان ٿيا ته سندن محبت ٻو زور ورتو. شوپن شنگهه کتري هو ۽ مالتي وري برهمڻ هئي. ان ڪان علاوه، هڪ سردار ته ٻي ڪنيا هئي. ٻنهي ڪي خبر هئي ته ڌرم ۽ معاشرو هڪ ٿيڻ نه ڏيندو. پوءِ ٿيو به ائين ته هنن ٻنهي ڪي الڳ ڪيو ويو. جيئن ته ميلارام اجايا واقعا گهڙڻ ۾ ماهر هوندو، ان ڪري هن ناول ۾ به غير حقيقي مغلن ۽ راجپوتن جي جنگين جا واقعا وڌائين ۽ آخر ۾ ٻئي ڄڻا جنگين جي نتيجي ۾ مارجي وڃن ٿا. ڪتان جي ڪهاڻي ڪتي پهچي وئي. ناول مان ٻوليءَ جي اسلوب جي هي مثال ڏجي ٿو:

”پريم انڌو ديوتا سڏبو آهي، ڳڻ حقيقت اها ناهي ڪڏهن ڪنهن سان دل لڳي ٿي وڃي، ڪيئن ٿي لڳي، ڇو ٿي لڳي، ان جو پتو ناهي. پريم اڳ پوءِ نه ڏسي، ڳڻ اگر ڪا نه ڪري، شايد ان ڪري ان ڪي انڌو سڏين. پريم هي سچو آهي ته امر جوتي آهي. تياڳ ان جو تيل ۽ قرباني ڪرڻ جي واٽ آهي“.(56)

ميلارام منگترام واسواڻي جو ناول ”رنگ محل“ جي نالی ناول مغل شهنشاهن جی اتهاسڪ قصن تی مشتمل هو، جيڪو پرنٽنگ ورڪ، ڪيمبال روڊ ڪراچيءَ مان ڇپجی پڌرو ٿيو.هن ناول ۾ مغل شهنشاهن جی خانگی حالتن کی نهايت تلخ انداز سان پيش ڪيو ويو ۽ سندن اخلاقی ڪردار تی به ڪلیءَ طرح سان لکيو ويو آهی. نامور ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائیءَ ان جی جواب ۾ ’رنگ محل ڏاهری رنگ محل‘ ڪتاب لکيو. اختلافی مواد سبب ’رنگ محل‘ ۽ ’رنگ محل ڏاهري رنگ محل‘ ڪتابن تي وقت جي سرڪار پابندي مڙهي هئي. ميلارام منگترام واسواڻي، تاريخي ۽ قومي دلچسپ قصا ’جادونات سرڪار‘ جي ڪتابن ۽ ڪرنل ٽاڊ جي ’تاريخ راجستان‘ وغيره تان ڪٽي ناولن جي صورت ۾ تيار ڪيا، جن ۾ ’مهاراڻو پرتاب‘ (1926)، ’شيواجي‘ (1927)، ’راجا اشوڪ‘

(1928)، ’رنگ محل‘، ’شيش محل‘ (1938) ۽ ’انارڪلي‘ وغيره شامل هئا. اهڙيءَ طرح 1937ع ۾ ’ڪمل ڪماري‘ ناول ترجمو ڪيو. جنهن جي ڪهاڻي ”آگري جي ٻانهي“ سان ملندڙ جلندڙ آهي. ”چندر پال“، 1945ع ۾ پريمچند جي ناول تان اختصار سان ترجمو ڪيائين. جيڪو هڪ ديش ڀڳت جي باري ۾ آهي.1939ع ۾ ميلارام جا ٻه ناول ’رتنا‘ ۽ ’سنجوتي‘ شايع ٿيا. جن مان پهريون ناول تاريخي ۽ ٻيو گهريلو موضوع تي آڌارت هو. اهڙيءَ ريت منشي پريمچند جي هڪ قصي جو اختصار ’چندرپال‘ نالي سان 1945ع ۾ ڪيو. جنهن ۾ هڪ ديش ڀڳت جي ڪهاڻي آهي. ميلارام جو تاريخي ناول ’پتي ڀڳتي‘ ميلارام ٻيا ٻه ڪيترا پنگتي ناول ٻه ترجمو ڪيا. جن مان گهڻائي منشي پريمچند جي هندي ناولن جي هئي. انهن مان مکيه هي ناول هئا:نرملا(1931)، ’خوني سماج‘(سيوا سڌن جو ترجمو: 1934)، شيش محل (1938)، ’سڪدار‘، ’منورما‘، ’ڪرم يومي‘، ’مايا چار‘ (1940)؛ ’چندر چڪور‘، ’هاري جيت‘ (1943)، ’شيوا جي‘، ’قرباني‘ (1944)، ’سنسار ليلا‘، ’رتل راڻي ‘ ، ’چندن‘، ’منزل‘ (1945)، ’راجا اشوڪ‘(1948) شامل آهن. مرزا قليچ بيگ ۽ جيٺمل پرسرام ڪانپوءِ، ميلارام صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽيون ترجمان هو. جنهن سؤ کن ڪتاب ته بيشڪ لکي ڪديا هوندا. ۽ سندس لکڻي ٻه پختي ۽ روانيءَ واري هئي.

## محمد عثمان ڏيپلائي (1908_ 1981ع)

محمد عثمان ڏيپلائي ”شائق“ ولد حبيب الله ميمڻ جو جنم ڏيپلي، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ٿيو. پاڻ سنڌ جو ڪهنه مشق صحافي، اديب، ناول نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، پبلشر، نقاد ۽ ڊراما نويس هو. ڏيپلائي صاحب هڪ بي باڪ ليکڪ هو. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪيترن ئي ڪتابن تي پابندي پئي ۽ ڪيس جيل ٻه وڃڻو پيو. مرزا قليچ بيگ ڪانپوءِ، عثمان ڏيپلائي ئي اهڙو سنڌي اديب هو. جنهن تيزيءَ سان لکيو ۽ گهڻو لکيو. فرق صرف اهو هو ته. مرزا صاحب مغربي دنيا جي ترقي يافته قومن جي اثر هيٺ لکيو ۽ ڏيپلائي صاحب اسلامي تاريخ ۽ قوم پرستيءَ واري اثر هيٺ لکيو. محمد عثمان ڏيپلائيءَ سون جي تعداد ۾ ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون. اهڙو سلسلو انگريزن جي دور کان شروع ٿيو ۽ آزادي کان پوءِ سندس وفات تائين جاري رهيو. سندس لکڻين جي اهم

ڳالهه اها آهي ته سندس گهڻي ۾ گهڻيون لکڻيون اسلامي ۽ سنڌ ۾ "مرشد" تي لکيل آهن. ڏيپلائي صاحب جيڪي ننڍا ننڍا ناول لکيا، اهي تاريخي واقعن ۾ وڏاءَ ۽ مذهبي ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ لکيا. محمد عثمان ڏيپلائي نه صرف بهترين ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس هو، پر ڪيترن سٺن ناولن جو ليکڪ ۽ مترجم به هو. هن ڪيترائي شاهڪار ناول لکيا. ڏيپلائي صاحب ڪيترن مذهبي ۽ تاريخي ناول هندو ليکڪن جي جواب ۾ لکيا. محمد عثمان ڏيپلائي پنهنجي تاريخي ناولن جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته: "مسلمان پنهنجي تاريخ کان اڻواقف هجڻ سبب بزدليءَ جي کڏ ۾ غرق ٿيندا ٿا وڃن، ان ڪري مون خدا پاڪ تي ڀروسو رکي اسلامي تاريخي ناولن جو سلسلو شروع ڪيو، جنهن ۾ غافل مسلمانن جون دليون خوب بيدار ڪيون ۽ هو بزدليءَ جو اُتاهه کڏ مان نڪري پاڻ کي شينهن جو اولاد سمجهڻ لڳا آهن". (57)
جڏهن ته رشيد ڀٽي لکيو آهي ته: "ان وقت ڏيپلائي سنڌي پڙهندڙن لاءِ هڪ جنون (Craze) هو. سندس تاريخي ناول سنڌ جي مسجدن ۾ رات جي نماز بعد باجماعت پڙهيا ويندا هئا". (58) ڪريم بخش خالد مطابق: "هڪ طرف جيئن مرزا قليچ بيگ مرحوم جي ناولن، ملڪ ۾ پنگتي سڌارن ۽تمدني جاڳرتا جو مثبت ڪم ڪيو، اهڙي طرح ڏيپلائي مرحوم جي ناولن، مسلمانن ۾ سياسي بيداري پيدا ڪئي. عقيدن جي اصلاح ڪئي ۽ آزادي جي سٽل جذبي کي اهڙو جاڳايو، جو پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو سرس ٿي پيو". (59)
ڏيپلائي صاحب، انگريزن جي راڄ ۾ به ڪيترائي ناول ۽ ناوليٽ لکيا، جن ۾ اڪثر تاريخي ۽ مسلم سورهين جا داستان آهن. انهن مان ڪجهه ناولن جي سرڪار پابندي به وڌي. سندس ناولن جو پهريون دور "سنگدل شهزادي، سال 1938ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ ناول سنڌي عوام ۾ بيحد مقبول ٿيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ انهيءَ جا چار ايڊيشن ڇاپي ۾ آيا. 2013ع ۾ اڪيڊميءَ ۽ انهيءَ جو جديد انداز ۾ نئون ڇاپو آندو آهي، هن ناول جو پلاٽ منشي صادق جي ڪتاب "آرمينيا ڪا چند" تان ورتل هو.
سندس ٻيو اهم ناول "گلستان حسن" 1939ع ۾ شايع ٿيو .هن جي پهرين ايڊيشن تي ڪابه پابندي ڪانه لڳي پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ اسماعيلي جماعت طرفان احتجاج ڪري بندش پئجي ويئي. هيءُ ناول، اسماعيلي فرقي جي دل آزاريءَ جي الزام هيٺ آيو. ڇاڪاڻ ته حَسن بن صَباح هنن وٽ وڏي مان، مرتبي

بلڪ (Iconic figure) (شان واري علمي ۽ سياسي مدبر شخصيت) سَمجهيو وڃي ٿو. علماءِ ديوبند اُڻويهين صدي کان هڪ مخصوص شافعي ۽ حنبلي فقه جا ڪاربند رهيا آهن. اُهي اِهلِ تَشيع متعلق اِختلافي نُڪتہءِ نظر رکندا هئا ۽ آهن. دراصل هيءُ ناول اردوءَ جي مشهور اديب ۽ عالم دين مولانا عبدالحليم شَرر جي ناول 'فردوس برين' جو آزاد ترجمو آهي. (هاڻ اِهو ناول انگريزي ترجمي سان گڏ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ڇپرايو). هن ناول ۾ فِدائي تَحريڪ (Assassins) جي باني حَسن بن صباح ڏانهن منسوب Earthly Paradise يعني زميني جَنت (ڌرتي تي ٺاهيل بِهشت) جو رنگين دلگداز احوال ۽ منگول بادشاهہ هلاڪو خان هٿان سندس تباهيءَ جو عبرتناڪ ذِڪر آهي. بقول محمد علي ڏيپلائي تہ ناول جو پلاٽ تہ فردوس برين تان ورتل آهي، پر اُنهي ۾ ڏيپلائي صاحب طرفان ڪجهہ اضافا پڻ ڪيل هئا. ڏيپلائي جي پنهنجي چوڻ مطابق: ”جيئن تہ مان پيرن جي خلاف هئس تنهن ڪري حَسن بن صباح جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ غلط سَلط پڙهيو هئم (جيڪو ندوة العلماء العلوم، لکنو وارن جوئي ڇپايل هو_ مضمون نگار) تنهن جي بُنياد تي هيءُ ڪتاب لکيم، جيڪو نهايت گندو ڪتاب هو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو اسلامي تاريخ موضوع تي لکيل ” نُور توحيد“ هڪ منفرد ۽ شاهڪار ناول آهي. هن ناول ۾ اسلام ۽ اسلام جي باني حضرت محمدﷺ جن جي ولادت باسعادت کان وٺي سندن وصال تائين جي سموري تاريخ نهايت وڻندڙ پيرايي ۾ بيان ڪئي ويئي آهي. هن ناول ۾ اسلام ۽ بانيءَ اسلام جي بنيادي ڪارنامن ۾ ٻن اهم نقطن کي اهميت سان بيان ڪيو آهي: هڪڙو عرب ۾ عورتون جي جيئري پورڻ جي رسم کي ختم ڪرڻ ۽ ٻيو اولياءُ پرستيءَ جي خاتمي ڪرڻ جو.

جيئري پورجي ويل سلميٰ ۽ سندس مڱيندو اڪرم هن ناول جا مک ڪردار آهن. سلميٰ جي پورجي وڃڻ سان هنن ٻنهي جو وڇوڙو ٿئي ٿو، ۽ ان وڇوڙي جو داستان اسلام ۽ بانيءَ اسلام جي ڪهاڻيءَ سان فتح مڪہ سان اسلام سوياري ٿيڻ تائين لاڳيتو جاري رهي ٿو ۽ ان ڏينهن ناول جي هنن ٻنهي ڪردارن کي پڻ سوڀ تي ملي. هڪ وحشي رسم کي شڪست ٿي اچي. اڳتي لاءِ ڪا بہ نياڻي جيئري نہ پوري ويندي، ڪابہ عورت ڏاڍائيءَ جي شڪار نہ

ٿيندي. اج ڪان پوءِ بي زبان ٿي ويل عورتن کي زبان ٿي ملي. انهن کي معاشري ۾ مقام ۽ مرتبو حاصل ٿو ٿئي. انهن جا حق متعين ڪيا وڃن ٿا. ٻيو هڪ اهم واقعو ڪعبة الله منجهان ٿي سو سٽ ٻتن کي ڏاهي پٽ ڪرڻ جو ٿئي ٿو. نور توحيد” ناول ۾ ڏيپلائي صاحب متعدد واقعن کي موجوده معاشري جي اوڻاين مٿان تنقيد ۾ به خوب استعمال ڪيو آهي. ڪوڙ ڀيرا سنڌ جي وڏيرڪين روايتن تي ڦٽڪار ڪئي اٿائين. گڏوگڏ منافقن جي تذڪرن ۾ سياستدانن جي منافقيءَ تي به خوب چوهڙ چنڊيا اٿائين. نور توحيد ناول جي ٻولي سليس ۽ سندس ترجمو باڪمال آهي، منجهس موقعي مهل سان قرآن پاڪ جون آيتون ۽ انهن جو ترجمو پڻ ڏنل آهي، سنڌ جي منافق سياستدانن ۽ وڏيرن تي لعنت ۽ ملامت ڪيل آهي.

هيءُ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي طويل ناول نور توحيد جو ٻيو ڀاڱو ”شوڪت اسلام“ آهي، جيڪو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ 1944ع ۾ شايع ٿيو.جڏهن ته سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي طرفان 2001ع ۾ ناول جي ٻنهي ڀاڱن کي گڏائي، ’نور توحيد نالي سان مڪمل ايڊيشن ۾ آندو ويو.

سندس ناول ”ڏاهري رنگ محل“، محمد عثمان ڏيپلائي طرفان شروع ڪيل عبرت ڪتابي سلسلي جي جلد 2۔ سيپٽمبر، آڪٽوبر ۽ نومبر 1942ع۔ 6۔7۔8 جي پرچي ۾ ڇپيو هو. هن ناول ۾ مسلمان بادشاهن جي بهادري ۽ سندن حالات زندگيءَ کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب آريه سماج طرفان مسلمان بادشاهن خلاف ڇپرايل ڪتابن جو جواب آهي، جنهن ۾ سندن خانگي حالتن کي نهايت تلخ ۽ سخت انداز سان پيش ڪيو ويو هو. خاص ڪري ’رنگ محل‘ ۾ مغل شهنشاهن جي اخلاقي ڪردار تي نهايت خراب انداز ۾ لکيل هو. جنهن ڏَس ۾ ڏيپلائي صاحب ان وقت هڪ جذباتي مسلمان جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض سمجهندي، ان جي جواب ۾ ’رنگ محل ڏاهري رنگ محل‘ ۽ ٻيا ڪتاب لکيا، جيڪي عبرت ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿيا هئا.

سوڊان ۾ سيد جمال الدين افغانيءَ جي شاگرد محمد احمد مصريءَ جي سوڊان تي قابض برطانوي ۽ مصري حڪومتن خلاف بغاوت ۽ انهن خلاف

جنگين جي نتيجي ۾ سوڊان جي وڏي حصي (خرطوم ۽ آسپاس وارن علائقن) ۾ ’مهدويہ تحريڪ‘ جي حوالي سان قائم اسلامي حڪومت جي پسمنظر ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ ناول ”سوڊان جي سونهن عرف مجاهد مصر“ لکيو هو. جنهن جو پهريون ڇاپو 1943ع ڌاري شايع ٿيو. هن ناول جي خصوصيت اها آهي تہ ان جو 1951ع ۾ اردو ترجمو، مولانا محمد حفيظ الرحمان ڪيو ۽ عزيز المطابع بهاولپور مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

اسلامي موضوع تي لکيل ناوليٽ ”آخري اُميد“ کي تمام گهڻي پذيرائي حاصل ٿي. هي ناوليٽ سورهن بابن تي مشتمل آهي ۽ پهريون ڀيرو 1940ع ۾ عبرت ڪتابي سلسلي، اسلاميہ دارالاشاعت حيدرآباد/ ميرپورخاص پاران شايع ٿيو. هن ناوليٽ جو چوٿون ڇاپو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران 2009ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ 65 صفحا آهن. هن ناوليٽ ۾ خالد بن وليد ۽ ٻين مجاهدن جي بهادرانہ ڪارنامن جو ذڪر آهي، خاص طور تي حضرت عمر جي زماني ۾ مسلمانن طرفان ”نازنين“ استوار جي بادشاهہ پريول جي لاڙلي ڌيءُ مسلمان ٿئي ٿي. هن ناوليٽ ۾ علم نجوم وغيرہ بابت اسلامي نڪتہ نظر سان وضاحت ڪيل آهي.

سندس ناوليٽ ”دختر اسلام“ پهريون دفعو 1942ع ۾ شايع ۽ ان جو چوٿون ڇاپو مهراڻ اڪيڊمي پاران 2008ع ۾ شايع ٿيو. هن ناوليٽ ۾ حضرت ابوبڪر جي زماني ۾ هرقل جي فوجين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ٿيل جنگ جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ حضرت خالد بن وليد عيسائن کي شڪست ڏني هئي. سڄي ناوليٽ ۾ مجاهدن جي بهادري، اخلاق ۽ عورتن جي اعليٰ ڪردار جي تعريف ڪيل آهي. ”روم جي راڻي“ اسلامي تاريخي ناول پهريون ڀيرو 1944ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ ان جو ٽيون ڇاپو اپريل2013ع مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ڇپائي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ دلچسپ طريقي سان مسلمانن جي بهادرانہ ڪارنامن جو ذڪر ڪيو ويو هو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو هي ناول ”چين جو چنڊ“ جو پهريون ڇاپو 1944ع ۾ عبرت ڪتابي سلسليوار/ اسلاميہ دارالاشاعت، حيدرآباد، ميرپورخاص طرفان شايع ٿيو، هن ناول ۾ اعليٰ اخلاق ۽ اسلامي تعليمات جو ذڪر نهايت دلچسپ

انداز ۾ سليس پيرايي ۾ ڪيل آهي. 2008ع ۾ ، هن ناول ٻيو ايڊيشن شايع ٿيو. هن ناول جي شروعات هن ريت ٿيل آهي:

> ”جنهن زماني جي اسين ڳالهه ڪري رهيا آهيون، اهو سنه 64 ھ هو. بهار جي موسم هئي. چيني ترڪستان جي مشهور شهر سمرقند ۾ عجيب هلچل هئي. اڄ جشن نوروز پهريون ڏينهن متبرڪ ليکيو ويو ٿو، ان ڪري اهي قومون سڀ ڪي پوڄينديون آهن. سي هن ڏينهن کي سڀ کان وڏيڪ عيد سمجهي جشن ڪنديون آهن“.(60)

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو لکيل ”ايراني شهزادي“ تاريخي ناول هفته وار ’عبرت‘ جي ڪتابي سلسلي جي جي آگسٽ 1944ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. ناول ۾ سال 16 ھ ۾ ايراني بادشاهه يزد جرد طرفان سندس وڃايل حڪومت حاصل ڪرڻ جي سميءَ جو ذڪر آهي. خلافت راشده جي دور جي فتوحات جو هيءُ آخري معرڪو هو. ناول ۾ چاليهه صفحا آهن.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ٻين ناولن ۾ سندس ناول ’حور بغداد‘ ۾ 1940ع شايع ٿيو، جنهن ۾ بغداد جي تباهيءَ جو داستان ڏنل آهي . ”شڪست حسن عرف فتح آمد (1940ع) ۾ مسلم سورهين جا داستان آهن. ”نازنين سمرنا عرف يادگار ڪمال“ (1940ع) ۾ ترڪيءَ جي مسلمانن جي تاريخ ۾ بيان ڪيل آهي. ”عصمت جي قيمت عرف فتح اسپين“ (1940ع) ۾ فتح اسپين جو ذڪر نهايت دلچسپ انداز ۾ ڪيل آهي. ”بلبل ايران“ (1946ع) آفتاب پريس، ميرپورخاص مان ڇپيو. هن ناوليت ۾ ايران جي سماجي ۽ سياسي پسمنظر دلچسپ ڪهاڻيءَ سان بيان ڪيل آهي. ”نيل قرآن“ (1941ع) ۾ سن 23 هجري جا وقعا ڏنل آهن، جن ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله تعالىٰ عنهه جي دور خلافت ۾ مصر فتح ٿي. مصر جي فتح کان سواءِ هن ناوليت ۾ ”محرم ۽ نا محرم“ جي مسئلي جو ذڪر قرآني حڪمن مطابق ڪيل آهي. ”گمراهه دوست“ (1942ع) ۾ هڪ پٽيڪيل دوست جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي ٻيو دوست ايمان تي واپس آڻي ٿو. ”آفريڪا جي شهزادي“ (1941ع) ۾ حضرت عثمان غني رضي الله تعالىٰ جي دور ۾ مصر کان الهندي طرفان ريگستان واري ٽڪري کي فتح ڪرڻ جو احوال آهي. ”شوڪت اسلام“ (1944ع) ۾ ڪجهه

مسلمان غازين جي سورهيائي بيان ڪيل آهي. سندس ناول ”امان الله شهيد“ هفتيوار عبرت ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ انگريزن ۽ امير امان الله جي وچ ۾ ٿيل عهدي نامي تحت افغانستان کي آزاد ملڪ کي تسليم ڪرڻ جي سلسلي ۾ آهي.

انهيءَ دور ۾ متعصبي هندوئن طرفان مسلمانن جي دل آزاريءَ سان ڀريل متواتر ناول آهن. جن ۾ وير درگاداس، مغل رنگ محل، وير ڪماري وغيره شامل هئا. انهن جي رد عمل ۾ ڏيپلائي صاحب هندستان تي مسلمان بادشاهن جي فتوحات ۽ اعليٰ ڪردار جي اُپٽار ڪندي ڪيترائي ناول آندا جن ۾ ”ڏاهري رنگ محل“، ”ڪاشيءَ جا پاپڙ“، ”گمراهه مسافر“، ”سومنات جي سندري“، ڪتي جو ....“ ، ”ڪارا ڪافر“، ”اورنگزيب جو انصاف“، ”ڪتي جو“ وغيره نمايان هئا. اهو اوائلي دور تقريباً 1943 ع تائين هليو. هڪ ٻئي پويان انهيءَ ۾ ڪيترائي ناول شايع ٿيا جن ۾ هوشربا نازنين، روم جي راڻي، جنگ ترڪ و جرمن، نازنين سمرتا، ايراني شهزادي، دختر اسلام، فتح يرموڪ، چين جو چنڊ، غازي صلاح الدين، وغيره شامل آهن. انهن مان ڪيترائي ناول نئين سر ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا آهن.

**نانڪ هنڱوراڻي**

نانڪ هنڱوراڻي، ان دور ۾ هڪ بهترين مترجم ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. سندس تعلق حيدرآباد سان هو. هن نہ صرف سرت چندر چٽرجي جي ناولن جا ترجما ڪيا، پر مغربي ناولن جا بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجما آندا. ان سلسلي ۾ سرت چندر چٽرجي ناولن جا ”هار جيت“ (1943 ع)، ” پاپي“ (1943 ع) ۽ ” جوالا“ (1943 ع) ترجمو ڪيا. نانڪ هنڱوراڻي، انگريزن جي دور جو نالي وارو صحافي، مترجم ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. 1942 ع ۾ هن آشا ساعت منڊل طرفان نانڪ هنڱوراڻيءَ جو ”ڦاسي“ شايع ٿيو. جيڪو وڪٽر هيوگو جي ناول The Last Day of a Condemned Man جو ترجمو هو. اصل ناول 1829 ع ۾ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ هڪ اهڙي ماڻهو جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جنهن کي ڦاسيءَ جي سزا آيل آهي. هن ناول ۾ ڦاسيءَ جي سزا تي تنقيد ڪيل آهي، ۽ خيال ڀيريو ويو آهي تہ اهڙي غير انساني سزا کي ختم ڪيو وڃي.

**چوهڙ مل هندوجا (1902_1973 ع)**

چوهڙمل ولد ڏيارام هندوجا جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس شمار نالي وارن مترجم ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن خاص طور تي هندستاني ادب خاص طور تي بنگالي ٻوليءَ جي ترقي پسند ادب کي سنڌي ۾ آندو. شرت چندر جا گهڻا ئي ناول ترجمو ڪيا، جن مان مکيه هئا: دادي، (اصل ”ٻڙي دادي“ ـ 1939ع)، ”آزاديءَ جا اپاسڪ“ (پاٿير دعوي' ـ 1940ع) ۽ ”جوالا“ (گرهه داهه). هنن ناولن مان پڇاڙيءَ وارو ”جوالا“ جنهن ۾ هڪ سناتني ڇوڪري ۽ برهمڻ ڇوڪريءَ جي محبتي مسئلي جي اونهي من ـ ڪوجنا ڪيل هئي.

چوهڙمل ڏڪو ناول The Wreck اصل ”نؤڪا ڏوبي“، تان ”طوفاني رنگ“ نالي ناول تان ترجمو ڪيو هو. جيڪو 'ٽئگور' جو ناول آهي، جنهن ۾ سنسنيءَ وارا واقعا پيدا پيا آهن ۽ ان جي ڪردارنگاريءَ به ڪي قدر سپاويڪ ٿي لڳي. سندس ”آزاديءَ جا اپاسڪ“ قومي آزاديءَ تي هڪ ناول هو، جنهن ۾ هڪ بنگالي نوجوان جو برما ۾ نوڪري ڪندي هڪ اعليٰ خيال عيسائي ڇوڪريءَ سان پيار ۾ پوڻ جو مسئلو ڪنيل هو. جو گهڻي ڀاڱي ليکڪ جي آتم جيونيءَ تي ٻڌل هو، پر منجهس جي راڄنيتي بحث مباحثه ۽ انقلابي ڪارناما آندل آهن، سي آڪاڻيءَ جي وهڪري کي روڪين ٿا ۽ ڪٽ ڪيو وڃهن. پنهنجي ناول ”اڪ سور“ جي ترجمي لاءِ چوهڙ مل لکيو آهي ته ”ڇوڪير واليءَ جو ڀهريون مختصر انواد. مون ”مايا“ جي نالي سان پنهنجي رتن ساهتيه منڊل ڪراچيءَ جي پاران ڇپايو هو. هي مڪمل انواد آهي. مون 'اڪ سور' نالو ڇوڪير واليءَ جي شري ڪرشن ڪرپالاڻيءَ جي ڪيل انگريزي الٿي ونودني' تان ورتو آهي. هن صاحب مکيه نايڪا کي انگريزيءَ ۾ اپ نام ڏنو آهي 'اڪ سور' اهو نالو اصل ليکڪ جي ڀاو يا مراد سان ٺهڪندڙ آهي. مون کي ٻين نالن کان اهو نالو وڌيڪ ٿو وڻي. مون ان کي سنڌي روپ ڏنو آهي 'اڪ سور' مون هيءُ الٿو مول بنگالي 'ڇوڪير واليءَ' تان ڪيو آهي مدد لاءِ هندي الٿو 'آنک کي ڪرڪري' ۽ خاص ڪري شري ڪرشن ڪرپلاڻيءَ جو انگريزي ترجمو 'ونودني' اڳيان رکيا اٿم“.[61]

چوهڙمل ”سنجوڳ“ جي عنوان سان رابندر ناٿ ٽيگور جي هڪ ٻئي ناول جو پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هي ناول ساهتيه اڪيڊمي نئين دلي طرفان 1963ع ۾ شايع ٿيو. چوهڙمل هنديءَ ۽ اردوءَ ۾ ماهر هو. سندس سنڌي عبارت، سليس

هنديءَ ۽ فارسيءَ جي وڌندڙ ميلاپ جو نتيجو آهي. توڙي بعضي تڙ تڪڙ ۾ لکڻ ڪري پختي نہ لڳندي آهي. ان ڪان علاوه، چوهڙمل پارومل شرٽ جي بہ هڪ سهڻي ننڍي ناول جو ”للتا“ نالي (1939) جو آزاد ترجمو ڪيو هو. تنهن ڪانپوءِ ساڳئي ليکڪ جي شاهڪار ”شريڪانت“ جا بہ ڀاڱا ترجمو ڪيائين، جنهن جا آخرين بہ ڀاڱا چوهڙمل ترجمو ڪري 1947 ۾ ڇپايا.

## مرزا مدد علي بيگ (1883ع –1930ع)

”مرزا مدد علي بيگ ولد مرزا نور محمد بيگ تخلص ”مدد“ جو حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ تولد ٿيو. هن کي سنڌي ۽ انگريزي جي تعليم ڏني وئي ۽ هن فارسي ۽ اردو ۾ بہ مهارت حاصل ڪئي. مرزا صاحب هندوستان ۽ ايران جي ڪيترن شهرن جو سير ڪري آيو هو. هن 1921ع ۾ ”صراط المستقيم“ نالي سان ماهوار رسالو شروع ڪيو هو، جنهن ۾ جعفري عقيدي مطابق تبليغ هئي. مرزا مدد جي گهراڻي ۾ شاعري جو گهڻو رواج هو، تنهن جو اثر هن تي بہ پيو ۽ هن ننڍپڻ کان شاعري شروع ڪئي. هن جو ناتو لاڙڪاڻي جي بزم مشاعره سان هو هن جا ڪيترائي غزل ”گلدستہ سنڌ“ لاڙڪاڻي ۾ ڇاپيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا“.[62]

مرزا مدد علي بيگ، سنڌيءَ ۾ ڪيترائي جاسوسي ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جو جو، ان دور ۾ جاسوسي ناول ذريعہ معاش بہ هوندا هئا. سندس ناولن ۾ ”حيرت انگيز عرف چين جو شهزادو “(ٻہ جلد1912ع)، ”جينٽلمين بانڪي ميري مٿي ڪيئن خراب ڪئي“ (1913ع)،”طلسم حيرت عرف جادو جو ديو“ (1913ع)،”ڪامل عيار عرف مسٽريز آف حيدرآباد“ (1914ع)، ”عيار پادري“ (ٻہ ڀاڱا 1915ع)، ”عقل چرخ“(ٻہ جلد 1916ع)، ”انارڪلي ۽ سيف الملوڪ“، ”قصو گل صنوبر“(1929ع)، ۽ ٻيا ناول شايع ٿيل آهن.

## ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي (1906ـ 1978ع)

ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي حيدرآباد جو نالي وارو مترجم ۽ پبلشر هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن ۽ سندس پسند جي ليکڪن ۾ مسز هينري ووڊ جو نالو بہ اچي ٿو. هن مسز هينري ووڊ جي مشهور ناول Mrs. Haliburton's Troubles جو ترجمو اصل ماحول ۽ نالن سان ”هئلبرن جا ڏاکڙا“ جي نالي ڪيو، جيڪو جونائيل ڪو آپريٽو سوسائٽي طرفان 1922ع ۾

شايع ٿيو. هن ناول جا اهم ڪردار مختلف پريشانين ۽ علتڻ جو شڪار آهن، صرف مسز هئلبرن آهي، جيڪا بهترين سيرت جي مالڪ آهي. مسز هئلبرن، پنهنجي اولاد جي ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري فڪر ۽ مصيبتن جو شڪار آهي ۽ سڄو خاندان بدحاليءَ جو شڪار آهي. هن ناول ۾ مذهبي رسمن تي به تنقيد ڪيل آهي ۽ اهو فلسفو سمايل آهي ته ”خدا به انهن جي مدد ڪندو آهي، جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪندا آهن. ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻيءَ، هن ناول کي آسان ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

'ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي، مسز هينري ووڊ جی هڪ ٻئر مشهور ناول Danesbury House جو ترجمو ڊينسبري آکهہ جو قصو، جی ناولی سان ترجمو ڪري 1921 ع ۾ نئين سنڌي لئبرريءَطرفان ڇپائی پڌرو ڪيو. هی ناول گهريلو ۽ سماجی موضوع تی آڌاريل آهی، جنهن ۾ هڪ خاندان جی زندگیءَ کی پيش ڪری سماجی اصلاح ڪئی وئی آهی. ڪجهہ نقادن راءِ ڏنی هئی تہ هی ناول مسز هينري ووڊ جی ذاتی زندگی تی آڌاريل آهی، ڇو تہ سندس شاهوڪار ۽ واپاري ڪٽنب انگلينڊ مان فرانس هليو ويو، جتی عياشين جی ڪري کين ڪنگال ٿی ويو. خاندان جی هر هڪ فرد جو هڪ ٻئی تان اعتبار ختم ٿی ويو. اهڙن حالتن ۾ مايوس ڪٽنب واپس انگلينڊ آيو ۽ نئين سر جدوجهد ڪری پنهنجی وڃايل وقار کی بحال ڪيو. ان سچی جدوجهد ۾ مسز هينری ووڊ جو وڏو ڪردار هو، جيڪا هن ناول ۾ مسز ڊينسبري جي نالي سان موجود آهي. ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي پنهنجي ترجمي جي ديباچي ۾ ڄاڻايو تہ اهڙا ڪردار ۽ ماحول سنڌ ۾ بہ موجود آهي، جن جي اصلاح لاءِ ضروري هو تہ هن قسم جا ناول سنڌيءَ ۾ بہ ترجمو ڪري سندن اصلاح ڪجي.

ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻي، مسز هينري ووڊ جي ٽئين ناول East Lynne تان 1926ع ۾ ”ايسٽ لين“ جي نالي سان ترجمو ڪيو، جيڪو جيٺمل پرسرام جي ”نئين سنڌي لئبرري طرفان شايع ٿيو. هي ترجمو 152 صفحن تي مبني آهن. مسز هينري ووڊ جو اصل ناول 1861ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ وڪٽورين دور جي گهريلو ماحول جي عڪاسي ڪيل آهي. ناول جي مرڪزي هيروئن ليڊي آسابيل، جيڪا نوجوان ۽ خوبصورت آهي، جيڪا

پنهنجي محنتي ۽ محبت ڪندڙ مڙس مسٽر ڪارلائل کي ڇڏي هڪ عياش ۽ شاهوڪار مسٽر فرانسز ليوسن سان تعلقات رکي ٿي، جنهن سندن گهريلو ماحول تي برا اثر مرتب ٿين ٿا. جيڪي سندس گهريلو زندگيءَ کي تباهه ڪري ڪي، پر آخر ۾ غلط فهميون دور ٿين ٿيون ۽ ماحول بهتر ٿئي ٿو.
ليلارام ولايتراءِ سپاهيملاڻيءَ 1927ع ۾ والٽر اسڪاٽ جي ناول The Heart of Midlothian جو اختصار "دلير دل نينگر" نالي سان ڏنو. جيڪو "نئين سنڌي لئبرريءَ" ۾ ڇپيو هو. ايس جي. ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد جي بانيڪار ليلارام ولايتراءِ ڪيترا ڊراما، افسانا ۽ ناول ترجمو ڪيا. هن ڪي طبعزاد ناول به لکيا. هي ناول شهر ۾ اسمگلرن جي ڪري ٿيل فسادن جي پسمنظر ۾ آهي. سپاهين ۽ چورن جي مقابلي ۾ ڪيترائي عام شهري مارجي وڃن ٿا يا زخمي ٿين ٿا. اتي هڪ دلير نينگر پنهنجي بهادري، سياٽپ سان امن ڪرائي ٿو. هن ناول ۾ اصلاحي ۽ بهادري جو رجحان موجود آهي. ليلارام ولايتراءِ، فريڊرڪ وليم فرار a college storyJulian Home , کي انتهائي اختصار سان 1920ع ۾ "جولن جي آکاڻي" جي نالي سان ترجمو ڪيو، جنهن کي جيٺمل پرسرام شايع ڪرايو هو.

**پروفيسر موٽومل گدواڻي**

موٽومل منگهارام گدواڻي نالي وارو عالم ۽ اديب هو. 1913ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم.اي ڪيائين ۽ ايلفنسٽن ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. بعد ۾ ڪيس نيشنل ڪاليج جو پرنسپال پڻ مقرر ڪيو ويو. اڳتي هلي نوڪري ڇڏي سياست ۾ حصو ورتائين. اڪيچار ڪهاڻيون ۽ ناول به سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين، جن ۾ وڪٽر هيوگو جي ناول کي "دکي انسان" ۽ لارڊ لٽن جي ناول کي "زنئوني" جي نالي سان ترجمو ڪيائين. وڪٽر هيوگو جو مشهور ناول La_Miserable کي 1922ع ۾ "دکي انسان" جي نالي سان ترجمو ڪيو. اصل ڪتاب ٻارهن سو ٻاويهن صفحن تي مشتمل آهي،پروفيسر صاحب سنڌيءَ ۾ صرف 143 عام ڪتابي صفحن ۾ سموهيو. هن پڻ پنهنجي ترجمي تي محنت ڪئي، اصل لفظن کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس ترجمي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

”سن 1815ع ۾، آڪٽوبر مهيني جي هڪ ڏينهن، سج لٿي کان اٽڪل ڪلاڪ کن اڳ، هڪ شخص پيادو فرانس جي ڪنهن ننڍي شهر ۾ گهڙيو. شهر جا ٿورا رهاڪو جي انهيءَ وقت پنهنجن درن ۽ درين وٽ بيٺل هئا، تن هن مسافر ڏانهن جاچي پئي نهاريو. هو قد جو پورو، بت ۾ پريل ۽ مضبوط هو. عمر اٽڪل انيتاليهہ ورهيہ هيس. منهن اس ۾ ٽامڻي ٿي ويو هوس، ۽ پگهر پئي وهيس. ڪپڙا سادا سودا پيل هئا. قميص زردي ڪئليڪي جي هيس، جنهن مان اگهاڙي ڇاتي پئي ڏنيس. سٿڻ بہ ڦاٽل ٽٽل هيس. پٺيءَ تي هڪ وڏي ٿيلهي ۽ هٿ ۾ شاهي ٿلهي لٺ هيس. هن شخص جو ڪو اوهي واهي ڪو نہ هو. هو فقط هڪ پرديسي مسافر هو، جو اچي اتان لانگهائو ٿيو هو. ڪٿان آيو هو ۽ ڪيڏانهن ٿي ويو.“ (63)

سندس ٻيو ناول هندستان جي اڳوڻي وائسراءِ Lord Lytton جي ناول ”زئنوني“ (1923ع) جو ترجمو هو. هي ناول مذهبي ۽ فلسفي بابت آهي. هن ناول ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ ”پوءِ زئنوني وايولاتي ير ۾ ويهاري ڪيس ڪن اوچن فيلسوفيءَ جي متن ۽ ڌرم جي ڳجهن کان واقف ڪرڻ لڳو. وايوڪا اهي خيال ڏيئي ٻڌا. پوءِ هن چيو تہ: مان وديا ڪين پڙهي آهيان، مگر منهنجو ايشور ۾ سچو نشچو آهي ۽ مون ڪي پڪ هئي تہ توهين مون انڌيءَ ڏي ايندا هوت سلامت سپرين.“ (64)

**هيرانند سوڀراج**

هيرانند سوڀراج جو نالو بہ انگريزن جي دور جي مترجم ناول نگارن ۾ اچي ٿو. هن خاص ڪري مغربي ناولن جا ترجما ڪيا. 1945ع ۾ هيرانند سوڀراج ميرچنداڻيءَ هال ڪين جو ناول ’White Prophet‘ جو ”انصاف عرف آزاديءَ جا آديوتي“ نالي سان 1935ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جي مهاڳ ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ هندو مسلم اتحاد جي ڳالهہ ڪئي. زبان ۽ بيان ۾ هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول جو ٻيو ايڊشن ، 1990ع ۾ ”مصر جي آزادي“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

هن ناول ۾ مصري بهادرن جي ڪارنامن جو بيان عمدي نموني ڪيل آهي، جن پنهنجي ملڪ جي آزديءَ لاءِ تحريڪ هلائي ۽ قربانيون ڏنيون. هي ناول ، ان دور

جي پيدوار آهي، جڏهن آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي عروج تي هئي. مترجم پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ: ”اهڙي ڪتاب جو سنڌي ترجمو لاپائتو ٿيندو پڙهندڙن ۾ ديش ڀڳتي جو امنگ پيدا ڪندو.“ (65)هن ناول تي راءِ ڏيندي وشنراءِ جڳتياڻيءَ لکيو آهي تہ:”مصر بہ ڀارت جيئان غلام پئي رهيو آهي. ڪجهہ سال اڳي ڪيس آزادي ملي پر اهابہ وڏن ڪشالن کان پوءِ. نہ اهڙي جهڙي هئڻ گهرجي. انگريزن ڪيئن ڪين دٻائڻ جي ڪئي، تنهن جو چتر هن ناول ۾ چڱي طرح چٽيل آهي. هن آزاديءَ جي سمي ۾ اهڙن ناولن جي چڱي گهرج آهي. پرجا ڳالهہ هن ناول کی تمام گهڻي دلچسپ بنائي ٿي سا آهي گارڊن (Garden) نالی هڪ انگريز جي اعلىٰ نموني جي حب الوطني، سچائي ۽ دليري. انگريزن جي جيت ۾ هن مصر واسين جي دلين جي امنگن کی چڱيءَ ريت پروڙيو آهي. بالا عملدارن جي حڪمن هوندي بہ هن مصر واسين کی ايذائڻ کان نابري واري نہ رڳو ايترو پر پنهنجي جان جوکی ۾ وجهي بہ هنن جي مدد ڪئي. آخر ۾ خود پاليامينٽ وٽان ڪيس پنهنجو انصاف پلاءُ پيو.“ (66) هن ناول جو ٻيو ايڊشن ، 1990ع ۾ ”مصر جي آزادي“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

فريڊرڪ وليم فرار جي ناول Eric, or Little by Little جو هڪ ٿيون ترجمو ، هيرانند سوڀراج ”روزان روز“ جي نالي سان انتهائي اختصار سان 1937ع ۾ الٿو ڪيو. هي ناول اخلاقي اصلاحي آهي. هن ناول جي ”آڪڙ خان“ واري باب ۾ ڪافي ظرافت پيش ٿيل آهي. هن ناول تي انگريزي اخبار ”سنڌ آبزرور“ اخبار تبصرو ڪندي لکيو هو تہ :

The pathetic story of Eric which grips the imagination and touches the heart of every school boy

هن ناول جي ڪهاڻي وندرائيندڙ ۽ اخلاقي لحاظ کان تمام عمدي نموني پيش ٿيل آهي، جنهن ۾ شاگردن لاءَ نيڪ صلاحون ۽ ڪارآمد سمجهاڻيون ڏنل آهن.انهيءَ کان علاوه ماءُ ۽ پيءُ جي محبت ۽ عزت بابت بہ ڪيتريون نصحيتون ڏنل آهن. هن ناول ۾ شاگردن جي تعيلم ۽ هلت چلت جي سڌاري لاءِ توڙي مائٽن جي فائدي لاءِ ڪمائتا ويچار ڏنل آهن.

**پريداس پيرومل (مرتيو آگسٽ 1943ع)**

پرڀداس پيرومل ولد پيرومل مهرچند آڏواڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ مضمون نگار، ناول نويس، ڪهاڻيڪار ۽ مترجم هو. پرڀداس مشهور ليکڪ ٿيو. سک ڌرم ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ سندس ادبي سرگرميون اجا به وڌيڪ ٿي ويون ۽ هو ”سک ٽرئڪٽ سوسائٽي“ ۾ شامل ٿي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ لڳو. پرڀداس عرف هرنام سنگهه. هن پ وديارٿيءَ جي شراڪت ۾ ڪيترين ئي پنگتي ڪهاڻيون چيدي سنڌيءَ ۾ لکيون. جيڪي ”سک ٽرئڪٽ سوسائٽي“ وارن ”هيرا جواهر“ (1931ع) مجموعي ۾ ڇپايون هيون. پرڀداس پيرومل، انگريزي ليکڪ جان بنيان جي مشهور تمثيلي ناول Pilgrim’s Progress جو ترجمو”سالڪ جو سفر“ جي نالي سان ڪيو. ڪتاب جو پهريون ڇاپو، 1943ع ۾ ، موهن جي شهاڻي ايجوڪيشنل پبليڪيشن ڪمپنيءَ پاران ڇپايو ويو هو. ان سلسلي ۾ ڪاڪي پيرومل لکيو آهي ته ”پڇاڙيءَ ۾ ”سالڪ جو سفر“ (Pilgrim’s Progress ) لکيائين. پاڻ آگسٽ 1943ع ۾ گذاري ويو. تنهن کان پوءِ اهو دستخط سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ پسند ڪري، سادا ٽي سو روپيا انعام طور ڏنا. اِهو هاڻي ڇپيو آهي ۽ تعليم کاتي وارن درسي ڪتاب طور منظور ڪيو آهي“.[(67)] هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري، فيبروري 2012ع ۾ ڇپايو آهي . ياد رهي ته هن ناول جو پهريون ترجمو پادري شرٽ 1877ع ۾ ٻن ڀاڱن ۾ ڪيو.

هي ناول عيسائي اصولن تي ٻڌل هو. ليکڪ ڪتاب عيسائي مذهب جي نقطه نگاهه کان لکيو هو، پر هن ڪتاب ۾ ڪنهن به خاص مذهب جو پرچار ڪرڻو نه هو ۽ نه ڪو فرقيوار رنگ ڏيڻو هو. ان ڪري مترجم مناسب هنڌن تي ڦير ڦار ڪئي آهي ۽ ڪيترن هنڌن تي پنهنجي پيءُ ۽ نامور عالم پيرو مل آڏواڻيءَ جي صلاح سان شاهه، سچل، سامي ۽ ٻين جي ڪلام مان ڪجهه بيت وڌايا آهن. جنهنڪري ڪتاب جو رنگ ۽ ڍنگ نرالو ٿي پيو آهي. ڪتاب ۾ اصل ليکڪ جا خيال منڍ کان آخر تائين ساڳيا رکيا ويا آهن. ڪتاب ۾ روحاني سفر جو ذڪر آهي، جنهن ۾ اهو تمثيلي نموني ڄاڻايل آهي ته سالڪ کي ٻن قسمن جي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. هڪڙيون بيروني ۽ ٻيون

اندروني. بيروني مصيبتون آهن دنيوي تعلقات ۽ دنيوي ڳالهين بابت خفا ۽ اندروني مصيبتون آهن.

## لطف الله "جوڳي" بدوي (1904 – 1968ع)

سنڌي ادب جي مشهور اهل قلم ۽ مصنف، شاعر، مترجم ۽ محقق پروفيسر لطف الله بدوي ولد امام بخش "خادم" جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. شعرو شاعريءَ کان سواءِ ادب ۽ فن جي هر صنف تي سندس قلم هلندو رهيو. لطف الله بدوي بابت احسان بدوي لکي ٿو ته "افسانوي ادب سان بدوي صاحب جو خاص لڳاءُ هو. لطف الله بدويءَ جي افسانا نگاري، جامع خصوصيتن جي حامل آهي. هنجي افسانن تي، حقيقت نگاريءَ سان گڏ، مقامي رنگ، نهايت ئي گهريءَ طرح ڇانيل آهي، هو صاحب، شايد اهو پهريون افسانا نگار آهي، جنهن ڪائنات جي رنگ ۽ بوءِ ۾ رهي به، زندگيءَ جي تلخ ۽ تُرش حقيقتن کي پنهنجي افساني جو موضوع بڻايو آهي ۽ زمين وارن سان تعلق رکندڙ مسئلن تي سوچيو ۽ لکيو آهي. ان ڪري ڪيس افسانه نگاريءَ ۾ اوليت جو درجو حاصل آهي؛ جو هن پنهنجي زندگيءَ کي، پنهنجي فن جو موضوع بڻايو آهي".[68] هن ڪيترائي افسانه، ناول ۽ ڊراما لکيا. سندس ناول اڪثر ڪري تاريخي قصن تي مبني هوندا هئا. سندس ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ناول شايع ٿيا، جن ۾ "ڪامني" (1927ع)، "رت جا ڳوڙها" (1935ع)، "عروس عجم" (1926ع) ۽ "مجاهدين" (1962ع) اهم آهن.

سندس ناول "ڪامني" لاءِ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو لکي ٿو ته "سندس تاريخي ناولن "ڪامني" سندس زندگيءَ جو پهريون لکيل ناول آهي. پاڻ جڏهن لائلپور، پنجاب ۾ ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو هو. تڏهن فرصت جي وقت ۾ هي ناول قلمبند ڪيو هئائين، جو 1927ع ۾ ماستر ڪريم بخش ٽانوري، الحنيف پرنٽنگ پريس شڪارپور مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو".[69] هي هڪ تاريخي ناول هو، جنهن جي ڪهاڻي سلطان محمود غزنويءَ جي سومنات مندر تي ڪيل ڪاهه تي مشتمل آهي. سندس ناول " عروس عجم" 1926ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي ڪهاڻي ايران جي پسمنظر ۾ هڪ عشقيه داستان تي آڌريل هئي. ناول ۾ مقالا سٺا ۽ دلچسپ آهن. هي ناول

1959ع ۾ ٻيو ڀيرو ”ابيلا“ جي نالي سان شايع ٿيو. 1935ع ۾ سندس ناول ”رت جا ڳوڙها“ شايع ٿيو. ناول دراصل مشهور اردوءَ جي ناول نويس اشفاق احمد جي ”خون کي آنسو“ جو ترجمو هو. هي ناول انساني رشتن جي نازڪ لاڳاپن جي ترجماني ڪري ٿو.

سندس ناول ”مجاهدين“ 1962ع ۾ آر ايڇ احمد برادرس حيدرآباد پاران شايع ٿيو. ناول 488 صفحن تي مبني آهي. ناول اسلامي تاريخ جي نامور مجاهدن جي بهادري جي پسمنظر ۾ لکيل آهي اهڙي طرح سندس ٻيو ناول ”جهاندار شاهه آرام دل“ 1946ع ۾ شايع ٿيو. هن پوري ناول تي داستاني رنگ چڙهيل آهي. ان کان علاوه بدوي صاحب ٻيا به ڪيترائي ناول لکيا، جيڪي شايع ٿي نه سگهيا ياقسطوار مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا. انهن مان گهڻا جاسوسي ناول به ترجمو ڪيا، انهن ۾ ”بلئڪ جاسوس جي آتم ڪهاڻي“، ”بلئڪ بهادر“، ”مجيد جو هوائي جهاز“ ۽ ”انعامي هيرو“ شامل آهن.

**پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي (1912_1994ع)**

نارائڻداس ولد ميوارام ڀمڀاڻي انگريزي ادب جو ڄاڻو ۽ ماهر هو. ايم. اي انگريزيءَ ۾ ڪيل هئس. پاڻ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جو تعلق ساهتي پرڳڻي جي پڊعيدن سان هو. ڊاڪٽر رفيق احمد مگڙيي مطابق ”ممڪن آهي ته ڀمڀاڻي صاحب پاڻ پڊعيدن، ٺارو شاهه يا ننڍِ جوئي هجي، پر ان جو اسان کي اڃان تائين ڪو واضع ثبوت نه ملي سگهيو آهي، باقي ايترو سو معلوم ٿئي ٿو ته، پاڻ ”غريبن جو ورثو“ ۾ ٺارو شاهه، ڪنديارو، هالاڻي، گهانگهرا ۽ بازيدپور جو ذڪر واضع طور ڪري ٿو ۽ پاڻ ناول جي پلاٽ ۾ ڪنديارو ۽ ان جي پسگردائي ۾ گهمي، ڦري ۽ لامارا ڏئي ٿو. مطلب ته سندس خيالن جي اپٽار سمنڊ جي ڇولين وانگر آهي، جو ڪڏهن پير مهدي شاهه ته ڪڏهن خانواهڻ ته وري ڪڏهن گهانگهرا گهمي ٿو. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته پاڻ هن علائقي جو ئي آهي، تنهنڪري ڪيس هتان جي وستين واهڻن، ماڳن مڪانن ۽ ڳوٺن ۽ شهرن بابت ڳوڙهي ڄاڻ آهي“.(70)

پروفيسر نارائنداس بمبئي يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي ڪري ڊي. جي ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو، 1947ع ۾ هجرت ڪري هندستان هليو ويو.

جتي اجمير جي گورنمينٽ ڪاليج ۾ خدمتون جاري رکيائين. سندس حياتيءَ جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته هن هندستان وڃي پنهنجون ادبي سرگرميون ختم ڪري ڇڏيون. پاڻ بهترين مترجم به هو ته ان سان گڏوگڏ سٺا طبع زاد ناول لکي سنڌي ادب کي ڏنائين. هو سنڌي علم ادب جي اعليٰ ناول نگارن مان هڪ آهي. هن جا ناول فني توڙي ادبي لحاظ کان اعليٰ شمار ڪيا ويا آهن. هر ڪا ادبي لکڻي وقت جي آئينه دار هوندي آهي، جنهن ۾ حالتن جي عڪاسي ڪئي ويندي آهي، اهي ٻئي خوبيون پمياڻيءَ جي ناولن ۾ ملن ٿيون. ناولن کان سواءِ 1944ع کان 1945ع تائين سنڌ جي مشهور ليکڪن جا نثر ۽ نظم تي مشتمل ٽي پاڱا ”ادبي گلشن“ نالي مرتب ڪيائين، 1945ع ڌاري پروفيسر پمياڻي ”ادبي غنچو“ شايع ڪيو، جنهن ۾ سندس ئي ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچي جي ساٿي پروفيسر رام پنجواڻي جي ليکن جو انتخاب به هو. تنهن کان سواءِ سندس تصنيف ۾ ”شاهه جون سورميون“ تصويرن سان گڏ سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد طرفان ۽ ٻيو ڇاپو 1957ع ۾ ڇپيو، ان کان سواءِ ٻارن لاءِ آکاڻيون پڻ لکي ٻاراڻي ادب ۾ اضافو ڪيائين. ”1932ع ۾ ديوان ٻولچند راڄپال مشهور ماهوار علمي مخزن ”سنڌو“ برپا ڪئي ته ان ۾ پروفيسر پمياڻي صاحب جو ادبي ليک ”سنڌي ساهتيه جا ٽيهه سال 1916ع کان 1946ع“ ڇپيو.

1942ع ۾ پمياڻيءَ جو ناول ”مالهڻ“ ڇپجي ظاهر ٿيو، جنهن جو پس منظر سنڌ جي ”سن“ ۽ ”مانجهند“ شهرن تي ٻڌل آهي پر اهو جهوني زماني وارن موتن ۽ خودڪشين سان ٽمٽار آهي، توڻي جو منجهس خيال فيلسوفاڻا ۽ عبارت علميت واري اٿس. پروفيسر پمياڻيءَ تي ، ٿامس هارڊيءَ جو اثر غالب هوندو هو، جيڪو هن ناول ۾ نظر اچي ٿو، يعني ”هڪ مرد ۽ ٻه عرتون“ ۽ انهن ۾ سمايل تضاد. هن ناول ۾ ٽي ڪردار: سندر، شيام ۽ سندري آهن. ساڳي طرح قسمت جو کيل اهو آهي ته عورت پنهنجي قسمت اڳيان مجبور ٿي پنهنجي محبت جي قرباني ڏئي ڇڏي ٿي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته ”هي هڪ اهڙي انسان جي زندگيءَ جو نقشو آهي، جو گهر سڙڻ جو اطلاع ٻڌي اوڏانهن پڄي ٿو، پر پنهنجو الهو تلهو ۽ پياري پٽ کي بچائي نٿو سگهي. قرباني، خوشي ۽

غم جا جذبا هن ناول ۾ نمايان آهن. ڇا ٻار ئي خوشي ڏيڻ وارو آهي؟ هي ناول مختلف ڪردارن جي ڪارڪردگيءَ سان انجام پذير ٿئي ٿو“.(71)

1943ع ۾ مصنف جو هڪ ٻيو ناول ”وڏوا“ ڇپيو، جنهن جو پس منظر ڪراچي، حيدرآباد ۽ نوابشاهه جهڙن شهرن تي ٻڌل آهي. يمپاڻيءَ جو ناول وڏوا، جيئن نالي مان ظاهر آهي. هن موضوع جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي. ناول نگار فرسوده رسمن ۾ ڦيرو آڻڻ لاءِ هيءَ ڪاوش ڪئي آهي. وڏوا جي سورمي سونا جا خيال ۽ سندس آواز زال ذات جو آواز آهي. يمپاڻي هن ناول ۾ هڪ آدرش جو پرچار ڪيو آهي. هي هڪ سماجڪ ناول آهي. ناول جي ڪهاڻيءَ لاءِ يمپاڻي لکي ٿو ته ”وڏوا جي سورميءَ سونا، ڪي شاديءَ جي پهرين رات معلوم ٿئي ٿو ته سندس پتار ٻيءَ ڪي پيار ڪري ٿو. رواجي ڇوڪري جيڪر هڪدم پيڪن ۽ ساهرن کي ان ڪان آگاهه ڪري هيا، مگر سونا ٻڙڪ به نه ٻولي. پنهنجي خوشيءُ جو خيال ٽيس، پر وڏيڪ پتيءَ جي عزت ۽ امن جو انونو رهيس. سونا ستو، ڇاڪاڻ ته هوءَ بي عيب هئي ۽ منجهس چترائي ڪا نه هئي. هن دکن زندگي ڪاٽي، ان ڪري جو هوءَ نيڪ دل هئي، منجهس تياڳ جو گڻ هو. اهڙن انسانن کي هن دنيا ۾ سک نصيب نه ٿو ٿئي“.(72)

پروفيسر يمپاڻيءَ جي هن ناول تي به ، ٿامس هارڊيءَ جو اثر غالب آهي يعني ”هڪ مرد ۽ ٻه عرتون“ ۽ انهن ۾ سمايل تضاد. وڏوا“ ۾ مونا ٻن دوستن جي وچ ۾ قربانيءَ جو ڪاج بڻجي ٿي. ناول ”وڏوا“ ۾ هڪ عورت ”گومي“ پنهنجي پٽ ”اجيت“ کي شادي ڪرائڻ جو اونو رکي ٿي پر هن وٽ شاديءَ جو خرچ ۽ ڪنوار جي واسطي زيور گهڙائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي، پر اجيت کيس چئي رهيو آهي ته امان! زيورن پائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جنهن تي گومي کيس چوي ٿي ته، اجيت! مٽين بنا نئين ڪنوار ڪيئن سهڻي لڳندي؟

”عورت جي سونهن سادگيءَ ۾ آهي ۽ نه سون ۾، مٽيا زال کي من ليائيندڙ نه ٿا بنائين پر هن جا لڇڻ، عورت جا اخلاق ئي هن جا بي بها ڳهڻا آهن.“ اجيت اها وراڻي ڏئي ٿو.

جنهن تي ماڻس کيس چوي ٿي ته:

”ائين پرائي ماس ۾ ڪاتي وجهڻ ستو ڪم ڪين آهي.“

سندس ناول ”پاڪ ۽ پاڪيزگي“ ٿامس هارڊي جي .Tess of D Urervilles جو الٿو آهي، جيڪو 1945ع ۾ شايع ٿيو. هارڊيءَ جو اصل ناول 1891ع ۾ ڇپيو ته ڏهن وڪٽورين ازم پنهنجي عروج تي هئي. هارڊي ڪتاب جي سرورق تي سندس نالي جي هيٺان ذيلي عنوان طور ”هڪ پاڪ عورت“ جو واڌارو ڪيو هو. ٽيس، جان ڊربي فيلڊ نالي هڪ مقامي گھورڙيي جي ڌيءُ هئي. ٽيس ، حالتن کان مجبور ٿي ٻن مردن جي انا جو شڪار ٿئي ٿي. هڪ ساٿڻس شادي ڪري هميشه لاءِ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ ٻيو سندس عزت سان کيڏي ٿو. آخر ۾ هيءَ عورت هڪ نه ڪيل گناه جي ڪري فاسيءَ تي چڙهي وڃي ٿي، تڏهن به ليکڪ چوي ٿو:”انصاف ٿي ويو“.

هن ناول ۾ ماحول ۽ معاشري جي خرابين کي کڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن ته هي ناول سنڌ جي حالتن سان ٺهڪندڙ هو، تنهنڪري هن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪري مٿس نالو رکيائين ”پاڪ ۽ پاڪيزگي“.مترجم لکي ٿو ته:”هن ڪتاب جو بنيادي ويچار ڪهڙو آهي؟ انسان جي جيڪڏهن صرف ٻاهرين رهڻي ڪهڻي پاڪ آهي ته. اهو ڪافي نه آهي، رهڻي ڪهڻيءَ کان وڌيڪ ضرورت آهي ته ، سندس خيالن ۾ ڪوبه ناپاڪ جزو نه هجي“.(73) ناول جي هيروئين ”نسيما“ هڪ اهڙي ڇوڪري آهي جنهن لاءِ ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ ”ڪنواري“ ۽ ٻئي حصي ۾ ”ڪنواري نه رهي“. جا لفظ ڪتب آندل آهن. انهيءَ بابت ڪجهه تبصري نگارن جو رايو هو ته اهو پنهنجي دور جي مجيل اخلاقي اصولن تي اڇلايل هڪ تکو تير هو. نسيما جي زندگيءَ جو سمورو احوال انهيءَ فلسفي تي ٻيٺل آهي ته ڪيئن هڪ پاڪ عورت جي زندگي، سماج جا ڪوڙا ۽ نقلي ماڻهو برباد ڪري سگهن ٿا.

1935ع ۾ ڇوٽون ناول ”غريبن جو ورثو“ لکيائين، جو ديوان موتي رام راماڻي 1946ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ادبي گهر ڪراچيءَ مان شايع ڪيو. سندس ٻين ناولن جي مقابلي ۾ يمپاڻيءَ جو ناول غريبن جو ورثو، وڌيڪ مقبول ٿيو. سنڌ ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽي نصاب ۾ گهڻو وقت رهيو.هن ناول تي به ٿامس هارڊيءَ جو اثر نظر اچي ٿو، ڇو جو هن به ساڳي تقدير جو مسئلو آهي يعني حميد ۽ جنت جي شادي بلڪل ويجهو آيو ته سچل بيمار ٿي پيو۽ نتيجي ۾ هن پنهنجي

محبت کي فرض تان قربان ڪري ڇڏيو. هيءَ ڪهاڻي ضلعي نواب شاهه (هاڻي نوشهري فيروز) جي ڳوٺن ۽ شهرن جي چؤگرد گهمي ٿي. جنت، حميد، پيرو ۽ ٻين ڪردارن سان هن ناول ۾ هڪ آدرش جو سبق سمايل آهي. غربت، سچائيءَ جي پوش ۾ ڍڪجي وڃي ٿي، جيئن جنت هڪ غريب هاريءَ جي ڌيءَ آهي، پر سچائي هن جي ڪردار جو بنيادي نڪتو آهي. تہ بہ هوءَ پوڳي ٿي. اهو سڀ غربت ڪري آهي. پڙهڻ وارن لاءِ هي بہ نڪتو سوچڻ جهڙو آهي تہ ڇا غريبن دنيا ۾ گند ڪيو آهي يا پئسي وارن ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪيو آهي؟

هن ناول جو محرڪ هڪ واقعو آهي، جو هڪ رات ڪراچيءَ جي رستن تي رونما ٿيو. ناول نگاران سلسلي ۾ ديپاچي ۾ لکيو آهي تہ ”رات جو وڳڙو هو. مان بستري تي سمهيل هوس. اکيون ٻوٽيل هيون، پر ننڊ اڃا ڪانہ آئي هيم. رات بہ هرويرو گهڻي ڪانہ گذري چڪي هئي. اوچتو ڪنهن جي رڙين جو آواز منهنجن ڪنن تي پيو. ٽپو ڏيئي اٿيس. ٻاهر ڪٿهڙي ۾ اچي هيٺ رستي ڏانهن ڪٽي نهاريان تہ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جا ڪي ملازم، هٿن ۾ بيد جا سنها لڪڻ هئن. فقيرن، سندن زالن ۽ ٻارن کي زمين تان اٿاري رهيا هئا. منهنجهي ڪاپي ۽ ساڃي ماڻهون ڪٿهڙن ۾ نڪري آيا. ”اٿو! اٿو!“ هڪ ميونسپل ملازم وڏي واڪي دڙڪو ڏيندي چين، ”هيءَ سمهڻ جي جاءِ نہ آهي.“ مون سمجهيو. ميونسپالٽيءَ قاعدو پاس ڪيو ٿو ڏسجي تہ جيئن تہ فقيرن شهرن ۾ وڻل مچائي ڏنو آهي، انهن جي چرڻ پرڻ تي چوڪسي رکجي. جتي ٿو فقيرن کي وٽي، ٽِتي سامان سڙو رکي، گهر ناهي ويهي ٿا رهن. ائين گندگي تي ٿئي. غريب ڀلا وڃن ڪيڏانهن؟ هنن جا گهر ڪو متيءَ ۽ ڪاٺ جا ڪين آهن. انهن مسڪينن جي ڇِت آهي آسمان ۽ چار طرف آهن چار پتيون، انهن جي گهرن ۾ نہ آهن ڪمرا ۽ نہ ورانڊا، نہ گلم، نہ غاليچا. ڇِنل تڏو يا پراڻو ڳوڻ جو ٽڪرو وڇايو ويهيو رهن. جتي ويهن اهو گهر ٿيو پوين.“ (74) غريبن جي اها حالت ڏسي مصنف جي دل تي گهڻو اثر ٿيو ۽ سندس دل ۾ اهي خيال اٿيا تہ:

- غريبن برابر ۾ دنيا ۾ گند ڪيو آهي؟
- پٽ تہ ڏٽيءَ جو آهي، پوءِ هي انهن کي سمهڻ چو نٿا ڏين؟
- غريب بہ تہ سماج جو جزو آهي.

•جي غريب ٿيڻ گناهه آهي، تہ پوءِ انهن جي سڌاري لاءِ ڪو قدم ڇو نٿو ڪنيو وڃي؟
•دولتمندن جا ڪتا بہ ڪوٺين ۾ قابو آهن پر غريبن کي ڪليل ميدانن تي سمهڻ جي بہ اجازت نہ آهي.
• اي انسان! خيرات اها نہ آهي تہ، تون اسپتالون ۽ مسافر خانا ٺهرائين پر غريبن جو ٻار رستي ۾ هڪ پيسو گهري تہ ان کي ڇڙٻون ڏين.
• اي انسان! تون جيئن علم ۽ عقل ۾ ترقي ٿو ڪرين، اوتريو دل جو سخت ڇو ٿو ٿين؟
• غريب جڏهن ساندهہ ڏک سهي ٿو تہ، سندس سيرت گهڙجي ٿي.
• قدرت انسان کي پنج حواس ڏنا آهن، پر غريبي ڇهون حواس آهي.
•ڇون ٿا تہ غريبن ۾ علم پرائڻ لاءِ چاهہ ڪونهي، هاڻي جيڪي ماڻهو ڪائڻ لاءِ پريشان ۽ ڍڪڻ لاءِ اباڻا نيڻ ڪٽي نهارين تہ اهي علم لاءِ ڪيئن اڳيرا ٿيندا؟
پروفيسر ڀمڀاڻيءَ جي ناولن جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي تہ ”پروفيسر صاحب ان دور جي پيداوار هو، جنهن کي ”قومي جاڳرتا وارو دور“ سڏيو ويو آهي. ملڪ ۾ اتي، لٽي ۽ اجهي جهڙن مسئلن لاءِ ڪشمڪش جاري هئي. سرمائيدارن، ڪارخانيدارن، زميندارن ۽ ٻين ، جن پاڻ کي ملڪ جا مدبر ۽ چڱا مڙس سمجهي، اندر ئي اندر سماج کي بگيڙيو ٿي، تن جي خلاف سچي ملڪ ۾ اديبن قلم کنيو هو. سنڌي اديبن ۾ ڀمڀاڻي بہ هو، جنهن سنڌي جوانن ۾ اهڙي جاڳرتا آڻڻ لاءِ ناول لکڻ شروع ڪيا. هن جي منشا هئي تہ غريب پاڻ کي نيچ نہ سمجهن“. (75)

## آسانند مامتورا (1903_ 1993ع)

سنڌي ٻوليءَ جي جديديت جي ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آسانند ولد مامتوراءِ جو جنم اولڊ ٽائون، ڪراچيءَ ۾ ٿيو. آسانند مامتورا جی زندگیءَ جو گهڻو حصو ڪراچيءَ ۽ بعد ۾ بمبئيءَ جي اسڪول ۾ هيڊ ماستريءَ ۾ گذريو ۽ ان ڏس ۾ درسي ڪتاب بہ لکيائين. آسانند مامتوراءِ پهريون سنڌي افسانوي اديب هو، جنهن پنهنجي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ نفسيات ۽ جنسيات جي موضوعن کي آندو. 1939ع ۾ آسانند مامتوراءِ جي چئن ڪهاڻين جو مجموعو ”جيوت،

پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون” ”ڪهاڻي ساهت منڊل“ حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو. 1943ع ۾ ”آشا ساهت منڊل“ ”طرفان سندس ٽن ڪهاڻين جو مجموعو ”آرسي“ نالي سان ظاهر ٿيو. ان وچ ۾ سندس پنج ڪهاڻيون ”سنڌو“ رسالي ۾ پڻ ڇپيون. آسانند مامتورا ڪهاڻيڪار سان گڏ هڪ ناول نگار به هو. سندس پهريون آدرشي ناول ’شاعر‘ 1941ع ۾ ’آشا ساهت منڊل ‘ڇپائي پڌرو ڪيو. سندس ٻيو طبع زاد ناول ’حليما‘ سندس جنم ڀومي سنڌ جي مسلم زندگيءَ تي آڌاريل شاهڪار ناول آهي، جيڪو ڪونج پبليڪيشن بمبئيءَ 1977ع ۾ ڇپي پڌرو ڪيو. هي ٻئي ناول سنڌ ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ چونڊ پبليڪيشن لاڙڪاڻي پاران پڻ شايع ٿيا.

آسانند مامتورا جو ناول ”شاعر“ آشا منڊل، ڪراچيءَ پاران 1941ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هي سنڌيءَ جو پهريون نفسياتي ناول آهي، جنهن ۾ جمهوريت ۽ سوشلزم جو اثر ملي ٿو.هن ناول جو مهاڳ نامور اديب لالچند امرڏني مل لکيو آهي، جيڪو پهريون دفعو.هن ناول ۾ ڪل ڇهه باب آهن. هن ناول بابت لالچند لکي ٿو ته. ”هن ناول جو هيرو چندر هڪ اهو سياڻو انسان آهي، جو اڪيلو ئي اڪيلو تن ۽ من جي اگهور سنڪٽ مان لنگهيو آهي ۽ جنهن جي ليلان ۽ سودامنيءَ هڪ روپ تي سموري غير ڪي ٻاهر هڪالي ڪيس هن لائق ڪيو آهي... هي ناول منهنجي سعادتمند شاگرد ۽ ڪنهن وقت عزيز همڪار، آسانند مامتورا جو رچيل هي ناول انهن ٿورڙن ناولن مان آهي، جي اصليت جي رکي سگهن ٿا“.(76)

ناول جو مرڪزي ڪردار چندر هڪ شاعر آهي، سندس شعر ۾ سماج ۽ شادين جي پابندين ڪي موضوع بڻايو ويو آهي. سندس اهڙي هلت ڪان ناراض ٿي، سندس محبوبا ليلا جي پيءَ ناراض ٿي ليلا جي شادي چندر بجاءِ هڪ آءَ.سي.ايس آفيسر نوجوان سان ڪراچي چڏي ٿو. ليلا، چندر جي جدائيءَ ۾ بيمار ٿي مري وڃي ٿي. ناول جي ٻوليءَ شاعراڻي آهي:

”آسمان ۾ چوڏس جو چندرما ڪڙيو بيٺو هو. ان جا روپ ورنا ڪرڻا، برف ۽ نهر جي گجيءَ تي پئي پيا. عجيب سندرتا، پوترتا جي سفيد لباس هئي. مدهوش ڪندڙ مشاهدو هو. مان پل جي ڪني وٽ ويهي رهيس ۽ پنهنجون

اکيون ان اديت ۾ ڪٽي ڪپايم ”.[77]

”حليما“ ناول، آسانند مامتورا، 1947ع ۾ لکيو. جيڪو ماحول، ڪردارن ۽ موضوع جي حوالي کان بلڪل مختلف آهي. سنڌ جي وايو منڊل ۾ مسلم زندگيءَ تي، اُن وقت جي ٻرندڙ مسئلن تي لکيل هي ناول، ان وقت لکجي پورو ٿيو هو، جڏهن سنڌي مسلمان، نئين دور جي چانئٺ تي پير رکي بيٺا هئا. هي ناول، 1947ع ۾ ڇپجڻ لاءِ ويو، پر ورهاڱي سبب ڇپجي نہ سگهيو. 30 سالن کان پوءِ، ڪونج پبليڪيشن بمبئيءَ هن ناول جو پهريون ڇاپو شايع ڪيو. هن ناول ۾ حليما جو مکيہ ڪردار هڪ نائڪا جو آهي، جيڪا پنهنجي ڏکن ڏُڌي زندگيءَ جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي. لاوارث ڳوناٽي حليما 14 سالن جي ڦٽندڙ جوڀن ۾ ڏاڍائيءَ جو شڪار ٿي. وڏيري جو پٽ جڏهن ساڻس زيادتي ڪري عليڳڙهہ موٽي ٿو وڃي ۽ ڪيس ڪچو مٺل ٻار ڄمي ٿو، تڏهن مسڪين عورت مجبوريءَ واري حالت ۾ سندس سريت بڻجي ٿي رهي .ان وقت سندس جسماني ڪيفيت جو بيباڪ ذهني بيان مامتورا نهايت نفيس ۽ چيندڙ لفظن ۾ ڪيو آهي. حليما حالتن کان لاچار ٿي، انگريزي مخالف تحريڪ ۾ شامل ٿئي ٿي، پوليس جي لاٺي چارج ۽ ڪرفيو جو مقابلو ڪري .ان دوران هن جو پيار هڪ هاريءَ سان ٿئي ٿو.

بهرحال ناول جي ڪهاڻي دک انت آهي، پر عاليشان عبارت ۽ اسلوب ۾ لکيل آهي.هن ناول جو مهاڳ، سنڌي ٻوليءَ جي عظيم ليکڪ منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو آهي. هو لکي ٿو تہ، ”جنم ڀومي سنڌ جي مسلم زندگيءَ بابت هي ناول بيحد اتساهہ بخشيندڙ آهي. هن اميد ڏيکاري آهي تہ هيءُ ناول سنڌ توڙي هند ۾ ، سرحد جي ٻنهي پاسي سنڌي پائرن کی پسند پوندو. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر چندو لعل لکيو آهي تہ ”هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو تہ زميندار نہ صرف ظالم هئا، پر شهوتي پڻ. ناول شروع ڪرڻ سان ائين محسوس ڪبو تہ ان ۾ حليمان نالي عورت جي دلسوز ڪهاڻي ڏنل آهي، پر ناول پڙهي پوري ڪرڻ کان پوءِ سمجهہ ۾ ٿو اچي تہ حليمان ”اٻلا“ نہ آهي، خود ”بلا“ آهي. پڙهندڙن جي دل ۾ همدري کان ٿي جيئن زينت لاءِ“. هو وڌيڪ لکي ٿو تہ ”حليمان“ ناول کی ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ حصو ”رومانوي“ ۽ ٻيو ”سياسي“. ٻنهي

حصن جو مول ڪردار آهي حليمان . رومانوي حصي ۾ حليمان ڪي چريتر هيٺو ڏيکاري ويو آهي ۽ سياسي حصي ۾ حليمان کي ڪرانتڪاري ۽ بيبڪاڪ عورت ڏيکاريو ويو آهي ".[78]

سندس ڏگهي ڪهاڻي "ڳنوارڻ عرف ڪڪي" سنڌي ادب جي بهترين ڪهاڻي سمجهي وڃي ٿي، جنهن جا ڪيترن ئي ٻين ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ احساس ڪمتري، سماجي حيثيت جي مونجهاري کي جنم ڏئي ٿي. ننڍي عمر جي ڇوڪري جي شادي وڏي عمر جي مرد سان ٿيل آهي. پروفيسر احسان بدوي لکي ٿو ته " آسانند مامتوراءِ جي افسانن کي پڙهندي، اسان جي دل تي جو اثر ويهي ٿو، سو آهي، ته مٿس رومانيت جو اثر گهري طرح ڇانيل آهي ۽ هن عشق محبت جي داستان کي پنهنجي افساني جو موضوع بڻايو آهي ".[79]

**پروفيسر رام پنجواڻي (1911 – 1987 ع)**

هند سنڌ جي نامياري اديب، شاعر، راڳي، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پورو نالو رام پرتاب راءِ پنجواڻي هو. هن 20 نومبر 1911 ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ڊي. جي ڪاليج مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد اتي ئي ليڪچرار مقرر ٿيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سرڪل قائم ٿيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ان جو صدر ۽ رام پنجواڻيءَ کي نائب صدر بڻايو ويو ۽ شيخ عبدالرزاق "راز" ان سرڪل جو جنرل سيڪريٽري بڻيو، جڏهن ته شيخ اياز سميت ٻيا ناليوارا اديب ان جا ميمبر هئا. ڪيترائي ناول لکيائين ۽ ترجمو ڪيائين، جن ۾ "قيدي" (1943 ع)، "شرميلا" (1944 ع)، "لطيفا" (1945 ع)، "اسان جو گهر" (1946 ع)، "چانديءَ جو چمڪو" (1947 ع)، "زندگي يا موت" (1952 ع)، "آهي نه آهي" (1955 ع)، "شل ڌيئر نه ڄمن" (1957 ع)، "پدما" (1939 ع) شامل آهن. سندس بابت احسان بدوي لکي ٿو ته "رام لعل پنجواڻي جي افسانن تي فرانسيسي افسانا نگار موپاسان جو نهايت ئي گهڻو اثر پيل آهي ۽ هن جا افسانا جن ۾ جنسي پهلو نمايان آهي ".[80]

پروفيسر رام پنجواڻيءَ ’هال ڪين‘ جي مشهور ترين ناول ‘Eternal City’ جو الٿو ”پدما“ جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1939ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي ڪهاڻي هندستاني سماجي زندگيءَ سان تهڪندڙ آهي ۽ تمام دلچسپ ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. هن ناول کي ديسي ماحول ۾ آڻي ملڪي سياست تي به روشني وڌي وئي آهي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ هن ناول کي هندستاني ماحول ۽ سنڌي ڪردارن سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ناول جي ڪردارن ۾ پدما (پدماوتي)، ٻلديو (امرنات)، ڊاڪٽر نريندر نات (سريندر نات)، پريا شنڪر (راج منتري)، سيلونتي ، گرڌر راج گرو ۽ ٻيا ڪردار آهن. هي ناول 1799ع واري دور سان وابسته سلطنت شاهي کي ختم ڪندي جمهوري نظام برپا ڪرڻ جي ويچار ڌارا جي دائري اندر رومانوي پلاٽ تي آڌاريل آهي. ناول جو پلاٽ هن ريت آهي ته ڪانچي ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر نريندر نات کي پنهنجي بنگلي جي ڏاڪڻ تي هڪ يتيم ٻار ”ٻلديو“ ننڊ ڪندي مليو هو. ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي زال سان صلاح ڪري، ان ٻار کي پاڻ وٽ پناهه ڏئي ٿو ۽ سندس ڌيءَ پدما ان ٻار کي پاءُ ڪري سڏي ٿي.

سندس ناول ”قيدي“ اصلوڪو ناول آهي، جنهن ۾ ”منوهر“ هڪ اهڙو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي جيڪو پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو. هو چترڪار، گايڪ آهي ۽ سنگيت دنيا جو قيدي آهي. ناول جي منڍ ۾ جڏهن منوهر کي تار ملي ته هو تصويرن جي مقابلي ۾ پهريون نمبر آيو آهي. تڏهن سندس ماڻس چوي ٿي ته ”شڪرانا مڃ انهيءَ مالڪ جا جنهن جي ڪرپا سان تو سوپ جپ سهرو ٻڌو آهي.“ هن ناول ۾ رام پنجواڻيءَ موسيقيت سان محبت جي انتها ڏيکاري آهي . هو چوي ٿو ته ”مان ڳائيندو رهيس، ٻڌندڙ ٻڌندا رهيا، مان ٻوليندو رهيس، آيل جهومندا رهيا، هر هڪ تان ، مرڪ سرگرم تي واهه واهه جا نعرا بلند هئا، ڏپ ڏپ تي ڏنيواهه جي ڏني قائم هئي“.(81)

اڳتي هلي، منوهر سياسي قيدي ٿي وڃي ٿو ۽ جنم ٽيپ جي سزا ڀوڳي ٿو. منوهر ليلا جي صحبت ۾ اچي ٿو ۽ ليلا جو مناطيسي اثر منوهر تي ڇانئجي وڃي ٿو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ”قيديءَ“ بابت تبصرو ڪندي لکي ٿو ته ”پروفيسر رام پنجواڻي جو هي نئون سنڌي ناول سنڌي ساهت ۾ انهن جزوي ناولن مان هڪ

آهي، جي اصليت جي دعويٰ رکن ٿا. لکندڙ خود سنڌ جو مشهور راڳيندڙ ۽ ڪلاڪار آهي، سو هن ڪتاب ۾ سنگيت ۽ چترڪاريءَ جا اهڙا ته اعليٰ امنگ اڀاريندڙ بيان ڪيا اٿس، جن جهڙا مون بئي ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ نه پڙهيا آهن“.(82)

”شرميلا“ ۾ گجراتي زندگي جو پسمنظرڏنل آهي. هن ناول ۾ شرميلا انگريز عورتن وانگر زندگي بسر ڪري ٿي. مثال طور گهوڙي سواري ڪرڻ، ڪتا پالڻ ۽ جهنگ ۾ وڏي بوٽ سان گهمڻ وغيره. هن ناول جي خاص ڳالهه هي آهي هڪ هندستاني عورت ڪيتري بهادر آهي جا مردن جي معاشري ۾ اعتماد سان جيئي ٿي. هن ناول جي ڪهاڻي ڪنهن انگريزي ناول ڪان متاثر ٿي لکي ويئي هئي، جنهن جي باري ۾ خود ناول نگار وڏيڪ وضاحت ڪري ٿو ته:

”ٻه سال ٿيا ته ڪنهن انگريزيءَ ۾ لکيل آکاڻي مون کي وٽي ۽ انهيءَ آکاڻيءَ جي واٽ تي ويهي دليان هي قصو ”شرميلا“ جوڙي پيش ڪيو اٿم.“

ڊاڪٽر غلام حسين پڻ هن ناول جي باري ۾ هيءَ راءِ ڏئي ٿو ته ”هن ناول جو هر منظر ڪنهن يورپي ملڪ جو محسوس ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ هن ۾ نالا سنڌ جي شهرن جا ڏنا ويا آهن. هن ناول جو خاتمو سک انت آهي، جيئن شرميلا، ناول ۾ آخر ساجن سان ملي ٿي ۽ ارميلا اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪري ٿي“.(83)

1945ع ۾ لکيل رام پنجواڻيءَ جو ناول ’لطيفان‘ سماجي ناول آهي، لطيفان جو پيءُ خون جي الزام ۾ جيل ٿو وڃي ۽ لطيفان پنهنجي چاچي جي گهر ٿي رهي. ملڪيت جي لالچ ۾ چاچي هن جي خلاف سازشون ٿي ڪري ۽ لطيفان گهران خودڪشي ڪرڻ نڪري ٿي. هن ناول ۾ سماج ۾ عورت جي مجبورين جو ذڪر ڪيل آهي. ناول جو هڪ ڪردار رضيه مظلوم عورت ڏيکاريل آهي، جيڪا پنهنجي گهرواري در محمد جي لاتعلقي ۽ لاپرواهي کي پوڄيندي ٿي رهي. هن ناول ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته عورت هر حال ۾ چپ رهي صبر ڪندي رهي. هن ناول ۾ زميندارن جي ظلمن جي به ڪٿا بيان ڪيل آهي. لطيفا، هڪ اڻ پڙهيل ڳوٺاڻي عورت آهي، جيڪا صورت ۽ سيرت واري عورت آهي. هڪ ڏينهن سلما اوچتو افواهه پکيڙيو ته ”رات وچ ۾ عيسي ڪنير جي ڌيءُ گهر کان ٻاهر نڪري ويئي آهي ۽ اڄ صبح جو منل به گم آهي“. لطيفا جي منل سان محبت

آهي، افواهه ہڏي بيهوش ٿي وڃي ٿي. جڏهن سجاڳ ٿئي ٿي ته موت ڪيس سڏي ٿو ”هلي آءُ ، هلي آءُ لطيفا! تو کي آرام کپي ته ڊوندي آءُ.. باقي ڇا بچيو اٿئي. پيءُ پرديس ۾ ، ماءُ ملڪ ادم ، منل به رلائي ويئي روهه ۾ هاڻي باقي ڇا جو آسرو اٿئي؟ هلي آءُ مون ڏانهن، هلي آءُ! باقي آسرو مون ۾ ملندو.

هوءَ درياهه ۾ ٽپ ڏئي خودڪشي ڪري ٿي، پر هڪ مهاڻو ڪيس بچائي وٺي ٿو. ٻئي زميندارن جي ظلمن جون به ڪيتريون ئي ڪٿائون ناول ۾ ڏنل آهن.

”اسان جو گهر“ ۾ هڪ انگريز عورت ٻن هندو ڀائرن ڪي ويڙهائي الڳ ڪرڻ چاهي ٿي. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکيو آهي ته: ”هن ناول جي رٿا اصلوڪي هئي، جنهن ۾ تمثيلي طور هندستان جي آزاديءَ ۽ ورهاڱي جي چٽي تصوير چٽيل آهي. هن ناول ۾ رام لعل ۽ شام لعل ٻنهي ڀائرن جي محبت تي ٻڌل ڪهاڻي آهي، جن جي دلين ۾ هڪ انگريزي عورت، پنهنجي مفاد خاطر نفاق وجهي، جدا جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر هوءَ انهيءَ ۾ ناڪام وڃي ٿي.“ (84)

سندس ناول ”چانديءَ جو چمڪو“ ٻين ناولن کان موضوع جي لحاظ کان بهتر آهي. هڪ ته هن ۾ ورهاڱي جو پسمنظر ۽ ٻيو ته پيسي جي چمڪي تي ماڻهن جو ايمان وڪڻڻ جو پسمنظر ڏنو ويو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ وارن ناولن ۾ سندس ”زندگي يا موت“ ۾ سنڌ مان لڏي آيل مهاجرن جي ڪئمپن واري زندگي گذارڻ جو ماحول ڏاڍو ڀوائتي انداز ۾ ڏنو اٿس. هن ناول جي موضوع بابت رام پنجواڻي ناول جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته ”ڪيترن سنڌ واسي نرواسين سان ملڻ پئي ٿيو. انهن جو درد ڀريون وارتائون ٻڌي پريشان من ويتر به پريشان ٿي ويندو هو. هر ڪنهن کي ڪا نه ڪا لڳي پئي آهي. ڪين سائتا جي ضرورت پوندي هئي. ڪن کي مالي مدد کپندي هئي. پنهنجو هڪ مائٽ، هڪ ڏينهن مون وٽ آيو. سندس منهن هيسايل هو. حال پريشان هو. هو دک ۽ درد جي تصوير لڳو ٿي. هميشه خوش مزاج، بي پرواهه ۽ توڪلي مڙس، پر هينئر ڏٻرو، لاچار ۽ ٻڍو ٿي لڳو. حال پڇڻ تي چوڻ لڳو ته، ”پاڻي سر کان مٿي چڙهي چڪو آهي. هو روئي وينو، روئڻ تي هري ويو هو. اکين جي هيٺان نشانن پوري ثابتي ڏني ٿي. چيائين ته نوڪري وٺي ڏي؟ مون چيس

ته توکي ته آرام جي ضرورت آهي، ان تي چيائين ته آرام وٺي سگهان ٿو. پوءِ هڪ اشتهار ڏيکاريائين، جنهن ۾ لکيل هو ته ”گهر جي هڪ شاهوڪار، پنجابي جوان ڇوڪري لاءِ، هڪ غريب نرواسي ڇوڪري.“ چيائين ته اشتهار ڏسي، ڇوڪري کي ڏسڻ ويس، ڇوڪري جوان آهي، پڙهيل آهي پر منهن تي اڇا داغ آهن. وڏي سوچ کان پوءِ ان فيصلي تي پهتو آهيان ته مائٽي اتي ڪريان، جو مون کي ڏهه هزار روپيا ملندا.

هي سچو ناول انهيءَ سچي ڪهاڻيءَ کان متاثر ٿي لکيو اٿم. ورهاڱي کان پوءِ جي حالت ڇا بڻي، تنهن جو مثال هن ناول ۾ ملي ٿو.

سندس ناول ”آهي نه آهي“ هر لحاظ کان منفرد ناول آهي. هن ۾ خدا جي تصور تي بحث ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ هن انهن گمراهه ماڻهن کي دليلن سان يقين ڏياريو ويو آهي ته خدا جي ذات موجود آهي ۽ ان جي وجود ۾ ذري جو به شڪ ڪرڻ نه گهرجي. جيئانند لعلواڻي هن ناول بابت لکي ٿو ته ”هي ناول ’آهي نه آهي‘ ڀارت جيون جي پاٺڪن اڳيان رکندي بيحد خوشي ٿئي ٿي. هي ناول، ناول نه آهي ۽ نه ئي هن ۾ رڳو وندر آهي، پر منجهس ڳوڙها خيال پيش ڪيا ويا آهن. ايشور آهي نه آهي. اهو اڄ ڪلهه جي نوجوانن جو سوال آهي، جيڪي سمجهن ٿا ته هيءَ دنيا رڳو قدرت جي زور تي هلي رهي آهي، پر انهن جي هلائيندڙ کي مڃين ئي نه ٿا“.(85)

سندس آخري ناول ” شل ڏيئر نه ڄمن“ هڪ شاهڪار ناول آهي جو سنڌ جي سماجي ۽ معاشي مسئلن جو زنده مثال آهي. هن ناول ۾ ڏيئرن جي ڏيتي ليتي، ڏاج ۽ غلط رسمن تي سخت تنقيد ڪئي اٿس. رام پنجواڻيءَ انهيءَ ڏيتي ليتيءَ جي ڪري سماج جي تباهي جو منظر هن ريت پيش ڪري ٿو:

”ڏيتي ليتي اسان جي سماج جو رت چوسي ڇڏيو آهي. اڳي ڏيڻ وٺڻ جي حد پندرهن ويهه هزار هئي ۽ هاڻي شاهوڪارن ۾ لک سوا لک تائين وڃي پهتو آهي. شادي سودو ٿي پئي آهي. هن ۾ ٻوليون لڳن ٿيون، سو ٿيون ڏجن وٺجن ٿيون، ڏاج کان علاوه روڪ جي واري ڦيري ٿئي ٿي ۽ بلئڪ جا پئسا اڇا ٿين ٿا. بين سودن وانگر هن سودي ۾ به دلال آهن. هڪ پاسي به ڪميشن کائين ۽ هن پاسي به کليو کلايو. گهوٽن جون مائرون وات کولي

وينيون آهن. ڇوڪرين جون مائرون رت روئڻ ٿيون. شاهوڪار ته پنهنجو ڪارو ناٽو اڇو ڪندا، پر وچولي درجي وارا ڇو ڪن؟ ڪيترن گهرن ۾ ته ڇوڪريون وينيون آهن. مائٽ اهڙي حالت ۾ ڇوڪرين کي نه ٿا اگهائين ۽ ڇوڪريون به اها خواهش ٿي نه ٿيون ڪن. اهڙيءَ حالت ۾ سماج ۾ به تبديليون اچڻ کپن". (86)

پروفيسر پنجواڻي محبتن جو امين، معاشرتي اصلاح ڪندڙ ۽ ڌرتيءَ درد رکندڙ ناول نگار هو. سندس ناول عام رواجي موضوعن کي به منفرد ڪري پيش ڪن ٿا. هو ڪٿي به ڪو مسئلو جڏهن اٿاري ٿو ته ان کي اڌورو نه ٿو ڇڏي نه وري سندس ڪو ڪردار منجهيل يا اڌورو آهي. هر ڪنهن ڪردار جي غلطيءَ جو نچوڙ يا سنائي جو عڪس بلڪل صاف صاف لفظن ۾ پيش ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پڙهندڙ هن جي ڪردارن سان همدردي ڪن ٿا.

**شيوڪ ڀوڄراج (1906ع – 1987ع)**

هند ۽ سنڌ ۾ ٻاراڻي ادب جو مشهور نالو دادا شيوڪ ڀوڄراج لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. نثر نگاري ۽ خاص ڪري ٻاراڻي ادب ۾ سندس پورهيو وسارڻ جوڳو ناهي .دادا شيوڪ ڀوڄراج، آڪٽوبر 1926 ڌاري ٻارن جي پهرين تنظيم "ٻالڪن جي ٻاري" جو بنياد وڌو. ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل ان تنظيم بعد ۾ هڪ تحريڪ جيان مشهور ٿي، ان وقت پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ماستر هو. انهيءَ تنظيم جون شاخون سڄي سنڌ ۾ به قائم ڪيون ويون .تنظيم طرفان 1934ع ۾ ٻارڙن جو هڪ ماهوار رسالو "گلستان" به جاري ڪيو ويو. شيوڪ ڀوڄراج ٻه آتم ڪٿائي ناول"آشرواد" (1933ع) ۽ دادا شيام" (1934ع) پڻ ڇپيا، سندس ناولن جا مکيه ڪردار اسڪولي ماستر هئا.ٻئي ناول ان وقت لکيا ويا جڏهن ملڪ ۾ سياسي هلچل شروع ٿي چڪي هئي. شيوڪ ڀوڄراج ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ۾ حصو ورتو ۽ جيل به ويو. جيل ۾ ئي ٻئي ناول به لکيائين. ٻنهي ناولن جو ماحول ساڳيو آهي. ٻنهي ناولن ۾ هو "شيام " جي نالي سان ظاهر ٿئي ٿو. گهڻي قدر ٻئي ناول ليکڪ جون آتم ڪهاڻيون آهن.

شيوڪ ڀوڄراج جو "آشيرواد" ناول 1933ع ۾ پڌرو ٿيو. هيءُ ناول هندستان اندر هلندڙ آزاديءَ جي تحريڪ جي پس منظر تي لکيل آهي. هن ناول ۾ آزاديءَ جي

تحريڪ دؤران گانڌيءَ جي انهن ويچارن جي اپٽار ڪئي وئي آهي، جيڪي ماڻهن جي روين پٽاندر ڏينهون ڏينهن پڌرا ٿيندا رهيا.شيوڪ ڀوڄراج ”آشيرواد“ ناول نئين طرز سان لکيو. اها طرز اڳ ۾ ڪنهن به ناول نويس ڪتابن ۾ ڪا نه آندي هئي. هن ناول ۾ ناول جو مول ڪردار پنهنجي آتم ڪهاڻي ٿو ٻڌائي. سڄو ناول ضمير متڪلم ۾ لکيل آهي. انهيءَ جو مطلب ته ناول ۾ ڪهاڻي به آهي ته آتم ڪهاڻي به آهي. ان سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته ”1933ع ۾ شيوڪ ڀوڄراج هڪ عاليشان اصلوڪو ناول ”آشيرواد“ لکيو، جنهن کي نئين جڳ جو حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل پهريون اهم ناول سمجهڻ کپي. هندستان ۾ آزاديءَ جي هلچل جو اثر سنڌ تي پڻ پئجي چڪو هو، ۽ مهاتما گانڌيءَ جي ستياگره ۾ ڀهرو وٺندي، شيوڪ صاحب کي اونها اندر جا آزمودا پرايا جن تي هيءُ ناول ٻڌو هئائين، ۽ اهو اصول ثابت ڪري ڏيکاريائين ته روزمره جي جيوت جي جبري جاچ سان اڀياس ڪرڻ کي ڪلاڪاريءَ سان پيش ڪري زندگيءَ جي معمولي واقعن مان دلچسپ ڪهاڻيون بنائي سگهجن ٿيون، جي گهمساني حادثن جون محتاج آهن. هن لکندڙ جي عبارت هالو چالو روزمره واري اتساهه ڀري هئي“.(87)

1933ع ۾ ”دادا شيام“ اسڪولي جيوت بابت لکيو، پر ان ۾ هڪ ماستر ۽ سندس شاگردياڻين جو ناتو بلڪل چٽڙواڳ ۽ اجهل ڏيکاريائين، جو ٽيٽيءَ کان ٻاهر ۽ اڻ وڻندڙ پيو لڳو.

سندس ناولن جي باري ۾ ڊاڪٽر چندو جئسنگهاڻي لکي ٿو ته ”آشيرواد“ توڙي ”داد شيام“ ۾ مول ڪردار ”شيام“ ماستر آهي. شيوڪ پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ماستر هوندو هو. جيئن ”آشيرواد“ ناول ۾ تيئن ”دادا شيام“ ناول ۾، مول ڪردار شيام جو واسطو شاگردن سان آهي. ٻنهي ناولن جو مول ڪردار ساڳيوئي شخص ”شيام“ عرف شيوڪ آهي، آدرشي پر موڙهيل منجهيل. ٻنهي ناولن ۾ ”سندري“ مکيه ڪردار آهي. ”آشيرواد“ ۾ شيام پيار ڪملا کي ٿو ڪري پر شادي سندريءَ سان. ”دادا شيام“ ۾ پيار سندريءَ سان ٿو ڪري پر شادي آننديءَ سان. ٻنهي ناولن جو ”شيام“ شرت چندر چٽئر جي، بنگالي ناول نويس جي پيدا ڪيل ڪردار ”ديوداس“ جهڙو آهي. اداس پريمي، ٻنهي ناولن ۾ فرق اهو آهي ته

”آشيرواد“ ناول جذبات سان لکيل آهي ۽ ”دادا شيام“ محنت سان“.[88]

## گلي سدارنگاڻي (1906_1994)

گلي سدا رنگاڻيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. هن ٻاراڻي ادب سان شروعات ڪئي ۽ ٻارن جي رسالي ”گلستان“ جي ايڊيٽر پڻ رهي. ان دور ۾ هوءَ گلي ڪرپاڻيءَ جي نالي سان لکندي هئي. هن هندستان جي سياسي هلچل ۾ حصو ورتو ۽ ڪانگريس جي پليٽ فارم تان سياست ڪئي. گلي سدا رنگاڻي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم طور پنهنجي حيثيت مڃرائي. سندس ڪيترائي ڪتاب پڻ شايع ٿيا آهن. هن سڀ کان پهرين 1936ع ۾ ’جواهر لال نهروءَ جا ڌيءَ ڏانهن خط‘ انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو.

گلي سدا رنگاڻيءَ، سڀ کان اول، 1938ع ۾ رابندر ٽئگور جي ناول جو ترجمو ”گورا“ جي عنوان سان ڪيو. هن ناول ۾ اول ٽئگور جي حياتيءَ جو احوال تفصيل سان ڏنل آهي. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته ”هي هڪ مشهور پنگتي ۽ قومي ناول آهي ۽ منجهس انگريزي پيءُ ۽ هندستاني ماءُ مان پيدا ٿيل هڪ نواجوان جي جدوجهد بيان ڪيل آهي“.[89] هيءُ هڪ مشهور قومي ناول آهي. هن ۾ انگريز پيءُ ۽ هندستاني ماءُ مان پيدا ٿيل هڪ نوجوان جي جدوجهد جو داستان آهي.

گلي سدارنگاڻيءَ جو’هندو مسلم ايڪتا جي موضوع تي انتهائي اهم ۽ وقتائتو ناول ”اتحاد“ لکيو، جيڪو هندستان پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ مان 1941ع ۾ هن خود ڇپايو هو. هي هڪ بهترين ناول آهي. هن ناول ۾ هندو مسلم اتحاد جي جذبي کي اجاگر ڪرڻ ۽ مذهبي متڀيد کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي ناول ان دور جي سياسي هلچل جي پسمنظر ۾ لکيل هو، جنهن تي ڪٽر پنگتي اڳواڻن گوڙ به ڪيو. هن ناول ۾ هڪ هندو ڇوڪريءَ جي هڪ مسلمان ڇوڪري سان شادي ڏيکاريل آهي. هن ناول ۾ پهريون ڀيرو راڄنيتي، آزاديءَ بابت انقلابي خيال، بردباريءَ سان ظاهر ڪيا ويا هئا. هن ناول جي ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته:”سنڌ جي هڪ مسلمان اميد عليءَ، لکنو جي هندو ڪٽنب مان آشا نالي ڇوڪريءَ شادي ڪئي، ڪيس حامد علي نالي هڪ پٽ ڄائو. ڪهاڻيءَ، هنن ڪردارن جي چوگرد ۽ سنڌ جي سياسي

حالتن جي چوگرد گھمي ٿي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ هوءَ ناول جو مقصد لکندي ٻڌائي ٿي تہ: ”هندو مسلمان هڪ ٻئي خلاف برغلائڻ جي بدران ، جي اسين سنڌن وچ ۾ ساز ۽ سلوڪت جي ڪوشش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ مون کي يقين آهي تہ اسين ڪامياب ٿينداسين“.[90] پروفيسر منگھارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ: ”اهم اصليت وارو ناول ان پهرين سنڌي عورت جو هو، جنهن ساهت جي ميدان ۾ قدم کنيو هو ۽ بلڪل ثابت قدم. اها هئي شريمتي گلي سدارنگاڻي (جنهن اڳي ڪماري ڪرپالاڻي جي حيثيت ۾ ٽئگور جو ’گورا‘ انواد ڪيو هو) 1941ع ۾ سنڌس ’اتحاد‘ نڪرڻ سان ڪٽر پنگتي اڳواڻن ۾ چوپول مچي ويو، جيئن ’شاعر‘ (آسانند مامتو راءِ جو ناول ’شاعر‘) ۾ سنڌي ڇوڪرو صوبائي ۽ ڌرمي بنڌڻ متائي ڪشميريءَ مسلمان ڇوڪريءَ سان شادي ٿو ڪري، تيئن هن ناول ۾ هندو ڇوڪريءَ، هڪ لائق مسلمان ڇوڪري سان لائئون ٿي لهي. هن ناول ۾ راڄنيتي آزاديءَ بابت انقلابي خيال پهريون دفعو بردباريءَ سان ظاهر ڪيل هئا ۽ اُن جي عبارت ۾ بہ هندي ۽ فارسيءَ جو وٽندڙ ’اتحاد‘ رکيل آهي“.[91]

سندس ناول ”آخري انقلاب“ 1979ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ ٻن عورتن: مالا ۽ مايا جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پراڻي دستور مطابق رهڻ چاهين ٿيون. پر اڳتي هلي جديد انداز ۾ زندگيون گھارين ٿيون. مطلب تہ پراڻي ۽ نئين ريتن رسمن جو ٽڪراءُ ڏيکاريو ويو آهي. سندس ٻيو ناول ’ساڍنا جو سپنو‘ڪي بہ تمام گھڻي موٽ ملي.

## چيتانند لعلواڻي (1916_ 1998ع)

چيتانند لعلواڻيءَ جو جنم نصرپور، ضلعي مٽياريءَ ۾ ٿيو. هن صاحب 1940ع ۾ ڀارت جيون ساهتيہ منڊل جو بنياد وڌو، جنهن جي پليٽ فارم تان ڪيترائي ناول، ڪهاڻيون ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪيائين. هن صاحب ڪيترائي ناول ترجمو ڪري شايع ڪيائين. بنڪم چندر جي ناولن کان گھڻو متاثر هو، ان ڪري هن سندس ڪيترائي ناول سنڌي ۾ ترجمو ڪيا. انهن ناولن ۾ موضوع گھڻو ڪري هندو سماجي زندگي مان کنيا ويا آهن، جن ۾ 1946ع اهم ناول ”راجسنگھہ“ شايع ڪيو. ان کان علاوه هن شرت چندر جا ٽي ناول ترجمو ڪيا، جن ۾ ”ڳوناڻو سماج“ (1941ع)، ”برهمڻ ڪنيا“ (1947ع) ۽ ”شيدا“

(1947ع) شامل آهن. ان کان علاوه ”شريڪانت“ (1947ع) ۽ ”چرترهڻ“ (1947ع) شامل آهن. ڄيٺانند صحافي طور بہ ڪم ڪيو تہ جيون ڪهاڻيون بہ لکيائين. هن جي جيون ڪهاڻين ۾ ”بابو راجندرا پرساد“ (1936ع)، ”جئہ پرڪاش نارايڻ“ (1940ع) ۽ ”سڀاش چندر بوس“ (1942ع) اهم آهن.

**ڄڳت آڏواڻي (1913 ـ 2000ع)**

ڄڳت آڏواڻي ولد آسودي مل آڏواڻيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو بنيادي طور مترجم هو. ان کان علاوه پبلشر ۽ رسالن جو ايڊيٽر هو. ڪيترائي ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻيون ترجمو ڪيائين. 1939ع ۾ ”ڪهاڻي“ نالي رسالو جاري ڪيائين،جنهن ڪهاڻي جي ترقي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هن ۾ اڪثر شرت چندر چٽرجيءَ جون ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪيا. سنڌس ناول نگاري لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: ”1939ع ۾ ڪهاڻي ساهتيہ منڊل جي باني ڪار ڄڳت آڏواڻي بہ چڱائي سهڻا ناول ترجمو ڪيا هئا، جن ۾ مکيہ شرت چندر جا هئا. ”وڏي دادي“(1939ع)، ”شطرنج جو کيل“ (1940ع) ۽ ”آخري التجا“ (1940ع)، جنهن کي مان شرت جو بهترين ناولن ۾ شمار ڪندو آهيان. ڄڳت آڏواڻي بنڪم چندر جي هڪ تاريخي ناول جو ترجمو ”راجپوت رمڻي“ (1939ع) ۾ جي نالي ڪيو. سنڌس ٻين ناولن ۾ ٽئگور جو ”بگڙيل ڪٽنب“ اهم آهن.

هن 1939ع ۾ انگريزي ٻوليءَ جي مشهور ناول نگار ’سر هال ڪين‘ جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ بابت لکيل ناول ’Woman of Knockaloe‘ جو ترجمو ’آخري سفر‘ نالي سان ڪيو. هن ناول ۾ هڪ جرمن ڇوڪري ۽ انگريز ڇوڪري جي محبت جي ڪهاڻي آهي، جيڪي جنگ ۾ هڪٻئي دشمن هئڻ باوجود پاڻ ۾ محبت ڪن ٿا. آخر ۾ ٻئي ڄڻا خودڪشي ڪري ڇڏين ٿا. ڄڳت آڏواڻيءَ هن ناول کي سٺي نموني ترجمو ڪيوهو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ترجمي جي سلسلي ۾ لکيو آهي تہ ”انگريزي ناول نويس سرهال ڪين جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ بابت دل ڏڪائيندڙ ناول Woman of Knockaloeجو ترجمو ”آخرين سفر“ 1939) نالي سان ڪيائين،جو هن ترجمان جو پختيءَ

عبارت لکيل بهترين ڪتاب هو ۽ ڇاپي جي چوکن کان به آجو هو_ جيڪا اسانجن ڪتابن جي وڏي خامي آهي“.(92)

جڳت آڏواڻي هر قسم جا ناول ترجمو ڪيا پر هن تي بنگالي مذهبي، سياسي ۽ تاريخي حالتن جو اثر نمايان هو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي ترجمن ۾ بنگالي ناولن جي گهڻائي آهي.

**بهاري لال ڇاٻڙيا (1923_ 2001ع)**

بهاري لال ولد هريرام ڇاٻڙيا جو تعلق شڪارپور سان هو. هو ڪراچي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اوائلي جوڙجڪ ۾ نه رڳو شامل هو پرشيخ اياز سان گڏ سنگت جو جوائنٽ سيڪريٽري به رهيو. هن ناول ۽ ڪهاڻيون به لکيون. هن ڪيترائي ننڍا وڏا ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا.

سندس ناول ”همراهي“1945ع ۾ چندن پريس حيدرآباد مان شايع ٿيو. هي هڪ سماجي ۽ سياسي شعور سان ڀريل ناول هو. ناري: هي ناول 1964ع ۾ زندگيءَ پبليڪشن طرفان شايع ٿيو. جڏهن ته سندس ناول ”**پريا**“هڪ سماجي ناول هو. جيڪو تمام گهڻو مشهور ٿيو. هي ناول 1946ع ۾ زندگي پبليڪيشن پاران شايع ٿيو. هي سندس ترجمو ٿيل ناول هو. جنهن جي مهاڳ ۾ مترجم لکيو ته ”پريا منهنجي، اها ڪهاڻي آهي جنهن مون کان منهنجا ڪي ئي همدرد ڇني ورتا آهن. ڪيترن گهرن ۾ منهنجي ۽ پريت لڙي جي اچڻ تي بندش وڌي ويئي آهي. انيڪ ماڻهن کان، جي مون کي اشراف سمجهندا هئا، مون کي بدمعاش جو لقب مليو آهي. ليڪن ”پريا“ ٻيو ڪجهه نه منهنجو روح آهي“.

بهاري ڇاٻڙيا ”زندگي پبليڪيشن“ منڊل ڪوليو جنهن ۾ 1947 ۾ شرت بابوءَ جو سماجڪ ناول ”وپرداس“ ۽ ٽئگور جو سماجڪ ناول ”ٻه ڀينر“ پاڻ ترجمو ڪري ڇپايائين، جنهن جو الٿو ساڳئي سال ۾ مائيداساڻيءَ ”ننڍي ڀيڻ“ نالي ڪيو هو.

**تيرٿ ديو سياڻي(1906_1990)**

تيرٿ ديو سياڻي ولد گوبند رام سياڻي جو جنم لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٿيو. ديو سياڻي اعليٰ درجي جو ناول نويس، ڪهاڻيڪار، ترجما نگار، مضمون نگار ۽

صحافي هو. انگريزن جي دور ۾ ديو سپاڻي ڪيترن ئي ناولن جا ترجمو ڪيا. انهن ناولن ۾ اڪثر بينگالي اديبن جا هئا. سندس اهم ناولن جي ترجمن ۾ ”بدلو“ (1941ع)، ”اڏڪار“ (1942ع)، ”مڪتي“ (1943ع)، ”واپس“ (1944ع)، ”قسمت“ (1945ع)، ”ڏڪار“ (1945ع)، ”دل ڪر درخت دستور (ناول 1964) ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن.

سندس ترجمو ٿيل ناولن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ هن معاشي ۽ معاشرتي موضوعن کي پسند ڪيو.ان دور ۾ بنگالي ادب ۾ آزاديءَ جي لهر، پراڻي اقتصادي نظام کان نفرت، ڪميونسٽ نظرين جو وڌندڙ اثر، سياسي، تاريخي موضوع چانيل هئا. اهوئي سبب آهي جو اڪثر بنگالي ناول سنڌيءَ ۾ جلد ترجمو ٿي ويندا هئا. ديو سپاڻي جي ناولن ۾ مٿيان سڀ رجحان موجود هئا.

**ٺهلرام آزاد**

ٺهلرام آزاد پڻ ڪيترن ئي بنگالي ڪهاڻين ۽ ناولن جا ترجما سنڌي ۾ ڪيا، جن ۾ ”شفاخانہ“ بنگالي ناول ”آروگيہ نڪيتن“ جو ترجمو آهي. ’آروگيہ نڪيتن‘ بہ سماجڪ اپنياس آهي. ان کان علاوه هن شرت جا ٽي ناول ترجمو ڪيا، جن ۾ ”ڳوٺاڻو سماج“ (1941ع)، ”برهمڻ ڪنيا“ (1947ع) ۽ ”شيدا“ (1947ع) شامل آهن.

**حوالا:**


1. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪاٺياواڙ اسٽورز، ڪراچي، 2005ع، ص 336
2. مرزا قليچ بيگ: ” دلارام “،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1964ع
3. مختيار احمد ملاح: ” سنڌي ناول جي تاريخ “ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 66،67
4. مرزا قليچ بيگ: ” زينت “،اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد (ٻيو ڇاپو)، 1925ع
5. مرزا قليچ بيگ: ”ايرڪ“ سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع
6. مرزا قليچ بيگ: ”ٽي گهر“ سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع
7. مرزا قليچ بيگ: ” جولئن هوم “ سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع
8. مرزا قليچ بيگ: ”گلن جي ٽوڪري“، سنڌي ادبي بورڊ،ڄامشورو

9. مرزا قليچ بيگ: ” مصيبت ماريا سائين سنواريا “ ، سنڌي ادبي بورڊ،ڄامشورو
10. حوالو: سنڌ_ ماضي حال مستقبل: پ —ن (157
11. مختيار احمد ملاح: ” سنڌي ناول جي تاريخ “، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 75
12. پروفيسر شيوارقيرواڻي: ”حيدرآباد جي پنگتي ۽شهري حالت“ (مضمون)
13. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، ڪنڊيارو 1993، ص 73
14. ساڳيو حوالو، 1993، ص 74
15. پريتمداس حڪومتراءِ : ”استري جا نيمي ڪرم “ 1895ع
16. الوحيد اسپيشل ايڊيشن سنڌ آزاد نمبر “، جون 1936ع
17. ڊاڪٽر نور افروز خواجه : ”پائي پٽ ڪٽا “ ، گنج بخش ڪتاب گهر، 2005 ص 134
**18.** ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي:” ’چندر مکي “، ٻگومل تلسيداس سنز، حيدرآباد 1917ع، ص 3
19. حڪومتراءِ آڏواڻيءَ جو ’روهڻي‘، تي لکيل مهاڳ، 1937ع
20. ڪوڙومل چندن مل ڪلناڻي:” ٽرنڊڙ مکڙيون “،ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل، حيدرآباد، 1946ع، ص 6
21. هوتچند مولچند گربخشاڻي: ”نورجهان“، ورسٽي سنڌي پبليڪيشن، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي،1977ع
22. ساڳيو حوالو
23. لال چند امرڏنومل:
24. ڊاڪٽر چندو لعل: ”سنڌي ناول جي ارتقا“، ڪونج پبلڪيشن
25. لال چند امرڏنو مل ڄڳتياڻي:” چوٽ جو چنڊ “،ڀارت جيون ساهت منڊل، 1947ع
26. ساڳيو حوالو، ص 2
27. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ“، روشنئي پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993
28. هريش واسواڻي: لاچند امرڏنيمل جي ڪٿا ساهتيه جي ڪٿ “ ، ماهوار پورب، 1996ع
29. ڄڳتياڻي، لعلچند، امر ڏنو مل: ”ڪشنيءَ جو ڪشٽ (ناوليٽ)

30. لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي: ”سون ورنيون دليون“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، (ٽيو ڇاپو)، 1956 ع
31. ساڳيو حوالو
32. پيرومل مهرچند آڏواڻي : ”پريم جو مهاتم“، سنڌي ساهت پرچارڪ سوسائٽي، 1914 ع، ص 2
33. هيرو ٺڪر: ”پيرومل مهرچند آڏواڻي“: ساهتيہ اڪادمي دهلي 1990 ع ص 52
34. هيرو ٺڪر: ”پيرومل مهرچند آڏواڻي“: ساهتيہ اڪادمي دهلي 1990 ع ص 51، 52
35. پيرو مل مهرچند آڏواڻي : ”موهني ٻائي“، اسٽئنبرڊ پريس حيدرآباد، سنڌ، 1917 ع، ص: 5
36. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993
37. هيرو ٺڪر: ”پيرومل مهرچند آڏواڻي“: ساهتيہ اڪادمي دهلي 1990 ع ص 52
38. پيرومل مهرچند آڏواڻي: ”جاسوس“ ، ڪهاڻي ساهتيہ سندر، حيدرآباد، 1947 ع، ص 28
39. پيرومل مهرچند: ”گولن جا گوندر“، ڇپائيندڙ: اين. ايچ. پنجابي ائنڊ ڪمپني، ڪراچي، 1926 ع
40. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993
41. پيرو مل مهرچند: ”طلسم عرف غازي صلاح الدين“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1985 ع
42. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، ڪنڊيارو 1993 ع، ص 85
43. سيرومل ڪيئلداس سنگراڻي: ”هردل عزيز عرف چندر ڪانتا “، وديا ساگر پريس، حيدرآباد، 1908 ع
44. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪائياواڙ اسٽورز، ڪراچي، 2005 ع،
45. صاحب سنگهہ چندا سنگهہ: بلو کوکر“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو (ڇاپو پنجون)، 2006، ص 2
46. ڊاڪٽر چندو لعل جيسنگهاڻي: ”سنڌي ناول جي ارتقا“، ص 69

47. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ: پ –ن (84
48. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد: ”سنڌي ادب ۾ اپياس“
49. ڪريم بخش خالد: قاضي عبدالخالق خليق مورائي پيغام : مئي 1984
50. پناهڙ، در محمد: ”ڊاڪٽر: ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۽ علم ۾ حصو“ (پي. ايچ- ڊي ٿيسز قلمي
51. ڊاڪٽر غلام حسين پناهڙ: ”سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ“، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ص 180
52. ميلارام منگتراءِ واسواڻي: آگري جي ٻانهي“، 1936 ع
53. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي: ”سنڌي نثر جي تاريخ“
54. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ، ص 191
55. ميلارام منگتراءِ واسواڻي: ”سماجڪ بلوو“، 1936 ع
56. ميلارام منگتراءِ واسواڻي: ”چندر چڪور“، 1938 ع
57. محمد عثمان ڏيپلائي ، سهڙيندڙ تاج جويو
58. ساڳيو
59. ساڳيو
60. محمد عثمان ڏيپلائي: ”چين جو چنڊ“،مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2008 ع
61. چوهڙ مل هندوجا: ”اڪ سور“، ساهتيہ اڪيڊمي، نئي دهلي، 1973
62. اياز قادري: ”سنڌي غزل جي اوسر“(پاڱو پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1984ع
63. موٽومل منگھارمر گدواڻي: ۾ ”دکي انسان“، 1922 ع
64. موٽومل منگھارمر گدواڻي: ۾ ” زئنونی “، 1923 ء
65. سوپراج هيرانند ميرچنداڻي: ”انصاف عرف آزاديءَ جا آديوتي“ ، سنڌي ساهتيہ منڊل، حيدرآباد، مهاڳ
66. سوپراج هيرانند ميرچنداڻي: ”انصاف عرف آزاديءَ جا آديوتي“ ، سنڌي ساهتيہ منڊل، حيدرآباد، پيش لفظ
67. پيرومل: ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، روشني پبليڪيش، ڪنڊيارو، 2006 ع، ص 198
68. بدوي، احسان: ”تنقيد ۽ تنقيد نگاري“، آر _ ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد 1970،ص 20
69. ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو: شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو: ص (490

70. رفيق احمد مگريو:”عربين جو ورثو جو مهاڳ“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع
71. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو:”سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع
72. پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي: ”وڏوا“، 1943ع
73. نارائڻداس ڀمڀاڻي: ”پاڪ ۽ پاڪيزگي“، ص 22
74. نارائڻداس ڀمڀاڻي::”عربين جو ورثو“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع
75. ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ناول جی تاريخ“، ص 198
76. لالچند امرڏنی مل جو آسانند مامتورا جو ناول ” شاعر“، تي لکيل مهاڳ
77. آسانند مامتورا:” شاعر“،
78. ڊاڪٽر چندو لعل: ”سنڌي ناول جي ارتقا“، ص 89
79. بدوي، احسان: ”تنقيد ۽ تنقيد نگاري“، آر _ ايچ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد 1970،ص 21
80. ساڳيو حوالو، 1970،ص 23
81. سنڌي نثر جي تاريخ: پ —ن (106
82. ڊاڪٽر غلام حسين: سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ
83. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: پائي پٽ ڪٿا: پ —ن (354
84. حوالو: پائي پٽ ڪٿا: پ _ن (358
85. پروفيسر پنجواڻي: ” شل ڏيئر نہ چمن“
86. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1993ع، ص 102
87. ڊاڪٽر چندو جئسنگهاڻي: سنڌي ناول جي ارتقا: پ —ن (72
88. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: سنڌي نثر جي تاريخ:ص (97
89. سدارنگاڻي، گلي:”اتحاد“، ڪراچي، 1941ع، مهاڳ
90. ملڪاڻي، منگهارام ’سنڌي نثر جي تاريخ‘،روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ص: 104
91. ساڳيو حوالو
92. ساڳيو حوالو

# آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناول

برطانوي راڄ ۾ سنڌي ادب ۾ جيڪا اهميت ناول کي ملي هئي يا جيتري ترقي ناول ڪئي هئي، سا اهميت ڪنهن ٻي صنف کي حاصل نه هئي. آزاديءَ کان پوءِ هندو اديب سنڌ مان لڏي ويا، جنهن ڪري هن صنف کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ڇو جو ناول لکندڙن جي گهڻائي هندو اديبن جي هئي. آزاديءَ کان پوءِ جڏهن سنڌي ادب نئين سر اسريو ته ڪهاڻيءَ وڏيک تخليق ڪئي وئي يا ترجمو ڪئي وئي ۽ ناول ڪهاڻيءَ جيتري ترقي ڪري نه سگهيو. آزاديءَ کان ٿورو اڳ، ناولن جو موضوع ۽ مواد گهڻو آزادي جي رجحان تي ٻڌل هو، جنهن ۾ انگريزن جي حڪومت جي ظلم ۽ ناانصافي جي خلاف نفرت جي اپٽار ٿيل آهي. جڏهن ته آزاديءَ کان پوءِ، شروع ۾ ناولن جو موضوع بلڪل سادا سودا ۽ عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿي نه هئا. ڪهاڻيون عام ماڻهن جي عام مسئلن تي ٻڌل آهن، جيئن غريبن تي ظلم، شاهوڪار ۽ زميندارن جا ظلم، ريتن رسمن تي نڪتاچيني ۽ وقتي حالتون وغيره. هن دور جي ناولن ۾ نه رڳو ڳوڙها خيال ۽ مسئلا پيش ٿيل نه آهن پر اعليٰ ويچار به ظاهر نه ٿا ٿين. جنهن ڪري پڙهندڙن جي توجهه نه ٿي ڇڪجي. هن دور ۾ سياسي شعور بلڪل اوج تي پهتل آهي تنهن هوندي به ناول ۾ انهيءَ موضوع کي ڪا به اهميت نه ملي سگهي.

**سنڌي ۾ گهٽ ناول نه شايع ٿيڻ جا سبب**

آزاديءَ کان اڄ 2022ع تائين ، سنڌي ناول لاءِ عام طور چيو وڃي ٿو ته ناول گهٽ لکيو ويو آهي. ان جا ڪيترائي سبب آهن. ان سلسلي ۾ ولي رام ولڀ ماهوار ادب ۾ انٽرويو ڏيندي چيو ته ”سنڌ جي سنڌي ادب ۾ اها حقيقت آهي ته ناول جي صنف ۾ ڪو اميد افزا وڌارو نه ٿيو آهي، جڏهن ته هند جي سنڌي ادب ۾ ناولن جو چڱو تعداد نظر اچي ٿو. جڏهن ته اتان جي شهري زندگي گذاريندڙ سنڌي اديبن وٽ ناول لکڻ لاءِ گهربل فرصت سنڌ ۾ لکڻ واري اديب کان گهٽ آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌ جو سنڌي اديب سهل پسند هجڻ جي ڪارڻ زندگيءَ جيڏي ڦهليل ڪينواس جهڙي ناول لاءِ ايترو لنوائي ٿو ۽ ڪهاڻي پڙهڻ کان اڳ به

صفحا ڳڻي ٿو تہ جيئن هو جلد پڙهي سگهي ۽ ساڳي طرح ڪهاڻي لکڻ مهل بہ اختصار کان ڪم وٺي ٿو“. مشهور ڪهاڻيڪار رفيق سومري، ان مسئلي لکيو هو تہ: ”جڏهن سنڌي اديب ميچوئرٽي جي عمر يا حد کي ڇهن ٿا، تڏهن يا تہ لکڻ ڇڏي ٿا ڏين يا وري ڏوڪڙن خاطر ڊرامي لکڻ طرف رخ ٿا ڪن. مغرب ۾ توڙي هندستان ۾ ناول نگارن کي تمام سٺو معاوضو ملي ٿو. هت اسان وٽ Incentive ڪونهي شيخ اياز هڪ پيري انٽرويو ۾ چيو هو تہ مان حياتيءَ جي آخري حصي ۾ ناول لکڻ چاهيان ٿو پر سندس اها خواهش پوري ڪانہ ٿي. ناولن بدران هن آتم ڪٿا تي اڪتفا ڪيو. ارسڪن ڪالڊ ويل جو مثال ڏيان ٿو. جيڪو ”God’s Little Care“ جو خالق آهي. هن سئو کن ڪهاڻيون لکي رسالن کي موڪليون پر اهي ڪٿي بہ ڇپجي نہ سگهيون. اٺ سال هو ائين لکندو رهيو. پورن اٺن سالن کان پوءِ سندس هڪ ڪهاڻي ڪنهن پرڏيهي مخزن ۾ ڇپي. تڏهن هن ڇا ڪيو جو ان وقت تائين لکيل پنهنجون سيئي ڪهاڻيون ڦاڙي ڇڏيون ۽ ان ڏينهن کان پوءِ نئين سنئين لکڻ جو آغاز ڪيائين. هن ڪوڙ سارا ناول لکيا ۽نالي سان گڏ ”بيسٽ سيلر“ جو لقب بہ ماڻيائين. اها جاکوڙ گهربل آهي. ناول لکڻ لاءِ منهنجي ڪٻٽ ۾ سپ کان گهڻا ناول ۽ ناويلا ارسڪن ڪاليڊ ويل جا ٿي آهن“.مشهور ڊرامانويس ۽ ناول نگار محمود مغل چيو تہ ”وقت ناهي، پيٽ پالڻ ۾ ادب ڪجهہ نٿو ماڻي. شڪر آهي جو ٿيلي ناٽڪ رڌڻو هلائين ٿا، پر ايترا گهڻا ليکڪ آهن، جيڪي انهن مان لاپ وٺي سگهن. عبدالقادر، نورالهديٰ، آغا رفيق، محمود مغل ۽ هاڻي عزيز ڪنگراڻي، حق نواز سمون ۽ رختر رند. هزارين ليکڪن مان اهي ڇهہ ست ماڻهو ادب مان ڪمائين ٿا تہ بہ ناول لکي نہ ٿا سگهن. ڇاڪاڻ تہ ڪين وقت ناهي ۽ شايد مشاهدو بہ ڪٿي پوي ٿو“.

اسحاق سميجو پنهنجي مضمون ”سنڌ ۾ سنڌي ناول جي صورتحال“ ۾ لکي ٿو تہ ”ناول بہ ادب جي هڪ اهڙي ئي صنف آهي، جيڪا اسان جي روايتي نظر اندازيءَ جو ڪجهہ وڌيڪ ئي شڪار ٿي آهي ۽ جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ اجا تائين ڪي شاهڪار تہ ٺهيو، معيار جي ٻيءَ قطار ۾ بيهارڻ جهڙا بہ چار ناول بہ ناهن لکجي سگهيا، تہ ان جو وڏو سبب بہ اهو ئي آهي. جڏهن تہ ٻيو سبب اسان جي علائقي جو اهو مخصوص تخليقي مزاج آهي، جيڪو اختصار پسند ۽ ”توري

۾ سڀ ڪجهه چوڻ” ۾ يقين رکي ٿو.جيڪڏهن شاعريءَ کي ڏسجي، ته قديم صنفن ۾ ”دوهو“ ۽ جديد صنفن ۾ ”غزل“ ئي اسان جي خطي جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. جڏهن ته نثر ۾ افساني يا ڪهاڻيءَ جي شهرت ۽ اظهار جي ذريعي طور گهڻي ۾ گهڻو ڪتب اچڻ به ان جي گواهي ڏئي ٿو. اڄ جڏهن دنيا جي اڪثر وڏين ادبي ٻولين جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، جرمن، رشين وغيره ۾ ڪهاڻي ٻئي درجي جي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي، تڏهن به اسان وٽ نثر ۾ وڏ ۾ وڏ ڪتاب ڪهاڻين جا ئي منظر عام تي اچي رهيا آهن ۽ ناول اڃا تائين لکندڙ توڙي پڙهندڙ وٽ اها اهميت پيدا ڪري ناهي سگهيو، جيڪا ڪيس دنيا جي ٻين وڏين ٻولين جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن وٽ حاصل آهي ۽ جيڪا جديد دور جي سڀ کان وڏي گهرج به آهي“.

هونئن به گذريل سالن کي مثال بڻائجي ته گهٽ ۾ گهٽ پاڪستان جي اڪثر ٻولين ۾ ناول جي صورتحال ڪا گهڻي بهتر نظر نٿي اچي. مختلف ٻولين ۾ هر سال ڇپجندڙ ڪتابن ۽ ادبي رسالن جي تعداد کي آڏو رکي، اها ڳالهه چوڻ بلڪل آسان آهي ته پاڪستان ۾ وڏ ۾ وڏ ادب اردوءَ ۽ ٻئي نمبر تي سنڌيءَ ۾ تخليق ٿئي ٿو. رڳو تعداد جي حوالي سان نه، معيار جي حوالي سان به اها ئي ترتيب جڙندي، جو باقي اڪثر ٻولين جهڙوڪ پنجابي، سرائڪي، پشتو، بلوچي، براهوي ۽ هندڪو وغيره کي پنهنجي لپي به نه آهي، نه ئي انهن وٽ ڪي وڏا پبلشنگ ادارا آهن. زمانن کان پوءِ هاڻ سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڪتابن ڇپجڻ جو هڪ دور شروع ٿيو آهي، پر اڃا انهن کي سنڌيءَ جي برابري ڪرڻ لاءِ وقت ڪپندو، ان ڪري ڄاڻايل اڪثر ٻولين جا اديب اردوءَ کي ئي اظهار جو ذريعو بڻائين ٿا. مادري ٻوليءَ کي ڇڏي اردوءَ ۾ لکندڙن وٽ هڪ سبب اهو به آهي، ته اردوءَ ۾ شهرت ملڻ، ڪتاب ڇپجڻ ۽ کپڻ جا امڪان به ڪجهه وڌيڪ آهن.

**آزاديءَ کان پوءِ شايع ٿيل ناولن جي لسٽ**

آزاديءَ کان اڄ تائين ڪيترا ناول شايع ٿيا آهن، انهن جي مڪمل لسٽ جوڙي به ٿي سگهجي . هتي هند ۽ سنڌ ۾ شايع ٿيل ناولن هڪ اڻپوري لسٽ ڏجي ٿي، جنهن ۾ اصل ۽ ترجمو ٿيل ناول شامل آهن:

| نمبر | ناول جو نالو | مترجم / ليکڪ | اصل | سال |
|---|---|---|---|---|

| | | | ليکڪ | |
|---|---|---|---|---|
| .1 | سونهري پرڀات | چيتانند رگهومل | تيرٿ سياڻي | 1947ع |
| .2 | ميواڙ جا موتي | بلرام | پي. بي. هيراننداڻي | 1947ع |
| .3 | ويرداس | شري شرت چٽرجي | بهاري لال چاپڙيا | 1947ع |
| .4 | قسطنطينيه جي شهزادي | – | محمد عثمان ڏيپلائي | 1947ع |
| .5 | چرتر هيڻ | شري شرت چٽرجي | ديو سياڻي | 1947ع |
| .6 | باغي جوان | شري ڪشوها ڪانت | چيتانند پاوانداس لعلواڻي | 1947ع |
| .7 | سونهري پشپا | تيرٿ سياڻي | اندرا هميراجاڻي | 1947ع |
| .8 | ويرداس | چندر سن خوبچنداڻي | بهاري لال چاپريا | 1947ع |
| .9 | اورنگزيب | محمد عثمان ڏيپلائي | – | 1947ع |
| .10 | ٻه دليون | اندرا هميرا جاڻي | – | 1947ع |
| .11 | ميونسپل ڪائونسلر | چيتانند لعلواڻي | – | 1947ع |
| .12 | حسن جي هار | حڪيم ا بخش | – | 1947ع |
| .13 | راڻي | بي – جي آهوجا | – | 1947ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 14. | سمارٽ چندر گپت | ارجن سامتاڻي | پڳوان جي تولاڻي | 1948ع |
| 15. | سلطان ٽيپو شهيد | محمد عثمان ڏيپلائي | | 1948ع |
| 16. | غازي احمد شاهه ابدالي | محمد عثمان ڏيپلائي | | 1949ع |
| 17. | جلوه اسلام | محمد عثمان ڏيپلائي | – | 1949ع |
| 18. | مسلمان عورت | محمد عثمان ڏيپلائي | – | 1949ع |
| 19. | دکي دنيا | – | ميلارام منگترام واسواڻي | 1949ع |
| 20. | مهاتاڻي چند راڻي | – | جيتانند پاوننداس | 1949ع |
| 21. | شيدا | شري شرت چندر چٽرجي | مهراج ديوت ندرام شرما | 1949ع |
| 22. | مينا بازار | محمد عثمان ڏيپلائي | – | 1949ع |
| 23. | روم جي راڻي | محمد عثمان ڏيپلائي | – | 1950ع |
| 24. | ڪومايل ڪلي | تارا ميرچنداڻي | – | 1950ع |
| 25. | خيبر جون خوبانيون | – | محمد عثمان | 1951ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | ڏيپلائي | |
| .26 | سمرقند جو صوف | ـ | ايضا | 1951ع |
| .27 | محبت ۽ فرض | محمد طبيب ابڙو | ـ | 1951ع |
| | ماستر | پڳوان لڪاڻي | | 1951ع |
| .28 | ناول بجلي | ـ | مولانا علي محمد مهيري | 1952ع |
| .29 | شيطان جي ناني | ـ | ايضا | 1952ع |
| .30 | هاريءَ جي سجاڳي | ڪرشن چندر | عبدالغفور انصاري | 1952ع |
| .31 | زبردستي | اردو ناول | محمد بخش جوهر | 1952ع |
| .32 | لاش | غلام علي الانا | ـ | 1952ع |
| .33 | پرديسيءَ جو پيار | الله بخش ٽالپر | ـ | 1952ع |
| .34 | گناهه | عبد اللطيف راز بلڙائي | ـ | 1952ع |
| .35 | ڪاروان زندگي | انجم هالائي | ـ | 1952ع |
| .36 | فرعون جو معشوق | عبد اللطيف بلڙائي | مرزا همايون بيگ | 1952ع |
| .37 | شرابي | عبد اللطيف بلڙائي | ـ | 1952ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .38 | آنسو | گوبند مالهي | | 1952ع |
| .39 | اڙينگ | ڪماري راڻي | | 1952ع |
| .40 | جنسار | قاضي فيض محمد | | 1952ع |
| .41 | باغي | | محمد بخش جوهر | 1952ع |
| .42 | جيون ساٿي | گوبند مالهي | | 1952ع |
| .43 | زندگي يا موت | رام پنجواڻي | | 1952ع |
| .44 | زندگيءَ جي راهه تي | گوبند مالهي | | 1952ع |
| .45 | ڪامنيءَ جو ڪتاب | ڪيشو مالتي | | 1952ع |
| .46 | آواره | موهن ڪلپنا | | 1953ع |
| 47 | اگمان | شري رامناڻي | | 1953ع |
| 48 | پکيئڙا ولر کان وڇڙيا | گوبند مالهي | | 1953ع |
| .49 | هاري | قربان علي نقشبندي | _ | 1953ع |
| .50 | شريف ڌاڪو | پير بخش الهداد قريشي | _ | 1953ع |
| 51 | ڪرنڌڙ ديوارون | سندري اتمچنداڻي | | 1953ع |
| .52 | گلبدن | راز بلڙائي | _ | 1954ع |
| .53 | تباهي | حافظ شاهه حسيني | _ | 1954ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .54 | انڌيرو اجالو | موتي پرڪاش | | 1954ع |
| .55 | اپاڳڻ | هري همتاڻي | | 1954ع |
| .56 | ڇپون | پرم ابيچنداڻي | | 1954ع |
| .57 | چنچل نگاهون | گوبند مالهي | | 1954ع |
| .58 | چيخ | داس طالب | | 1954ع |
| .59 | لگن | موهن ڪلپنا | | 1954ع |
| .60 | زنده دل | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1954ع |
| .61 | منهنجي شادي | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1954ع |
| .62 | مڄو | آنند گولاڻي | | 1954ع |
| .63 | آهي نہ آهي | رام پنجواڻي | | 1955ع |
| .64 | اڃا رات باقي | موهن ڪلپنا | | 1955ع |
| .65 | آواره | انور هالائي | | 1955ع |
| .66 | گناهہ جي پتلي | محمد بخش جوهر | | 1955ع |
| .67 | سوني رات | هري همتاڻي | | 1955ع |
| .68 | آشا | هري همتاڻي | | 1955ع |
| .69 | دا غ بي دا غ | ڪماري | | 1955ع |
| .70 | ساهڙي | لڇمڻ ساتي | | 1955ع |
| .56 | لوڪ آهي ٻوڪ | گوبند مالهي | | 1955ع |
| .57 | محبت جو تياڳ | ايشوري جوتواڻي | | 1955ع |
| .58 | مداري | داس طالب | | 1955ع |
| .59 | ٻاويهہ سو ٻاويهہ | قاضي فيض محمد | _ | 1956ع |
| .60 | عورت | موهن ڪلپنا | _ | 1956ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .61 | بيوس بيوي | رسول بخش خمار | _ | 1956ع |
| .62 | ڏکڻ مان ٿو سج اڀري | ڪرشن چندر | سراج | 1956ع |
| .63 | عورت | حافظ شاهه حسيني | _ | 1956ع |
| .64 | شانت اشانت | ڏي جي آهوجا | | 1956ع |
| .65 | گناهن جي رات | ڪيرت مهرچنداڻي | | 1956ع |
| .66 | الفت جي آڳ | ايشوري جوتواڻي | | 1956ع |
| .67 | ڀهروپي | شود رمناڻي | | 1956ع |
| .68 | نرس | آنند ٿهلراماڻي | | 1956ع |
| .69 | الفت جي آگ | ايشوري جوتواڻي | | 1957ع |
| .70 | سندري | ساقي سجاولي | _ | 1957ع |
| .71 | پهاڙي چوٽيون | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1957ع |
| .72 | داءُ | جارج آرناد | ڪرشن راهي | 1957ع |
| .73 | جواني ديواني | ڪيرت مهرچنداڻي | | 1957ع |
| .74 | آس نراس | هري همٿاڻي | | 1957ع |
| .75 | واپس | گنو سامتاڻي | | 1957ع |
| .76 | هڪ دل هزار ارمان | ڪلا پرڪاش | | 1957ع |
| .77 | آپا | آنند ٿهلراماڻي | | 1957ع |
| .78 | بولي | شيخ محمد حسن ڪنڊياري | _ | 1958ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .79 | ستونتي ديوي | محمد هاشم سومرو | _ | 1958ع |
| .80 | ڪنوار جو آئينو | عبدالڪريم تراب | _ | 1958ع |
| .81 | پروفيسر | هري همٿاڻي | | 1958ع |
| .82 | رات ڏينهن | ڪيرت مهرچنداڻي | | 1958ع |
| .83 | خوفناڪ ڪتو | _ | محمد بخش جوهر | 1959ع |
| .84 | شرلاڪ هومز جا جوسوس | _ | ايضا | 1959ع |
| .85 | خوني ميل | _ | نذير حسين پٽي | 1959ع |
| .86 | خوني پيچرو | محمد بخش جوهر | | 1959ع |
| .87 | راتيون جاڳڻ جي | ناصر مورائي | _ | 1959ع |
| .88 | پتلي | گٺومل دوداڻي | | 1959 ع |
| .89 | هٺ يوگي | تارا ميرچنداڻي | | 1959 ع |
| .90 | پريت ڪئي پيڙا ملي | جڳديش هري | | 1959ع |
| .91 | سنڌو | رام هنگوراڻي | | 1959 ع |
| .93 | وشواس | موهن ڪلپنا | | 1959 ع |
| .94 | اڏري وڃ ڙي ڪونج | لڇمڻ ساتي | | 1960ع |
| .95 | پيار روئي ڏنو | هري همٿاڻي | | 1960 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .96 | حقيقي دوست | بيدار مورائي | | 1960 ع |
| .97 | شيشي جي دل | ڪلا پرڪاش | | 1960 ع |
| .98 | ساڏنا جو سپنو | گلي سدارنگاڻي | | 1960 ع |
| .99 | انساني ڪوپڙي | _ | نذير حسين پٽي | 1960ع |
| .100 | گردش افلاڪ | محمد طبيب ابڙو | _ | 1960 ع |
| .101 | سورج شاخون ڪڍيون | محمد علي پٽي | _ | 1960ع |
| .102 | آسمان جي هيٺ | خدا بخش مغل | _ | 1960ع |
| .103 | حسنہ | رسول بخش خمار | _ | 1960 ع |
| .104 | دريا جي ڪپ تي | گل نصر پوري | _ | 1960ع |
| .105 | عاشي | هينري رائڊر | فضل احمد بچاڻي | 1960ع |
| .106 | مالهڻ | الله بخش ٽالپر | _ | 1960 ع |
| .107 | اديون ڏيو صلاح | شوق سنڌي | _ | 1961 ع |
| .108 | ڪاليجي ڪڪي | محمد بخش جوهر | _ | 1961ع |
| .109 | چلولي | محمد حافظ شاهہ حسيني | _ | 1961ع |
| .110 | ڪفن چور | خواجہ احسان پرويز | _ | 1961 ع |
| .111 | ور وطن ڇائي | شعبان بخت | _ | 1961 ع |
| .112 | نو قبرون | احمد شاهہ بچل شاهہ رفيق | _ | 1961ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .113 | نجمه | ماستر الهه واريو طارق صديقي | _ | 1961ع |
| .114 | امر پيار | ڪرشن ڪتواڻي | | 1961 ع |
| .115 | وندنا | داس طالب | | 1961 |
| .116 | حسرتن جي تربت | پوپٽي هيرانندائي | | 1961 |
| .117 | عورت ۽ پيار | پيري لوئي | غلام نبي مغل | 1962ع |
| .118 | شرلاڪ هومز جو موت | سر آرٿر ڪانندائل | منظور عرسائي | 1962ع |
| .119 | بلبل بنگال | _ | محمد هاشم سومرو | 1962ع |
| .120 | روح جي ڳولا | _ | گل محمد شاهه ۽ فضل احمد بچاڻي | 1962ع |
| .121 | اداسيءَ جون آهون | الله بخش ٽالپر | _ | 1962ع |
| .122 | وساريان وسرن | عمرالدين بيدار | _ | 1962 ع |
| .123 | پيار ۽ دوکو | لڇمي آميشر | | 1962 ع |
| .124 | پيار روئي ڏنو | هري همٿاڻي | | 1962 ع |
| .125 | جهرٽا | پرم ابيچنداڻي | | 1962 ع |
| .126 | ساڏنا جو خون | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1962ع |
| .127 | سوري آ سينگار | عبدالجبار شام | _ | 1963 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .128 | نادره | غلام علي کوکر | _ | 1963ع |
| .129 | دردن ماري دل | وشنو ڀاٽيه | | 1963ع |
| .130 | سپنو ۽ حقيقت | کيرت مهرچنداڻي | | 1963ع |
| .131 | نئون گيت | کيرت مهرچنداڻي | | 1963ع |
| .132 | مجاهد | نسيم حجازي | منظور عرساڻي | 1964ع |
| .133 | جاڙا | ضيا الله غلام علي | پروفيسر مشتاق علي | 1964ع |
| .134 | روشني جي تلاش | آغا سليم | _ | 1964ع |
| .135 | وڇڙيلن جو ميلو | سيد حافظ محمد حيات شاهه | _ | 1964ع |
| .136 | عصمت | ڪاظم علي ڪاظمي | _ | 1964ع |
| .137 | چندا عرف نرتڪي | لڪشمي ٽي ديناڻي جيوتي | _ | 1964ع |
| .138 | وطن جي راهه ۾ | منصور ويراڳي | _ | 1964ع |
| .140 | زخمي دل | لڇمي اميشر | | 1964ع |
| .141 | قسمت جا رنگ | شيام جئسنگهاڻي | | 1964ع |
| .142 | ننگي پنج رنگي | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1964ع |
| .143 | نراس ناري | سندر حشمتراءِ | | 1964ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .144 | هڪ ڇڙ ٻه ڇيون | پرم ابيچنداڻي | | 1964ع |
| .145 | پڳل ڪنيڙايون | خليل جبران | محمد نواز محزون | 1965ع |
| .146 | سلطانہ بيگم | سيد حافظ محمد حيات شاهہ | _ | 1965ع |
| .147 | سوري جنين سيج | منصور ويراڳي | _ | 1965ع |
| .148 | پريت جي راهہ اٽانگي | ڪشنچند ناگراڻي | | 1965ع |
| .149 | جعلي پاسپورٽ | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1965ع |
| .150 | ڪندن پريون را هون | ارجن سڪايل | | 1965ع |
| .151 | ڪچا ڌاڳا | شيام جئسنگهاڻي | | 1965ع |
| .152 | پومي | گلاب هنڱوراڻي | | 1965ع |
| .153 | يوئر آنر | چندولعل جئسنگهاڻي | | 1965ع |
| .154 | جوڳيءَ جاڳايوس | بيدار مورائي | | 1965ع |
| .155 | هنديءَ جو حوالو | گ. ل .ڏوڏيجا | | 1966ع |
| .156 | زوال | البرٽ ڪاميو | قاضي خادم | 1967ع |
| .157 | شيشي جا گهر | گل هالائي | _ | 1967ع |
| .158 | پيار جا سپنا | سندر حشمتراءِ | _ | 1967ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .159 | سڌريل زمانو، بگڙيل پيار | سندر حشمتراءِ | _ | 1967ع |
| .160 | خوني ڪير | گ. ل .ڏوڏيجا | | 1967 ع |
| .161 | اصلي نقلي | گ. ل .ڏوڏيجا | | 1967 ع |
| .162 | ساهيڙي | لڇمڻ ساتي | | 1968 ع |
| .163 | هاءِ منهنجي دل | لڪمي ڪلاٽي | | 1968 ع |
| .164 | غدار | ڪرشن چندر | ولي رام ولڀ | 1968ع |
| .165 | ڪوماٽو ڪنول | عبدالقيوم صائب | _ | 1968ع |
| .166 | هن ڌرتي تتي | خدا بخش مغل | _ | 1968ع |
| .167 | نئين ليکڪا | سندر حشمتراءِ | | 1969 ع |
| .168 | ديوتا روئي ڏنو | سندر حشمتراءِ | | 1970ع |
| .169 | سورن سندو ساٿ | پريم پياسي | _ | 1970ع |
| .170 | سونهن جي ديوي | پيري لوئي | قاضي خادم | 1970ع |
| .171 | روشنيءَ جي تلاش | آغا سليم | _ | 1970ع |
| .172 | پرديسي مسافر | حافظ بدر الدين ابڙو | _ | 1970ع |
| .173 | پڙاڏو سوئي سڏ | سراج ميمڻ | _ | 1970ع |
| .174 | زهريلا ڏنگ | بيدار مورائي | | 1970ع |
| .175 | هڪ شخص جي واسنا | آنند ڪيماڻي | | 1970ع |
| .176 | راڻي | بيدل مسرور بدوي | | 1971ع |
| .177 | پن ڀن پن پون | چندولعل | | 1971 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ۾ | جئسنگھاڻي | | |
| 178. | لڙھندڙ نسل | ماڻڪ | _ | 1971ع |
| 179. | چُپ | سندر حشمتراءِ | | 1972ع |
| 180. | ھڪ سپنو سڪن جو | ڪلا پرڪاش | | 1972ع |
| 181. | جي ماريا نہ موت | نگوين وان ٽروئي | تنوير عباسي | 1973ع |
| 182. | پيار | يان پال سارتر | قاضي خادم | 1973ع |
| 183. | دشمن دليون | سندر حشمتراءِ | _ | 1973ع |
| 184. | عبراني | محمد سومار شيخ | _ | 1973ع |
| 101. | ڪاھوڙي ڪجن | ڄام ساقي | _ | 1973ع |
| 102. | انتظار | ڪيرت مھرچنداڻي | | 1974ع |
| 103. | امرت امرت | لکمي کلاڻي | | 1974ع |
| 104. | جوڙجڪ | نامديو تاراچنداڻي | | 1974ع |
| 105. | اڪيلي | چارلس شا | ڊاڪٽر عبدالجبار شام | 1974ع |
| 106. | پيار ۽ پڇتاءُ | گل محمد چنا | _ | 1974ع |
| 107. | خزان جا موتي | غلام صغران پٽي | _ | 1975ع |
| 108. | آڙاھ | حليم بروھي | _ | 1975ع |
| 109. | نارنگي ٽريفڪ لائيٽ تي | ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي | | 1975ع |
| 110. | جواري | دوستو وسڪي | قاضي خادم | 1976ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .111 | ڪارو ڪارونيار | عبدالحق عالماڻي | _ | 1976ع |
| .112 | رڇ ۽ پڙاڏو | ماڻڪ | _ | 1976ع |
| .113 | ڪاهيءَ جي چوطرف | شيام جئسنگهاڻي | | 1977ع |
| .114 | پوڙهو ۽ سمنڊ | ارنيسٽ هيمنگوي | عمر ميمڻ | 1977ع |
| .115 | رات جون راڻيون | سندر حشمتراءِ | | 1977ع |
| .116 | رڇ ۽ پاڇا | _ | ماڻڪ | 1977ع |
| .117 | اڻ پورو انسان | آغا سليم | _ | 1977ع |
| .118 | ننگي لاش جو سفر | عابد لغاري | _ | 1977ع |
| .119 | پيار ۽ سپنا | ڊاڪٽر قاضي خادم | _ | 1977ع |
| .120 | بند دروازو | امرتا پريتم | ولي رام ولڀ | 1978ع |
| .121 | اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | _ | 1978ع |
| .122 | سيتا هرڻ | قرت العين | ولي رام ولڀ | 1978ع |
| .123 | جاسوسي جاني | رميش جيوتاڻي | | 1978ع |
| .124 | خون ڪستوري | جهمٽ مل خوبچند پاوناڻي | | 1978ع |
| .125 | پريت پراڻي نه ٿئي | عبدالله خان سولنگي | _ | 1979ع |
| .126 | يتيم جذبا | اگناٿ هرمين | نظير احمد راهوجا | 1979ع |
| .127 | ان داتا | ڪرشن چندر | _ | 1980ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 128. | دل جو بندر | رئورل آئيويس | نصير اعجاز | 1980ع |
| 129. | ميرو ڏاڙيل | طارق اشرف | _ | 1980ع |
| 130. | پرديسي مسافر | حافظ بدر الدين ابڙو | _ | 1980ع |
| 131. | روشني جي تلاش | آغا سليم | _ | 1980ع |
| 132. | سپنن جو سنسار | ڪلا پرڪاش | _ | 1981ع |
| 133. | زندگيءَ جا چار ڏينهن | گوپ ڪمل | _ | 1981ع |
| 134. | درد جي خوشبو | ڊاڪٽر قاضي خادم | _ | 1981ع |
| 135. | گل جلن پيا | هري همٿاڻي | | 1981ع |
| 136. | پيار جو آئينو | وشنو ڀاٽيه | | 1981ع |
| 137. | سڌارٿ | هرمن هيس | فضل احمد بچاڻي | 1982ع |
| 138. | لاکو ڦلاڻي (ٻارن جو ناول | ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي | _ | 1982ع |
| 140. | محمد بن قاسم | پروفيسر اسد الله ڀٽو | _ | 1982ع |
| 141. | ٻير جي ڏينگهري | رحمت الله ابڙو | | 1982ع |
| 142. | رات جو ٻيو پهر | هري همٿاڻي | | 1982ع |
| 143. | تپسيا ٿئي پئي | ارجن سڪايل | | 1983ع |
| 144. | سڪٽيون | پرويز ميمڻ | _ | 1983ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | سوچون خالي هٿ | | | |
| .145 | آسيه | هينري رائڊر | فضل احمد بچاڻي | 1983ع |
| .146 | چترلکيا | ڀڳوتي چرن شرما | رشيد ڀٽي | 1983ع |
| .147 | ڪنول | الھہ ڏنو ڪاڪا | – | 1983ع |
| .148 | تصوير جو خون | آسڪرو وائلڊ | فضل احمد بچاڻي | 1983ع |
| .149 | ترانڊر ٽاڪ | اي. ايم بچل شاھ | – | 1984ع |
| .150 | حليمان (ٻيو ڇاپو) | آسانند مامتوراءِ | – | 1984ع |
| .151 | رام محمد ڊيسوزا | علي رضا | عمر ميمڻ | 1984ع |
| .152 | بي اولاد | اگناٽ هرمين | نصير اعجاز | 1984ع |
| .153 | نينگرو عشق ۽ بغاوت | ڪرسٽوفر | ايضا | 1984ع |
| .154 | ڌرتيءَ ماءُ | چنگيز اعتماتوف | زيب سنڌي | 1984ع |
| .155 | ڦاسيءَ جي ڇانو ۾ | جولس فوچڪ | نور خان | 1984ع |
| .156 | مس سدا بهار چنبيلي | يان پال سارتر | الطاف شيخ | 1984ع |
| .157 | ڪنوار | مارگيٽ ارون | نور محمد عباسي | 1984ع |
| .158 | انقلابي سپاهي | گوبند مالهي | – | 1984ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 159. | رهجي ويل منظر | طارق عالم ابڙو | _ | 1984ع |
| 160. | پيار ڪهاڻي | نجم عباسي | _ | 1984ع |
| 161. | بلنديون | ايضا | _ | 1984ع |
| 162. | اونداهي ڌرتي روشن هٿ | آغا سليم | _ | 1984ع |
| 163. | بي دا غ ديوتا | آنند ٿهلراماڻي | | 1984ع |
| 164. | اٿولٿو ۽ اڇهو | ڪرشن چندر | عمر ميمڻ | 1985ع |
| 165. | هڪ اداس ڇوڪري | امرتا پريتم | عرفان مهدي | 1985ع |
| 166. | سون ورني ڌرتي | پرل ايس نڪ | عمر ميمڻ | 1985ع |
| 167. | مان زنده رهندس | ڪرشن چندر | نظام عباسي سندر چانديو | 1985ع |
| 168. | اڻ پورو انسان | آغا سليم | _ | 1985ع |
| 169. | همه اوست | ايضا | _ | 1985ع |
| 170. | وفا جا موتي | رستم علي سولنگي | _ | 1985ع |
| 171. | اگني | چندو لعل جئسنگهاڻي | | 1985ع |
| 172. | شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي | موهن ڪلپنا | | 1985ع |
| 173. | ڪوٽ | ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي | | 1985ع |
| 174. | پنيرڪي جي | ريتا شهاڻي | | 1985ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | پڙ پڙ | | | |
| .175 | موهن جو دڙو | علي بابا | | 1985ع |
| .176 | رويو وهامي راتڙي | نديم قاضي | | 1986ع |
| .177 | ڪورو دستاويز | علي نواز تنيو | | 1986ع |
| .178 | اڄهو | هري موٽواڻي | | 1986ع |
| .179 | هٿ ريڪائن ڪان خالي | محمود مغل | | 1986ع |
| .180 | اندرم ابليس | ڪاظم علي ڪاظم | | 1987ع |
| .181 | سچ ڪان چنڊ تائين | ريتا شهاڻي | | 1987ع |
| .182 | تلاش | نجم عباسي | | 1987ع |
| .183 | ڌرتيءَ جي جنگ | قبول ابڙو | | 1987ع |
| .184 | نيروليءَ جو ڪن | ملڪ آڳاڻي | | 1987ع |
| .101 | ائين به | پرم ابيچنداڻي | | 1988ع |
| .102 | سورج جي پهرين ڪرڻ | ارا ميرچنداڻي | | 1988ع |
| .103 | اَبو | هري موٽواڻي | | 1988ع |
| .104 | منهنجي دنيا هيڪل وياڪل | سراج ميمڻ | | 1988ع |
| .105 | وقت، وٿيون ۽ وڇوٽيون | ڪلا پرڪاش | | 1988ع |
| .106 | زلزلو | | نجم عباسي | 1988ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .107 | ماسترياڻي | | نجم عباسي | 1988ع |
| .108 | تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول | سراج ميمڻ | | 1989ع |
| .109 | درد نہ ڇاڻي ڪو | محمود يوسفاڻي | | 1989ع |
| .110 | آسمان جي هيٺ | خدا بخش مغل | | 1990ع |
| .111 | فراق | عنايت حسين رند | | 1990ع |
| .112 | منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا | سراج ميمڻ | | 1990ع |
| .113 | اڻ ڄاڻ | قاضي فيض محمد | | 1991ع |
| .114 | جنم قيدي | يوسف بلوچ | | 1991ع |
| .115 | پرهہ جا پياڪ | ريتا شهاڻي | | 1991ع |
| .116 | سنڌ جي زينت | نرجن دوداڻي | | 1991ع |
| .117 | ماضيءَ جو ڏنگ | هري همٿاڻي | | 1991ع |
| .118 | پيار جو آئينو | وشنو ڀاٽيا | | 1991ع |
| .119 | پراوا ڪکر پنهنجو مينهن | رحمت الله ابڙو | | 1992ع |
| .120 | ساهہ مٺ ۾ | ماڻڪ | | 1992ع |
| .121 | سيما | هري همٿاڻي | | 1992ع |
| .122 | لهرن جي گونج | تارا ميرچنداڻي | | 1992ع |
| .123 | خوفناڪ سازش | ذوالفقار قادري | | 1993ع |
| .124 | پرڪٽيل پکي | عنايت حسين رند | | 1993ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .125 | ساپيائن کان رٺل سپنا | الطاف ملڪاڻي | | 1993ع |
| .126 | سنڌ باد جو سفر | علي بابا | | 1993ع |
| .127 | ٻالڪ فورس ۽ ڀوت بنگلو | طارق قريشي | | 1993ع |
| .128 | ٽڪنڊو | قبول ابڙو | | 1993ع |
| .129 | ڏکن سکن جي سونهن (ناولٽ) | گل ڪونڌر | | 1993ع |
| .130 | اوڙاهه | غلام نبي مغل | | 1994ع |
| .131 | پياسي ڌرتي رڃ ندا بادل (ترياﻻ جي) | سراج ميمڻ | | 1994ع |
| .132 | ڪاري رات اڇو ڏينهن | حسين بخش لغاري | | 1994ع |
| .133 | نيٺ گونگي ڳالهايو | امر جليل | | 1994ع |
| .134 | هڪ ڪانئر جو موت | امير ابڙو | | 1995ع |
| .135 | قيدي | | غلام نبي مغل | 1995ع |
| .136 | دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ | غلام نبي مغل | | 1996ع |
| .137 | خواب خوشبو ڇوڪري | ماهتاب محبوب | | 1996ع |
| .138 | شهر جي ڳالهه | اڪبر سومرو | | 1996ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .140 | عشق | ليو ٽالسٽاءِ | مصطفيٰ نانگراج | 1996ع |
| .141 | ٻاهر نڪرڻ جو رستو | هري موٽواڻي | | 1996ع |
| .142 | جيون پياسو سمنڊ | غلام نبي گل | | 1997ع |
| .143 | ڪن پل جو چانورو (ناوليٽ) | ممتاز بخاري | | 1997ع |
| .144 | آڪاش ڪان اڳتي | محمد انور بلوچ | | 1998ع |
| .145 | بک | نٽ همسن | يوسف سنڌي | 1998ع |
| .146 | چاهتن جي ته واٽي تي ’ ۽ ‘آءِ لو يو’ (ٻه جاڙا ناول) | بيدل مسرور بدوي | | 1999ع |
| .147 | پيار پناهون چانورا | ماهتاب محبوب | | 1999ع |
| .148 | مون کي ساهه کڻڻ ڏيو | غلام نبي مغل | | 1999ع |
| .149 | پکن جي پريت | ڪلا پرڪاش | | 1999 ع |
| .150 | خالي بينچ | اسحاق انصاري | | |
| .151 | باک ڦٽي جو سوجهرو | محمد انور بلوچ | | 2000ع |
| .152 | جيون اجاڙ رستا | مظهر ابڙو | | 2000 ع |
| .153 | خالي بئنچ | اسحاق انصاري | | 2000 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .154 | پوئين پهر جا پانڌيئڙا | قرة العين حيدر | ولي رام ولڀ | 2000ع |
| .155 | سڌارٿ | هرمان هيسي | منير احمد سولنگي | 2000ع |
| .156 | اڪيلائي جا هڪ سؤ سال | گارشيا مارڪئيز | مراد علي مراز | 2000ع |
| .157 | گونگي گگن سان گفتگو | ريتا شهاڻي | | 2001ع |
| .158 | تون خواب آهين | پرويز ابڙو | | 2001ع |
| .159 | نيربون اکيون سپنا رمئي خواب | پرويز ابڙو | | 2001ع |
| .160 | نہ راهون ساڻ هلنديون هن | غلام نبي گل | | 2001ع |
| .161 | ياد ۽ سڪون (ناوليٽ) | ڊاڪٽر محبت ٻرڙو | | 2001ع |
| .162 | اڪيلائي جا هڪ سؤ سال | | مراد علي مرزا | 2001ع |
| .163 | پاڻ هرتڙيون مايون | گوبند خوشحالاڻي | | 2002ع |
| .164 | رولو | نوشاد | | 2002ع |
| .165 | ڪاوا ڪاوا خواب | امتياز سومرو | | 2002ع |
| .166 | جوڳي | غلام نبي گل | | 2003ع |
| .167 | مون کی هوائن ۾ ڳولجان | طارق خشڪ | | 2003ع |
| .168 | وارڊ نمبر تيرهن | نوشاد | | 2003ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .169 | رشتن جو ڏنڊ | آنند کيماڻي | | 2003 ع |
| .170 | اڻ لتاڙيل پيچرا | آنند کيماڻي | | 2003 ع |
| .171 | هڪ دفعو وري | گوبند خوشحالاڻي | | 2003 ع |
| .172 | پينگار | هري موٽواڻي | | 2004 ع |
| .173 | آرسي ۽ پيار | ڪلا پرڪاش | | 2004 ع |
| .174 | سمنڊ ڪنارو | ڪلا پرڪاش | | 2004 ع |
| .175 | مون ڪي ساهه ڪٽڻ ڏيو | غلام نبي مغل | | 2004ع |
| .176 | اوڏ متيءَ جا ڪوڏ | اشتياق انصاري | | 2004ع |
| .177 | ترڪٽا ترورا | ريتا شهاڻي | | 2004 ع |
| .178 | گلستان غليظ ٿي رهيو آهي | گوبند خوشحالاڻي | | 2004ع |
| .179 | ازابيل | ڊاڪٽر هدايت پريم | | 2005ع |
| .180 | اڪيلا ناهيون | موسىٰ منظور | | 2005 ع |
| .181 | پنهنجي ڌرتي پنهنجا ساهه (ٻارن لاءِ ناول) | اختر جانوري | | 2005ع |
| .182 | پٿرن جو شهر | زاهد گوتم | | 2005 ع |
| .183 | جيون ليکا | منصور ٿلهو | | 2005 ع |
| .184 | سپنو ساپيان ساڻ | شبانه سنڌي | | 2005ع |
| 185 | سچ اپرڻ ڪانپوءِ (ٻارن لاءِ ناول) | خالد آزاد | | 2005ع |
| 186 | سچ جا پاچا | ملڪ آگاڻي | | 2005 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 187 | موڪي | امر لغاري | | 2005ع |
| 188 | يونيورسٽي ۾ گم ٿي ويل خواب | عبدالرافع شيخ | | 2005ع |
| 189 | ڪرامازوف ڀائر | دوستو وسڪي | احسان بدوي | 2005ع |
| 190 | اڏوهي | اخلاق انصاري | | 2006ع |
| 191 | جيون ليکا | منصور ٿلهو | | 2006ع |
| 192 | پيار ۾ اهم ڪهڙو | گوبند خوشحالاڻي | | 2006ع |
| 193 | باک ڦٽيءَ جو سوجهرو | انور بلوچ | | 2006ع |
| 194 | دوزخ مان دري | انور بلوچ | | 2006ع |
| 195 | رڃ | ج. ع منگهاڻي | | 2006ع |
| 196 | لڙڪن آجا نيڻ | علي محمد پرويز | | 2006ع |
| 197 | منهنجي چاهتن جي منزل | ڪزبانو سنڌو | | 2006ع |
| 198 | نہ تہ چا | الينا لالواڻي | | 2006ع |
| 199 | ٽٽل شيشو | غلام نبي گل | | 2006ع |
| 200 | پرديسيءَ جو پيار | اوليور گولڊ سمٿ | احمد محمود ميمڻ | 2006ع |
| 201 | اڻ ڇاول ٻار ڏانهن خط | اوريانا فلاسي | فياض لطيف | 2006ع |
| 202 | زندگي ڀوڳ | منصور ٿلهو | | 2007ع |
| 203 | درد جي آرپار | مظهر ابڙو | | 2007ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 204 | سحر | سليم چنا | | 2007ع |
| 205 | هائوسنگ سوسائٽي | قرت العين حيدر | منصور پرڙو | 2007ع |
| 206 | برسات | سليم چنا | | 2008ع |
| 207 | توچوپيارکيو | يوسف سنڌي | | 2008ع |
| 208 | جڏهن ٽڙندا ڳاڙها گل | شگفتہ شاھ | | 2008ع |
| 209 | زندگيءَ جو سفر، تون ۽ مان | ضراب حيدر | | 2008ع |
| 210 | سامي سچ وڙاءُ | مراد علي مرزا | | 2008ع |
| 211 | ڪويجن ڪٿي آهيان | احمد علي صابر چانديو | | 2008ع |
| 212 | متي ۽ مهاٽا | منصور ٽلهو | | 2008ع |
| 213 | واويلا وٽڪار | غلام نبي مغل | | 2008ع |
| 214 | وڪريل ماڻهو | فاروق سولنگي | | 2008ع |
| 215 | پٽڪي ويل سپنا | عزيز پنپرو | | 2008ع |
| 216 | خوابن ۽ خيالن ۾ گم ٿيل ماڻهو | سليم چنا | | 2009ع |
| 217 | ڪيت خواب جھ ڙا | سليم چنا | | 2009ع |
| 218 | متي ۽ مهاٽا | منصور ٽلهو | | 2009ع |
| 219 | اکٽ کهاٽي ڪبير | ريتا شهاٽي | | 2009ع |
| 220 | لفظن جي | حيدر دريا زئور | | 2009ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | خواهش | | | |
| 221 | نٿهڻ ڇانو | الينا لالواڻي | | 2009ع |
| 222 | بي زبان زبان | ريتا شهاڻي | | 2010ع |
| 223 | ڪارونيار | نور زئور | | 2010ع |
| 224 | ڪيف ڏاران ڪوءِ | منير چانديو | | 2010ع |
| 225 | اوڪا پنڌ پيار جا | ڪلا پرڪاش | | 2010ع |
| 226 | پنهنجي گهر ۾ اجنبي | قبول ابڙو | | 2010ع |
| 227 | تو پچاڻان | منير چانديو | | 2011ع |
| 228 | سيتا زينب | زيب سنڌي | | 2011ع |
| 229 | فاتح مرڪ | جاويد سومرو | | 2011ع |
| 230 | ڪاپي اک جو خواب | منور سراج | | 2011ع |
| 231 | هڪڙي هئي نمي ۽ سفر جون چاهتون (ناوليٽ) | شبانه سنڌي | | 2011ع |
| 232 | انساني تماشا | رفيق سومرو | | 2011ع |
| 233 | اوڏويهه عورتون | رسول ميمڻ | | 2012ع |
| 234 | رشتن جي آزادي | حيدر دريا | | 2012ع |
| 235 | هئا اڳهين گڏ | حسيب ڪانهيو | | 2012ع |
| 236 | هم منصور هزار | غلام نبي مغل | | 2012ع |
| 237 | ڳولا | رحمت الله ماڇوٽي | | 2012ع |
| 238 | ڪيمياگر | پائلو ڪوئلهو | احرار | 2012ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | يوسف | |
| 239 | معصوم محبت جي ڪٿا | فيضان سهرياڻي | | 2013ع |
| 240 | قالوبليٰ | رسول ميمڻ | | 2013ع |
| 241 | ڪلاس فور جي محبوبا | ممتاز بخاري | | 2013ع |
| 242 | مصافتون ياد جون (ڪوتا ناول) | محمد علي پٺاڻ | | 2013ع |
| 243 | يار | حيدر دريا | | 2013ع |
| 244 | سنگنيچر | حسيب ڪانهيو | | 2013ع |
| 245 | نجومي | رسول ميمڻ | | 2013ع |
| 246 | ايلشبا | محمد انور بلوچ | | 2014ع |
| 247 | اُسات | هري همٿاڻي | | 2014ع |
| 248 | ٻه ننڍڙا ناول | موتي لال جوتواڻي | | 2014ع |
| 249 | گذري ويئي برسات | منظور ٿهيم | | 2014ع |
| 250 | آزاديءَ جي اپٽار | ڪليم ٻٽ | | 2014ع |
| 251 | محبتن جا ٻه ناوليٽ (سرءُ ۾ هٿ ريڪائن ڪان خالي) | محمود مغل | | 2015ع |
| 252 | ڪو جو کهرڪلاچ ۾ | زاهد راڄپر | | 2015ع |
| 253 | موڪي | امر لغاري | | 2015ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 254 | ڳالهيون ڳوٺ جون | عبدالغني شر | | 2015ع |
| 255 | مهذب وحشي | نور جوڻيجو | | 2015ع |
| 256 | سعي | مهراڻ ايوب | | 2015ع |
| 257 | ڏاهر | ڪليم ڀٽ | | 2015ع |
| 258 | عڪرا مان مليل مسودو | پائلو ڪوئلهو | فهميم اختر ميمڻ | 2015ع |
| 259 | هينڙو ٻہ اڌ | ناشاد رحم علي | | 2016ع |
| 260 | مکی ڪان موڪلاڻي | شبنم گل | | 2016ع |
| 261 | اُجهاميو ٻران | ظفر جوڻيجو | | 2016ع |
| 262 | وڃايل واٽ | ايوب ڪوسو | | 2016ع |
| 263 | چنڊ جهڙي ڪينجهر | رشيده رشيد | | 2016ع |
| 264 | بي خوف هوائون | اعجاز سمون | | 2016ع |
| 265 | اڻ سڄاتل | انور شيخ | | 2016ع |
| 266 | پيار درياهہ | اشتياق انصاري | | 2016ع |
| 267 | زيب النساءِ | محمود مغل | | 2016ع |
| 268 | عشق لامحدود | ذاهده تاج ابڙو | | 2016ع |
| 269 | ناٽ ڏنائون نانهہ ۾ | رشيد ڀٽي | | 2016ع |
| 270 | جانورن جو واڙو | جارج آرويل | اياز ڀٽو | 2016ع |
| 271 | ڪيمانگر | پائلو ڪوئلهو | فهميم اختر ميمڻ | 2016ع |
| 272 | ڀٽائيءَ جو عشق | هوش محمد ڀٽائي | | 2017ع |
| 273 | مري ٿيا نہ مات | ڪليم ڀٽ | | 2017ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 274 | ري استور ٽيل ماڻهو | ناشاد رحم علي | | 2017ع |
| 275 | محبت جي تناهي | دليپ دوشي لوهاڻي | | 2017ع |
| 276 | هڪ مهمان ڇوڪري | انور ابڙو | | 2017ع |
| 277 | پنهون | منظور ٿهيم | | 2017ع |
| 278 | سندرتا ۽ ڪروڌ | منظور ٿهيم | | 2017 |
| 279 | ڪماچ | اڪبر سومرو | | 2017ع |
| 280 | وطن جو وساريو | ڪليم ٻٽ | | 2017ع |
| 281 | لال لهو جي سرگرمي | سجاد اختر ٽالپر | | 2017ع |
| 282 | اڌ ماڻهو سچو سچ | مشتاق سعيد | | 2017ع |
| 283 | وري وري وڃايل | ناشاد رحم علي | | 2017ع |
| 284 | اسٽيل جا پنج گلاس | رسول ميمڻ | | 2017ع |
| 285 | ماڻهو هڪ جهنگل آ | علي صفدر | | 2017ع |
| 286 | بري هن ينيور ۾ | منير چانديو | | 2017ع |
| 287 | دنيا دم دريا | دادلو ناصر زهراڻي | | 2017ع |
| 288 | ٽي ناوليٽ (دل جي پنيان، رت ۽ پوڻ ۽ وهاڻ) | روشن علي ٽنيو | | 2017ع |
| 289 | ڪامريڊ | جاويد سومرو | | 2017ع |
| 290 | رشتن جو درد | صنم ڪاظمي | | 2017ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 291 | ڪجهه نه ٿيڻ جو حادثو | نسيم پارس گاد | | 2017ع |
| 292 | بي انت خوشيءَ جي مملڪت | ارون ڌتي راءِ | ڊاڪٽر پارس نواز گهانگهرو | 2017ع |
| 293 | ڪجين جي ديس جا ماڻهو | ابراهيم ڪرل | | 2018ع |
| 294 | تنهنجو انتظار ڪرڻو آ | ممتاز بخاري | | 2018ع |
| 295 | عشق اونداهو سچ | عاشق بلوچ | | 2018ع |
| 296 | وڍيو هوئين نه ويهه | عزيز ڪيجهراڻي | | 2018ع |
| 297 | دهشتگرد | ذاهد راڄپر | | 2018ع |
| 298 | عشق تمام بره تمام | سحر گل پٽي | | 2018ع |
| 299 | ڪرشيا شهر جو قصو | ڪليم ٻٽ | | 2018ع |
| 300 | واڄٽ وڄي وجود ۾ | نور راهوجو | | 2018ع |
| 301 | ڪراچي ڌانهن واپسي | دودو چانڊيو | | 2018ع |
| 302 | مري جي ڌنوسين | ايوب ڪوسو | | 2018ع |
| 303 | طوائف | سليم جمالي | | 2018 ع |
| 304 | پوڙهو ۽ سمنڊ | ارنيسٽ | رشيدالله | 2018 ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | هيمنگوري | ظھراڻي | |
| 305 | ظاهر | پائلو ڪوئهلو | اياز پٽي | 2018ع |
| 306 | موت جي منهن ۾ | ڊينئل ڊيفو | طفيل مگسي | 2018ع |
| 307 | رشتن جي خانابدوشي | ابراهيم ڪرل | | 2019ع |
| 308 | زيرو پوائنٽ | منور سراج | | 2019ع |
| 309 | دوزخ | ايوب عمراڻي | | 2019ع |
| 310 | بختاور مڪي جي | منظور ملاح | | 2019ع |
| 311 | اڪ چنپ | رسول ميمڻ | | 2019ع |
| 312 | محبت رنگين پلصراط | زاهدا تاج ابڙو | | 2019ع |
| 313 | سوغات | جهان آرا سومرو | | 2019ع |
| 314 | عشق ڪان اڳتي | اصغر شر | | 2019ع |
| 315 | محبت جي زنجير | دريا خان شنباڻي | | 2019ع |
| 316 | اڌوري عشق جو الميو | دليپ دوشي لوهاڻو | | 2019ع |
| 317 | تون ڪميٽو چو ناهين | نذير سومرو | | 2019ع |
| 318 | عشق ابليس | فياض نانگراج | | 2019ع |
| 319 | اڪيون اپ ۾ پير پنڌ ۾ | پرويز | | 2019ع |
| 320 | ڏڪويل انسان | وڪٽر هيوگو | ايس ايم ابراهيم | 2019ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 321 | اجنبي | البير ڪاميو | قربان چنا | 2019ع |
| 322 | تاراس بلبا | نڪولائي گوگول | افضل شر | 2019ع |
| 323 | نيل نديءَ تي رولاڪي | نجيب محفوظ | اياز پتو | 2019ع |
| 324 | اي پيار توکي الوداع | ارنيسٽ هيمنگوي | رشيدالله ظهراڻي | 2019ع |
| 325 | پروفيسر موري ۽ مان | مچ البوم | قربان چنا | 2019ع |
| 326 | گورک | اڪرم قمبراڻي | | 2020ع |
| 327 | ماءُ | ميڪسم گورڪي | حسين بادشاهه | 2020ع |
| 328 | طريقت جو سچ | منظور ڪوهيار | | 2020ع |
| 329 | جرڪندڙ جسم اداس راتيون | ابراهيم ڪرل | | 2020ع |
| 330 | ميرن جو مقام | روشن علي تنيون | | 2020ع |
| 331 | وجود | ذلفي ذنئور | | 2020ع |
| 332 | داستان ڪربلا | عصمت چغتائي | منور ٻٽ | 2020ع |
| 333 | چچريل لاش | احمد شاڪر | | 2021ع |
| 334 | ڪووڊ 19 | اختر حفيظ | | 2021ع |
| 335 | يوٽوپيا | ڪليم ٻٽ | | 2021ع |
| 336 | منهنجي جان ڪوڪو | نور راهوجو | | 2021ع |
| 337 | عيوض ۾ عذرا | آغا رفيق احمد وقار | | 2021ع |
| 338 | وڃايل چاهت | امر ثناءَ | | 2021ع |
| 339 | سنڌ پرينءَ سان | در محمد پرڙو | | 2021ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 340 | مينهان ۾ نيهان (ٽي ناوليٽ) | جهان آرا سومرو | | 2021ع |
| 341 | مري ويل ماڻهوءَ ڏانهن خط | مشتاق سعيد | | 2021ع |
| 342 | آراڌني | زبيده بروائي | | 2021ع |
| 343 | ڏاڙيل يا درويش | پرويز | | 2021ع |
| 344 | ڪامريڊ | زلفي زنئور | | 2021ع |
| 345 | آڳم پريت | امداد ڪانهيو | | 2021ع |
| 346 | جيئڻو تو پوي | پروفيسر محمد صديق انڙ | | 2021ع |
| 347 | آخري اسٽيشن | رزاق سهتو | | 2021ع |
| 348 | ڪتا | رسول ميمڻ | | 2021ع |
| 349 | نئون ماڻهو | حيدر دريا | | 2021ع |
| 350 | تو بن اداس من | ايس نرگس حق | | 2021ع |
| 351 | هُون تو هيڪلي | بانو محبوب جوکيو | | 2021ع |
| 352 | رجيم | انور ڪليم | | 2021ع |
| 353 | الف | اياز پٽو | پائلو ڪوئهلو | 2022ع |
| 354 | اندر جو اوپر | اياز پٽو | دوستو وسڪي | 2022ع |
| 355 | ريگل چوڪ | ڪليم ٻٽ | | 2022ع |
| 356 | ڪهڪشان ڪان اڳتي | عبدالرافع شيخ | | 2022ع |
| 357 | پٽڪيل ماڻهو | | امر ثنا | 2022ع |
| 358 | آئون ۾ مان | آفتاب راهمون | | 2022ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 359 | مس ڪال | عبدالواحد سومرو | | 2022ع |

**قسطوار شايع ٿيل ناولن جو جائزو:**

سنڌي اديبن جي وڏي بدقسمتي اها آهي تہ ادارن جي سر پرستي نہ هئڻ سبب ڪيترائي ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ئي گم ٿي ويا. خاص طور تي ناول اهڙي روش جو شڪار ٿيا آهن. ان کان علاوه ڪيترن ئي اديبن جا ناول ڪتابي صورت جي بجاءِ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ قسطوار شايع ٿيا آهن، جيڪي اڄ تائين ڪتابي صورت ۾ اچي نہ سگهيا آهن. ان سلسلي ۾ گرداس واڌواڻي مشهور فرانسسي اديب والتيئر جي ٻن ناولن "مئيلرو ميٽس" ۽ "هورن" سنڌي ۾ ترجمو ڪري هلال پاڪستان جي ادبي ايڊيشن ۾ شايع ڪرايا. شير مهراڻي ڊاڪٽر ڪسم انسل جي ناول جو ترجمو "تاپسي" جي عنوان سان "سوجهرو" ۾ شايع ڪرايو. انور ڪليم جا بہ ڪجهہ ناول قسطوار مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. ڊاڪٽر رميش لعل نامياري آمريڪي ناول نگار جان ميٽين بيگ جي ناول جو ترجمو "ڌرتي تي چنڊ" هلال پاڪستان ۾ شايع ڪرايو. سليم چني جا "خوابن ۽ خيالن ۾ گم ٿيل ماڻهو" (ماهوار سنڌ رنگ ڊائجسٽ، نومبر_ ڊسمبر، 1997ع)، برسات (ماهوار سنڌ رنگ ڊائجسٽ، نومبر_ ڊسمبر، 1998ع) ۽ ڪيت خواب جهڙا (ماهوار سنڌ رنگ ڊائجسٽ، نومبر_ ڊسمبر، 1999ع) اهڙي طرح ضياءَ شاهہ جو ناوليٽ "اسات" (ٽماهي سارنگا_2: 2008ع) وغيره. هنن ۾ ضياءِ شاهہ جو ناوليٽ جائزي وٺڻ جي قابل آهي. سندس ناوليٽ طارق عالم ابڙي جي ناول "رهجي ويل منظر" ۽ محمود مغل جي "هٽ ريڪائن ڪان خالي" وانگر يونيورسٽي لائيف جي عام ۽ سادي سودي ڪهاڻيءَ جي چوگرد ڦري ٿو، تڏهن بہ پنهنجيءَ پيشڪش ۾ ڪافي متاثر ڪندا آهن. خاص طور يونيورسٽيءَ جي ماحول، ڪردارن، ڪلچر، سياست ۽ نوجوانن جي هڪ ٻئي ڏانهن روين کي ڪافي وڻندڙ انداز ۾ واضح ڪيو ويو آهي.

هن ناولن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ناول ورهاڱي کان پوءِ لکجي چڪا آهن. رسالن ۾ شايع ٿيل ناول اگر ڪتابي صورت ۾ اچن تہ جيڪر چڱو خاصو اضافو ٿي پوي. مطلب تہ طبعزاد ناولن جو هڪ وڏو انگ لکيو ويو آهي، جن ۾ ڪچايون ۽ پڪايون بہ آهن. ڪيترائي ناول نگار پنهنجا ناول لکيو گهرن ۾

ساندبيون وينا آهن، مالي حالتن جي ڪري شايع ڪرائي نٿا سگهن. ڪن ادارن جي ضرورت آهي، جيڪي ناول جي ڪوٺ ختم ڪرائي ۽ سيئي ناول شايع ڪرائي سگهن. سنڌي زبان ۾ جيڪي شاهڪار طبعزاد ناول لکيا ويا آهن، انهن کي انگريزي، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ شايع ڪرائڻ جي به ضرورت آهي.

## مددي ڪتاب ۽ رسالا


1. ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو: ششمائي ادب 1986
2. ولي رام ولڀ نمبر: ماهوار ادب سيپٽمبر 2004 ع
3. رفيق سومرو نمبر: ماهوار ادب مئي 2004 ع
4. محمود مغل نمبر : ماهوار ادب اپريل 2002 ع
5. اسحاق سميجو: سنڌ ۾ سنڌي ناول جي صورتحال ماهوار پرک: جنوري 2010
6. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب تي هڪ نظر“ ، مڪتبہ فريدي، اردو بازار ڪراچي، 2021 ع

## آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ۾ عورتن جو ناول ۾ حصو

علم ادب ڪنهن قوم جي زندگيءَ جو آئينو ڪري ليکيو ويندو آهي. جو ان ذريعي قوم جي ذهني ۽ فڪري لاڙن جي سڌ پوي ٿي، قوم کي درپيش سماجي توڙي اقتصادي مسئلن جو ڏس ملي ٿو. ساڳئي وقت سماجي برائين کي ٽوڙي ڪڍڻ لاءِ پيش ڪيل تجويزن ۽ ڪنيل عملي قدمن جي پڻ پروڙ پوي ٿي . هونئن ته ادب ۾ جنس جي تفريق رکڻ جائز نه آهي پر جيئن ته ادب هڪڙو مشاهداتي تخليق آهي، ان ڪري هر فرد ۽ هر گروهه جو مشاهدو ٻئي فرد يا گروهه کان مختلف هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته هر فرد ۽ گروهه جو سماجي پس منظر ۽ سوچ جو انداز هڪ ٻئي کان جدا گانه هوندو آهي. ان کان علاوه، جتي ادب، اتي ۾ لوڻ برابر هجي، اتي ڊيٽا ڊاڪيومينٽ ڪرڻ لاءِ جائزو رکڻو پوندو آهي.

”ناول سماج ۾ رهندڙ فردن جي عمل ۽ ردعمل جو امين آهي. ناول سماج جي سياسي، سماجي ۽ نفسياتي پاسن جو ڇيد ڪري ٿو. ناول شعور کي مادي دنيا جي تناظر توڙي اتناظر ۾ ڏسڻ جي پڻ ڪوشش ڪري ٿو. اهڙي نموني سان اهو خوابن ۽ حقيقتن کي گڏي هڪ نئين دنيا تخليق ڪرڻ جا گس به ٻڌائي ٿو. ارڙهين ۽ اٺوبهين صديءَ جي پڪارو يا سپر رومانوي ناولن کان ويندي ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ جي حقيقت پسنديءَ وارن ناول جو مطالعو ڪبي ته عورت جو چهرو هرون پرون مڪروهه ڪري ڏيکاريو ويو آهي. پر ٿامس هارڊي جي ”ٽيس“ ۽ ورجينيا وولف جي شعور جي وهڪري ۾ لکيل ناولن جي عورت سماج ۾ مرد جي ضابطي کي للڪاريندي متي نڪري اچي ٿي.انقلاب جي ڪک مان ڦٽندڙ ليڪ يانگ مو کان ويندي سرمائيداريءَ کي جنم ڏيندڙ ڪالونيل ملڪ برطانيا جي سر ڦرئي ليڪ ڊي ايچ لارينس جي ناولن ۾ عورت مرد جي مقابلي ۾ نهايت اڳيري نظر اچي ٿي.انگريزي ادب ۾ جين آسٽن (1715 _ 1865) اميلي برونٽ (1818 _ 1848) مسز گاسڪل (1810 _ 1865) جارج اليٽ (1819 _ 1880) ورجينا وولف (1882 _ 1941) وغيره جهڙا وڏا نالا ملن ٿا.

هتي اردو ادب ۾ بانو قدسيه، رضيه بٽ، وحيده نسيم به نالي واريون ليکڪائون آهن“.

عام طور تي جڏهن ادب ۾ عورت جي ڪردار جي باري ۾ ڪتاب پڙهبا ته اهي عورت جا مختلف روپ پڌائيندا آهن، جن کي عموماً پيش ڪيو ويندو آهي. (Images of women in Literature) جي ليکڪا ميري اين فرگوسن عورت جا ڇهه اهڙا روپ پڌايا آهن. جيڪي مذهبي ادب ۽ ڏند ڪٿا کان وٺي هن وقت تائين تخليق ٿيندڙ ڪهاڻين، شعرن ۽ ڊرامن وغيره ۾ ڏنا ويا آهن:

1. فرمانبردار زال (Submissive Wife)
2. ماءُ (ماءُ جي روپ ۾ ڪا به عورت) (The Mother)
3. مرد تي حاوي عورت (Dominating wife)
4. حسين محبوبه جيڪا اوچي آسڻ تي هجي (Women on Pedestal)
5. جنسي علامت يا رانديڪو (Sex Object)
6. ڇڙي يا اڪيلي عورت (Woman without man) “.

مرزا قليچ بيگ جو مشهور ناول ”زينت“ جيڪو 1888ع ۾ لکيو ويو. ان ناول ڇپجڻ کان پوءِ ماڻهن پنهنجن ڌيئرن جا نالا زينت رکڻ شروع ڪيا ۽ ڌيئرن کي تعليمي ادارن ۾ موڪلڻ شروع ڪيائون. سنڌي ناولن جي صرف نالن کي ڏسبو ته 60 سيڪڙو ناولن جا نالا عورتن سان منسوب ملندا. جڏهن ته سنڌي ليکڪائن جي ناولن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن ۾ عورت جي مڪمل نفسيات سامهون آئي، جنهن ۾ هنن جنس سميت سندس هر مسئلي تي لکيو هو. سنڌي مرد ڪهاڻيڪارن عورت جي حق ۾ بي جوڙ شادين خلاف لکيو، جن ۾ جوان عورتن جي ٻارن يا پوڙهن سان شاديءَ سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن يا حق بخشائڻ سبب جوان عورتن جي فطري جذبات کان انڪار سبب ٿيندڙ ردعمل ۾ سماجي اخلاقي قدرن کان بغاوت وغيره تي کلي حمايت ملي ٿي.

ناول جي صنف ۾ عورتن جو شاندار ڪردار آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ناميارې ليکڪا، محقق ۽ نقاد، پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجه سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿي. سندس 100 کان وڌيڪ تحقيقي ۽ تنقيدي

مضمون سنڌي زبان جي مختلف اهم رسالن کان سواءِ هند جي اهم رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. هن ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر‘عنوان تي علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي رهنمائيءَ ۾ 1997 ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي، جيڪا بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع بہ ٿي آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي ٻوليءَ جي نالي واري محقق آهي، سنڌس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن عورتاڻي ادب تي ڪيترائي مضمون لکيا آهن، جن ۾ سنڌي ناول ۾ ”سنڌي ادب ۾ عورت جي خودمختياريءَ جو تصور“ بہ اهم آهي. هندستان ۾ پروفيسر رخمني سندر چئنراءَ Woman in Sindhi novel (سنڌي ناول ۾ عورت جي روپ)جي عنوان سان پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي، جيڪا 1990 ع ۾ شايع ٿيل آهي.موجوده دور حسين مسرت شاھ، جيڪا ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر بہ آهي تہ سوشل ايڪٽيوسٽ بہ، تنهن، سنڌي ناول جي حساب سان” سنڌي ناولن ۾عورت جي خودمختياريءَ جي تصور“ جي عنوان سان پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي. پوپٽي هيراننداڻي جا بہ ان سلسلي ۾ ڪيترائي مضمون لکيل آهن. ان کان علاوه، ٻين بہ ڪيترن ئي عورتن سنڌي ناول جي تحقيق ۽ تنقيد جي لحاظ کان مضمون لکيا آهن.

سنڌي ناول جي شروعات انگريز دور ۾ ٿي تہ ان دور ۾ گلي سدارنگاڻيءَ ”اتحاد“ ۽ ”گورا“ جهڙا شاندار ناول لکيا. آزاديءَ کان پوءِ هند ۽ سنڌ ۾ الڳ ناول لکيا يا ترجمو ڪيا آهن، پر انهن جي ناولن جو محور خود ”عورت“ آهي. هند ۾ پوپٽي هيراننداڻي، سنڌيءَ جي بيباڪ ليکڪا ٿي گذري آهي. سندس چار ناول :”منجو“ (1950 ع) ”حسرتن جي تربت“ (1961 ع)، ”جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات“ (1966 ع)، ”سيلاب زندگيءَ جو“ (1981 ع) لکيا. سندري اتمچنداڻي، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار طور نيائيندي پئي اچي. سندس ناولن ۾ ”ڪرنڊڙ ديوارون“ (1953 ع)، ”پريت پراڻي ريت نرالي“ (1956 ع) ”تتل ساز“ (ترجمو 1956 ع) ”هڪ سسئي سؤ سور“ (1965 ع)، ”توجنين جي تات“ (1970 ع)، ”پوري“ (1979 ع) ”ٻنڌڻ“ (1982 ع) ”يگانتر“ (1979 ع) ۽ ”ڪيڙيل ڌرتي“ (1992 ع) وغيره شامل آهن. تارا ميرچنداڻي پڻ برک ليکڪا، ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار آهي، هن جا پنج ناول

’ڪومايل ڪلي‘ (1949 ع)، آشا (1950 ع)، هٺ يوگي (ٻہ ڀاڱا: 1998 ع)، لهرن جي گونج (1992 ع) ۽ ’سورج جي پهرين ڪرڻ‘ (1998 ع) پڻ شايع ٿي چڪا آهن“.

ريٽا شهاڻي جو هندستاني سنڌي اديبائن ۾ وڏو نالو آهي. سندس هيل تائين مختلف صنفن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ناولن ۾ ”پنيرڪي جي پڻ پڻ“ (1985)، ”چنڊ ڪان سچ تائين“ (1987 ع)، ”پرهه جا پياڪ“ (1952 ع)، ”چهه مئي“ (1995 ع)، ”گونگي گگن سان گفتگو“ (2001 ع)، ”ترڪٽا ترورا (2004 ع)، ”ست سر_ ست ڏينهن“ (2004) ۽ ”ميران سان وارتا لاپ“ شامل آهن.ايشوري جوتواڻي جي ناولن ۾ محبت جو تياڳ (1955 ع) ۽ ”الفت جي آگ“ (1956 ع) اهم آهن. ڪلا پرڪاش، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪيترا ڪتاب ڇپيل آهن، جهڙوڪ‘ :آرسي آڏو‘ (1992 ع)، ’وقت وٿيون وڇوٽيون‘ (1989 ع)، ’پيار‘ (1997 ع)، ’سمنڊ ۽ ڪنارو (2004 ع)، ’اوڪا پنڌ پهاڙ جا‘ (ناول: 2010 ع)، ۽ ٻيا. پويون ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو انعام يافتہ آهي.وينا شرنگي، آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس تان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ڪافي ڪم ڪيو آهي. هن جي ڪهاڻين، سفرنامن ۽ يادگيرين جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، اهڙيءَ طرح رتنا گوديا ’رولاڪ‘ پوني جي ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعره جا بہ ڪيترا ڪتاب ڇپيل آهن، جهڙوڪ: ’محبت جي منزل‘ (ناول)، ’سون ورني ڪنوار) ‘ناول: 2002 ع)، وغيره شامل آهن“.

آزاديءَ ڪان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ حوالو بادام ناتوان (1930_ 1988 ع) جو ڏنو ويندو آهي. حوالن ۾ سندس ناولن جو ذڪر آيو آهي، پر اهي شايد شايع ٿيل نہ آهي. جڏهن تہ سندس مضمونن جا ڪتاب شايع ٿيل آهي. جڏهن تہ پهريون شايع ٿيل ناول عائشہ پناڻ جو ناول ”پوڄارڻ“ ملي ٿو، جيڪو 1957 ع ۾ شايع ٿيو. ٻيو ناول غلام صغران گل پٺيءَ جو ناول”خزان جا موتي“ آهي، شاهده زيب جو ناول ”پريت جا پوڄاري“ شايع ٿيا آهن. ماهتاب محبوب، سنڌ جي برک ليکڪا آهي، جنهن سنڌ جي مڊل ڪلاس جي گهرن جون سماجي ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس بہ ناول’ خواب خوشبوءَ ۽ ڇوڪري‘ ۽’ پيار پناهون

چانورا ’ڇپيل آهن. ثريا سوز ڏيپلائيءَ شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيون به لکيون. سندس قسطوار ناول ’نيٽن نند اُڏائي‘ سنڌ ٽائيمس ۾ ڇپيو. سندس پي. ايڇ. ڊي جي ٿيسز ’محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سندس سنڌي سماج تي اثر ‘ثقافت کاتي حڪومت سنڌ ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو آهي.

ج. ع . منگهاڻي جو پورو نالو جنت خاتون آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جنهن ۾ ”رڃ“ (ناول 2007ع) شامل آهن. سندس ناول ”ڪڙي منجهه حساب“ روزانه هلال پاڪستان ۾ 1982ع ۾ قسطوار پڻ شايع ٿيو. ناول ”رڃ“ شاهه لطيف جي بيتن جي ڇانو ۾ لکيل آهي هر مسئلي هر موقعي کي ٻنائي جي بيتن جي هنج ۾ ڪري محبت ڀري ڪهاڻي لکي ويئي آهي. فاطمه عباسي جو ناول” گورها پورا جي ديوي“(1995) ترجمو ڪيو. جميس هيڊلي چيز (1906_1985ع) انگريزي ناول نگار هو. اڪثر ڪري سنسني خيز ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو هو. سندس ٻئي ناول عورت جي ڪمزورين ۽ مجبورين کي پيش ڪن ٿا. سيده شبانه سنڌي نه صرف سٺي ڪهاڻيڪاره آهي. بلڪ ناول نگار به آهي. سندس ڪتابن ۾ ”سپنو ساڀيان ساڻ“ (ناول 2005ع)،”هڪڙي هئي نمي“ (ناوليٽ 2010ع)، ”اداس سانجهي“ (ڪهاڻيون _ 2009ع) شايع ٿيل آهن. ڪزبانو سنڌوءَ جو ناول ”منهنجي چاهتن جي منزل“ 2006ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ سماجڪ ناول آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي وهمن ۾ وڪوڙيل ۽ احساس ڪمترين جي ماريل ريشمان ”علم جي روشني ڦهلائڻ“ جو مقصد کڻي اڳتي وڌي ٿي، پنهنجي ان مقصد جي حصول لاءِ تمام وڏيون قربانيون ڏئي ٿي ۽ ڪزبانو ڪمال حسن ڪارڪردگي ذريعي ان ناٽڪ کي سمورن رشتن سان جنهن انداز پيش ڪرايو آهي. ناٽڪ جو پنهنجي ان محبوب دوست، سهيلين، ظالم مڙس، ماءُ، پاءُ، ڀاڄائي ۽ ٻين ڪردارن سان نڀاءُ سندس ڪردار نگاريءَ جي فن کي واضح ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هوءَ انهن ڪردارن سان ڳالهائيندي ڪٿي تون ۽ ڪٿي توهان جو جيڪو استعمال ڪري ٿي، سو ڪٿي آڏي به لڳي ٿو ڪٿي فطري به لڳي ٿو. شگفته شاهه جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو سٺي ڪهاڻيڪاره، ڊراما نگار، ڪالم نگار ۽ ناول نويس آهي. سندس ناول ”جڏهن ٽڙندا ڳاڙها گل“ هڪ رومانوي ناول آهي،

جنهن ۾ هيروئن يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ آرٽسٽ آهي. اِلينا العلواڻي جا ٻہ ناول ”نہ تہ ڇا“ ۽ ”نتھڻ ڇانو“ شايع ٿي چڪا آهن. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ ناول ”نتھڻ ڇانوَ“ شڪارپور جي ڪنهن مرد ناول نگار جو لکيل آهي. هن ناول ۾ ملڪ جي موجوده سياسي حالتن ۽ انهن ۾ ايجنسين جي ڪردار تي طنز ڪئي وئي آهي.

ج ع منگهاڻي صاحب جو شاندار ناول ”رڄ“ سنڌي ٻولي ۾ لکيل چند ضخيم ۽ وڏن ناولن ۾ رڄ، نہ صرف محبت جو لازوال داستان آهي. ناول جوشروعاتي حصو، ڪوهستان جي وڏيرن جي شادي ۾ ٿيندڙ خرچن، محفلن، ميندين، ڳيچن، سنوڻ سائن، حويلين جي اندروني ڪهاڻين، نوڪراڻين جي ٻوڳ چرچن تي مشتمل ماحول جي بهترين ثقافتي عڪاسي آهي. شادي دوران ميراثي عورتن جي سرگرمين ۽ نوڪراڻين جي پاڻ ۾ ٿيندڙ نوڪ جهوڪ ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ ڏڪشن، انهن جي ٻين نوڪرن سان معاشقن جي عڪاسي شاندار آهي. ائين لڳي ٿو تہ ڪو زبردست قسم جو ثقافتي سوپ سيريل هلي رهيو آهي. اهو بہ ڏسي سگهجي ٿو تہ، ڪوهستاني زندگي ۾ عورت جي عزت ۽ ان جو اثر رسوخ، سنڌ جي ٻين علائقن جي بنسبت وڌيڪ آهي. ڪوهستان جا وڏيرا، پنهنجي گهر جي عورتن سان ڪل ٻوڳ ۽ ڪچهري بہ ڪن ٿا. ناول جو سڄو وايو منڊل ئي محبت تي ٻڌل آهي. مرد، عورتون، ننڍا وڏا، امير غريب، سڀ هڪٻئي سان باهمي احترام ۽ محبت جي فضا ۾ سلہ ڪٽن ٿا. هن ناول ڪي ” دل جي دنيا “چئي سگهجي ٿو جتي جي منطق توڙي اخلاقي قدر نرالا ئي هوندا آهن. نفعي نقصان ماپڻ جا ماڻ بہ الڳ ئي هوندا آهن. هي جان بيبي جي دنيا آهي جيڪا محبت ۾ انتهائي ثابت قدم ، وفادار ۽ مستقل مزاج آهي. سهڻي وانگر، هو سماجي قدرن ڪي نٿي مڃي ۽ رات جي اونداهي ۾ پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ پهچي وڃي ٿي. ڪيس دنيا جي ڪا پرواه ناهي. هو هر قسم جا مهڻا طعنا ٻڌي ٿي، مائٽ مٽ هميشہ لاءِ ڇڏي، هر قسم جي تڪليف برداشت ڪرڻ جي باوجود بہ پوئتي نٿي هٽي. شلہ لطيف سندس سونهون بہ آهي تہ دوست ۽ همدرد پڻ.

مشهور ليکڪ شبنم گل جو2015 ع ۾ شبنم جو مَکي ڍنڍ جي پسمنظر ۾ لکيل ناول 'مَکي کان موکلاڻي' شايع ٿيو آهي، جنهن کي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، 2015ع جي بهترين ناول جو اوارڊ پڻ ڏنو آهي. تصوف جي موضوع ۽ ٻڌ مت جي فڪر تي محترمہ سحر گل جو لکيل "عشق تمام برهہ تمام" بہ تمام گهڻو مشهور ٿيو. ناول نگاره سحر گل پنهنجي پاران ۾ لکي ٿي: "ناول جو مرڪزي خيال ٻڌ مت جي روح کي سمجهڻ ۽ ان جي پاٽذين جو عشق جي دنيا ۾ پاڻ پتوڙڻ آهي."

غلام بتول بانو محبوب جوکيو (25 سيپٽمبر 1969ع) ولد محبوب علي جوکيو جو جنم محراب پور، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. هوءَ شاعره ۽ ڪهاڻيڪاره آهي. سندس ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون آهن. سندس ناول "اَڌ ڌُڪوئي آهيان" 2020ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ مڊل ڪلاس گهراڻي جي ڪهاڻي آهي. هن ناول ۾ حياءَ ۽ ملهار جي معصوم محبت بہ دل کي هڪ عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿي ۽ ٻين ڪردارن جي ڪردار نگاري خيال جي خاڪ مان نڪري حقيقت جو روپ ڌاريندي پاسجي ٿي. ناول جي ماضيءَ سان شروعات ٿي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ آرٽسٽڪ انداز سان فليش بيئڪ ۾ هلي وڃي ٿي ۽ وري وڏي هُنر مَنديءَ سان ماضيءَ مان حال ۾ تحليل ٿي پڙهندڙ کي پڙهڻ جي سحر مان ڇرڪائي حقيقت جي تلخيءَ کي ڪيفيتن ۾ ملائي ڇڏي ٿي تہ اکيون نمڪين بڻجي درد جي بيابان ۾ پٽڪي وڃن ٿيون ۽ دل ديوانگيءَ جي دانهن بڻجي وڃي ٿي. قمبر سان تعلق رکندڙ مهراڻ ايوب ٻرڙو جا بہ ناول"سعي" (سماجي ناول2015ع) ۽ "عشق جا چاليهہ اصول" (تصوف جي پسمنظر ۽ شمس طبريز ۽ روميءَ بابت لکيل ترجمو ڪيل ناول 2017ع) شايع ٿيل آهن.پارس صنم ڪاظمي ، سدرۃ المنطهيٰ سميت هند ۽ سنڌ ۾ ٻين ڪيترن عورتن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جن ادب جي هن صنف ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. ۽ پنهنجو اظهار ۽ جذبات ۽ سماجي عڪاسي ڪندي ناول لکيا آهن.

## مددي ڪتاب ۽ رسالا

1. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو“، نيو ڪاٺياواڙ، اردو بازار، ڪراچي
2. ڊاڪٽر فهميده حسين:
3. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ادب تي هڪ نظر“، مڪتبہ فريدي، اردو بازار، ڪراچي، 2021ع

# آزاديءَ کان پوءِ ٻاراڻو ناول

سيني ادبي صنفن ۾ وڏن توڙن ٻارن ۾ ناول انتهائي مقبول ترين صنف آهي، ڇو جو ناول سماج سان وڌيڪ سلهاڙيل هوندو آهي. انگريزي توڙي ٻين يورپي ٻولين ۾ اڄ بہ بهترين ٻاراڻا ناول شايع ٿي رهيا آهن. ”گليورز ٽريلوز“ اڄ بہ مشهور ۽ آهي. ناولن ۾ هيري پوٽر جي سيريز وڏي شوق سان پڙهي وڃي ٿي. ٻاراڻي ناول ۾ ٻن مکيہ شين جي اهميت آهي، هڪ ان جو موضوع ۽ ٻيو ڪردارنگاري آهي. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي لکي ٿو تہ ”موضوع ٻارن جي دنيا سان واسطو رکندڙ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو ٻارن جي آس پاس جي دنيا جو نہ هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ضرور هجي جو ٻار ڪي سمجهڻ ۾ يا ان جي ڪلپنا ڪرڻ ۾ دقت نہ ٿئي. پريم، راڄنيتي ۽ فلاسافي وغيره جهڙن موضوعن کي ٻار ناول ۾ ڪا جڳهہ نہ ملڻ گهرجي. ٻارن کي اهڙا ناول وڌيڪ وڻندا آهن، جن ۾ جڳياسا ۽ رومانس هجي. ايپاس ڏيکاريو آهي تہ ٻارن کي اتهاسڪ گهٽنائن تي آڌار رکندڙ ، جيون جي مسئلن سان جڙيل ، ڪل ۽ مزاق سان ڀريل ، شڪار ۽ سير ۽ سفر جي ڳالهين سان وسطو رکندڙ ناول وڌيڪ وڻندا آهن. ٻار ناول جي ڪردارنگاري بہ صحيح ڍنگ سان ٿيڻ گهرجي. ان ۾ مختلف ڪردار هجن، پر اهي سياويڪ لڳڻ ڪپن. هنن جو اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سياويڪ هجي. گهٽنائون ۽ ڪردار هڪ ٻئي سان اهڙي نموني نهڪيل هجن ، جيئن ٻار جو انهن ۾ آخر تائين رس قائم هجي“.(1)

سنڌي ادب ۾ ناول نگاري انگريزن جي دور ۾ شروع ٿي ۽ ٻارن لاءِ دراصل ڪي ٿورا ناوليٽ لکيا ويا يا ترجمو ڪيا ويا. آزاديءَ ڪانپوءِ، هند ۽ سنڌ ۾ ٻاراڻا ناوليٽ شايع ضرور ٿيا آهن، پر انهن جو تعداد ڪو گهڻو نہ آهي ۽ انهن ۾ ڪي اهڙا شايد هجن، جيڪي ٻارن ۾ مقبول ٿيا هجن. ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ اهي ٻارن جا لکيل نہ آهن، يا ٻارن جي مزاج تي اڇي نہ سگهيا آهن. اسان جا پبلشر ناولن کي اسڪول توڙي ڪاليج جي ٻارن تائين پهچائڻ ۾ ناڪام ٿيا

آهن. اهو به چئي نه ٿو سگهجي ته انهن ۾ ناوليتن ۾ ڪهڙا لاڙا رجحان رهيا آهن، البته ٻارن ناولن ۾ تعليم جي اهميت، زندگيءَ ۾ محنت ڪرڻ جي ترغيب جهڙا موضوع ڏنل آهن. ڪجهه ناول مختلف ٻولين مان ترجمو به ٿيا آهن، جن ۾ اهم موضوع آهن. بهرحال ڪنهن حد تائين ڪوششون ٿيون آهن. قابل ذڪر ڳالهه اها ته موجوده دور ۾ ناوليٽ لکڻ ۾ تيزي آئي آهي، جنهن سان نيون اميدون جڙي پيون آهن.

آزاديءَ کان ٻارن لاءِ سڀ کان وڏيڪ ٻارن لاءِ ناوليٽ محمد بخش جوهر لکيا آهن، جن ۾ "اڏام کٽولو"، "اڏامندڙ ٿالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج"، "مريخ جي مخلوق" قابل ذڪر آهن. سندس ناول "اڏامندڙ ٿالهيون" 1955ع ۾ شايع ٿيو.

محمد بخش جوهر جو سائنسي ناول "اڏامندڙ ٿالهيون" سندس ئي اداري باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 1956ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ، محمد بخش جوهر جو اصلوڪو آهي، ۽ سندس سائنسي سوچ جو عڪاس آهي. هن ناول ۾ ٻارن توڙي وڏن لاءِ هڪ نئين دنيا جو سير ڪرائي ٿو. محمد بخش جوهر بنيادي طور صحافي هو، هن دنيا ۾ بدلجندڙ لاڙا ۽ رجحان ڏسي ۽ پڙهي ورتا هئا. ان ڪري هن ٻارن لاءِ ناني ۽ بزرگن جي قصن جي جاءِ تي سائنسي ادب کي ترجيح ڏني. هي جاسوسي ۽ سائنسي ناول آهي، جنهن ۾ خلائي سيٽلائيٽ جيڪي طاقتور ملڪن طرفان مختلف ملڪن جي جاسوسي لاءِ استعمال ٿين ٿا، ان کي موضوع بڻايو ويو آهي. هن ناول ۾ اسلم ۽ سندس جاسوس دوست بهادر خان جي ڪهاڻي آهي. اسلم رستي ويندي خلائي مخلوق ڏسي ٿو ۽ پنهنجي دوست بهادر خان کي آگاهه ڪري ٿو. هو خلائي مخلوق جون ميٽنگون ڏسن ٿا، پر بيضي جهڙن انسانن کان خوفزده رهن ٿا. هو سموري وارتا پوليس کي ٻڌائين ٿا، پر پوليس وارا اعتبار نه ٿا ڪن. محمد بخش جوهر، 1950ع واري ڏهاڪي ۾ ئي سيٽلائيٽن جي اهميت کي سمجهي ورتو هو. هو لکي ٿو ته "دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ ماڻهن آسمان جي بلنديءَ تي اڏامندڙ ڏٺيون آهن. اڏامندڙ ٿالهيون اسان جي زماني جي ڪنهن ملڪ جي حڪومت جو خفيه هٿيار آهي يا هي عجيب هوائي جهاز آسمان جي ڪنهن ويجهي زمين (گرهه) مان اچن ٿا تنهن بابت مختلف رايا آهن. ڪن جو خيال آهي ته اهي اڏامندڙ ٿالهيون مريخ مان اچن

ٿيون. هي ناول انهيءَ سلسلي جو آهي. ٽالهيون مريخ مان اچن ٿيون يا چنڊ مان. ليڪن هي واقعو اسان لاءِ حيرت ناڪ آهي ۽ جڏهن انهيءَ بيضي جهڙا انسان ويڙهل هجن تڏهن حيرانيءَ ۾ اضافو ٿيڻ گهرجي".[2] عمرالدين بيدار، پڻ ٻاراڻي ادب ۾ جاسوسي ۽ سائنسي ناوليٽ لکيا. جن ۾ "هاسٽل تي واگهه جو حملو" (1980ع)، "آسمان تو ڪري" (ليڊي برڊ سيريز جي "دي اسڪاءِ از فالنگ" جو ترجمو) مشهور آهن.

ناميارو ٻاراڻي اديب پروانو سيوهاڻي جو ناول ۾ "هل ته هلون چنڊ تي" 1992ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ ناول سائنس فڪشن جي موضوع تي آهي. 1993ع ۾ نظير قاسميءَ جو جاسوسي ناوليٽ "ٽلوءَ جو خطرناڪ سفر"، ٻارن جي ماهوار رسالي ۾ گل ڦل ۾ قسطوار شايع ٿيو، جيڪو ٻارن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. ساڳي سال ۾ ۽ ساڳي رسالي ۾ م .ص.عليءَ جو جاسوسي ٻالڪ ناول "ويران حويلي" قسطوار شايع ٿيو، جيڪو هڪ اصلوڪو ۽ سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ هو، جنهن ۾ خوف، خطرو ۽ خاموشيءَ جهڙا ڏيڄاريندڙ عنصر شامل هئا. هن ناول جو نمونو ڏجي ٿو:

"گڙگات ٿيڻ سان جميل، بدحواسيءَ وچان، ٽپ ڏئي اٿي بيٺو ۽ انو به ڇرڪ ڀري ان پاسي نهارڻ لڳو. ڀت جي جاءِ تي خلا ڏسي انوءِ حيران ٿيندي پڇيو." هه.... هيءَ ڀت ڪيڏانهن وئي!؟"

"ڇي هُو اُهوا ڏانهن." جميل پنهنجي، بدحواسيءَ تي ڪنٽرول ڪندي چيو "گهٽ ۾ گهٽ طلسمي چڪر ۾ ته ائين ئي ٿيندو آهي."

"هون." انوءِ سوچ ۾ ٻڏل اکين سان هوڏانهن ڏسندي چيو، "ضرور ڪا ميڪنيزم حرڪت ۾ آئي هوندي."

"الائجي." جميل مرڪي، کيس چيو، "باقي ڀانيان ٿو ته سڄي شرارت هن رسيءَ جي تڪر ۾ آهي".[3]

آزاديءَ کان پوءِ ٻارن لاءِ ڪيترائي قصصي ناوليٽ لکيا ويا، جن ۾ بادشاهن، شهزادن ۽ ديون جا قصا هوندا هئا. ان ڏس ۾ نذير حسين پٿي، محمد بخش جوهر، عبدالستار "خيال" پٿيءَ ۽ ڪن ٻين اهڙا ناوليٽ لکيا. ان سلسلي ۾ خيال" پٿيءَ جو "احسان مند لومڙي" 1958ع)، "سوا لک جو هيرو"

(1958ع)، ”پراسرار شهزادي“، وليداد وليءَ جو ”چيني بلبل“ (1958ع)، فدا سرهيو جو ”غيبي خزانو“ (1961ع)، محمد حسن هاليپوٽي جو ”دلپسند شهزادو“ (1971ع) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ اسلامي تاريخ جي پسمنظر ۾ ناوليٽ لکيا، جن مان ڪي ٻارن جي حوالي سان به هئا. ان سلسلي ۾ سندس ”شير شاهه ۽ همايون“ اهم آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو محقق ۽ نقاد هو، پر افسانوي ادب ۾ سندس خدمتون سارهه جوڳيون آهن. ٻارن جي ناولن جي سلسلي ۾ سندس ”لاکو ڦلاڻي“ ڪتابي دنيا، حيدرآباد طرفان 1982ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي هڪ بهادر جوڌي جوان ۽ سورهيه سورمي جي حب الوطني ۽ هيڻن سان همدرديءَ جي ڪارنامن ۽ واقعن جو مجموعو آهي. لاکو ڦلاڻي، ننڍپڻ ۾ پنهنجي وڏن کان بهادريءَ جا جيڪا قصا ٻڌا هئا، انهن کي هن هميشهه ياد رکيو. هن ناول ۾ لاکي ڦلاڻيءَ جي بهادريءَ سان گڏوگڏ سونل سان محبت جو داستان به ڏنل آهي. لاکو نه صرف سونل جي سونهن ۽ سوڀيا تي موهت ٿئي ٿو پر سندس پورهئي ۽ محنت جو قدر ڪري ڪيس شاديءَ جو پيغام ڏيئي ٿو، ان جو مثال هن ريت آهي:

”نه ..... نه توهان ۾ ڌرتيءَ جو سڳنڌ آهي. ساري سنڌ جي مٽي اوهان جي پيرن جي پٽي آهي.ٿورو رکجي لاکو وري چوڻ لڳو ته ”سونل تون مون سان شادي ڪندين؟“.(4)

علي بابا جو ناول ”سنڌ باد جو سفر“ پهريون دفعو 1993ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ٻارن لاءِ لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سند باد کي سنڌي ڏيکاريو ويو آهي ۽ ٻيا سڀ ڪردار اصلوڪا سنڌي آهن. مثال طور هوٿل پري، گوکل ديو، پاراشرشي وغيره. سڄي ناول ۾ دلچسپ قصو بيان ڪيو ويو آهي. پيئڻ بلا کي باز جي هٿان مارايو ويو آهي. ”موهن جو دڙو“ ناول وانگر هي به دراصل تهذيبي ۽ تاريخي ناول آهي. جنهن ۾ قديم سنڌ جو پسمنظر اڇي وڃي ٿو. ناول جي شروعات ئي اهڙي نموني ڪئي ويئي جو سنڌ جي تهذيب سامهون اچي وڃي ٿي. مثال طور:

”هڪڙو هوندو هو مهاراجا سوڀ سنڌ ملڪ جو مهاراجا ڏاهن ۾ ڏاهو وڏو وير، ڳالهين جو ڪويسر ۽ وڏو طاقتور راجا. اهڙو جو ڪنهن پرپاسي واري راجا کي زور ونڻ ئي ڪين ڏيندو هو. پري پري ولائتن ۾ سنڌ جو جهڙوڪر ڏونڪو پيو وڄندو هو. ڀلا سنڌ هڪ سڪاريو ملڪ، پوري وچ مان سون تي سهاڳي جيان سنڌو درياهه پيو وهيس. پهاڙن تان جتان نهار، ماتريون ئي ماتريون. سنڌ سڳوريءَ جا ماڻهو بہ وڏا محنتي، زالين مڙسين سهڻا، پڙهيا ڳڙهيا، ناد، نگد ۽ ٻيا ويد پراڻ ۽ منتر واريو پيا پڙهن. پوکون پيا پوکين. سرون پيا ڏاهين. نار پيا هلائين. ڏڳي ڳاڏين جا رينگٽ، گهر گهر ڏس تہ چرخو پيو هلي. چريو بہ ڏس تہ ڪانپاٽي ڪنيو جهار پيو هڪلي وهيو وهيو پيو ڪري. جي جنگ ڪن تہ بہ دشمن جي لشڪر مٿان ڪانپاٽين ۾ شيهي جا گولا ڀريو پيا سٽڪا ڪرائين. امن توڙي جنگ ۾ سنڌ ڏس تہ نغارن سان پئي گڙي“.(5)

اڪبر جسڪاڻيءَ جو مشهور ناوليٽ ”ٻتين واري ناني“سپ ڪان پهرين آگم پبلڪيشن ايجنسي، حيدرآباد پاران 1980ع ۾ شايع ڪيو ويو. ”ٻتين واري ناني“ لاءِ پاڻ لکي ٿو تہ اها سندس زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي“. ان ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سندس ناني ڪيڏين تڪليفن سان هن کي نپايو. سڄي ناول ۾ ڏک ئي ڏک آهن.اڪبر جسڪاڻي، هن ڪهاڻيءَ کي نهايت فنڪارانہ نموني ۾ لکندي، منجهس دلچسپي برقرار رکي آهي. ان ڪري ڪهاڻي هڪ ئي دفعي ۾ پوري پڙهڻ کان رهي نہ سگهبو. لڙڪ _ مرڪ ڳاڙهن ڪهاڻيءَ ۾ ڪن همدرد انسانن جي چڱاين جو ذڪر آهي تہ پنهنجن جي مڪارين ۽ دوستن جي دل آزاريندڙ ڳالهين جو بيان آهي. خاص طور تي جڏهن اڪبر واسطي، ناني گهر ۾ رکيل ٿامي جا ٿانوَ وڪڻي ٿي چڏي. اڪبر جو هڪ سنو دوست، انهيءَ ڳالهہ تي اڪبر سان همدردي ڪرڻ بجاءِ، ڪيس مهڻو ڏئي چوي ٿو تہ: ”يار ڪمال آهي، ٿانوَ ٻين کي وڪڻي ڇڏيو، اسان کي ڏيو ها تہ چا ٿيئوَ ها، اسان بہ اوهان کي اوترا ئي پئسا ڏيون ها“.(6)

ان مان اڄڪلهہ جي نڙڪائو دوستن جي ذهنيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هيءَ ڪهاڻي معاشري جي اهڙن فردن کي وائکو ڪري ٿي، جيڪي

فقط دولت کي دين ايمان سمجهن ٿا ۽ وقت تي ڪنهن جي حق ڦٻائڻ لاءِ قرآن شريف کڻڻ ۾ بہ دير ڪونہ ٿا ڪن.

1981ع ۾ ناميارو ليکڪ سيد زوار نقويءَ جو ”رات رني ڪوٺ“ ۾ شايع ٿيو. جيڪو ٻاراڻي ڪردارن تي آڌاريل هو. ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ ٻاراڻو ناوليٽ ”نئون چٽيهہ لکڻو“ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1993ع ۾ شايع ٿيو. هن ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار سدورو، جنهن کي ليکڪ ”چٽيهہ لکڻو“ سڏيو آهي، اهو 18 سالن جو هڪ ٻار آهي. هو انتهائي غريب، سادو ۽ بي وسيلو ڇوڪر آهي. عقل پر اڙٻنگ ضروري آهي، ان ڪري هر آزمائش ۾ بنان سوچ سمجهہ جي ٽپي پوي ٿو. سندس قسمت جو زور آهي يا اٽل ارادو جيڪو هن جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻجي ٿو.

1993ع ۾ ليکڪ ذوالفقار پيتي جو ناول ”خوفناڪ سازش“ شايع ٿيو. هي ناول معاشرتي ۽ جاسوسي موضوع تي آڌاريل آهي. مشهور ليکڪ طارق قريشيءَ جو ناول ”ٻالڪ فورس ۽ ڀوت بنگلو“ سچائي اشاعت گهر، دڙي، ضلعي ٺٽي پاران 1993ع شايع ٿيو. هي ناول ٻارن پاران ڪيل جاسوسي ۽ خوف واري ماحول تي مبني آهي. هن ناول ۾ پائر، پپڻ راجا، جاني، واصف ۽ مينا مڪلي ۽ ٺٽو گهمندي ڪوٽڙي جو سفت ڪندي شڪارپور پهچن ٿا، جتي ميزبان گهر جا ٻار اياز ۽ زويا بہ ساڻن گڏجن ٿا، ائين هڪ ٻالڪ فورس تيار ٿي وڃي ٿو. ڪين هڪ بنگلي ۾ وڃڻ کان روڪيو وڃي ٿو، ڇو تہ اتي ڀوت رهندا آهن. پر هو تجسس ۽ جاسوسيءَ خاطر ان بنگلي ۾ وڃن ٿا، جتي ڪين خبر پوي ٿي تہ اتي جن نہ پر ڌوهاري رهندڙ آهن، جن خوف ڦهلايو تہ اتي جن رهندا آهن. ٻارن وٽ واڪي ٽاڪي بہ آهي، جنهن وسيلي هو هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهن ٿا. آخر ۾ انڪل ايس پي جي مدد سان هو ڌوهارين کي گرفتار ڪرائين ٿا ۽ انعام حاصل ڪن ٿا.

نوشاد جو ناوليٽ ”رولو“ 2002ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ آتم ڪٿائي آهي، جنهن جو هيرو پنهنجي ڪٿا ستن سالن جي ٻاراڻي عمر کان شروع ڪري ٿو. هڪ طرح سان هي ناوليٽ ٻاراڻي نفسيات ( Child Psychology) جي نمائندگي ڪري ٿو. سچو ناول بياني ٽيڪنڪ ۾ لکيو

ويو آهي. ناوليٽ جي ڪهاڻي ليکڪ جي والد جي حادثاتي موت ڪانپوءِ هن جي ذهني ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ هن ناوليٽ ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته ٻار رولو ڪيئن ٿئي ٿو، اهي ڪهڙا احساس آهن. جن ڪري هو اڪيلائي ۽ احساس ڪمتري واري زندگي گذاري ٿو. ناوليٽ جي ٻولي ڳوناٽيءَ شاندار پهاڪن سان ڀريل آهي. مثال طور:

”اسڪول ۾ داخلا ڪانپوءِ اسڪول سان اهڙو ته ذهني ناتو جوڙيم، جهڙو ميهار مينهن سان جوڙيو هو“.

گسائڻ ائين عيب سمجهندو هوس، جيئن ٻهراڙيءَ جي رن زال پيو مڙس ڪرڻ، عيب سمجهندي آهي“. (7)

نوشاد جو پيو ناول ” وارڊ نمبر 13“ سنڌ رائيٽر پبليڪيشن، باڊهه طرفان 2003ع ۾ شايع ٿيو. نوشاد جو هي ناول به ٻالڪپڻ کان يادگيرين ۽ ڊائري جي ورقن تي مبني آهي. هي ناول به آٽو بايوگرافيڪل آهي. هي ناول ليکڪ جي اها زندگي ڇتي ٿو، جڏهن هو سلهه جي مرض ۾ مبتلا ٿي جناح اسپتال جي وارڊ نمبر تيرنهن ۾ داخل ٿئي ٿو. پوري ناول ۾ مختلف مريضن جي نفسيات، مسئلا، اذيتون، ڊاڪٽرءَ نرسن جا ڪم ناول جو موضوع آهن.

مشهور ڪهاڻيڪار اختر جانوريءَ جو ”پنهنجي ڌرتي پنهنجا ساهه“ (2004ع) پڻ اهم ناول آهي. مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ صحافي ممتاز بخاريءَ جو ناول ”جڏهن روپ گم ٿي وئي“ روزانه ڪاوش جي ٻارن جي رسالي ”ٻارن جي دنيا ۾ 2005ع ۾ قسطوار شايع ٿيو. هيءُ هڪ معياري ناول هو، جيڪو سماجڪ موضوع تي آڌاريل هو. خالد آزاد نوجوان شاعر ۽ محقق آهي، خالد آزاد جو ناول ”سچ اپرڻ ڪان پوءِ“ سال 2007ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو ويو. هي ناول، ملڪ جي مختلف حصن مان ٻارن کي اغوا ڪري، ملڪ جي قبائلي علائقن جي خرڪار ڪئمپن ۾ قيد ۽ جبري پورهئي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. يوسف سنڌيءَ جو ناوليٽ ”مريخ جا مسافر“، سندس ڪتاب ”مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون“ ۾ 2013ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. هن ناوليٽ ۾ مريخ جي زمين تي آيل مخلوق جي حملي جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. حملي جو ذڪر هن ريت ٿيل آهي:

سائو ستابو ٻيلو زندگيءَ سان ڀرپور هو. پڪي ڇهڪي ۽ وڻ جي هڪ شاخ کان ٻي شاخ تائين ٽپندا، لاتيون لنوي رهيا هئا. زمين جون هڙئي خوبصورتيون ۽ رنگينيون هن ئي خطي ۾ مڙي آيون هيون. دنيا جي اڪيلي آبادي ”نوئيلانٽس“ هتان کان فقط ڏيڍ ميل پرڀرو، هڪ سرسبز ۽ شاداب ميدان ۾ هئي. باقي سڄي ڌرتي يا تہ ٻيلن سان ڀريل هئي، يا وري ويران ۽ رڻ پٽ جو ڏيک ڏيئي رهي هئي. هڪ هزار سال اڳ ڪارن ۽ ڳورن ۾ هڪ زبردست لڙائي لڳي هئي، جنهن ۾ سڄي ڌرتيءَ جون وسنديون ويرانيءَ ۾ بدلجي ويون ۽ ڪيترائي انسان مارجي ويا ۽ هزارين سالن جي انساني تهذيب ۽ سائنسي ترقي ڌوڙ ۾ ملي ويئي. وڏا وڏا ملڪ ڌرتيءَ جي گولي تان ايئن گم ٿي ويا، ڄڻ سندن وجود ئي نہ هو. جبلن جي ڦرن ۽ زير زمين خندقن ۾ بچي ويندڙ ڪجهہ ڳورن انسانن وري زندگي شروع ڪئي ۽ ”نوئيلانٽس“ شهر جو بنياد رکيو. هاڻي زمين جي سڄي آبادي انهن بچي ويل ڳورن ماڻهن جي نسل تي ٻڌل ۽ رڳو هن ئي شهر تائين محدود هئي. تنهن کان سواءِ ڪجهہ ڪارا سائنسدان بہ اهڙي نموني بچي نڪتا، هو انسانيت جي مڪمل تباهيءَ کان اڳ راڪيٽ ۾ چڙهي مريخ طرف اُڏري ويا، جتي هنن هڪ نئين تهذيب جو بنياد وڌو. پر زمين ۽ مريخ جي رهاڪن کي هڪٻئي بابت ڪابہ خبر نہ هئي.“ (8)

2016ع ۾ عبدالغفار سومرو جو ناول ”جاڳو جاڳو“ سنڌ اضافو هو. نامياري ليکڪ ۽ صحافي انور ابڙي جا ٻارن لاءِ لکيل بہ ناوليٽ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پهريون ”پڳل رانديڪو“ 2008ع ۾ ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي پاران شايع ٿيو. هي ناوليٽ 96 صفحن تي مبني آهي ۽ آٽوبايوگرافيڪل ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ لاءِ ممتاز بخاري لکي ٿو تہ ”ملهار جي روپ ۾ ”پڳل رانديڪو“ وارو ڪردار اصل ۾ انور ابڙو آهي. هي بہ جهڙوڪر ”ٻتين واري ناني“ وانگر بايوگرافيڪل ناول آهي. سندس ضلعي لاڙڪاڻي جو سمورو ماحول پر ويل ابتدائي زندگيءَ جو احوال لڳن ٿا.“ (9)

انور ابڙي جو ٻيو ناول ”ننڍڙو چند“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع شايع ٿيو. ”هن ناول ۾ هڪ پيءُ سرمد پنهنجي پٽ عتيق جي ڄمڻ خوشيون ڪري ٿو ۽ شروع ڏينهن کان ان جي تربيت ڪري ٿو ۽ پنهنجو وقت ان

ڪي ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ سرمد ڪي ڪراچي شهر ۾ رهندي ٽيهه سال ٿيا آهن، پر سندس ٻالپڻ ۽ ننڍپڻ جو سڄو پس منظر عتيق کان مختلف آهي، جيڪو شهر ۾ ڄائو آهي ۽ اتان جي ماحول ۾ ئي وڏو ٿي رهيو آهي. سرمد ان ڪي پنهنجو ڳوٺ ۽ سڄي سنڌ گهمائي ٿو ته جيئن منجهس اهي جزا به شامل ٿين جيڪي منجهس آهن ۽ هو رڳو هڪ شهري بابو بڻجي پنهنجي ڳوٺ، ماڻهن ۽ ڪلچر کان ڪٽجي نه وڃي. ان سڀ جي باوجود عتيق خاص طور تي ٻولي جي حوالي سان ڪجهه اهڙا اثر قبول ڪري ٿو جيڪي سرمد لاءِ اڻ وڻندڙ آهن ۽ هو انهن کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر ڏٺو وڃي ته سرمد پاڻ انهن اثرن کان بچي نه سگهيو آهي. مثال طور هو مختلف جاين اگڻ بدران صحن جو لفظ استعمال ڪري ٿو ۽ ڪڪرن جي بجائي عتيق کي اهو ٻڌائي ٿو ته اهي بادل آهن. مجموعي طور ٻار ۽ پيءُ جي ناتي جي حوالي سان اها انور جي هڪ انوکي ۽ غير روايتي ڪوشش آهي ". (10)

2018ع ۾ شبانا سولنگي جو ٻارن لاءِ لکيل ناوليٽ" ٽارزن شڪارپور ۾ " ڇپيو. شبانا سولنگي ٻارن لاء ڪهاڻيون ۽ ناوليٽ مضمون ان سان گڏ ٻين ٻولين مان ادب ترجمو ڪندي رهي آهي. ٽارزن عالمي ادب جو هڪ اهڙو ڪردار آهي جنهن کان سڄي دنيا واقف آهي ۽ اهو فيئنٽسي ڪردار وڏن توڙي ٻارن لاء دلچسپيء جو سبب بڻيو آهي. هن ۾ ٽارزن ، الطاف درزيءَ کان سواءِ ٻيا سڀ ڪردار ٻار آهن. ٽارزن شڪارپور ۾ پنهنجي جسماني بيهڪ، شڪل ۽ صورت سان عيان ڪيو ويو آهي . شڪارپور جا ٻار هن کي فالودو به کارائن ٿا ته پنهنجا مسئلا به ٻڌائين ٿا. پوليس به ڪيس گرفتار ڪري ٿي ته هو شڪارپور ۾ غير قانوني طريقي سان آيو آهي. مطلب ته ناوليٽ رنگ پريل آهن. هن ناوليٽ ۾ ڪهاڻي جي موضوع مطابق اسڪيچ ڏنا ويا آهن.

عبدالغفار سومري جو ناوليٽ "استاد" 2022ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ استاد جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هن ناوليٽ جا ڪردار استاد ۽ شاگرد آهن. هن ناوليٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هڪ استاد ئي آهي، جيڪو ٻارن جي قسمت بدلي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ دنيا جي ڪجهه ٻين ٻولين جا اهم ٻاراڻي ناولن جا ترجما ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ ناز سنائيءَ، ڪرشن چندر جي مشهور ناول ”دادر پل ڪي بچي“ جو ترجمو ”دادر پل جا ٻار“ جي نالي سان 1987ع ۾ ترجمو ڪيو. ڪرشن چندر ڪي ٻاراڻي ادب جي اهميت جو احساس هو. هن نه فقط ٻارن لاءِ ذڪر جوڳي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيون، پر ڪي ناول به لکيا. ”دادر پل جا ٻار“ جو موضوع ٻار آهي. هن ناول ۾ ڪرشن چندر ڌرم، ڀڳوان، سرڳ، نرڳ، دنيا وغيره تي ڳالهايو آهي. جنهن ۾ ڀڳوان هڪڙي ٻار کي چوي ٿو ته مون کي بمبئي گهماءِ، ۽ پوءِ هو مختلف مرحلن مان گذرن ٿا. ڪرشن چندر ڌرم جي نالي ٿيندڙ نڳي ۽ ويساهه گهاتي کي ٻي باڪيءَ سان چٽيو آهي. ان ناول ۾ ڀڳوان سان جيڪا حالت دادر پل جا ٻار ٿا ڪن، ان کي ته فقط ان دلچسپ ناول ۾ پڙهي ٿو سگهجي.

جئڪ لنڊن جي جڳ مشهور ناول (Call of Wild) جو ترجمو خواجه سليم ”آهه ڏانهن موت“ جي عنوان سان ڪيو آهي. هي ناول بنيادي طور ٻاراڻي، ادب ۾ مقبول ٿيو هو. ڇو جو ان ۾ جهنگلي جانورن کي موضوع بڻايو ويو هو، پر بعد ۾ ان ۾ سمايل فلسفي ان کي سنجيده حلقن ۾ به مشهور ڪري ڇڏيو. ناول ”لڱ جنين جا لوهه“ جو مترجم خرم عباس کوکر آهي. ٻارن جي واڌ لاءِ انهن جو ماحول ۽ انهن جي نفسيات کهڙي ۽ ڪئين هجڻ گهرجي اهو سندس ناول جو وڏو موضوع آهي. مشهور سماج سڌارڪ اديب نصير سارنگ، ايچ جي ويلز جي جڳ مشهور ڪتاب، ”وار آف دي ورلڊس“جو سنڌي ۾ ترجمو”مريخ جو حملو“ سان ڪيو. جيڪو 2003ع ۾ شايع ٿيو. هي سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن تي تمام دلچسپ ناول آهي“.[11]

نامور صحافي ۽ ناول نگار جارج آرويل جي ناول”اينمل فارم“ جو ترجمو حبيب سنائيءَ 2016ع ۾ ڪيو آهي. هن ناول جا سنڌي ۾ ٻين به ترجما ڪيا آهن. هي ناول ٻارن توڙي وڏن ۾ مقبول رهيو آهي. ممتاز بخاريءَ ناروري جي مشهور ناول نگار جوسٽين گارڊر جي ناول Sofies verden جو سنڌي ترجمو ”سوفيءَ جي دنيا“ جي نالي سان ڪيو آهي، جيڪو 2005 ع ۾ شايع ٿيو. هي ٻاراڻو ناول ته نه آهي، پر ان ۾ هڪ 14 ساله سوفي آموڊسين جي

ڪهاڻي تي مبني آهي، جيڪا ناروي ۾ پنهنجي ماءُ ۽ ڀلي سان رهي ٿي. سندس والد هڪ تيل ڪمپني ۾ ڪيپٽن هو، جيڪو اڪثر گهر کان ٻاهر رهندو هو. آنتوان ڊ سينٽ ايگزيو پيري فرانس جي ناول نگار جو لکيل ناوليٽ ”ننڍڙو شهزادو“ (2017ع)، جنهن جوسنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر اسحاق انصاري ڪيوآهي. هن ناوليٽ ۾ ڪوڙ سارا ڪردار آهن جيئن شرابي، ٽن پتين وارو گل، نانگ، جبل ۽ ٻيا ڪوڙ سارا آهن. ناوليٽ جو هيرو جيڪو ننڍڙو شهزادو آهي، جيڪو ڪنهن گره (ايسترائيڊ بي ڇهه سئو ٻارنهن) تان آيو آهي ۽ ان گره تي ننڍڙي شهزادي وٽ هڪ گل ۽ ٽي ٻرندڙ جبل آهن جيڪي سندس ڪُل ملڪيت آهن. هڪ ڏينهن شهزادو ڪجهه اداس ۽ مايوس ٿي پنهنجو گره ڇڏي زندگيءَ جي باري ۾ ڪجهه سوالن جي جوابن جي تلاش ۾ نڪري ٿو، هوُ پنهنجي هئڻ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهي ٿو.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگيءَ جو روسي ٻوليءَ مان ترجمو ڪيل ”ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب وغريب مهم“ (2019ع) ٻارن لاءِ هڪ فئنٽيسي ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ هڪ ڇوڪرو ڪارڪ ۽ سندس ڀيڻ واليا مرڪزي ڪردار ۾ آهن ۽ سندن بزرگ دوست ناليوارو سائنسدان پروفيسر يانوتوف به آهي. هڪ ڏينهن ڪارڪ ۽ واليا ان سان ملڻ لاءِ سندس گهر ويا، پر هو گهر ۾ موجود نه هو. ٻارن سندس ليبارٽري ۾ سامهون الماريءَ جي مٿان رکيل هيڊي رنگ وارو شربت نظر آيو ڪارڪ اهو ڪٽي پيئڻ لڳو. ان ڪي شربت جو ذائقو مزيدار لڳو ۽ اڌ گلاس پنهنجي ڀيڻ واليا کي ڏنو. ٿوري دير ۾ اهي ايترا ننڍا ٿي ويا جو انهن کي خوردبينيءَ کانسواءِ ڏسڻ مشڪل هو! انهن ٻنهي صلاح ڪيئي ته پنيوري جا پر پٽي ان تي ويهي رهون ٿا ۽ خوردبينيءَ جي ويجهو رکون ٿا ته جيئن پروفيسر پاڻ کي ڏسي وٺندو ۽ پاڻ ٻنهي کي وري وڏو ڪندو؛ پوءِ ته پنيوري تي چڙهي ويٺا. پنيوري دريءَ کان ٻاهر اڏامندي شهر کان پري وڃي نڪتي. ان وقت پوپٽ پنيوري تي حملو ڪيو. ان ڪري ڪارڪ ۽ واليا ان جي پٺيَ تان هڪ تلاءَ ۾ ڪري پيا ۽ اهي منگهڻ انهن تي حملي جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته انهن پاڻيَ ۾ ٽٻي هڻي هڪ غار ۾ اچي نڪتا اتي پاڻيَ جو ڪوريئڙو پٿر جي اوٽ لڪي ويٺو هو اهو به انهن کي کائڻ لاءِ وڌڻ لڳو ته هڪ ٻيو ڪوريئڙو به پٿر جي ڏار مان نڪري آيو

۽ ٻئي ڪوريئڙا پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا ته ڪارڪ ۽ واليا وجه وٺي پاڻي مان ٻاهر نڪري آيا اتي پروفيسر سان انهن جي ملاقات ٿي بهرحال وڏين مشڪلاتن ڪانپوءِ اهي ٻار پروفيسر جي مدد سان وري ساڳي صورت ۾ آيا ۽ پنهنجي گهر واپس پهتا . هي ۽ هڪ مزيدار ناوليٽ آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ سولنگي جو ناوليٽ " ننڍڙي سائي ريل"2019ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور طرفان شايع ٿيو. هي دراصل انگلنڊ جي ليکڪا اينڊ ميري بلائيٽن جي لکيل ناوليٽ جو ترجمو آهي . هن ناوليٽ جو مرڪزي ڪردار ننڍڙو ٻار آئزڪ آهي، جيڪو پنهنجي روزاني ملندڙ خرچي مان ڪجهه پيئسا بچائي رکندو وڃي ٿو ۽ ان کي مسز بان جي رانديڪن جي دڪان تان ننڍڙي سائي ريل وٺڻي هئي ۽ هو روزانو اسڪول وڃڻ مهل ان ريل کي پيار ۽ پاٻوهه مان ڏسندو هو ۽ جڏهن هن وٽ 50 روپيا جمع ٿي ويا ته اهو مسز بان جي دڪان تي ويو ۽ ان سائي ريل خريد ڪرڻ جو اصرار ڪيو، جنهن تي مسز بان ان کي چيو ته 50 روپيا ٿورا آهن اجان ڪجهه ٻيا پيئسا گڏ ڪر! ننڍڙو آئزڪ اهو ٻڌي اداس ٿي ويو ۽ دڪان تي ويٺل پوري ٻلي کي پنهنجي مالڪياڻي جي ڳالهه نه وڻي ۽ رات جي وقت دڪان ۾ ان سائي ريل کي دريءَ مان هيٺ ڪيرايو جنهن جا پويان ڦيٿا ٽٽي پيا _ مسز بان کي گهڻي حيرت ٿي ته اڄ ٻليءَ زيان ڪيو آهي ! پر ٺيڪ آهي ان ڪوئن کي پڇايو هوندو. ان ڏينهن مسز بان جي ننڍڙي آئزڪ تي نظر پيئي ته ان کي سڏ ڪري اهائي سائي ريل 50 روپين ۾ ڏنائين ۽ ته پوءِ آئزڪ به ڏاڍو خوش ٿيو!

اهڙي طرح هند ۽ سنڌ ۾ ڪي ٻيا ناﻻ وٺي سگهجن ٿا، جن ٻارن لاءِ ناول لکيا آهن. يا مختلف ناولن ۾ ٻارن جي ڪردار کي مرڪزي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي: "سنڌي ٻال ساهتيه"، ، مارچ 2005ع، ص 149، 150
2. محمد بخش"جوهر" : "اڏامندڙ ٿالهيون" ، باغبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1957ع، ص 1
3. م. ص. علي: "ويران حويلي"، ماهوار گل ڦل، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، اپريل 1993ع

4. شمس الدين عرساڻي: ”لاکو ڦلاڻي“ ، ڪتابي دنيا، حيدرآباد، 1986 ع، ص 4
5. علي بابا: ”سنڌ باد جو سفر“، (پيوچاپو)، سنڌ آرڪائيوز، حڪومت سنڌ، 2017 ع، ص 15
6. اڪبر جسڪاڻي: ”بتين واري ناني“ آگم پبلڪيشن ايجنسي، حيدرآباد 1980 ع، ص 12
7. نوشاد: ”رولو“ ، سنڌ رائيٽر پبليڪيشن، باڊهه، 2002 ع، ص 11
8. يوسف سنڌي: ”مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ ، 2013 ع، ص 1
9. ممتاز بخاري: ”سنڌي ناول جو سفر“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2020 ع، ص 153
10. رئوف نظاماڻي: ”ڳالهيون ڪتابن سنديون“، سنڌ سلامت ڪتاب گهر (آن لائين)، 2021 ع
11. مختيار احمد ملاح: ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“ ، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2012 ع، ص183

## آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناول جا موضوع ۽ لاڙا

سنڌ ۾ هن وقت تائين لکيل اڪثريتي ناول موضوعاتي اعتبار کان ٽلهي ليکي ٽن قسمن جا آهن: هڪڙا نيم تاريخي يا تاريخيت کي موضوع بڻائي لکيل ناول، جن ۾ ڪنهن مخصوص دور کي کڻي، تهذيبي سفر، تاريخي ارتقا، سياسي حالتن يا ويڙهه کي موضوع بڻايو ويو آهي ۽ اهڙا اڪثر ناول ڪنهن گذريل زماني يا دؤر سان واسطو رکن ٿا. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو ته ”ورهاڱي کان اڳ ناولن جو موضوع ۽ مواد گهڻو آزادي جي رجحان تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ انگريزن جي حڪومت جي ظلم ۽ نا انصافي جي خلاف نفرت جي اپٽار ٿيل آهي. هن دور جي ناولن جو موضوع بلڪل سادو سودو ۽ عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿي نه آهي. ڪهاڻيون عام ماڻهو جي عام مسئلن تي ٻڌل آهن، جيئن غريبن تي ظلم، شاهوڪار ۽ زميندارن جا ظلم، ريتن رسمن تي نڪته چيني ۽ وقتي حالتون وغيره. هن دور جي ناولن ۾ نه رڳو ڳوڙها خيال ۽ مسئلا پيش ٿيل نه آهن پر اعليٰ ويچار به ظاهر نه ٿا ٿين. جنهن ڪري پڙهندڙن جي توجهه نه ٿي ڇڪجي. هن دور ۾ سياسي شعور بلڪل اوج تي پهتل هو تنهن هوندي به ناول ۾ انهيءَ موضوع کي ڪا به اهميت نه ملي سگهي. فني لحاظ کان به هن دور جي ڪنهن به ناول کي شاهڪار نه ٿو سڏي سگهجي، نڪي انهن ۾ ڪا اهڙي خاصيت نظر اچي ٿي جيڪا ڪنهن ناول کي مثالي ثابت ڪري سگهي.“ (1) اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌي ادب ۾ ڪي ناول واقعي معياري ۽ ترقي پسند ۽ تاريخي حيثيت رکن ٿا، جن ۾ آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ هر قسم جا ناول جهڙوڪ رومانوي، نفسياتي، ڊرامائي، تاريخي، عصري، اسراري ۽ ترقي پسند لکيا ويا آهن. طبعزاد ناولن کان سواءِ ڪيترائي يورپي ملڪن جا شاهڪار ناول سنڌي ۾ ترجمو به ڪيا ويا آهن.

يورپي ادب تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته ان جي ترقيءَ جو دارومدار هميشه ادبي تحريڪن ۽ نون لاڙن جي جنم وٺڻ جي ڪري ٿيو آهي. مثال طور

انگريزي ادب ۾ ”رومانيت“ ۽ ”ڪلاسيڪيت“ جون تحريڪون هميشہ غالب رهيون آهن ۽ ان کان علاوه جديد ادبي لاڙن جو بہ وقت بہ وقت اثر رهندو آيو آهي. سنڌ جون سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ علمي ادبي حالتون هميشہ بگڙيل رهيون آهن، اهڙين حالتن کي هميشہ شاعرن، اديبن ۽ عالمن منهن ڏنو آهي. اهڙن صورتحال ۾ ڪيترن ئي تحريڪن جنم ورتو آهي. ٻئي طرف خاص طور تي انگريز دور کان وٺي ڪيترن ئي يورپي ادبي لاڙن جو سنڌي ادب اثر قبول ڪيو آهي.

سنڌي ادب ۾ قومپرستي، وطن جي محبت، ريتون رسمون، معاشرتي حالتون، ماحول تي نڪتہ چيني وغيره اهم لاڙا آهن. نوان نوان موضوع ۽ مسئلا ظاهر ٿيا، جن ۾ حالتن ادب جي ترقي جي ضرورتن کي پسمنظر ۾ آندو. جنهن ڪري هنن ۾ ماديت جو اثر بہ ظاهر ٿيو. انهيءَ ڪانسواءِ هنن پنهنجي معاشري اندر، اخلاقي بد حالي جون تصويرون پيش ڪيون ۽ قوم جي غيرت کي للڪاريو. ڪين انسان بنائڻ لاءِ صحيح اخلاقي ۽ مڪمل اصلاح ڏني. ناول نگارن اخلاقي ۽ اصلاحي موضوعن کي پنهنجي تخيل ۽ تصور جي مدد سان اهڙي تہ خوبصورت تصوير ٺاٿي پئي. انهيءَ حقيقت کي پيش ڪندي ناول نگارن احساسن ۽ جذبن جو ڪهاڻين تي اهڙو رنگ چاڙهيو جو پڙهندڙ پڙهڻ وقت ڪردارن ۾ پاڻ کي شامل سمجهندو هو. هن دور جي ناولن ۾ سياسي اقتصادي، مذهبي ۽ معاشرتي حالتن کي تمام خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هتي اسان موضوع وار انهن ناولن جو مختصر جائزو وٺنداسين:

**سماجڪ ناول**

معاشرتي ، سماجي سائنس ۾ معاشري يا سماج جي باري ۾ مختلف نظريا، سماجي براين جا سبب ۽ سڌارا ، معاشري ۾ گروهہ بندي، اجتماعيت، وغيره کي سماجيات جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو. سماجيات ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. درحقيقت ادب جو محور ئي سماج هوندو آهي. سماجي ناول مان اسان جي مراد اهو ناول هوندو آهي، جنهن ۾ معاشرتي مسئلن، گهريلو ماحول، دنيا داري، پنگتي مسئلن وغيره جي عڪاسي يا نشاندهي هجي. آزاديءَ کان پوءِ جڏهن، سنڌي ناول جي ٻيهر ارتقا ٿي، تڏهن هلڪن ڦلڪن سماجي

مسئلن کي ناول جو موضوع بڻايو ويو، جنهن ۾ عشقيہ مسئلا بہ شامل هوندا هئا. ان قسم جا ناول اڳتي هلي سماجي حقيقت نگاريءَ جي راهہ حموار ڪرڻ لڳا.

ڊاڪٽر پروفيسر قاضي خادم لکي ٿو تہ ”هيرالڊرابنس، البرٽوموراويا، ولاديميرنيوبڪاف، جان پال سارتر، فرانسوزساگان، البرٽ ڪامئو، اي. ايم فارسٽر، ورجينا وولف، اليڪس هيلي، جيڪولن سوزن، گريس ميٽيليس، مارگريٽ مچيل، قرۃ العين حيدر، آسانند مامتوراءِ، نارائڻ داس ڀمڀاڻي، قاضي فيض محمد، آغا سليم، سراج، محمد عثمان ڏيپلائي ، راقم الحروف، نجم عباسي، غلام نبي مغل، طارق عالم، سندري اتم چنداڻي، علي بابا، زيب سنڌي ۽ ٻيا ڪئي ناول نگار اهڙن موضوعن تي قلم آزمائي چڪا آهن. هنن جي ناول ۾ تاريخ، حالات ۽ واقعات کي انساني سوچ ۽ عمل جي پس منظر طور ڏيکاريو ويو آهي. هنن زندگي جي ارتقا جي تاريخي عمل کي مختلف رخن کان ڏسي پيش ڪيو آهي. هنن جي ناولن ۾ جديد دورجي انسان جي اندروني محاذ آرائي کي وڏيڪ اهميت ڏني وئي آهي. هاڻ هيرو ۽ ولن وارو اهو تصور ئي ختم ٿي ويو آهي، جيڪو اوائلي دور ۾ پيش ڪيو ويندو هو. هاڻ هڪ انسان مختلف حالتن ۾ جيڪو رد عمل ڏيکاري ٿو، تنهن کي ئي بنياد بنايو ويو آهي. حالتون واقعات ۽ ڪيفيتون انسان کي جدا جدا طرز عمل اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿيون. ڪيئن هڪ چڱو ماڻهو مشڪل وقت ۾ خراب بڻجيو وڃي ۽ ڪيئن هڪ خراب شخص وقت اچڻ تي چڱو بڻجيو وڃي. ائين ڪٿي چئجي تہ انسان پنهنجي مٿان حالتن جي ڪري جيڪو چڱو يا برو لبادو ڍڪي ٿو هلي، اهو ڪنهن آزمائش جي وقت ۾ ڪيئن نہ لاهي ٿو ڦٽو ڪري اهو موضوع آهي اڄ جي ناول نگارجو.“ (1)

1952ع ۾ انجم هالائي جو ناول ”ڪاروان زندگي“ ۾ شعاري ۽ محنت وغيره تي ٻڌل آهي. مشهور اديب علي آزاد بہ ڪيترائي ننڍا وڏا ناول لکيا، جن ۾ ”شيش محل“، ”شامت اعمال“، ”نئنڊ جو سٽڪو“، ”مظلوم شهزاديون“، ”نجات الفت“ وغيره قابل ذڪر آهن. الله بخش ٽالپر جا پڻ ڪجهہ ناول شايع ٿيا جن ۾

”پرديسي جو پيار“ ۽ ”مالهڻ“ اهم آهن. ”پرديسي جو پيار“ هڪ اصلاحي ناول آهي، جنهن ۾ روزانہ زندگي جا نقشا چٽيا ويا آهن.
غلام علي کوکر (1924_2014ع) جو تعلق سکر سان آهي. پيشي جي لحاظ کان جج هو. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”نئون افق“ 1955ع ۾ شايع ٿيو. ان کان اڳ سندس ناول ”نادره“ پڻ شايع ٿيو هو، جنهن ۾ سماجي مسئلن تي بحث ڪيو ويو آهي.عبداللطيف راز بلڙائيجا ڪيترائي ناول پڻ شايع ٿيا جن ۾ ”گناھ“(1953ع)، ”گلبدن“، ”بک ۽ بيروزگاري“ ۽ ”شرابي“ اهم آهن. هن جا ناول سماجي ۽ معاشي مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿا. سيد حافظ شاھ ناطق حسيني پڻ ڪيترائي معاشرتي ۽ رومانوي ناول لکيا جن ۾ ”عورت“، ”ڏوهي ڪير“ (1959ع)، ”چلولي“ (1961ع)، ”وڇڙيلن جو ميلو“ (1964ع) اهم آهن. منصور ويراڳي جا پڻ ننڍا وڏا ناول منظر تي آيا جن ۾ ”شام و سحر“ (1965ع)، ”سوري جنين سيج“(1965ع)، ”رت جا ڳوڙها“(1971ع) خاص ناول آهن. منصور ويراڳي ون يونٽ واري دور ۾ قومي تحريڪ جو مڪمل اثر قبول ڪيو.
محمد شفيع انور ”هالائي“(1925_1995ع) بنيادي طور شاعر هو سندس شاعريءَ جو مجموعو” چنڊ جون ڪلائون “سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل آهي. هڪ ناول ”آواره“ (1955ع) پڻ شايع ٿيل اٿس.”آواره“ ٻن دوستن منصور ۽ يونس جي زندگين ۽ سوچن تي مشتمل آهي. هي ناول رومانوي فضائن سان پڻ ڀرپور آهي. يونس ڪاٺو پيئو خوش رهو جو قائل آهي، جڏهن تہ منصور زندگي جي آدرشي رنگ کي اهميت ڏئي ٿو. شاهده هن لاءِ ملڪيت ڇڏي ٿي وڃي ۽ جڏهن تہ هو عذرا سان باقي زندگي آرام ۽ بي فڪري سان گذاري ٿو. ناول ۾ جيتوڻيڪ داستان وارو رنگ بہ سمايل آهي ۽ پر سجو ناول جي انداز ۾ لکيل آهي. محمد طيب ”نصر پوري“ڪجھ ننڍا ناول بہ لکيا جن ۾ ”گردش افلاڪ“ ( 1960ع) ”پيار جي شادي“ (1960ع)، ”محبت ۽ فرض“ (1954ع) ۽ ”فانينا“ اهم آهن.لاڙ جو ادبي ۽ ثقافتي ذڪر محمد سومار شيخ (1935_1986ع) جي ذڪر کان سواءِ اڌورو هوندو آهي. سندس جنم ڳوٺ قرهيو پانداري ضلعي بدين ۾ ٿيو. هو بنيادي طور تي محقق هو پر افسانوي ادب ۾ بہ حصو ورتائين. سندس

ناولن ۾ ” آڌي رات“ (1958ع) ۽ ”عبراني“ (1973ع) شامل آهن. سومار شيخ جو هي ناوليٽ”آڌي رات“ 1985ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو اڄڪلهه اڻ لڀ آهي. هي ناوليٽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو، جنهن ۾ لاڙ واري سنڌ جي ريتن، رسمن جي آڌار تي هڪ رومانوي قصو ڳاهيو ويو آهي. سندس ناول عبراني لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين طرفان 1973ع ۾ شايع ٿيو. ناول جي باري ۾ خود ليکڪ لکيو آهي ته ”يهودين جي ڪنهن به ڪارڪردگي سان آءُ اتفاق نٿو رکان، سواءِ هن جي، جو هنن ”عبراني“ مرده ٻولي معجزانه طور زنده ڪئي. يهودين جو اهو عظيم ڪارنامو آهي. انهيءَ ڪارنامي متعلق مون هي ناول لکيو آهي اميد ته ٻوليءَ جا پانڌيئڙا هي ”ناول“ پڙهي دلي سرهاڻ ۽ سگهنڊ محسوس ڪندا“. (2)
شعبان بخت پڻ ناول لکيا. جن ۾”ور وطن چائي“ (1961ع)،”اڪٽريون اوجاڳيون“ (1965ع) ۽”جميلا“ اهم آهن. سندس سيئي ناول سياسي، سماجي ۽ معاشي ۽ رومانوي پهلوئن کي ڇڻن ٿا. قاضي عبدالڪريم جو ناول ”نوران“ طبعزاد آهي، جيڪو ادرله ”آواز ادب“، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي ناول اسلامي نظريه ۽ اخلاقي قدرن کي سامهون رکي لکيو ويو آهي، رشوت ۽ بيجا ڪمائي جي خلاف. هن ناول ۾ دليل ۽ ڪردار ڏنا ويا آهن. رشوت خور کي اهڙو ته خوار ۽ رسوا ڏيکاريو ويو جو پڙهندڙ توجهه ڪري. محمد علي پيٽي جو ناول”سورج شاخون ڪديون“ هڪ اخلاقي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول ۾ مايوسين کان پوءِ اميدون ۽آسون ڏيکاريون ويون آهن. سورج شاخون ڪديون“ محمد علي پيٽي جو لکيل آهي ۽ هيءَ ناول ”ادرله آواز ادب“ پاران شايع ٿيو. هي هڪ اخلاقي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول تي ان دور جي وزيرن کان تعريفي تاثرات به لکرايا ويا.
شوق سنڌيءَ 1961ع ۾ ”اديون ڏيوم صلاح“ هڪ اصلاحي ۽ نفسياتي ناول ادرله آواز ادب پاران شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڏي وٽ جي رسم، پيٽ لکي ڏيڻ، پنهنجي نياڻين کي خاندان کان ٻاهر شادي نه ڪرائڻ ڪري ويهاري ڇڏڻ، نياڻين کي پئسن جي عيوض شادي ڪرائڻ، پوڙهڻ سان زوري شادي ڪرائڻ وغيره جهڙا موضوع آهن. هن ناول جو موضوع ”نياڻين جي شادي“ آهي. هڪ هنڌ ناول نگار لکي ٿو ته: ”وڏيرو سٺ سالن جو اچي ٿيندو،ايئن پنهنجي نياڻي جوان جماڻ ڏيءَ هن پوڙهي کي ڪيئن ڏينداسين“. (3)

عبدالحق عالماڻي (1941 _ 1974 ع) جو شمار نالي وارن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هن جو ”ڪارو ڪارونيار“ ڀهراڙي جي ماحول ۽ مقامي رنگ ۾ بهترين ناول آهي. ناول ۾ هڪ هنڌ ترقي پسندي جي ڳالهہ ڪندي لکي ٿو تہ: ”خلائن ۾ نهاريندي هن سوچيو هو تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو، جڏهن هن سر زمين جا پيڙهيل ۽ نپوڙيل انسان، جلهہ ڪري هن ڌرتيءَ جي پاتال ۾ پيل نيئر ٿوڙي نڪرندا، تڏهن هڪ پيرو وري انسان مٿان ڏاڍ ۽ ظلم وارو هٿ الرڪندو، پوءِ هن ڌرتيءَ جا لڳ ڏڏندا، مائرون پنهنجي ٻچڙن جو دان ڏينديون، هي ڌرتي صدين کان اجايل آهي“.(4)

**تاريخي ناول**

آزادي کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ تمام گهڻا تاريخي ناول شايع ٿيا، پر اهي مذهبي تڪرار تي مبني وڌيڪ هئا. پر آزاديءُ کان پوءِ گهڻا ناول سنڌ جي تاريخ تي لکجڻ لڳا، ۽ سنڌي ادب ۾ ناولن جي هڪ تحريڪ بنجي پيا ۽ پڙهندڙ ۾ مشهور بہ ٿيا آهن. تاريخي ناولن جي مناسبت سان سراج ميمڻ 1994ع ڌاري ماهوار ”سنڌ سجاڳ“ ۾ انٽرويو ڏيندي چيو هو تہ ”اهي . . . Larger than Life يعني زندگي جي ڪنهن هڪ رخ جي ڳڻ_ڳوت کان ڊگهيرا هوندا آهن ٻين لفظن ۾ خود ناول جو ڪئنواس پنهنجي تاريخي تناظر جي حوالي سان محسوس ٿيندڙ ۽ نظر ايندڙ زندگيءَ جو شيشائون عڪس يا مائڪرو اسڪوپڪ ويو Microscopic View تي پوندو آهي. اهو انهي ڪري سياويڪ هوندو آهي جو پڙهندڙ آڏو جڏهن هڪ بيان ڪي منظر ذريعي لاڳاپيل تصوير ذريعي بيان ڪبو تہ هن تصور ۽ سمجهہ جي خاني ۾ ان جي بيان جي اصل حقيقت چٽي ٿي نہ سگهندي، جيئن ”ڪولمبو“ ناول آهي. ان ۾ صرف سريلنڪا جي سياسي حالتن ڪي ڪردارن ۽ مڪالمن جي پيٽ ۾ وڌيڪ اهميت ڏني آهي“.(5)

آزاديءَ کان پوءِ پوءِ سڀ کان گهڻا ناول محمد عثمان ڏيپلائي لکيا آهن. هو هڪ اهڙو ناول نگار هو، جنهن تاريخي، اسلامي، مسلمان سورهين کان علاوه وقتي مسئلن، سماجي برائين ۽ انقلابي موضوعن تي اصلوڪا ناول لکيا. هن صاحب هڪ طرف پير پرستي خلاف تہ ٻئي طرف دنيا جي تاريخ مان موضوع ورتا. اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪيترائي ناول ضبط بہ ٿيا. آزاديءَ کانپوءِ هن جي

لکيل تاريزي ناولن ۾ ”روم جي راڻي عرف شڪست حسن“، ”هر شربا نازنين“، ”ڪارا ڪافر“، ”نازنين يورپ“ (ٻي صليبي جنگ)، ”شاهه امان الله“، ”فتح فلسطين“، ”نيل ڪنوار عرف فتح مصر“، ”غازي صلاح الدين“، ”فتح اسپين عرف عصمت جي قيمت“، ”ڪاشيءَ جا پاپڙ“، ”ڪنيز اسلام“، ”ٽيپو سلطان“، ”حيدر علي“، ”ايراني شهزادي“، ”شير شاهه ۽ همايون“، ”شوڪت اسلام“ (ٻه حصا)، ”عروج اسلام“ (ٻه حصا)، ”جلوه اسلام“، ”فتح اسلام“، ”گمراهه مسلمان عرف هندو، مسلم اتحاد“، ”فتح ايران“، ”سومنات جي سندري عرف گجڻي جي دانهن“، ”غازي محمود غزنوي“، ”غازي اورنگزيب“، ”گلستان حسن عرف ڪوهه ڪاف جي پري“، ”هوشربا شهزادي“، ”سنگدل شهزادي“، ”نازنين سمرنا“، ”حور بغداد“، ”آفريڪا جي شهزادي“، ”شيوا جي شيش محل“، ”چين جو چنڊ“، ”قسطنطنيه جي شهزادي“، ”جنگ ترڪ و جرمن“، ”فتح المقدس“، ”انقلاب سنڌ عرب فتح پاڪستان“، ”احمد شاهه ابدالي“، ”افضل شهيد“، ”مينا بازار“، ”ڏاهري رنگ محل“، ”سبڪتين ۽ جئہ پال“، ”فتح ير موڪ“، ”بلبل ايران“، ”هندستان کان پاڪستان“ (ترجمو)، ”1957ع جي آزادي جي جنگ“ (1957ع)، ”شير ايران“، ”غازي مصطفيٰ ڪمال“، ”جپاني گڏي“ (ترجمو)، ”غازي انور پاشا“، ”ڪنول ڪلي“، ”سانگهڙ“، ”سمر قند جا صوف“ (چار حصا)، ”سسي نيزي پاند“ (ترجمو)، ”ڪوريا جي ڪنوار“، ”مجاهد اسلام“، ”انقلاب ايران“، ”ريف جو مجاهد“، ”سوڊان جي سونهن“، ”زلف چين“، ”مصري جاسوس“، ”چوڏهين صدي جا چار درويش“ ۽ ڪجهه ٻيا ناول پڻ شامل آهن.هنن ناولن ۾ سندس”سانگهڙ“ انگريزن جي دور ۾ هليل ”حر تحريڪ“ جي پسمنظر ۾ آهي. هن ناول ذريعي ڏيپلائي صاحب سنڌ جي هڪ عظيم سپوت ۽ مجاهد پير صبغت الله شاهه راشدي عرف پير پاڳاري جي هيرو واري ڪردار کي نہ رڳو اپاريو آهي پر ”حر تحريڪ“ جي اهميت ۽ هر ڪردار کي بيمثال نموني بہ پيش ڪيو آهي.

سراج جو ناول ”پڙاڏو سوئي سڏ“ ترخانن جي سنڌ ۾ ٿيل ظلم ۽ سنڌي جوڌن جي ويڙهه تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ سنڌ ۾ ترخانن جي دور جي ظلمن ۽ سنڌ جي جوڌن جي بهادري کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ناول جي پسمنظر ۾ اسان ڏسي سگهون ٿا تہ سموري سنڌ ۾ هڪ طرف ظلم، زبردستي ۽ ڏاڍ مڙسي عروج تي

آهي ته ٻئي طرف حاڪمن جي فوج جا گهوڙا نئي ڪان سکر تائين ۽ شڪارپور ڪان ٿرپارڪر جي وارياسين پٽن تائين سڄاڳ سنڌين ڪي پنهنجن مضبوط ۽ ڳرن سنبن هيٺ لتاڙيندا ۽ چيپاڻيندا رهيا. سندس ٻيو ناول ”مرڻ مون سين آءُ“ ۾ سنڌين ۽ مغلن جي معرڪن جو ذڪر آهي. آغا سليم جو ناول ”همه اوست“ جهوڪ شريف واري جنگ جي پسمنظر ۾ آهي. اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ سنڌ جي مختلف دورن مان سچائي جي سفر جو لازوال داستان آهي. هن ناول ۾ سنڌي ثقافت ۽ تهذيب موهن جي دڙي کان وٺي پاڪستان جي قيام تائين سفر ڪري ٿي. هن ناول جا مرڪزي ڪردار سارنگ، سنڌو ۽ ماڻڪ تاريخ جي هر دور ۾ فڪر ۽ جذباتي احساسن سان نمودار ٿين ٿا. چند اقتباس مثال طور پيش ڪجن ٿا:

”شهر جي مٿاهين حصي ۾ ٻه محلات هئا. هڪڙي ۾ وڏو پوڄاري ۽ ٻئي ۾ وڏي پوڄارڻ رهندا هئا. ٻنهي محلاتن جي چوڌاري ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل هيون جن ۾ پوڄاري ۽ پوڄارڻيون رهنديون هيون. هر سال جڏهين پورهيتن جو پگهر سونا سنگ بڻجي هوا ۾ جهولندو هو تڏهن لاباري ڪان اڳ هڪڙي چانڊوڪي رات جو جشن ملهايو ويندو هو. شهر ۽ ٻنين جي وچ ۾، درياه جي ڪنٺي تي سيئي ماڻهو اچي مڙندا هئا. سڀ گڏجي مڌ پيئندا هئا. ڍهل ۽ ڪرتال وڄائي ناچ ڪيچ ڪندا هئا. سانگ رچائيندا هئا ۽ اُن طاقت اڳيان متو ٽيڪيندا هئا جيڪا هِتي هُتي، هر هنڌ هئي پر تڏهن به نظر نٿي آئي. جنهن جا هزارين روپ هئا، پر پاڻ بي روپ هئي، هزارين رنگ هئا، پر پاڻ بي رنگ هئي، هزارين نانءُ هئا، پر پاڻ بي نانءُ هئي، جيڪا ڌرتيءَ جي سيني مان سونا سنگ ۽ عورت جي ڪک مان چنڊ بڻجي اُسرندي هئي. ان رات شهر جون سڀ سونهاريون، سوڀياريون ڪنواريون ساٺ سينگار ڪري مهاپوڄاري جي اڳيان نچنديون هيون ۽ مهاپوڄاري شهر جي ڪنوارين مان سڀ ڪان سونهاري ۽ سوڀياري ڪنواريءَ جي مٿي تي زرخيزي جي ديويءَ جو تاج رکندو هو ۽ ان رات ڪان پوءِ اها ڪنواري مٽن مائٽن سان ناتا ٽوڙي، سيئي لاڳاپا لاهي، زرخيزي جي ديوي ۽ مهاپوڄارڻ بڻجي محل ۾ اچي رهندي هئي ۽ ان ڪان اڳ واري مها پوڄارڻ داسي بڻجي محل ڪان ٻاهر وارين ڪوٺين ۾ رهڻ لڳندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مهاپوڄاري زرخيزيءَ جي نئين ديوي چونڊڻ جي بدران گذريل سال چونڊيل مها پوڄارڻ جي

مٿي تي ئي ديويءَ جو تاج رکندو هو ۽ هوءَ هڪ سال لاءِ وري مها پوڄارڻ بنجي راڄ ڪندي هئي ".(6)

علي بابا جي ناول "موهن جو دڙو" ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب ڪي جياريو ويو آهي. مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار غلام نبي مغل جو پهريون ناول "اوڙاهه" ۾ گذريل ساڍن چار سؤ سالن ۾ جيڪي سنڌ تي ڏاڍ ۽ جبر ٿيا آهن. ناول ۾ ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ وچين ڪلاس ۽ ان سان گڏ ڪمين ڪاسبين کي جنهن خوني عمل سان شهرن مان تڙي يا ماري ڪڍيو ويو، ۽ سنڌ کي سياسي، اقتصادي ۽ تهذيبي طرح پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ورهاڱي (1947ع) جي لڏپلاڻ، ون يونٽ واري زماني ۾ سنڌ ۾ ٻاهرين جي آبادڪاريءَ سان گڏوگڏ سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو موجوده وچولي طبقي جي اڀرڻ يا ان جي جدوجهد جو ذڪر ڏنل آهي. ناول "اوڙاهه" ان سموري تاريخي جاکوڙ بابت آهي.

شيخ عبدالرزاق "راز"شاعر، ناول نگار، افسانه نگار، محقق، نقاد ۽ پبلشر هو. ورهاڱي کان پوءِ هو افسانوي ادب ۾ ترقي پسند ليکڪن ۾ ليکيو وڃي ٿو. سندس "ڊاڪ بنگلو" (ڪهاڻيون: 1954ع)، "مسافر"، (ناول) ۽ "سانگي کي ساريام " (يادگيريون) اهم ڪتاب آهن. سندس ناول "مسافر" سنڌ جي پنج هزار سالن جي تاريخي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي تاريخ جا مختلف واقعا ۽ ثقافتي اهڃاڻ غير جانبدارانه انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. هي ناول اڳ ۾ "نئون آدمي" جي نالي سان شايع ٿيو هو. هن ناول جا ڪردار، ان دور جي ثقافت ۽ مزاج موجب، حق ۽ سچ جا علمبردار هئڻ سان گڏ، حقيقت پسند، روشن خيال، معاشري جي غلط ريتن رسمن، اخلاقي گمراهيءَ کان آجا هئا. هن ناول جو مرڪزي ڪردار "ساجن" آهي، جيڪو هڪ علامتي ڪردار آهي. هن ڪردار بابت ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي لکي ٿو ته: "ساجن امر آهي ۽ هر دور ۾ هلندو، مسافر وانگر، سنڌ جو سير سفر ڪندو ۽ ساڳئي مثبت انداز ۾ سوچيندو نظر اچي ٿو. هي هڪ علامتي ڪردار آهي.ناول نگار جو نقطه نظر هي آهي. ته هر دور ۾ ساجن جي وصفن ۽ خصوصيتن وارو ڪردار ضرور موجود رهيو آهي، جيڪو ان زماني جو لوڪن وانگر نمودار نه ٿو رهي، پر انهن جي ابتڙ اوپارو

هلي ٿو. گمراهہ معاشري، غلط ريتين رسمن، انسان دشمن حالتن ۽ مشرڪانہ عقيدن تي سندس دل تڙپي اٿي ٿي. هر دور ۾ هو اصلاح جو خواهان رهي ٿو ۽ انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيندو نظر اچي ٿو. جيڪي صحيح سوچ رکن ٿا. جي هيڪڙائي جو پرچار ڪن ٿا ۽ ظالمن پرمارن ۽ ڏرمي دڪاندارن سان جنگ جوٽيندا رهن ٿا يعني فطرت جي قانون پٽاندڙ هي ڪردار تخليق ڪيو ويو آهي".(7)

احمد علي چانڊيو (14 جولاءِ 1952ع) جو جنم ڳوٺ چاچڙي، تعلقو ميرو خان ضلعو شهداد ڪوٽ ائٽ قمبر ۾ ٿيو. هن ڪهاڻيڪار ڊرامانگار ۽ شاعر جو ناول 2005ع ۾ "ڪويجن ڪني آهيان" جي نالي سان شايع ٿيو. هي هڪ تاريخي ناول آهي. صابر هڪ تاريخي شخصيت "حسين بن منصور حلاج" تي ناول لکي هڪ تاريخي ڪم ڪيو آهي. منصور حلاج ظالماڻي نظام جي نفي ڪئي هئي. ان ڪري کيس ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. هي ناول تاريخ جو هڪ اهڙو وسريل باب آهي. جنهن ڪان اسان جو نئون نسل اڻواقف آهي. هن ڪان اڳ ساڳي موضوع تي لکيل ناول "همہ اوست" بہ آهي ان ڪري هي پهريون ناول ناهي. هن ناول جي منظرنگاري خوب آهي.

اردو ٻوليءَ ۾ نسيم حجازيءَ جا تاريخي ناول تمام گهڻا مشهور آهن. انهن مان ڪجهہ ناولن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻيءَ جو ترجمو "داستان مجاهد" تاريخ اسلام جي انهي دور متعلق ناول آهي جيڪو مسلمانن جي فتوحات جو سڀ ڪان وڌيڪ شاندار دور هو. هڪ طرف طارق بن زياد اسپين ۾ اسلام جو جهنڊو لهرايو تہ ٻئي طرف قتيبہ بن مسلم سمرقند کي فتح ڪيو ۽ ٽئين طرف محمد بن قاسم سنڌ کی اچی باب السلام بڻايو. هڪ ٻيو ناول پروفيسر پروفيسر اسدالله ڀٽی "محمد بن قاسم" جی نالی سان ترجمو ڪيو آهی، جنهن ۾ عربن جی هٿان سنڌ جی فتح جو داستان ڏنل آهی. پروفيسر پروفيسر اسدالله ڀٽي، سندس هڪ ٻيو ناول "شاهين" پڻ ترجمو ڪيو آهي.

**ناول ۾ سياسی پسمنظر**

سياسي نوعيت جا ناول بہ ٿيندا آهن تہ سياسي ڪهاڻيون بہ. هن قسم

جی ناول یا کھاڻین ۾ سیاسی موضوع کی کٽی واقعن جو تاجی پیٽو اڻیو ویندو آھی. سیاسی ناولن ۾ ملکی سیاسی ماحول مطابق کردار، پلاٽ ۽ واقعا نگاری کئی ویندی آھی. سنڌی ناول جی تاریخ کی پرکڻ سان خبر پوی ٿی تہ انگریزن جی دور جی کیترن ئي ناولن ۾ همعصر سنڌ جي سياسي حالتن جي عڪاسي ڪيل هئي.پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو موڙ 1955ع ۾ آيو، جڏهن سياسي مصلحت تحت اولهہ پاڪستان جي چئن صوبن کي گڏي "ون يونٽ" قائم ڪيو ويو. ون يونٽ خلاف سڀ کان سخت رد عمل سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ آيو، سنڌ کي "سابقہ سنڌ صوبو" سڏيو ويندو هو. ان ردعمل ۾ سنڌ جي اديبن دانشورن، شاعرن ۽ شاگردن سخت احتجاج ڪيا، ڌرڻا هنيا، جلوس ڪڍيا. سنڌي اديبن خاص طور تي "سنڌي" جو لفظ تخلص طور پنهنجي نالن سان گڏ اختيار ڪيو. قمر شهباز لکي ٿو تہ "ون يونٽ خلاف نفرت وڌندي پئي ويئي. سنڌ جا ماڻهو ڪنهن بہ قيمت تي اهو غلاميءَ جو ڦندو پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. اخبارن، اشتهارن ۽ جلسن جلوسن ذريعي نوجوان طبقي حڪومت جي ان ظالماڻيءَ رٿ جي دل کولي مخالفت ڪئي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسٽرائيڪون ٿيون. سنڌ جي سرزمين تي پهريون دفعو نوجوان جاڳيا اٿيو هو".[8]تاج بلوچ لکي ٿو تہ "ون يونٽ واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي ختم ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي "جيئي سنڌ" جو نعرو ڏيئي ان تحريڪ کي اڳتي وڌايو. اها هڪ قسم جي خالص ادبي ۽ ثقافتي تحريڪ هئي، جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي تنظيم ڀرپور ڪردار ادا ڪيو".[9]

هيءُ اهو دور هو جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي، ڦهلاءَ ۽ اشاعت جي راهہ ۾ رڪاوٽون وڌيون ويون. ان ڪري مجموعي طور سنڌي اديبن جي ذهنن تي بہ اثر پيا ۽ انهن پنهنجي قلم سان انهن سازشن جو مقابلو شروع ڪيو، جنهن سبب افسانوي ادب ۾ نئون موڙ آيو. هن دور کي سنڌ جي مشهور افسانہ نگار امرجليل "مزاحمتي ادب جو دور" سڏيو آهي. مزاحمت سان گڏ قومپرستيءَ جو لاڙو پڻ سنڌي ادب تي حاوي رهيو. سنڌ جي قومي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو ويو. سنڌي ثقافت جي ڦهلاءُ لاءِ ڪهاڻي کي هٿيار

ٻڌايو ويو. سنڌ جي قومي ۽ تاريخي سورهين جي ناماچاري ڪئي وئي. سنڌ جي قديم تهذيب کي ڪهاڻين ۽ ناولن رستي اجاگر ڪيو ويو. ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ سياسي شعور انتهائي بلند هو. هن دور ۾ امرجليل جي ڊگهي ڪهاڻي "جڏهن مان نہ هوندس" شايع ٿي، جنهن لاءِ امرجليل جو چوڻ آهي تہ هن اهو ناول ڪري لکي هئي، پر حلتون سازگار نہ هئڻ سبب ان کي ڊگهي ڪهاڻيءَ طور شايع ڪرايو. اها ڪهاڻيءَ ايوب جي آمريت خلاف هلندڙ تحريڪ جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي قومي جدوجهد ۽ قومپرستيءَ جي جذبي کي تقويت ڏئي ٿي. سنڌي قوم جنهن نموني شعور جون منزلون طئي ڪيون تنهن کي سچائي ۽ بي باڪيءَ سان سنڌي ادب ۾ قلمبند ڪيو ويو.

شعبان بخت جو ناول"ور وطن چائي" (1961ع) ۽ "اڪڙيون اوجاڳيون" (1965ع)ناول سياسي، سماجي ۽ معاشي پهلوئن کي چٽن ٿا. منصور ويراڳي جا پڻ نندا وڏا ناول منظر تي آيا جن ۾ "شام و سحر" (1965ع)، "سوري جنين سيج" (1965ع)، "رت جا ڳوڙها" (1971ع) خاص ناول آهن. منصور ويراڳي ون يونٽ واري دور ۾ قومي تحريڪ جو مڪمل اثر قبول ڪيو. هن ئي دور آغا سليم "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" ۾ سنڌ جي تهذيبي تاريخ ورجائي. علي بابا "موهن جو دڙو" ۾ موهن جي دڙي جي تاريخي ۽ تهذيبي عظمت بيان ڪئي. سراج جي ناولن "پڙاڏو سوئي سڏ" ۽ "مرڻ مون سين آءُ" ۾ سنڌ جي تاريخ جا مختلف دور ڏنا ويا آهن. عبدالرازق راز جو "مسافر"، محمد عثمان ڏيپلائي جو "سانگهڙ"، غلام نبي مغل جو "اوڙاهہ"، موهن ڪلپنا جو "جلاوطني" (1974ع) وغيره ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ سياست جا موضوع ڏٺل آهن. منير احمد ماڻڪ جو ناول "ساهہ مٿ ۾" پهريون دفعو 1986ع ۾ هندستان مان شايع ٿيو. هي ناول هڪ دور جي تاريخ آهي ۽ ون يونٽ جي پسمنظر ۽ ان ۾ پيدا ٿيل صورتحال ۾ لکيل آهي. هن ناول ۾ هڪ غلام قوم جي ساڃاهہ وند فرد جي خوف، عدم تحفظ جي احساس، پنهنجي ڌرتيءَ تي اوپرائپ ڀري ماحول مان پيدا ٿيندڙ انيدشن جي مڪمل عڪاسي ڪئي وئي آهي. سڄي ناول ۾ ٻہ ڪردار آهن. هڪ سنڌي جو ليڪچرار ۽ ٻي سندس زال. هنن وٽ مايوسي بہ آهي تہ ٽڪ بہ آهي. ساڳي وقت زندگيءَ جي بي مقصدگي جو احساس بہ آهي.

ون يونٽ ٽهڻ کان وٺي 1970ع ۾ ون يونٽ ٽٽڻ واري دور تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ناول شايع ٿيا، انهن ۾ ڪٿي نہ ڪٿي سياسي ۽ قومپرستيءَ جا لاڙا ضرور هوندا هئا. ملڪي حالتن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر تبديلي تڏهن آئي جڏهن 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءُالحق ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي. ملڪ ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهي ويئي. جنرل ضياءَالحق جي مارشل لا خلاف سڄي ملڪ ۾ "بحالي جمهوريت تحريڪ" جو آغاز ٿيو. هن تحريڪ جو سڀ کان وڌيڪ اثر سنڌ ۾ نظر آيو. سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن تي فائرنگ ٿي ۽ ڪيترائي سياسي ڪارڪن شهيد ٿيا. ان سلسلي ۾ سڪرنڊ ۽ ٺوڙهي ڦاٽڪ وارا واقعا ذڪرجوڳا آهن. ان تحريڪ جي سنڌي ادب تي اثر بابت فقير محمد لاشاري لکي ٿو تہ "1983ع واري عوامي هلچل ان جو هڪ منطقي نتيجو آهي، ڇو تہ عوام ڪي شعور جو ريج ڏيڻ لاءِ ادب جو سفر گهڻو ڏگهو آهي. جتي هن هلچل ۾ سنڌي ادب جو اٽڙ حصو آهي، اتي پاڻ هن تحريڪ ادب جي بيمار لاڙن کي هڪالي ڇڏيو. مايوس اديبن جي لکڻين ۾ نئون رت ڊوڙي ويو. هاڻي سنڌي ادب فلسطيني، آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪا جي ادب کي وڌيڪ ويجهو ٿي ويو آهي". (10)

1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ جو سنڌي ڪهاڻيءَ ون يونٽ واري تحريڪ جيترو ئي اثر قبوليو. هن تحريڪ سياسي ادب تحت ڪي ناول ۽ ٻيو ڪوڙ سارو ادب تخليق ۽ ترجمو ٿيو. الله ڏني ڪاڪا جو ناول "ڪندن" 1973ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول انگريزن جي دور جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. هي ناول ٻهراڙي جي ماحول ۾ پيش ايندڙ ڏکن ۽ ڏاکڙن کي ذهن ۾ رکي لکيو ويو آهي. هي ناول ان دور جي سنڌ جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو، جنهن دور ۾ سنڌ ۾ آبپاشي جي رٿا بندي ٿي رهي هئي.

ملڪ آگاڻيءَ جو ناول "نيروليءَ جو ڪن" (1983ع) شايع ٿيل آهي، جنهن هن سنڌي قوم جي زندگي جي عڪاسي، سنڌي عوام جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. ان کان علاوه سنڌ جي سياست ۽ سنڌ جي سياسي شخصيتن جو اهم ڪردار پيش ڪيل آهي. "فاتح مرڪ" سنڌ جي نالي واري صحافي جاويد سومري جو لکيل آهي، هي ناول 2011ع ۾

سنڌيڪا اڪيڊمي طرفان شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي سياسي ۽ تاريخي پسمنظر ۾ لکيل آهي، هي ناول سنڌ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ هلايل تحريڪ (MRD)) جي پسمنظر ڏنل آهي. هيءَ تحريڪ جنرل ضياءَ الحق جي دور حڪومت ڪي لوڙهي وڌو هو. سنڌ جا قومي ۽ جمهوري ڪارڪن، وڪيل، دانشور، صحافي، (اديب) هاري مزدور، هن تحريڪ ۾ شامل هئا. سمورو ناول تاريخي ترتيب سان، ان دور جي سنڌ جي سياسي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. فوجي حڪومت احتجاج، گرفتاريون، جيل خانا، مطلب ته هر لحاظ کان ان دور جي سنڌ جی غم ۽ غصی جو عڪس هن ناول ۾ موجود آهی.

قبول ابڙي جو پنهنجی گهر ۾ اجنبی (2010) ۾ ايم. آر.ڊي جي دور ۾ ان کان پوءِ وارين سياسي مسئلن ڪي ناول جی روپ ۾ پيش ڪيو آهی. سنڌ جی امر افسانہ نگار امر جليل جو ناول "نيٺ گونگی ڳالهايو "جيڪو سياسی حالتن ۾ خاص ڪری سنڌی ماڻهن سان اسلام آباد ۾ ٿيندڙ وارتائن تی لکيل آهی. سندس هی ناول نوي جی ڏهائیءَ ۾ عبرت گروپ پاران نڪرندڙ هفتيوار رسالی سنڌو ۾ قسطوار ڇپبو هو. 1994 ع ۾ عبرت بڪ ڪلب پاران ان کی ڪتابی صورت ۾ ڇپرايو ويو.حيدر دريا زئور جو لکيل ناول" يار " ۾ سنڌ جی سياسی صورتحال کی خاص طور تی سامهون آندو ويو آهی. ليکڪ اهو بہ ٻڌائی ٿو تہ سنڌ جيڪا درگاهن ۾ پيرن فقيرن جی چار ۾ وکوڙيل آهی اتی سنڌ جی اهم درگاهن تی ڇا وهی واپري ٿو ۽ اتی ڪهڙي قسم جو ماحول قائم ٿيل آهی. نہ صرف اهو پر هن ناول ۾ ساموندي ناکئن جو احوال تہ تمام خوبصورت انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. پرويز ميمڻ ۽ منصور ٿلهي پڻ سياسي موضوعن تي ناول لکيا آهن.

## رومانوي ناول

ادب جي تاريخ ۾ رومانوي ادب آڳاٽو آهي، پر اهو ڪلاسيڪل ادب جي خلاف بغاوت جو نتيجو نہ آهي. رومانوي تحريڪ جي شروعات فرانسي اديب روسو (1712_1778) کان ٿئي ٿي، پر هن تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ انگريز شاعرن وليم وردز ورٿ (1790_1850 ع) ۽ سموئل ٽيلر ڪالرج (1772_1832 ع) جو وڏو هٿ هو. رومانوي ادب جي خوبين ۾ جذباتيت، قدرتي منظرن

۾ دلچسپي، تصوف، انفراديت پسندي، نيوڪلاسيڪي رجحان ۽ هر ادبي قانون ۾ بغاوت، ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ دلچسپي، تخيل جي مڪمل آزادي، قدرتي مظهرن ۾ دلچسپي، حقوق انساني ۾ دلچسپي، ديو مالائن ۾ دلچسپي، جماليت پسندي، روحانيت، سونهن ۽ سچ جي تلاش، انسان جي سٺائي ۾ ايمان، ذاتي موضوعن ۾ دلچسپي، شاعري ۾ علامتن جو اظهار، حيوانن جي زندگيءَ ۾ دلچسپي ناول نويسي ۾ جذبات نگاري اهم خصوصيتون آهن“.(11)

سنڌي ناول ۾ رومانيت جي حوالي سان ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته ”ماهرن جي راءِ موجب ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ماڻهن کي جيڪي مسئلا درپيش آيا، انهن کي منهن ڏيڻ کانپوءِ جڏهن انهن جا اهي مسئلا حل ٿي ويا. تڏهن انهن وري ادبي تبديلن ۽ ادبي فلسفي ۾ چاهه وٺڻ شروع ڪيو. انهن ۾ پهرين تبديلي ترقي پسنديءَ واري تبديلي هئي. ترقي پسند ادب کانپوءِ ادب ۾ نئون رجحان رومانيت جو داخل ٿيو. ترقي پسند ادب۾ سماج جي مجموعي روپ جي اهميت ڏني ويندي هئي. اتي هينئر اديبن جو ڌيان صرف فرد ۾ وڃي رهيو هو. فرد کي وڏيڪ اياري ان جي سماج جي تصوير پيش ڪرڻ لڳا. انسان جي انفرادي جذبن، ڪيفيتن، پيار ۽ رومانس وغيره بابت لکي، سنڌي ناول جو رخ موڙيو“.(12)

آزاديءَ کان پوءِ، ڪيترائي اهڙا ناول شايع ٿيا، جن ۾ سماجي موضوعن سان گڏوگڏ انهن ۾ رومانوي ۽ عشقيه موضوع غالب رهيا آهن.الله بخش ٽالپرجا پڻ ڪجهه ناول شايع ٿيا جن ۾ ”پرديسي جو پيار“ ۽ ”مالهڻ“ اهم آهن. ”پرديسي جو پيار“ هڪ اصلاحي ناول آهي، جنهن ۾ روزانه زندگي جا نقشا چٽيا ويا آهن. سيد حافظ شاهه ناطق حسيني پڻ ڪيترائي معاشرتي ۽ رومانوي ناول لکيا جن ۾ ”عورت“، ”ڏوهي ڪير“ (1959ع)، ”چلولي“ (1961)، ”وچڙيلن جو ميلو“ (1964) اهم آهن. شيخ محمد حسين ”ڪنڊياروي“ نالي وارو عالم ۽ اديب هو. سندس ٻه ناول: ”بولي“ (1958ع) ۽ ”پيار جو سودائي“ (1968ع) شايع ٿيا. رسول بخش ”خمار“ ادراه ”آواز ادب“ حيدرآباد جو آنرري سيڪريٽري هو. هو نه صرف خود ناول نگار هو. پر هن ڪيترائي ناول شايع پڻ ڪرايا. سندس ناولن ۾ ”بيوس بيوي“، هڪ معاشرتي ناول آهي، هن ۾ زندگي جو قدر، ۽ پيار جو داستان سمايل آهي. ”حسنه“ ناول رسول بخش ”خمار“ جو لکيل آهي، جيڪو

”آواز ادب“ طرفان شايع ٿيو. هن ناول ۾ حسنه آزاد خيال امير ڇوڪري آهي. پر سندس ڪردار ايڏو ته بلند هو, جو هر شخص ڪيس عزت جي نگاهه سان ڏيندو هو. هن کي هڪ اهڙي شخص سان محبت ٿي پئي جيڪو تنگ دست اديب هو. ’بيوفا دوست‘ هيءُ رسول بخش خمار جو لکيل ناول آهي . ڇاپو ڇپريون ، بزم شيرين سخن ، حيدرآباد مان سال 1955 ع ۾ شايع ڪيو.

گل نصرپوريجي ناول ”درياهه جي ڪپ تي“ (1960ع) وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هي هڪ سماجي ناول آهي, جنهن ۾ رومانوي پهلوءَ سان گڏوگڏ زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون, بيان ڪيل آهن. ناصر مورائي ( 1937 _ 2001ع) پنهنجي دور جو مشهور افسانوي, اديب هو. هن جو ناولٽ ”راتيون جاڳن جي“ زندگي پبليڪشن, حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هن ناول رومانوي هئڻ سان گڏوگڏ ترقي پسندي لاڙي جي ترجماني ڪري ٿو. هن ناول ۾ سنڌ سان والهانه محبت, تاريخي منظرڪشي ۽ غريبن سان همدردي ڪيل آهي.

اوائلي ناولن تي غور ڪرڻ سان ڏسبو ته انهن ۾ سماجي اپٽار آهي, ڪيترائي ناول قصن جي انداز ۾ لکيل آهن ۽ ڪيترن ۾ رومانوي رنگ پڻ غالب آهي. اگر غور ڪبو ته انهن ۾ موضوع به تبليغ جي انداز ۾ پيش ٿيل آهن. سنڌي افسانوي ادب ۾ شعور جو وهڪرو جو جديد رجحان آغا سليم متعارف ڪرايو, ان جو مثال سندس ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ ۾ ملي ٿو. اهڙي طرح اهڙو مثال ماڻڪ جي ناول ”رج ۽ پڙاڏا“ ۾ به ملي ٿو. آغا سليم پنهنجي ناولن ۾ سنڌ جي تهذيب ۽ رومانيت کي نئون رنگ ڏيئي پيش ڪيو. هن پنهنجي ناولن ۾ فرد جي تنهائي, محرومي ۽ سنڌي تهذيبي قدرن جي احساس کي منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي, ان سلسلي ۾ سندس ٻيا ناول ”روشني جي تلاش“ (1964ع) ”همه اوست“ (1985ع) ۽ ”اڻ پورو انسان“ (1985ع) اهم آهن. غلام نبي مغل, افسانوي ادب ۾ سيني مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي. هن جي اصلوڪن ناولن جهڙوڪ ”عورت ۽ پيار“, ”دونهاٽيل راتيون ۽ رولاڪ“ ۽ ”مون کي ساهه کڻڻ ڏيو“ ۾ جنسي, معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جي چنڊڇاڻ ملي ٿي پروفيسر قاضي خادم نه صرف طبعزاد ناول لکيا آهن پر ڪجهه مشهور يورپي ناولن جا ترجما به ڪيا اٿس. سندس شايع ٿيل ناول ۾ ”پيار ۽ سپنا“ (1977),

”درد جي خوشبو“ (1981) شامل آهن.

بيدل مسرور جو نالو بہ ناولن جي سلسلي ۾ وٺي سگهجي ٿو. هن جا ننڍا ناول رومانوي ۽ معاشرتي آهن. انهن ۾ ”راڻي“، ”چاهتن جي تہ واٽي تي“ ۽ ”آءِ لو يو“ اچن وڃن ٿا. نديم قاضي جو ناول ”رويو وهامي راتڙي“ 1986ع ۾ شايع ٿيو. ناول ۾ جوهڪ اهڙي ڪردار (سانوري) جي ڏک ڀري ڪهاڻي آهي، جو پنهنجن گهڻين خوبين جي باوجود هڪ غلطي جي پاداش ۾ زندگيءَ جو روڳ پرائي پساهہ پورا ڪري ٿو. نديم جنهن انداز ۾ ناول جي مڙني ڪردارن جي هل چل ۽ ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ذهني ۽ قلبي مونجهارن جو نقش چٽيو آهي، اهو سندس قابليت جو دليل آهي . محمود مغل گهڻ رخو اديب آهي. هن ڪهاڻين، ڊرامن ۽ ناولن ۾ پاڻ ملهايو آهي. سندس ناول ”هٽ ريڪائن ڪان خالي“، ”سرءُ“ ۽ ”اسين جيئرا آهيون“، فن ۽ فڪر، موضوع ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان بهترين ناول آهن. غلام نبي ”گل“اهو اديب آهي جنهن جا ڪتاب، ڪهاڻيون گهڻي وقت کان پوءِ شايع ٿيا آهن. هن ٿوري عرصي ۾ شاعري، ناولن ۽ ڪهاڻين جا ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سندس لکڻين ۾ اتحاد و محبت جي فضا آهي. هو ڳوٺاڻي ماحول سان گڏوگڏ شهري ماحول کي بہ بهترين نموني پيش ڪري ٿو. سندس ناولن ۾ ”جوڳي“ ۽ ” راهون ساڻ نہ هلنديون هن“ بهترين آهن. طارق حسين خشڪ ”مون کي هوائن ۾ ڳولجانءِ“ رومانوي ناول کان اڳ طارق حسين خشڪ جي نالي سان ”مرڪ واري ڇوڪري“ 2003ع جي عنوان سان مختصر ڪهاڻين جو مجموعو پڙهندڙن ۾ مقبوليت ماڻي چڪو آهي. ناول جي تاڃي پيٽي ريشمي تان سان اڻيو آهي، سندس رومانس، احساساتي گونا گونيت سان ناول جا ڪردار هر طرح مهذب، بردبار، شائستا ۽ فهميدا پاسن ٿا. طارق پنهنجي ڪردارن جي سمورين گهرجن، ڪيفيتن کي سنڀالي ڏاڍي سهڻي سليقي سان انهن کي پنهنجي ماڳ تائين وٺي آيو آهي.

الطاف ملڪاڻي بہ نالي وارو مترجم ڪهاڻيڪار ۽ مترجم ناول نگار آهي. 1993ع ۾ سندس ناوليت ۽ افسانن جو ڪتاب ”ساڀيائن کان رٺل شهر“ شايع ٿيو. ان کانپوءِ 2001ع ۾ اميت کدر جو ناول ”شانتي“ جي نالي سان ترجمو ڪيائين. امير ابڙي جو ناوليت ”بدلجندڙ موسم“ سندس ڪهاڻين جي

ڪتاب سان گڏ 2005ع ۾ شايع ٿيو. ان ۾ پيار ڪندڙ ٻن پکين جي ڪهاڻي آهي، جن کي مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ جڏهن زمانو سندن ملڻ قبول ڪري ٿو ته اهو سات فطرت کي پسند نٿو اچي ۽ هو وري ڌار ٿي وڃن ٿا. ناوليٽ ۾ عورت ۽ مرد جي پيار جو اظهار نهايت ڪليل نموني ڪيو ويو آهي. منصور ٿلهو نه صرف سٺو ناول نگار آهي پر ناول جي صنف جو محقق ۽ نقاد به آهي. هن جا ناول ”زندگي پوڳ“ ۽ ”جيون ليکا“ قابل ذڪر آهن. پرويز ابڙو ناول جي دنيا ۾ پرويز ابڙو به اهم نالو آهي. سندس ٻه ناول ”تون خواب آهين“ ۽ ”تيريون اکيون سرمئي خواب“ شايع ٿيل آهن. هن جي افسانوي ادب جي خاص ڳالهه اها آهي ته هو عورت کان ضمير متڪلم واري ٽيڪنڪ ڳالهائڻ جو ماهر آهي. امر لغاري ”لٽ اوراڻي دنيا“ (ڪهاڻيون 1999ع) ڪتاب ذريعي مڃتا ماڻيل آهي. ناوليٽ نگار جي حيثيت سان ”موکي“ سندس پهرين وک آهي، جيڪو منڊ کان تجسس ۽ اعليٰ مقصد جي حاصلات سان ٿڦ آهي. ”موکي“ جو موضوع ڪا رواجي قرب ڪٿا نه بلڪ هڪ معاشري جي نبض تي فنڪاراڻيءَ ريت هٿ رکيل آهي. پوئتي پيل علائقن جي ”تعليمي حالت“ جي بربادي جا ڪي سبب ــ علم بنا ٿيندڙ انڌ جي اها وارتا آهي، جنهن کي امر لغاريءَ جي قلم خوبصورت پيراگراف ۾ پريو آهي. هدايت پريم ناول ”ازابيل“ 2005ع ۾ شايع ٿيو هي ناول گهڻ پر سفر نامو وڌيڪ آهي. ناول لاءِ ليکڪ لکي ٿو ته ”هن ڌرتي تي انسان ان لاءِ نه آيو آهي ته تباهي ۽ بربادي جو ڪارڻ بڻجي. هيءَ ڌرتي نهايت خوبصورت آهي. نديون، جهرڻا، جبل، پهاڙ، وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا فطرت جا مظهر آهن. ڏاهن، سياڻن ۽ سڄاڻ ماڻهن قدرت پاران عطا ڪيل ڏاهپ سان گل ڦل پوکي ڌرتيءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪيو آهي. ساري دنيا جي انسانن جي پاڻ ۾ سڪ، محبت ۽ پريت هئڻ گهرجي. سليم ۽ ازابيل جي محبت وسيلي اهوئي پيغام ڏيڻ چاهيو اٿم. ديار غير ۾ رهندي وطن جي سڪ ڪيترو ستائي ٿي، ان جو اندازو اهي لڳائي سگهن ٿا، جيڪي وطن کان دور ست سمنڊ پار رهي آيا آهن يا رهي رهيا آهن.

فاروق سولنگي (1947-2009) دادو شهر ۾ جنم ورتو. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”سرد هوائون“ سال 2000ع ۾ ڇپيو. سندس ناول ”وڪريل

ماڻهو" (2008) ۾ ڇپجي منظرعام تي آيو. محمد سليم چنا جا چار ناول شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ "برسات"، "سحر"، "گم ٿيل ماڻهو" ۽ " ڪيت جهڙا خواب" شامل آهن. هن جي ناولن ۾ رومانيت جو عنصر به آهي ته سياسي، سماجي ۽ تاريخي موضوع به آهن. حيدر دريا زنئور جو ناول "لفظن جي خواهش" 2009ع ۾ شايع ٿيو آهي، تمام شاندار ناول آهي. ناول نگار شعور جي وهڪري واري سٽاءَ ۾ هي ناول لکيو آهي. بنيادي طور تي هيءُ هڪ رومانوي ناول آهي. زيب سنڌي افسانه نگار، ڊرامانويس مترجم، پبليشر، شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر جي حيثيت ۾ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. "سيتا زينب" هن جو پهريون ناول آهي ۽ سندس تخليقي پهلوان ناول ۾ به ابري آيو آهي .جنهن موضوع کي ناول ۾ آندو ويو آهي اهو اڄ جو شدت اختيار ڪيل موضوع آهي ۽ ناول ۾ ان شدت کي تخليقي انداز ۾ نهايت سنجيده ڪيو ويو آهي، ايترو سنجيده جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ ويچاري سگهجي، ناول جي ٻي اهم خوبي ان جو ربط آهي، جيڪو پڙهندڙ کي ٻئي پاسي ڏيان ڏيڻ جي مهلت نٿو ڏئي، ان ربط ۾ ڪجهه پراسراريت ۽ ڪجهه آئيندي جي اڻ تڻ وارو ماحول آهي.

## ڪئمپس جي پسمنظر ۾ رومانوي ناول

يونيورسٽيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل ناولن کي "ڪئمپس ناول" چيو ويندو آهي، حقيقت ۾ ڪئمپس ناول ان کي چئجي جنهن جو مک ڪردار فئڪلٽي ميمبر هجي پر جيڪڏهن مک ڪردار شاگرد آهي ته اهڙي ناول کي ورسٽي (Varsity) ناول چيو وڃي ٿو. ماحول ٻنهي جو يونيورسٽي ئي هوندو آهي. ڪئمپس يا يونيورسٽيءَ جي پسمنظر ۾ اوائلي ڪهاڻيون امرجليل لکيون هيون، جن ۾ رومانويت سان گڏوگڏ قومپرستيءَ جا موضوع به شامل هئا. اهڙي طرح ٻين به ڪن يونيورسٽي جي رومانوي ماحول، ۽ هاسٽل تي گهاريل يادن تي ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري ڪئي هئي، پر ناول جي روايت طارق عالم ابڙي وڌي، جيڪا تمام گهڻي مشهور ٿي ۽ يونيورسٽين مان ڪيترن فارغ ٿيڻ کان پوءِ ننڍا وڏا ناول لکيا آهن ۽ سندس ناول کي ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو ئي سبب آهي ته ڪيمپس جي موضوع تي لکيل ناولن ۾ يڪسانيت آهي.

هتی ڪجهه ناولن جو مختصر تعارف ڏجي ٿو:

**رهجی ويل منظر (طارق عالم ابڙو):**

هی سنڌی ٻولیءَ جی ناميارى ڪهاڻيڪار، ناول نگار طارق عالم ابڙی جو مشهور ناول آهی. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ڊسمبر 1984 ع ۾ شايع ٿيو. سنڌ يونيورسٽیءَ جی پسمنظر ۾ لکيل هن ناول نوجوانن ۾ مقبوليت ماڻی ۽ اڄ تائين هن ڪتاب جا ڪيترائی ڇاپا مختلف ادارن شايع ڪيا آهن. ڪتاب جي ارپنا ليکڪ پنهنجي امڙ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪئي آهي. ناول ۾ مرڪزي ڪردار پنهون، سنجها، صبا ۽ مددي ڪردار شبنم، نصير ۽ ٻيا. هن ۾ ليکڪ جي انداز بيان ۽ تسلسل ناول کي ڪامياب بڻايو آهي.

**خالي بئينچ (اسحاق انصاري):**

اسحاق انصاريءَ ناول "خالي بئنچ"، طارق عالم جي ناول "رهجي ويل منظر" کان متاثر ٿي لکيل لڳي ٿو. پر اسحاق جو پنهنجو اسلوب آهي. هي "شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پسمنظر ۾ رومانوي ناول آهي. "خالي بئنچ" ۾ رومانوي ۽ احساسي جذبن جي شدت جي احساس ڪانسواءِ مختلف معاشي ۽ سماجی مسئلن کی بہ پيش ڪيو ويو آهی.

هی ناول ثاقب ۽ ساحره جی پيار ڪهاڻی تی ٻڌل آهی. ثاقب لاڙڪاڻی جو هڪ غريب نوجوان آهی. سندس پیءُ سرڪاری ملازم آهی، 11 ڀيڻ ڀائر آهن ۽ بقول ثاقب، گهٽ آمدنی سبب سندس ماءُ پڻ اسڪول ۾ پڙهائيندي آهی، تنهن هوندي بہ گذر سفر مشڪل سان ٿي ٿئي ٿو. ساحره خيرپور ۾ رهي ٿي ۽ ٻئي خيرپور يونيورسٽي ۾ پڙهن ٿا.

**پٿرن تو شهر (زاهد گوتم):**

هي ناول "رهجي ويل منظر" جي ٿورڙي تبديلي سان فوٽو ڪاپي آهي. هن ناول جا جيڪي مرڪزي ڪردار ملهار، وينگس ۽ آسمہ آهن، اهي پنهون، سنجها ۽ صبا جي ڪردار کان گهٽو مختلف ناهن. وينگس بہ سنجها جيان ڪارين ۾ اچي ٿي ۽ وڃي ٿي. صبا ۽ آسمہ ٻئي شوقين آهن، باقي پنهون ۽ ملهار ۾ ٿورو فرق آهي، جو تہ ملهار کو ڌنڌو نٿو ڪري، صرف هڪ شاگرد آهي. جڏهن تہ پنهون فوٽو گرافي ڪندو هو.هن ناول جي بہ بنيادي ڳالهہ آهي تہ عورت

بي وفا آهي. يا مائي همراهه سان بي وفائي ڪري وڃي ٿي. پر جنهن انداز سان وينگس جي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي، اهو سنجها ڪان بہ وڌيڪ ڪريل صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ملهار وينگس تي عاشق ٿي پوي ٿو، پر مائي لفٽ نٿي ڪرائي. ملهار پوءِ پنهنجي دوست ساونت جي صلاح تي عمل ڪندي نوان ڪپڙا ۽ شرٽون انهي سان گڏ وارن جي سيٽنگ ۽ مغروري جا ٻيا ناز نخرا استعمال ڪري وينگس کي متاثر ڪري ويجهڙائي حاصل ڪري ٿو.وينگس ملهار کي ٻڌائيندي آهي تہ سندس پي ايڇ ڊي اي ۾ ڊائريڪٽر آهي، پر جڏهن آسمہ ۽ وينگس ۾ جهيڙو ٿيندو آهي، تڏهن آسمہ ملهار کي ٻڌائيندي آهي تہ وينگس جو پيءُ ڊائريڪٽر وغيره ڪونهي. پر شناختي ڪارڊ آفيس ۾ ڪلرڪ آهي.

ناول جي ڪهاڻي آتم ڪٿائي آهي جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي شهر دادو بابت پڻ تلخ ۽ اثرائتا واقعا بيان ڪيا آهن سنڌ يونيورسٽي جي حوالي سان ساڳي ڇوڪري جي بيوفائي کي ئي پورٽريٽ ڪيو ويو آهي ناول ۾ هاسٽل جي لائف ۽ شاگردن سان ٿيندڙ نااانصافين ۽ شاگردن سان لاحق مجبورين کي ڪردارن وسيلي تمام سٺي ۽ سهڻي نموني واضح ڪيو ويو آهي. بهرحال زاهد گوتم جو ڊڪشن تمام سٺو ۽ اثرڇڏيندڙ آهي

**يونيورسٽي ۾ گم ٿيل خواب (عبدلرافع شيخ):**

نوجوان ليکڪ جو ناول "يونيورسٽي ۾ گم ٿيل خواب" سٺي ڪوشش آهي. يونيورسٽي لائيف جا ڪيئي ڏٺل ۽ ٻڌل عڪس چٽيا آهن . هيءَ ناول ڄامشوري جي انجنيئرنگ يونيورسٽي تي لکيل آهي. جنهن ۾ ليکڪ عبدالرافع شيخ خود مرڪزي ڪردار آهي جڏهن تہ "سماني" سندس محبوبہ جي ڪردار ۾ آهي ان سان گڏ هڪ سندس سؤٽ ۽ بہ دوست پڻ مرڪزي ڪردارن ۾ شامل آهن.ناول ۾ لکيو ويو آهي تہ: " اسان جي فائنل ايئر ۾ اچڻ سان ئي ملڪ ۾ فوجي حڪومت اچي وئي هئي" يعني جنرل ضياءُ الحق جو دورِ حڪومت. ناول جي ڪهاڻي ڪجهہ هيئنءَ آهي: " هيرو ڳوٺ کان يونيورسٽي پڙهڻ اچي ٿو پر سندس نيت رڳي ڄامشوري جون خوبصورت ڇوڪريون سيٽ ڪرڻ آهي. ۽ هُو ايئن "سماني قاضي" کي سيٽ ڪرڻ جي چڪر ۾ ساڻس عشق ڪري ويهي ٿو.

۽ آخر ۾ سندس گهر وارن جو رشتي لاءِ راضي نہ ٿيڻ ڪري سندس مامو ڪيس معمولي ليڪچر ڏئي ٿو تہ هي پنهنجي محبوبہ ڪان الڳ ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏي ٿو هتي سندس محبت اختتام پذير ٿي. ناول ۾ ٻيو رڳي ڪامريڊن جا ڪپڙا لاٿا ويا آهن. ڪلائمڪس ۾ انتها جي جلدي ۽ ٿوري حساسيت پيدا ڪئي وئي آهي.

**ڪيف ڏاران ڪوءِ (منير چانڊيو):**

منير چانڊيي جو ناول "ڪيف ڏاران ڪوءِ.." ڄام شورو ڪئمپس جي پس منظر ۾ لکيل رومانوي ناول آهي. ان ۾ سنڌيا محرومين جي شڪار ٿيل ڇوڪري آهي. هوءَ ڄام شورو ڪئمپس ۾ هرڻيءَ وانگر هيسيل ۽ ڊنل آهي. هن کي جڏهن منصور جي ساٿ جو سهارو ملي ٿو تہ هوءَ ڄام شوري جي پٿريلي زمين تي هلڻ ۾ سولائي محسوس ڪري ٿي. هن ناول جا ٻہ حصا ڇپيا آهن.

**ڪارونڀار (نور زنئور):**

نور زنئور جو ناول "ڪارونڀار" سنڌ يونيورسٽي جي انگلش ڊپارٽمينٽ جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي.هن ناول جي سادگي ئي هن جي سونهن آهي، هن ناول جو مهاڳ سنڌي بيت ۽ ادب ۾ انفراديت رکندڙ وجودي ادب تي وڏو دسترس رکندڙ سائين وحيد جتوئي لکيو آهي جنهن ليکڪ جي ڊڪشن کي گهڻو ساراهيو آهي هن ناول جي ڪهاڻي ۾ ليکڪ تمام گهڻو انسان دوست لڳي ٿو، سنڌي غريب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مسئلن تي تمام سلوڻي ٻولي ۾ اظهار ڪيو ويو آهي، هي ناول نور احمد زنئور جي منهنجي خيال ۾ پهرين اٽيمپٽ آهي. ان ڪانپوءِ هو خبر ناهي ڪهڙي دنيا ۾ گم ٿي ويو، ڪجهہ دوستن ٻڌايو تہ هن کي بہ بيورو ڪريٽ ٿيڻ جي چڪر ۾ هن کي اکرن جي وادي ڪان پري ڪيو آهي.

**عشق اونداهو سچ (عاشق بلوچ)**

هي ناول سنڌ يونيورسٽيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل روايتي پيار ڪهاڻي آهي، جيڪو 2018ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ناول ۾ ٽن ڪردارن سنبل، ياسمين ۽ ساجد جي چوڌاري ڦري ٿي. ساجد سنبل هڪٻئي سان پيار ڪن ٿا پر پوءِ سنبل جون ٽنگون هڪ حادثي ۾ ڪپجي وڃن ٿيون ۽ هوءَ معذور ٿي ويندي

آهي. ساجد يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ داخلا وٺي ٿو ۽ سنبل کان موڪلائي پڙهائي ۾ لڳي ويندو آهي.جتي ڪيس ياسمين سان پيار ٿي ويندو آهي. ياسمين فلاسافي شعبي ۾ پڙهندي آهي ۽ اها بہ ساجد سان پيار ڪرڻ لڳندي آهي. ائين ساجد جو ڌيان سنبل تان هٽي ياسمين ڏانهن ٿي ويندو آهي. جنهن سان هو شادي ڪرڻ جو رٿي ٿو. جنهن لاءِ ڪيس پنهنجي مڱ سنبل کي ڇَڏڻو پوي ٿو. سنبل سڀ آسرا لاهي آپگهات ڪري ڇڏيندي آهي. هوءَ هڪ خط لکي ويندي آهي جيڪو ساجد کي ملي ٿو. جنهن تي ساجد کي پڇتاءَ ٿيندو آهي ۽ هو روئي روئي بي حال ٿي ويندو آهي. ياسمين کي سموري وارتا جي خبر پوڻ تي اها هن کي ڇڏي ويندي آهي. تنهن کان پوءِ ساجد سنڌو درياهہ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيندو آهي.

## عشق کان اڳتي (اصغر شر)

ناول ”عشق کان اڳتی“، تعلقی فيض گنج جی ڳوٺ سونو خان شر ۾ جنم وٺندڙ اصغر شر جو لکيل آهی ۽ ناول 2019ع ۾ شايع ٿيو آهی. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽی (خيرپور ميرس) ۾ پيار جی پيچری تی هلندڙ مک ڪردار شايان، سندس ڪلاس فيلو ۽ زارا جی باري ۾ آهی. پيار جی انهی پنڌ جو سفر جاري هجی ٿو تہ زارا جو هڪ پاڙيسري (ڪامرس شعبی جو اسٽوڊنٽ) شايان کی زارا سان ملڻ جی منع ڪندی ڌمڪائی بہ ٿو پر زارا ڪنهن بہ ڳالهہ جی پرواهہ نہ ڪندي ڪيس چند پٽی ٿی تہ زين مجبورن ماٺ ڪري ٿو. هن ناول ۾ مک ڪردارن کان سواءِ ايان (شايان جو ڪلاس فيلو ۽ دوست) ۽ مريم جا ڪردار بہ اهميت رکندڙ آهن چو تہ ايان مريم سان محبت ڪری ٿو پر مريم وری ناول جی مک ڪردار شايان سان. جنهن ڪارڻ ناول جی مک ڪردارن شايان ۽ زارا ۾ تضاد جو انديشو بہ جنم وٺی ٿو تہ هڪ ابهم ڪردار جی مالڪ چوڪری مهڪ (زارا جی ڪلاس فيلو) انهی عشق جی پنڌ ۾ سندس مددگار ٿئي ٿي ۽ اهڙي ريت ناول جو پلاٽ تسلسل سان وڌندو رهي ٿو.

## پيراڊائيز پوائنٽ تي شام (منور سراج)

هي ناول سنڌي ٻوليءَ جو سينيئر ڪهاڻيڪار منور سراج جو لکيل آهي، جيڪو ڪئمپس ناول آهي. هن ناول جي ڪهاڻي ساپيان ۽ سرمد جي

چوڌاري گهمي ٿي، جيڪي يونيورسٽيءَ جا شاگرد آهن. ان ڪانسواءِ انهن جي دوستيءَ جو حلقو آهي، جنهن ۾ مختيار، لائبه، سام سانگ، همت ۽ ڪجهه ٻيا ڪردار شامل آهن. سرمد شاعر آهي تنهنڪري حساس طبيعت جو مالڪ آهي. ڪلاس جي پهرين ڏينهن تي ئي يونيورسٽي انتظاميه پاران ڪيس اها تنبهه ڪئي وڃي ٿي ته هو هتي شاعراڻو ماحول پيدا نه ڪري. اهڙي ريت هن جي ويجهڙائي ساپيان سان ٿئي ٿي، جنهن سان سندس دل ٿي ويندي آهي پر جيئن ته سرمد لاءِ همت خان چوي ٿو ته هو خوابن جي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو آهي، تنهنڪري ساپيان هن ڪان پرپري ٿيڻ لڳي ٿي. اهڙي ريت انهن جو پيار جوان ٿيڻ ڪان اڳ ئي مري ٿو وڃي. پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ رهندڙ سرمد پنهنجي پيار جي معاملي ۾ به هڪ ٻي همت ماڻهو نظر اچي ٿو. هو ساپيان ڪي پنهنجن اکين آڏو ڏسندو رهي ٿو پر هن ۾ اظهار جي همت نٿي اچي. نيٺ هن ناول جي پڄاڻي به سنڌي ۾ لکيل سمورن ڪئمپس ناولن وانگر ٿئي ٿي، يعني ڇوڪري ڇوڪريءَ جي جدائي.

**روم نمبر سورنهن (سرواڻ سنڌي)**

سرواڻ سنڌيءَ جو ڪئمپس ناول قسطن ۾ شايع ٿيل آهي. هي ناول رومانوي ڪان وڌيڪ قومپرست تحريڪن جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ آهي. هتي ناول جو نمونو ڏجي ٿو:

> ڪئمپس جي سينٽرل ڪئنٽين وٽان ڪامريڊن جي نعرن جا آواز اچي رهيا هُئا، ديس جي آزادي جا اپ ڏاريندڙ نعرا، پوپٽ چوڪ تائين ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هُئا ۽ اهي نعرا هاڻي عام شاگردن لاءِ ڪنهن خطري جي گهنٽي وانگر ٻڌجي ويا هئا، جيئن اسڪولن ۾ موڪل جو گهنڊ وڄڻ وقت سڀ ٽيلها ڪٽي ڀڄڻ لڳندا هئاسين تيئن هتي ڪنهن جو مذاق ۾ هنيل نعرو به گهٽن جا ساهه مٺ ۾ ڪري ڇڏيندو هو ۽ انهن جا هٿ ڪتابن ۾ پوندا هُئا ۽ پير ڀڄڻ لاءِ تياري پڪڙيندا هُئا، اڄ جي نعرن ۾ ڪجهه شدت وڌيڪ هُئي، همير ڪن هٽندي چيو، لالا! ڪجهه مسئلو لڳي ٿو، مون چيو ڇڏ يارا اسان ڪي سنڌ جي آزادي ڪٽ چانهه جو نه ملڻ، ڌوٻي پاران ڪپڙا ڌوئي نه ڏيڻ، فوٽو اسٽيٽ واري پاران مفت ۾ نوٽس نه ڏيڻ، موچي پاران جوتا پالش نه

ڪري ڏيڻ يا پنهنجي سهڻي ڪي ڪنهن ٻئي سان ڳالهائيندي ڏسندي ياد ايندي آهي“. [13]

**اڌوري عشق جو الميو (دليپ دوشي لوهاڻو)**

هي ناول سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي پس منظر ۾ لکيل آهي. هي ناول هڪ غريب ڇوڪري (آڪاش) تي آڌريل آهي، جيڪو مائٽن جو مويي پٽ آهي، ان ڪري سندس ننڍڙي ڄمار ۾ ڏکن سان ويڙھ شروع ٿئي ٿي ۽ هو گهرجي سار سنڀال لهي ٿو، ان سان گڏوگڏ هو هڪ صحافي بڻجي وڃي ٿو، اها ويڙھ هن کي پڪو ڪندي اڇي حيدرآباد جي هوائن حوالي ڪري ٿي، جتي هو صحافت جي سفر کي جاري رکي ٿو. ناول ۾ تر جي ڏڪار جو منظر جڏهن پيش ڪري ٿو. ڄامشوري جون هوائون، المنظر جون رولاڪيون، پرھ ۽ آڪاش جي پيار جو سفر شروع ٿي ويو تہ هڪ ٻئي سان رابطا ٿيندي ٿيندي ملاقاتون بہ وڌنديون ويون، واعدن جا ورق سهيڙبا ويا، پيار جا پوپٽ گلن تي ڦيرا ڏيندا رهيا. سماجي جي اڻبرابري جي ڪري الائي ڪيترين زندگيون اجڙي وينديون آهن، پر اسان جي ماڻهن جي سوچ اتي ئي آهي ايئن اهي ڪردار سماجي اڻ برابري جي ور چڙهي ٿا وڃن ۽ وڇوڙي جو وانچوڙو هڪ ڪردار پرھ کي ساڻ ڪري هميشہ لاءِ هليو ٿو وڃي. انهي ۾ وري رستي ۾ موبائل هلائڻ جي نقصان کان بچڻ جي نصيحت بہ آهي.

اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي ڪئمپس ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن، انهن جو تقابلي جائزو ٿيڻ گهرجي.

**سنڌي ناول ۾ ترقي پسند لاڙو**

غلامانہ دور ۾ جاگيرداريءَ واري سماج جو تصور ۽ ان خلاف ٿيندڙ جاکوڙ کي ترقي پسند نظريو (**Progressivism**) سمجهيو ويندو آهي. جاگيرداري کان پوءِ سرمائيداريءَ واري نظام خلاف جدوجهد بہ ترقي پسند جو نظريو چئجي ٿو. سرمائيدارانہ سماج مان جان ڇڏائڻ لاءِ اشتراڪي تحريڪ يا ”ڪميون سسٽم“ (Commune System) کي وڏيڪ ترقي پسنداڻي سوچ ڪوٺيو وڃي ٿو. در حقيقت تبديلي وارو عنصر انسان جو مکيہ متو رهيو آهي. ان ڪري هر ايندڙ تبديلي لاءِ ٿيندڙ جاکوڙ کي ترقي پسند سوچ سان سلهاڙيو ويندو

رهيو. ”1936ع ۾ ننڍي کنڊ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ٿي، جنهن ۾ منشي پريم چند صدارتي خطبو ڏنو هو. سنڌي ادب پڻ ان تحريڪ جي اثر هيٺ رهيو. سجاد ظهير پنهنجي ڪتاب ”روشنائي“ ۾ لکيو آهي ته ”سنڌ مان ٻن ڄڻن: محمد امين کوسو ۽ قادر بخش نظاماڻي ان ۾ شرڪت ڪئي هئي“.(14)

ترقي پسند تحريڪ جي ڀرپور حمايت پوري ملڪ جي سيني روشن خيال اديبن ڪئي هئي. سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان طبقي ان جو اثر قبول ڪيو. برطانوي دور ۾ ترقي پسند ناولن جي رام پنجواڻي، گوبند مالهيءَ ۽ ٻين ڪئي. ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي لکي ٿو ته ”1942ع ۾ آزاديءَ جي تحريڪ سان گڏوگڏ انگريزن خلاف جتي ڪٿي آندولن شروع ٿي چڪو هو. ”ڪئٽ انڊيا“ جو نعرو سڄي ڀارت جي فضا ۾ گونجي رهيو هو. سنڌ به ان کان متاثر ٿي ۽ روس جي ڪميونسٽ انقلاب به سنڌ تي اثر ڄمايو. چاڪاڻ ته زميندار ظلم، هارين مٿان ٿيندا پئي رهيا. سماجوادي پارٽي ۽ هارين جي چڪتاڻ طبقاتي چڪتاڻ کي جنم ڏنو. سياسي ۽ پنگتي مسئلا وڌيل هئا. سياسي گهٽنائن ۽ واقعن جو اثر سنڌي ادب تي پيو. ڪهاڻي، عوام جي پسنديدگيءَ جو وشيه بڻجي چڪي هئي. آزاديءَ کان ڪجهه سال اڳ ترقي پسند ڌارا به شروع ٿي چڪي هئي“.(15) آزاديءَ کان پوءِ ڪيترائي ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ ترقي پسند لاڙا حاوي رهيا آهن. طبعزاد ناولن ۾ 1952ع ۾ غلام علي الانا جو ناول ”لاش“ اهم ناول آهي، جنهن ۾ سڄي سماج جي هر حصي جي تصوير موجود آهي. هن ناول جي باري ۾ الانا صاحب جو چوڻ هو ته ”لاش نه فقط هڪ غريب جو لاش آهي، جنهن پنهنجي عزت ۽ غيرت خاطر سرمائيدار جي پنجوڙ کي ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهن شاهوڪار شاهي جي فعلن، افعالن، ڪرتبن ۽ اعمالن جو اگهاڙو ۽ ننگو لاش آهي“.(16)

راز بلڙائي هڪ ترقي پسند ليکڪ هو. سندس ناولن ”گناهه“ (1952ع)، ”شرابي“ (1952ع) اهم آهن. عبدالغفور انصاري، ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. تعليم ڪاتي سان وابسته هو. ترقي پسند لاڙن تحت ڪيتريون ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن لاءِ لکيائين. جن ۾ ”وري سانوڻ آيو“، ”ياڳيري“ وغيره اهم آهن. هڪ ناول ”هاريءَ جي سڄاڳي“ (1952ع) پڻ ترجمو ڪيائين، جنهن

۾ هارين جي حقن جي ڳالهه ڪيل آهي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ مطابق ”ورهاڱي کان پوءِ لڏ پلاڻ ۾ انسانيت سوز واقعا ٿيا جنهن جو اديب جي حساس ذهن ڏاڍو اثر ورتو ۽ ڪجهه ئي وقت کان پوءِ ماڻهن محسوس ڪيو ته هي آزادي صرف انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ جو نالو هو پر هن آزادي سان عام غريب ڏتڙيل ماڻهن جي حالت ۾ تبديلي ڪانه آئي هئي جنهن جي نتيجي ۾ سڄي هندستان جي ادب ۾ هڪ خاص رجحان پيدا ٿيو. جنهن جي بنياد تي ناول لکيا ويا. انهن ناولن ۾ انسانيت پرستي اهم موضوع هو. هنن اديبن ۾ ڪرشن چندر، خواجه احمد عباس، خشونت سنگ، امرتا پريتم، قرت العين حيدر، سجاد ظهير وغيره نمايان هئا. سنڌ ۾ ان وقت اڃا ناول سماجي اصلاح پسندي جو موضوع کان ٻاهر نه نڪتو هو. خاص طور سان ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناولن ۾ اهو فڪري رجحان پيدا ٿي رهيو هو جنهن ۾ گوبند مالهي جا ڪجهه ناول مثال طور: ”زندگي جي راهه تي“، ”للڪار“، ”چنچل نگاهون“ وغيره آسانند مامتوراءِ جو ”حليمان“، رام پنجواڻي جو ”قيدي“ موهن ڪلپنا جو ”جلاوطني“ وغيره شامل آهن“.(17)

ڄام ساقي جو ناول ”ڪاهوڙي ڪچن“ (1973ع) روسي ناول وانگر ترقي پسند لاڙن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن ناول ۾ سرمائيداري نظام، طبقاتي جدوجهد، ۽ سياسي ڪمزوري کي موضوع بنايو ويو آهي. 1980ع ۾ طارق اشرف جو ناول ”ميرو ڏاڙيل“ شايع ٿيو. هي ناول وڏيرڪي سماج جي روايتن ۽ غير انساني حرڪتن کي پيش ڪري ٿو. نجم عباسي جي ناولن ”بلنديون“ (1984ع) ۽ ”تلاش“ (1987ع) ۾ انقلاب، جدوجهد، طبقاتي نظام کان آزادي، حقن جي تلاش سيڪولرزم ۽ انساني قدرن جي اپٽار ملي ٿي. ملڪ آگاڻي جي ناول” نيروليءَ جو ڪن“ (1987ع) ترقي پسند لاڙي جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿو. هن ۾ روسي انقلاب کان وٺي روسي ڪميونزم جي بربادي جو ذڪر آهي.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته سنڌي ناول ۾ ترقي پسند فڪر جي خال پرڻ ۾ ترجمن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. ميڪسم گورڪي جو ناول ”ماءُ“ گوبند مالهي ترجمو ڪيو هو. هي ناول روسي انقلاب جي پسمنظر ۾ آهي. هن ناول ۾ هڪ ماءُ

جو روسي انقلاب ۾ ڪردار بيان ڪيل آهي. 1956ع ۾ سراج ميمڻ، هندي اديب ڪرشن چندر جو اهم ناول ”ڏکڻ مان سج ابري ٿو“ جي عنوان سان ترجمو ڪيو. هي ناول 1947ع جي ورهاڱي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. ورهاڱي مهل ٿيل خون ريزي، لڏپلاڻ، مذهبي انتها پسندي هن ناول جا خاص موضوع آهن. عثمان ڏيپلائي روسي ناول How the Steel was Tempered جو ترجمو ”سسي نيزي پاند“ جي عنوان سان ڪيو. هي ناول روسي اديب آستروسڪي جو لکيل آهي ۽ روسي انقلاب جي پسمنظر ۾ آهي. اهڙي طرح ويتنام جي جدوجهد آزادي تي تنوير عباسي ”جي ماريا نه موت“ (1973ع) ۾ ترجمو ڪيو. هي ناول نگوين وان تروئي جو لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ فان ٿي ڪوئن جي انقلابي جدوجهد جي ڪردار کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ڪرشن چندر جي هڪ ٻيو ناول ”ان داتا“ نذير احمد راهو ترجمو ڪيو. هي ناول بنگال ۾ آيل ڏڪار ۽ ماڻهن جو بک ۾ مرڻ ۽ ٻئي طرف زميندارن نوابن جي عياشي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. اهڙي طرح غلام نبي مغل جو ترجمو جهڙوڪ ”قيدي“ (1995ع)پڻ ترقي پسند جديد لاڙن جي ترجماني ڪن ٿا. زيب سنڌي 1968ع ۾ ادب جولينن انعام حاصل ڪندڙ روسي چنگيز اعتماتوف جي ناول جو ترجمو ”ڌرتي ماءُ“ جي نالي سان ڪيو. هي ناول ”ڌرتي ماءُ“ جنگ جي موضوع تي آهي.

## سنڌي ناولن ۾ نفسياتي پهلو(Trend Psychological)

نفسياتي پهلوءَ ۾ سڀ کان اول سنڌي ناول ۾ شعور جو وهڪرو (Stream of Consciousness) هڪ اهڙي ٽيڪنڪ آهي، جهن جي ذريعي اندروني داخلي ۽ ذاتي تجربن کي بيان ڪيو ويندو آهي. انساني لاشعور ۾ سوچن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو هوندو آهي، انهن بي ترتيب سوچن کي جيڪي هڪ وهڪري جي شڪل ۾ هونديون آهن. انهن جي اظهار کي شعور جو وهڪرو سڏيو ويندو آهي. هن ۾ اڪثر تخليقون ضمير متڪلم (Person First) ۾ هونديون آهن. سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۾ هن اسلوب جا ڪيترائي مثال موجود آهن. سنڌي ناول ۾ سڀ کان اول آغا سليم هن قسم جا ناول”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ ۽ ”همه اوست“ لکيا. هن لاڙي ۾ لعل پشپ جو ”اها ديوار آسمان

تائين“، ماڻڪ جو ”لڙهندڙ نسل“، ڊاڪٽر پروفيسر قاضي خادم جا ”درد جي خوشبو“ ۽ ”پيار ۽ سپنا“، ان کان علاوه طارق عالم ابڙي جو ”رهجي ويل منظر“ پرويز ابڙي جو ”تون هڪ خواب آهين“، حيدر دريله زنئور جو ”لفظن جي خواهش“ وغيره شعور جي وهڪري جو بهترين مثال آهن.

نفسياتي پهلوءَ جي لحاظ کان، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ناول نويسيءَ ۾ هڪ نئين لهر پيدا ٿي. ناول نويسيءَ، انسان جي بربادي، جنسياتي بک، بي بقائي ڏانهن ڌيان ڇڪايو جيڪي ماڻهوءَ کي سماجي ستم جي برخلاف بغاوت پيدا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندا آهن. ناول نويس هاڻي، انسان جي دل جي اونداهن پهلوئن ۽ انساني من جي پيچيده ذهني مسئلن جي تحقيقات ڪرڻ شروع ڪئي. فرائڊ جي اصولن جو گهڻي ۾ گهڻو استعمال ڪيو ويو. اهڙي طرح ناول پرپور ٿيڻ لڳو. ناول جي اسلوب ۾ نواڻ آئي ۽ عبارت ۾ تازگي. هن قسم جي ناول جا مکيه عيوضي موهن ڪلپنا، نجم عباسي، لعل پشپ، حليم بروهي ۽ ٻيا آهن. اهڙي طرح ٻارن ۽ عورتن جي نفسيات تي به الڳ ناول لکيا ويا آهن. حليم بروهيءَ جو ناول ”اوڙاهه“ 1975 ع ۾ شايع ٿيو. ناول ”اوڙاهه“ جنسياتي، نفسياتي الجهنن تي اڏمن جو هڪ سٺو مثال آهي. هي ناول هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻيءَ تي ٻيتل آهي، جيڪو چري ٿيڻ جي ويجهو آهي. هو پنهنجي نفسياتي ڇيد ڪرڻ لاءِ ماضيءَ ۾ جهاتي پائي ٿو ۽ پوءِ ماضيءَ جون ڪڙيون ڪلنديون وڃن ٿيون. جنهن ۾ هن جي ذهني ڪينواس تي ڪيترائي ڪردار خاص طور تي عورتون اچي وڃن ٿيون، جيڪي سندس زندگيءَ ۾ آيل آهن.

ماڻڪ سنڌي جو نالو افسانوي ادب ۾ تمام اوچو آهي. هن جديد رجحانن ۽ لاڙن مطابق ناول لکيا آهن. سندس ناولن ۾ ذهني مونجهارن جهڙا رجحان موجود آهن. ان سلسلي ۾ سندس ناول ”ساهه مٺ ۾“، ”پاتال ۾ بغاوت“ ۽ ”لڙهندڙ نسل“ اهم آهن. غلام نبي مغل افسانوي ادب ۾ سيني مسئلن کي اجاگر ڪيو آهي. هن جي ناولن جهڙوڪ ”عورت ۽ پيار“، ”دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ“ ۽ ”مون کي ساهه کڻڻ ڏيو“ ۾ جنسي، معاشي ۽ نفسياتي مسئلن جي چنڊڇاڻ ملي ٿي. رحمت الله ابڙي جو لکيل ناول ”ٻير جي ڏنگهري“ آهي، جيڪو 1982 ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ انسان جي ذهني ڪشمڪش جي تصوير ڪڇي وئي آهي. هي هڪ

نفسياتي ناول آهي. هن ۾ هڪ فرد جي ڪهاڻي آهي، جيڪو حرس ۽ حوس جي پويان ڊوڙي ٿو ۽ پنهنجي زندگي کي غمگين ڪري وهي ٿو.

**مونولاگ جي ٽيڪنيڪ**

نفسياتي پهلوءَ ۾ ٻي شيءِ سنڌي ناول ۾ خود ودڪلامي (Monologue) اچي ٿي. اسان کي روز مره اهڙا ڪردار نظر ايندا آهن، جيڪي پنهنجي منهن ڳالهائيندا آهن. اهڙن ڪردارن کي سودائي سڏيو ويندو آهي. جڏهن ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ساڳيو شخص هجي، انکي خود ڪلامي چيو ويندو آهي. شاعري ۽ افسانوي ادب ۾ هي هڪ لاڙو آهي، جنهن سان فرد واحد پنهنجي ذهني سڪون لاءِ پنهنجو پاڻ سان مڪالمو ڪندو آهي. لفظ مونولاگ اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ٻن لفظن(Monos) مونس يعني اڪيلو (Alone) ۽ (Legein) يعني ڳالهائڻ Speak مان گڏجي هڪڙو لفظ مونو لاگ وجود ۾ آيو، جنهن جون ٻه معنائون آهن يعني پاڻ سان ڳالهائڻ ۽ ٻين جي موجودگيءَ ۾ فقط هڪ طرفو ڳالهائڻ". [18]

مونو لاگ قديم شيءِ آهي. پر اسان وٽ سنڌيءَ ۾ انهيءَ ٽيڪنڪ تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. سڀ کان پهريون نالو امر لعل هنگوراڻي جو سامهون اچي ٿو، جنهن جي افساني "ادو عبدالرحمان" ٻين جي موجودگيءَ ۾ پاڻ يڪ طرفو ڳالهائي ٿو. غلام نبي مغل جو هڪڙو افسانو "رات جا نيڻ" انهيءَ لحاظ سان شاندار افسانو آهي. "روشني جي تلاش" ناول ۾ آغا سليم هڪ نئين ٽيڪنڪ خود ڪلامي (Monologue) ۾ ڪنيو آهي. هن ناول جو ڪردار نعيم پنهنجي زبان ۾، پنهنجي آس پاس جي ماحول جي واقعن، فليٽن جي رهواسين جا حالات بيان ڪري ٿو. هو يادگيريءَ مان احوال ڏيندو ۽ احساسات بيان ڪندو هلي ٿو. ماڻڪ جو "لڙهندڙ نسل"، لعل پشپ جو ناول "هڪ سرد ديوار"حليم بروهي جو ناول "اوڙاهه" وغيره ان سلسلي ۾ اهم ناول آهن.

**سنڌي ناول ۾ وجوديت جو فڪرجو لاڙو**

"در حقيقت 20 صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي، سماجي، فڪري ۽ نفسياتي مونجهارن وجودي فڪر جي لاڙي کي جنم ڏنو. بنيادي طور تي وجوديت جو فلسفو(Existentialism) انساني وجود ۾ سانديل وارداتن، رازن

۽ ٻُجهن کي جاچڻ ۽ پرکڻ جو نالو آهي. ان فلسفي جو مقصد آهي "جيئن ته انسان هڪ وجود رکي ٿو، ان ڪري هو پنهنجي وجود جي هئڻ کي ثابت ڪري ڏيکاري". وجوديت جي فلسفي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ ديني وجوديت ٻيو لاديني وجوديت. وجوديت انسان جي پاڻ سڃاڻپ جو نالو آهي جنهن ذريعي هو هن دنيا جي غلاميءَ کان ڪنجي ٿو ۽ پنهنجي آزاد هئڻ تي زور ڏئي، پنهنجي زندگي جو پنهنجي مرضيءَ سان پورو پورو استعمال ڪرڻ گهري ٿو. هو پنهنجن عملن جو پاڻ ذميوار آهي ۽ انهن عملن جي ذريعي ئي پنهنجي سڃاڻپ ۽ فطرت ظاهر ڪري ٿو ۽ پوءِ جڏهن اهو سوچي ته ساڻس وڏو ڌوهه ٿيو آهي، جو ڪيس چوڪنيو ڪري هن دنيا ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي. بهرحال، وجوديت کي سمجهڻ لاءِ هيٺين وجودي وارداتن کي سمجهڻ ضروري آهي: "ويڳاڻپ" (Alienation)، "مايوسي" (Despair)، "وجود جي بي معنائيت" (Being and absurdity)، "بوريت" (Boredom)، "ڪراهت/ ڪرب" (Nausea)، "احساس جرم" (Guilt)، "موت جو تصور" (Concept of Death)، "فرد ۽ ٻيا نظام" (Individual and Systems)، "چونڊ جي آزادي" (Freedom of Choice) ۽ "شخصي وجود جي حقيقت" (Reality of individual existence) وغيره".[19]

سنڌي ادب ۾ وجودي فڪر لاءِ عبدالوحيد جتوئي لکي ٿو ته " سنڌي ادب ۾ وجودي فڪر، لاشعوري طور ساميءَ جي شاعريءَ ۾ ۽ شعوري طور ويهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ ماڻڪ، شوڪت حسين شورو، مشتاق شورو، عبدالحق عالماڻي، ڪيهر شوڪت، مدد علي سنڌي ۽ نورالهديٰ شاهه جن جي وجودي لکڻين سان ٿيو."[20] هو وڌيڪ لکي ٿو ته "سنڌي ادب ۾ رڳو ناول ۽ مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ئي هي فڪر ملي ٿو، جنهن ۾ ماڻڪ جا ناول "ساهه مٺ ۾"، "رڃ ۽ پڙاڏا"، "پاتال ۾ بغاوت" ۽ "لڙهندڙ نسل" آهن. مشتاق احمد شوري جو "ٽڪل جذبن جو موت". شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻين جا ٻه مجموعا "گم ٿيل پاڇو" ۽ "اکين ۾ ٽنگيل سپنا". مدد علي سنڌيءَ جو "پنر ملن" ۽ "دل اندر درياهه" ۽ "ڪيهر شوڪت جو "پل تي ويٺل هڪ نوجوان". عبدالحق عالماڻي جو "ڪارو ڪارونيار". نورالهديٰ شاهه جو "رڻ ۽ رڃ جو اتهاس" وغيره اچي وڃن

ٿا.“ (21)

سنڌي ناول جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ خاص طور تي ترجمي نگارن وجوديت جي فڪر کي سنڌي ۾ رائج ڪيو آهي. ان کان علاوه کي اهڙا ليکک بہ آهن جن پاڻ کي وجودي فڪر لاءِ ارپي ڇڏيو. سنڌي ناول نگارن ۾ قاضي خادم، ولي رام ولڀ، ماڻڪ، پرويز، منصور ٿلهو، آغا سليم، لعل پشپ، آنند کيماڻي، موتي لعل جوتواڻي ۽ شيام جئنسگهاڻي وغيره قابل ذڪر آهن. ڊاڪٽر قاضي خادم، البرٽ ڪاميو جي The Fall جو ترجمو ”زوال“ جي نالي سان ڪيو. ان کان علاوه قاضي صاحب جان پال سارتر جي ناول جو ترجمو ”پيار“ جي نالي سان ڪيو. ولي رام ولڀ، البرٽ ڪاميو جي ناول Stranger جو ترجمو ”ڌاريو“ جي عنوان سان ڪيو. ڊاڪٽر بدر اجڻ سارتر جي ناول جو ترجمو ”اندر جي اڳل“ سان ڪيو آهي. الطاف شيخ سارتر جي ناول جو ترجمو ”مس سدا بهار چنبيلي“ جي نالي سان ڪيو.ان کان علاوه اصلوڪن ناولن ماڻڪ جا ”پاتال ۾ بغاوت“، ”لڙهندڙ نسل“، لعل پشپ جو ناول ”هڪ سرد ديوار“ شيام جئنسگهاڻي جو ”ڪاهيءَ جي چوطرف“ وغيره ان سلسلي ۾ اهم ناول آهن. رسول ميمڻ بہ وجودي ليکک آهي. سندس ڪيترائي ناول شايع ٿي چڪا آهن، جن زندگيءَ جي بي معنيت ظاهر ٿئي ٿي.فاروق سولنگي، اخلاق انصاري، اسحاق انصاريءَ جي ناولن ۾ بہ وجودي فڪر جا اولڙا موجود آهن.

**سائنسي افسانيت جو لاڙو**

زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ايندڙ هر شيءِ هڪ افساني جو موضوع ٿي سگهي ٿي. ايستائين جو خيالي دنيا جون ڳالهيون (Fantasy)، ڏند ڪٿائون (Myths)، جڙتو سائنسي قصا (Science Fiction) بہ افسانن جا موضوع ٿي سگهن ٿا. سائنس فڪشن پنهنجي جوهر ۾ تخيل جي گهڻ پاسائين اڏام ۽ اظهار جو وسيلو آهي. اُن ڪري ئي سائنس فڪشن جا پلاٽ، ڪردار ۽ ٻيا سڀ لاڳاپيل معاملا مستقبل سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. سائنس فڪشن صنف ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ ”هارڊ سائنس“ ۽ ٻي ”سافٽ سائنس“. هارڊ سائنس جا موضوع نيچرل سائنس رهيا آهن ۽ سافٽ سائنس جا موضوع سماجي سائنس بنيا. ان کانپوءِ، سائنس فڪشن ۾ ٻيا موضوع بہ داخل ٿيا،

جيئن ممڪنات، تجسس، جاسوسي ۽ ڊپ وغيره. جيتوڻيڪ، سائنس فڪشن ۾ انهيءَ قسم جي ادب کي گهڻي پذيرائي ڪانہ ملي. پر ”ممڪناتي ۽ قياس آرائيءَ تي ٻڌل لکڻيون“ جيڪي فيوچرالاجيءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون، تِن تي گهڻو ڪم ٿيڻ لڳو.

سائنس فڪشن جا شروعاتي ماخذ ڏند ڪٿائي ادب جا شاهڪار آهن. ڇو تہ اِنهن ۾ ويساهہ ۾ نہ ايندڙ ڪردار جا ڪم ۽ اعتبار کان ٻاهر جي دنيائن ۽ لقائن جو ذڪر آهي. پر جيڪڏهن اوائلي ڪتابن تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي لوسيءَ جو ”ٽرو اسٽوري“، ”عربين نائيٽس“ ۽ ابن النفيس جا ڪتاب ملن ٿا. پر سائنس فڪشن جي قبوليت هڪ ادبي صنف طور 19 صديءَ ۾ ٿي. ڇو تہ اِن دور ۾ جو ناٿن سئفٽ جو ڪتاب ”گليوَرس ٽريولِس“ والٽيئر جو ڪتاب ”مائڪرو ميگاس“ ۽ ڪئپلر جو جڳ مشهور ورڪ ”سونيئم“ ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا. ڪئپلر جي ڪم کي ڪارل سائگان ۽ آئزڪ ائسيموف پهرئين سائنس فڪشن تخليق سڏيو آهي. هِن ۾ چنڊ ڏانهن سفر ۽ اُتان ڌرتيءَ جي ڦيري جي نظاري بابت ٻڌايو ويو آهي.ايچ جي ويلز کي سائنس فڪشن ناول جو باني سمجهيو وڃي ٿو. ويلز ڪيترائي سائنس فڪشن ناول لکيا، جهڙو ڪ ”وار آف دي ورلڊ“، ”دي ٽائيم مشين“، ”دي انوزيبل مين“ ۽ ٻيا شامل آهن. ادبي خدمتن جي عيوض ويلز جو نالو نوبل انعام لاءِ بہ چونڊيو ويو هو. ويلز ، پنهنجي ناول ”دي ٽائيم مشين“ ذريعي پهريون ڀيرو اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انسان وقت (ماضي ۽ مستقبل) ۾ سفر ڪري سگهي ٿو. سندس هي ناول 1895ع ۾ ڇپجي آيو ۽ هٿو هٿ وڪامجي ويو. هن ناول ۾ ويلز هڪ اهڙي ميشن جو ذڪر ٿو ڪري جنهن جي مدد سان وقت ۾ سفر ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ سائنسي علم ترقي نہ ڪئي آهي ۽ سنڌ ۾ افسانوي ادب جي ڄمار بہ گهڻي قديم نہ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب بہ گهڻو نہ لکيو ويو آهي. سنڌ ۾ نثري ادب جي شروعات ۽ ان سان گڏ ترجما نگاري جي شروعات انگريزن جي دور کان شروع ٿي. ان ڏس ۾ جاسوسي ادب، سائنس فڪشن، ڪرائيم فڪشن وغيره تي مبني ڪهاڻين جا ڪي سنسني خيزي ڪهاڻين جا مثال موجود آهن. انگريزن جي دور ۾ هن قسم جون ڪافي ڪهاڻيون لکيون ويون يا ترجمو ٿيون،

جن ۾ ’شرلاڪ هومس‘، ’گونگو دوست‘، ’پيانڪ لاش، ’خوفناڪ ڪتو‘ وغيره اهم آهن. مرزا قليچ بيگ ڪي جاسوسي ناول ترجمو ڪيا ۽ پين به ڪيا ڪيا، چو ته ان دور ۾ جاسوسي ادب تمام گهڻو مشهور هو. مرزا قليچ بيگ، جوناٿن سئفٽ جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver’s Travels جو ترجمو 1920ع ۾ ”گليور جو سفر “ جي نالي سان ڪيو.”گليور جو سفر ۽ تصوراتي حقيقت پسندي (Fantastic Realism) جي ٽيڪنڪ ۾ لکيو ويو آهي . سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جو پهو مثال صاحبسنگهه چندا سنگ شاهاڻيءَ جو الٿو ڪيل ”تارن جو اپياس يا آتو مير چنداڻيءَ“ آهي. صاحب سنگهه چندا سنگهه ، ٿامس هارڊِي جي هڪ ہئي ناول (Two on Tower) جو ترجمو (الٿو) ”تارن جو اپياس يا آتو ميرچنداڻي“ جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1930ع ۾ ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچيءَ پاران ڪي. ٽي شهاڻيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. هِن ناول جو تاجي پيٽو، اُن زماني جي ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ جي جهلڪ ڏئي ٿو. هِن ناول جا ٻه مکيه ڪردار هڪ ڳيرو نوجوان ۽ هڪ سيٺياڻي آهن. ناول جو مکيه ڪردار ’آتو‘ ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ قائم آبزرويٽريءَ ۾ ويهي تارن، گرهن ۽ وايومنڊل جو اپياس ڪري ٿو ته جيئن دُرست انگ اکر زراعت لاءِ ڪتب آڻجن، ٻوڏن ۽ موسمياتي تبديلين جو اڳواٽ بندوبست ڪرى سگهجى“.[22]

سنڌ جى محب وطن سياستدان ۽ اديب قاضى فيض محمد ”ٻاويهه سؤ ٻاويهه“ جى عنوان سائنس فڪشن تى اصلوڪو ناول لکيو، جيڪو سنڌي اديبن جى سهڪاري سنگت حيدرآباد سنڌ پاران ڇپيو. ڊاڪٽر غفور ميمڻ هن ناول لاءِ لکي ٿو ته ”جديد دؤر جي بدلجندڙ قدرن ڪي ذهن ۾ رکندي سائنسي فڪشن تي ناول قاضي فيض محمد 1957ع ۾ لکيو هو، جيڪو ”ٻاويهه سؤ ٻاويهه“ نالي سان ڇپيو هو. هن ناول جي خاص اهميت اها آهي ته هن ۾ تخليق جي پرواز اڏام ڪٿولي واري ناهي پر سائنسي ايجادن ۽ ترقيءَ ڪي ذهن ۾ رکندي مستقبل جو هڪ سماجي ڍانچو تشڪيل ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اها ترقي خيالي آهي پر سندس بنياد سائنس تي رکيل آهي. اها هڪ خوش آئند ۽ مثبت ڳالهه آهي ته

سائنس جي اهميت کي تسليم ڪري انهي تي مستقبل کي استوار ڪيو ويو جيڪا روشن خيالي آهي." (23)

هن ناول ۾ قاضي صاحب پنهنجي پياري وطن سنڌ ۽ ان جي غريب ماروئڙن جي بهتر مستقبل جو خواب بيان ڪيو آهي. قاضيءَ جو هيءُ خواب سڄيءَ انسان ذات جي بهتر مستقبل جو خواب آهي. هيءُ ناول، سنڌي ٻوليءَ جي ’سائنس فڪشن‘ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن ناول ۾ مستقبل ۾ متوقع سائنسي ترقيءَ ۽ اُن ۾ سنڌ جي حيثيت بيان ڪئي وئي آهي. هن ناول جي شروعات هن ريت ڪيل آهي:

سنڌي ادب ۾ محمد بخش جوهر جو نالو "قياس تي ٻيٺل ادب" ۾ سرفهرست آهي. جوهر جا ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻيون سائنس فڪشن جو اعليٰ نمونو آهن. هن نه صرف پاڻ جاسوسي ۽ سائنس فڪشن تي ناول لکيا ، پر ترجمو به ڪيا. جن ۾ "اڏام ڪٽولو" ، "اڏامندڙ ٿالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج" قابل ذڪر آهن." (24)

2000ع ۾ "ممتاز بخاريءَ، ناروي جي ناول نگار جوسٽين گارڊر جي مشهور Sophies World ناول جو ترجمو "سوفي جي دنيا" جي نالي سان ڪيو آهي. هيءُ سائنس فڪشن ناول طرز تي لکيل ڪتاب آهي. هن ناول جو مکيه ڪردار ناروي ۾ رهندڙ هڪ نوجوان ڇوڪري سوفي آموڊيسن آهي، جنهن مان هن جو نالو سوفيءَ جي دنيا پيو. جڏهن ته ٻيو ڪردار هڪ فلسفي البرٽو ناڪس آهي، جيڪو سوفيءَ کي فلسفي جي دنيا ۽ نظرين کان واقفيت ڪرائيندو آهي. ناول جي شروعات ٻن نامعلوم خطن سان ٿئي ٿي، جيڪي سوفي کي موصول ٿيا هئا. انهن پيغامن ۾ ٻه سوال اٿاريا ويا هئا: "توهان ڪير آهيو؟" ۽ "هي دنيا ڪٿان آئي؟" صوفي جي ملاقات هڪ ڪراڙي فلاسافر سان ٿئي ٿي. جيڪا کيس زندگيءَ جي رازن کان واقف ڪرائي ٿي. سڄو ناول فلاسافيڪل ۽ سائنسي سوالن تي مبني آهي، جيڪو زندگيءَ جي بنيادي سوالن بابت تمام گهرائي سان بحث ڪري ٿو

ان ڪانسواءِ ايڇ جي ويلز جي جڳ مشهور ڪتاب، "وار آف دي ورلڊس" جو نصير سارنگ سنڌي ۾ ترجمو بعنوان "مريخ جو حملو" ڪيو آهي، جيڪو سنڌي

لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2003ع ڇپايو آهي. هي ناول، سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن تي تمام دلچسپ ناول آهي. يوسف سنڌيءَ جو ناوليٽ ”مريخ جا مسافر“، سندس ڪتاب ”مريخ جا مسافر ۽ ٻيون ڪهاڻيون“ ۾ 2013ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. هن ناوليٽ توڙي جي ٻارن جي لاءِ لکيل آهي، پر ان ۾ سائنسي دنيا کي ٻارن جي سمجهه مطابق پيش ڪيو ويو آهي. موجوده دور ۾ نوجوان اديب ڪليم ٻٽ، نه صرف سائنس فڪشن ناولن تي مضمون لکيا آهن، پر پاڻ به سائنس فڪشن تي ناول ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر قاضي خادم : ” ادب ۽ روايتون“، سنڌ ساهت ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1992ع، 68
2. سومار شيخ : .عبراني ” ناول جو مهاڳ،1973ع
3. شوق سنڌي: ”اديون ڏيوم صلاح“، 1961ع
4. عبدالحق عالماڻي: ”ڪارو ڪارونيار“
5. سراج ميمڻ جو انٽرويو: ماهوار ”سنڌ سجاڳ“1994ع
6. آغا سليم : ”همه اوست“
7. شيخ عبدالرزاق ”راز“:”مسافر“ (ڪتاب جو مهاڳ)
8. قمر شهباز: ”درد جو سفر“، هڪ ليکڪ جو تخلقي سفر مرتب مختيار احمد ملاح، ڪويتا پبليڪشن حيدر آباد، 2010ع ص62
9. تاج بلوچ: ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر“ (ڪهاڻي نمبر) منصور پبليڪشن 1980ع ص 17
10. فقير محمد لاشاري: ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ (ماهوار سنڌو، _ 1986ع) ص، 106
11. مختيار احمد ملاح: ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي“ حيدرآباد
12. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر“ ، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد، 253_54
13. سرواڻ سنڌي: روم نمبر سورنهن

14. غلام رباني آگرو: "سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر"، سنڌي ادبي بورڊ، 2013ع
15. ڊاڪٽر لالواڻي چيتو: "برطانوي دور ۾ سنڌي نثر – ڪهاڻي" مرتب منوهر متلاڻي، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، ممبئي 2003، ص 68
16. غلام علي الانا:" لاش "، آر. ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد، 1953ع، ص 10
17. غفور ميمڻ:"سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" ، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2012ع، ص 401
18. طارق اشرف: "مونو لاگ" ، ماهوار نئين زندگي، 1973ع
19. مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو"، ڪاٺياواڙ اسٽورز، ڪراچي، 2006ع ص 454
20. عبدالوحيد جتوئي: "وجوديت ۽ سنڌي ادب"، سرڳ پبليڪيشن، حيدرآباد 2001ع ص 59
21. حوالو ساڳيو، ص 59
22. ڊاڪٽر چندو لعل جيسنگهاڻي: "سنڌي ناول جي ارتقا"، ڪونج پبليڪيشن، 2004ع، ص 69
23. غفور ميمڻ:"سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر" ، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2012ع، ص 505
24. مختيار احمد ملاح: "ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت"، سنڌي لئنگيئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 204

# آزاديءَ کان پوءِ جا ڪي مشهور ناول نگار

## محمد عثمان ڏيپلائي (1905_1981ع)

سنڌي ادب ۾ جيترا ناول محمد عثمان ڏيپلائي لکيا آهن يا ترجمو ڪيا آهن ان جو ڪو مثال نہ اڳ موجود هو ۽ نہ هينئر موجود آهي. ذاتي صلاحيتون تہ منجهس ننڍپڻ کان موجود هيون. ان ڪري گجراتي، گرمکي، هندي، اردو ۽ انگريزي زبانن جي ادب مان استفادو ڪيائين. آزاديءَ کان پوءِ بہ هن اسلامي تاريخ جي پسمنظر ۾ سوانحي ۽ تاريخي ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، پر هاڻي سندس انهن ناولن ۾ قومپرستيءَ جا لاڙا شامل ٿيا. سندس ناولن جي ٻي خوبي اها آهي تہ هن جي ناولن ۾ سماجي ۽ معاشي مسئلن جي اپٽار ملي ٿي. هن جي ناولن جي ٽين خوبي اها آهي تہ انهن ۾ ترقي پسند لاڙا، مسلسل جدوجهد، ڏاڍ ڏمر خلاف آواز بلند ڪرڻ، ۽ سورهين جي سورهيائي بيان ڪرڻ جا انيڪ مثال ملن ٿا. سندس ناول جي چوٿين خوبي اها آهي تہ هوناول جي بي حد دلڪش منظر نگاري پيش ڪري ٿو. پڙهندڙ ائين محسوس ڪري ٿو ڄڻ اهو سڄو منظر هن جي اکين اڳيان هلي رهيو آهي.

آزاديءَ کان پوءِ وارن محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناولن لاءِ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکيو آهي تہ ”محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناولن ۾ ڪجھ وقتي مسئلن جي خبر پوي ٿي، جيئن سماجي برايون، پير پرستي وغيره. هن صاحب جي ڪن ناولن کي ضنط بہ ڪيو ويو.“(1) محمد عثمان ڏيپلائي لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان گهڻو اڳ ڪئي هئي. آزاديءَ کانپوءِ بہ هن ڪيترائي تاريخي، سماجي ، قومپرستيءَ تي مبني ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا.

1948ع ۾ ڏيپلائي صاحب جو ناول ”سلطان ٽيپو شهيد“ اسلاميہ ادارا لاشاعت حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي طبعزاد ناول ٽيپو سلطان جي بهادري متعلق هڪ تاريخي ناول هو. 1949ع ۾ ساڳي اداري طرفان ڏيپلائي صاحب جا ٽي تاريخي ناول شايع ٿيا. جن ۾ ”غازي احمد شاھ ابدالي“، ”مسلمان بادشاھ“ ۽ ”مسلمان عورت“ شامل آهن. 1950ع ۾ ڏيپلائي صاحب جو تاريخي ناول ”روم جي راڻي“ شايع ٿيو. هي ناول اسلامي پسمنظر ۾ تاريخي هو. 1951ع ۾ سندس

”خيبر جون خوبانيون“ ۽ ”سمر قند جا صوف“، شايع ٿيا، جيڪي پڻ تاريخي هئا.
سندس ناول ”مينا بازار“ پڻ 1949ع شايع ۾ ٿيو. هي اهو زمانو هو، جڏهن ”قرارداد مقاصد“، منظور ٿيڻ جي باوجود اسلامي اصولن جي برعڪس، ملڪ جلد سڌرڻ ۽ جاهل عورتن کي ماڊرن بڻائڻ جي شوق ۾ ڪن صاحب اقتدار جي بيگمات ملڪ ۾ مينا بازار لڳائڻ جو شغل ڪيو. هن ناول ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿيس ته:

”انهيءَ مينا بازار ۾ امير عورتن جا لباس ۽ زيورن جا نوان طريقا ايجاد ڪيا ۽ غريب هنر مند عورتن، پنهنجا هنر ڪمال ڏيکاريا، پر ڪٿي امير عورتن، غريبن جو هنر خريد ڪيو، ته وري ڪي اهڙيون امير عورتون به هيون، جن وٽ هنر به هو ته پيسو به. اهي نهايت خوش هيون. چاڪاڻ ته انسان جي اصل خوشي هنر ۾ آهي، نه پيسيءَ ۾“.[2]

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو سومنات جي سندري 1950ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سلطان محمود غزنويءَ جي سومنات تي حملن جي تناظر ۾ لکيو آهي. سندس ”شير ايران“1950ع ۾ اسلاميه پريس حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هن ناول ۾ پهرين مهاڀاري جنگ دوران ايرانين جي روسي غلاميءَ کان آزاديءَ جي ڪشمڪش جي پس منظر ۾ لکيل آهي. سندس ناول ” احمد شاهه ابدالي“ اسلاميه دارالاشاعت اسلاميه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد مان 1949ع ۾ ڇپيو. هن ناول ۾ احمد شاهه ابداليءَ جي زندگيءَ بابت لکيو.1917ع واري روسي انقلاب جي نتيجي ۾ بخارا سمرقند وغيره ۾ اٿندڙ انقلابي تحريڪن جي سماجي ۽ سياسي پس منظر ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو سرجيل ناول ” سمرقند جو صوف“ 1952ع ۾ شايع ٿيو.

”محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو“انور پاشا“ 1957ع ۾ شايع ٿيو. انهيءَ کان اڳ اهو ناول ماهوا ”انسان“ ۾ قسطن وار شايع ٿيو .انور پاشا جي خلافتي دور ۾ هليل جمهوري تحريڪ دوران ترڪيءَ جو مقبول ترين اڳواڻ هو، پر پهرئين مهاڀاري جنگ ۾ ترڪيءَ جي شموليت جي سندس غلط فيصلي ترڪيءَ کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ جلا وطن جي عبرتناڪ ڪهاڻي ناول جي شڪل ۾ سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو آئي. دراصل هيءُ ناول، ون يونٽ خلاف مزاحمتي ادب جي هڪ

اهم ڪڙي هو، جنهن ۾ سنڌي قومپرستيءَ جي تبليغ ڪيل هئي. نتيجي ۾ ناول کي 1957ع ۾ ئي ضبط ڪيو ويو.

هن ناول جي پيش لفظ ۾ لکيو ائائين ته ”وطني آزادي جي علم بردار حضرت انور شهيد عليہ الرحمت جي زندگيءَ جا حالات هر محب وطن جي مطالعي ۾ هجڻ نهايت ضروري آهن پر سنڌي ادب جي ٻين ڪوتاهين سان گڏ اها به نهايت افسوسناڪ ڳالهه آهي، جو دنيا ۽ اسلام جي انهيءَ چمڪندڙ هيري، خوله ٻين ڪيترن ئي اهڙن جانباز جوانن جا حالات سنڌي ۾ نٿا ملن. اڄ ون يونٽ ٿيڻ سبب اسان جو صوبو ڊبل غلامي جي شڪنجي ۾ پيڙجي رهيو آهي، اسان جي 30_35 سالن جي جدوجهد سموري اڪارت ٿي چڪي آهي، جيڪڏهن موجوده صورت مسلسل رهي ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سنڌي ڪائيون ڪٽندڙ ۽ پاٽي پريندڙ وجي بچندا. ان ڪري سنڌي قوم کي هن خوفناڪ تباهيءَ جي غار ۾ ڪرڻ کان بچائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته سنڌ جي ٻچي ٻچي کي اهو احساس ڏياريو وڃي ۽ ايندڙ مسئلن کان خبردار ڪيو وڃي.“[3]

ڏيپلائي صاحب جي سيني ناولن مان ” 1857ع جي آزادي جي جنگ“تي گهڻو شور مچيو ۽ نتيجي ۾ ناول کي ضبط ڪيو ويو. 1957ع ۾ شايع ٿيل هن تاريخي ناول ۾ 1857ع واري جنگ ۽ ان کان پوءِ واري تاريخ ويندي 1955ع تائين جي اهم سياسي تحريڪن جو نهايت دلچسپ احوال ڏنل آهي. وقت جي حالتن پٽاندڙ هن ناول ۾ ڦري گهري ڳالهه سنڌ جي غلامي بابت ڪيل آهي. ڏيپلائي صاحب جو خيال هو ته جيتوڻيڪ اسان انگريزن کان آزادي وٺي چڪا آهيون پر درحقيقت اسان اڄ به انهن وٽ غلام بڻيل آهيون. ڪتاب ۾ 1857ع کان وٺي نندي ڪنڊ جي سياسي تاريخ جو ذڪر نهايت مختصر، جامع ۽ دلچسپ پيش ڪيو ويو آهي. سڄو مقصد پڙهندڙن کي سنڌ سان ٿيل ويساهه گهاتين ۽ ون يونٽ جي زوري مڙهجڻ کان آگاهه ڪرڻ آهي.

سندس ناول”جپاني گڏي“1957ع ۾ شايع ٿيو ۽ هن ناول تي به بندش پئي. هي ناول نوبل پرائيز کٽيندڙ آمريڪي مصنف پرل ايس بڪ (1892_1960ع) جي ناول The Dragon Seed جو ترجمو آهي. هي ناول چين ۽ جپان جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي پسمنظر ۾ لکيل آهي، پر

محمد عثمان ڏيپلائيءَ ناول کي سڌو سنئون ترجمو نہ ڪيو آهي ، پر مقامي رنگ ڏئي، سنڌي قومپرستي کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ناول ۾ ڏيپلائيءَ اهڙن حالتن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي آزاديءَ کان بعد آيل ڌارين کي سنڌ جو زرعي ذمينيون الاٽ ڪري آباد ڪيو ويو.

ڏيپلائي صاحب جا ناول ترجمو گهٽ، اصلوڪا ۽ سندس پنهنجا وڏيڪ لڳندا آهن. ان ڏس ۾ سندس ناول ”ماءُ“ اهم آهي، جيڪو روسي ناول نگار مئڪسم گورڪي (1868_1936ع) جي مشهور انقلابي ناول ”Mother“ جو ترجمو آهي. ”ماءُ“ گورڪي جي شاهڪار ناول مان هڪ آهي. اصلي ناول 1000 صفحن کان بہ وڏيڪ آهي پر ڏيپلائي صاحب ان جو صرف 100 صفحن ۾ ترجمو ڪيو آهي. حقيقت ۾ ناول پنهنجي اصليت وڃائي ويٺو. هن ناول جو سنڌي ۾ گوبند مالهي پڻ ترجمو ڪيو هو. هن ترجمي وسيلي ڏيپلائي صاحب سنڌي قومپرستي واري لاڙي کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙي طرح ڏيپلائي صاحب ليوٽالسٽاءِ جي ناول War and Peace جو ترجمو ”جنگ ۽ امن“ جي نالي سان ڪيو هو. جنهن کي پڻ هن مختصر ڪري پيش ڪيو. هي ناول عالمي حيثيت ماڻي چڪو آهي، جنهن ۾ امن ۽ جنگ جي مسئلن، سببن، حل ۽ معاشي ۽ سماجي براين کي پيش ڪيو ويو آهي. پر ڏيپلائي صاحب ان کي انتهائي مختصر پيش ڪيو آهي. جنگ ۽ امن“ (War and Peace) عالمي ادب جو اهو فنپارو آهي، جنهن جي ٻي ڪنهن لکڻيءَ سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ مثال پيش ڪرڻ بہ محال آهي. انهيءَ ناول ۾ پاڻ سچيتائيءَ سان هيڪاندا ڪردار تخليق ڪري انهن کان چابڪ دستيءَ سان ڪم ورتو اٿس. ”سی نيزي پاند“ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو، مشهور روسی ناول نگار آستروسٽڪيءَ جی ضخيم ناول Till the Steel was Tempered جو انتهائی مختصر ۽ آسان سنڌیءَ ۾ ڪيل ترجمو آهی. سن 1955ع ۾ زوری لاڳو ڪيل ون يونٽ خلاف سنڌي اديبن، صحافين، دانشورن ۽ شاگردن سخت احتجاجی مهم هلائی، ان تحريڪ ۾ محمد عثمان ڏيپلائیءَ تمام گهڻو حصو ورتو ۽ 1958ع واري مارشل لا ۾ ڪيس گرفتار ڪري جيل ۾ پڻ وڌو ويو. ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۾ ڏيپلائي صاحب دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هليل انقلابي

تحريڪن ۽ آزاديءَ جي پسمنظر ۾ ناول لکيا.انهيءَ سلسلي ناول ’سسي نيزي پاند1957 ‘ ۾ يوڪرين ۾ اٿيل انقلابي تحريڪ بابت سرجيل آهي.

هن ناول لکڻ جو مقصد ڏيپلائي صاحب هن ريت بيان ڪيو آهي: ”تونهال پنهنجي قوم ۽ وطن جي آئيندي جا وارث ۽ مالڪ آهن. انهن جي جهڙي تربيت ۽ تعليم ٿيندي هوندي ملندي، وڏي هوندي اهڙا ئي بڻبا آهن .ان ڪري اهو بلڪل ضروري آهي ته اسان جي نئين ٽهيءَ کي اهڙا سبق سيکارجن، جن ۾ بهادريءَ جو جوهر پيدا ٿئي ۽ وڏي هوندي هو پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ مفيد ثابت ٿين. هنن مان احساس ڪمتري نڪري وڃي، جيڪا منجهن بزدل ۽ گدڙ صفت ليڊرن جي پيدا ڪيل هجي ۽ هو مرد ميدان بڻجي انهن وحشين ۽ ظالمن سان پوريءَ طرح مقابلا ڪن، جيڪي سنڌن قوم ۽ وطن جا دشمن هجن“.

سندس ”سانگهڙ“ ناول 1967ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول تاريخي ۽ انقلابي موضوع تي مبني آهي ۽ ڏيپلائي صاحب جي سيني ناولن ۾ وڏي اهميت وارو آهي. هن ناول بابت ڏيپلائي صاحب خود لکيو آهي ته ”منهنجو هي پهريون اوريجنل ناول آهي، جو سنڌ جي عوامي حالات تي مشتمل آهي ۽ انهن چاليهن ڏينهن ۾ لکيل آهي، جو مون حيدرآباد سينٽرل جيل جي سي ڪلاس ۾ گذاريا“.(4)

هن ناول ذريعي ڏيپلائي صاحب سنڌ جي هڪ عظيم سپوت ۽ مجاهد پير صبغت الله شاهه راشدي عرف پير پاڳاري جي هيرو واري ڪردار کي نه رڳو اپاريو آهي پر ”حر تحريڪ“ جي اهميت ۽ هر ڪردار کي بيمثال نموني به پيش ڪيو آهي.

”حر تحريڪ“ جنهن کي انگريزن بغاوت جو نالو ڏيئي، ڪيترن ئي مجاهدن ۽ وطن دوستن کي سوريءَ سزاوار ٺهرايو هو. هن ناول ۾ ان دور جي سامراج سنڌ جي ايثار پسند مجاهدانه طبقي يعني حرن جي باهمي جدوجهد ۽ درد انگيز داستان آهي. ناول جو هيرو هن تحريڪ جو اڳواڻ سيد صبغت الله شاهه راشدي عرف پير پاڳارو آهي. هن ناول جا ٻيا ڪردار اسان جي ڏٺل وائٺل، سيٺ، خان صاحب، وڏيرا، آفيسر، ڪماني ڪمشنر، پوليس وارا، ڪڙمي، ڪاسبي ۽ انهن جو عورتون آهن، جيڪي ڪردار ”حر تحريڪ“ يا انساني حقن جي تحريڪ هلائن ٿا.

هن ناول ۾ ان دور جو سچو وايو منڊل سامهون اچي وڃي ٿو. سنڌ ۾ حراس وارو ماحول، لڏ پلاڻ، بيچيني، مذهبي جهيڙا، سڄي هندستان ۾ ڦهريون مارشل لا سنڌ ۾ لڳڻ وغيره هن ناول ۾ پڙهي سگهجن ٿا. اهڙي طرح ان دور جون سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي خبر بہ هن ناول مان پوي ٿي. ناول جي شروع ۾ هڪ هاري گامون ۽ ان جي زال جو دردناڪ داستان بيان ڪيل آهي. هن ناول لاءِ محترم غلام محمد گرامي لکي ٿو تہ "سانگهڙ" ناول ۾ حر تحريڪ جي ڀرپور ترجماني ۽ عڪاسي موجود آهي. منجهس پير صاحب جي بلند حوصلائپ، مجاهدانہ ڪردار، ۽ حرن جي ڏيڻ ۽ ڏارن، نياڻين ۽ زالن جي بهادرانہ مقابلن، ڪير پياڪ مائرن جي ايثار ۽ ڪنوارين جي سهاڳ جي قرباني، سنگينن ۽ گولين جي ڇانءَ ۾ نماز، عشق جي ادائگي جا ولولہ انگيز ۽ روح پرور نظارا ملن ٿا، چند اقتباس مثال طور پيش ڪجن ٿا:

"اسين اوهان مان اهي شخص طلب ڪريون ٿا، جيڪي پنهنجا سر اسان لاءِ وقف ڪن، ۽ جنهن بہ مهل اسين آواز ڏيون، هو يڪدم اهو پنهنجي هٿن سان لاهي ڪٽي اسان اڳيان رکن: اهڙن شخصن کي "غازي" سڏينداسين. . . .

"تون تہ منڊو آهين، پوءِ غازي ڪيئن ٿو بنجين؟"

"سر ڏيڻ جو هوڪو آهي، حضور، پڇڻ جو پروگرام ڪونهي، جنهن ۾ منڊا منجهي پوندا! . . ." (5)

هي تاريخي ناول سنڌ جي مجاهدانہ تاريخ جو اهم باب آهي، جنهن تي اهل سنڌ کي فخر هجڻ گهرجي. هي ناول هر نوجوان سنڌي کي ضرور پڙهڻ گهرجي. هن ناول تي تبصرو ڪندي محترم ڪلا پرڪاش ماهوار سپون ممبئي ۾ لکي ٿي تہ "سانگهڙ پڙهي رهي هيس تہ هڪ ساٿي ليکڪ چيو تہ ناول تمام سٺو آهي، پر ٽيڪنڪ اهو ئي پراڻو. مون ڪيس وراڻيو ڪنهن مال (Matter) کي رومال (Technic) جي ضرورت ئي نہ هوندي آهي. هي ناول ڪنهن ٽيڪنڪ جو محتاج نہ آهي. هي ناول هر دور هر سنڌي لئبرري ۽ ادبي اداري ۾ موجود هئڻ گهرجي تہ جيئن هر پيڙهيءَ جو ماڻهو محمد عثمان ڏيپلائي جهڙي ادبي شخصيت کان واقف ٿئي ۽ "سانگهڙ" پڙهي اوچي ڳاٽ سان چوي تہ اسين شينهن جو اولاد آهيون". (6)

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو لکيل ناول ”انقلاب ايران“ پهريون ڇاپو 1980 ع ۾ اسلاميہ پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپيو. ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب ۾ حضرت آيت الله روح الله خمينيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ايران ۾ آندل انقلاب جو ذڪر آهي.پاڪستان رائيٽرز گلڊ طرفان هن ناول کي سال1980 ع جي بهترين سنڌي ناول جو اعزاز ڏنو ويو. هي ناول ڏيپلائي صاحب جو لکيل آخري ڪتاب آهي. قيمت پنج رپيا اٿس.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي مطابق ”ڏيپلائي جا ناول اڪثر طبعزاد هوندي ڪن ڀين اردو ڪتابن جي انگن اکرن موجب لکيل آهن. سندس جوش جذبي جي فراواني ڪي وساري نٿو سگهجي. هن مڪمل ذميندراي سان هي ناول لکيا. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هو ڏاهر جي ڪردار سان اختلاف ڇڏي، ان جو حامي ٿيو. ”ڏاهري رنگ محل“ جي جڻ رد ۾ لکڻ لڳو. هي دور ڏيپلائي وٽ سنڌين جو دور هو. نور توحيد ۽ سمر قند جي صوف کي وساري ڏيپلائي هر صنف ۾ سنڌ جي سورن تي لکيو. ٻئي طرف هو شهنشاهه ايران جي حڪومت ڊهڻ تي خمينيءَ کي پنهنجي ناول انقلاب ايران ۾ پسي ۽ پسائي رهيو هو. سانگهڙ ۾ سامراج خلاف لکڻ وارو هاڻي سنڌ خلاف ٿيندڙ سامراجي سازشن کي وائکو ڪري رهيو هو. ڏيپلائي اهو نعرو هنيو، جنهن کي هن حق ڄاتو“.(7)

## قاضي فيض محمد (1908_1982ع)

قاضي فيض محمد سنڌي ادب جو هڪ تمام وڏو نالو آهي. هو فلسفي، مفڪر، ڏاهو، دانشور، سياستدان، مضمون نگار ۽ ناول نگار ٿي گذريو آهي. سندس جنم هالاڻي ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ناولن ۾ ”جنسار“ (ناول 1956 ع)، ”ٻاويهہ سو ٻاويهہ“ (ناول 1956ع) ۽ ”اڻ ڄاڻ“ (ناول 1993ع) اهم آهن. قاضي صاحب جي ٻين ڪتابن ۾ ”دردن سندو داستان“ (شاعري 1980)، ”سورن سندي سيج“، منهنجو سفر (آتم ڪهاڻي 1999ع)، ”علامہ آءِ آءِ قاضي“، ”هاري ڪاميٽي ۽ الاٽي تحريڪ“ ۽ انگريزي زبان ۾ ”Sindh in the Search of Lateefi Turth“ شامل آهن.

ادبي دنيا ۾ خاص طور تي ناول ۾ قاضي فيض محمد ڇرڪائيندڙ

موضوع متعارف ڪرايا آزاديءَ کان پوءِ سائنس فڪشن ڪي سنڌي ناول ۾ آڻڻ جو پهريون مثال قاضي صاحب جو آهي.

جديد دور جي بدلجندڙ قدرن جي ڏس ۾ سندس ناول "ٻاويهه سوٻاويهه" وڏي اهميت رکي ٿو.سائنسي فڪشن تي ناول قاضي فيض محمد 1956ع ۾ لکيو هو. هن ناول جي خاص اهميت اها آهي ته هن ۾ تخليق جي پرواز اڏام ڪٿولي واري ناهي پر سائنسي ايجادن ۽ ترقي کي ذهن ۾ رکندي مستقبل جو هڪ سماجي ڍانچو تشڪيل ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ اها خيالي آهي پر سندس بنياد سائنس تي رکيل آهي. اها هڪ خوش آئيند ۽ مثبت ڳالهه آهي ته سائنس جي اهميت کي تسليم ڪري انهي تي مسقبل کي استوار ڪيو ويو آهي جيڪا روشن خيالي آهي.

هن ناول ۾ قاضي صاحب پنهنجي پياري وطن سنڌ ۽ ان جي غريب ماروئڙن جي بهتر مستقبل جو خواب بيان ڪيو آهي. قاضيءَ جو هيءُ خواب سڄيءَ انسان ذات جي بهتر مستقبل جو خواب آهي. هيءُ ناول، سنڌي ٻوليءَ جي' سائنس فڪشن' ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن ناول ۾ مستقبل ۾ متوقع سائنسي ترقيءَ ۽ اُن ۾ سنڌ جي حيثيت بيان ڪئي وئي آهي. هن ناول جي شروعات هن ريت ڪيل آهي:

> "اڄ ٻي تاري ٻئي مهيني سال 2222 جي آهي. اڄ پراڻي زماني کي گذرئي اٽڪل پوڻا ٽي سوء سال ٿيا. هي نئون زمانو آهي. اڳين ذرتي کي ذرتا ولاين سڏين ٿا. اٿين مارشيا و نسبتا، چپترنا ۽ ٻيا ڪيترائي اڳين سيارن ۽ تارن تي ڳوٺ ۽ شهرليي ۽ نهي پيا آهن".[8]

سنڌ جي نامور اديب ۽ ڏاهي سياستدان، قاضي فيض محمد جو ناول "جنسار"، آڪٽوبر 1956ع ۾ ڇپيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد پاران محمد ابراهيم جويي ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪتاب جي پهرئين ڪتاب جي پيش لفظ ۾ مقبول پٺيءَ هن ناول کي سنڌيءَ ۾ اُن وقت تائين لکيل سمورن اصلي ناولن جو صحيح معنيٰ ۾ 'سرتاج' سڏيندي لکيو آهي ته ورهاڱي کان پوءِ اهڙا تمام ٿورا ناول لکيا ويا آهن، جن سنڌي ادب ۾ ڪو خاص سڌارو يا واڌارو ڪيو هجي، هن ناول پڙهندي سنڌ جي اڳوڻي

سڪئي ستابي دور وارا نظاري اکين اڳيان تري اچن ٿا. ساڳئي وقت تصوير جو ٻيو رخ بہ نهايت نمايان ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن نہ هن سهاڄهي سرزمين جي بيڪس ۽ بيوس انسانن کي ظالم زميندار ۽ سندن ڇاڙتا ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيڙهين ٿا. ناول کي 20 بابن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر باب جو عنوان گهڻو ڪري شاهہ جي شعر مان ڪنيو ويو آهي.

هن ناول ۾ قاضي صاحب سنڌ جي سهاڄهڙن ماڻهن جي اصلوڪي صورت پيش ڪري هن ملڪ جي سنجيدہ ۽ سمجهدار طبقي کي معاشرتي ۽ ذهني انقلاب آڻڻ لاءِ اثرائتي نموني دعوت فڪر ڏني آهي. قاضي صاحب هي تاريخي ناول قيد جي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪاغذ جي ردي ٽڪرن، سگريٽ جي خالي پاڪيٽن وغيرہ تي لکي ٻاهر موڪليندو ويو، جنهن کي سهيڙي ڇپايو ويو.هن ناول لاءِ خود ناول نگار لکيو آهي تہ ”قيد جي ڪوٺڙين ۾ پنهنجي وطن وارن ماروئڙن کي ياد ڪري، هي دردن جو داستان لکيم، ”سياڳڻ“ کي سورن جو ساٿي ڪيم. شل منهنجي منٺڙي ملڪ ۽ ان جي ماڻهن جون تواروڻ ۽ تارون، ماروئڙا ۽ ماروئڙن جي مٺي ٻولي، جنهن ۾ جيجل ڏنيم لولي، ڏينهن قيامت تائين قائم ۽ دائم هجن! سچو ناول سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن، جن ۾ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي رومانوي اچي وڃن ٿا، انهن جي زندهہ تصوير آهي“.[9]

قاضي صاحب جو ناول ” اڻ چاڻ“ 1993ع ۾ سنڌي ساهت گهر پاران شايع ٿيو. ڪتاب جي پبلشر ناز سنائيءَ ناول جي وضاحت ڪندي لکيو تہ ”سائين قاضي فيض محمد بہ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا. هن ناول جو بنيادي نقطو بہ اهوئي آهي تہ انساني ارتقا سڄي دنيا جي سماج ۾، شروع کان انسان جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي ۽ سنڌ وارن ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌ وارن جيڪو امن ۽ محبت جو پيغام ڏنو آهي. اهو بہ پيش ٿيل آهي. گڏوگڏ هن سنڌ ۽ سنڌين مان ڪهڙيون اميدون رکيون آهن، ان جون جهلڪيون بہ هن ناول ۾ ڄاڻايل آهن“.[10] موضوع جي لحاظ کان هي بہ هڪ منفرد ناول آهي.

**منصور ويراڳي (1930ـ2008ع)**

هالا جي نالي واري شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نويس، صحافي، ايڊيٽر جو جنم هالا جي نامياري نعت گو شاعر جان محمد ”آصف“ هالائي جي گهر ۾ ٿيو. منصور

ويراڳي جا پڻ ڪيترائي ننڍا وڏا ناول منظر تي آيا جن ۾ ”شام و سحر“ (1965ع)، ”سوري جنين سيج“ (1965ع)، ”رت جا ڳوڙها“ (1971ع) خاص ناول آهن. منصور ويراڳي ون يونٽ واري دور ۾ قومي تحريڪ جو مڪمل اثر قبول ڪيو. هن جي ناولن ۾ سماجي، معاشرتي، انقلابي موضوعن جو عڪس جا بجا نظر ايندو. ان ڪان علاوه زميندراي ظلم، طبقاتي فرق سندس ناولن جو موضوع آهن. اهڙي طرح هن جي ڪهاڻين جا ٻه ڪيترائي مجموعا شايع ٿيا آهن، جن ۾ خاص طور تي تاريخي ڪهاڻيون قابل ذڪر آهن.

**محمد طيب ”نصرپوري“ (1920_1999ع)**

محمد طيب ”نصر پوري ولد سچيڏنو خان ابڙو جو جنم نصرپور، ضلعي مٽياري ۾ ٿيو. هو درس و تدريس جي پيشي سان وابسته هو ۽ ايم_اي، بي ٽي جون ڊگريون ڪيل هئس. هن ڪيترن ئي ديني ۽ سماجي موضوعن تي ڪتاب لکيا. محمد طيب ڪجهه ننڍا ناول به لکيا جن ۾ ”گردش افلاڪ“ (1960ع)، ”پيار جي شادي“ (1960ع)۽ ”محبت ۽ فرض“ (1954ع) اهم آهن.

سندس ناول پنهنجي دور جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي تمام سٺي عڪاسي ڪن ٿا. هن جي ناولن ۾ مذهبي عقيدن موجب صلاح ۽ مشورا پڻ ڏنل آهن. ان ڪان علاوه هن جا ناول عام گهريلو زندگيءَ جي ڪهاڻين تي ٻڌل آهن، اهڙا قصا جيڪي اسان ڪي روزمره زندگيءَ ۾ ملي سگهن ٿا. ناولن جي ٻولي سٺي ۽ وڻندڙ آهي. سندس ناول ”محبت ۽ فرض“ 1951ع ۾ آزاد بوڪ ڊيپو حيدرآباد وارن طرفان شايع ٿيو. هي سڄو ناول رومانيت ۽ اصلاح تي ٻڌل هو. اڄ اهي ناول منظر عام تان غائب آهن. ضرورت آهي ته انهن کي ٻيهر شايع ڪجي.

**فتح الدين ”بيدار“ مورائي (5 فيبروري 1937)**

فتح الدين ولد جان محمد سومرو جو جنم مورو شهر ۾ ٿيو. پرائمري تعليم مورو ۾ حاصل ڪيائين ۽ انگريزي تعليم لاءِ هالا ويو. جتان 1955ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين. 1956ع ۾ انگريزي استاد مقرر ٿيو. هن 50 کان مٿي ڪتاب لکيا آهن. رحيم سيال لکي ٿي ته ”سندس رجحان ديني تعليم ڏانهن رهيو ۽ ديني تعليم تي ڪافي ڪتاب لکيا اٿس. جن ۾ سماجي براين، سماج جي غلط رسمن ۽ رواجن بي انصافي، ظلم، ڌاڙ، رشوت خوري، زخيره اندوزي

منافع خوري ۽ ڪامورن جي ڪڌن ڪرتوتن کي وائکو ڪيو اٿس".[11]هن صاحب جا سڀ ناول اسلامي پسمنظر ۾ آهن. جن ۾ "حقيقي علم" (1955ع)، "حقيقي دوست" (1960ع) "چوٽڪارو" (1961ع)، "چوڏهين صدي" (1961ع)، "عشق جي پوک" (1963ع) "جوڳي ڄاڳايوس" (1965ع) ۽ "زهريلا ڏنگ" (1970ع) شامل آهن.

## محمد بخش "جوهر" (1919 _ 2010ع)

محمد بخش "جوهر" ولد وريام جتوئي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌي جاسوسي ادب ۾ سندس اعلىٰ مقام آهي. هن ورهاڱي کان اڳ جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيا هئا ۽ ورهاڱي کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو جنهن جاسوسي ادب جي صنف کي جيئرو رکيو. ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجما، جاسوسي قصا، ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪري سنڌي ادب کي شاهوڪار ڪيو. ورهاڱي کان اڳ هو "سڪايل" تخلص استعمال ڪندو هو ۽ "موتمار ترورو"، "سمٽ جوخون"، هيبتناڪ چمڪاٽ"، بليڪ جاسوس جو خون"، "شرلاڪ هوم کي ڦاسي"، آرين لوپن جو انتقام"، "خطرناڪ ڦوهارو" "نقاد پوش"، "چمڪندڙ بجلي"، "جاسوس ڇوڪري" ۽ "راسپوتن" جهڙا جاسوسي ناول لکيائين. آزادي کان پوءِ، هن روزنامہ هلال پاڪستان سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ هن پنهنجو تخلص بدلائي 'جوهر' رکيو. جاسوسي ادب جي لاءِ هن ماهوار ڊائجسٽ بہ جاري ڪيو، جيڪو ڪامياب نہ ٿيو. هن جا آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس بڪ سيلر ۽ يوسف برادرس بڪ سيلر طرفان ڪيترائي ناول ڇپرايا. جن ۾ "انساني کوپڙي"، "باغي"، "پڪو بدمعاش"، "خوفناڪ قاتل"، "خوفناڪ خوني"، "خوفناڪ ڪتو"، "دغابازي"، "راج محل جا راز"، "زبردستي"، "سکن سان لڙائي"، "شرلاڪ هومز م جاسوس"، "شرلاڪ هومز جاسوس جا ڪارناما" (1959ع)، "شيطان جي ناني" (1952ع)، "لعل ڇڪرو"، "خوني خزانو" ۽ "راز پنيان راز"، "خوني پيرو" (1959ع) وغيره آهن.

محمد بخش جوهر جي ناولن ۾ فئنٽيسي، سائنسي افسانيت جا بہ تجربا ملن ٿا. سندس ناول تجسس، مار ڌاڙ، جاسوسي ۽ تفريح سان ڀرپور آهن. محمد بخش جوهر جا جاسوسي ناول تجسس ۽ تفريح سان ڀرپور آهن. سند ناول

”اڌامنڊڙ ڪتولو“ آر.ايچ. برادرس، حيدرآباد پاران 1959 ۾ شايع ٿيو. ڪتاب ۾ ڪل 22 صفحا آهن. ٻيو ناول ”اڌامنڊڙ ٿالهيون“ باغبان پبلشنگ هائوس، حيدرآباد طرفان 1956 ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول تمام گهڻو مشهور ٿيو ۽ ان ۾ 328 صفحا ڏنل آهن. اهڙي طرح ناول” اڌامنڊڙ پوت“ ڊيمي سائيز ۾ آهي، جنهن ۾ 70 صفحا آهن. ڇاپو پهريون، محمد يوسف اينڊ برادرس، حيدرآباد مان شايع ڪيو. سندس جاسوسي ناولن تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. هن جي ناولن ۾ هڪ پنهنجو ماحول آهي، جادوگر، ڏائڻيون، محل، ديو، دغا باز دوست، مٿلن جو ڪوپڙيون وغيره وغيره مطلب ته سندس ناول وندر جي لحاظ کان شاندار آهن. ان کان علاوه ”ڪڪي “جهڙا ناول به هن لکيا جن ۾ سماجي عڪاسي ملي ٿي“.[12]

محمد بخش جوهر ڪرائيم فڪشن، جاسوسی ادب ۽ سائنسی ادب سان گڏو گڏ تاريخی ۽ سماجي ناول ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن. انهن مان ڪجهه جو تعارف هن ريت آهي:

محمد بخش جوهر جو ناول ”باغي“، آر.ايچ. احمد برادرس پاران 1952 ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول تاريخي موضوع تي آهي، جنهن ۾ رومي انقلاب جي هڪ اهڙي ياد آهي، جنهن مان جمهوريت جي دشمن بهترين سبق سکيو. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته دنيا جون ظالم حڪومتون عوام جي بغاوت سان بدلجنديون آهن. ظلم قائم رهندو آهي، پر ظالم هميشه زنده رهي نه سگهندو آهي. ناول جو انداز گهڻو ڪري ڊرامائي ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ناول جا اڪثر ڪردار شيڪسپيئر جي ڪردارن مان ڪنيا ويا آهن، مثال طور اٿيلو، مرنڊا، اينٽونيو وغيره. سمورو ناول جنگي معرڪن، سازشن ۽ مهم جوئين سان ڀريل آهي.

محمد بخش جوهر جو ناول ” گناهه جون راتيون“، آر.ايچ. احمد برادرس پاران 1953 ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ”گنهگار انسانن جا ڪارناما“. هي ناول فوجداري يعني ڪرائيم فڪش جي ذمري ۾ اچي ٿو. هن ناول جي ڪهاڻي ڪلڪتي جي انهن گنهگار انسانن جي آهي، جيڪي هر گهڙي گناهه جي رات ۾ گذري. اٺندي ويهندي سمهندي جاڳندي گناهن جي آغوش ۾ هئا. سندن موت به گناهن جي راتين ۾ ٿئي ٿو. هن ناول ۾ هڪ طرف

هڪ مظلوم عورت جون ڪوڪون آهن ته ٻئي طرف ظالم مردن جو خوفناڪ ٺهڪ آهن. هن ناول جي آخر ۾ اخلاقي درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ناول جو تاڃي پيٽو شهري ماحول ۾ اڏيل آهي ۽ ناول ۾ آيل واقعا هر شهر ۾ ٿي سگهن ٿا. هن ناول ۾ هڪ عورت، جيڪا ڪنهن امير گهراڻي جي هئي پر ڪاليجي لائيف ۾ غلط صحبت جي ڪري ڀٽڪي پئي ۽ پوءِ مسلسل بدڪردار مردن جي حوس جو شڪار ٿيندي رهي. انهن مردن جي ڪرتوتن ۽ عيبن جي ڪيس هر شيءِ معلوم هئي.

محمد بخش جوهر جو ناول ”ڪاليجي ڪڪي“، آر.ايڇ. احمد برادرس پاران 1953ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول جاسوسي ڪان وڌيڪ سماجي موضوع تي آهي، جنهن ۾ ٻين لفظن ۾ عورت جي ڇڙواڳ تعليم ۽ محبت جي مخالفت ڪئي وئي آهي. هن ناول ۾ نجمه نالي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن پنهنجي ڊائري لکي هئي. سندس شادي هڪ شاهوڪار نوجوان رشيد سان ٿئي ٿي، جيڪو ڪجهه وقت ۾ محسوس ڪري ٿو ته نجمه سان شادي ڪري هن غلطي ڪري وڌي آهي. هڪ ڏينهن رشيد نجمه جي بي رخيءَ جي ڪري مري وڃي ٿو. سندس دوست نثار، جيڪو ناول جو راوي آهي، ان کي نجمه جي ڊائري هٿ اچي ٿي، هو سمورن واقعن ۽ حالتن کي جاسوس وانگر تلاش ڪري ٿو. نجمه انگريزن جي دور ۾ ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪليم نالي هڪ شخص سان محبت ۾ مبتلي ٰ ٿي، جيڪو کيس فلم جي هيروئن بنائڻ جا آسرا ڏئي لاهور وٺي آيو. جتي کيس شراب، پارٽين ۾ وڏن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ ۽ حسن بازار ۾ آڻڻ وارا ڪم ڪرايا. نجمه جي شادي هڪ شريف ماڻهوءَ سان ٿي، جنهن سان به هو جٽاءُ ڪري نه سگهي. سندس رهيل سموري حياتي پڇتاءَ ۽ بي وسي جي ور چڙهي وئي.

محمد بخش جوهر جو ناول ”زبردستي“، آر.ايڇ. احمد برادرس پاران 1952ع ۾ شايع ٿيو. هي سندس ناول گهڻو تڻو سماجڪ سڌاري واري موضوع تي آهي. هن ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته اهي ظالم طاقتون ان انسانيت جا ليڪا لتاڙي،ڪمزور انسانن تي ظلم ڪن ٿا. محمد بخش جوهر واضح ڪيو آهي ته هي ناول ڪنهن اردو ناول تان ائڊاپٽ ٿيل آهي. هي ناول تمام گهڻو مشهور ٿيو هو. ناول موضوع

توڙي بيان ۽ عام فهم زبان جي حوالي سان شاندار آهي. محمد بخش جوهر جو تاريخي ناول "گناه جي پتلي"، آر.ايڇ. احمد برادرس پاران 1957 ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ سماجڪ سڌارڪ ناول آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي، جنهن کي مجبورين گناهن جي دنيا ۾ ڌڪي وڌو. هوءَ پوري ڪوشش جي باوجود ان گناهن جي دنيا مان نڪري نه سگهي، آخرڪار سندس انجام موت جي صورت ۾ ٿيو.

محمد بخش جوهر جو تاريخي ناول "سکن سان لڙائي"، آر.ايڇ. احمد برادرس پاران 1953 ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول واقعاتي ۽ تاريخي موضوع تي آهي. هن ناول ۾ 1947 ع جي آزاديءَ کان پوءِ هندستاني مسلمانن جو سکن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جيڪي فساد ٿيا، هي ناول ان پسمنظر ۾ لکيل آهي. هي ناول مسلمانن جي بهادريءَ جي تصوير آهي. محمد بخش جوهر جو تاريخي ناول "راج محل جا راز"، آر.ايڇ. احمد برادرس پاران 1953 ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول مسلمان مجاهدن فتوحات جو هڪ باب آهي.

ان کان علاوه، سندس ٻيا به ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. محمد بخش جوهر جا جاسوسي ناول تجسس ۽ تفريح سان ڀرپور آهن. سندس اڪثر ناول گهڻو ڪري ترجمو آهن ۽ هنن اصل ناول لکندڙن جا نالا ڪونه ڄاڻايا آهن. هن اصل ناولن کي جيئن جو تيئن ترجمو ڪونه ڪيو آهي، پر انهن ۾ سماجي ۽ تاريخي واقعا به شامل ڪيا اٿائين

## راز بلڙائي (1923_ 1973ع)

ابو الامين عبداللطيف "راز بلڙائي ولد عبدالستار جو جنم گهوڙا ٻاري ٺٽي ضلعي ۾ ٿيو. بنيادي طور تي شاعر هو پر افسانوي ادب سان به خاص لڳاءُ هيس، سندس افسانن جو مجموعو "بک ۽ بيڪاري" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. جڏهن ته سندس ناولن "گناهه" (1952) ۽ "شرابي" (1952) شامل آهن.

راز بلڙائي جا ناول سماجي ۽ طبعزاد آهن. انهن ۾ ورهاڱي کان پوءِ واري زندگي جي سماجي عڪاسي ملي ٿي. هن وٽ رومانوي پهلو به موجود آهي. جيئن ته بنيادي طور تي شاعر آهي، ان ڪري سندس ناولن جي ٻولي شاعراڻي ۽ دلڪش آهي. سندس باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته "سندس ناولن

۾ وقت جي سماجي حالتن موجب ڪردار ۽ انهن جي زندگي سان واسطو رکندڙ ڳالهيون ناول جي صورت وٺي بيٺيون آهن“.(13)

سندس ناول ”گناهه“ اشاعت بزم بسمل ٽنڊومحمد خان وارن شايع ڪرايو. هي ناول سماجي اصلاح جي موضوع تي ٻڌل هو.

**شيخ محمد حسين ”ڪنڊياروي (1925– 2002ع)**

شيخ محمد حسين ”ڪنڊياروي“ ولد شيخ محمد واصل جو جنم شهر ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. پاڻ نالي وارو عالم ۽ اديب هو. سندس ٻه ناول: ”بولي“(1958ع) ۽ ”پيار جو سودائي“(1968ع) شايع ٿيا. سندس ناول ”بولي“ 1958ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکيو آهي ته ”هن ناول ۾ اهڙا اهڙا واقعا ۽ حقيقتون بيان ڪيل آهن، جيڪي سنڌي سماج ۾ هميشه رونما ٿيندڙيون رهن ٿيون. هن ناول ۾ سنڌي سماج جا نهايت ئي غمناڪ، ڏکوئيندڙ ۽ داغدار پهلو پيش ڪيل آهن، حالانڪ انهن براين مان ڪيترائي خراب نتيجا نڪرندا رهن ٿا. پر انهن کي روڪڻ جي لاءِ اڃا تائين ڪو منصوبو يا ڪو طريقو اختيار نه ڪيو ويو آهي، جنهنڪري اهي برايون روز بروز وڌنديون رهن ٿيون ۽ سڄي معاشري کي تباهه ڪنديون رهن ٿيون“.(14)

ناول ۾ هڪ علامتي چيز آهي، جنهن جي پس پرده هوس ناڪ شيطان صفت، نفس پرست، بي وفا، حيوان نما انسانن جي پوري تصوير چٽيل آهي. هن ناول ۾ ”بولي“ جي زندگي جي عڪاسي نهايت ئي ڀرپور طريقي سان پيش ڪيل آهي، جيڪا پنهنجي عزت، عصمت کي بچائڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندي، پنهنجي زندگي ڪشمڪش جي حالت ۾ گذاري ٿي. هيءَ هن دور جي ننگ واري غير تمند ۽ شرافت واري طبقي جي ڪهاڻي آهي، جيڪي پيسن جي خاطر پنهنجو ايمان، عزت ۽ حيا شرم وڪڻن ٿا، جيڪي پنهنجين خواهشن خاطر هڪ شريف ۽ نيڪ سيرت عورت جي عزت ۽ عصمت وڪڻي، پنهنجا پيٽ پالين ٿا ۽ پنهنجي زندگي جون ضرورتون پوريون ڪن ٿا.

شيخ محمد حسين ڪنڊياوريءَ جو ناوليٽ ”پيار جو سودائي“ اداره جديد سنڌي ادب شاهپور چاڪر پاران 1968ع ۾ شايع ٿيو. ليکڪ ڪتاب جي مهاڳ ۾

لکي ٿو ته ”پيار جا سودائي گهٽا ملندا، پر هتي جنهن پيار جي سودائي جو ذڪر آهي، تنهن سان شايد اڳ ۾ اوهان جي ملاقات ٿي نه هجي. سندس عجيب عشق ۽ نرالي پيارمون کي مجبور ڪيو ته مٿس ڪتاب لکان ۽ جنهن عزت ۽ شهرت جو حقدار آهي، تنهن کان ڪيس ڇو محروم ڪريان“.[15]

هن ناوليٽ ۾ شيخ صاحب پنهنجي ڪنهن پياري دوست جي عشق تي لکيو آهي. ناوليٽ ”خفتي“ کي هيرو جي ڪردار ۾ پيش ڪيل آهي. ناوليٽ سڄو سارو تعريضي (Ironical) انداز ۾ آهي. ناول نگار طنز و مزاح ۾ دنياوي عشق، ماڊرن فيشن، وڏن ماڻهن جي سماجي قدرن تي ٽوڪ ڪئي آهي. ناوليٽ جو پسمنظر حيدرآباد شهر ۾ ڊيڪاريو ويو آهي. خفتيءَ جا هڪبئي پٺيان ناڪام عشق ۽ نوان تجربا، خفتي انداز آخر ۾ هن لاءِ ندامت آڻين ٿا.

مطلب ته شيخ محمد حسين جي ناولن ۾ سماج جي مختلف پهلوئن ۽ قدرن جي عڪاسي ڪيل آهي، جنهن ۾ مظلومن جون آهون ۽ دانهون درد ۽ سوز، وفا، جفا، مڪر، فريب، هوس، اخلاق، عزت، ناموس، نوجوانن جي زندگيءَ ۾ ڪشمڪش، پٺئيسي وارن ۽ پوڙهن لاءِ سبق، تلخ معلومات، نصيحت ۽ درد ناڪ نتيجا پيش ڪيا ويا آهن.

**انجم هالائی (1902ـ1975 ع)**

سندس اصل نالو آخوند حاجی عبدالرحمان ميمڻ.هو هالا مان شايع ٿيندڙ رسالی ”فردوس هالا“ جو ايڊيٽر پڻ رهيو. سندس تصنيف” ديوان انجم“ گهڻي مقبول آهي، جيئن ته سنڌ جي سٺن ڪهنه مشق شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. ٻين ڪتابن ۾ ”ديوان انجم“ (شاعري) ”علم اخلاق“، شمع اسلام ۽ ”حقيقت زندگي“ وغيره شامل آهن. هن افسانوي ادب ۾ به پاڻ ملهايو. سندس ناولن ۾ ”ڪاروان زندگي“ (1952 ع)، ”پياري نازنين“ شامل آهن.

سندس ”ڪاروان زندگي“ شاندار ناول آهي. هن ناول جا ٻه اهم ڪردار، محمود ۽ حميد آهن. محمود هڪ سرمائيدار جو اڪيلو پٽ ۽ عياش آهي. جڏهن ته حميد مفلس هجڻ جي باوجود (صبر) شڪر ۽ ڪفايت شعار آهي. نتيجي طور تي حميد اڳتي وڃي ٿو ۽ محمود سڀ ڪجهه وڃائي وهي ٿو. هي ناول انتهائي نصيحت جي نڪتن سان ڀريل آهي.

هن ناول ۾ ڪيترائي اهم ۽ ڪامياب نقطا پيش ڪيل آهن. مثلا پيش لفظ ۾ مصنف خود لکي ٿو ته: "جڏهن هاري بيدار ٿئي ٿو ته زميندار ڪجھ نه ٿو ڪري سگھي، سواءِ گردن جي جھڪائڻ جي. عورت بيدار ٿي وڃي ته ڪجھ به نه ٿو ڪري سگھجي، سواءِ ڪنڌ نمائڻ جي وقت آيو آهي. ته عورت بيدار ٿئي ۽ سجاڳ ٿي، پنهنجي هستيءَ ۽ پنهنجن حقن کي سمجھي، سوچي ۽ سجاڻي". (16) انجم هالائي "پياري نازنين" نالي به هڪ ناول لکيو، جنهن جي متعلق ڪا گھڻي معلومات نٿي ملي. هي ناوليٽ خطن تي آڌاريل هو.

## ساقي سجاولي (1914_1960ع)

ساقي سجاوليءَ جو اصل نالو غلام محمد هو. سندس جنم سجاول ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. هو درس و تدريس جي پيشي سان وابسته هو. مذهبي، تاريخي، افسانوي ۽ شاعري سميت اٽڪل ويهه کن ڪتاب لکيائين. سندس ڪتابن ۾ "پيغمبر" ناول (1951ع) "قائداعظم" (شخصيات)، "سندري" (ناول 1957ع)، "مقدس وطن" (ناول)، "بيروزگاري" (ڪهاڻيون)، "انسانيت جا دشمن" (ڪهاڻيون)، "ڪافر" (ڪهاڻيون) اهم آهن.

ساقي سجاولي مشهور لبناني ليکڪ خليل جبران جي ناول The Prophet جو ترجمو "پيغمبر" جي نالي سان ڪيو. هن شاهڪار ناول جا ٻين به ڪيترن اديبن ترجما ڪيا آهن. ناول جو مرڪزي ڪردار مصطفيٰ جيڪو ڏاهو هو، هو ٻارهن سال پرديس ۾ رهي هاڻي پنهنجي وطن ڏانهن وڃي رهيو آهي. جنهن شهر کي ڇڏي پنهنجي وطن ڏانهن وڃي رهيو هو، پٺ ورائي جڏهن ان تي نظر وجهي ٿو ته سندس خوشي ڏک ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ اهو شهر جتي ورهيه گذاريا اٿس. ڏک سک جون گھڙيون ڏٺيون اٿس ۽ اهو شهر ڇڏيندي هڪ عجيب قسم جي اداسي محسوس ڪري رهيو هو. ٻيڙي ڏي ايندي ڏسي ٿو ته شهر جا مرد ۽ زالون پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي سندس پويان اچي رهيا هئا ته جيئن ڪائنس نصيحتون ٻڌن. اهي اڳتي وڌي مصطفيٰ کي چون ٿا ته توهان پنهنجي وطن پلي وڃو پر اسان کي نصيحتون ڪندا وڃو.

هن ناول ۾ آفاقي عشق جي اپٽار ٿيل آهي. ساقي سجاولي جو هي ناول جيتوڻيڪ اڄ ڪلهه اڻ لڀ آهي. هي ناول ترجمي جي حوالي سان شاندار هو ۽

پنهنجي دور ۾ ڪافي مشهور ٿيو.
سندس ناول ”ماهرو“ هڪ رومانوي ۽ سماجي ناول آهي. جنهن ۾ ماهرو جي معصوم حسرتن کي خوبصورتي سان چٽيو ويو آهي.
ناول ”سنڌري“ 1957ع ۾ آر ايڇ برادرس وارن شايع ڪيو. ساڳي نالي سان گهٽ واڳ خليق مورائي جو پڻ ناول شايع ٿيو هو، جيڪو تاريخي موضوع تي هو. ساقي سجاوليءَ جو ناول گهريلو ۽ اخلاقي موضوع تي آهي. ناول ”مقدس وطن“ هن جي قومپرستي ۽ انقلابي سوچن جي ترجماني ڪري ٿو. ون يونٽ ۾ ٻين صوبن سان گڏوگڏ سنڌ مٿان زبردستيءَ ون يونٽ مڙهيو ويو، جنهن سان سنڌ جي سڃاڻپ ختم ڪئي وئي. هن ناول جو پسمنظر ون يونٽ آهي.

ساقي سجاوليءَ تي خليل جبران ۽ ڪرشن چندر جو وڏو اثر هو. هن جي ناولن ۾ پرماري طبقي، آفيسر ۽ وڏيرن جي ظلمن جو موضوع پڻ اثرائتي انداز ۾ پيش ٿيل آهي.

## الله بخش ٽالپر (1914_1976ع)

الله بخش ولد رئيس حسين خان ٽالپر جو جنم ڳوٺ دريا خان، هالا ضلعي مٽياري ۾ ٿيو. هو مشهور تعليمي ماهر، افسانوي اديب، مضمون نگار ۽ درسي اديب هو. بحيثيت تعليمي ماهر جي هن اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولز جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ درسي ۽ ادبي ڪتاب اچي وڃن ٿا. محمد اسلم ٽالپر لکيو آهي ته ”الله بخش ٽالپرجا ڪتاب بار بار ڇپبا رهيا آهن. انهن ڪتابن ۾ ڪي ترجما هئا ته ڪي ذاتي تجربي ۽ مشاهدي ۽ علم داني جو ثبوت هئا. مرحوم جي ڪتابن مان ”لوڪ ادب جي مختلف صنفن تي پڻ تحريرون ملن ٿيون“.(17)

سندس ناول ”عجيب شادي“ 1956ع ۾ آر ايڇ برادرس حيدرآباد پاران شايع ٿيو. جيڪو مڪمل طور سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ ناول نگار طنزيه انداز پڻ اپنايو آهي. سندس ”پرديسيءَ جو پيار“ جامع عربيه پريس، حيدرآباد مان، سال 1952ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، سال 1969ع ۾ شايع ٿيو. ”پرديسي جو پيار“ ۾ ليکڪ پاڻ لکي ٿو ته هي ناول نه آهي مگر اسان جي روزانه زندگي جو پورو نقشو آهي. لڳاتار ڪوشش ڪيئن ٿي

ڪامياب ڪري، سچائي ڪٿي لڪل آهي، مالڪ جي محبت ڇا آهي، عورت جي پيار جي ڪهڙي حد آهي. ظالم جي برن ڪمن جو ڪهڙو نتيجو آهي. . . انهن سڀني ڳالهين کي واقعات جي پردي ۾ آڻي پيش ڪيو ويو آهي".[18]

"اُداسيءَ جون آهون" اداره آواز ادب طرفان، سال 1953 ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرس طرفان مدينه پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان سال1967 ع ۾ شايع ٿيو.هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته"هي هڪ عشقيه ناول آهي. هن ناول جو مقصد اصلاح آهي. انهيءَ ڪري هن ناول ۾ روايتي عشق، وفاداري، قول جي پاسداري، سر ساهه صدقو ڪرڻ ۽ ڪنهن جي ياد ۾ حياتيءَ جون سڀ گهڙيون گهارڻ واري موضوع سان گڏ. ذري ذري ۾ ڪيترين ئي نصيحتون ۽ اصلاحي پهلو پيش ڪيا ويا آهن".[19]

هن ناول ۾ سنڌ جي شهر ٽنڊو محمد خان جو هڪ فرضي واقعو پيش ڪيل آهي. هن سڄي ناول ۾ غريبن جي غربت، زميندارن ۽ وڏيرن جي ظلم ۽ عياشيءَ جو تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. انهيءَ سان گڏ پيار جي ڪهاڻي به پيش ڪيل آهي. هيءَ سندس ڪامياب ناول آهي. هن ناول ۾ ٻولي نهايت آسان، سادي، چوڻين ۽ پهاڪن سان ڀريل، معنيٰ ۽ نصيحت ڀريل جملا پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ ڪنهن جي ياد ۾ حياتيءَ جون باقي گهڙيون گهارڻ وغيره. هن ناول جو مکيه حصو آهن. ناول جي ٻولي سلوڻي ۽ انجو صحيح استعمال طرز نرالي ۽ سنجيده آهي. ناول "مالهڻ" 1960 ع ۾ منظر عام تي آيو. هي ناول رومانوي آهي، جنهن ۾ مالهڻ جي ڪردار ۾ اخلاقي، سماجي فرض شناسي جي تلقين ڪئي ويئي آهي. جيئن ته الله بخش ولد خان ٽالپر بنيادي طور تي هڪ استاد هو انڪري سندس تحريرن مان نصحيت آميز نڪتا ۽ اخلاق و آدب جا درس ملن ٿا. سندس اڪثر ناولن ۾ رومانوي قصا ۽ اخلاقي نڪتا ۽ نصحيت آموز درس ڏنل آهي.

**حافظ شاهه حسيني(1923_1974 ع)**

سيد حافظ شاهه' حافظ حسيني ٽڪڙ ۾ ڄائو. سندس تخلص' حافظ' هو. 1951 ع ۾ بي. اي (آنرز) ۽ ايل ايل بي پاس ڪري، ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت شروع ڪيائين. اداره سنڌي ادب ٽنڊو محمد خان سندس سرپرستيءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪتاب ڇپايا.ادبي دنيا ۾ هو هڪ شاعر هو ۽ ڪجهه ناول به

تحرير ڪيائين جن ۾ ”عورت“ (1956)، ”ڏوهاري ڪير“ (1958 ع)، ”چلولي“ (1961 ع) ۽ ”تباهي“ (1962 ع) اچي وڃن ٿا ۽ ٻين ڪتابن ۾ ”آئين زندگي“ ۽ سندس شاعري جو مجموعو ”پيام غمسگار“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. غلام محمد گرامي سندس باري ۾ لکي ٿو ته ”حافظ شاهه نه فقط ڪامياب وڪيل هو، پر ان سان گڏ هڪ سٺو نثر نگار ۽ شاعر پڻ هو. سندس نثر رنگين، مرصع، دلڪش ۽ پختہ آهي ۽ سندس عبارت ۾ سلاست ۽ مينا ج آهي“.[20]

سندس ناول ”ڏوهاري ڪير“ ۾ حافظ شاهه حسيني پنهنجا ڪردار پنهنجي پيشي مان ڳوليا آهن. هن سماجي براين جي نشاندهي سان گڏ انهن تي طنز به ڪيو آهي، ڏوهاري ڪير؟ ۾ معاشري جي باعزت ٺيڪيدارن ڪي پيش ڪيو اٿائين جيڪي شرافت ۾ آڙ ۾ وڏا وڏا گناهه ڪن ٿا.

هي ناوليٽ ”داستان غم“ ڪرائون سائيز جي 73 صفحن تي مشتمل آهي، ناول هڪ سادي سودي قصي تي مبني آهي، جنهن سان هڪ دلچسپ مقالمو هيٺ ڏجي ٿو:

ملو ساجن: (ڪجهه منهن ۾ گهنڊ وجهي) واهه سائين واهه! سيدن ۽ پيرن جي نالي ڪي جاهلن جو نالو سڏيو، ڏسو ٿنڌي الهيار واري پير جو نالو موج درياءُ نه هو.

خانصاحب: (ڪجهه دل ۾ ويچار ڪري) سائين! اسين امتي ماڻهو اسان جو سيدن ۽ پيرن سان ڇا مجال آهي جو انهن جهڙو نالو رکي ساڻن برابري ڪريون.

ناول ”تباهي“ ۾ هڪ طوائف سان پيار جو درد ناڪ داستان آهي. هڪ غريب عورت ڪي ڪيئن سندس حالتون طوائف بنائڻ تي مجبور ڪن ٿيون. ناول جي وضاحت ڪندي ناول نگار خود لکيو آهي ته ”هي پهريون ئي ڪتاب آهي جو عوام جي وڌندڙ رحجان ۽ طوائف جي محبت ۾ تباهه ٿيندڙ خاندانن جي تعداد ڪي ڏسي لکيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي به درج ٿيل آهي سو خيالي خاڪو نه آهي. سارو حال حقيقت تي مبني آهي، صرف نالن جي ڦيرگهير ۽ مرچ مصالح جي مزيد ملاوت ڪئي وئي آهي جيئن پڙهندڙن ڪي رکو ۽ خشڪ نه لڳي. هن ۾ جن به ماڻهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تن مان ڪن جو حال اکين ڏٺل آهي ۽ ڪن جي ماجرا ڪنين ٻڌل آهي طوائف جي طرز گفتگو ۽ طور ملاقات به

خيالي نہ آهي. هي حقيقت انهيءَ لاءِ واضح طرح لکي وئي آهي تہ جيئن پڙهندڙ ۽ ان معاملي ۾ دلچسپي رکندڙ ائين نہ سمجهن تہ هي ڳالهيون واقعات جو مجمع نہ آهن پر ڪنهن افسانہ نگار جي خيالي نقشا چٽيل آهن هي ڪتاب ڪوجنا ۽ جاکوڙ بعد گهڻي سوز ۽ خلوص جذبي سان لکيو ويو آهي تہ جيئن عوام هن مان سبق پرائي. جيڪڏهين صرف هڪ عدد ڪتاب پڙهڻ بعد طوائفي محبت جا طوق ٽوڙي، بغاوت جو نعرو بلند ڪري، پنهنجي پيا سان سچي محبت ڪندڙ زال جي پاڪ چپن کي چمي ڏني تہ ائين سمجهبو تہ هي محنت ثاب پئي".[21]

## عمرالدين "بيدار" (1929ـ 2003ع)

عمرالدين بيدار ولد محمد آچر سهتو جو جنم ڳوٺ دليپوٽا ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هو هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار ۽ صحافي هو. ڪيترائي سال "هلال پاڪستان" سان وابستہ رهيو. پنهنجا رسالا بہ جاري ڪيائين. سندس شاعري جو مجموعو "ماحول جي مهرباني" (1964) جي نالي سان شايع ٿيل آهي. ناولن ۾ "وساريا نہ وسرن" (1962ع) "مهرو" (1967ع) "تارو شاهہ جنڪشن" شامل آهن. بيدار صاحب جا ناول رومانوي، اصلاحي ۽ سماجي آهن. هن پنهنجي ناول ۾ هڪ ئي وقت سماجي، اقتصادي، سياسي، جاگرافيائي ۽ ادبي پهلو ڪنيان آهن.

"مهرو" هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. هن ناول ۾ ليکڪ هڪ ئي وقت سماجي، سياسي، جاگرافيائي ۽ ادبي پهلو نمايان ڪيا آهن. انساني ذهن لاءِ چاهہ ۽ معاشرتي لوازمات ڪان هن جو مشاهدو گهڻو گهرو ڏسجي ٿو. سندس ناول جي خاص ڳالهہ ڪردار نگاري آهي. "مهرو" جي ڪردار کي هئين پيش ڪيو اٿائين. "وچولي قد جي، پري مثل هي عورت جي حسن جو جيئرو جاڳندو ۽ لاجواب نمونو هئي، جنهن کي طالب پنهنجي مفهوم ۾ "مهرو" سڏيندو هو. ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪيس ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو هئائين تہ سندس مهربان طبيعت ۽ من موهيندڙ مهاندي جي تشبيهہ لاءِ هن سندس لاءِ اهو ئي مناسب خطاب پسند ڪيو هو".

"جيڪڏهن عورت محبت ۾ اچي تہ پوءِ سموري جوابداري مرد جي آهي، وڏيس تہ ڪيس انسانيت جو روشن چراغ بنائي نہ تہ ڪيس عام نگاهن جي آڏو

وٺي، هوس وارن خيالن جو حدف بنارائي."

سندس ٻيو ناول ”نارو شاهه جنڪشن“ 1988ع ۾ اديون، ڪراچي طرفان شايع ٿيو ۽ پوءِ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو. ناول نارو شاهه جنڪشن، هڪ نيم تاريخي ڪهاڻي آهي جيڪا 1946 کان برصغير جي ورهاڱي جي وقت تائين جي سياسي، سماجي، اقتصادي،تهذيبي، طبقاتي، ثقافتي، قومي ۽ بين القوامي حالتن تي مختصر روشني وجهي ٿي . ناول جو پهريون ڪردار هڪ ائنگلو انڊين ميڪنڪ انجنيئر ، فلپ ،جيڪو 1946 ڌاري سنڌ ۾ رهڻ دوران جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو ، تن مان ان دور جي سياسي، سماجي، تهذيبي، طبقاتي، ثقافتي، اقتصادي ۽ بين القوامي حالتن تي ڪجهه روشني پوي ٿي.

هن ناول جو ٻيو ڪردار، فلپ جي محبوبا ، 28 سالا جون ، جيڪا آرمي آفيسر آهي ۽ ٻي مهاڀاري جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ موڪل تي پنهنجي پيءُ آرٿروٽ پريا روڊ ريلوي اسٽيشن تي رهندڙ ريلوي آفيسروٽ آيل آهي . هن ناول ۾ جون، پنهنجي ڊائريءَ ۾ اهم مسئلن کي زير بحث آندو آهي .هن ناول ۾ ٻه ٽي ڪردار بنهه ديسي ۽ بنيادي سوچ وارا نظر اچن ٿا جن جو مشاهدو جڻ تہ سنڌ جي جديد تاريخ جي اپٽار آهي. ناول ۾ هندن جي اقتصادي ۽ سماجي برتري ۽ مسلمانن جي بي وسي بيان ڪيل آهي. ناول ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ لڏ پلاڻ دوران ويندي ويندي هر مسلمان کي ذهن نشين ڪندا پيا وڃن تہ سندن وڃڻ کان پوءِ ٻاهران اهڙي مخلوق ايندي جنهن هٿان سندن ڪجهه بہ محفوظ نہ رهندو.

مطلب تہ عمر الدين بيدار جا لکيل ناول سياسي، سماجي ۽ اصلاحي ناول آهن. هنن ۾ سنڌي معاشري جي عڪاس پيش ڪيل آهي. سندس ٻولي نهايت سادي وزن دار ۽ پرلطف آهي. سندس ناول موجوده دور جي ناولن ۾ پختي پلاٽ وارا ۽ ڪامياب ناول آهن.

## گل حسن نصرپوري (1937_1965ع)

گل حسن نصرپور ضلعي مٽياريءَ جو رهواسي هو. ننڍي وهي ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي دور جو سٺو شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس ڪيترائي شعر مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. جڏهن تہ سندس واحد ناول ”دريا جي ڪپ تي“ 1960ع ۾ شايع ٿيو.

هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکيو آهي تہ ”هي هڪ سماجي ناول آهي، جنهن ۾ رومانوي پهلوءَ سان گڏ، زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون، قرب ۽ پيار جي دنيا بہ سمايل آهي، جنهن ۾ اقرار ۽ تڪرار بہ آهن تہ لڙڪ ۽ ٽهڪ بہ آهن. معافيون ۽ ميارون بہ آهن تہ جفائون ۽ وفاداريون بہ آهن، گويا هي ناول بہ حقيقت نگاري واري فلسفي سان واسطو ٿو رکي“.[22]

ليکڪ لکي ٿو تہ ”ننڍپڻ جون اهي سڀ حسين ۽ دلفريب يادون، جن کي وطن ڇڏڻ وقت زندگيءَ جو سرمايو سمجهي، سيني ۾ سانڍي نڪتو هوس، دل جي گهراين ۾ پيون ئي رهيون. زماني ڪئي رنگ بدلايا، ڏينهن ۽ راتيون، جهڪون ۽ جهولا، سانوڻ ۽ سيارا، ڪيئي آيا ۽ ويا. پر آسرونديون اکيون اتي ئي اٽڪيون رهيو. تات ۽ طلب، تار ۽ تانگهہ، اڪنڊ ۽ آهون، اباڻن آستانن ڏي ئي رهيو. ويتر 1956ع ۾ سخت مينهن ۽ ٻوڏن جي اوچتن حادثن جون متواتر خبرون ٻڌي، خيالن ۾ دماغ ۾ وڃوڙي جا نوان نوان نقش نهڻ ۽ ڦٽڻ لڳا. دل جي پراڻن زخمن ۾ نئين سر رس پرجي آيو، چاڪ وري چڪڻ لڳا، چڪندا رهيا. تان جو چور ٿيل دل چيري ڪٽي دنيا جي اڳيان رکيم“.[23]

سندس هن ناول جي ٻوليءَ جي ڪري ئي، ناول گهڻو ڪامياب ويو آهي. مثال طور ناول مان ٻوليءَ جو مثال پيش ڪجي ٿو:

”هتي جي هوا نج هئي، ڪاڏو پيتو نج هو: وٽن محبت جا ماڻ ۽ ايمان جا اکٽ خزانا هئا، غريبي گذران هو، مگر پيٽ پري ڪاڏائون ٿي. مفلس هئا مگر محبت ۽ ميٺ وٽانئن موڪلائي نہ وئي هئي. گهڻو هون تہ بہ راضي جي ٿورو هون تہ بہ سرها ٿي رهيا، پلاجي ماڳهين ڪونہ هون تہ بہ صبر ۽ شڪر کي هٿان نہ ٿي ڇڏيائون“.

## مشتاق علي (30 مئي 1944)

مشتاق علي ولد ضياءُ الله جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو انگريزي ادب جو استاد رهيو آهي. هن بہ افسانوي ادب ۾ پنهنجو ڪجهہ ڪردار ادا ڪيو ۽ ڪجهہ انگريزي لکڻين جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. خاص طور تي سنڌي ۾ هن کي ناول ترجما ڪيا ۽ لکيا ان سلسلي ۾ ”شعلہ عشق“ (1963ع) ۽ ”جاڙا“ (ترجمو 1964ع) اهم آهن.

سندس سچي ناول ”شعله عشق“جو لب لباب مشهور عشق جي قصي يعني يوسف زليخه تي ٻڌل آهي. ڪتاب پڙهڻ سان اهم ۽ پيچيده مسئلن تي غور ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. جيئن ته زندگي ڇا آهي. جذبو ڇا ڪي ٿو چئجي. معاشرو ڪيئن وجود ۾ آيو. سماجي شعور ڇا آهي. بين الاقوامي اخوت جي تعمير ڇا آهي. اخلاقي قانون جون تقاضائون ڇا ڇا آهن. شيطان ۽ اديب ۾ فرق ڪيترو ۽ ڪهڙو آهي. مرد ۽ عورت جي زندگي تي وڏي دلچسپي سان بحث ڪيل آهي شادي ۽ ان جي اقتصادي اثرن تي به دلچسپ بحث ٿيل آهي ان کانسواءِ انساني حياتي جا اغراض، عشق جي حقيقت، فلسفي، قانون جي فضليت ان جو ميدان سحر، علم ۽ عشق جو تعلق_ ڇا محبت انڌي ٿيندي آهي؟ ۽ حسن تي به ڪشادو بحث آندو ويو آهي. مطلب ته سچو ناول فلسفي تي مبني آهي.

ضياءِ الله غلام علي جي انگريزي ناول Twnis جو سنڌي ترجمو پروفيسر مشتاق علي ”جاڙا“ جي نالي ساز ڪيو. ناول ۾ ٻن جاڙن ڪي جدائي جو دا غ ڏنو ويو آهي سچي ڪهاڻي ٻين جاڙن ڀائرن جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي. ٻئي طرف هڪ اديب جي روانگي ڪراچي هوٽل_ پراڻن خلاصين ۽ مشهور رانديگرن جو احوال پيش ڪيو آهي. اهي رانديگر پنهنجي وقت جا مشهور ڪلاڙي هئا جيئن ته ڊاڪٽر بلوچ، ايف ڪريم، ڊاڪٽر خليل، لالا نورالدين، الله نواز ۽ ڪئپٽن ڪرياپا سائمن ۽ وغيره وغيره. سر والٽر سڪاٽ وانگر پنهنجي ديس جي ماٿرين وڻن ٽڻن وغيره جي سونهن ۽ ساراهه نروار ڪيل آهي.

هن ناول ۾ سنڌ جي اصلوڪن رهواسين جي اعليٰ رهڻي ڪرڻي، پيار پريل ڳالهه ٻولهه ۽ اوچي اخلاق جي حقيقي تصوير پيش ڪري اسان جي ڳاٽ اوچو رکن.

## فضل احمد بچاڻي (1934_ 1987ع)

سنڌي ادب ۾ ترجمي ۽ ناول جي حوالي سان وڏي شخصيت فضل احمد بچاڻي جو جنم تنڊوالهيار ۾ ٿيو. فضل احمد بچاڻي انگريزي مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪيترائي ناول سنڌي ادب ۾ خاص جاءِ والارين ٿا.سندس اڪثر ترجما انگريزي زبان مان ٿيل آهن. جيڪي لفظن جي صحيح استعمال، آسان ٻولي، تخليقي انداز، موضوع جي لحاظ کان انتهائي مقبول آهن.بچاڻي صاحب

جن ناولن کي ترجمي لاءِ چونڊ ڪيو آهي، اهي ادب جا شاهڪار آهن. انهن جا موضوع عجيب، انفرادي ۽ پراسراريت تي ٻڌل آهن. پنهنجن ترجمن لاءِ خود لکيو اٿائين ته ”آءُ ترجما ڇو ٿو ڪريان؟ ان ڪري ته جي ڪا سٺي تخليق نٿو پيش ڪري سگهان ته ڪنهن سٺي تخليق جو ترجمو ئي پيش ڪندو رهان جيڪا جيڪر آءُ پاڻ پيش ڪرڻ گهرندو هجان. ته جيئن نئين پراڻي ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب جي اشاعت ۽ اپياس جو سلسلو جاري رهي. ترجمي لاءِ ڪنهن ڪتاب جي چونڊ جي معيار جو بنياد به اهوئي قائم ڪيو اٿم يعني جهڙو ڪتاب جيڪر آءُ پاڻ لکڻ چاهيندو هجان تهڙي جوئي ترجمو ڪري پيش ڪريان“.(24)

سندس ناول ”عاشي“ انگريز اديب سر هينري رائڊر هيگرڊ (1856_1925ع) جي ناول ”She“ جو ترجمو آهي. ناول تجسس ۽ پراسراريت جي ڪري گهڻو مشهور آهي. هن ناول ۾، حضرت عيسيٰ جي ولادت کان به گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار عورت جو هڪ نرالو داستان سمايل آهي، جيڪا بي پناهه قوت، لازوال حسن ۽ غير معمولي سياڻپ جي مالڪ هئي!

جنهن ڪروڌ ۾ اچي پاڻ پنهنجي محبوب کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڪن صدين تائين هن جو انتظار ڪندي رهي ۽ جڏهن ڪن صدين کان پوءِ هو وٽس هلي آيو تڏهن زندگي جو اصول بدلجي چڪو هو...!

مصري قوم کان به گهڻو اڳ جي هڪ پراسرار قوم هن کي ”سدا حيات فرمانروا عاشي“ جي نالي سان سڏيندي ۽ سندس اطاعت ڪندي هئي! مگر هن جي صورت ڏسڻ به ڪين نصيب نه ٿي هئي. . . !

هوءَ هڪ لاش سان ڳتيل پيرئمڊ ۾ رهندي هئي!

هن ناول جو ٻيو حصو ”عاشي جي واپسي“ The Return of She ، ساڳي ناول نگار جو ترجمو آهي. هن حصي ۾ اها عورت ديوي بڻجي ويئي. لازوال قوتن، بي پناهه حسن، دائمي زندگي ۽ وڏي اقتدار ۽ اختيار جي مالڪ بنجي وئي مگر ايترو سڀ ڪجهه حاصل ٿيڻ جي باوجود هن جي اندر مان محبت جو اهو جذبو فنا نه ٿي سگهيو. ان محبت ئي هن لاءِ اهڙي مهان شڪتي بنجڻ جا رستا کوليا. ان محبت جي حصول لاءِ ئي هن اجيت هئڻ جي حيثيت حاصل ڪرڻ ضروري سمجهي ۽ ان محبت ئي هن کي ديوي بڻايو.

هن جو محبوب ڪو ديوتا نہ بلڪ هڪ عام انسان آهي، سو سندس قرب ماڻڻ لاءِ نہ بيان ڪرڻ جهڙا ڪشت ڪاٽي جبل جهاڳي ڪشالا هن وٽ پهچي تہ ٿو پر هنن ٻنهي جي وچ ۾ اهائي ديوار آڏي اچي ٿي وڃي جا هڪ انسان ۽ ديوتا جي وچ ۾ هوندي آهي. هو وصل ۽ محض وصل چاهي ٿو تہ ديوي هن ڪي اڻ لکيون اڻ ميون آسماني ۽ ڪائناتي شيون پيٽ ڪري سگهي ٿي، تخت تاج، خزانا، عبادتون ۽ اطاعتون عطا ڪري سگهي ٿي، پر هن لاءِ پنهنجن چپن جو ڇهاءُ نٿي ماڻي سگهي.

فضل احمد بچاڻي آسڪر وائلڊ کان تمام گهڻو متاثر هو. سندس ڪجھ ڪتاب پڻ ترجمو ڪيائين. هن سندس مشهور ناول Picture of Doriarn جو ترجمو ”تصوير جو خون“ جي عنوان سان ڪيو. هن ناول جو هيرو بيحد خوبصورت ۽ امير ڇوڪرو آهي ۽ هن جا طالب فهم ادارڪ، ڏات، ڏاهپ ۽ تيز فهمي جا مالڪ ٻہ ذهين ۽ سڌريل انسان آهن. هڪ اعليٰ درجي جو چترڪار ۽ هڪ اعليٰ ذهن جو معزز شهري، انهيءَ معزز ۽ ذهين ماڻهوءَ لاءِ اهو ڇوڪرو هڪ خوبصورت عجيب توڙي هڪ جوکم واري ”تجربي“ جي شيءِ آهي ۽ چترڪار لاءِ هو خود سندس چوڻ موجب اظهار جو هڪ نرالو ذريعو بنجي ويو هو. جنهن پنهنجي سونهن هن جي فن کي پيٽا ڪري ڇڏي هئي. ”ڊورين هڪ اهڙي شئي آهي جنهن کي ڪجھ بہ بنائي سگهجي ٿو. هڪ ديوتا يا هڪ رانديڪو.

بچاڻي صاحب جرمن ناول نگار هرمن هيس (1877_1926ع) جي مشهور بايوگرافيڪل ناول Sidharta جو ترجمو ”سڌارٿ“ (1982ع) جي نالي سان ڪيو. هن ۾ گوتم ٻڌ جي مشن، حياتي ۽ سندس فڪر جو افسانوي ۽ ڏند ڪٿائي انداز ۾ معلومات ملي ٿي. هن ناول جي شروعات گوتم ٻڌ جي نندپڻ کان شروع ٿئي ٿي ۽ پوءِ سندس روحاني سفر شروع ٿئي ٿو. اصل ناول پهريون دفعو 1922ع ۾ شايع ٿيو. ناول ۾ قديم هندوستان جون مذهبي، سياسي، سماجي، تاريخي ۽ ملڪي حالتن جي بہ بهترين عڪاسي ٿيل آهي.

بچاڻي صاحب انگريزي مان بهترين ناول سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب کي شاهوڪار بڻايو. سندس ناولن جي چونڊ، بهترين ترجمو، آسان ۽ با محاوره ٻولي اهم خوبيون آهن. سندس ترجمو ٿيل ناولن جي اها بہ خوبي آهي تہ

اهي ٻيهر شايع ٿيندا رهن ٿا.

## نجم عباسي (1927 ـ 1995ع)

ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو جنم خانواهڻ، ضلعي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر هو. نالي وارو ڪهاڻيڪار هو. نجم عباسي جڏهن ڏٺو ته سنڌي ادب ۾ افساني جي مقابلي ۾ ناول جي تمام گهٽ کوٽ آهي، تڏهن ان جذبي تحت هن نه صرف طبعزاد ناول لکيا پر ترجما به ڪيا. سندس ناولن ۾ ”لينن جي انقلابي ڪهاڻي“، ”تلاش“، ”پيار ڪهاڻي“، ”بلنديون“، ”زلزلو“ ۽ ”ماسترياڻي“ شامل آهن. نجم عباسي جا اصلوڪا ناول سندس ئي ڪهاڻين جو پڙاڏو آهن. هن پنهنجي ناولن ۾ طبقاتي سماج جي چٽي عڪاسي ڪئي آهي. هو مٿئين طبقي، سامراجي مڪار، غلط مذهبي تمدن، سرمائيداري نظام تي سخت چوٽون ڪري ٿو. ٻئي طرف سنڌي قومي انقلاب، بين الاقواميت، سيڪيولرزم، انساني قدرن ۽ سائنسي علمن جي اهميت تي زور ڏئي ٿو. ان سان گڏ مظلوم ۽ بيڪس طبقاتي مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ استحصالي قوتن خلاف وڙهڻ جي ترغيب ڏئي ٿو.

سندس ناولن لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو ته ”نجم عباسي پنهنجي ناولن ۾ سنڌي سماج جي پيڙهيل طبقن، خاص ڪري عورت جي آزادي، قومي انقلاب، سڪيولر ۽ غير فرقيوار معاشري جي وڪالت ڪئي آهي. نجم عباسي بنيادي طرح ڪهاڻيڪار هو ۽ سندس سڃاڻپ ڪهاڻيڪار طور ئي رهي، پر هن ناول کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو. هو بنيادي طور تي آدم شواري ليکڪ هو ۽ هڪ سماج واري سماج بي قيام جي جدوجهد جو سنو پرچارڪ ليکڪ هو“.[(25)]

نجم عباسيءَ جو ٻهريون ناول ”بلنديون“ 1984ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ايراني ڪردارن تي ٽيندڙ ڏاڍ، جبر ۽ انهن جي لاڳيتي هلندڙ جدوجهد جي ڪاميابين ۽ ناڪامين جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. نجم عباسي هن ناول ۾ وڏيڪ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ ڪردارن جا نالا ”سنڌي“ ڏنا آهن. هن ناول لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو ته ”هي ناول سنڌ ۾ 1983ع جي جمهوري تحريڪ کان هڪدم پوءِ ڇپيو هو ۽ هتو هٽ ڪچي ويو هو. ناول پڙهڻ کانپوءِ ائين محسوس ٿيو ته هي ناول 1983ع جي ايم ـ آر ڊي پاران هلايل جمهوري جدوجهد جو پيس منظر ۾ لکيل آهي. ڇو

تہ ناول ۾ واقعا ۽ پسمنظر گهٽ وڌ ماڻهن کي ان تحريڪ ۾ نظر آيا“.[26]
سندس ناول ”پيار ڪهاڻي“ 1984ع ۾ ڇپيو. هن ناول جي نالي مان ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ هي ناول ڪنهن جي پيار جي ڪهاڻي آهي. هي هڪ رومانوي ناول آهي، جيڪو اسان جي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نجم عباسي خود ڪنهن انٽرويو ۾ چيو هو تہ ”جنسيات، سيڪس ۽ پيار انسان جو بنيادي جذبو ۽ ضرورت آهي، ننڍي هوندي کان اهو جنسياتي ۽ نفسياتي ادب مون مطالعي جي لحاظ کان پئي پڙهيو آهي، ان وقت تہ شايد مطالعي سان گڏ چشڪو بہ ملندو هو، پر ميڊيڪل ۾ وري عضون جي فلاسافي ۽ انهن جي ايناٽامي ڏسڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ مون سوچيو تہ، ان موضوع تي ضرور لکندس هاڻي هي جو ناول پيار ڪهاڻي لکيو اٿم. اهو منهنجي اپياس ۽ تخليقي جذبن ۽ پيار جي احساسن جو نچوڙ آهي. مون جڏهن هي ڪتاب لکيو پئي تہ، مون ڪيترائي پنهنجا اندر لائين ٽيل ڪتاب کوليا. ڊائرين مان ڪوٽيشنس ڪٽي، وڏن وڏن فلاسافرن جا نظريا پڙهي، پوءِ پلاننگ سان هي ناول لکيو اٿم. هن ناول ۾ پيار بابت منهنجا احساس، جذبا، امنگ، حسرتون ۽ ناڪاميون بيشڪ آهن، پر مون چاڻي واڻي، جنسياتي جذبا اڀارڻ ۽ چشڪي وٺرائڻ لاءِ هن ناول ۾ ڪٿي بہ ولگر ڳالهيون ڪونہ لکيون آهن ۽ ان حوالي سان مان اوهان جي يا ڪنهن ٻئي جي اڻاريل سوالن کي مڃڻ لاءِ بلڪل تيار ناهيان تہ هي ناول محض چشڪي وٺرائڻ لاءِ لکيو ويو آهي“.[27]

ناول ڊائرين جي ورقن جي صورت (Technique) ۾ لکيل آهي. صفحن جا صفحا سندس ئي ڪهاڻين تان کنيل آهن. ناول ڪٿي ڪٿي فحاشي واري پسمنظر ۾ بہ هليو ويو آهي. ناول کي تمام جلدي ۾ پڻ لکيو ويو آهي. نجم عباسيءَ جو هي ٽيون ناول 1987ع ۾ ڇپيو، جيڪو سندس سيني ناولن کان مٿاهون آهن. هي ڪهاڻي آهي ستن ڪوٺن ۾ بندياڻي جي، هيءَ ڪهاڻي آهي نيلي گٽر ۾ ٻڏل زائفان جي، هي ڪهاڻي آهي جاگيرداري جي گند جي ڍير ۾ قاتل عورت جي ڪليل راھ تي پهچڻ جي. اوندھ جي ڪاري جهنگل مان نڪري، روشنيءَ هن کي پنهنجي لاءِ پاڻ روشني تلاش ڪرڻي پوي ٿي.
سندس ”لينن جي انقلابي ڪهاڻي“سوانحي ناول روسي ليکڪا ماريا پرليزائيو،

جي انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو ويو. جيڪو روسي انقلابي اڳواڻ ولادي ميئر لينن جي سوانح تي لکيل آهي. ڊاڪٽر نجم عباسي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ” هي انگريزي ۾ پڙهي پورو ڪيم تہ مون کي ان جو مقصد موزون لڳو. هي ناول سادي ۽ سولي نموني لکيل آهي، ڪٿي بہ مارڪسزم ۽ ڪميونزم جا سائنسي اصطلاح استعمال ٿيل ڪونهن.“[(28)] ڊاڪٽر صاحب جو مشهور ناول ”زلزلو“ 1988ع ۾ ناري پبليڪيشن، حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هي ناول ڊي ڪين (Day Keene) جي ناول His Father's Wife جو ترجمو آهي. هن ناول ۾ هڪ سماجي برائي ڏيکاري وئي آهي. جا اسان جي سنڌي سماج ۾ بہ عام آهي. هڪ پوڙهو هڪ نوجوان ڇوڪري سان شادي ڪري ٿو. جيڪا وري سندس ئي پٽ سان تعلقات رکي ٿي. هن ناول ذريعي اهڙن عملن مان نڪرندڙ نتيجن جي ڀرپور عڪاسي ملي ٿي. ناول پڙهڻ کانپوءِ ائين ٿو لڳي تہ اهو ناول چڻ آهي سنڌي ٻوليءَ جو ڪتاب، رڳو ان مان اصلي ڪردارن جا نالا بدلايا وڃن تہ جيڪر ان جو ماحول بہ سنڌي لڳي ها.

1988ع ۾ روسي ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار Allexander Serafemarch جي ناول ”گالينا“ جو ترجمو ”ماسترياڻي“ سان ڪيائين. هن ناول جو موضوع انقلاب کان اڳ واري روس جي ٻهراڙي جي هڪ جهلڪ ڏنل آهي، جا اسان جي موجوده سنڌ جي ٻهراڙين کان ڪنهن بہ نموني ٻي طرح جي نہ آهي. هن ۾ پاڻ چيو اٿائون تہ ”اسان بہ اهڙي انقلاب ذريعي پنهنجي جيون کي بهتر طريقي سان بدلائي سگهون ٿا“.

سندس ناولن جي فني حيثيت تي اڪبر لغاري لکي ٿو تہ ”سندس ناولن جا پلاٽ طبقاتي سماج جي اردگرد ڦرن ٿا. هو مغرور ۽ مٿئين طبقي جي ماڻهن جي سوچ ۽ عمل تي ڪارو وار ڪري ٿو. ان سان گڏ هو مظلوم ۽ بيڪس طبقي جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ مثبت سوچ ۽ راهہ عمل بہ ڏئي ٿو. سندس ناول جا ڪردار گهڻو ڪري عام ماڻهو آهن. پر اهي عام ماڻهو پنهنجي جدوجهد سبب خاص بڻجي وڃن ٿا. سندس ڪردار گهڻو ڪري پنهنجي عمل ۾ آزادي پسند هوندا آهن. ۽ امن، آزادي ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪندا نظر ايندا آهن. ڊاڪٽر صاحب هڪڙي ئي مقصديت لاءِ لکي ٿو. سندس مقصد شخصي توڙي، قومي

آزادي آهي هو پرماريت خلاف لکي ٿو. مذهبي جنون خلاف لکي ٿو. هو ٻولي ۽ ڌرتيءَ جي بقا لاءِ لکي ٿو ۽ هو غير طبقاتي سماج لاءِ لکي ٿو مطلب ته سندس لکڻين جو محور سماجي، سياسي ۽ معاشي انقلاب آهي.“ (29)

## سراج ميمڻ (1933_2013ع)

سراج الحق ميمڻ جو سنڌي ادب ۾ تمام وڏو مقام آهي، خاص ڪري سنڌي ادب ۾ معياري ناول لکندڙن ۾ هن جو نالو سر فهرست آهي. سراج سنڌي زبان جو اهو بيباڪ ليکڪ هو، جنهن جي نس نس ۾ سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي زبان لاءِ اجهل چڪ، پيار ۽ اڪير موجود هئي. سراج جا ناول سنڌ جي تاريخي، سماجي، معاشي ۽ رومانوي حالتن جي عڪاسي ڪن ٿا. سندس ناولن ۾ ’ڏکڻ مان ٿو سج اڀري‘ (ترجمو 1952ع)، ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ (1970ع)، ’مرڻ مون سين آءُ‘ (1988ع)، ۽ ناولن جي ٽريالاجي ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ (1988ع)، ’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ (1989ع) ۽ ’منهنجي دنيا مرگهه ترشنا‘ (1990ع) شامل آهن. جيڪا ٽريالاجي گڏيل صورت ۾ ’پياسي ڌرتي، رمندا بادل‘ نالي سان ڇپجي چڪي آهي. ان کان سواءِ سراج صاحب جا ٻيا ڪتاب، ڪهاڻيون، اقتصاديات، لسانيات وغيره جي موضوعن تي ڇپجي چڪا آهن. هو روزاني هلال پاڪستان اخبار جو به ڪيترا سال ايڊيٽر رهي چڪو آهي. هتي آءٌ سراج جي ناولن جو مختصر جائزو پيش ڪريان ٿو:

1952ع ۾ سراج ڀارت جي مهان اديب ڪرشن چندر جي ناول ’جب صبح هوتي هي‘ جو ترجمو ’ڏکڻ مان ٿو سج اڀري‘ جي عنوان سان ڪيو. هي سراج جو پهريون (ترجمو ٿيل) ناول هو، جيڪو محمد عثمان ڏيپلائي صاحب ڇپيو هو. هن ناول جو ٻيو ڇاپو، سچائي اشاعت گهر دڙي طرفان 1984ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع انگريز دور ۾ انقلابي ۽ ان دور جي ملڪي سياسي حالتن جي پسمنظر ۾ آهي. ناول جو ترجمو شاندار آهي. هڪ هنڌ ليکڪ جي خيالن جو سنڌي ترجمو مطالعو ڪريو.

”اج ٽريچور اسٽيشن تي خوب پيهه هئي. اٽڪل ڏيڍ سؤ والنٽيئر ڳاڙها ٻلا لڳائي بيٺا هئا. ڪن ماڻهن مون کي سجاڻي ورتو ۽ منهنجي اچڻ جي خوشيءَ ۾ نعرا لڳايائون. فضا ۾ هر طرف ’انقلاب زنده باد‘ جي صدا گونجڻ لڳي. هيٺ لهندي

مون پنهنجي هم سفر امير سائينءَ ڏانهن هڪ دفعو نهاريو، جنهن هينئر مون ڏانهن تمام حيرت وچان پئي نهاريو. هيٺ لهندي لهندي مون ٻڌو، ننڍو ياءُ وڏي ياءُ کي چئي رهيو هو: ”هي بہ انهن مان ئي آهي!“ ائين چئي هنن گاڏيءَ جي ڳڙکي بند ڪري ڇڏي ۽ اسان ڏانهن پٺ ڏيئي ويهي رهيا. مگر انقلابي نعرا طوفاني جهٽڪن مثل برابر گاڏيءَ اندر پهچندا رهيا.

’انقلاب زنده باد!‘

’انجمن ترقي پسند مصنفين زنده باد!‘

’مزدورن ۽ اديبن جو اتحاد زنده باد!‘ “.(30)

سڄو ناول انقلاب ۽ آزاديءَ جي موضوع تي آهي. ان کان سواءِ ناول مان هندستان ۾ مزدورن ۽ اديبن جي جدوجهد جي بهترين ڄاڻ ملي ٿي.

سراج جو پهريون اصلوڪو ناول، ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار ۽ تاريخي ناول آهي، جيڪو 1970ع ۾ شايع ٿيو. ناول جو تعارف لکندي رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ: ”تازو سراج جو ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ شايع ٿيو آهي. اهو ناول سنڌي ٻوليءَ جي ادب جو هڪڙو بيمثال شاهڪار آهي ۽ سنڌي قوم جو عظيم الشان قومي داستان آهي. اهڙو ناول فقط سراج جهڙو هر فن مولا، انقلابي وطن دوست سنڌي اديب ئي لکي سگهي ٿو، جيڪو ساڳئي وقت ڪهاڻي، شاعريءَ، ناٽڪ، ٻوليءَ جي علم ۽ تاريخي تحقيق جي علم جي ميدانن جو مهندار آهي. هن داستان لکڻ لاءِ انهن سيني ڄاڻن ۽ هنرمندن جون گهرجون هيون، جي هن پليءَ پٽ پوريون ڪيون آهن. ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ سنڌي ٻوليءَ ۽ قوم جي حبدارن جي دليلن ۽ دماغن ۾ هڪڙي نئين ڄاڻ، نئين سمجهہ، نئين احساس، نئين جذبي ۽ نئين تڙپ جي لاٽ روشن ڪري ڇڏي“.(31)

’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ناول ۾، سنڌ ۾ ترخانن جي دور جي ظلمن ۽ سنڌ جي جوڌن جي بهادريءَ کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ناول جي پسمنظر ۾ اسان ڏسي سگهون ٿا تہ سموريءَ سنڌ ۾ هڪ طرف ظلم، زبردستي ۽ ڏاڍ مڙسي عروج تي هئي تہ ٻئي طرف حاڪمن جي فوج جا گهوڙا نتي کان سکر تائين ۽ شڪارپور کان ٿرپارڪر جي وارياسن پٽن تائين سڄاڳ سنڌين کي پنهنجي مضبوط ۽

ڳرن سنبن هيٺ لتاڙيندا ۽ چيپاٽيندا رهيا. سراج صاحب سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ موجوده حالتن جو گهرو مطالعو ڪري، پوءِ هي ناول لکيو آهي ۽ ان ذريعي ان دور جي هر پهلوءَ کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڳوناٽي ڪچهري هجي يا ترخاني حاڪمن جون ذاتي محفلون، مڪتب جا ميڙ هجن يا ڪردارن جون انفرادي ڪيفيتون، ترخانن جا حملا هجن يا سنڌين جا راتاها، ليکڪ هر واقعي ۽ ڪيفيت کي فنڪاراڻي انداز ۽ اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

هن ناول ۾ ڪيترائي تاريخي ڪردار تخليق ڪيا ويا آهن، جن ۾ سوڍل، سنگهار، دادن، جاڻ اهم آهن. جڏهن ته آخوند صالح ۽ آخوند نور محمد انهن جا پرجهلو ڪردار آهن. ٻئي طرف امير خان ۽ مرزا باقي خان مکيہ ڪردار آهن. ناول جو گهڻو حصو ڌارين جي ظلم ۽ سنڌ جي جوڌن جي وچ ۾ معرڪن تي مبني آهي. سنڌي جوانن کي غلاميءَ جي زندگيءَ کان عزت جو موت بهتر ٿو لڳي. اهي ان وقت ائين نٿا چون ته ٻيا سات نٿا ڏين، پوءِ اسين ڇو پنهنجو سڀ ڪجهه وڃايون؟ هو سمجهن ٿا ته مهاڏو فقط اُهي اٽڪائيندا، جن کي ٻين لاءِ جيئڻو آهي. سراج ميمڻ اهڙن ئي سورمن ۽ سورمين جي تاريخ جا اڻ مٽندڙ نقش چٽيا آهن. سراج جي نظر ماضيءَ جي ڪيترن صدين تائين وڃي پهتي آهي.

ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي پڇاڙيءَ ۾ ايترو زور نہ آهي، جهڙو شروعات ۾ آهي. ناول تي تنقيدي راءِ ڏيندي غلام حسين پناڻ، ششماهي ’سنڌي ادب‘ ۾ پنهنجي مقالي ’ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو‘ ۾ لکي ٿو ته: ”سراج جي تاريخي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ۾ ترخانن جي زماني جي تاريخي واقعن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ ناول پڙهندي جوش ۾ اچيو وڃي. ناول جي منظر نگاري تمام خوبصورت بيان ڪئي وئي آهي، پر سندس ڪردار ائين لڳن ٿا، جهڙا هرمن يا رستم پهلوان. ناول جو خاتمو اهڙو چرڪائيندڙ ظاهر نہ ڪيو ويو آهي، جهڙو ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ حالتن کي ڏيکاريو ويو آهي. بهرحال هي ناول جذبات نگاريءَ جو بهترين شاهڪار چئي سگهجي ٿو.“ (32)

سراج صاحب جو ”مرڻ مون سين آءُ“ ناول، 1988ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي ناول درحقيقت ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جو ٻيو حصو آهي. هن

ناول ۾ بہ ارغونن جي ظلم ۽ بربريت سان گڏوگڏ مغلن جي ظلمن جو داستان موجود آهي. ’مرڻ مون سين آءُ‘ جو مرڪزي ڪردار بہ اهو ئي آهي، جيڪو ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ ۾ سوڍل، سنگهار ۽ دادن جو پائيتو هو، جنهن کي سانول سڏيندا هئا. پر هن ناول ۾ ڪيس سانوڻ جي نالي سان متعارف ڪرايو ويو آهي.

هن ناول جي ڪهاڻي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ سانوڻ جي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت آهي. هو ڏاڍا هٺي ٿو يا ڪو ٻيو ڪم ڪري ٿو، اهو سڀ سنڌ لاءِ ڪري ٿو. هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ راهہ هموار ڪري ٿو. ٻئي طرف سنڌ جي ڪنيز نوريءَ جي ڪهاڻي آهي. جيڪا غلام بڻجي حڪمرانن جي محل ۾ رهي ٿي. وريام، جيڪو ناول جو ٻيو اهم ڪردار آهي، ان کي اتي ڏسي ٿو ۽ ساڻس عشق ڪري ويهي ٿو. هو پنهنجي ساٿين سان گڏجي ان کي آزاد ڪرائي ٿو، پر ڪنيز زهر کائي مري وڃي ٿي. هن ناول ۾ ان دور جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي عڪاسي بهترين نموني ڪئي ويئي آهي. ڌارين جون يلغارون، ظلم، ستم، مذهبي استحصال، معاشي قتل جا انيڪ مثال، هن ناول ۾ موجود آهن.

جيئن تہ هي ناول ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ جي ٻي ڪڙي آهي، ان ڪري هن ناول ۾ بہ اهي ئي خوبيون آهن. ناول منظر نگاري، جذبات نگاري، سهڻي ٻولي ۽ مڪالمن سان ڀرپور آهي. هي ناول بہ سنڌي ناول جي تاريخ ۾ اهم ناول آهي.

**پياسي ڌرتي رمندا بادل (ٽرائلاجي)**

هي سراج صاحب جي ناولن جي ٽرائلاجي آهي. هي ٽئي ناول نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدراباد طرفان هڪ ٻئي پٺيان شايع ٿيا. ٽئي ناول مختلف دورن ۾ سنڌ جي سياسي، تاريخي ۽ سماجي حالتن جي نمائندگي ڪن ٿا. اڳين ناولن ’مرڻ مون سين آءُ‘ ۽ ’پڙاڏو سوئي سڏ‘ وانگر سراج صاحب هن ٽرائلاجيءَ ۾ بہ هيروز ناهڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي، جن وٽ پنهنجي سماجي ۽ تاريخي روايتن جو شعور موجود آهي ۽ جن جي اندر ۾ موجود سماجي ٻنڌڻن ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت جي چڻنگ دکندي ۽ ڏڱندي رهي ٿي. هن ٽرائلاجيءَ ۾ سنڌ جي نيم تاريخي حالتن جا ڪيئي اهم پهلو بحث هيٺ آيل آهن. جيتوڻيڪ هنن ٽنهي ناولن ۾ ٽيڪنڪ تي موضوع حاوي نظر اچي ٿو.

(i) منهنجي دنيا هيڪل وياڪل (1988): هي ٽرائلاجيءَ جو پهريون حصو ’منهنجي دنيا هيڪل وياڪل‘ آهي. هي هڪ سماجي ۽ معاشي مسئلن تي

مشتمل ناول آهي. هن ناول ۾ ’نورل‘ جي اهم ڪردار ۾ جنهن سماجي مسئلي کي ڪنيو ويو آهي. اهو آهي، پورهيت ڪان سندس پورهيي جي ڦرلٽ سان گڏ سندس عزت جي عدم سلامتي. هن ناول ۾ ’مهرو‘ جي ڪردار ۾ مظلوم ۽ شريف ۽ قدرت طرفان هڪ خوبصورت ڇوڪري ڏيکاري وئي آهي.

هن ناول لاءِ فيض جوڻيجي لکيو آهي تہ: ”هن ناول ۾ ناول نگار، جنهن سماجي مسئلي کي ڪنيو آهي. اهو پورهيت ڪان سندس پورهيو تہ وڏيرو ڦريو ٿي وڃي، پر هن مسڪين جي عزت بہ محفوظ نہ آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي نياڻين کي ظلم ڪان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هي ظالم هن ڪان اها عزت بہ ڦري ٿا وڃن، پروچ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي تہ هو اُن جو سر بہ ڪپي ٿا وڃن. مطلب تہ هن سماج ۾ لوڪن جي سر جي قيمت سستي آهي ۽ لوفر لفنگي جو مان مٿاهون آهي. پوليس بہ انهن جي پاسي آهي. اهو مسئلو هن ناول جو مکيہ موضوع آهي“.(33)

(ii) تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول (1989): ٽرائلاجيءَ جو ٻيو حصو ’تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول‘ آهي. هن ناول جا مرڪزي ڪردار انور ۽ مهرو ئي آهن. هي ناول ڳوٺ ڪان وڌيڪ شهري ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول ۾ پروفيسر رشيد جي ڪردار ۾ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف رومانيت جو عنصر بہ هن ناول ۾ غالب آهي. هن ناول لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکيو آهي تہ: ”هن ناول جي منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري، اسلوب بيان ۽ ٻولي وغيرہ شاندار طريقي سان پيش ڪيل آهن. ناول جي هن حصي جو مرڪزي ڪردار انور وڏيري گلڻ جو پٽ آهي. هو پيءَ جي نسبت پڙهيل ۽ قوم پرست آهي. پروفيسر رشيد جو ساٿ ڏئي ٿو، جيڪو سنڌ جي مسئلن تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سندس ڪردار جو ٻيو پاسو اهو آهي تہ مهرو جيڪا نورل جي محبت هئي، ان کي پيءُ جي قيد مان آزاد ڪرائي خود شادي ڪري ويهي ٿو“.(34)

(iii) منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا (1990): هي ٽرائلاجيءَ جو ٽيون حصو ’منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا‘ آهي. هن ناول ۾ انور مرڪزي ڪردار ۾ نمودار ٿئي ٿو. هي ناول سنڌ جي شهري ماحول جي پسمنظر ۾ آهي، جنهن ۾ مافيا ۽ انهن جي ڪرتوتن کي موضوع بنايو ويو آهي.

هن ناول ۾ بہ سنڌ جون موجوده حالتون بيان ڪيل آهن. هن ناول ۾ سنڌي قوم جي حالت، سنڌ جي وڏيرن جي عياشين، فضول خرچين، علم جي گهٽتائي، شعور جي ڪمي، اڻوڻائي ۽ سادگيءَ جي حالت بيان ڪيل آهي. ناول جو هيرو انور آهي. هو ڳوٺ مان شهر اچي ٿو. جڏهن انور شهر آيو تہ اتي اچي ڪجهہ گينگسٽرن جي ورچڙهي وڃي ٿو ۽ وڏو بدمعاش ٿئي ٿو. هن ڪردار ذريعي ناول نگار شهرن ۾ ٿيندڙ ڦرين، چورين، دهشتگردين، ڌاڙن، قتلن، مافيا جي ڪمن ۽ رازن، ملڪي دشمنن جي حرڪتن وغيره کي بي نقاب ڪيو آهي.

ناول جي پڇاڙي ڇرڪائيندڙ آهي. تنهي ناولن جي ڪردارن کي پاڻ ۾ ملايو ويو آهي. ”سامهون ئي سامهون هن جي ماءُ جي ڪلهن ۾ ٻانهن وجهي، مسٽر انور، رئيس انور ڪيس سنڀاليندو پئي آيو. هن جي ماءُ جون اکيون پري هونديون بہ هن کي پنهنجي دل وانگر بيابان لڳيون ۽ پري هجڻ ڪري انهن جي پٺيان مسز انور مهرو هئي، جنهن سان گڏ چترڪار سليم هو. ائين پئي پانيو جڻ تہ مسز انور، انسان نہ هئي. سليم جي ڪا پينٽنگ هئي، جنهن ۾ ساهہ پئجي ويو هو يا ائين بہ ٿي سگهيو تہ خود سليم مسز انور جي تخليق جو ڪو پاڇو هو! ۽ سڀ کان آخر ۾ هن پروفيسر رشيد کي ڏٺو، جنهن سان گڏ سورٺ هئي!“

سراج جي ناولن جي مقصديت لاءِ اڪبر لغاري لکي ٿو تہ: ”سراج صاحب ادب براءِ ادب جو قائل نہ آهي، هو واضح مقصد تحت قلم کڻي ٿو. مقصديت سندس ناولن تي ايترو تہ حاوي آهي، جو ڪٿي ڪٿي اسلوب ۾ جذباتيت بہ اچي ٿي وڃي ۽ ناول نگار فني نقطن کي مدنظر نٿو رکي. اهو مقصد آهي ’سنڌ‘. هو سنڌ لاءِ ئي سڀ ڪجهہ لکي ٿو. سنڌين جي بهادري، شجاعت ۽ ڏاهپ کان علاوه انهن جي مسئلن ۽ نفسياتي پهلوئن کي زير بحث آڻي ٿو. هو سنڌ سان ٿيندڙ هر زيادتيءَ تي لکڻ چاهي ٿو.“ (35)

سراج جي ناولن جي خاص خوبي اها آهي تہ انهن جي ٻولي، اسلوب، رواني ۽ عڪاسي بهترين هوندي آهي. هن جي ناولن جا موضوع پنهنجو مٽ پاڻ هوندا آهن. ناول پڙهندي ئي پڙهندڙن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي ۽ پڙهندڙ پوريءَ طرح پاڻ کي ناول جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. سراج پنهنجي ناولن ۾ سنڌ جي اوائلي تاريخ کي اجاگر ڪيو آهي. هن اهو ڏيکاريو آهي تہ

جڏهن ڌارين سنڌ تي يلغارون ڪيون هيون ته ڪيئن سنڌي جوڌن، انهن سان مقابلو ڪيو هو. هن انهن مسئلن جي نه صرف نشاندهي ڪئي آهي، بلڪ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ ڏس به ڏنا آهن.

سراج جي سيني ناولن ۾ جذبات نگاريءَ جو عنصر غالب آهي. هو پڙهندڙ جي جذبات کي به اڀاري ٿو. هو ائين محسوس ٿا ڪن ته سندن ئي جذبن جي عڪاسي ٿي رهي آهي. سندس ناولن جي ٻولي، رواني توڙي وسعت جي لحاظ کان اعليٰ درجي جي آهي، هو جيڪو به خيال بين تائين پهچائڻ چاهي ٿو، ٻولي سندس ڀرپور ساٿ ڏئي ٿي. سندس ٻولي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي جمالياتي ذوق کي ڀرپور تسڪين به ڏئي ٿي.

## آغا سليم (1935_2016ع)

آغا خالد سليم پٺاڻ جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ تمام گهڻي آهي. رومانوي ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ ته ڪو آغا سليم کان سکي. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”چنڊ جا تمنائي“ (1962ع)، ”ڌرتي روشن آهي“ (1985ع) شامل آهن. آغا سليم جي ناولن ۾ ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ (1978ع)، ”روشني جي تلاش“ (1984ع)، ”همه اوست“ (1985ع)، ”اڌ پورو انسان“ (1985ع) شامل آهن. آغا سليم سنڌي ناول نگاري ۾ جديديت جو رجحان متعارف ڪرايو آهي. سندس ناول قوميت جي رنگ ۾ رنگيل آهن. سندس ناولن پڙهڻ کان پوءِ ٽن موضوعن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پهريون ”رومانيت“، ٻيو ”سنڌ سان محبت“، جنهن ۾ تاريخي، تهذيبي، قومي، مادي سوچ يا عنصر شامل آهن، ۽ ٽيون” وحدت الوجود جو فڪر“ اچي وڃن ٿا.

آغا سليم جا موضوع نوان آهن. هن پنهنجي موضوعن ۾ تهذيبي قدرن جو زوال شاندار نموني سان پيش ڪيو آهي. آغا سليم پنهنجي ناولن ۾ هڪ نئين نفسياتي رخ ”شعور جو وهڪرو“ (Stream of Conciousness) کي اهميت ڏني آهي. هي پهريون سنڌي اديب آهي، جنهن افسانوي ادب ۾ جديد رجحان متعارف ڪرايو. هن رومانيت کي به نئون رنگ ڏيئي ان ۾ وسعت آندي آهي. هن فرد جي تنهائي، محرومي ۽ سنڌي تهذيبي قدرن جي احساس کي

منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هو پنهنجي انقلابي رومانيت لاءِ لکي ٿو ته ”مون وٽ انقلاب جو تصور رومانوي آهي. منهنجي آڏو رومانيت کان سواءِ فن اڻ پورو آهي. منهنجي ذهن ۾ انقلاب جو تصور ڳاڙها جهنڊا، لڙڪيل لاش يا رت جو نديون ڪٽي اچڻ وارو ڪونهي. . . مون لاءِ انقلاب جو تصور پرين جي روپ ۾ اچي ٿو ۽ مان ان لاءِ ائين چوان ته منهنجو پرين ايندو، جنهن جي پيشاني پره جهڙي آهي. مون وٽ انقلاب اهڙو ئي رومانوي تصور آهي ۽ سچ ته رومانيت کان سواءِ لکڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهان“. (36)

آغا سليم جو ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ 1984ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن مان سچائي جي سفر جي لازوال داستان آهي. سندس ٻولي، اسلوب واقعن جو تسلسل ۽ ڪردارن جي نفسياتي ڪشمش پڙهندڙ کي مڪمل طرح سان پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏي ٿي. آغا صاحب پنهنجي ڪتاب کي تاريخي دورن جي لحاظ کان ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايو آهي. پر انهن سڀني ۾ مرڪزي ڪردار ساڳيا ئي آهن. سارنگ جيڪو سچائي، فن ۽ علم جي علامت آهي اهو هر دور ۾ پنهنجو تاريخي فرض نڀائيندي نظر اچي ٿو. هن ناول ۾ سنڌي ثقافت ۽ تهذيب موهن جي دڙي کان وٺي پاڪستان جي قيام تائين سفر ڪري ٿي. هن ناول جا مرڪزي ڪردار سارنگ، سنڌو ۽ ماڻڪ تاريخ جي هر دور ۾ فڪر ۽ جذباتي احساسن سان نمودار ٿين ٿا.

هن ناول جو پهريون حصو جنهن ۾ موهن جي دڙي واري عهد، پنهنجي سمورين خصوصيتن سان جڻ ته زنده بڻجي پيو آهي. ناول جو ٻيو دور سومري ۽ سلطان ٻونگر راءِ جي زماني ۾ شروع ٿئي ٿو، ۾ دودي چنيسر جي گهرو لڙائي ۽ تاتارين جي ڪاهن تي ختم ٿئي ٿي. ان کان پوءِ، ميرن، انگريزن ۽ قيام پاڪستان واري دور ۾ شعوري ڳانڍاپو ۽ سلسلو مليل آهي.هن ناول جي پهرين حصي جي باري ۾ اڪبر لغاري لکي ٿو ته ”ناول جي هن حصي کي پڙهي، پڙهندڙ هيٺيان تاثر ٿو وٺي:

1_ فن، محبت کان سواءِ نامڪمل آهي.

2_ محبت، مها پوڄارڻ جهڙي مقدس هستي سان به ڪري سگهجي ٿي.

3_ محبت ايتري طاقتور شيءِ آهي، جو مها پوڄارڻ سپ ليڪا لتاڙي، لوڪ کان لاپرواهه ٿي سارنگ وٽ هلي ايندي آهي.

4_ هميشه وانگر مذهبي پيشوا، محبت تي پابنديون ٿو وجهي ۽ محبت واري فنڪار جون آڱريون ٿو ڪپي.

5_ سنڌ هميشه وانگر، موهن جي دڙي واري دور ۾ به سکي ستابي هئي.

6_ سنڌي عوام ان وقت به مذهبي رهنمائن اڳيان بيوس هو وغيره وغيره". (37)

ناول جي ٻئي حصي ۾ سارنگ سومرن جي دور ۾ اچي ٿو. هو برهمڻ آهي، هو فنڪار طور ظاهر ٿئي ٿو ۽ سرندو وڄائي ٿو. هن دور ۾ سنڌو هڪڙي وڻشيا آهي. ٻنهي جي پاڻ ۾ محبت ٿي وڃي ٿي. سنڌو کي هڪ برهمڻ سان محبت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ نيڪالي ڏني وڃي ٿي. آخري حصو پاڪستان ٺهڻ تي ختم ٿئي ٿو.

هن ناول ۾ آغا سليم جون فنڪارانه صلاحيتون نقطه عروج تي پهتل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن ناول ۾ سندس اسلوب بيان، طرز تحرير ۽ منظر نگاري نهايت ئي شاندار طريقي سان پيش ڪيل آهي. هن ناول جي خاص ڳالهه سندس ٽيڪنڪ آهي. هي ناول شعور جي وهڪري ( Stream of Consciousness) ۾ لکيل آهي. هن ناول ۾ رومانيت کي نئون رنگ ڏنو ويو آهي. آغا سليم فرد جي تنهائي، محرومي ۽ سنڌي تهذيبي قدرن جي احساس کي منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

آغا سليم جو ناول "همه اوست"نيو فيلڊس وارن شايع ڪيو. هي ناول شاهه عنايت شهيد جي دور جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي، جيڪو ان دور جي مزاج ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. تصوف جي پسمنظر ۾ لکيل هن ناول ۾ ٽن مختلف ڪردارن جي اپٽار ڪري ٿو. جن ۾ سارنگ مسلمان، ماڻڪ هندو ۽ الفانسو عيسائي آهن. ناول جو مرڪزي ڪردار سارنگ آهي، جيڪو سنڌي مسلمان آهي. هو بهادر هجڻ سان گڏوگڏ انتهائي ذهين، سلجهيل ۽ عالم آهي. سندس مسئلو اهو آهي ته هو هڪ طرف سنڌ سان بيحد عشق ڪري ٿو ته ٻئي طرف مغلن وٽ نوڪري ڪندي سنڌي ماڻهن کي ماري ۽

ايذائي ٿو. ماڻڪ جيتوڻيڪ هندو آهي، پر هو هميشہ روحانيت جي تلاش ۾ آهي. روحاني تلاش ۾ شادي بہ ڪري ٿو پر سندس ان تڙپ جو علاج نٿو ٿئي. آخر دنيا کي تياڳ ڪري ۽ سفر ڪندو سنڌ و صوفي شاهہ عنايت جي درگاهہ تي پهچي ٿو، جتي هو پاڻ کي مطمئن محسوس ڪري ٿو. اهڙي طرح الفانسو جو ڪردار وڏي اهميت وارو آهي. هن ناول ۾ ٽن مذهبن جي ماڻهن کي پيش ڪرڻ جو پهريون تجربو آغا سليم ڪيو. جيڪي تصوف جي جذبي سان ڀرپور آهن.

هي ناول ارغون دور جي پڇاڙي ۽ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دورن جي پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي. پيو تہ هي ناول ان وقت سنڌ ۾ رائج تصوف جي بنيادن تي روشني وجهي ٿو. هن ۾ هندو ڌرم، اسلام ۽ عيسائين جي مذهب ۾ ان عنصر کي موجود ڏيکاريو ويو آهي تہ انسانيت هڪ ئي، بين الاقوامي مذهب آهي. هن ناول ۾ بيان ڪيل ٽيون نقطو سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مختلف رنگن روپن جي منظر ڪشي آهي ۽ چوٿون نقطو اهو آهي تہ هن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ لطيف جي شعر ۽ شاهہ عنايت شهيد جي تصوف جي نقطي جي اپٽار ڪيل آهي.

ناول شروع ڪرڻ سان جن ڪردارن سان واقفيت ٿئي ٿي، سي اڪثر پنهنجي چوڌاري هڪ مخصوص خول ۾ قيد آهن. جهڙوڪ سارنگ، سنڌو، علي، نواب لطف علي، ماڻڪ، گوپي، گيتا ۽ پدمڻي وغيرہ. هنن ڪردارن جي مدد سان هڪ ڪهاڻي اُڻي وئي آهي، جنهن کي هڪ تسلسل بہ آهي. ڪهاڻيءَ جو سلسلو هلندي ناول نگار کي ٽڪتا مختلف مذهبن جي اصولن جي حوالن ۽ ڪن شعرن جي مدد سان واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. بياني سلسلي ۾ بہ ليکڪ پنهنجا خيال ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڊگهي ڊائلاگ وانگر ظاهر ڪري ٿو. ناول جي ڪهاڻي جيئن پڪڙجي، وڌي ويجهي تي تيئن ختم نٿي ٿئي. تڪميل ڏي ايندي ڪهاڻي شاهہ عنايت شهيد ڏي تيزيءَ سان اچي ٿي ۽ شهادت تي ختم ٿي ٿئي. تاريخ جو شاگرد ڄاڻي ٿو تہ نواب لطف عليءَ ڪان جيڪا ڪهاڻي شروع ٿي، تنهن جو خاتمو شاهہ عنايت شهيد تي ٿيڻو آهي. ٿوري ئي بياني سلسلي ۽ مڪالمن تي ايئن ٿئي ٿو.

هم اوست ناول ۾ ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون آهن، جيڪي هن ناول جي اهم خوبين ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون. پهرين تہ هي ناول (Third Person)

جي صورت ۾ لکيل آهي. ٻيو اهو ته هي ناول، نيم تاريخي پسمنظر ۾ لکيل آهي ۽ ٽين اهم خوبي اها آهي ته هي ناول رومانوي ڪيفيت ۾ لکيو اٿس. هن ناول ۾ موضوع جي نواڻ سان گڏ پختي ڪردارنگاري، سيرت نگاري ۽ اسلوب بيان پڻ شامل آهن.

سندس ناول ”اڻ پورو انسان“ در اصل ناوليٽ آهي، جنهن ۾ مٿئين طبقي (Upper Social Class) جي فردن جي کوکلي پن کي چٽيو اٿس. هي هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي آهي، جنهن وٽ عيش و آرام، لذتون، دولت ۽ اختيار هر طرح موجود آهن. ليڪن ان هوندي به سندس اندر، سڪون ۽ آسودگي غير موجود آهي.

سندس ناوليٽ ”روشني جي تلاش“ جو موضوع به لڳ ڀڳ ”اڻ پورو انسان“ وارو آهي. هن ناول ۾ ناول نگار جنهن مسئلي کي کنيو آهي. اهو آهي جنس جو مسئلو. هن ناول ۾ آغا سليم هڪ نئين ٽيڪنڪ خود ڪلامي (Monologue) ۾ کنيو آهي. هن ناول جو ڪردار نعيم پنهنجي ڪهاڻي پاڻ بيان ڪري ٿو. هو يادگيريءَ مان احوال ڏيندو ۽ احساسات بيان ڪندو هلي ٿو.

آغا سليم ”برف پنکڙيون ۽ چنڊ“ سفرنامو ڪري شايع ڪرايو آهي، جڏهن ته اهو ناول جون سڀ تقاضائون پوريون ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ليکڪ ناول ۽ سفرنامي جي ادبي صنفن جو گڏ مزو ورتو آهي. هن ڪتاب جو جهڙي طرح نالو رومانٽڪ آهي تهڙي طرح پورو ناول رومانوي فضا ۾ سفر ڪندڙ سرزمين، معاشي حالتن، سماجي قدرن جي سياحتي انداز ۾ ڄاڻ مهيا ڪري ٿو.

آغا سليم جي ناولن جي پلاٽ لاءِ اڪبر لغاري لکي ٿو ته ”سندس ناولن ۾ پلاٽ ڪنهن خارجي واقعي تي ٻڌل نه هوندو آهي، بلڪ ڪردارن جي داخلي ڪشمڪش کي ظاهر ڪندو آهي. هو تهذيب جي اعليٰ قدرن کي پنهنجي ناولن جو مقصد بنائي ٿو نيڪي ۽ بدي جي ٽڪراءَ سبب، نيڪي جي وقتي شڪست کي سندس لازوال فتح ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. هو آغا سليم جي ناولن جي ڪردارنگاري لاءِ لکي ٿو ته آغا سليم جي ناول جا ڪردار عام ماڻهو هوندي به عام نه آهن. اهي اعليٰ آدرشي انسان آهن، جيڪي اعليٰ انساني قدرن جا رکوالا آهن. سندس پيغام محبت آهي، امن آهي، فن آهي ۽ علم آهي. آغا صاحب

سماجي مسئلن جي لکڻ بجاءِ انسان جي ازلي مسئلن تي لکيو آهي“. (38)

**منير احمد ”ماڻڪ“** (1943 ـ 1982ع)

منير احمد ”ماڻڪ“، سنڌي افسانوي ادب ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هن پهرين منير سنڌي ۽ پوءِ ماڻڪ جي نالي سان لکيو. هو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، شاعر، صحافي ۽ مضمون نگار هو. هو سنڌي ادب ۾ جديديت وارن لاڙن جو اهم ليکڪ هو. هن انهن لاڙن کي مثبت رخ سان پيش ڪيو. ماڻڪ پنهنجي ڪهاڻين جي شروعات ون يونٽ واري زماني ۾ ڪئي. منير احمد ”ماڻڪ“ هڪ ذهين ليکڪ هو ۽ سنڌ جي پسمنده طبقي سان تعلق رکندڙ هو. ماڻڪ جي تعليم ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي هئي. پيٽ گذر لاءِ شروع ۾ ماستري، پوءِ ڪلارڪي، صحافت روسي ايمبيسي ۾ نوڪري ۽ آخر ۾ وڪالت پڻ ڪيائين. منير احمد ”ماڻڪ“ ڪهاڻيءَ کان علاوه ناول ۽ ناولٽ به لکيا، جن ۾ سندس انداز بيان منفرد ۽ اڇوتي آهي. هن شعور جي وهڪري ۾ وجودي فڪر تي مبني ناول لکيا. سندس ناولن ۾ ”لڙهندڙ نسل“، ”پاتال ۾ بغاوت“، ”رڃ ۽ پڙاڏا“ ۽ ”پڇتاءُ“ (2014ع) شامل آهن. هن جا ناول ۽ ڪهاڻيون ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ واري مايوسي جي تصوير ڪشي جو بهترين نمونو آهن.ممتاز مهر ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ واري صورتحال لاءِ لکي ٿو ته ”سنڌ ڀيهر بحال ته ٿي پر سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن ۾ ڪو ڦيرو نه آيو. سواءِ ڪن نوجوانن کي نوڪرين ملڻ جي، سي به وڏيرن، ڪامورن جي سفارشن سان. تنهن ڪري عام نوجوانن ۾ مايوسي جي هڪ لهر اچي ويئي ۽ منير احمد ماڻڪ ٻڌجي ون يونٽ جي ڍهڻ جي سنت پوءِ واري دور جي سنڌي نوجوانن جي ذهني ڪيفيت کي حساس نوجوان جي حوالي سان پنهنجي ناوليٽ ”لڙهندڙ نسل“ ۾ چٽيو. اهو نوجوان پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معنىٰ ڏيڻ چاهي ٿو، پر لاحاصل“. (39)

سندس باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته ”ماڻڪ، سنڌي ڪهاڻي ۾ منفرد طرز جو ليکڪ آهي. سندس تحريرن جو وڏو حصو ان پيڙا جو پڙلاءُ آهي، جنهن هن سماج ۾ جيڪو ظلم ڏٺو، ان خلاف لکيائين. ”سمجهه جي مار“ وارن ڪيس ئي ڪٽي چؤ ڪنيو ٻڌو-چي بد اخلاقي ٿو پکيڙي، جنسياتي مرض ۾ ورتل آهي. ماڻڪ جي ڊگهي ڪهاڻي/ناوليٽ ”رڃ ۽ پڙاڏا“ ۾ شبو جي پيڙا، هر نوجوان

جي پيڙا آهي، جيڪو نابرابري ۽ ظلم جو شڪار آهي، جذبن وهيٽو آهي، پر بيوسيءَ جي اهڙي چار ۾ قاتل آهي، جنهن مان هڪڙو نسل پاڻ ڇڏائي نٿو سگهي“.(40) سندس ناولن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

ماڻڪ جو ناولٽ ”لڙهندڙ نسل“ جي ڪهاڻي هر نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي زندگي کي ڪا معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو، پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو. هي ڪتاب پهريون دفعو 1972ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ناولٽ هڪ بي روزگار نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جنهن نوڪريءَ جو آسرو هميشه لاهي ڇڏيو آهي. هو پاءُ ۽ پاجائي سان گڏ رهي ٿو. پاءُ کيس هميشه ماني لاءِ به طعنا هڻي ٿو:

”بک نه هجيئي ته جهلي ويندو ڪر. ٽيهه روپيا مڻ اٽو آهي، خان صاحب“.

هن ناولٽ جا ڪردار اڄ به اسان جي هن سماج ۾ پنهنجن پنهنجن طبقن سان موجود آهن، ان ڪري ماڻڪ جون چيل ڳالهيون صحيح معلوم ٿين ٿيون. ماڻڪ جو هي ناولٽ دراصل ان دور جي نمائندگي ڪري ٿو، جڏهن يحييٰ خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي هئي ۽ ٻئي طرف بنگالي هڪ نئين راهه جا متلاشي هئا ۽ سنڌ جا نوجوان پهريون دفعو پڙهڻ خاطر ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ تعليم خاطر اچي رهيا هئا. هي ناولٽ وجود فڪر جي پسمنظر ۾ اقتصادي، سياسي، سماجي، ۽ انساني پستيءَ جي به نمائندگي ڪري ٿو. هڪ هنڌ ماڻڪ لکي ٿو ته:

”بيچيني پيانڪ انجام، پيانڪ انديشي ۾ بي مقصد زندگيءَ جي ونديندڙ احساس هيٺ پوڳيندڙ وجود“

ماڻڪ جو هي ناولٽ ”رڃ ۽ پڙاڏا“ پهريون دفعو 1976ع ۾ شايع ٿيو. ماڻڪ پهريون سنڌي اديب آهي، جنهن مڪمل طور تي وجودي فڪر جي دائري ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا آهن. هن وٽ انساني رشتن جي گروهه ۾ رهي ڏاريو هئڻ، احساس زندگي، چونڊ جي اختيار، بي وسي ۽ بي معنائيءَ جهڙا وجودي عنصر موجود آهن. هو پنهنجي طويل ڪهاڻي ”رڃ ۽ پڙاڏا“ ۾ بار بار اهو ورجائي ٿو ته:

”زندگي جو هي سفر به ڪيڏو پوائنتو آهي. زندگيءَ جو سفر اڪيلو

اڪيلو، ڪيڏو اٽانگو، خاموش، زندگيءَ جو احساس ڪيڏو نه پيڙا ڀريو آهي "اذيت ناڪ".[41]

عبد الوحيد جتوئيءَ هن ناولٽ لکيو آهي ته:" رڃ ۾ پڙاڏا" ۾ ماڻڪ ان ڳالهه کي واضح ڪري چڪو آهي ته انسان آزاد آهي، ته پوءِ اهو مرد هجي يا عورت، اخلاقيات جو ڪو به جڙتو قانون، ان سان لاڳو ڪري نه ٿو ڪري سگهي. هڪ انسان جو ٻئي انسان تي جبر ڪرڻ ۽ ان کي ڪنهن به اختياري عمل کان روڪمجو، ڪو به حق نه ٿو پهچي. هو جنهنڻ ۾ پلو سمجهندو اهو اختيار ڪندو. ماڻڪ پنهنجي ڪردار عاشيءَ جي ٻچي وجڻ تي، سندس پاءُ بشير جي لاءِ عمل کي ظاهر ڪندي لکي ٿو ته:

"نه مون کي اهو چوڻ جو ڪو حق نه ٿو پهچي ته هوءَ ٻچي وئي، هوءَ منهنجي ٻانهي نه هئي (هئڻ گهرجي) هن کي پنهنجي زندگي بابت فيصلي ڪرڻ ۽ وات جي چوند جو مڪمل اختيار هو (هئڻ گهرجي) ".[42]

پاڪيٽ سائيز ۾ ڇپيل ننڍو ناولٽ "پاتال ۾ بغاوت" پهريون ڇاپو 1977ع ۾ آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. 80 صفحن تي مشتمل هو، هن ناولٽ ۾ انسان جي اهم مسئلن کي فلسفياڻي انداز ۾ ڪنيو ويو آهي. هن ناولٽ جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪا اهم ڳالهه آهي، اها آهي 'مزاحمت'. هي ناولٽ يوناني ڏند ڪٿائي قصي کي علامتي طور پيش ڪيو ويو آهي، جن ۾ پروميٿيس (Promothyhysus) ۽ سيسفس (Sisyphus) شامل آهن. اهي ٻئي ڪردار انسان دوستيءَ جي ڪري مشهور آهن ۽ زيوس ديوتا وٽ يرغمال آهن.

'پاتال ۾ بغاوت' جا به 'ڀاڱا' آهن. پهريون ڀاڱو، 'سسيفس جي ناڪار' هڪ طرح جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ ماڻڪ هِن 'دائمي ڦتڪاريل ۽ نندنيل' ڪردار بابت پنهنجي نظريو اپٽاري آهي: 'سسيفس، ڪاموءُ پاران مڙهيل وجود کان مٿانهون آهي. گهڻو مٿانهون. ڇاڪاڻ ته هو اختيار جو نندنيل آهي ۽ ڦتڪاريل. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي ته، هو سدائين، هر ويل، اختيار کي چوي ٿو: نه_ جو ڪجهه مٿس مڙهيو ويو آهي، اختيار پاران، جنهن وٽ سگهه آهي. سسيفس ان کي ٺڏي

ٿو. نابري واري ٿو. نه: ۽ انهيءَ ”نه“ ـ جي حد کان ”پاڻ هجڻ“. جي اظهار جي سرحد شروع ٿئي ٿي.

ٻيو پاڳو. ۾ اصل Story بيان ڪيل آهي جاءِ واردات پاتال/ موت گهر. هاديس (ماڻڪ موجب: هيڊز) ۽ ديوتائن جي درٻار. اولمپوس. آهي. هاديس ۾ ديوتائن جي ٻين ’ڦتڪاريل. دائمي سزا ڀوڳيندڙن‘ سان گڏ سسيفس به پنهنجي اڻ ڪٽ سزا جو عتاب ڀوڳي رهيو آهي۽ سلسلو جڳن کان هلندو اچي ٿو اصل قصي جي شروعات تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن هڪ لڳا اوچتو سسيفس ڇپ ڪي ريڙهڻ بند ڪري، ان مٿان ويهي رهي ٿو. ۽ پهرين پاتال (موت گهر) جي واليءَ. هاديس. جي هڪل تي پوءِ مها ديوتا. زيوس جي پيغمبر. هرمز جي چوڻ تي به پٿر ريڙهي چوٽيءَ تي پڄائڻ کان ناڪار ڪري ٿو. تنهن تي ڪيس اولمپوس ڏانهن نيو وڃي ٿو. جتي هو زيوس سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. اُتان هو وري پاتال ڏانهن موٽايو وڃي ٿو. انهيءَ حڪم سان ته سندس سزا جو چڪر ايترو ته تِکو ڪيو وڃي، جو منجهس سوچ لاءِ ڪا وٿي نه بچي، سندس سونجهه جا سمورا ڳڙڪڙا بند ٿي وڃن، پر سندس ’پيڙا جي سيرت‘ ۽ ’بيوسيءَ جي ڄاڻ‘ جيئن جو تيئن رهي. سرورق تي جو ڪارڊ جو آهي، هڪ هيٺي انسان جو چٽ آهي، جنهن جا هٿ ( Larger than life ) يعني زندگي کان به وسيع آهن ۽ چوڏاري ڇانيل اونده جون ڪڙيون. سندس هڪ ٿي مڪ سان ڇيهون ڇيهون ٿي رهيون آهن.

منير احمد ماڻڪ جو ناول ”ساهه مٿ ۾“ پهريون دفعو 1986ع ۾ هندستان مان شايع ٿيو. هي ناول هڪ دور جي تاريخ آهي ۽ ون يونٽ جي پسمنظر ۽ ان ۾ پيدا ٿيل ٿورتحال ۾ لکيل آهي. هن ناول ۾ هڪ غلام قوم جي ساڃاهه وند فرد جي خوف، عدم تحفظ جي احساس، پنهنجي ڌرتيءَ تي اوپرائپ ڀري ماحول مان پيدا ٿيندڙ انيدشن جي مڪمل عڪاسي ڪئي وئي آهي. سڄي ناول ۾ به ڪردار آهن. هڪ سنڌي جو ليڪچرار ۽ ٻي سندس زال. هنن وٽ مايوسي به آهي ته ٿڪ به آهي. ساڳي وقت زندگيءَ جي بي مقصدگي جو احساس به آهي.

هن ناول لاءِ پروفيسر هيرو شيوڪاڻيءَ لکيو آهي ته:”ٻن سوء صفحن جي سر ورق تي لکيل سنڌ ۾ ملٽري حڪومت جي پسمنظر ۾ لکيل ناول جو

واقعا تي آڌار ڇڏو پاڌو آهي. سنڌي زبان جو ليڪچرار ائين محسوس ڪرڻ لڳ ته لڪل طاقت سنڌس پيڇو ڪري رهي آهي، ڪو سنڌس ڪڍ آهي. پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي غير سلامتيءَ جو احساس، نوڪري ڪسجڻ جو ڊپ ، مسلمان هوندي به سنڌي هجڻ جو اڌڪوهن ڪي پيڙهي رهيو آهي. ناول جي ان ڇڏي پاڌي واقعاتي اٽت ۾ ليکڪ سنڌ جي موجوده صورتحال ڪي آمريت جبريت ۽ پنهنجين ئي وڏيرا شاهيءَ ۾ ساهه مٺ ۾ ڪٽي هلندڙ سنڌ ڪي ڪن علامتن سان مڪمل وضاحت ۽ بي باڪيءَ سان چٽيل آهي".(43) ناول ۾ سنڌي ماڻهن جي اڀوجهائپ لاءِ لکيو اٿائي ته: " نيٺ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ بنگالي ته جان ڇڏائي ويا، قربانيون سو عظيم ڏنائون. چوي ٿو.

ڇا ٿيندو؟ ڪجهه به نه ٿيندو ، پاڻ واري جي..ايم..سيد جون ڳالهيون پليون ، پر آهي رڳو وڏيرن جي پٺان ، پٽو پنجاب جي مفادن سان غداري ڪرڻ نٿو چاهي ، ڪميونسٽ ؛ هڪڙا پناهگيرن جا پٺو ، جن جون ناڪيليون ڪراچي جي ڪالونين ۾ وينل پناهگير ڪامريڊن جي هٿن ۾ ، ٻيا ، ڏينهن جو سياسي لائنون هلائين ، منجهند جو سرمائيدارن ۽ وڏيرن سان ڳجهيون ڪچهريون ڪن ته رات جو ڌرتي جي ڌيئاٽين تي محنت ڪن ، ڇا ٿيندو منهنجا ياءُ ، ڪجهه به نه "

2014ع ۾ ماڻڪ گهر ۾ رکيل هڪ بريف ڪيس مان سنڌس ڪجهه اڻ ڇپيل مواد هٿ آيو، جن کي "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" جي نالي سان شايع ڪرايو ويو، جنهن ۾ سنڌس اڻ لپ ناولٽ "پڇتاءُ" به شامل هوهن ناولٽ ۾ ۾ مکيه ڪردار هڪ وئيشيا جو آهي ۽ موضوع ان جو قتل آهي. ناولٽ ۾ هڪ هنڌ ان عورت لاءِ لکي ٿو ته:

"غضب جی عورت هئی عورت نه ، نينگري جوانڙي ، مون کی هينئر سنڌس ٻڌايل واقعو ذهن تی پيو تري ، انجو تصور ڪيڏو نه دل ڏاريندڙ آهی، انسان جيڪڏهن ڪجه به ڪرن تی اچی ته ڇا نٿو ڪری سگهی ، اسين پاڻ ۾ ڪافی گهرا تی ويا هئا سين ، هيڪ پيري مون ڪائنس پوڳ ۾ پڇيو، " اهو ڪهڙو ياڳن وارو هو.؟ جنهن سائين جن جی ڪنوارپ جو. . . . ؟ مو اجان سوال پورو ئی نه ڪيو هو ته ڏٺم سنڌس منهن جو رنگ اُڏامی ويو آهی ۽ چپ ڪاراتجی ويا اٿس ، مان پنهنجي ليکي ڏاڍو ششدر ٿيس. سوچيم شايد اهو سوال اٽوٽندڙ لڳو آهي ،

پڇتائڻ واري انداز ۾ چيم ، مون کي معاف ڪج. اهڙي قسم جو ڪريل سوال مون کي نہ ڪرڻ کپندو هو.“ (44)

ماڻڪ سنڌي افسانوي ادب جو هڪ تمام وڏو نالو هو. جنهن نہ رڳو سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جي فارم، ٻولي ۽ اسلوب ۾ تبديلي آندي، پر نهايت چرڪائيندڙ موضوع ۽ لاڙا پڻ متعارف ڪرايا.

## رشيد ڀٽي (1933ـ 1988ع)

رشيد ڀٽي جتي شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار، مزاح نگار، نقاد هو، اتي اعليٰ مترجم بہ هو. ڪيترائي ترجما ڪيائين، جن ۾ هر قسم جا موضوع شامل آهن. پر ناول جي سنڌي ادب ۾ ڪمي ڏسي، هن ڪيترائي ناول ترجمو ڪيا.سندس ترجما انوکا، وڻندڙ ۽ شاهڪار آهن. رشيد ڀٽي پنهنجي ترجمو ڪيل ناول ناول ”پاپ ۽ پيڙا “جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ ”سن 1957ع ۾ مون کي مشهور روسي ناول نويس فيودور دوستو وسڪيءَ کي پڙهڻ جو موقعو مليو پوئر فوڪ، اڊيٽ، برادرس ڪراماروف، دي ڊيولس، دي گئمبلر ۽ ڪرائيم ائنڊ پنشمينٽ وغيره وغيره. انهن سيني ناولن ۾ دوستو وسڪيءَ گهٽو ڪري ان وقت جي سماجي ستم ظريفين ۽ ڪردارن جي عڪاسي ڪئي آهي. اهو دور اهو هيو جو جاگيرداري ختم ٿي رهي هئي ۽ ان جي جاءِ تي سرمائيداري سماج اسري رهيو هو ۽ شهر ۾ وچولو طبقو جاءِ وٺي رهيو هو. جڏهين مون هن جو ناول ”ڪرائيم ۽ پنشمينٽ“ پڙهيو تہ نہ رڳو ان جو ماحول ۽ موضوع مون کي هن وقت جي پنهنجي دور سان ٺهڪندڙ لڳو. پر ڪردار بہ اهڙا نظر آيا، جي مون آڏو هن سماج ۾ گهميا ڦريا پئي. ساڳيائي مسئلا، ساڳيائي مونجهارا، ۽ ساڳيائي زندگيءَ جا بدلجندڙ قدر ۽ نوان اسرندڙ قدر ۽ انهن جا تضاد ۽ نتيجا! مون ان ناول کي سنڌيءَ ۾ ائڊاپٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.“ (45)

”پاپ ۽ پيڙا“ ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڏوهہ دراصل سرمائيدارنہ سماج ۽ انساني ورتاءُ ۽ وهنوار آهي. هن ناول ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اڻ برابري واري سماج ۾ رشتا بہ پنهنجو وجود وڃائي ويٺا آهن.

رشيد ڀٽي ناول ويتنامي زبان جي ليکڪ آنهہ ڊڪ (Anh Duk) جي مشهور ناول ”هان ڊئٽ“ (Handat) جي انگريزي ترجمي مان سنڌي ۾

ترجمو"ويرن جي وسندي" ڪيو ويو آهي ۽ عظمت اڪيڊمي طرفان 1986ع ۾ شايع ڪيو ويو. "هان ڊئڻ" دنيا جي عظيم حريت پسند ۽ مجاهد قوم، ويتنامي قوم جي جنگ آزاديءَ جو داستان آهي. ويتنامين سانده ڏهه سال دنيا جي وڏي ۾ وڏي سامراجي قوت آمريڪا جي ارهه زوراين جو مقابلو ڪيو ۽ آخرڪار ڪيس گوڏا کوڙڻ ۽ ذلت آميز شڪست تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن ڪتاب ۾ انهيءَ سموري جدوجهد آزادي کي بيان ڪيو ويو آهي. آمريڪا، جديد ترين ۽ خطرناڪ هٿيارن جو مالڪ آهي ۽ فوجي طاقت جي معاملي ۾ سندس مقابلو صرف روس ڪري سگهي ٿو، پر ويتنامين وٽ صرف جذبو هو. صرف انهيءَ جذبي جي سچائيءَ کين سرخرو ڪيو ۽ سندن آزاديءَ جي لاءِ ڪيل جدوجهد سموري دنيا جو آزاديءَ پسندن لاءِ مشعل راهه جي حيثيت رکي ٿي.

ناول ۾ نه رڳو ويتنام جي سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي زندگي جي ڀرپور جهلڪ ڏنل آهي، نازڪ ۽ حساس جذبن ۽ ڪيفيتن ۽ نفسياتي پهلوئن جي عڪاسي پڻ ڪيل آهي، پر انساني ۽ انسان جي اندر جي سونهن سان گڏوگڏ ملڪ جي سونهن ۽ سرسبزيءَ جو سياويڪ ۽ قدرتي اظهار ملي ٿو ۽ ويتنامي قوم جي نفسيات ۽ انساني، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ کي به پياري ۽ دلڪش نموني پيش ڪيو ويو آهي.

رشيد ڀٽي ڀڳوتي چرن ورما (1903_1981) جي ناول "چترليکا" جو ترجمو 1983ع ۾ ڪيو ۽ هي ناول زندگي پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيو. هندي ٻولي جي هن عظيم ناول ۾ خاص طور تي اخلاقيات متعلق فڪر ۽ عمل تي موضوع بنايو ويو آهي. پاپ ۽ پڇتاءُ، گناهه ۽ ثواب ۽ ضبط و نظم جي لحاظ کان انساني عقل ڪڏهن به پوري طرح ممطئن نه رهيو آهي ۽ ان بابت ان تي وڏا وڏا سوال پئي اٿيا آهن ۽ وقت جي قبوليل ۽ چالو اهڙن سچن مانداڻن کي ان وري وري ۽ يڪسر پئي قبوليو ۽ رد ڪيو آهي ۽ ظاهريت کان باغي بڻجي ۽ دستور جا ليڪا ڊاهي انهن ڪئي آهي. اهڙي ئي دانهن، پڪار تي ٻڌل هي ناول آهي.

رشيد ڀٽي هن جو ڏاڍو خوبصورت نموني ترجمو ڪيو آهي. چترليکا ۾ نه رڳو گناهه ۽ ثواب جي موضوع تي لکيو آهي پر گڏوگڏ زندگيءَ جي مستقل قدر،

پيار ۽ انساني سيا، تي بہ ويچار ڏنل آهن. ناول جا ٽي مکيہ ڪردار آهن: چترليکا، بيج گپت ۽ ڪمار گري. چترليکا پاٽيلپتر جي مشهور ناچڻي آهي. چترليکا رڳو هڪ خيالي ڪهاڻي نہ پر انکي تارريخ جو پسمنظر بہ ڏنو ويو آهي. جنهنجي ڪري هن کي تاريخي ناول بہ چئي سگهجي ٿو. ناول جو وقت هندوستان جي مشهور موريا گهراڻي جي نامياري مهراج چندر گپت موريا جو دؤر حڪومت جو آهي، هندوستان جي تاريخ جو اهو دؤر مذهبي ويچار سبب تمام اهم ليکيو وڃي ٿو. "چترليکا" ۾ ڀڳوتي چرڻ شرما لکيو هو:

"اسان نہ پاپ ڪيون ٿا ۽ نہ پڃ, اسان تہ صرف اهو ئي ڪجهہ ڪيون ٿا جيڪو اسان کي ڪرڻو ٿو پوي."

رشيد ڀٽي جو هي ناول "ڀلاري ڀونءِ" 1995 ۾ شايع ٿيو. دراصل هن ناول جي ترجمي جو ڪم ڀٽي صاحب شروع ڪيو هو پر زندگي ساٿس وفا نہ ڪئي ۽ ان جو رهيل حصو محترم لکا ڏنو "ڪلال" خاصخيلي ڪيو. هي ناول آمريڪي نوبل انعام يافتہ ناول نگار پرل ايس بڪ جو لکيل آهي ۽ چين جي زرعي پسمنظر ۾ لکيل The Good Earth جو ترجمو آهي. هن ناول جا ٻين ليکڪن بہ سنڌي ۾ ترجما ڪيا آهن جن ۾ عمر ميمڻ جو "سون ورني ڌرتي" پڻ شامل آهي.

"ڀلاري ڀونءِ" ناول جو مرڪزي ڪردار چين جو هڪ اڻ پڙهيل ننڍڙو ڪڙمي "وانگ لنگ" آهي، جيڪو پنهنجي زمين جي ننڍڙي ٽڪر سان بي انت پيار ڪري ٿو. ناول جو ٻيو اهم ڪردار "اولان" آهي. جيڪا ڏڪار دوران وڪامجي وڃي ٿي. اڳتي هلي سندس شادي وانگ لنگ سان ٿئي ٿي. وانگ لنگ زمين سان تمام گهڻي محبت ڪري ٿو ۽ سخت محنت ڪري ٿو. اڳتي هو خود وڏو زميندار بڻجي وڃي ٿو. ان وچ، تہ ۾ وڏو ڏڪار اچي وڃي ٿو، ٻوڏ اچي ٿي، ماڪڙ حملو ڪري ٿي، جنگ لڳي ٿي ۽ انقلاب اچي وڃي ٿو. اولان جي سڄي زندگي ۾ وڏي اٿل پٿل اچي وڃي ٿي، پر تڏهن بہ زمين سان پيار جي محنت نہ ٿي اجهامي. چين جي پسمنظر ۾ هي ناول سنڌي ماحول جي بہ ڪيترن ئي پهلوئن جي ترجماني ڪري ٿو.

رشيد ڀٽيءَ جا ترجما چڱ اصلوڪا هوندا آهن. هو بنيادي طور تي تخليقي

اديب آهي، انڪري سندس ترجمن ۾ بہ مضبوط عبارت، ٺيٺ سنڌي لفظ ۽ سنڌي ماحول ترجمن کي بہ طبعزاد ۽ اصلوڪو ڪري ڇڏيندو آهي.

## غلام نبي مغل (12 آڪٽوبر 1944ع)

غلام نبي مغل افسانوي ادب ۾ حقيقت پسندي (Realism) وارو اديب طور ليکيو وڃي ٿو. جنس، بشني بازي ۽ شهري رولاڪي جا سچا پچا عڪس غلام نبي مغل اپاريا. هن جي ناولن جا بہ موضوع سندس ڪهاڻين وانگر سنڌ جا مسئلا آهن. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”نئون شهر“، ”رات جا نيڻ“، ”رات منهنجي روح ۾“ ۽ ”ست ستر اسي“ شامل آهن. سندس ڇپيل ناولن ۾ ”عورت ۽ پيار“ (1965ع) ”اوڙاهہ“ (1984ع) ۽ ”مون کي ساهہ کڻڻ ڏيو“ (1999ع)، ”وطن واويلا“ (2008ع) شامل آهن. سنڌي ناول ۾ غلام نبي مغل پنهنجي خاص انداز سان معروضي حالتن جو اپياس ڪندي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪئي آهي.

عورت ۽ پيار: سندس پهريون ناول ”عورت ۽ پيار“ فرانسي ليکڪ پيري لوئي (1850_1923) جي ناول (Woman and the Puppet) جو ترجمو آهي. پيري لوئي جا اڪثر ناول سفر نامن جي طرز تي لکيل هوندا آهن. هي ناول بہ اسپين جي سرزمين ثقافت، معاشي حالتن، سماجي قدرن جي لحاظ کان بهترين سياحتي انداز جو ناول آهي. غلام نبي مغل صاحب تمام بهترين انداز ۾ ناول جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي.

ناول جي ڪهاڻي بنيادي طور تي مسٽر دان ميٿيو جي سچي محبت ۽ ڪيپسئين پريزڊي گارشيا جي دغا تي ٻڌل آهي. مسٽر ميٿيو سچي دل سان کيس چاهي ٿو ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ مٿس قربان ڪري ڇڏي ٿو. هوءَ هر دفعي کيس ڪوڙي محبت جو يقين ڏياري، لٽي ڦري نڪرائي ڇڏي ٿي. ناول ۾ مرد جي سچي محبت ۽ عورت جي فريب واري رخ کي ڏيکاريو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ مرد عورت جي فريب جي ڪري رانديڪو ٿي پيو آهي.

سندس ناول”اوڙاهہ“ 1984ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول فني طور تي هڪ مڪمل ناول آهي. پر ان سان گڏوگڏ اهو تاريخ ۽ سماجيات جي جيئري جاڳندي تصوير پڻ آهي. گذريل ساڍن ڇئن سؤ سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾

جيڪي ڏاڍ ۽ ڏوجھرا ڏٺا. انھن جا اثر ۽ سماجي اٿل پٿل جا احوال اسان کي ھن ناول ۾ نظر اچن ٿا. ھن ناول جو بنيادي پسمنظر بيان ڪندي خود ليکڪ لکي ٿو تہ ”سنڌ جو سڀ کان وڏو مسئلو اھو آھي تہ سنڌين جو شھرن ۾ ھيٺيون وچولو ڪلاس ۽ وچولو ڪلاس صدين کان وجود ۾ نہ رھيو آھي ۽ ھاڻي اڄڪلھ جڏھن سنڌ جي وجود جي بقا جي جنگ وڙھجي پئي تہ اسين سنڌي شھري وچولي ڪلاس جي نہ ھئڻ ڪري ، بقا جي ويڙھ ۾ ھڪ اھڙي عذاب ، اوريڪ ۽ ”اوڙاھ“ منجھ اڙجي ويا آھيون ، جو لڳي ائين پيو تہ شايد تاريخ جي پنن تان ميسارجي نہ وڃون . سمن جي بادشاھت جي خاتمي سان گڏ سنڌ شعوري طور ديھي شھري علائقن ۾ ورھائجي وئي يا ڏاڍ ۽ جبر جي استعمال سان ائين ڪيو ويو.“ (46)

ناول ”اوڙاھ“ جيڪو دراصل ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کان وٺي، موجوده دور تائين جو سفر طئي ٿو ڪرائي ۽ منجھس خاص طور سنڌ جي سياسي حالتن جو تجزيو ڪندي، ان ڪي درپيش تڪليفن جا بنياد تلاشڻ جو ڪافي حد تائين ڪامياب ڪوشش ڪئي وئي آھي. ناول ”اوڙاھ“ ان سموري تاريخي جاڪوڙ بابت آھي. جنھن ۾ سنڌ جي ڇئن سئو سالن جي سوشيو پوليٽيڪل تاريخ بيان ٿيل آھي. ڪن نقادن ناول ۾ ھندو وچولي ڪلاس بابت ڏنل ڄاڻ سان اختلاف ڏيکاريو آھي، پر ھي ناول سنڌ جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي تاريخ تي پھريون مڪمل ناول آھي .

سنڌي نوجوانن جي ھڪ اھم مسئلي کي ناول نگار بخوبي پيش ڪيو آھي، جنھن تحت اسان جا نوجوان ڌارين نارين جي نازن ۽ چمڪ دمڪ تي مفتون ٿي پنھنجا سڳ ڇڏي سيڻ متائڻ شروع ڪيا آھن پر اصلاحي نقطہ نظر کان ناول نگار سنڌي نوجوانن کي واپس ورڻ جو درس ڏئي ھڪ چڱو ڪم ڪيو آھي. مغل صاحب سندن سماج جي بگاڙ واري ڪردار جي بہ نشاندھي ڪئي آھي، جنھن تحت ھنن ھمراھن سماج کي سنوارڻ بجاءِ بگاڙڻ کي ترجيح ڏني آھي. ”اوڙاھ“ ۾ ڪم آيل ٻولي ان جي رواني، ميناج ۽ تاجي پيٽي جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گھٽ آھي. تحرير ۾ محاورا ۽ پھاڪا بہ موقعي جي مناسبت سان اھڙا ڏنا آھن، جيڪي سٽن ۾ سونھن ٿا. چند محاورا ھن ريت آھن:

”ڏاڍو ڪِڏڻ“، ”نيڻ نهار تائين“، ”سنڌ جي پوتر مٽيءَ جو مان“، ”تاهو وڃهڻ“، ”ڏونڪو ڦيرڻ“، ”پنهنجا ڪک چڏڻ“، ”ماڻهن جي اکين ۾ بگهڙن جا تارا“ ۽ ”ڏر ٻڌجن“ وغيره.

سنڌس هي ناول“ قيدي“پنجابي زبان جي مشهور ليکڪ فخر زمان جي ناول ”بنديوان“ جو ترجمو آهي. خالد حسن انهيءَ ناول کي انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ترجمو ٿيل ناول ”دي پرزنر“ جي نالي سان نيو دهليءَ منجهان 1984ع ۾ ڇپيو. پوءِ هن ناول جا اردو، هندي، بنگالي ترجما بہ آيا ۽ ناول جي مقبوليت ڪري روسي زبان کان علاوه ٻين يورپي ٻولين ۾ بہ ناول ”بنديوان“ ڇپيو آهي. هي ناول ذوالفقار علي ڀٽي جي سياسي جدوجهد تي لکيل آهي. سنڌس جمهوريت لاءِ خدمتون، جيل ۽ آخر ۾ ڦاسي ۽ شهادت، هن ناول جو حصو آهن. ملڪ ۾ جنرل ضياءَ جي دؤر حڪومت ۾ رياستي جبر ۽ ڏاڍ تہ جولاءِ 1977ع کان شروع ٿي چڪو هو پر 1979ع ۾ اهو جبر ۽ ڏمر جو دؤر پنهنجي عروج تي هو. سر عام ڦاسيون، ڦٽڪا ۽ هترادو تاهيل عدالتن جا فيصلا، پوري ملڪ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ نظر اچڻ لڳا. هڪ طرف جمهوري حڪومت جو خاتمو ڪيو ويو هو تہ ٻئي طرف ملڪ جي معروف ليڊر کي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو. سچ ڳالهائڻ ۽ لکڻ يا سچ متعلق سوچڻ تي بہ سرڪاري پابنديون ۽ قانون نافذ هئا. ماڻهن جا ذهن ۽ زبانون زنجيرن ۾ جڪڙيل هيون. انهيءَ دور ۾ فخر زمان، پنهنجي ٻوليءَ ۾ هڪ ناول ”بنديوان“ لکيو تہ انهيءَ ڪتاب جي صفحن ۾ سچ لکيل هو، آمريت جا وڪا پڌرا ٿيل هئا.

غلام نبي مغل جو ناول ”مون کي ساهہ ڪڻڻ ڏيو“، موجوده سنڌ جي هڪ اهم مسئلي تي لکيو ويو آهي، يعني ڪاروڪاريءَ جي مسئلي تي. سنڌس ناول ”مون کي ساهہ ڪڻڻ ڏيو“ ۾ موجوده سنڌ جي وڏن شهرن اندرن سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ سانحن ۽ مٿن گذرندڙ قيامتن کي موضوع بڻايو ويو آهي. هي ناول هڪ عورت ۽ مرد جي قتل جي پسمنظر ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جن پسند جي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جيتوڻيڪ هن ناول جا ڪردار ڪراچي شهر ۾ ڏيکاريا ويا آهن، پر اهم ڪردار سونا ۽ سنڌس مڙس جو پسمنظر زميندار ماحول سان تعلق رکي ٿو.

ڏسڻ ۾ هيءَ هڪ ننڍڙي ڪهاڻي آهي ته مڙس پنهنجي زال کي ڪات سان ڪاسائين وانگر ڪٺو. پاڻ پنهنجي پيٽ کي ڪلاشنڪوف جي برسٽ سان رت ۾ ريٽو ڪيو. سبب اهو ئي ته ”ڪارو_ڪاري“. ناول جي انهن سمورن واقعن کي هڪ دانشور يا ڪهاڻيڪار بہ ڏسي پيو جنهن ۾ هڪ تنگ ۾ فريڪچر آهي ۽ هو چڱي ريت هلي نٿو سگهي پر چڱيءَ ريت سوچي سمجهي سگهي ٿو. دانشور ۽ ڪهاڻيڪار انهن واقعن کي عام نٿو سمجهي پر سندس ذهن ۾ اهو اثر ضرور جنم وٺي ٿو تہ عورت کي ائين مارڻ صحيح ناهي ۽ اهو وحشي جيوت جو حصو آهي.

سندس ناول ”دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ“ موضوع ۽ فن جي لحاظ کان بهترين ناول آهي. هن ناول ۾ سماجي حقيقت نگاري جي چٽي تصوير ڏني ويئي آهي. هي ناول 1996ع ۾ نيو فيلڊس پبلڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي ناول پڻ سنڌ جي سياسي توڙي تاريخي پسمنظر جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول لاءِ خود مغل صاحب لکيو آهي تہ ”سنڌ جي سياسي توڙي تهذيبي سماج ۾ تبديليون ورهاڱي ٽيڻ سان ئي محسوس ٿي رهيون هيون. پر 1970ع کان پوءِ تبديليءَ جا اهڃاڻ. واضح طور تي وجود ۾ ايند رهيا ۽ اجا تائين سنڌ. تبديلين جي بحران ۾ نظر اچي ٿي، انهيءَ دؤر جي ڪجهه ڪردارن ۽ واقعن جي تسلسل جي آڌار تي هن ناول جا تاجي پيٽا اڻيل آهن. جن ۾ سجاڳ ۽ ساجاهه رکندڙ نوجوانن جي ذهنن ۾ پيهي ويندڙ بي چيني جي وڌندڙ بي پاڙي ولين جو اڻ کٽ ڦهلاءَ بہ آهي تہ ٻئي پاسي وڏيرڪي سماج جي اڏجندڙ گهڻ پاسائتي اها عمارت بہ صاف نظر اچي پيئي، جنهن جي بنياد ۾ ويهين صدي جي آخري چوٿائي جي سنڌ جي عوام جي ووٽن جي سگهه ۽ ساٿ موجوده آهي، جيڪا حيرت جهڙي ڳالهه بہ آهي. موجوده حالتن ۾ لڳي ائين پيو تہ نئين دؤر جي Neo_ Wadersion سنڌ جي عوام جي جمهوري طور تي ورتل ووٽن ۽ وڏيرن جي اوطاقن ۾ واڙيل عام ماڻهن جي عددي ڳٽپ ۽ قومي ويچارگي جي ٽياس تي تعمير ٿي رهي آهي“.(47)

هي ناول پوڙهي امام بخش جي ۽ سندس پٽ جي قيد تي مبني ڪهاڻي آهي. سچو ناول سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو تہ

ڪيئن عام ماڻهوءَ جي چوءَ طرف سازشن، بدمعاشين ۽ عام اخلاقي قدرن جي خاتمي جا ڄار اڻجي رهيا آهن. اسان جي نمائندن وٽ نوجوانن ڪي ڊونهاٽيل راتين ۽ اونداهين مان ڪڍڻ جو ڪو پروگرام ئي نہ آهي. هي پورو سرشتو دولاب تي ٻڌل آهي، پوءِ بہ پوڙهي امام بخش ڪي نوجوانن جي هڪ مختصر گروهہ جي جاڪوڙ جا ڪرٽا نظر اچن ٿا، جيڪا ڳالهہ خوش (Optimism) جي نشاني آهي. مغل صاحب جو پورو ناول پوڳنائن جو ناول آهي. ناول جي ٻولي شاندار ۽ عام فهم آهي.

سندس ناول ”وطن واويلا“ 2008ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي شهيد راڻي بينظير ڀٽو کي ارپيل آهي. غلام نبي مغل جي ٻين ناول وانگر هي ناولن بہ سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هو پاڻ چوي ٿو تہ هن ناول ۾ غربت ۾ رهندڙ انسانن بابت اشارا آهن. پيٽ جو خال پرڻ لاءِ هڪ عام پورهيت پنهنجو هڪ گهر وڪڻي پنهنجي حالتن کي سڌارڻ چاهي ٿو تہ بہ نٿو ٿي سگهي.“ (48)

ناول جو هڪ وڏو موضوع ملڪ ۾ غربت جو مسئلو بہ آهي، جنهن ۾ ڪيترائي خاندان غربت جي ليڪ هيٺان رهن ٿا. غربت جي خاتمي واري سلسلي ۾ ناول نگار هڪ هنڌ طنزيہ چوي ٿو تہ ”ملڪ جي گادي واري شهر منجهان ملڪ جي مرد اول جي سيڪريٽريٽ مان جواب آيو تہ حڪومت ڪوشش ڪري پئي تہ غربت جي سطح کي گهٽ ڪري. هن ملڪ جا نوجوان ۽ باقي رعيت جلدي محسوس ڪندي تہ اڪنامڪ حالتون بهتر ٿينديون ۽ روزگار جا موقعا وڌندا.“

مطلب تہ هن معاشي بدنظمي جا سبب بہ لکيا آهن تہ انهن جا حل بہ ڏنا آهن. سببن ۾ سياستدان، وڏيرو ڪامورو، غير جمهوري قوتون اقرباپروري ڪلاس سسٽم وغيرہ ٻڌايا ويا آهن. ناول نگار مطابق جمهوريت جا پيداوار وڏيرا طاقت ۽ ساليانو بجيٽ ۽ ڊونر ايجنسين جي ڪروڙين ڊالرس جي آڌار تي حرفتي ڪاموري ذهن، سياسي ۽ جمهوري آٽوڪريسي ۽ ٻين مسئلن سان گڏ، سنڌ کي اڌوهي وانگر لڳل آهي. ناول ۾ گلاب نالي ڇوڪري جي ڪردار ۾ مغل صاحب همٿ، بهادري، سنڌيت، سچائي، شعور جي سڌ ڏنو آهي. مجموعي طور تي سڄي ناول ۾ همعصر سنڌ جو معروضي نموني اپياس ڪيو ويو آهي.

سندس شايع ٿيل آخري ناول ”همئہ منصور هزار“ آهي. هن ناول جو مک ڪردار عبدالرحمان خان، هڪ اهڙو باشعور زميندار آهي جنهن پنهنجي ڪجهہ زمين هارين ۾ ورهائي ڇڏي آهي ۽ ڪجهہ وڪڻي شهر ۾ هڪ ڪاروبار ۾ لڳائي آهي. ڪيس وڏو زميندار يا وڏيرو ٿيڻ جو ڪو شوق ڪونهي. هو سنڌ جي تاريخ تي دسترس رکي ٿو ۽ ڪيس سنڌ سان ويسله گهاتين ڪندڙن سان سخت نفرت آهي. ڪيس پنهنجي زال زيب سان بي پناه محبت آهي. سندس عمر پنجاه سال ٿيڻ واري آهي ۽ هو پنهنجي پنجاهين سالگرہ تي پنهنجي زندگي جو خاتمو آڻڻ چاهي ٿو جنهن جو سبب هو اهو ٿو ٻڌائي تہ جيئن تہ سنڌ جا منافق اڳواڻ منفي سوچ رکندڙ آهن ۽ اهي سنڌ جي زوال پذير حالت کي بهتر بنائڻ جي ڪا ڪوشش نٿا ڪن تنهنڪري هو انتهائي حساس طبيعت هئڻ سبب سنڌ جي اها حالت نٿو ڏسي سگهي ۽ زندگي جا وڏيڪ عذاب سهڻ نٿو چاهي. غلام نبي مغل بنا ڪنهن شڪ جي سنڌ جي نالي وارن ناول نگارن مان آهي، جنهن وٽ تاريخي پسمنظر بہ آهي تہ سياسي شعور بہ آهي. هن جي ناولن ۾ فني خوبيون بہ آهن تہ فڪري خوبيون بہ آهن.

## قاضي خادم (11 نومبر 1945ع)

ڊاڪٽر پروفيسر قاضي خادم حسين ولد لائق قريشي جو جنم ڳوٺ الهداد چنڊ ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو پاڻ مشهور ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ڊراما نويس، مترجم، نقاد ۽ محقق آهي. سنڌي ادب ۽ انگريزي ادب ۾ ايم اي ٿيل اٿس. سنڌ يونيورسٽي مان پي-ايچ-ڊي جي سند حاصل ڪيائين. قاضي صاحب ڪجهہ سال اڳ سنڌي شعبي ۾ يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو مان رٽائرمينٽ ڪئي آهي. اڄڪلهہ اتي ئي ”علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر“ جو ڊائريڪٽر آهي. انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن.

پروفيسر قاضي نہ صرف طبعزاد ناول لکيا آهن پر ڪجهہ مشهور يورپي ناولن جا ترجما بہ ڪيا اٿس. سندس شايع ٿيل ناول ۾ ”پيار ۽ سپنا“ (1977ع)، ”درد جي خوشبو“ (1981ع)، ”جواري“ (ترجمو) ”سونهن جي ديوي“ (ترجمو)، ”زوال“ (ترجمو) ۽ ”پيار“ (ترجمو) ۽ ٻيا ناول شامل آهن. ڊاڪٽر قاضي خادم جي وڏي خوبي اها آهي تہ هو هڪ ئي وقت سنڌي ادب ۽ انگريزي ادب جو شاگرد ۽

ڄاڻو آهي. ان ڪري دنيا جي سطح تي ادب ۾ آيل تحريڪن کان پوري طرح واقف آهي. اهو ئي سبب آهي جو موجوده دور جي ناول نگارن ۾ سندس نالو نمايان آهي. قاضي خادم سڀ کان پهريون ناول 1962ع ۾ اردو زبان ۾ لکيو هو، جنهن جو نالو هو ”شمع هر رنگ ۾ جلتي رهي“. هي هڪ رومانوي ناول آهي.

سندس ناول ”زوال“ 1968ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول وجودي فڪر جي فرانسيسي ناول نگار البرٽ ڪامئو جي The Fall جو ترجمو آهي. پروفيسر قاضي خادم هي ناول ترجمو ڪري جديد دور مطابق پلاٽ ليس (Plotless) ناول کي سنڌي ناول ۾ شامل ڪيو آهي.

هن ناول ۾ وجودي فڪر جي ترجماني ڪئي وئي آهي. البرٽ ڪامئو پنهنجي لکڻين ۾ Absurdity and Existentialism جي نظريي پيش ڪرڻ ڪري اهميت حاصل ڪئي. ان نظريي تحت اها زندگي جيڪا ماڻهوءَ تي زوري مڙهي وئي آهي. انهيءَ زندگي جو ڪو مقصد ئي ڪونهي. اها زندگي واهيات ۽ بي مقصد آهي، جيڪا حالتن جي وس آهي. ماڻهو جو ان ۾ ڪو به عمل دخل ڪونهي، ڪوبه وس ڪونهي. اهو ماڻهو ائين آهي. جيئن سمنڊ ۾ ڪک وهندو آهي. هو سمنڊ جي ڇولين جي مرضيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن وهندو رهندو آهي، پر سندس ڪا به مرضي يا دخل نه هوندو آهي. هن ناول ۾ هڪ جاءِ تي، هو چوي ٿو ته:

”انسان اهڙو ئي ٿيندو آهي، منهنجا سائين! سندس ٻه روپ آهن: هو پنهنجو پاڻ سان محبت کان سواءِ، ٻئي ڪنهن سان به محبت نٿو ڪري سگهي. اوهين جنهن عمارت ۾ رهو ٿا، تنهن ۾ ڪو قضيو ٿي پوي ته پنهنجن پاڙيسرين کي غور سان ڏسو. هو سڀ هميشه وانگي ستا پيا هئا ته اوچتو، مثال طور، چوڪيدار گذر ڪري ويو. هڪدم هو سجاڳ ٿيا، ڪيئن به ڪري بستري جي پچر ڇڏيائون، خبر چار ڪديائون، ۽ ڏک ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيائون. تازو هڪڙو ماڻهو مئو، ۽ آخر هڪڙو تماشو شروع ٿيو. انهن سيني کي ڪنهن دڪدائڪ واقعي جي ضرورت آهي: اها سندن هڪڙي ننڍي ’ماورائيت‘ آهي، يا دوا جي اها گوري سمجهو، جيڪا بک کي وڌائيندي آهي. ڇا، مون مثال لاءِ چوڪيدار جو ذڪر ائين ئي اتفاقي طرح ڪيو آهي؟ دراصل منهنجو هڪڙو

چوڪيدار هو نهايت بدتميز، ڪميڻو، هنيلو، هوڏي اندر جو ڪوڙو، بدصورت، بڇڙو، جنهن جي مهانڊي کي ڏسي چڪر فراسسڪو جو راهب بہ پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏي، ۽ مون تہ ساڻس ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏنو هو. هڪڙي ڏينهن اُهو مري ويو ۽ آءُ ان جي جنازي ۾ وڃي شريڪ ٿيس. اوهين ٻڌائي سگهو ٿا تہ ڇو؟".[49]

اهڙي طرح قاضي صاحب جو هڪ ٻئي وجودي فڪر جي بانيڪار فرانسي اديب جان پال سارتر جي ناول جو ترجمو "پيار" جي عنوان سان 1968ع ۾ شايع ٿيو. ناوليٽ "پيار"، سارتر (1980_1905ع) جي "Intimacy" جو ترجمو آهي. قاضي صاحب هي ڪتاب 1968ع ۾ شايع ڪرايو. هن ناوليٽ ۾ بہ وجودي فڪر جي پرچار ٿيل آهي. بنيادي طور تي "Intimacy" جو مطلب هوندو آهي تہ ماڻهن جي وچ ۾ "لاڳاپو"، يلي پوءِ اهو محبت جو لاڳاپو هجي. پر هن ناوليٽ ۾ ٻن شادي شده جوڙن جي نجي زندگي ۽ انهن جي احساسن جي ڪهاڻي ڏيکاري ويئي آهي.

سندس ناول "سونهن جي ديوي" فرانسي ليکڪ پيري لوئي (1850_1923) جي ناول"ايفروڊائيٽ"( Aphrodite) جو ترجمو آهي، جيڪو 1969ع ۾ شايع ٿيو. ايفروڊائيٽ يوناني ٻولي جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي "سونهن جي ديوي". ناول ۾ پهرئين صدي جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ناول جو هيرو ڊيمٽيريز هڪ مشهور آرٽسٽ آهي، اليگزنڊريا ۾ جنگ شروع ٿيڻ واري هئي، جو هن جو سونهن جي ديوي سان سندس عشق ٿي پيو. هوءَ هن جي محبت کي آزمائڻ لاءِ هن کي ٽي گناهہ ڪرڻ لاءِ چوي ٿي، جيڪي هو قبول ڪري وٺي ٿو.

هي هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن جو موضوع اهڙن ڪردارن سان واسطو رکي ٿو. جن جو سماجي واسطي سان سٺو ڪردار ڪونهي. سونهن جي ديوي جو مک ڪردار چترليکا وانگر هڪ اهڙي عورت جو ڪردار آهي، جيڪا وئشيا آهي، پر انهيءَ کي ان دور جي مذهبي توڙي قانوني سرپرستي حاصل هئي.

مشهور روسي ناول نگار دوستو وسڪي جي ناول The Gambler جو ترجمو "جواري" جي نالي سان 1977ع ۾ ڪيائين. "جواري" هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو جوئا کان توبهہ ڪري چڪو آهي، پر پنهنجي محبوبہ جي

خاطر پنهنجو قسم ٽوڙي ٿو ۽ جوئا جي ميز تي پهچيو وڃي. هن کي پڪ آهي ته جيڪڏهن هو پاڻ کان سواءِ ڪنهن به ٻئي لاءِ ڪيڏندو ته ضرور ڪٽندو ۽ هو واقعي ٻين کان ڪٽي به ٿو. ليڪن جڏهن سندس دل جو وارو ٿو اچي ته هارائي ٿو ويهي. هن کي ڪڏهن به اها خبر نه پئجي سگهي ته جنهن واقعي کي هو پنهنجي شڪست سمجهي پنهنجي محبوبه کي ڇڏي چڪو آهي سو غلط آهي. بلڪه جنهن کي هو ڇڏي آيو آهي سا حقيقت ۾ سندس نالي کي پوڄيندي آهي. پر هاڻ ان واقعي کي گهڻي دير ٿي چڪي هئي. هو بازي هارائي چڪو هو. هاڻ هو وري ڪنهن نئين داءَ لاءِ سوچي ٿو ڪو نئون داءُ_اميدن ۽ آسرن تي ٻڌل نئون داءُ.

سندس ناول ”پيار ۽ سپنا“ (1969ع) هڪ رومانوي ناول آهي ۽ قاضي صاحب جو طبعزاد ناول آهي. هن ناول ۾ ٻن انسانن جي محبت جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن ناول ۾ سماج جي ريتن رسمن ڏاڍن جي ظلمن جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. هن ناول تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر نجم عباسيءَ پنهنجي مضمون ۾ لکيو هو ته ”هن ناول مان هڪڙو نتيجو، جيڪو گذريل صدين دوران لکيل هر ترقي پسند قصي، داستان ۽ ڪهاڻي جي پڙهڻ مان به ڪڍي سگهبو آهي، سو هي آهي ته انسانن جي وچ ۾ بدترين رشتو ”شادي“ جو رشتو آهي، شادي سان انساني حياتي جا وڏي ۾ وڏا ڏک ڳنڍيل آهي ۽ شادي، پيار جي وڏي ۾ وڏي دشمن آهي“.[50]

سندس ٻيو طبعزاد ناول ”درد جي خوشبو“ (1981ع) آهي، جيڪو نيو فيلڊس پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هي هڪ سماجي ۽ اصلاحي ناول آهي. ليڪڪ چوي ٿو منهنجو خيال اهو آهي ته زندگي وڏن واقعن يا حادثن جو نالو ناهي. پر زندگيءَ جو اصل مزو ننڍن ننڍن مسئلن ۽ مختصر واقعن جي گڏيل تاثر ۾ آهي. پوءِ ڪڏهن اهي خوشيون آڻين ٿيون ته ڪڏهن ڏک ۽ تڪليفون. پر ڪي ڏک ۽ سور اهڙا به ٿيندا آهن، جو ماڻهو چاهيندو آهي ته پنهنجون خوشيون انهن تي گهوري ڇڏي. هي ناول به اهڙن ئي ڪردارن ۽ واقعن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ هر ڪردار پنهنجي اندر جي پيڙا پوڄي ٿو، پر انهيءَ ۾ ڪنهن ٻئي کي ڀاڱي ڀائيوار نٿو بڻائي“.[51]

هن ناول ۾ اهڙا واقعا ۽ ڪردار پيش ڪيل آهن، جيڪي پنهنجي اندر جي

پيڙا پاڻ پوڳين ٿا، پر انهيءَ سان ٻئي ڪنهن کي ٻه شامل نٿا ڪن. هن ناول ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم جيڪي اهم نڪتا ڪڍي، هي ناول لکيو آهي. انهن ۾ خاص طور زندگيءَ جي وڏن حادثن مان ننڍين واقعن جي ميلاپ مان رنگ حاصل ڪرڻ هڪ نوجوان جو محبت جي جذبي سان ڀريون ٽڪر، هڪ خوبصورت عورت جو ڀرئين پيار جو تجوبو، هڪ زندهه دل شخص جو ڀريون ڏک جو واسطو، هڪ انسان جو ڀريون موت جو ذائقو، انساني سياءُ ۾ لڪل لطيف جذبا جيڪي هر گذرندڙ پل کي امر بڻائي ٿا ڇڏين، انهن جو نالو ”درد جي خوشبو“ آهي.

پروفيسر قاضي خادم جا ناول ”زندگيءَ جي معمولي واقعن ۽ حالات جي اپٽار ڪن ٿا. سندس ناولن جي ٻي اهم خوبي اها آهي ته هو ڪهاڻي سان گڏ حسن بياني ۽ منظر نگاري ۽ سهڻي عبارت استعمال ڪري ٿو. پروفيسر قاضي خادم سنڌي ناول جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هڪ طرف اصلوڪا ته ٻئي طرف ترجما ڪري سنڌي ادب ۾ ناولن جي ڪوٽ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جا ترجمو ٿيل ناول ٻه اهم آهن. هڪ ته اهي ادب ۾ نون لاڙن ۽ رجحانن جي حوالي سان اهم مقام رکن ٿا ته ٻئي طرف اهي نالي وارن يورپي ناول نگارن جا لکيل آهن، جن جي سڄاڻپ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ٿيل آهي.

**ولي رام ولڀ (18 آگسٽ 1941ع)**

ولي رام ولڀ ولد ڪيول رام جو جنم ٽرجي مشهور شهر مٺي ۾ ٿيو. ولي رام ولڀ جو شمار سنڌ جي تمام وڏن ترجمي نگارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ترجما اصلوڪا ۽ تخليقي لڳندا آهن. پاڻ سنڌي، انگريزي، سنسڪرت، هندي، اردو، گجراتي، پنجابي ۽ ڊاٽڪي زبانن جو ڄاڻيندڙ آهي، اهوئي سبب آهي جو سندس ترجما گهڻين ٻولين تان ٿيل آهن. افسانوي ادب جي ترجمن ۾ سندن اعليٰ مقام آهي.

”بند دورازو“ (امرتا پريتم جي پنجابي ناول جو ترجمو 1978ع)، ”سيتا هرڻ“ (قرت العين جي ناول جو ترجمو 1968ع)، ”ڏرايو“ (فرانسيس ناول نگار البرٽ ڪاميو جو ناول جو ترجمو) ”ڪارو ڪتاب“ (عابد سورتي جي گجراتي ناول جو ترجمو) ”سمهيل پاڻي“ (سرويشر ديال جي هندي ناول جو ترجمو)، ”چتن ڪتن جو مسيحا“ (سرويشر دياج جي هندي ناول جو ترجمو)،”پوئين پهر جا

پانڌيئڙا (قرت العين جي ناول جو ترجمو 2000ع)، ”آئنا ڪرينا“ (ليوٽالسٽاءِ جي روسي ناول جو ترجمو)، ”ڪهاڻي هنن جي“ (امرتا پريتم جي ناول جو ترجمو)، شامل آهن.

سنڌس ترجمن ۾ گهڻا ڪتاب ناولن جا آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ان صنف جي سنڌي ادب ۾ گهٽي ترقي نه هئڻ ڪري ان تي گهڻو ڪم ڪيو آهي، جيئن ناول ۾ ادب جا جهول پيري سگهجن. ولي رام ولڀ گهڻ مطالعي وارو ۽ تخليقي ليکڪ آهي. ان ڪري سنڌس ترجما تخليق کي وڌيڪ ويجهو آهن.

سنڌس ناول ”غدار، اردو ۽ هنديءَ جو نامور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار ڪرشن چندر(1914_1977) جي مشهور ناول ”غدار“ جو ترجمو ڪيو آهي، جيڪو ولي رام ولڀ 1968ع ۾ شايع ڪرايو. هي ناول 1947ع جي ورهاڱي جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ورهاڱي جي زماني ۾ لڏ پلاڻ وقت، خونريزي، قتل و غارت ٿي هئي ۽ دين ڌرم جي نالي ۾ جيڪو انسانيت جون خون ڪيو ويو هو، هن ناول ۾ انهن سيني واقعن جو ذڪر ملي ٿو. ناول جا ڪردار هيٺين طبقي جا ڌتڙيل عام فرد آهن جن جو پيار، حب الوطني، انسانيت پسندي جو ورهاڱو ۽ خون ڪري ٿو. هن ناول ۾ هڪ ڪتي جو ڪردار آهي جنهن کي انسان سان ڀيٽ ڪندي ليکڪ چوي ٿو:

”شڪر ڪر تون ڪتو آهين تو کي کهڙو ڊپ، تون انسان ٿوري آهين جو تو کي جان جو خوف هجي، هي ته سڀ تهذيب جون ڳالهيون آهن. وڏن مذهبن ۽ اخلاقن جا جهڳڙا آهن. شڪر ڪر ته تو بي مذهب، جاهل ۽ بي اخلاق آهين“.(52)

”ڌاريو“ وليرام ولڀ، فرانس جي مشهور وجودي فڪر جي ليکڪ البرٽ ڪامئنو جي ناول ”Stranger“ تان ترجمو ڪيو. هي ناول به وجودي فڪر جي ترجماني ڪري ٿو. جنهن ۾ زندگي جي بي مقصديت کي پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ ”ميرسو“ هڪ نوجوان ڪلارڪ آهي. هو هڪ فرينچ، الجيريائي پنهنجي ننڍي فلئٽ ۾، پنهنجي محبوبه سان گڏ گذاريندي، فلمون ڏسندي، بسر ڪري ٿو. پر سماج جي نظرن ۾ اهو غلط آهي. هو ٻاهران ڪان زندگي، موت ۽ جنس جي حقيقتن جو مشاهدو ڪري ٿو.

هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته ”هن ناول ۾ زندگي جو نظريو

بهترين طريقي سان سمجهايو ويو آهي. ”ميرسو“ هڪ اهو شخص آهي، جنهن کي اهو احساس آهي تہ هو جيئڻ زندگي ۾ پل پل جيئي ٿو. تيئڻ وٽس ورلي يادون آهن ۽ توقعات نہ آهن. هو نہ ٻين کي ڪجھ ڏيڻ پسند ڪري ٿو ۽ نہ ئي ٻين کان ڪجھ گهري ٿو. هن جو وڏو گڻ سندس ايمانداري آهي، جيتوڻيڪ سندس زندگي داءَ تي آهي پر هو باوجود انهن احساسن ۽ آدرشن جي، جيڪي وٽس ناهن، ڍونگ نہ ٿو رچائي.“(53)

وليرام ولب جو ناول ”بند دروازو“ هند جي نامياري پنجابي/هندي ليکڪا ۽ شاعره امرتا پريتم (1919_2005) جو لکيل آهي، جنهن جو هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ولي رام ولڀ ڪيو. هن ناول جي سنڌي ترجمي جو پهريون ڇاپو 1978ع ۾ آگم پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿيو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1991ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هيءُ ناول ’ ڪملا ‘ نالي ڪردار جي محبت تي ٻڌل هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ نج ڳوٺاڻي زندگي آهي، جنهن جي ڪري ناول پڙهندي ڪائي اجنبيت محسوس نٿي ٿئي. ”بند دروازو“ ۾ هڪ محبت ۽ سچايون رکندڙ عورت، موت ۾ انتهائي نفرتون ۽ ڌڪار وٺندڙ اديبا، دنيا ۾ غمناڪ ۽ ڀيانڪ، تجربن ماڻڻ ڪانپوءِ بہ مايوس ڪندڙ ناهي ۽ ڏاڍي ڏکاري ۽ دل ڀڄائيندڙ ڪهاڻي ڪانپوءِ بہ. ان مان هڪڙو رستو ۽ راهہ ضرور ملي ٿي ۽ مظلوم ۽ مجبور عورت کي گهٽيون روشنايون ٿي بخشي.

ولي رام ولڀ، قرت العين الحيدر جي ناوليٽ جو ترجمو ”سيتا هرڻ“ جي عنوان سان ڪيو، جيڪو 1968ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع ”رامائڻ“ مان اخذ ڪيل آهي. (سيتاهرڻ) پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي جي جذبي تحت لکيو ويو آهي. تهذيبن جو متجڻ، لکين ماڻهن جو ڏتڙجي جلاوطن ٿي بي گهر ٿيڻ، خوبصورت عورت جي محبت جي ڏکائيندڙ ڪلائمڪس ۾ انسان پرستي خاص موضوع آهن.

ناولٽ جو مرڪزي ڪردار، سيتا ميرچنداڻي، هڪ پڙهيل لکيل عورت آهي پروگريسو سوچ جي حامي ۽ پرچارڪ آهي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان ”هندستان جي سماجي انقلاب“ جي موضوع تي ريسرچ ڪري پي ايچ_ ڊي جي

ڊگري ورتي اٿس. هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا جي هر شيءِ جي باري ۾ سوچي ٿي ۽ بحث ڪري ٿي. هندو آهي، پر سندس پهرين محبت ۽ پوءِ شادي جميل نالي اڙدو ڳالهائيندڙ هڪ مسلمان سان ٿئي ٿي، جيڪو فيض آباد (هندستان) جو رهاڪو آهي، پر نوڪريءَ سانگي آمريڪا ۾ رهي ٿو. هوءَ پاڻ اصل ۾ سنڌي ۽ حيدرآباد جي رهاڪو آهي. سندس ننڍپڻ سنڌ ۾ گذريو آهي. سندس پيءُ ڪراچيءَ ۾ عامل ڪالونيءَ ۾ ميڊيڪل پرئڪٽس ڪندو آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ٿو وڃي.

ناولٽ جي شروعات، جميل جي ٻي شاديءَ جي خبر سان ٿئي ٿي، سيتا علمي، ادبي ۽ ثقافتي قسمن جي گڏجاڻين ۾ مشغول رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ مٿئين طبقي جي امير پڙهيل لکيل نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دنيا آهي، جيڪا بيحد ذهين، خوبصورت ۽ آزاد آهي. سندس دلچسپيون، گفتگوءَ جا موضوع، ماحول ۽ گڏجاڻيون_ سڀ هڪ جهڙا آهن. زندگي انهن لاءِ خوشيءَ جي ڪيڏ آهي، ڇهچٽو آهي، پر زندگيءَ جي ڏک جو ايذاءُ ڪيس ڇُپيندو ۽ ڪرائيندو رهي ٿو. ننڍڙي پٽ راهُل جي ياد ۾ جميل لاءِ محبت جي ڇڪ، انهن ٻنهي ڪارڻن ڪري، زندگي ڪيس خالي ۽ فضول لڳي ٿي. پوءِ هوءَ هيڪلائي جي شديد احساس هيٺ حالتن جي بيرحم ۽ تکين لهرن ۾ بيوس ٻنجي اڳيان لڙهندي وڃي ٿي ۽ خبر نٿي پويس ته نيٺ انهيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. پر زندگيءَ جي ڏکن سکن مان گذرندي سندس بنيادي احساس پڻ وڏيڪ گهرو ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڏوهه جو احساس ڇاتيءَ تي بار ٻنجي ٻيهي ٿو وڃيس. انهيءَ بار کي جهڪو ڪرڻ لاءِ، آسائش جون پناهگاهون ڳولي ٿي. پڇاڙيءَ ۾ عرفان، جيڪو سندس آخري پناهه گاهه آهي، جي بيوفائيءَ کان ته سيتا جي دل بلڪل وساميو وڃي ٿي ۽ زندگي هيڪاري وڌيڪ اونداهي ٿي وڃيس ٿي. تمام شديد گهرو احساس سندس دل ۾ روح تي حاوي پئجي ٿو وڃيس.

سيتا جي جذباتي محرومي، هن ناولٽ جي دل آهي. اها محرومي هڪ ماءُ جي محرومي آهي، هڪ زال جي محرومي آهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي جنم ڀوميءَ کان به محرومي آهي، جيڪا ليکڪا پنهنجو وطن ڇڏي پرڏيهه ۾ اچي

محسوس ڪئي هئي ۽ سيتا جي ڪردار ۾ سموئي، تاريخي فريم ۾ رکي، موضوع ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس.

هن ناوليٽ ۾، هندستان جي مسلمانن ۽ هندن جي هڪ ئي ثقافت جا حامي ڏيکاريل آهن. هندن ۽ مسلمانن جي عبادت جي طور طريقن، ريتن، رسمن ۽ اهم ڏينهن ۾ ظاهري تعاون ڏيکاريل آهي، پر سندن بنياد اصل ۾ هڪ ئي هو.

هن قرت العين حيدر جي ناول جو ترجمو آهي. "پوئين پهر جا پانڌيڙا" هڪ تاريخي دستاويز آهي. هي ناول 1939ع کان شروع ٿي 1977ع ۾ ختم ٿئي ٿو، هن ناول ۾ گڏيل بنگال ۾ شروع ٿيل انگريزن خلاف دهشت بند هلچل جو ذڪر آهي، پاڪستان ۽ هندستان جي علحيدگيءَ بابت جدوجهد جو به ذڪر آهي.

هن ناول ۾ ڪردارن جو هڪ وڏو هجوم آهي. انهن ڪردارن وٽ وري پنهنجون پنهنجون ڪهاڻيون آهن، خواب آهن، آدرش آهن، هر ڪردار ٻئي ڪردار کان مختلف آهي. هر ڪردار جا پنهنجا حالات، واقعا ۽ ماضيءَ جا سفر آهن. ڪيترا ڪردار آهن، ڪميونسٽ نوجوان ريحان احمد ۽ بعد ۾ ڍاڪا جا نواب صاحب. سنگر ۽ ڪميونسٽ ورڪر ديپالي سرڪار ۽ آخر ۾ بورڊ آف اسپين جي دولتمند مس سين، پادري بيئنرجي ۽ سندس ڪميونسٽ ڌيءَ روزي جيڪا دهشت بند هل چل دوران پنهنجي ساٿين سان ٽاٽي تي هينڊ گرينڊ اڇلائي ٿي. پوليس جي لٺين ۾ زخمي ٿئي ٿي. جيل ۾ تڪليفون سهي آزاد ٿي مذهب مٽائي شادي ڪري دولتمند شريم تي راڌيڪا بڻجي وڃي ٿي. دولتمند پيءُ جي ڌيءُ ڪميونسٽ خيالن واري ريحان احمد ۽ ديپالي سرڪار جي چاهت تي جيليسي به آهي. جيڪا پهرين ته لا مذهب هئي پر پيري ۾ مذهبي ٿي وئي.

سنڌي زبان جي پڙهندڙن، ولي رام ولڀ جي ناولن کي ڏاڍو پسند ڪندا آهن. سندس ترجمو ٿيل ناولن جي خاص ڳالهه اها آهي ته اهي ترقي پسند لاڙن جي ترجماني ڪن ٿا. هو پنهنجن ترجمن لاءِ چوي ٿو ته "مون جيڪو به ترجمو ڪيو آهي، مون کي لڳندو آهي، ڄڻ مون تخليق ڪيو آهي. مان ان ساڳي درد، ڪرب ۽ پيڙا مان گذرندو آهيان. جنهن مان اصل ليکڪ گذريو هوندو". (54)

**طارق اشرف (1940_1992ع)**

سيد اشرف علي شاهه "طارق اشرف" جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌس ادبي خدمتون تمام وسيع آهن، جن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هن 1960ع کان ماهوار "سهڻي" رسالو جاري ڪيو، جيڪو سنڌي ادب جو بيمثال رسالو هو. ٻيو هو تمام وڏو صحافي هو. ٽيون، هن جون ذاتي ادبي ڪاوشون.

طارق اشرف جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. هو بنيادي طور تي افسانوي اديب هو. سنڌس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ "سونهن پٿر ۽ پيار"، "زندگيءَ جو تنها مسافر" (1978ع)، "درد جا ڏينهن درد جون راتيون" ۽ هڪ ناول "ميرو ڏاڙيل" (1980ع) اهم آهن.

سندس ناول "ميرو ڏاڙيل"۾ وڏيرڪي سماجي روايتن ۽ غير انساني حرڪتن کي پيش ڪيو ويو آهي. هي ناول ميرو ڏاڙيل جي آتم ڪهاڻي آهي جيڪا خود ميري طارق اشرف کي جيل ۾ رهڻ دوران ٻڌائي هئي. طارق اشرف هن واقعي کي سميٽي ناول جو روپ ڏنو، جنهن جي باري ۾ خود ليکڪ جو مهاڳ ۾ چوڻ آهي ته "ميرو هڪ سچار بهادر ۽ هر ظلم جو مقابلو ڪندڙ هو انهي ڪري ڪيس سنڌي وڏيري، پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ ايتريون تڪليفون ۽ اذيتون ڏياريون، پوليس کان بنا ڏوهه جي گرفتار ڪرائي ڪيس مار ڪارائي، انهي ڪري ميرو ڏاڙيل بنجي ويو."

ناول ۾ اها ڳالهه واضع ٿئي پئي ته ڏاڙيل ڪو ماءُ جي پيٽ مان پيدا ڪونه ٿيندو آهي، بلڪ طبقاتي سماج جي گهٽ وڌائي، وڏيرن، اميرن جو غير انساني سلوڪ ماڻهو کي مجبور ڪري ٿو ته هو بغاوت ڪري، ڏاڙيل بڻجن بغاوت جو منفي پهلو آهي. هن ناول ۾ اها ڳالهه به ڏيکاري ويئي آهي ته ڏاڙيل صرف هڪ وحشي جانوراڻي صفت وارو ماڻهو ناهي، بلڪ هن جي دل ۾ به انساني جذبا ۽ احساس موجود آهن. هو به محبت جهڙي جذبي کان عاري ناهي.

حليم بروهي (2010ع– 2019ع)

حليم بروهي نه رڳو اهو اديب آهي ، جنهن سنڌيءَ ۾ مزاحيه ادب کي نئون موڙ ڏنو .هن 1975ع واري ڏهاڪي ۾ "اوڙاهه" نالي سان ناول لکيو ، جيڪو ڪرائون سائيز ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو هو.ن اول "اوڙاهه" جنسياتي، نفسياتي الجهنن تي اڏمن جو هڪ سٺو مثال آهي. هي ناول

هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جيڪو چري ٿيڻ جي ويجهو آهي. هو پنهنجي نفسياتي چيد ڪرڻ لاءِ ماضيءَ ۾ جهاتي پائي ٿو ۽ پوءِ ماضيءَ جون ڪڙيون ڪلنديون وڃن ٿيون. جنهن ۾ هن جي ذهني ڪينواس تي ڪيترائي ڪردار خاص طور تي عورتون اچي وڃن ٿيون، جيڪي سندس زندگيءَ ۾ آيل آهن. ايستائين جو هن پهريون پيرو جنهن عورت سان ننڍي ڄمار ۾ جنسي عمل ڪيو هو، ان جي يادگيري به ڪيس چڱي ريت آهي. هڪ ٿي سيٽ تي بيان ڪيل ناول ۾ ڪردار ٿي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندو رهي ٿو. پر جيئن ته هو اڪيلائي جو شڪار ٿي ويو آهي، تنهنڪري هو نفسياتي طور پاڻ کي ڪمزور به محسوس ڪري ٿو. سنڌي ۾ اهڙي ٽيڪنيڪ تي شايد ئي اهڙا ناول لکيل هجن. هو جن جن عورتن سان جنسي لاڳاپا رکي ٿو، انهن سمورين جا قصا بيان ڪيا آهن. ناول ۾ نه فقط جنسياتي نه پر نفسياتي پاسن کي به چڱي ريت بيان ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ڪردار نيٺ انهي پاڳل خاني ڏانهن هليو ٿو وڃي، جنهن جي حوالي سان هو ناول ۾ ذڪر ڪندو رهندو آهي.

هي ناول فرائڊ جي نظرئي جي پرچار ڪري ٿو. ناول جو مکيه ڪردار اهڙو ايبنارمل انسان آهي، جيڪو نشي جي ريچڪ لهڻ سان ڪجهه ياد ڪري ٿو ۽ ٿي ۽ ڊائري ۾ لکندو ٿو وڃي.

**امر جليل (8 نومبر 1936ع)**

قاضي عبدالجليل، "امر جليل" جو جنم روهڙي شهر ۾ ٿيو. امر جليل بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار آهي. ان کان علاوه هن ڪيترائي ڊراما ۽ ڪالم به لکيا آهن. سندس ڪيترائي ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. امر جليل سڀ کان پهرين ناول "جڏهن مان نه هوندس" لکيو هو. ان جي هن پاڻ ئي وضاحت ڪندي لکيو هو ته " ڏهه سال اڳ منهنجي افسانن جو مجموعو شايع ٿيو هيو، جنهن جو نالو جڏهن مان نه هوندس. اصل جڏهن مان نه هوندس 1968 کان 1970ع واري دور جي پسمنظر ۾ لکيل ناول هو، جڏهن سنڌ ڀرپور تحريڪ هلائي ون يونٽ ٽوڙايو هو. مون کي ڇپيو ويو ته حالتون سازگار نه آهن. ناول مان گهڻو ڪجهه ڪڍڻو پيو. نيٺ طويل افساني جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو." (55)

امر جليل جو ٻيو ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو" 1994ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول

همعصر ملڪي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. خاص طور تي شهيد بينظير ڀٽو جي 1988ع واري حڪومت جو دور اچي وڃي ٿو. هن ناول ۾ سنڌين کي دهشگرد ثابت ڪرڻ ۾ خفيه ايجنسن جي هٿ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه افغان مهاجرن جي هٿان سنڌين کي هٿيارن سمگل ڪرڻ ۽ نتيجي ۾ اندروني سنڌ ۾ وڌندڙ ڊاڙيل ڪلچر کي فروغ ملڻ ۽ منشيات جي عام استعمال کي به پيش ڪيو ويو آهي.

هن ناول لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي ته "امر جليل جي هن ناول "نيٺ گونگي ڳالهايو" جو موضوع نهايت ئي اهم آهي. يعني هن ناول ۾ رياست ان جا گماشتا، مظلوم بي دريافتا سنڌي ماڻهو، جن جو اسلام آباد ۾ ڪير به ٻڌڻ وارو ڪونهي، سرڪاري گماشتا، جيئن چاهين، جڏهن به چاهين، تيئن ان سان ڪري سگهن ٿا. سنڌ مان اسلام آباد آيل گلاب گونگي ۽ جوڳي کي دهشتگرد ۽ هندستان جو ايجنٽ قرار ڏيئي، اخبارن ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف اهڙي نفرت پکيڙين ٿا، جو گلاب گونگي ۽ جوڳي جي سچائيءَ تي سندس مائٽن کي به اعتبار نٿو اچي، حالانڪ حقيقت هيءَ آهي ته گلاب گونگي ۽ جوڳي جو نه ڪو سياست سان واسطو آهي ۽ نه ئي ڪين ملڪي سياست جي باري ۾ ڪا ڄاڻ آهي." (56)

هن ناول جو مرڪزي خيال ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ ته علامتي طور لفظ "اسلام" کي نالي ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيو سنڌي ماڻهوءَ کي پوري ملڪ ۾ مٿئين طبقي جي سمورن باشندن جي نظر ۾ دهشتگرد، ملڪ جي وجود جو انڪاري، ملڪ جو غدار وغيره وغيره. پورو ناول سياسي چالبازين، دهشتگردن جي خفيه حرڪتن خفيه ايجنسن جي ڪردار ۽ سنڌ جي معاشي سياسي حالتن جو نقشو پيش ڪري ٿو.

امر جليل هن ناول ۾ روايتي طور شاندار تشبيهون ڏنيون آهن مثال طور:"پريشاني سندس چهري تي پوسٽر وانگر چنبڙيل هئي". "اندر ۾ فرد جو سيمينار ٿيندو رهيو." چاهڻ ۽ نه چاهڻ جي وچواري مرحلي ۾ انسان بي يقيني جي صليب تي لٽڪي پوندو آهي. مان بي يقينيءَ جي صليب تي لٽڪيل آهيان."

## ماهتاب محبوب (14 جولاءِ 1946ع)

ماهتاب محبوب، جو جنم ڪراچيءَ ۾ ٿيو. پنهنجي همعصر ليکڪن ۾ هن وڏو نالو ڪيو آهي. هن ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سفرنامہ نويس، مضمون نگار، ڊراما نگار، ڪالم نگار ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ مقام حاصل ڪيو آهي. مهتاب محبوب لکڻ جي شروعات ٻالڪپڻي ادب سان ۽ ڪهاڻين جي ترجمن سان ڪئي. هوءَ 1960ع کان باقاعده لکندي پئي اچي. سندس ناولن ۾ "خواب خوشبو ۽ چوڪري" ۽ "پيار پناهون چانورا" شامل آهن. ان کان علاوه سندس ڪهاڻين، مضمونن، سفرنامن ۽ ڪالمن جا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

سندس ناول "خواب، خوشبو ۽ چوڪري" (1996ع) ۾ شايع ٿيو. ناول جو موضوع مٿئين طبقي جي خاندان تي اڏيل آهي هن ناول جي ڪهاڻي Teenage چوڪري صنم تي ٻڌل آهي. جيڪا اسڪول ۾ پڙهندڙ نئين زماني جي چوڪري آهي. فهد نالي چوڪري سان سندس پهرين محبت ٿئي ٿي. هوءَ فهد سان ملي ٿي ۽ سنجوڳ بہ ٿئي ٿو ۽ اها خبر مائٽن ۾ گهر ۾ پئي ٿي ۽ سندس وري شادي وڏي عمر جي همراهہ عرفان سان ڪرائي وڃيس ٿي، جيڪو دبئيءَ ۾ گاڏين جو مستري آهي، عمرين جي فرق ۽ مڙس جي گهڻي مصروفيت سبب زال ۽ مڙس جي وچ ۾ هوريان هوريان اختلاف ڪر کڻڻ لڳن ٿا ۽ نيٺ هن رشتي جو اختتام روايتي ڪهاڻين وانگر طلاق تي ٿئي ٿو، پر ڪهاڻي اتي ختم نٿي ٿئي بلڪ اتان ئي اهو ڀيانڪ موڙ اختيار ڪري ٿي، جيڪو ڪهاڻيءَ جو اصل موضوع آهي. بہ ٻار ٽينس ٿا. صنم مطمئن ناهي. خاص طور هو ڀڳل ڀريل آهي. جيئن ڀهاڪو آهي تہ:

"منهنجو مڙس منهنجي ٻارن جو پيءُ تہ آهي پر منهنجي سر جو سائين ناهي."

وري فهد مليس ٿو. جنهن سان چوريءَ سنيوڳ ڪري ٿي. مڙس پڪڙيس ٿو. رسي وڃي ٿي پنهنجي گهر وري پرچاءَ، ملڪ کان ٻاهر دبئيءَ روانگي، دبئي ۾ صنم جي زندگي ۾ سندس مڙس جو ماسات داخل ٿئي ٿو. جيڪو هن کي استعمال ڪري ٿو. عرفان جي صنم جي زندگيءَ ۾ خلا صنم جي زندگي جو موت بڻجي ٿي. صنم کي طلاق ٿئي ٿي. پوءِ رلي وڃي ٿي. طلاق بعد هوءَ ڪن

واقفڪارن جي سهاري شوبز جي رنگين ۽ پرفريب دنيا ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ پوءِ چاهيندي نہ چاهيندي وڪ وڪ تي ڪنهن شيءِ وانگر استعمال ٿيڻ لڳي ٿي ۽ جڏهن منجهس ان جو شدت سان احساس اڀري ٿو، تيستائين ڪئي تباهيون هن جي زندگيءَ جو حصو بڻجي وڃن ٿيون ۽ مٽس محبتن ۽ دوستين جي اصل ۽ مصنوعي صورت بہ کلي پوي ٿي. اهڙي بي راهہ رويءَ جو اختتام ايڊز ۽ ڪردار جي اڪيلائين جي اوندهہ حوالي ٿيڻ تي ڪيو ويو آهي، جيڪو هن ڪهاڻيءَ جي اصل ۽ خاص نڪتو يا ڪلائيمڪس آهي.

هن ناول متعلق ليکڪا جي همعصر نقاد تنوير جوڻيجو لکي ٿي ”هيءَ ڪهاڻي هڪ طرف بدلجندڙ ثقافتي طرزن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن جي بہ ڪهاڻيءَ آهي ۽ ٻئي طرف بدلجندڙ ثقافتي طرزن جي نتيجي ۾، ٻن متضاد روين باعث ثقافتي ويڇي جو جنم ۽ فرد جي اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ اڄ جي دور ۾ سماج کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪا آهن. انهن جي عڪاسي بہ هن ناول ۾ ڪئي وئي آهي.“ (57)

ماهتاب محبوب جو ”پيار پناهون ڇانورا“ ناول نيو فيلڊس پبلڪيشن حيدرآباد طرفان 2001ع ۾ شايع ٿيو. ناول جي مقصديت تي تبصرو ڪندي خود ليکڪ لکيو آهي تہ ”اسان جي معاشري تي ڏينهون ڏينهن حاوي ٿيندڙ ٻاهران آيل ماڊرن قدرن ۽ پراڻين ريتن روايتن وچ ۾ جيڪو ٽڪراءُ شروع ٿي ويو آهي ان سان ذهنن ۾ جيڪي بي اختيار سوچون ۽ تڪڙيون تبديليون آيون آهن، هي ناول انهن جي ترجماني ڪرڻ جي هڪڙي ننڍڙي ڪوشش آهي.“

هي ناول هڪ گهريلو زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. جنهن ۾ اپرمڊل ڪلاس جي فيملي جا مسئلا بيان ڪيل آهن. سس ۽ ننهن جو جهيڙو، مڙس ۽ زال ۾ هم آهنگي نہ هجڻ، روز گهر ۾ ٻارن تان، گهر جي ڪم ڪار تان ۽ ننڍڙن مسئلن تان زال کي مڙس طرفان ۽ سس طرفان طلاق جا دڙڪا ڏيڻ وغيره بہ هن ناول جو موضوع آهن. ٻئي طرف هي ناول مس رمل جي ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ پبليڪشن اداري ۾ صحافي طور خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. هوءَ پنهنجي پيءُ انعم وانگر شادي ڪري پنهنجي آزاد زندگي کي جنجال بنائڻ نہ پئي چاهي. اهو خود هن ناول جو وڏو اشو آهي. اهڙي طرح هي ناول بيوس ۽

مجبور ۽ ظلم ۾ پيڙجندڙ عورتن کي حوصلو بہ بخشي ٿو تہ بغاوت جو درس بہ ڏئي ٿو.

هن ناول ۾ شادي جي نالي ۾ عورت سان جيڪي زيادتيون ٿين ٿيون. ۽ ٻئي طرف آزاد رهڻ لاءِ سوچون جنم وٺن ٿيون. انهن ۾ ٽڪراءُ ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول جي هيروئن رمل ڪجھ اهڙن تضادن جو شڪار آهي. هوءَ هڪ هنڌ چوي ٿي تہ :"مان جڏهن رضا خوشي سان توهان سان گڏ رهڻ لاءِ تيار آهيان. تہ باقي اوهان کي ڪهڙو اعتراض چو نٿا سمجهو تہ نڪاح جي نالي ۾ غلامي ڀريل ذلت آميز زندگي جو سودو حق واري ظلم ستي ٿي مرڻ واري ستم يا ڪاري ٿي مرڻ واري قهر کان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ آهي." پر عرفات جي دليلن ڪيس قائل ڪري ڇڏيو تہ رسڻ، جهيڙو ڪرڻ، پرچڻ، اهوئي پيار آهي.

مطلب تہ ناول "پيار پناهون ڇانورا" اسان جي معاشري ۾ ايندڙ تبديلين جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو.

## مراد علي مرزا (1929_2011)

مراد علي مرزا جو جنم ٽنڊو آغا اسماعيل شاھ ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ريڊيو پاڪستان سان بہ وابستہ رهيو آهي. هو شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامانويس، مترجم ۽ نقاد آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس ناولن جي سلسلي ۾ گئبريل گارشيا مارڪيئزجي ناول جو ترجمو "اڪيلائي جا هڪ سؤ سال" (2000ع) ۽ "سامي سچ وڙاءُ" (ناول) شايع ٿيل آهن. سندس ناوليٽ "رت ورني رات"، نئين زندگي: 1965ع ۾ قسطوار شايع ٿيو هو. هي ناوليٽ گهريلو زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو.

مرزا صاحب هي ناول 1972ع ۾ نوبل انعام کٽندڙ هسپانوي ٻوليءَ جي مشهور ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار گيبرئيل گارشيا جي شاهڪار ناول "Lion anosde solded" جو سنڌي ۾ ترجمو "اڪيلائي جا هڪ سؤ سال" سان ڪيو. هي ناول سنڌيڪا اڪيڊمي طرفان 2000ع شايع ٿيو. مراد علي مرزا صاحب بنا ڪنهن ڦيرقار جي ناول جو شاندار ترجمو ڪيو ۽ هڪ شاهڪار ناول جو سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو آهي.

ناول جي ڪهاڻي مطابق بوئنڊ يا خاندان ماڪوندو جو ڳوٺ اڇي ٿو

وسائي. شروع ۾ اهو ڳوٺ ترقي ڪندو سکيو ستابو ٿئي ٿو. پر پوءِ اجتماعي بي حسي، بنانا ڪمپني، موتمار مينهن ۽ پر اسرار ۽ ناجائز جنسي لاڳاپن جي ڪري ڳوٺ ڦٽي جهنگ ٿي پوي ٿو. ڪردارن جي بي حسيءَ جو هڪ مثال هيءُ آهي تہ ناول جي خوبصورت ۽ باعصمت ”ريميديوس بوئنديا“ جڏهن هنڌن جون چادرون ويڙهيندي اوچتو چادرن سميت آسمان ڏانهن اڏامي وڃي ٿي تہ سندس نڻان بيزار ٿيندي پٽڪي ٿي تہ ”چادرون بہ همشيہ هميشہ لاءِ هليون ويون.“

ناول ۾ لوڪ ادب ۾ رومن ڪيٿولڪ ازم گڏجي هڪ ٿي ويا آهن. مزاح ۽ ڏند ڪٿا ۾ تصادم آهي ۽ ڪرامتون عام ڳالهين تي اثرانداز ٿين ٿيون. حقيقت ۽ غير حقيقت جڻ تہ هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا آهن. جيڪي هڪ ٻئي جي پٺيان ٿين ٿا. ان جو اسلوب جادو جهڙي حقيقت پسنديءَ وانگر آهي جنهن ۾ واقعن ۽ شين جي خارجي صفتن ۽ انساني ذهن تي ٿيندڙ انهن واقعن جي اندروني اثرن ۾ فاصلا ختم ٿي وڃن ٿا. ايتري قدر جو واقعا پنهنجي مڪمل روپ ۾ پنهنجي وجود ۽ انساني تجربن سميت اپري نروار ٿين ٿا.

مراد علي مرزا جو ناول ”سامي سچ وڙاءُ“سپ ڪان پهرين رسالي ۾ ڪجهہ قسطوار شايع ٿيو. ان بعد 2008ع ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ڪيو ويو. هي ناول شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي جي حياتيءَ جو ڪٿائي ناول (Biographical Novel) آهي. هتي واضح هجي تہ شاهہ جي حياتي بابت ناول لکڻ جو ڪوشش گهڻن ليکڪن ڪئي هئي، پر ڪوبہ ان ڪم کي وڏائي نہ سگهيو. ڀٽائي ٻي ناول لڳڻ تو ثواب ثيث اياز تو بہ هو. ڀٽائي تي ڳردار ڳي متپپر جريحي ثان آچا ثليم بہ پنهنتي ناول هم اوتپ ۾ بہ پيث گيو هو.

هي ناول شاهہ لطيف سائين تي تحقيق ڪيل ڪتابن جهڙوڪ مرزا قليچ بيگ ”احوال شاهہ لطيف ڀٽائي“، ”پيرومل جو“ لطيفي سئر“. ڪلياڻ آڏواڻي جو ”شاهہ جو رسالو“ وغيره جي آڌار تي لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ شاهہ جي حياتي، شاعري، شاهہ جو عشق، شاهہ جي روحانيت، سفر، دلچسپ واقعا، افسانوي انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. ناول ۾ شاهہ جو جيئرو جاڳندو، نماڻو، ڳنڀير، بيحد حساس، جذباتي ۽ شاعراڻو روپ چٽيو ويو آهي. ناول جي ٻولي شاندار، رٿا ۽ سٽاءُ ۽ پيشڪش عمدگيءَ سان ڏني ويئي آهي.

## علي بابا (1945_2016ع)

علي بابا جو اصل نالو علي محمد بلوچ ولد محمد رمضان بلوچ آهي. سندس جنم ڪوٽڙي شهر ۾ ٿيو. علي بابا ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس ۽ ناول نگار طور مشهور آهي. سندس ڪيترائي ڊراما ايوارڊ ماڻي چڪا آهن. سندس ڪتابن ۾ ڌرتي ڌڪاڻا (ڪهاڻيون) آيل اولاڻا (ڪهاڻيون 1984ع) منهنجون ڪهاڻيون، موهن جو دڙو (ناول) ۽ سند باد جو سفر (ناول) شايع ٿيل اٿس.

علي بابا جو ناول ”موهن جو دڙو“ پاڳو پهريون 1985ع ۾ اسان جي سامهون آيو آهي. جنهن جو بنيادي پسمنظر قديم سنڌ جي تاريخي ماڳ موهن جو دڙو آهي، جيڪو سندس نالي مان ظاهر آهي، هي مڪمل ناول نہ پر هڪ حصو آهي. هن ناول جي ڪهاڻي اها آهي تہ سونمياڻي جو آتم تارا سنبارا قبيلي جي شيوا سان شادي ڪري ٿو ۽ هي قبيلو امن ۽ سڪون جو پوڄاري آهي پر جڏهن آرين جي مها ويد اگني جڏهن بيمار ٿي تہ اها هن علائقي ۾ علاج لاءِ اچي ٿي. جنهن ڪري هن علائقي جو سڪون برباد ٿي وڃي ٿو ۽ سونمياڻيءَ جا نوجوان اگني ديوي جي اچڻ خلاف آواز اٿارين ٿا جن ۾ تلڪ سنڌو اڳيرو ٿي نڪري اچي ٿو ۽ نوجوانن جي طرفان پنهنجي علائقي جي دربار ۾ وڪالت ڪري ٿو ۽ ثابت ڪري ڏيکاري ٿو تہ اسان اگني ديوي جو علاج ڪري پنهنجي پير تي ڪهاڙو هنيو آهي، جو اڄ آريا لوڪ اسان جي راجائن ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي علائقي تي قبضو ڪري ويا آهن.

مطلب تہ سنڌ جي قديم تهذيب طرف وڃڻ ۾ علي بابا وڏو ڪردار ادا ڪيو. سندس هي ناول ان جو وڏو مثال آهي. هن ناول ۾ پنج هزار سال پراڻي تهذيب ڪي اهڙي تہ خوبصورت منظرنگاري سان پيش ڪيو آهي جو اسان ڪي جي اکين اڳيان موهن جو دڙو اصل صورت ۾ اچيو وڃي.

سندس ٻيو ناول ”سنڌ باد جو سفر“ 1993ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ٻارن لاءِ لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سند باد ڪي سنڌي ڏيکاريو ويو آهي. ۽ ٻيا سڀ ڪردار اصلوڪا سنڌي آهن. مثال طور هوتل پري، گوڪل ديو، پاراشرشي وغيره. هن ناول ۾ تصويرون بہ ڏنيون ويون آهن. سڄي ناول ۾ دلچسپ قصو بيان ڪيو ويو آهي. پيئڻ بلا ڪي باز جي هٿان ماريو ويو آهي. ”موهن جو دڙو“ ناول وانگر هي بہ دراصل تهذيبي ۽ تاريخي ناول آهي. جنهن ۾ قديم سنڌ جو

پسمنظر اچي وڃي ٿو.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (1935_2011ع)**

ڊاڪٽر عبدالجبار ولد سلطان احمد جوڻيجو ڳوٺ پير فتح محمد شاهه ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. ادبي دنيا ۾ هڪ معروف هستي آهي. هو بنيادي طور تي محقق ۽ نقاد آهي پر شاعري ۽ افسانوي ادب جي ميدان ۾ به هن پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن. ڏاڪٽر جبدالتبار توڻيتو پڻ ناول تي پنڇ ۾ پاڻ ملهايو. سندس ناولن ۾ "سوري آسينگار" (1963ع),اڪيلي (ترجمو: 1974ع) "شڪار"(2001) ۽ "مذوبالا"(2011) شامل آهن.

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پهرين ناول "سوري آسينگار" لاءِ لکيو آهي ته "سوري آسينگار" منهنجو ناول آهي جو 1956ع ڌاري لکيو هوم پر 1963ع ۾ ڇپيو. هن ۾ پنهنجي ويهن سالن جي عمر جون خواهشون ڪاغذ جا ڪبوتر ٿاهي اڏايون هيم. جڻ ڪا دوشيزه منهنجو ڪنهن سفر ۾ انتظار ڪندي هوندي!" (سنڌي ادب جي تاريخ جلد ٽيون) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو ناول "اڪيلي" 1974ع ۾ آسٽريلوي ٻوليءَ جي مشهور ناول نويس Charles Herbert Shaw (1900 _ 1955) جي ناول جو سنڌي ۾ ترجمو آهي.سندس بهترين ناوليٽ "شڪار"همعصر سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. جڏهن ته "مذوبالا" سندس هڪ رومانوي ناوليٽ آهي. هي ناول آٽو بايوگرافيڪل آهي.

**ڄام ساقي (1944_2018ع)**

ڄام ساقي جو اصل نالو محمد ڄام ولد سچيڏنو آهي. پاڻ ڇاڇري شهر ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي تعليم پرايائين. سندس وڏي سڃاڻپ سياست ۽ صحافت آهي.ڄام ساقي جو هڪڙو ناول "ڪاهوڙي ڪجن" ملي ٿو. جيڪو 1973ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي سياسي، سماجي معاشرتي مسئلي جي نمائندگي ڪري ٿو. هي ناول روسي ترقي پسند ناولن وانگر لکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن ناول جو پلاٽ تمام وڏو آهي پر ليکڪ انهي کي مختصر ناوليٽ جي صورت ۾ لکيو آهي.

ناول ۾ جانب علي نالي هڪ ترقي پسند ڪميونسٽ ڪردار آهي، جيڪو

مارشل لا، سرمائيداري نظام ۽ جاگيرداريءَ خلاف جدوجهد ڪندڙ پارٽي جو ميمبر آهي پر حڪومت طرفان هن خلاف وارنٽ نڪتل آهن ۽ گرفتاري لاءِ انعام پڻ رکيل آهي. گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ هو شهر ۾ هڪ بنگلي تي نوڪر ٿي روپوشي جي زندگي گذاري ٿو، جتي نندي سانئڻ شهناز کي سندس اصليت جي خبر پئجي وڃي ٿي. پر اها الٽو مدد ڪري ٿي ۽ سندس جدوجهد جي حمايت پڻ ڪري ٿي. هي سجو ناول يحييٰ خان جي مارشلا، بنگالين جي جدوجهد ۽ پ پ پ جي اقتدار ۾ اچڻ ۽ انهن جي ترقي پسندن ڏانهن رويي تي رکيل آهي. هن ناول جو هڪ پاسو رومانوي به آهي جنهن ۾ زير زميندار ڪامريڊ جانب جو شهناز سان عشق وارو پهلو به ناول ۾ جدوجهد جي ڪٿا تي مبني آهي.

## ڪاظم علي ”ڪاظمي“ (16 مارچ 1938)

ڪاظم علي ولد لطف علي ڪهيري جو تعلق تلهار ضلعي بدين سان آهي. سندس والد پڻ وڏي علم ادب وارو شخص هو. سندس ناولن ۾ ”عصمت“ (1964ع)، اندر ۾ ابليس“ (1987ع) ۽ جڏهن جنهگلي جاڳيا (اڻڇپيل) اهم آهن.

سندس هي ناول ”عصمت“ هڪ گهريلو سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ ڏي وٺ جا مسئلا ۽ اميري غريبي جا مسئلا ڏيکاريل آهن. هن ناول ۾ ڪوڙي شان جي ڪوٺ جا قيدي اهي والدين جيڪي پنهنجي خواهشن جي تڪميل لاءِ پنهنجي اولاد تي ڪيل سيڙپ وياج سميت واپس وٺڻ لاءِ شفقت پدري، رت جي رشتن ۽ روحاني ناتن جي لتاڙ ڪندا آهن. هي ناول هڪ منفرد ڪهاڻي پيش ڪري ٿو. هن ناول ۾ سماجي ڏمر، حريص نظرن ۽ هٺرادو گهڙيل خانداني وقار جي راڪاسن گڏجي سڪ ۽ سونهن جي مجسمي کي پيچي پورا پورا ڪري ڇڏيو.

سندس ٻيو ناول ”اندر ۾ ابليس“ ۾ سماج جي هڪ اهڙي اهم ڪردار کي وائکو ڪيو ويو آهي، جيڪو دوستي جي روپ ۾ ڪمال ڪاريگري سان هڪ مخلص دوست جي حقن تي ڌاڙو هڻي ٿو، محبت جي معاملن ۾ سندس رقيب ٿي رهي ٿو. وک وک تي ڪندا پکيڙي ٿو، حالات جي ستم ظريفي اها جو هو ته غدار يار کي وفادار يار سمجهندو اچي ٿو . اندر جي ابليس کي موسيٰ جهڙو پاڪ ۽ پوتر سمجهندو اچي ٿوتو هو مني زهر کي درد جو درمان سمجهندو اچي ٿو هڪ

رقيب ڪي محبت جي مورتي جو محافظ سمجهندو اچي ٿو پر پوءِ؟ پوءِ ازل کان آباد محبت جي ڪرشمہ ساز قوت ٻن نادان دلين کي پنهنجي آغوش ۾ پنهان ڪري ڏکن جو دريا لتاڙي پار پوي ٿي ۽ پويان ڪڏ پيل فرعون صفت دوست پنهنجي جاڳايل فتنن جي شور و غل ۾ گم ٿي پنهنجي ٻاريل باهہ جي پاڻ بک ٿي وڃي ٿي.

**قبول ابڙو (1 جولاءِ 1948ع)**

قبول محمد ابڙي جو جنم تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿيو. قبول ابڙو سنڌي ادب ۾ نالي وارن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. قبول ابڙي جا پنج ناول شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ "ڊنل اکين جا خواب" (1978ع)، "ڌرتيءَ جي جنگ" (1978ع) "جيون جيون سڏڪا سڏڪا"، "ٽڪندو" (1993ع) ۽ "پنهنجي گهر ۾ اجنبي" (2010)شامل آهن.

سماجي مسئلن کي ناول جي روپ ۾ پيش ڪرڻ ۾ منڍ کان آخر تائين تسلسل ۽ دلچسپي کي برقرار رکڻ ۾ قبول ابڙو کي خاص مهارت حاصل آهي، سندس ناول جا اڪثر موضوع سنڌي سماج جا مسئلا ۽ رومانوي پهلو آهن. سندس ناول "ڊنل اکين جا خواب" بنگالي ماڻهن جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هن جي ناول جا موضوع طبقاتي ۽ قومي استحصال آهن. درحقيقت قبول ابڙي بنگال جي ورهاڱي جي پسمنظر ۾ سنڌ ڌرتي ۽ ان وقت ٿيندڙ ڏاڍ، جبر، پابندين ۽ حالتن جي سچي عڪاسي ڪئي آهي. رشيد ڀٽي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو تہ "دنيا ۾ جيئڻ طبقا بہ استحصال جو شڪار ٿيندڙ آهن. اهڙيءَ ريت قومون بہ ٻن درجن ۾ ورهايل آهن. ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، ڦريندڙ ۽ ڦرجندڙ، فاتح ۽ مفتوح، قومن جيان، مظلوم ۽ معصوم قومن جي بہ تاريخ، نفسيات، سورن جي سهپ ۽ ان خلاف جدوجهد جو داستان ساڳيو هوندو آهي. پيڙا، ڦرمار، ڏاڍ ۽ جبر انهن کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏيندا آهن. اسان جي هن ملڪ پاڪستان ۾ ننڍين قومن ۽ بنگال جي سورن، سختين ۽ پيڙائن جي پچار ۾ ساڳي ئي هڪجهڙائي آهي. بنگال ۾ جيڪي ٿيو، ان موضوع تي سياسي لحاظ کان گهڻو ڪجهہ ئي لکيو ويو، پر افسانوي انداز، دلچسپ ۽

دلڪش نموني ۾ قبول ابڙي لکيو آهي“.[58]

قبول ابڙي صاحب جو ٻيو ناول ”ڌرتي جي جنگ“ آهي، جيڪو ڪلاڪار پبليڪيش لاڙڪاڻي طرفان 1978ع ۾ شايع ٿيو هو. هي انگريزن جي دور تي لکيل ناول آهي. انگريزن جي دور ۾ سنڌين سان تمام گهڻا ظلم ڪيا ويا هئا. ڪيترا ماڻهو ماريا ويا، ڪيترا ڦاهي تي چاڙهيا ويا ۽ ڪيترائي ڳوٺ ساڙيا ويا. انگريزن جي نظر ۾ هر سنڌي غدار هو. انهيءَ ڪري سنڌي ماڻهن، انهن سان بغاوت شروع ڪئي. ڪيترائي مرد ۽ عورتون گڏجي انهيءَ غلاميءَ جي خلاف جدوجهد ۾ شريڪ ٿيا. هنن پنهجيون جانيون، عزت ۽ مال قربان ڪري پنهنجي وطن کي آزاد ڪرايو. انهن ۾ نه صرف حر تحريڪ قابل ذڪر هلچل هئي، پر سنڌ جو هر ننڍو خواهه وڏو ٻار توڙي پوڙهو دانشور، اديب سياستدان ۽ عالم وغيره سڀ ڌار ڌار تحريڪن ۾ شامل هئا.

قبول ابڙي صاحب جي هن ناول (ڌرتيءَ جي جنگ) جو خاص موضوع پنهنجي وطن يعني سنڌ سان وفاداري. سنڌ جي ماڻهن سان جيڪي ظلم ۽ ڏهر ٿيا تن جي خلاف آواز اٿارڻ، سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ، سنڌين سان ٿيندڙ ڏاڍاين جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ سنڌين کي متحد ڪرڻ ۽ انهن ۾ بهادري پيدا ڪرڻ جهڙا مسئلا وغيره آهن.

سندس ”جيون جيون سڏڪ سڏڪا“ پڻ سندس بهترين ناول آهي. هي ناول همعصر سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول ۾ ڀيڙا، درد ۽ پوڳنائون آهن، جنهن ۾ سڄي حياتي درد ۽ سڙڪن ۾ گذري ٿي. ناول ”ٽڪنڊو“ (1993ع) ۾ شايع ٿيو. هي ناول همعصر سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي بهترين عڪاسي ڪري ٿو. هن ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هڪ بي روزگار بک ۽ افلاس کان مجبور ٿي ڪيئن ڌاڙيل بڻجي ٿو. هن ناول جي شروعات ۾ ليکڪ تعارف هيئن ڪرائي ٿو ”اڄ مان وڏو خوني ۽ رهزن ڌاڙيل ٿو سڏجان پر مان آهيان ڪونه حالتن ڪٿي مون کي ان حد تائين پهچايو آهي. خيال هئم، بي-اي پاس ڪندي منهنجي لاءِ پنهنجي ملڪ اندر نوڪريءَ جا هزارين موقعا پيدا ٿي پوندا. پر ائين ڪونه ٿيو. منهنجي لاءِ نوڪريءَ جا سڀ دروازا ڄڻ اصل کان ئي بند پيا هئا. جتي به ويم سڪٽا ڌڪا

ڪائي واپس ٿي موٽيس. انهيءَ ڏکن ۾ رڳو مان اڪيلو ڪونه هيس پر مون جهڙا غريب، بک، بيروزگاري ۽ بي عزتي جهول ۾ پيري مون جيان رلندا ئي رهيا. ”

هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ جي نوجوانن لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ نوجوانن ڪي مايوسي، بي چيني ملي آهي. سنڌ جو وڏيرو ۽ پوليس ڌاڙيلن جي دوست بڻيل آهي. سنڌ جا ڪامورا پنهنجي بيحسي ۾ مشغول آهن.

قبول ابڙي جو ”پنهنجي گهر ۾ اجنبي“ شاندار ناول 2010 ۾ شايع ٿيو. هي ناول هڪ دفعو ٻيهر ليکڪ جي اڳين ناولن وانگي سنڌ جي سياسي ماحول ۽ منظر جي نمائندگي ڪندي 1983ع ۾ هلايل MRD تحريڪ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. Movement for Restoration of Democray دراصل جنرل ضياءِ الحق طرفان نافذ ڪيل مارشل لا جي خلاف هئي، جيڪا هن 1977ع ۾ هئني هئي. هن تحريڪ ۾ وڏ ۾ وڏ اثر سنڌ صوبي ۾ نظر آيو. سنڌ جي ماڻهن جمهوريت جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيا، هڙتالون گهرايون، گوليون کاڌيون، سوليءَ چڙهيا ۽ تمام وڏيون وڏيون قربانيون ڏنيون. ان دور تي ننڍ تو چم ۽ چيپي تو جگت هن ناول ۾ موتود آهي.

قبول ابڙي جي سيني ناولن تي نظر وجهندي خبر پوي ٿي اهي سنڌ جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ تاريخي حالتن جي پٽاندڙ آهن. انهن ناولن ۾ باريڪبيني سان حالتن جي عڪاسي ڪيل آهي. سنڌ صرف ئي صرف سنڌ آهي. سندس لکڻيءَ جي خوبي اها آهي ته هو اجايو ڊيگهه بي تڪا ڊائلاگ استعمال نٿو ڪري، بلڪه سادي سودي ٻوليءَ ئي پڙهندڙن وٽ مقبول آهي.

**عمر ميمڻ**

محترم عمر ميمڻ جو شمار سنڌي ادب جي انهن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن ترجما ڪري سنڌي ادب جا مٽ پيريا آهن، پر ناول جي ترجمي جي سلسلي ۾ سندس خدمتون وسيع آهن. سندس ترجمو ٿيل ناولن جي خاص خوبي اها آهي ته اهي سياسي، سماجي، انقلابي ۽ ترقي پسند لاڙن جي ترجماني ڪن ٿا. عمر ميمڻ ڪيترائي سال ”عظمت پبليڪيشن“، حيدرآباد جي پليٽ فارم تان پنهنجا ۽ ٻين جا بهترين ڪتاب شايع ڪيا.

پرل ايس بڪ آمريڪي خاتون، جنهن جي زندگيءَ جو گهڻو حصو چين جي سر زمين تي بسر ٿيو ۽ جنهن کي ادب ۾ نوبل انعام به مليل آهي، تنهن جو لکيل آهي. هن هي ڪتاب The Good Earth جو ترجمو ”سون ورني ڌرتيءَ“ (1989ع) جي نالي سان ڪيو.

وينگ هڪ چيني هاريءَ جي زندگيءَ جو. . . جيسين هو هاري آهي، سندس زندگي گهڻي ڀاڱي سنڌي هاريءَ جي زندگي سان ملي ٿي. هن ناول جو ليکڪ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”سخت محنت جي نتيجي ۾ سٺن فصلن ”وينگ“ کي انهيءَ قابل بڻايو جيئن هو ٻي زمين به خريد ڪري سگهي. . . آهستي آهستي جو وڏو زميندار ٿو بڻجيو وڃي، جيڪا ڳالهه سنڌي هاريءَ جي معاملي ۾ ناممڪن آهي ڇو ته اسان جو سنڌي هاري، زميندار جي استحصال جو شڪار آهي. . ۽ ڪجهه سندس به ڏوهه آهي جو هو اجاين ريتن رسمن خلاف بغاوت نٿو ڪري ۽ انهن جي پورائيءَ لاءِ پنهنجو اجهو لٽايو ڇڏي. . . زميندار ٿي وڃڻ کان پوءِ وينگ جون عادتون ۽ خلصتون سنڌي وڏيرن سان مشابهه آهن.

هن ناول ۾ چين جي خوفناڪ ڏڪار جو به ذڪر آهي ۽ ڊاڪٽر سن يات چين واري انقلاب جي جهلڪ پڻ.“

”جنگ ۽ انسان“ روس جي نامياري اديب شولوخوف (1905_1984) جي مشهور ناوليٽ Fate of a Man جو ترجمو آهي، شولو خوف متعلق صرف ايترو ٻڌائڻ ئي ڪافي آهي ته هي صاحب Quite Flows Don Virgin Soil جهڙن جڳ مشهور ناولن جو ليکڪ پڻ آهي ۽ ”جنگ ۽ انسان“ سندس عظمت جو روشن ثبوت آهي.

هن ناول ۾ شولو خوف، ٻي مهاڀاري جنگ ۾ ٿيل تباهه ڪارين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پنهنجي سرحدن جي حفاظت ڪندڙ لکين روسي جوانن مان هڪ غازيءَ جي واتان، جنگ ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ ٿيل تباهه ڪاري متعلق اسان کي واقف ڪرايو آهي. جنگ جون تباهه ڪاريون، ڪا نئين ڳالهه نه آهن. اصل ڳالهه عزم، همت ۽ حوصلو آهي، قومي غيرت آهي ۽ قومي وقار آهي. ”جنگ ۽ انسان“ جي مطالعي مان اسان کي اهو سبق ٿو ملي ته جنگ ۾ ڪٽي ڪجهه به ڇو

نہ ٿي پوي. پر وطن جي مٽيءَ کي هر حال ۾ دشمن کان پاڪ رکڻ نهايت ضروري آهي.

چيڪو سلواڪيا جي ناميارو اديب اگنات هرمين جي ناوليٽ "Childless" جو ترجمو "بي اولاد" جي نالي سان ڪيائين. جنهن ۾ مصنف هڪ بي اولاد شخص جي جذبن جي عڪاسي ڪئي آهي. محمد عمر ميمڻ، ڪرشن چندر جي ناول جو ترجمو "ان داتا" جي نالي سان 1984ع ۾ ڪيو. هي هڪ تاريخي ناول آهي. جنهن ۾ انگريزن جي دور جو مڪاريون ۽ ڏاڍايون ڏنل آهن. هن ۾ ناول نگار انگريز حاڪمن جي ذهنيت جو بہ بهترين ذڪر ڪيو آهي. هن ۾ هندستان جي بدترين ڏڪار جي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي تہ ٻئي طرف ٻن پيار ڀرين دلڙين جي امر پيار جي لازوال ڪهاڻي بہ بيان ڪيل آهي. ڪرشن چندر جي هڪ ٻئي ناول جو ترجمو "اٿو لٿو ۽ اجهو" نالي سان 1985ع ۾ ڪيائين. هي ناول ننڍي کنڊ جي معاشي ۽ سياسي مسئلن جي نہ صرف چنڊ ڇاڻ ڪري ٿو. بلڪ ان جا سبب، استحصالي قوتن جون عياشون، آرام، مطلب تہ هر قسم جا اسباب اڇي وڃن ٿا.

سندس ناول "پوڙهو ۽ سمنڊ" 1977ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول مشهور آمريڪي ناول نگار ارنيسٽ هيمنگوي (1891_1961ع) جي ناول ( Old Man and the Sea) جو ترجمو آهي. هي ناول جدوجهد يقين محڪم ۽ وجودي فلسفي جو ترجمان آهي. هن ناول جو بنيادي فڪر اهو آهي تہ "انسان تباهہ تہ ٿي سگهي ٿو پر شڪست قبول ڪري نٿو سگهي." هيمنگوي کي هن ناول تي نوبل پرائز مليو هو. هي ناول هڪ ملاح جي همٿ تي مبني آهي، جنهن ڪيترن ڏينهن جي ناڪاميءَ کانپوءِ وڏي محنت سان هڪ تمام وڏي مڇي ماري. اگرچہ هو ان مڇي کي حاصل ڪري نہ سگهيو پر جنهن بہ مڇي جي ڪنڊن جو پڃرو ٿي ڏٺو، تنهن کان رڙ ٿي نڪري وئي. ڪهڙو نہ بهادر ملاح آهي جنهن هيڏي آفت ماري آهي!

سندس هي ناول "رام محمد ڊسيوزا" 1984ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول علي رضا جي ناول جو ترجمو آهي، جنهن ۾ ٽن مذهبن سان وابستہ ماڻهن جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي. سڄو ناول مذهبي رواداري ۽ صوفي ازم جي

فلسفي تي ٻڌل آهي.

مطلب ته عمر ميمڻ ترقي پسند فڪر تي مبني ناولن جي چونڊ ڪري سنڌي ادب جي ان رجحان ۾ هڪ سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس ناولن جي چونڊ، بهترين آهي. اهي ناول ڪٿهن مڪمل صورت ۾ ڪٿهن اختصار سان پيش ڪيائين. اهڙا ناول سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکن ٿا.

**بيدل مسرور (11 جولاءِ 1947ع)**

بيدل مسرور جو اصل نالو بيدل بخش بدوي آهي. هن جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. سندس شخصيت گهڻ رخي آهي. هو راڳي، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، مترجم، ڊراما نگار، ڪالم نگار ۽ پبلشر طور تي پاڻ مڃرائي چڪو آهي. سندس ڪتابن ۾ "راڻي" (ناوليٽ)، "چاهتن جي ته واٽي تي" (ناوليٽ)، آءِ لو يو (ناوليٽ)، "پوڄنائن جو سفر" (ڪهاڻيون) شايع ٿيل آهن. ان ڪان علاوه "جنڊڙي"، "چند هنگاما"، "منزل ايندي ماڳ به ايندا"، "ڪاتي هيٺان ڪنڌ"، "ڪاڪ محل"، "ساگر جي لهر تي" مرتب ڪري چڪو آهي.

سندس ناول "راڻي" محل پبلڪيشن، شڪارپور طرفان 1971ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي پيش لفظ ۾ محترم ابراهيم جويو لکي ٿو ته "هن ناوليٽ جو مرڪزي موضوع سماجي غير برابري آهي. اسان جي سماجي ۾ هن درجيوار غير برابريءَ جيڪي ڪلور ڪيا آهن، تن ڪان ڪير اڻواقف آهي؟ پر اسان مان گهڻن جو انهيءَ اهم مسئلي ڏانهن رد عمل رڳو خاموش تماشائي وارو به نه، پر بنهه بي توجهيءَ ۽ اڻڄاڻائيءَ وارو رهي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو ڪيترين ئي معصوم زندگيون هن سماجي ننڍ وڏائيءَ جي اڏيءَ تي ڪسجي، تباهه ۽ برباد ٿي وڃن ٿيون ۽ انهن جو ڪوبه داد فرياد ڪٿي نه ٿئي ٿو ۽ نه ٻڌجي ۽ اونائجي ٿو."

هن ناول جي رٿيل ڪهاڻي جيتوڻيڪ رومانوي آهي ۽ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ به سنئون سڌو ۽ سادو آهي، پر مصنف جي پيشڪش، لکڻ جي طرز ۽ ٻوليءَ جي مٺاج ان ۾ رنگيني ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. حقيقي زندگيءَ جا دردناڪ پهلو ڪيترائي آهن.

**چاهتن جي ته واٽي تي** (1999ع) ۾ بيدل مسرور جا ٻه ناوليٽ هڪ ئي جلد ۾

آهن. ٻيو ناول آهي ”آ لو يو“ (آءُ تو کي پيار ڪريان ٿو) شامل آهي. ناوليٽ ”چاهتن جي ته واٽي تي“رشتن ناتن ۽ چاهتن تي آڌاريل آهي. دراصل هڪ عورت، خوشبو جي ڪهاڻي آهي. ناوليٽ جو سورمو ٻيجل آهي. هو زندگي جي نازڪ تجربن مان لنگهي ٿو. هي مڪالمو جذبات جي انتهائي اپار واري ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو:

”زوار تنهنجي لفظن تي رڻ ماتام ڪيو آهي“.

شڪارپور جي ماحول کي نظر ۾ رکي. عورتن جي هن سماج ۾ ٻي وسي واري حالت کي سٺي نموني اجاگر ڪيو ويو آهي.

بيدل مسرور جي ناوليٽ ”آ لو يو“ پنهنجي جاءِ تي هڪ سماجي ۽ نفسياتي ناول آهي، جنهن ۾ جنسي جبلتن جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي. ناول ۾ ڪٿي ڪٿي اها جبلت حاوي ڪري ڏيکاري ويئي آهي. ناوليٽ جي ڪهاڻي ڪٿائي انداز ۾ لکي وئي آهي. ناوليٽ ۾ تشبيهن، اشتعارن ۽ تمثيلن جو اکٽ ڀنڊار آهي. جيڪو ڪٿي به ڪٽندو محسوس نٿو ٿئي. هي ناول ضمير متڪلم واري سٽاءَ ۾ لکيل آهي.

بيدل مسرور جا ترجمو ٿيل ناول به شايع ٿيل آهن. جن ۾ ”محبت به قيامت به“ ۽ ”قلوپطره“ اهم آهن.

## علي محمد ”پرويز“(2 سيپٽمبر 1945ع)

علي محمد ولد محمد سليمان ميمڻ جو جنم ڳوٺ لاڪا تعلقه مير پور بٺوري ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. هو بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار ۽ مترجم آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پرويز افسانوي ادب ۾ هڪ سٺو نالو رکي ٿو. پرويز جو ادبي ۽ سياسي سفر گڏوگڏ هليو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن سياسي ادب ترجمو پڻ ڪيو آهي. ڪيترن ئي سٺن ناولن جو ترجمو ڪيو اٿس.

جان گرفٿ جيڪلينڊ (1876 – 1976ع) آمريڪن ناول نگار، صحافي ۽ سماجي ڪارڪن هو. سندس ڪيترائي ڪتاب مشهور ٿيا، پر سندس ناول The Call of the Wild هن کي شهرت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. هن ناول جو ترجمو ”اسپارٽيڪس“ جي نالي سان علي محمد پرويز ڪيو آهي.

اسپارٽيڪس“ ناول لاءِ لکيو اٿس ته”اهو ئي سبب آهي جو مون اسپارٽيڪس ناول جو ترجمو ڪيو، ته جيئن سنڌ واسين کي اها ڄاڻ ملي سگهي ته اسين سنڌي ايڪهين صديءَ جي چائنٽ تي پير رکندي به اڍائي هزار سال اڳ واري غلاميءَ جي دؤر واري زندگي پيا گذاريون. بلڪ ان کان به بدترين زندگي پيا گذاريون. ڇو ته ان دؤر ۾ ته اسپارٽيڪس هو، جنهن غلامن کي گڏ ڪري آقائن خلاف جنگ جوتي هئي. پر اسان وٽ ته ڪو به اسپارٽيڪس نظر ڪونه ٿو اچي.“

هي ناول ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ حصو وٺندڙن ۽ متاثر ٿيندڙ ۽ ڪروڙين ماڻهن مان چند ماڻهن جي ڪردارن تي مشتمل آهي جن جو تعلق روس ۽ جرمني سان آهي. جڏهن جرمني جي بري ۽ هوائي فوجن روس تي حملو ڪيو هو تڏهن روسي ماڻهن پنهنجي ماتر ڀوميءَ جو، پنهنجن شهرن جو، ڳوٺن، واهڻ ۽ وستين جو ڪيئن بچاءُ ڪيو، انهيءَ جي هڪڙي جهلڪ آهي. اهي روسي ماڻهو، جيڪي سڌي طرح جنگ جي ميدان ۾ وڙهي رهيا هئا، تن ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، جن کي تاريخ پنهنجي ورقن ۾ سميٽي پاڻ تي فخر ڪري رهي آهي ۽ روسي ماڻهو جيڪي جنگ جي مورچن پٺيان هئا، سي پنهنجي وطن جو دفاع ڪهڙي انداز ۾ ڪري رهيا هئا تن جون پڻ ڪجهه جهلڪيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

سندس ٻيو اهم ترجمو ٿيل ناول ”ڏونگر منجهه ڏيئو“ موضوع جي لحاظ کان شاندار آهي. ناول ”ڏونگر منجهه ڏيئو“ انگريزي ناول Story of Realman جو ترجمو آهي. ناول لاءِ مترجم لکي ٿو ته ”هي ناول قومي ۽ طبقاتي ڇوٽڪاري (ڇاڪاڻ ته هن مهل سنڌي مسڪين عوام جي گهٽائي قومي جبر ۽ وڏيرڪي قرلت جي گهاڻي ۾ پيسجي رهي آهي) لاءِ جهدوجهد جي حوالي سان اهم آهي. سنڌ جي موجوده حالتن ۾ ٻرندڙ مسئلن جي حوالي سان ڏيهي توڙي پرڏيهي دشمنن جي يلغار، تسلط ۽ قبضاگيريءَ جي حوالي سان، ڪاروڪاري، ڏاڙيل ڪلچر، تعليم جي تباهيءَ جي حوالي سان پڻ ڪوڙي قوم پرستيءَ جي آڙ ۾ حقيقي قوم پرستن جي پٺيءَ ۾ ڇرا هڻڻ واري نعريبازيءَ جي سلسلي ۾ هن ناول ۾ مواد شامل ڪونهي. ان حساب سان ائين چئي سگهجي ٿو ته هي ناول موجوده وقت ۽ حالتن جون گهرجون ۽ تقاضائون پوريون ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪا به اهميت نٿو رکي ۽ محض هڪڙي ناڪام پيار ڪهاڻيءَ تي مشتمل عام رواجي

ناول آهي.

”لڙڪن آجا نيڻ“پرويز جو پنهنجو اصلوڪو ناول آهي، جيڪو سچائي اشاعت گهر_دڙو پاران 2006ع ۾ شايع ٿيو. ناول جي ڪهاڻي تمام گهڻي دلچسپ آهي ناول جي ڪهاڻي سنڌ جي لاڙ واري حصي جي پسمنظر ۾ لکي وئي آهي، جنهن ۾ هڪ طرف سمنڊ رستي ٿيندڙ اسمگلنگ جو ذڪر به آهي ته سماجي جوڙجڪ ۾ رائج ريتن، رسمن جو ذڪر به ٻئي طرف مختلف قومن جي فردن جي ذهنيت، گهڻن چالاڪين، بدمعاشين، سيئلون جي مقامي ماڻهن سان روا رکجندڙ مرون، جنن پوتن جي وهمن ۾ وڪوڙيل اڀوجهه سنڌين جي ڦرجڻ جو به ذڪر آهي. سنڌي ماڻهن جو پاڻ ۾ ايڪي ۽ محبت سان رهڻ جو به ذڪر آهي. هن ناول ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ”اڪرم صاحب بظاهر بنهه شريف سيٽلر آبادگار هو، جيڪو هن علائقي ۾ پيل غير آباد زمينون وڏا خرچ ڪري آباد ڪري رهيو هو ۽ ”ويچارو“ مڇي ماري پنهنجي گذرسفر لاءِ مونا هٽي رهيو هو. پر سندس اصل ڌنڌو، جنهن جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي، اسمگلنگ هو، جيڪو ڪيترن ملڪن سان هلي رهيو هو. ناول جي خاص ڳالهه اها آهي ته ڪونج، جيڪا ڪروڙ پتي اڪرم صاحب جي ڌيءُ آهي، اها سانوڻ جهڙي اٽپڙهيل سان محبت ڪري ٿي ۽ ڪيس مجبور ڪري ٿي ته هن کي پڄائي هلي. سانوڻ جيڪو هن ناول جو هيرو آهي ان لاءِ مشهور آهي ته هو نياڱو آهي. ليڪڪ به هر طرح سندس نياڱ کي ثابت ڪري ڇڏيو. جڏهن چائو ته سندس ماءُ مري ويئي. خواري جي زندگي ۾ جوان ٿيو. ڪونج سان محبت ڪيائين پر هوءَ به ٻار کي جنم ڏيندي مري ويئي. ڊيل هن سان شادي ڪرڻ کان ٿورو اڳ مري ويئي.

مطلب ته پرويز اهڙن ناولن جي چونڊ ڪئي، جيڪي انقلابي، قوميت آزادي ۽ وطنيت جي موضوعن تي مبني هئا. هن انهن جو شاندار نموني ترجمو ڪيو. ترجمي دوران اهڙي سولي ۽ پنهنجي ٻولي ڪتب آندي جو ناول اصلوڪا لڳن ٿا. جڏهن ته سندس پنهنجو اصلوڪو ناول به موضوع ۽ اسلوب جي لحاظ کان شاندار آهي.

**غلام نبي ”گل“ (10 سيپٽمبر 1932ع)**

غلام نبي گل ”ولد وسايو ٻرڙو جو جنم ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو.

سندس ادبي سفر ڪافي پراڻو آهي. پر سندس ڪتاب 1990ع واري ڏهاڪي ۾ منظر عام تي آيا آهن. غلام نبي گل سنڌي ۽ اردو ۾ شاعري، افسانه ۽ ناول لکيا آهن سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا. غلام نبي گل جا هڪيئي پنيان ڪيترائي ناول، افساني ۽ شاعري جا ڪتاب شايع ٿيا آهن. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪيترو تيزي سان لکندڙ اديب آهي.هن پنهنجي قلم سان سنڌي ادب جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي. سندس پهريون ناول ”جيون پياسو سمنڊ“ 1997ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ سماجي ناول آهي. هن ناول ۾ جنسي مسئلي کي سماجي حقيقت نگاريءَ جي روشني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان حساب سان هو ماهر نفيساتي ناول نگار پڻ آهي. هي هڪ ڪٿائي ناول آهي، جنهن ۾ ڪنهن به شخص جي ڪٿا ٿي سگهي ٿي.

سندس ”نه راهون ساڻ هلنديون هن“ ناول 2001ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول لاءِ خود ناول نگار لکيو آهي ته ”ناول سنڌ جي ڀهراڙي جي پسمنظر جي عڪاسي ڪري ٿو. خاص طور تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺاڻي زندگي جي. ناول جي ٻولي نج ڳوٺاڻي استعمال ٿيل آهي. ناول لاءِ اصغر سنڌي لکيو آهي ته ”ناول ۾ داخليت ۽ داخلي احساسن کي جهڙي ريت خارجي دنيا سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي اتي اهڙي ڪمال ڪاريگري کي شرافت ۽ اخلاقيات جي سائنسي ۽ غير سائنسي لقبن ۽ طعنن کان پري رکڻ واري گذارش ناول جي فني ۽ فڪري ماحول کان اوپري نٿي لڳي“. (59)

غلام نبي گل جو ناول ”جوڳي“ 2003ع ۾ شايع ٿيو. ناول ۾ هڪ گهرجي ڪهاڻي نه پن تن گهرن جي ڪهاڻي آهي، ساران ۽ سندس گهر جو ماحول اڄ جي گهٽن گهرن جو الميو آهي. هيروئن جو نشو واپرائڻ سبب جيڪي مسئلا درپيش اچن ٿا. انهن جو عڪس هن ناول ۾ بهترين نموني چٽيل آهي. اهڙي ريت مٿئين وچولي طبقي ۾ ٿيندڙ محبتن، بي وفائين ۽ محرومين جو ذڪر به شاندار نموني ڪيل آهي. ناول ۾ ساران ۽ جوڳي جي محبتن جي لازوال ڪٿا آهي. اهڙي ريت نگهت، جوڳي سان هڪ طرف محبت ڪري ٿي. پر ڪهاڻيءَ جو محور ساران آهي جيڪا امجد جي گهر ۾ نوڪرياڻي آهي. سندس الميو اهو آهي ته BA پاس آهي پر مڙس جي هيروئني هئڻ سبب گهر ۾ نوڪري ڪري ٿي. ٻئي

طرف امجد ۽ سندس گھر واري جي طبقاتي فرق سبب اڻبت رهي ٿي. جوڳي بہ ساران سان محبت ڪري ٿو. پر ناول جو ڊراپ سين اتي ٿو ٿئي جڏهن امجد زال کي طلاق ڏيئي پنهنجي نوڪرياڻي ساران سان شادي ڪري ٿو. مطلب تہ سڄو ناول دلچسپ آهي.

سندس ناول "تتل شيشو" 2006ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول پڻ سماج، معاشرتي ۽ معاشي مسئلن تي لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ سماج ۽ معاشري ڏڪندڙ رڳ تي هٿ رکيو ويو آهي. اگر پنهنجي اردگرد، اوسي پاسي اندر جي اک سان ڏسبو تہ اهڙيون ڪوڙ ڪهاڻيون نظر اينديون جنهن ۾ عورت کي مرد جي جهولي ۾ زبردستي اڇليو ويو آهي. سنڌي سماج ۾ اهڙا ڪوڙ مثال نظر ايندا.

هن ناول لاءِ پاڻ غلام نبي گل لکيو آهي تہ "هڪڙي ڳالهہ محترمہ عطيہ دائود مسودي پڙهڻ ڪانپوءِ ڪئي هئي، جيڪا هت ڄاڻايان ٿو، هن چيو هو تہ "سائين غلام نبي گل، عورت کي مرد جي جهوليءَ ۾ اڇلي ڇڏيو آهي . . . "

مان نئين ڳالهہ ڪانہ لکي آهي . . . ازل کان ائين ٿيندو آيو آهي. ڪڏهن عورت مرد جي جهوليءَ ۾ . . . ڪڏهن مرد عورت جي جهوليءَ ۾ . . . .

البت مان جيئن ناول جي ڪردارن کي ڏٺو محسوس ڪيو، ائين لکيو آهي هي اسان جي پنهنجي معاشري جا ڪردار آهن ان کان اسان انڪار ڪري ڪئين ٿا سگھون اڪيون ٻوٽي رکون اها الڳ ڳالهہ آهي . . .

هي ناول بہ ڪٿائي ڪهاڻي آهي ۽ ضمير متڪلم واري سٽاءَ ۾ لکيو ويو آهي. ناول جو پلاٽ انتهائي ڪمزور آهي پر ان جي باوجود ٻولي تمام سٺي اٿس. ناول ۾ الفت ۽ ساگر جي اڌوري محبت ۽ الفت ۽ ارمان جي جسماني محبت، خيال جي شاعري سان محبت، ناول جا اهم پهلو آهن.

غلام نبي گل جو پنجون ناول "فاصلا" آهي، پر هي ناول اردو ۾ لکيل آهي ۽ 2004ع ۾ وجاهت پبليڪيشن لاڙڪاڻو طرفان شايع ٿيو. ناول ۾ عام گھريلو ڪهاڻي کي ڪٽي لکيو ويو آهي، شادي، شادي اها بہ والدين جي پسند مطابق. شادي ڪانپوءِ ذهني هم آهنگي نہ هئڻ ۽ ان ڪانپوءِ رسمن رشتن نباهڻ. اهڙا رشتا اهڙيون ڪهاڻيون اسان جي معاشري ۾ بيشمار موجود آهن، هن ناول ۾ جواد ۽ صفيہ جي شادي بہ انهن مان هڪ آهي.

مجموعي طور تي جيڪڏهن اسان غلام نبي گل جي ناولن کي ڏسنداسين ته انهن ۾ عام گهريلو ڪهاڻيون، جن ۾ محبت، نفرت، پابنديون، انهن ڪردارن جا معاشي ۽ معاشرتي مسئلا ۽ نفسياتي پيچيدگيون نظر ايندين. انهن سڀني ۾ سندس انداز بيان شاندار آهي. هو ٻوليءَ کي ڪردارن مطابق صحيح استعمال ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڳالهه عام پڙهندڙ تائين آساني سان پهچائي ٿو.

غلام نبي گل جا ناول سنڌي سماج جي همعصر حالتن جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿا. جيتوڻيڪ هن جي ناولن ۾ شهري ماحول جو عڪس به جابجا موجود آهي. پرڳوٺاڻو ماحول گهڻو ۽ شاندار نموني ملي ٿو.

**رسول ميمڻ (1956_2001ع)**

ڊاڪٽر رسول ميمڻ بنيادي طور تي ڪهاڻيڪار آهي، مگر هن موجوده دور ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ناول لکيا آهن. سندس ناول تاريخ، سماج ۽ رومانيت جهڙن موضوعن کي ڇهن ٿا. رسول ميمڻ جدت پسند ليکڪ هو، هن منفرد ۽ اڻ ڇهيل موضوعن تي هڪ ٻئي جي پويان شاندار ناول لکيا.

سندس ناول "اٺوينهه عورتون" لاءِ شوڪت شوري صاحب لکيو آهي ته:

"اٺوينهه عورتون" (2012ع) رسول ميمڻ جو تاريخ جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي. قصه گوئي جي انداز ۾ لکيل هن ناول جو مک ڪردار "کهيداس"، راجا ڏاهر جي دور جو هڪ عام رواجي ماڻهو آهي. هن جي محبوبه "هارانسي" برهمڻ آباد جي بتخاني جي اٺوينهن داسين مان هڪ آهي. سنڌ تي حملو ڪندڙ عرب فوجي برهمڻ آباد ۾ داخل ٿي مندر جي خزاني کي لٽي، اٺوينهن خوبصورت داسين ۽ نوجوانن کي غلام بنائي مال غنيمت طور خليفي کي عراق ۾ موڪلڻ جي لاءِ بحيانيا نالي هڪ ننڍري عرب رياست ڏانهن روانو ڪن ٿا. غلامن ۾ "کهيداس" به شامل آهي. کهيداس هڪ عقلمند سنڌي ڪردار آهي، جيڪو حڪيم ۽ نجومي پڻ آهي. هو پنهنجي حڪمت ۽ هٿ ريکائن جي ڄاڻ وسيلي موت جي ڪنڌيءَ تي پهتل بيمار بادشاهه ۽ هن جي نامزد وليعهد پٽ جو اعتماد حاصل ڪري پاڻ کي غلامي مان آجو ڪرائي ٿو، اهي ڪيس ان شرط تي عرب سپاهين جي پهري هيٺ واپس سنڌ وڃڻ جي اجازت ڏين ٿا ته هو اتان جڙيون ٻوٽيون هٿ ڪري بيمار بادشاهه ۽ نامزد وليعهد جو علاج ڪندو.

راجا ڏاهر جي شڪست کان پوءِ کهيداس اروڙ ۾ پهچي ٿو ته ڪيس لڳي ٿو ته اروڙ ۾ ايڏي اداسي هن پهرين ڪڏهن نه ڏٺي هئي. هن کي اروڙ جي خوشحالي ياد اچي ٿي. جڏهن امن ۽ شانتي هئي. پر هاڻي اروڙ جا ماڻهو هيسيل ۽ پريشان نظر اچن ٿا. کهيداس کي حاتم طائي ۽ ممتاز دمساز جهڙن قصن جي ڪردارن وانگر مختلف آزمائشن مان گذرڻو پئي ٿو. ايستائين جو اڻويهن عورتن کي ٽن شهزادن ۾ ورهائڻ جهڙي منجهائيندڙ مسئلي جو حل ڳولي هارانسي کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو.”

رسول ميمڻ جو ٻيو ناول ”قالو بلا“ (2013ع) آهي. هن خوابناڪ ناول جو ڪردار ”وارث“ تاريخ جي صفحن ۾ پنهنجي مرندڙ زال جي لاءِ شفا ڳوليندو نظر اچي ٿو. موت، حياتي، وڇوڙو، وسوسا ۽ اميدن جا اڻ ڪٽ قافلا آهن. جن جي پويان وارث سرگردان رهي ٿو.

قالو بلا ناول هڪ اهڙي شادي شده جوڙي جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ عرشنا ڪئنسر جي مريض آهي ۽ پنهنجا آخري پساهه ڪٽي رهي آهي. سندس مڙس وارث هر حال ۾ ڪيس بچائڻ چاهي ٿو. هو سندس ٻانهن ۾ هوندي آهي ۽ وارث موت جو ترياق ڳولڻ لاءِ خواب وسيلي دنيا جي انهن هستين سان وڃي ملندو آهي جن ۾ ڏاها، فاتح، اديب، مفڪر، شاعر، ويڙهاڪ، جنگجو ۽ عاشق شامل هوندا آهن. هو انهن سيني تهذيبن جي آڏو پنهنجي زال جي زندگي جي خيرات گهرڻ ويندو آهي پر موت کي ٽارڻ لاءِ ڪنهن وٽ به ڪو نسخو ناهي هوندو. موت آهستي آهستي عرشنا کي پنهنجي چنبن ۾ جڪڙيندو ويندو آهي پر وارث آخر تائين اهو چاهيندو آهي ته ڪيس ڪو نه ڪو اهڙو ماڻهو ملي وڃي جيڪو سندس زال کي بچائي وٺي. حضرت عيسيٰ کان وٺي فيثا غورث، هني بال کان وٺي سڪندر اعظم ۽ رومي تهذيب کان ٿيندو هو سنڌو تهذيب جي ماڻهن وٽ پهچي ٿو پر موت جيڪو اٽر آهي، انهي لاءِ ڪير به سندس مدد نٿو ڪري سگهي. نيٺ سندس عرشنا مري ٿي وڃي.

”نجومي“ (2014ع) رسول ميمڻ جو ٽيون ناول آهي. هي ناول گهڻ رخي بيانيه واري انداز ۾ لکيل آهي. ناول جي مک ڪردار نموني آهي، باقي ٻيا ڪئين راهه ويندڙ پنهنجي قسمت جو حال معلوم ڪندڙ ڪردار آهن. ناول جو

پلاٽ ۽ ان جي larger theme انساني ناآسودگي آهي. جنهن جو بنياد فلسفي تي رکيل آهي. ناول جو هر ڪردار پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي سبب ناخوش ۽ غير مطمئن آهي. نجومي مختلف مسئلن ۾ ڦاٿل دکي ڪردارن کي طوطي طرفان ڪڍي ڏنل لفافن مان سندن قسمن بابت مبهم لفظن جي وضاحت ڪندي آٿت ڏئي ٿو، هر ڪردار ڪيس پنهنجي ڪٿا ٻڌائي ٿو. نجومي پاڻ بہ زندگيءَ ۾ اڪيلو ۽ دکي آهي. هن جو هڪڙو ئي ساٿي آهي طوطو، جيڪو پڻ هن ناول جو هڪ خاموش ڪردار آهي. پڇاڙيءَ ۾ طوطي کي نهوڙي ويترو ڏيک اڪيلو بنائي ڇڏي ٿو.

سندس ناول ”اسٽيل جا پنج گلاس“ 2017ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول لاءِ رسول ميمڻ لکيو تہ ”ناول ”اسٽيل جا پنج گلاس“ جی باري ۾ ايترو چوندس تہ اهو سوانحی يا آتم ڪٿائی ناول نہ آهی پر اهو وسری ويل پراسرار يادن جی ناسٽلجيا (Nostalgia) آهی، ان جا ڪردار فرضی آهن. ٿی سگهی ٿو ياد ۾ رهجی ويل اهڙا ڪردار هجن جيڪی اڏمو ڪائی ٻاهر نڪتا هجن، انهن جو اظهار حقيقت کان پري هڪ اهڙي دنيا آهي جيڪا ناول کي تخليق جو روپ ڏئي ٿي“.(60)

رسول ميمڻ جو ناول ”اک ڇنڀ“ 2019ع ۾ شايع ٿيو. هی ناول انگريز سرڪار جی سنڌ تی قبضی واری دور تی لکيل آهی، ليڪڪ هن افسانوی فڪشن ۾ پنهنجی ذات جا رنگ پرڻ جی ڀرپور ڪوشش ڪئی آهی ۽ تخليقی حوالی سان هی سگهارو ناول آهی، جنهن جا علامتی ڪردار عثمان علی، سوپيا ۽ لزا آهن، جيڪڏهن سنجيدگی سان ڏٺو وڃی عثمان علی سنڌيت جو اهو روح آهی جيڪو هن سڄی ماحول ۾ زخمی ۽ رتوچاڻ ٿی غلام بڻجی ٿو وڃی، سوپيا گم ٿی ويل عثمان علی جی ”محبوبا“ آهی، جنهن کی هی ڪرنل مارٽن جی ڌیءُ لزا جی روپ ۾ ڳولهی هٿ ڪری ٿو، هی ناول سنڌ کي تاريخي وطن هئڻ واري مالڪی نہ ملڻ جی پسمنظر جو هڪ دستاويز آهي.

رسول ميمڻ جو آخری ناول ”ڪتا“ 2022ع ۾ شايع ٿيو آهی. چيو وڃی ٿو تہ ناول ”جديديت پڇاڻان“ سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين مثال آهی. جديديت بعد جي اڪثر تحريرن جيان، هِن ناول جو بيانيو ضمير متڪلم ۾ آهي

۽ سمورو ناول ناول نگار جي لاشعوري جهتن سمتن کي سهيڙڻ ۾ خرچ ٿي وڃي ٿو. ناول "ڪتا" ۾ ڊيڪاريل آهي هڪ ڊاڪٽر جو خاندان آهي. ڊاڪٽر کي ٻه پٽ آهن. ناول جو راوي Narrator ناول نويس پاڻ آهي. ڊاڪٽر ٻڌائي ٿو ته هو پاڻ مَس پنجن سالن جو هو ته گهر ٻاهران هڪ ڪتيءَ جو گلر ڪٽي اچي ٿو. سندس ماءُ کيس گلر کي گهر مان ٻاهر ڪڍڻ جو چَئي ٿي. گلر جي وارن ۾ ٻه جيت آهن ۽ اهو هڪ بيمار گلر آهي، پر هو اُن گلر کي گهر ۾ رکي سندس خدمت ڪري ٿو. جڏهن ته رات جو گلر مري وڃي ٿو. سندس ماءُ کيس اڳ ٻڌايو هو ته جڏهن هو ٻن سالن جو مَس هو، تڏهن به سندن گهر ۾ هڪ ڪتي پاليل هوندي هئي. ماءُ کيس وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته ڪائنات ۾ انسان کان اڳ به ڪتا هئا. هن جي ذهن ۾ سوال اُڀري ٿو ته ڪتا هئا ته پوءِ ماڻهن جي کهڙي ضرورت هئي؟ ماءُ کيس ٻڌائي ٿي ته اُها ڪتي نيٽ گهران ڪڍڻي پئجي وئي، ڇاڪاڻ ته اُها بار بار ڄَم ڪندي هئي ۽ روز روز سندس گلر مرندا هئا. نيٺ تنهنجو ڏاڏو اُها ڪتي ٿَن پيسن ۾ وڪڻي آيو هو. ماءُ کيس ٻڌائي ٿي ته تنهنجي ڏاڏي کي به جوانيءَ ۾ وڏيري جي ڪتي حملو ڪري شديد زخمي ڪري ورتو هو. جنهن ڪان پوءِ ٿنهنجي ڏاڏي کير جو ڪونر ڀَري اُن ڪتي کي ڏنو هو ۽ مٿان کهاڙيءَ سان مٿس حملو ڪري، ڪتي جو مَٿو ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو هو.

## ملڪ آگاڻي (1949_2002ع)

ملڪ آگاڻي جو اصل نالو محمد صفر هو ۽ ڳوٺ آگاڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. ملڪ آگاڻي بهترين ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. آگاڻي جا ناول "نيرولي جو ڪن" (1987ع)، "سچ جا پاڇا" (2005ع) شايع ٿي چڪا آهن، جڏهن ته "بغاوت"، "مون من موهيو"، گمنام سپاهي جي قبر" ۽ "راجا اندر جي دربار" شايع ٿي نه سگهيا آهن. ملڪ ڪافي ٽي وي ناٽڪ به لکيا ۽ سندس ڪهاڻين جو تعداد پنجاهه کان به مٿي آهي. ۽ ان ڪان علاوه هڪ ترجمو" هونات هاري رپورٽ "(ترجمو) به شايع ٿيل آهي.

ملڪ آگاڻي پنهنجي انقلابي خيالن جي ڪري ادبي دنيا ۾ گهڻو مشهور هو. سندس "نيروليءَ جو ڪن" سنڌي ادب جو شاهڪار ناول آهي. هي ناول خاص طور تي سنڌي سماج جي معاشي ۽ اقتصادي مسئلن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو.

هن ناول جي ٻي خاص ڳالهه اها آهي تہ ان ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ جي پيشن گوئي ٿيل آهي. ان پسمنظر ۾ هي ناول اگر ڪنهن يورپي زبان ۾ شايع ٿئي ها تہ شايد انعام حاصل ڪري وٺي ها.

هن ناول ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ "اسان جيڪڏهن اڄ جي سڌريل انقلابن، ڪميونزم ۽ چنگيزي دورن سان ڀيٽ ڪريون تہ آخر ڪهڙو فرق محسوس ٿيندو؟ فرق جي آهي بہ تہ اهو جو ڪجهہ مذهب جي نالي ۾ رت وهيو، اڄ اسٽيٽ جي نالي ۾ ٿا انسان ڪٺا وڃن تہ جنهن سچائي جي اسان کي ضرورت هئي، آهي ۽ جنهن سک شانتي امن سلامتي جي تلاش ۾ انسان صدين کان ڀٽڪيندو رهيو آهي، اها سچائي اشتراڪيت ۾ بہ نہ ٿي ملي. انسان کي شروع کان ڪنهن اهڙي معاشري جي ضرورت رهي آهي، جنهن ۾ آزادي، امن، شانتي، سک ۽ سلامتي هجي."

سندس ٻيو ناول "سچ جا پاچا" 2005ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو تہ "ناول ڇا آهي؟ هڪ دور جي ڪهاڻي آهي وڏيرڪي سازش جي خلاف پنهنجي ڳوٺ کي بچائڻ جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ناول جي هيري "پارس" ۽ سندس ساٿين جي جدوجهد جهڙوڪر ملڪ آڳاٽي ۽ سندس ساٿين جي جدوجهد ۽ سورهيائپ جو داستان آهي. هڪ اهڙو ناول، جنهن جهڙا ناول اڳ اسين "پهاڙون کي بيٽي"، "اور ڊان بهتا رها"، "جب ڌرتي جاگي"، "قافلہ شهيدون ڪا" "دار و رسن ڪي آزمائش" پڙهي انهن ماڻهن جي جدوجهد تي رشڪ ڪرڻ لڳندا هئاسين ۽ سوچيندا هئاسين تہ اسان جي بهادر ساٿين جي سورهيائي ۽ جدوجهد کي الائجي ڪڏهن افسانوي ۽ ناول جي صورت ۾ دنيا اڳيان پيش ڪيو ويندو."

آڳاٽي جي ڳوٺ کي ڪنهن دور ۾ چين جي صوبي "هونان" سان تشبيهہ ڏني ويندي هئي. آڳاٽي هڪ اهڙو ڳوٺ هو جيڪو سنڌ ۾ جدوجهد جي علامت هو. ناول جو اسلوب داستان گوئي وارو آهي. بلڪل اهڙو جهڙو اڪثر لاطيني جو آهي. آڳاٽي صاحب جي ٻولي بابت ڇا چئجي ٻولي تہ ڪو آڳاٽي کان سکي ٻولي جو رس ۽ چس شاندار آهي.

آڳاٽي جا ناول نہ فقط هڪ جديد ناول جو ن سڀ گهرجون پوريون ڪن ٿا، پر سنڌ جي ماضي قريب جي تاريخ جو پسمنظر پڻ آهن ۽ ايندڙ وقت جي محققن

لاءِ سنڌ جي هاڻوڪن سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو صحيح ادراڪ پڻ آهن.

**عنايت حسين رند (1 اپريل 1949ع)**

عنايت حسين رند ولد گل محمد رند جو تعلق ماتلي، ضلعي بدين سان آهي. افسانوي ادب ۾ هن ڪيترين خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. خاص طور تي سنڌي ناول جي سلسلي ۾ سندس ناول ”فراق“ (1990ع) ۽ ”پرڪٽيل پڪي“ (1992ع) وڏي اهميت رکن ٿا.

عنايت حسين رند جو پهريون ناول ”فراق“ موهن جو دڙو پبليڪيشن هائوس لاڙڪاڻو طرفان 1990ع ۾ شايع ٿيو. منجهس رومان سان گڏوگڏ سماجي مسئلن کي تمام خوش اسلوبي سان بيان ڪيو ويو آهي. خاص نقطه ٻهراڙي ۽ شهري ماحول جو ٽڪراءُ آهي. هڪ ٻهراڙي جو مارو ڇوڪرو شهر جي رنگينين ۾ رچي پنهنجي اصل پانڌيئڙن کان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو، پوءِ تضاد آهي ماحول جو، اميري، غريبي ۽ اسٽيٽس جو. ايئن ڪهاڻي پنهنجو رخ اختيار ڪري ٿي جيڪا بعد ۾ تمام نازڪ صورت اختيار ڪري وڃي ٿي ۽ وڇوڙي جا وڏا ويڇا پئجيو وڃن. ناول ۾ محبت به آهي ته مذاق به. سکن جي سيج به آهي ته ڏکن جا ڏاڍا ڏونگر به آهن.

سندس **”پرڪٽيل پکي“** ناول 1992ع ۾ هيپي هوم پبليڪيشن گلشن چوڪ ماتلي طرفان شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي معاشرتي ۽ معاشي حالتن جي پسمنظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ جاگيرداري نظام، نياڻين جي شادي ڪرائڻ بدران، حق بخشرائڻ، ملڪيتن مان حصو نه ڏيڻ وغيره اچي وڃن ٿا.

هڪ هنڌ ناول نگارن ان ڳالهه کي هيئن پيش ڪري ٿو:”بلال خان کي ٽي نياڻيون هيون. وڏي پنجويهه سالن کان مٿي چڙهي ويئي هئي، ٻي نياڻي ٽيويهن سالن کن جي هئي. ڇوڪرين جڏهن کان جواني ۾ پير وڌو ته مائٽن مٽن سڱ گهرڻ شروع ڪيا. اهو روز جو معمول ٿي ويو ته ڪونه ڪو در تي ويٺو هوندو هو. بلال خان تر جو بااثر زميندار هو. اهو برداشت نه ڪري سگهيو ته ٻکين کي پنهنجيون ڏيون ڏيان. جيڪي ماڻهو سندس جيءَ حضوري ۾ هجن. انهن سان سڱا بندي ڪري پنهنجي برابري ۾ آڻيان ۽ سياڻي اهي مون سان گڏ اچي ڪٽ

تي ويهن. انهي سورن کان تنگ اچي ويو هو. ٻيو تہ جيڪڏهن ڪنهن کي ڇوڪريون پرڻائي ڏيئي تہ ظاهر آهي ملڪيت جو بہ حصيدار ٿئي، تنهن کان ڇوڪرين کي هڪ رسم ادا ڪري قرآن بخشائي ڇڏيائين. بس انهي ڏينهن کان پوءِ سندس در تي ڪير بہ لنگهي نہ آيو. ٽين ڇوڪري ڪزبانو جڏهن ويهن ۾ پير پائي ٻاوهين سالن تائين پهتي، تڏهن بہ ڪائنس ڪزبانو جو ڪير بہ سڱ گهرڻ نہ آيو. ڇو تہ سيني کي خبر پئجي ويئي تہ بلال کان سڱ گهرڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ آهن."

مطلب تہ "پرڪتيل پکي" احساس، حسرتن، ارادن، اضطراب ۽ ڏک سک جو هڪ مڪمل رومانوي ناول آهي. هڪ جاگيردار، جيڪو هيرن جو هار ڳچي ۾ وجهي، هن دنيا ۾ جنم وٺي ٿو، پر جڏهن جواني ۾ قدم رکي ٿو تہ پاڻ کي سماج جي سنگهرن ۾ ٻڌل ڏسي، تڙپي اٿي ٿو. هو سماج جي زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ قدم وڌائي ٿو. پڇي وڃڻ گهري ٿو، پر پاڻ کي انهي ڪبوتر مثل محسوس ڪري ٿو، جنهن جا پر ڪتيل آهن.

**محمد انور بلوچ (2 اپريل 1952ع)**

محمد انور بلوچ جو جنم ڳوٺ محمد حسين بليدي ضلعي لاڑڪاڻي ۾ ٿيو. انور بلوچ جا ڪيترائي ناول ۽ افسانوي جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. سندس ناولن ۾ "آڪاش کان اڳتي" (1998ع) ۽"باک ڦٽيءَ جو سوجهرو" ۽ "دوزخ مان دري" شامل آهن.

ناول "آڪاش کان اڳتي" هڪ رومانوي ناول آهي. جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ ليکڪ هڪ تير سان بہ شڪار ڪيا آهن. ليکڪ ناول سان گڏ سفر نامي جو بہ شوق پورو ڪيو آهي. جرمني جي ماحول ۾ ڪردارن ۽ انهن جي چرپر چٽي رومانس سان گڏ ولايت جي سير سفر جو مزو پڻ شامل ڪيو اٿائين. آڪاش کان اڳتي، بظاهر سنڌ ۽ جرمنيءَ جي پس منظر ۾ جنم وٺندڙ هڪ پيار ڪهاڻي آهي، پر حقيقت ۾ سنڌ ۽ جرمني جي وچ ۾، جيڪو فڪري ۽ سفارتي لاڳاپو آهي. هي ناول ان جو چٽو اظهار آهي. هن جو هيرو جميل هڪ سرڪاري آفيسر آهي، جنهن کي وڏيڪ سکيا لاءِ ڏهن مهينن لاءِ جرمني موڪليو وڃي ٿو. پر ان سان گڏ اصل ۾ ناول جو بنيادي مرڪز سڄي سنڌ، اتان جا ماڻهو، اتي جي ثقافت ۽ لطيف

سرڪار آهي.
سندس ناول ”باک ڦٽي جو سوجهرو“ اهڙي هڪ ناسور تي لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌي معاشري جي ڪئي نندين وڏين برائين جي ڇاڻ سان گڏ، ”ڪارو ڪاري“ جهڙي گندي رسم جي خاتمي جي به ڪوشش ڪئي ويئي آ. ڪهاڻي جو مک ڪردار قاسو، مذهبي گهراڻي ۾ ڄمي به مذهب کان لاتعلق آ. چوريون ڌاڙا هن جي خاص ڪرت ۽ جيل ۾ اڌ کان وڌ وهي تائين رهائش رهي. اهو ئي شخص ڏيءُ ڄمڻ تي پنهنجا سڀ ڏنڌا ڇڏي صاف زندگي گذارڻ چاهي ٿو ته عياش وڏيري پاران سندس عزت ۾ هٿ وجهڻ واري اکين ڏٺي عمل تي وري به ڪارين ڪوٺين ۾ بند ٿي وڃي ٿو ۽ سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ارڙهن سال جيل ۾ بند پيو رهندڙ اهو شخص ٻاهر ڇڏي ويل پنهنجي هيڪلي ڌي ”حور“ بابت ڇا سوچيندو هوندو. زال کي ڪارو ڪري جنب ٽيپ ڪاٽيندڙ قاسو جا پنهنجي جوان ڌي بابت ڪهڙا خيال هوندا؟ ڇا هو ٻاهر اچي به ان بابت هر شڪ کان آجو ٿي ويندو. انهن مڙني سوالن جو جواب ۽ سنڌي سماج کي ڏينهون ڏينهن ڪمزور ڪندڙ ”ڪارو ڪاري“ جي رسم جي خاتمي جي ڪوشش طور ”باک ڦٽي جو سوجهرو“ لکيو ويو آهي.

محمد انور بلوچ جو ناول ”دوزخ مان دري“ سچائي اشاعت گهر_دڙو طرفان 2006ع ۾ شايع ٿيو. ناول جي ڪهاڻي مسٽر علي نواز راڄپر جي ڪهاڻي آهي، جيڪو زراعت کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي. ناول جو پسمنظر 1990ع کان 2000ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ بيوروڪريسي جي ڪلورن جي پسمنظر ۾ آهي. ناول پڙهڻ ڪانپوءِ اهو محسوس ٿئي ٿو ته اهو ڪٿائي ناول (Biographical Novel) آهي. ناول ۾ علي نواز کي شريف آفيسر ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ ٻيا راشي آفيسر هن تي ڪوڙو ڪيس ٺاهي ڦاسائي وجهن ٿا.

هن پوري ناول ۾ سنڌ جي ڪاموڪي نظام ۾ ننگيون، دولاب، رشوت خوري، اقربا پروري، استحصال جي بهترين تصوير ڪشي ڪئي ويئي آهي. جنهن ۾ علي نواز جهڙا ماڻهو شڪار ٿين ٿا. سندس ناولن جا موضوع شهري ماحول ۾ به آهن ته ڳوٺاڻي ماحول ۾. انهن ۾ نفرت به آهي ته محبت به. آرام به

آهي ته جستجو به. ناولن جي ٻولي تمام سادي آهي، هرويرو ڊيگهه ڪونهي. ڊاڪٽر نجم عباسي وانگر انهن جو اسلوب به سادو آهي. ناولن ۾ قومي شعور نظرياتي ساڃهه، انقلابي احساس ۽ ڌرتي جي مسئلن جو ڏک سمايل آهي.

**طارق عالم ابڙو (1958_2011ع)**

سنڌي ادب جي نوجوان ٿهي جي هن ڪهاڻيڪار ناول نگار، ڊرامانويس، ڪالم نويس ۽ شاعر جو جنم ضلعي قمبر ائٽ شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو. طارق پنهنجي ڪهاڻين جي شروعات 80 واري ڏهاڪي کان اڳ شروع ڪئي هئي.

طارق عالم جي وڏي ۾ وڏي سڃاڻپ سندس ناول ”رهجي ويل منظر“ آهي جنهن جا هن وقت تائين ڪيترائي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. محترم ولي رام ولڀ ان کي هر دور جو ناول سڏيو آهي. هي سنڌ يونيورسٽي جي ماحول ۾ هڪ رومانوي ناول آهي. هن ناول ۾ سنجها ۽ پنهون جي اڌوري داستان آهي. طارق عالم جي هن ناول جو تاڃي پيٽو سنڌ يونيورسٽي جي ماحول ۾ اڻيل آهي. ناول جي پريم ڪهاڻي کا به معنيٰ نه ٿي رکي. لڳي ٿو اها روئداد ڪٿي به ٿي سگهي ٿي. ڪنهن به ڌرتيءَ تي ٿي سگهي ٿي. ڪهڙي به ماحول جي پسمنظر ۾ ٿي سگهي ٿي.

سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس شروع ٿيڻ کان وٺي ظهير ۽ سنجها جي رومانس تائين ناول کي شله ڪاريگريءَ سان اِڻيو ويو آهي. ليڪ ڪٿي به ٿيڙهه ڪائي ٻئي پاسي ايترو نه هليو ويو آهي، جو مرڪزي لائين غائب ٿيندي محسوس ٿئي، جيتوڻيڪ هي ناول رڳو سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس تائين محدود نه آهي. هن ناول ۾ نصير، ناردمني ٽيلي استار، راحت حسين، صبا، سنجها جي ’ادا‘ پارتي ۽ چٽن وڪٽڻ وارو چوڪرو مرڪزي ڪردارن سان گڏجي ڪئمپس جو هڪ پورو ۽ خاص پهلو پڙهندڙ اڳيان چٽو ڪري ٿا بيهارين. اهي سڀ اهڙا ڪردار آهن، جيڪي ڪئمپس جي ڀرپور نمائندگي ٿا ڪن، منجهن ڪوبه غير معمولي نه آهي ۽ وڏي ڳالهه ته اهي ڪردار پنهنجي تحرڪ سان ڪهاڻيءَ کي مرڪزي نقطي يا مرڪزي لائين تان نه ٿا هٽائين. ايتريقدر جو ناول نويس ڪئمپس مان نڪري ڪراچيءَ ۾ عليءَ جي گهر ٿو اچي ته علي ۽ سندس زال جي جهيڙي ۾ به ڪيس پنهنجو مستقبل نظر ٿو اچي ۽ عليءَ جي گهر کي هو

ناول ۾ ايترو ئي ٿيو آٽي جيترو ان جي ضرورت آهي نہ تہ عليءَ جي ڪردار ۾ ايڏي تہ ڇڪ آهي جو اِهو ڪردار ناول جي مرڪزي  فيوز ڪي وڏي خوشيءَ سان اُڏائي سگهي ٿو.

هن ناول جي وڏي خوبي ليکڪ جي ٽيڪنڪ آهي. طارق ان ۾ فرسٽ پرسن ۽ سيڪنڊ پرسن جو ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو آهي. هن ناول جو هڪ ٽڪرو نموني طور پيش ڪجي ٿو:

”ان زماني ۾ نظر آئي هئينءَ جڏهن شرٽ جا مٿيان بٽڻ بند ڪرڻ سدائين وساري ويهندو هئس. جڏهن مان ’ڪلين شيو‘ هوندو هئس، ۽ جڏهن مون وٽ رڳو ٻہ پينٽس ۽ چار شرٽس هونديون هيون.

توکي تنهنجو ڪلاس فيلو ۽ تنهنجي پيءَ جو اسسٽنٽ، فيڪلٽي گهمائي رهيو هو. هن چيو هو:

’هي پوليٽيڪل سائنس جو ڊپارٽمينٽ اٿئي.‘

تنهنجي آڏو اچي ويو هئس؛ ان مهل مون سان نصير بہ هو. تو ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن نهاريو هو ۽ مون ڪنڌ جهڪائي. تنهنجين سنهين فريمن واري نظر جي عينڪ پٺيان وشال پر اداس نيڻ منهنجي چهري مٿان ’اسٽاپ فريم‘ ٿي ويا هئا. قد ۾ مون کان ڇهہ انچ ننڍي هوندينءَ. تنهنجن ’يو‘ شيپ وارن ۾ ٻي انت ’ڪروز‘ هئا. مون کي ياد آهي تہ توکي سائي رنگ جو پهراڻ پيل هو. جنهن مان تنهنجون ٻانهون ڪلهن تائين ڏنڏليون پئي نظر آيون.

اسان اڳتي هليا ويا هئاسون؛ نصير چيو هو:

’اِها، اُها ئي اٿئي جنهن جو مون توسان ذڪر ڪيو هو. يار ڏاڍي تيز ڇوڪري آهي.‘

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ نصير مون کي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ٻاهرين ڪينٽين جي ٻاهران نظر آيو هو. تون ان مهل ڊپارٽمينٽ جي شاگردن سان گڏ ويٺي هئينءَ ۽ هو سڀ تنهنجي چوڌير ويٺل هئا. نصير سان وڏي وڃي مليو هئس، ڪنول چيو هُيئي:

’سنجها، هن کي ڏسي توکي ڊارون جي ٿيوري تہ ياد نہ ٿي اچي!‘ مون ڏانهن ڏٺو هيئي هڪ ڪن لاءِ ۽ چيو هيئي: ’هِن لاءِ مان ائين نہ چونديس؛ ڇو تہ مان هن

سان فري ناهيان۽ اهي تنهنجا پهريان لفظ هئا مون لاءِ چيل“.[61]

ناول جي ٻي خوبي اها آهي تہ هن ۾ رومانوي جذبن ۽ خواهشن کي ٻي ترتيب يا تصوراتي نموني چٽڻ بدران فطري طرح اپنار ڪيل آهي. اهڙي طرح تمام سٺين تشبيهن وسيلي لفظن جو اظهار ڪيل آهي. مطلب تہ ناول جي ٻولي انتهائي دلڪش آهي. مثال طور ”رڻ منهنجي چپن مان نڪاءَ تي پڙڪو ڏئي اڏامي ويل ڳيري جيئن نڪري وئي پئي.

يا همدردي جا پاچا هن جي چهري تي پگهر جي ڦڙن جيئن جرڪي پيا هئا.“ ناول ۾ سنجها ۽ پنهون جي رومانوي قصي ۾ شاندار منظر نگاري اثرائتا مڪالما آئيڊيل فضا ناول جي جان آهن.

**مٽي:** طارق عالم ابڙي جو ٻيو ناول ”مٽي“ جي پهرين قسط ماهوار ”سنجها“ جي شماري جولاءِ _ آگسٽ 2001ع ۾ شايع ٿي. ناول مڪمل شايع ٿي نہ سگهيو آهي. هن ناول جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي:

”مٽي مهيني جي ڪڇڙي منجهند. گهر جي اڱڻ کي ڪلئي ڪيل ٿالهہ جيئن چمڪائي ڇڏيو هو. ممتاز، وراندي جي سيپ ڪان وڏيڪ استعمال ۾ ايندڙ محراب مان ظاهر ٿي تيزوڪن سان روشن اڱڻ اڪري، ڏاڏيءَ جي گهر ڏانهن غائب ٿي وڃي ٿي. خيام، ٻيرجي ڏار مٿان پاڻس جي ٺاهيل پيهيءَ تي ليٽي محرابن مان نظر ايندڙ وراندي ۾ چتايو. ٿلهن پاون واري قديمي کٽ تان مهرالنساءِ گم هئي. سندس ڪجهہ ٽاڪيل ڪجهہ اڻ ٽاڪيل پڙيون، کٽ جي واڻ تي ابتيون پيون هيون. واڻ جا ٽي حصا ڪاري ترَ سان اڃي تڪ ٽڪيل پڙين هيٺان غائب هئا.“

## محمود مغل (27 نومبر 1961ع)

ڊاڪٽر محمود الحسن مغل جو جنم سيوهڻ شريف ۾ ٿيو. هو سنڌي نوجوان اديبن مان آهي. جن ٿوري عرصي ۾ ڪمپيئر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ڊرامانويس طور پنهنجو نالو ڪڍيو آهي. محمود مغل لکڻ جي شروعات ڪهاڻين سان ڪئي. ڇپيل ڪتابن ۾ ”ڪوهيڙن ۾ ويڙهيل يادون“ (ڪهاڻيون) ”توسنگ توبن ڏينهڙا“ (ڪهاڻيون)، ”محمود مغل جون ڪهاڻيون“، ”هٿ ريڪائن ڪان خالي“ (ناول)، ”سرءُ“ (ناول) ۽ ”اسين جيئرا آهيون“ (ترجمو ناول) شامل آهن.

محمود مغل جا ناول رومانوي ۽ معاشرتي مسئلن تي ڏاڍي خوبصورتي سان لکيل آهن. هن جي لکڻين ۾ هڪ خوبي اها بہ آهي تہ اهي اسان جي پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون. سندس لکڻيون فن ۽ فڪر جو حسين سنگم آهن.

سندس ناول ”هٿ ريکائن کان خالي“ ناري پبليڪيشن حيدرآباد طرفان 1991ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ رومانوي ناول آهي. هن ناول جي ڪهاڻي ”هادي“ جيڪو مرڪزي ڪردار آهي، ان جو احساس محرومين سان شروع ٿئي ٿو. هڪ تہ هو سيني کان ننڍو آهي، ۽ ٻيو تہ گهر جو ڪو بہ ڀاتي هن کي ڀانئي ڪونہ ٿو. ان ڪري هو هميشہ احساس ڪمتريءَ جو شڪار رهي ٿو. هن جو خيال هو تہ هن جا هٿ قسمت جي لڪيرن کان خالي آهن. ناول جي هيروئن جو گهر ٽنڊو ڄام آهي، جنهن جو نالو ڪٺڻ ڪانسواءِ هادي سندس ڪهاڻي ٻڌائيندو رهي ٿو. ناول ۾ ننڍا ننڍا واقعا، اتفاق، ننڍا ننڍا پروگرام ، ننڍا ننڍا ڊائلاگ، ننڍيون احساس محروميون، ننڍيون ننڍيون يادون، ٺوڪون، نفرتون، محبتون وغيره هن ناول جو حصو آهن. ناول جي پڇاڙي شاندار آهي، هادي، جيڪو سڄي عمر احساس محرومين جو شڪار هو ۽ چوندو هو ”منهنجا هٿ ريکائن کان بلڪل خالي آهن، اهو چوي ٿو تہ ”سڄو مقدر جيڪو اڳ لکيل ڊهي چڪو آ. ائين سمجهہ تہ مان ڪٽي هٿ ڪپرائي چڪو آن.“

سندس زندگي ۾ ڪنهن محبت جا رنگ ڀري ڇڏيا. هوءَ ڪيس چوي ٿي تہ ”هي هٿ خالي آهن تہ مان انهن تي ريکائون لکندم ۽ جي نہ لکي سگهيم تہ پنهنجا هٿ ڪپرائي، توهان کي هٿائي ڇڏيندم.

هن ناول جي سڀ کان اهم خوبي سادي ۽ رومانوي ٻولي آهي، ننڍا ننڍا ڊائلاگ رومانوي ماحول جي ٽيڪنڪ ۾ آهن، جنهن ۾ هڪ ڪردار پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. سندس ”محبتن جا ٻہ ناوليٽ“ (سرءُ ۽ هٿ ريکائن کان خالي) 2015ع ۾ شايع ٿيو. ٻئي ناوليٽ سندس اسٽوڊنٽس لائيف جا رومانوي موضوع تي آهن.

سندس ”اسين جيئرا آهيون“ ناول مشهور انگريزي ناول نگار پيئر پال ريڊ جي مشهور ڪتاب Alive جو ترجمو ڪيو. جيڪو 1992ع ۾ ناري پبليڪشن

حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هيءَ حياتيءَ لاءِ جاکوڙ جي ڪهاڻي آهي. 10 آڪٽوبر 1972ع تي يورا گوئي جا ڪجهه رانديگر، چليءَ ڏانهن راند کيڏڻ لاءِ هوائي جهاز وسيلي اڏاڻا. پر سندن جهاز کي حادثو پيش آيو. حادثي ۾ ڪجهه مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا. باقي بچيلن، جياپي لاءِ مدد ملڻ جي آسري تي جيئڻ جي ڪوشش شروع ڪئي ۽ آخرڪار مايوس ٿي ڪجهه همراهن دنيا جي خطرناڪ ترين رستي کي لتاڙي انساني وستيءَ تائين ورڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪامياب ٿيا. ٻه مهينا ٻارهن ڏينهن برف ۾ گذارڻ کان پوءِ هو نيٺ ماڻهن وٽ واپس وري ويا. سندس هڪ ٻيو ترجمو ٿيل ناول "زندگي محسوس ڪيو" 2017ع ۾ شايع ٿيل آهي. ان کان علاوه ناول "محبتن جو شهر ٻڙي ميل" 2017ع ۾ ۽ "زيب النساءِ" 2016ع ۾ شايع ٿيل آهن.

**اڪبر سومرو (25 جنوري 1959ع)**

اڪبر سومرو ولد عبدالڪريم سومرو جو جنم ٽنڊو الهيار ۾ ٿيو. پاڻ سٺو ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ڪالم نگار آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "ڊائري جا پنا" (1981ع) "من جي هن پار"، "ڇهرا ڇهرا شهر"، "ڪيسو ڦل" (1990ع شاعري) ۽ "شهر جي ڳالهه" (ناول 1996ع) شامل آهن.

ناول "شهر جي ڳالهه" جو مرڪزي ڪردار علي آهي جيڪو سنڌ جي زميندار ۽ تاريخي پسمنظر رکندڙ خاندان سان واسطو رکي ٿو. هن جي ڏاڏي انگريزن کان انعام ۾ مليل زمين اهو چئي وٺڻ کان انڪار ڪئي هئي. "مون وٽ اڳي ئي خدا جي طرفان ڏنل زمين گهڻي آهي." ورهاڱي کانپوءِ هن خاندان تي ٻه زوال آيو. ان خاندان جو علي سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪري اسلام آباد نوڪري جي سلسلي ۾ ويو. جتي هڪ صحافي ڇوڪري ڪلديپ سان گهرائپ ٿئي ٿي. جنهن سان هو لاڳاپا رکڻ چاهي ٿو پر هوءَ انڪار ڪري ٿي. نتيجي ۾ هو هڪ پنجابڻ ڇوڪري سان تعلقات رکي ٿو.

ناول هڪ طرف هڪ ڪردار جي ذهني فرسٽريشن جي عڪاسي ڪري ٿو ته ٻئي طرف سياسي حالتن تي ٻه ڀرپور روشني وجهي ٿو. هن ناول ۾ جاندار ڪردار ۽ شاندار ڊائلاگ ڏنل آهن.

اڪبر سومري جو هڪ ناوليٽ "ڪماچ" ماهوار امرتا ۾ قسطوار شايع ٿيو ۽ بعد ۾

ڪتابي صورت ۾ آيو. ڪراچي ۾ روز باهه ٻريل هوندي هئي. عماد، ربيعا، مونا، انس، روميسا ۽ زارا جي ڪهاڻين سان ڀرپور هي ناول نه فقط ڪراچي جي صورتحال کي پيش ڪري ٿو پر اتان جي ماڻهن جي نفسياتي پهلوئن ۽ انهن جي سيڪس لائيف کي به بهتر انداز سان پيش ڪري ٿو.

## اخلاق انصاري (24 اپريل 1957ع)

اخلاق انصاري جو جنم سنڌ جي ناميارى ڪهاڻيڪار انيس انصاري جي گهر ۾ ٿيو. سندس شمار سنڌي ڪهاڻيڪارن جي اهڙي صف ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ موضوع توڙي ٽيڪنڪ جي لحاظ کان ڪامياب تجربا ڪيا آهن. هن خود ڪلامي، فينٽيسي، "سريئلزم" ۽ وجودي فڪر جي لاڙن مطابق ڪهاڻيون سرجيون آهن. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ "رڃ ۽ رابيل" (1976ع) ۽ "مان ڪائنات آهيان" (2003ع) ۽ جڏهن ته ناولن ۾ "اڏوهي" (2006ع) شامل آهن.

"اڏوهي" هڪ علامتي طور استعمال ٿيل آهي. اڏوهي جو مطلب اهو آهي ته اندر ئي اندر سرو لڳڻ يا ڪوڪلو ٿيڻ. "اڏوهي" جي مرڪزي ڪردار جي ڀوڳنائن جو ناول آهي. ناول جي مرڪزي ڪردار جيڪو استاد آهي، هن جون نندڙون هڪ ويهن هزارن جي چيڪ جي ڪري حرام آهن. هو نهايت باضمير شخص آهي. چيڪ سرڪاري پيسن جو آهي. هو اسان جي سماج جو ڄاتل سڃاتل "وائيٽ ڪالر" شخص آهي. ناول اسان جي وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ سماج سان آهي.

اهڙي طرح ناول جي ٻئي پلاٽ ۾ هو اٿندي ويهندي، هلندي گهمندي، ڪائيندي پيئندي، ڪيس پنهنجو گناهه اندر ئي اندر ۾ ڪائيندو رهي ٿو، ناول جي صفحي 26 تي، هن ڪردار جي ڪيفيت ڪجهه هن طرح بيان ڪئي آهي: "هن کي سڀ ڪجهه بڪواس لڳو. جيڪو ڪجهه ڳالهايائين، اها بڪواس هئي . . . اڳهاڙي ماڻهوءَ کان اڄ جي تهذيب تائين جي سفر ۾ . . . رڙين ۽ اشارن کان اڄ جي وڻندڙ ٻولين تائين . . . غارن کان، گهرن ۾ رهڻ تائين . . . ڪجهه به تبديل نه ٿيو آهي. . . بس جيئن جو تيئن آهي. . . غارن ۾ رهندڙ ماڻهن جيئن اگهاڙو. . . رڙيون ٿو ڪري، ٻولين هوندي ڪير به ڪنهن کي سمجهي نٿو. . . ساڳيو خوف جو عذاب آهي . . . ۽ ساڳي اڪيلائپ . . . هن جيڪا يخي هنئي، زندگي هن

ڪي يخي لڳي. . . معنيٰ رڳو انهن نڪتل اکين ڪي هئي، جن خواب پيدا پئي ڪيو. . . .“ (62)

ناول جي ڪردار جي ان روش سان هن جي سموري حياتي، سموري جستجو، رشتن جو بوجهه هڪ واحد گهڙيءَ ۾ تبديل ٿيندو نظر اچي ٿو ۽ زندگي، پيار ۽ رشتن جي ڪوڪلائپ چٽيءَ ريت پڌري ٿي پوي ٿي.

## اسحاق انصاري (4 مارچ 1960)

ڊاڪٽر اسحاق انصاري ولد انيس انصاري جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. اسحاق انصاري گهر ۾ ئي ادبي ماحول هجڻ ڪري ننڍي هوندي ئي لکڻ شروع ڪيو. هن ڪهاڻين سان گڏوگڏ ڊراما ۽ ناول به لکيا آهن. سندس ڪتابن ۾ ”خالي بئنچ“ (ناول، 2009ع)، ”انيس انصاري فن ۽ شخصيت“ 2008ع، ”پرين هن پيار جا“ (سفرنامو) شايع ٿيل آهن.

سندس ناول ”خالي بئنچ“، طارق عالم جي ناول ”رهجي ويل منظر“ کان متاثر ٿي لکيل لڳي ٿو. پر اسحاق جو پنهنجو اسلوب آهي. هي ”شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پسمنظر ۾ رومانوي ناول آهي. بقول تاج بلوچ جي ”طارق ۽ ايرٽ سيگل (آمريڪي رومانوي ناول نگار) جي جملن جيان، اسحاق به اعليٰ هنر مندي جو انتهائي سادگي سان مظاهرو ڪيو آهي. ”خالي بئنچ“ ۾ رومانوي ۽ احساسي جذبن جي شدت جي احساس کانسواءِ مختلف معاشي ۽ سماجي مسئلن کی به پيش ڪيو ويو آهی.

سندس ناول ”پيار درياهه“چيڪوسلاواڪيا جی پسمنظر ۾ لکيل هیءُ ناول، مشرف ۽ مغرب جی تهذيبی ارتقا بابت گهٽو ڪجهه ٻڌائی وجی ٿو. ساڳئی وقت مشرق جی ماڻهن وٽ جڙيل مفروضا به زخمی ڪري ٿو. يورپی ماڻهوءَ بابت اسان جا رويا هن ناول پڙهڻ کان پوءِ پاڻ ۾ گهڻی تبديلی محسوس ڪن ٿا. خاص طور يورپی چوڪری/ عورت بابت. هن ناول جی مرڪزی ڪردار طور آيل چوڪري، عائده اهڙي روئی جی نمائندگي ڪندڙ آهي، جيڪو جسم ۽ روح جي وچ ۾ هڪ لڪير ٿی ظاهر ٿيندو آهی.

هن ناول جی دائري ۾ آيل ڪردار الڳ ملڪن جی روين جی نمائندگی ڪندڙ آهن ۽ انهن روين جي مشاهدي طور ناول جي مرڪزي ڪردار آيان (اسحاق) ٻين

سيني ڪردارن سان روشناسي ڪرائي آهي، جيڪي سڀ ڪردار الڳ الڳ ٻولين، مزاجن ۽ ملڪن سان واسطو رکن ٿا. خاص طور سلمہ. عائده ۽ اجا بہ خاص طور هڪ ننڍڙي اسٽيشن تي ٽڪيٽ ڏيندڙ ڇوڪري سويتلانا، جنهن هڪ اجنبي کي اسٽيشن تي رات رهائي آهي، سيڪس کان وٺي سماج جي هر مسئلي تي ڳالهايو آهي، وائين پيتي آهي ۽ مهمان کي ايترو متاثر ڪيو آهي جو هو اتان جي رواج جي ابتڙ، سندس پير چهي ٿو ۽ هوءَ سندس مٿي تي هڪ روشن چمي ڏئي ٿي. جيڪا ان ڪردار کي اڄ بہ ياد آهي.

## ج. ع. منگهاڻي

ج. ع . منگهاڻي جو پورو نالو جنت خاتون آهي. سندس جنم ڪراچي ۾ ٿيو. سترواري ڏهاڪي کان ادبي دنيا سان وابستہ آهي. هوءَ شاعره، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ محقق طور پاڻ مڃرائي چڪي آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن, "رڃ" (ناول 2007ع) شامل آهن. سندس ناول "ڪڙي منجهہ حساب" روزنہ هلال پاڪستان ۾ 1982ع ۾ قسطوار پڻ شايع ٿيو.

ناول "**رڃ**" شاهہ لطيف جي بيتن جي ڇانو ۾ لکيل آهي هر مسئلي هر موقعي کي ڀٽائي جي بيتن جي هنج ۾ ڪري محبت ڀري ڪهاڻي لکي وئي آهي. جاني ۽ طارق جي محبت جي منفرد ڪهاڻي آهي. شادي ٿي هنڌ ٿيڻ جي باوجود ٻئي روحاني محبت ۾ يقين رکن ٿا. ناول تي تبصرو ڪندي محترم تاج بلوچ لکيو آهي تہ " ناول جو سمورو تاڃي پيٽو سندس ذات ۽ ٻڌيمانيءَ جو جوهر ۽ ڀٽائي جي شاعري جي آميزش سان نيڻ ڏسائڻ جا منظر پسائي ٿو. "رڃ" سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدن تي جنم وٺندڙ هڪ سچي پريم ڪهاڻي آهي. جنهن جا ڪي مکيہ ڪردار اڃا بہ حال حيات آهن. منگهاڻي ڪمال ڪاريگريءَ سان هڪ واقعي کي پنهنجي اميجري ۽ لفظيات جي سونهن بخشي، ميدانن ۽ جبلن ۾ پٽڪندڙ پريم ڪهاڻي کي ڪاغذ تي پلٽائي ڇڏيو آهي ".(63)

## سليم چنا (8 اپريل 1954ع)

محمد سليم چنا ولد نجم الدين چنا پاٽائي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. سندس ڪهاڻين جا مجموعا بہ شايع ٿيل آهن .جڏهن تہ ناولن "سحر" (2007ع)، "برسات" (2008ع)، "خوابن ۽

خيالن ۾ گم تيل ماڻهو" (2009ع) ۽ "ڪيت خواب جهڙا" (2009ع) شامل آهن.

سليم چنا هڪ جاکوڙي اديب آهي، جنهن مسلسل لکيو آهي، ڪهاڻين ۽ ناولن جي دنيا ۾ هڪ مقام حاصل ڪيو آهي. سندس افسانوي انداز وڻندڙ ۽ دلڪش آهي. نه صرف ايترو، حيدرآباد ۾ هر ادب جي محفل، پروگرام ۾ هن يگاني اديب جو ڪونه ڪو حصو ضرور هوندو آهي. هن جي ناولن ۾ سچا ڪردار جيئرا جاڳندا ۽ چرپر ڪندي نظر ايندا آهن. ان کان علاوه هن جا ناول آتم ڪٿا ئي هوندا آهن. جنهن ۾ هو همعصر سياسي، سماجي حالتن کان علاوه تاريخي پسمنظر کي ناول جو موضوع بڻائيندو آهي.

سليم چنا جو ناوليٽ "سحر" سليم چنا اشاعت گهر حيدرآباد طرفان 2007ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ ٻه مکيه ڪردار آهن، هڪ ليکڪ ۽ ٻيو سحر. ناول جو رومانيت ڏانهن رويو ڀٽائي جي شعر يعني "ڳوليان ڳوليان م لهان" وارو آهي. ناول تي تبصرو ڪندي حفيظ ڪنير لکيو آهي ته "هن ناول کي پڙهندي لڳي ٿو ته ليکڪ ان شهر ۾ وڃائجي ويل ٻار آهي، جنهن کي پنهنجي گهر جو پتو ٻڌائڻ به نٿو اچي. هن وٽ عڪس، البم، فوٽوز Painting فارسي، سنڌي، انگريزي ۽ اردو شعر يعني "چند تصويرن بنام چند حسينون ڪي خط" آهن، جنهن تي هن ناول جي هيڏي ماڙي کڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن جي ساروڻين جون اهي گليون، گهٽيون آهن، جن ۾ هو ڊوڙندي پويان ڏسندي، روئيندي، سڏ ڪندي نظر اچي ٿو. سحر جي تلاش ۾ هلندڙ سدائين هلندڙ سليم کي سحر ته ڳوڙهن جي روپ ۾ ملي ٿي پر هن جي اندر جي Heart boxes ۾ اميد رهجي ٿي وڃي ۽ حقيقت ۾ اها اميد آهي جيڪا سحر سان ملي، فنا ٿيڻ کانپوءِ لازواليت ڏي وڃي ٿي". (64)

سندس ناوليٽ "برسات" 2008ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ به رومانٽڪ آهي ۽ سڄي ناوليٽ ۾ يادون آهن. سوچون آهن ۽ اهي سڀ يادون خوبصورت تشبيهن سان اٽيل آهن. هن ناوليٽ ۾ عنوان جي لحاظ کان برسات کي فوڪس ڪيو ويو آهي. هن ۾ بيان ڪيل قصا به برساتي موسم جا آهن. پورو ناول بياني انداز ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ ۽ هن جي دوستن جا ويچار محبت لاءِ ويچار، ليکڪ

جون احساس محروميون ڏنل آهن. مطلب تہ برساتي موسم ۽ يادن جو بهترين سنگم ڏيکاريو ويو آهي. ناول لاءِ حيات علي شاهہ بخاريءَ لکيو آهي تہ ”سليم چنا پنهنجي ناول ”برسات“ ۾ مينهوڳي واري مند ۾ دوستن سان گڏجي ڄامشوري وڃي ٿو، ڄڻ هو هن ڦهرجي موسم ۾ اندر ۾ اٿل پٿل ڪندڙيادگيرين کان فرار ٿئي ٿو. ڄامشوري جي خوبصورتي ۽ اتي موجود سونهن ۾ گم ٿيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو، ڇو جوهر هر ڪيس سندس ماضي پاڻ ڏي ڇڪي ڏڪارو ڪري ٿو، سليم چنا جي ماضي ۽ حال سان اها ويڙهہ سڄي ناول ۾ موجود آهي، سليم چنا تمام وڏي همت سان ماضيءَ مان پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر سندن ماضي سندس جند نٿي ڇڏي. ڪڏهن معصوم تہ ڪڏهن تسليم جون يادون ور ور ڪري سندس وجود کي وڪوڙي وڃن ٿيون ۽ سليم چنا جون اکيون برسات جي ڦڙن جي بهاني بہ ٽي لڙڪ ڳاڙي ويهن ٿيون.

سندس ”خوابن ۽ خيالن ۾ گم ٿيل ماڻهو“ جيون ڪٿائي ۽ تاريخي ناول سليم چنا اشاعت گهر قاسم آباد حيدرآباد طرفان 2009ع ۾ شايع ٿيو. سليم چنا جو لکيل هي ناول اصل ۾ خواب جي ڪٿا آهي جنهن ۾ هڪ حساس ماڻهو ليکڪ جي روپ ۾ پوري ناول ۾ گهمي ٿو.

مثال طور سندس ناول جون هي سٽون پڙهي ڏسو ”سرسبز زمين غير آباد ٿي وئي، هنن جي گهوڙن جي سنبن ايترا تہ زخمي ۽ مئل انسان جنگ جي ميدان ۾ ڇيري ڦاڙي لتاڙيا ۽ ماريا جيترا ڳجهن ۽ جهنگلي درندن بہ نہ ڇيريا ڦاڙيا ۽ ماريا. پوءِ بہ تاريخ جو درٻاري مؤرخ انهن لاءِ انقلاب لکي ٿو، اليگزينڊر دي گريٽ، پيٽر دي گريٽ، اشوڪ اعظم، خان اعظم، قيصر، فرعون، قبلائي خان، فاتح اعظم، شيردل رچرڊ، صلاح الدين ايوبي، امير تيمورلنگ، گورڪان، حضرت صاحبقران يا صاحبقرني جا لقب بابر بادشاهہ ۽ همايون خان جا لقب، فردوس مڪاني، جنت مڪاني، بادشاهہ بابام، محمود غزنوي بت شڪن، مغل اعظم، اڪبر اعظم، ظل الاهي، ظل سبحاني، فاتح سنڌ محمد بن قاسم، نادر شاهہ، مدد خان، نيپولين بونا پارٽ، زارروس،، هٽلر، ميسوليني، ٽرومين ۽ چرچل، ڊيگال ۽ ٻيا ڪيترائي جنرل ڪرنل ۽ فيلڊ مارشل. . . “

سليم چنا بہ پنهنجي هن ناول ”گم ٿيل ماڻهو“ ۾ هڪ نئون تجربو ڪرڻ

جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ ناول جو مک ڪردار (سليم چنا) موجوده زندگيءَ ۾ جيئندي تاريخ جي ڪن ۾ گهڙي ماضيءَ جي انيڪ اهم جنگي واقعن ۾ پاڻ کي موجود محسوس ڪندي، انهن واقعن تي پنهنجو رد عمل ظاهر ڪندو ٿو وڃي."

سندس ناول "ڪيت جهڙا خواب"سليم چنا اشاعت گهر، حيدرآباد طرفان 2009ع ۾ شايع ٿيو، هي ناول 1997ع ۾ لکيو ويو هو. جيڪو "سنڌ رنگ" ڊائجيسٽ ۾ 1999ع ۾ پڻ قسطوار شايع ٿيو هو. هي سليم چنا جو آتم ڪٿائي ناول آهي، جنهن ۾ ٻه بياني طريقو استعمال ڪيو ويو آهي. ناول ۾ شاندار منظرنگاري ڪيل آهي، ناول نگار ناول جي فني حيثيت لاءِ لکي ٿو ته "پر ڇا هي ناول آهي؟ طويل ڪهاڻي آهي؟ ڊائري جو حصو آهي؟ يا منهنجي خيالن جو خاڪو آهي يا ڪجهه به ناهي؟ يا ڊائري نما ناول آهي؟ ها هي منهنجي خواهشن، خوابن، خيالن جو هڪ حصو آهي". (65)

درحقيقت هي ناول ڊائري نما ناول آهي، جيڪو زراعت جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ استعمال ٿيندڙ دوائن جي نقصانن کان شروع ٿئي ٿو، پوءِ سياست، ادب، سماج، محبت، آزمائشن کان ٿيندو جاسوسي طريقن ۽ ليڪ جي پوڄنائن تائين پهچي ٿو. ناول نگار ذاتي حيثيت ۾ پنهنجو پنهنجي دوستن ۽ پنهنجي يادن جو ذڪر ڪري ٿو.

مجموعي طور تي سليم چنا جا ناول آتم ڪٿائي آهن. ناولن ۾ اڪثر هيري کي "هو" يعني Third form ۾ لکي ٿو. ڪٿي ڪٿي وري "مان" يعني First form ۾ لکي ٿو ۽ ڪٿي وري پنهنجو نالو سليم چنا به لکي ٿو. هن جي ناولن ۾ هيري جي پنهنجي ڪردار کان علاوه ٻيا ڪردار انتهائي ڪمزور محسوس ٿين ٿا. ان جي برعڪس هو سٺا منظر چٽي ٿو، آسان ٻولي استعمال ڪري ٿو.

**منصور ٿلهو(15 جنوري 1959ع)**

منصور ٿلهي جو جنم نصير آباد، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هو هڪ سٺو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس آهي. سندس شاعري ۽ ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ناول تي پي- ايچ- ڊي جي سلسلي ۾ تحقيق به ڪئي

اٿائين.
منصور جو ناول ”جيون ليکا“ 2005ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول سنڌ جي شهري ۽ ٻهراڙي جي سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلن جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. هڪ طرف ڳوٺن ۾ بدامني ۽ ڌاڙيلن جا آزار ٻئي طرف بي روزگاري ۽ زميندارن جو استحصال عام ٻڌيل آهي. ٻئي طرف وري شهرن ۾ دهشتگري ۽ غنڊن هٿان عام ماڻهوءَ جي زندگي بليڪ ميل ٿي پئي آهي. هن ناول ۾ سراج ۽ ثريا مرڪزي ڪردار آهن. سراج ٻهراڙي جي هيٺين طبقي سان تعلق رکندڙ آهي ۽ ثريا وچولي طبقي جي نوڪري پيشه عورت آهي. سو ٻئي پنهنجي پنهنجي محنت، محبت ۽ سڃاڻپ جي تلاش ۾ آهن.
منصور ٿلهي جو ناول ”متي ۽ مهاڻا“ سنڌ ساحل، ڪارو ڇاڻ پبليڪيشن طرفان 2009ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ٺٽي ضلعي ۾ قديم زماني کان آباد ملاح قوم جي ڏنڌي، اٿڻي ويهڻي، زندگي، سخت محنت واري ماحول وغيره کي شاندار نموني پيش ڪيو آهي. هي ناول ٺٽي ضلعي جي ڪاري ڇاڻ ۽ سامونڊي ڪناري جي پسمنظر ۾ آهي.
ناول جو هيرو سارنگ، ڪارو ڇاڻ، ڪيٽي بندر، جاتي وغيره جي عروج واري زماني جا قصا، 1999ع واري سامونڊي طوفان جون ڳالهيون ٻڌي، اهي ماڳ مڪان ڏسي، انهن سيني ڳالهين کي هن ناول ۾ درج ڪيو آهي. ناول جي هيروئن متي کان ويندي حليمان ڇپري تائين سڀ ڪردار دلچسپ آهن.
مهاڻن جي زندگيءَ بابت ناول نگار لکي ٿو ته: ”موت ۽ زندگيءَ جي ٻٽي راند ۾ مهاڻا صدين جي ٺهءَ ڪيل سفر سان گڏوگڏ هلندا اچن پيا. پر اڄ جڏهن دنيا جديد کان جديد سهولتون ماڻيندي ٿي رهي، پر ساحلي پٽيءَ جي مهاڻن کي ته جديد دنيا جي ڪابه خبر ڪانهي. نه سک نه آرام“.[66]

## ممتاز بخاري (1 اپريل 1968ع)

ممتاز بخاري ولد جلال الدين شاهه جو جنم ڳوٺ جهانپور شريف، ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ٿيو. بطور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نويس، ڪالم نگار، صحافي ۽ مترجم طور پنهنجي حيثيت مڃرائي چڪو آهي. سندس ناولن ۾ ’ڪن پل جو ڇانورو‘ (1997ع)، ) ’سوفيءَ جي دنيا‘ (جوسٽين گارڊر جي ڪتاب جو

ترجمو)، ”چور ۽ ڪتا“ ( نجيب محفوظ جي ناول جو ترجمو، 2012ع)، ”ڪلاس فور جي محبوبا“ (2013ع) شامل آهن.
’ڪن پل جو ڇانورو‘، هڪ رومانوي ناول آهي، جڏهن ته ڪلاس فور جي محبوبا ۾ ناول جا ڪردار ريلوي جا ملازم ۽ انهن جا گهر ڀاتي آهن، جڏهن ته ناول جو مک ڪردار ريلوي ملازم رحيمداد جي ڌيءَ شبانه آهي، جيڪا پنهنجي ماءُ جي مرڻ کان پوءِ ملول ۽ ويڳاڻي ٿي پئي ٿي. هوءَ جيئن سامائجي جوان ٿئي ٿي ته هڪ ڏينهن پاڙيسري جميل سان اکيون چار ڪري ٿي وهي ۽ هن کي اندر جي سمورين سچائين سان چاهڻ لڳي ٿي، پر جميل هن کي مايوس ڪري هن جي زندگيءَ کان هميشه لاءِ تمام ڏور ٿي وڃي ٿو ۽ ويٽنگ ۾ ويٺل سهيل هن کي پنهنجي پيار جو يقين ڏياري، هڪ ڏينهن هن سان ڏوکو ڪري وهي ٿو. ٻئي طرف شبانه جو پيءُ رحيمداد جيڪو عزت ۽ احساسن کان بنه عاري آهي ۽ پاڙي جي موالين سان گڏ شراب واپرائيندو ٿو رهي، سو ڌيءَ کي بدفعلي ڪرڻ لاءِ اتساهيندو ٿو رهي، ۽ شبانه نه چاهيندي به مجبور ٿي اهڙو عمل ڪرڻ لڳي ٿي.

**انور ابڙو (پهرين جنوري 1965ع)**

انور ابڙو ڳوٺ لالي جاياڻ، تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻو ۾ پيدا ٿيو. هن وقت سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي ۾ آفيسر آهي. سندس ڪيترين ئي تصنيفون مختلف ادبي رسالن ۾ شايع ٿينديون رهن ٿيون ۽ سندس ڪتاب به شايع ٿيل آهن. هن ڪيترائي ناول به لکيا آهن. انور ابڙي جا ٻارن لاءِ لکيل ٻه ناوليٽ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پهريون ”پڳل رانديڪو“ 2008ع ۾ ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي پاران شايع ٿيو. هي هڪ آٽوبايوگرافيڪل ناوليٽ آهي، جنهن ۾ ملهار جي روپ ۾ ”پڳل رانديڪو“ وارو ڪردار اصل ۾ انور ابڙو محسوس ٿئي ٿو. جڏهن ته سندس ٻيو ناوليٽ ”ننڍڙو چنڊ“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2018ع شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جا عڪس ملن ٿا، جيڪي هڪ پيءَ ۽ پٽ جي وچ ۾ علامتي طور به محسوس ڪري سگهجن ٿا.
”هڪ مهمان ڇوڪري“ سمورو ناول بظاهر ته انا ميڪا ۽ سوڊي جي ڪهاڻي تي اڏيل آهي پر حقيقت ۾ هي درد جو داستان آهي جيڪو ماڻهو کي پاڻ کي ئي

ٻڌائڻ ۾ مڪتي ملي ٿي. سوڊو هن ناول جو مک مرڪزي ڪردار آهي جيڪو زندگي ۾ هڪ دفعو پهرين هڪ ڇوڪريءَ چندرا جي پيار ۾ دوکو کائڻ بعد رانگ نمبر ذريعي انااميڪا سان ملي ٿو جيڪا اصل ۾ حيدرآباد جي آهي پر تعليم جي سلسلي ۾ ڪينيڊا ۾ رهي ٿي. اهڙي ريت دوکي جو ڏک ڪائي ڦٽڪندڙ سوڊي کي انااميڪا جي زندگي ۾ داخل ٿيڻ ڪجهه قرار ته مهيا ڪري ٿو پر وري اڳتي هلي رڳو هڪ ملاقات بعد اها به سندس زندگيءَ مان هلي ٿي وڃي ۽ بي معنويت جو مفهوم ذهن ۾ چنتو ٿئي ٿو. ۽ ماڻهو سڄي عمر هن دنيا ۾ جڻ ته پاڻ کي زندگي گذاريندي نه پر ڪنهن چيڪلي تي ڦرندي محسوس ڪري ٿو.هي ناول رڳو رومانوي ناول ناهي پر هن ۾ سنڌ، پاڪستان ۽ پوري دنيا جي مسئلن تي ته ناول جي گهرج آهر بحث مباحثو ڪيو ويو آهي، مثال جي طور تي سنڌ ۾ هڪ معصوم نينگريءَ سان ريپ بابت سوڊو انااميڪا کي هڪ اي ميل ۾ تفصيلي معلومات ڏئي ٿو جنهن جي وراڻيءَ ۾ هوءَ سنڌ ۾ ٿيندڙ ريپ جي واقعن تي پريشان ٿيندي ڪيس جواب ۾ لکي ٿي ته هتي ڪنهن سان ڏاڍائي ٿيندي آهي ته انصاف ملي ويندو آهي پر اسان جي ملڪ ۾ ائين نه ٿي رهيو آهي ۽ هو ڪيس لکي ٿي ته ان ڇوڪريءَ جي پوري معلومات ۽ ڦوٽو ڏياري موڪل ته آئون ان بابت هتي ڪجهه ڪريان ٿي ۽ بعد ۾ هوءَ ڪيس لکي ٿي ته هنن ان ڇوڪري سان ڏاڍائي جي خلاف آمريڪا ۾ وچي وائيٽ هائوس اڳيان مظاهرو به ڪيو آهي ۽ جلد انساني حقن جي تنظيمن کي ميمورنڊم به موڪليو ويندو.

## شگفته شاهه (24 اپريل 1965ع)

شگفته شاهه جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هوءَ سنڌي ڪهاڻيڪاره، ڊراما نگار، ڪالم نگار ۽ ناول نويس آهي. سندس ٻي وڏي سڃاڻپ چترڪار واري به آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن. ان کان علاوه سندس هڪ ناول "جڏهن ٽڙندا ٻاڙها گل" 2008ع ۾ اين ٽي گرافڪس حيدرآباد پاران شايع ٿيو آهي. هيءُ هڪ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ هيروئن يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ آرٽسٽ آهي. سندس شاديءَ جو تجربو ناڪام ثابت ٿئي ٿو ۽ سندس مڙس پنهنجو ٻار پاڻ سان وٺي لنڊن هليو وڃي ٿو ۽ هن کي طلاق ڏئي ڇڏي ٿو. ان ڪانپوءِ هوءَ ڊپريشن جو شڪار رهي ۽ آرٽ سان وابسته دنيا

کي بہ خيرآباد ڪري ڇڏي ٿي. سندس مايوس دنيا ۾ فيضان نالي هڪ شخص داخل ٿئي ٿو. جيڪو پنهنجي ٺاهيل ٽرسٽ تحت رسالو جاري ڪري ٿو ۽ هن کان ان ۾ آرٽ واري پيج لاءِ مدد وٺي ٿو. اهو سفر نہ صرف هن کي آرٽ جي دنيا ۾ واپس وٺي وڃي ٿو پر محبت جي ايوانن ۾ بہ واپس آڻي ٿو. سڄو ناول رومانوي فضا ۾ وڌي ٿو، جتي رسڻ، پرچڻ، محبت ڪرڻ، نفرت ڪرڻ، بيوفائي جو خوف دنيا جا طعنا مهڻا، ڀروسو، اعتماد ۽ وري ان جي ابتڙ خوف بہ هن رومانوي ناول جو حصو آهي. ناول جي پڄاڻي شاندار نموني ڪئي ويئي آهي.

**نوشاد (6 آڪٽوبر 1971)**

نوشاد ولد مزن قلپوٽي جو جنم باڊهہ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. نوجوان شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ صحافي اديب نوشاد جي علمي قابليت ايم – اي صحافت ۽ ايم – اي سنڌي ادب آهي. هو ٻاراڻي ادب جي ميدان ۾ بہ ڪافي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ناولن ۾ ”رولو“ (ناوليٽ – ٻالڪ ادب 2002ع)، ”وارڊ نمبر – 13“ (ناول 2003ع)، ”ماسترياڻي“ (ناول)، ٻيڪٽريل اک جي اوٽ ۾“ (ناول) ۽ ”هڪ ڇري ڇوڪري جو سينٽ ڪيل ايس – ايم – ايس“ (ناول) شامل آهن.

سندس ناوليٽ ”رولو“ 2002ع ۾ شايع ٿيو. هي ناوليٽ آتم ڪٿائي آهي، جنهن جو هيرو پنهنجي ڪٿا ستن سالن جي ٻاراڻي عمر کان شروع ڪري ٿو. سڄو ناول بياني ٽيڪنڪ ۾ لکيو ويو آهي. ناوليٽ جي ڪهاڻي ليکڪ جي والد جي حادثاتي موت کانپوءِ هن جي ذهني ڪيفيت کي ظاهر ڪر ي ٿي ۽ هن ناوليٽ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻار رولو ڪئين ٿئي ٿو، اهي ڪهڙا احساس آهن، جن ڪري هو اڪيلائي ۽ احساس ڪمتري واري زندگي گذاري ٿو.

ناوليٽ جي ٻولي ڳوٺاڻيءَ شاندار پهاڪن سان ڀريل آهي. مثال طور:

”اسڪول ۾ داخلا کانپوءِ اسڪول سان اهڙو تہ ذهني ناتو جوڙيم، جهڙو ميهار مينهن سان جوڙيو هو“.

گسائڻ ائين عيب سمجهندو هوس، جيئن ڀهراڙيءَ جي رن زال ٻيو مڙس ڪرڻ، عيب سمجهندي آهي.“

**وارڊ نمبر تيرنهن:** –نوشاد جو هي ناول سنڌ رائيٽر پبليڪيشن، باڊهہ طرفان

2003ع ۾ شايع ٿيو. نوشاد جو هي ناول به يادگيرين ۽ ڊائري جي ورقن تي مبني آهي. هي ناول به آٽو بايوگرافيڪل آهي. هي ناول ليکڪ جي اها زندگي چٽي ٿو، جڏهن هو سلهه جي مرض ۾ مبتلا ٿي جناح اسپتال جي وارڊ نمبر تيرنهن ۾ داخل ٿئي ٿو. پوري ناول ۾ مختلف مريضن جي نفسيات، مسئلا، اذيتون، ڊاڪٽر ۽ نرسن جا ڪم ناول جو موضوع آهن.

هي پنهنجي نوعيت جو منفرد ناول آهي. هن قسم جي موضوعن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي، جو جو انسان جي نازڪ احساسن، اسپتال جي ڳجهين حالتن، اڻوکن مسيحائن (ڊاڪٽرن) جي پرڪارن، ادب، الله تعاليٰ ۽ تصوف جي تشريح هن ناول ۾ ملي ٿي. ناول حيقيت جو عڪس آهي، حيقيتن جو اولڙو آهي.

رفيق سومرو ناول لاءِ لکي ٿو ته "مانوارا ساٿي سڄڻ_ نوشاد جو (ڪتاب وارڊ نمبر تيرنهن ناول) نظر مان گذريو خوب اندر کي اوتيو اٿئي" جڏهن ته ادل سومرو لکي ٿو ته "وارڊ نمبر تيرنهن به آٽو بايو گرافيڪل ناول آهي، جيڪو مون فرصت ۾ پڙهيو. تمام سٺو لکو تا ۽ متاثر به ڪيو تا. پر ڪٿي ڪٿي توهان جذباتي مبلغ به محسوس ٿيو تا." (ڪتاب جو مهاڳ)

**مظهر ابڙو (25 اپريل 1971ع)**

مظهر حسين ولد منظور حسين ابڙو جو جنم ڳوٺ ڪولاب جيئل ضلعي خيرپور ۾ ٿيو. هو بهترين شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي، سندس ڪتابن ۾ "ڌرتي تي وڪريل تاندا" (1995ع)، "خواب ڪوٺا سڪا" (ڪهاڻيون 1999ع)، "سرد خاني ۾ رکيل خواب" (ڪهاڻيون 2001ع) "درد جي آس پاس" (شاعري 2001ع) ۽ "جيون اجاڙ رستا" (ناول 2000ع) شامل آهن.

سندس ناول "جيون اجاڙ رستا" هڪ رومانوي ناول آهي، هن ناول ۾ پراڻي عشقيه موضوع کي هڪ نئين انداز ۽ شعوري آهنگ سان پيش ڪيو اٿس ۽ مظهر روايتي Love Story بيان ڪندي به، معاشري جي مختلف شعبن ۾ رهندڙ ڪردارن جي چرپر ۽ سندن نفسيات جو ڏاڍي خوبصورتي سان تجزيو ڪيو آهي.

ڪهاڻي جي فريم ورڪ ۾ ڪردارن جي چونڊ، انهن جا رويا، نفسيات ۽ خراب يا سٺي سماجي صورتحال ۽ فرسٽريشن کي فطري رنگ ڏنو آهي. خوشبو، مظهر جو اهڙو ڪردار آهي جيڪو مختصر هوندي به احساساتي سطح

تي ذهن ۾ موجود رهندڙ ۽ ڪڪندڙ ڪردار آهي.

جيتوڻيڪ ٻيا بہ ڪيئي ڪردار آهن. جيڪي منطقي انداز سان ڪهاڻيءَ جي تناظر ۾ موجود آهن. پر نرگس جو ڪردار اختصار جي هوندي بہ برگر سوسائٽي جو هڪ اهڙو بيباڪ ڪردار آهي، جيڪو خواب ۽ تصور جي ڪائنات ۾ رهندڙن کان خيال جاڳائيندڙ ڪردار آهي.

باشي جهڙو مجبور ۽ باخبر ڪردار، نجم جهڙو همدرد ڀاڄهارو ۽ سريئلٽ ڪردار، مسز الماس ۽ مسز سليمان جهڙا بڪايل ڪردار، پرهہ، ڊاڪٽر شاهده، صنم (نرس) ۽ چوڪيدار جي ڌيءُ جهڙا بيباڪ، بي ڊپا، جارح ۽ سادا ڪردار ٻيهر خلقي، مظهر انهي معاشري جي ڪول ڪئي آهي، جيڪو اجا تائين پنهنجي منطقي انجام کان بي خبر آهي.

مظهر ابڙي جو ٻيو ناول ”درد جي آرپار“ ماهوار سوجهرو“ ۾ قسطوار شايع ٿيو. هن ناول جي وضاحت ڪندي ناول نگار ماهوار سوجهري ۾ لکيو تہ: ”ناول درد آرپار“ مون خالصتن ”شاهہ سائين“ جي بيت

مون ڪي ماءُ مجازي، پڇاريءَ جيئن پڇيو،
ورد، وظيفا وسريا، رهي ڪانہ نماز،
هينئڙو بحري باز چائي چنبن ۾ ڪيو.

ڪي سامهون رکي تخيل ۽ تصور جي بنياد تي لکيو آهي. (جيڪو بيت آءُ ناول جي مهڙ ۾ پڻ ڏئي چڪو آهيان.) انهيءَ سلسلي ڪي اڳتي وڌائيندي اڄڪلهہ آءُ ”لطيف سرڪار“ جي هڪ ٻئي بيت جي ڪيفيت ”هٿا اڳيئي ڳڌ ٻڌڻ ۾ بہ ٿيا!“ تي هڪ سوانحي ناول پڻ لکي رهيو آهيان جيڪو پڻ انشاءَ الله تمام جلد پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچندو“.(67)

## حيدر دريا (2 فيبروري 1961ع)

غلام حيدر ولد عرس زئور جو جنم ڳوٺ احمد خان زئور تعلقو مير پور بٺورو ضلع سجاول ٿيو. هو موجوده دور جو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”ڳاڙها لفظ“ شايع ٿيل آهي. سندس شايع ٿيل ناولن ۾ ”لفظن جي خواهش“ (2011ع)، ”رشتن جي آزادي“ (2012ع، ”يار“ (2014ع) ۽ ”امڪان“ شامل آهن.

سندس پهريون ناول لفظن جي خواهش 2009ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو رومانوي موضوع تي لکيل آهي. ناول جي خاص ڳالهه اها آهي ته اهو شعور جي وهڪري ۾ لکيل آهي. سندس ٻيو ناول ”رشتن جي آزادي“ (2012) ڇپيو. سنڌي سماج جي ٻي ترتيب ۽ غير مساوي ورايتن جي پس منظر ۾ لکيل ”رشتن جي آزادي“ ناول جو هر ڪردار شروع ۾ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر پوءِ هر ڪو وارو وٽائي ٽڪي ٽٽي پوڙهائپ ۾ غير اهم بنجي رهجي ٿو وڃي. ناول جي شروعاتي حصي ۾ جان محمد يا جانو پوءِ ڪريمداد ناول جا مرڪزي ڪردار آهن. پر پٺئي ڄڻا بعد ۾ ٻي پهچ ۽ ويچارا بنجي غير اهم حيثيت وارا تي وڃن ٿا. حيدر دريا جو ٽيون ناول ”يار“ (2013ع) آهي، ليڪ هن ناول جي ڪردارن وسيلي سنڌ جو سياسي منظر نامو پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ قومپرست سياست ۽ پيپلز پارٽي جو سنڌي ماڻهن تي اثر شامل آهي. ناول ۾ تصوف جي اپٽار به گهڻي آهي. ناول جو مرڪزي ڪردار قومپرست ڪارڪن آهي. پر پوءِ عشق جي آڙاهه ۾ پچي صوفي فقير بڻجي وڃي ٿو. سندس ناول ”ڳاڙها لفظ“ (2017ع) ۾ شايع ٿيو جيڪو هڪ سماجي ۽ معاشرتي ناول آهي.

**پرويز ابڙو (11 سيپٽمبر 1972ع)**

پرويز ابڙو تمام تيزي سان ڪيترين ئي بهترين ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڇپيل ناول پڻ فن ۽ فڪر جي لحاظ کان وڏي اهميت رکن ٿا. پرويز ابڙو مشهور ناول نگار قبول ابڙي جو فرزند آهي. پرويز ابڙي جي ڇپيل ناولن ۾ ”تون هڪ خواب آهين“ ۽ ”تيريون اکيون سرمئي خواب“ شامل آهن.

سندس ناولن جي خاص ڳالهه رومانيت آهي، هن جي لکڻين ۾ پيار ۽ وڇوڙي جو موضوع گهڻو ملندو آهي. بقول حبيب ساجد ”پرويز جا ناول فخر سان ويلنٽائن ڊي تي پنهنجي محبوب کي محبت جي گفٽ طور تي ڏئي سگهجن ٿا. جن پيار ڪيو آهي. جن پيار جو سرور ۽ پيار جو سور سٺو آهي ۽ جن به وڇوڙي جا رستا رليا آهن. اهي هن ليڪ کي پيار ڪندا.“ )ڪتاب جو تعارف)

سندس پهريون ناول ”تون هڪ خواب آهين“ 2000ع ۾ سورٺ اڪيڊمي، ڪراچي طرفان شايع ٿيو. هي رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ ناول نگار ٽيڪنڪي تجربا ڪيا آهن ۽ موضوع اڪاٽي، ڪردار نگاري تي به سٺو ڌيان ڏنو آهي. هي

ناول ادبي دنيا ۾ سنڌس سڃاڻپ بڻيو. ناول تمام جلد مارڪيٽ مان ختم ٿي ويو.

ناول لاءِ پرويز ابڙي لکيو آهي تہ ”ڪجھ خوابن تي مشتمل هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي جنهن ۾ ڪي خواب ۽ خوابن جا عذاب محفوظ آهن، ها، اهي ساڳيا ئي خواب ۽ خوابن جا ڏنل عذاب، جيڪي اسان سيني جي ماڻڪين ۾ ڪنهن اوسيئڙي ڏانهن واجهائي رهيا آهن . . . ۽ اوجاڳن جا صليب اکين ۾ سجائي جيڪي زندگيءَ جي ڪوسيءَ واريءَ تي ننڍڙن اس ۾ پيرين پنڌ هڪ ڏکيو سفر پوڳيندا ٿا رهن“!

هن ناول جي مهاڳ ۾ محترم امر اقبال، ناول تي مجموعي نظر وجهندي چوي ٿو تہ ”امر شهيد پڳت ڪنور رام جي رت جي سڳند تي سانديو ايندڙ رڪ ريلوي اسٽيشن جي پرسان هڪ ڳوٺ ”شاهہ قلي پور“ جي گهٽين کان وٺي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي خواب۔ رستن تائين، لياريءَ جي ٻاڪڙا هوٽلن کان وٺي ماسڪو جي نائيٽ ڪلبس تائين پرويز جيڪا رولاڪي ڪئي آهي، ان جا مختلف شيڊز سنڌس هن ناول ۾ جڳھ جڳھ تي نظر اچن ٿا.

پرويز ابڙي جو ٻيو ناول ”نيريون اکيون سرمئي خواب“ نئون نياپو اڪيڊمي طرفان 2001ع ۾ شايع ٿيو.

هن رومانوي ناول جو پسمنظر ڪراچي ۾ واقع هڪ اشاعتي ادارو آهي، جنهن ۾ نرگس (جيڪا شاهوڪار گهراڻي سان تعلق رکي ٿي) ۽ ماڻڪ (غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿو) مختلف سيڪشنن ۾ ڪم ڪن ٿا. نرگس ماڻڪ سان محبت ڪري ٿي ۽ ساڻس ملڻ لاءِ مختلف بهانا ڳوليندي رهي ٿي. سندن سفر آخر شادي تي ختم ٿئي ٿو. ناول ۾ جديد ٽيڪنڪ استعمال ٿيل آهي ۽ پرويز مرد بجاءِ عورت جي جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. هن وڏي ڪمال سان هڪ عورت جي نفسيات ۽ جذبات جي عڪاسي ڪئي آهي. مطلب تہ پرويز جا ناول رومانوي فضا جي سڳند سان سرشار آهن، جن ۾ سندس ٽيڪنڪ ضمير حاضر متڪلم، پرڪشش جملا، جذباتي منظر، سادي ٻولي وغيره خاص خوبيون آهن.

پرويز جو ٽيون ناول ”اکيون اپ ۾ پير پنڌ ۾“ 2019ع ۾ شايع .هن ناول ۾ 12

باب : مشاق، سارنگ، مينهن ڪٽي، پڇتاءُ، واپسي، ٽارچر سيل، جاويد جاني، نئين سوچ ۽ ٻيا شامل آهن.

## شبانہ سنڌي (20 مارچ 1976 ع)

سيده شبانہ ڪاظميءَ جو جنم ڳوٺ باجارا، تعلقي سيوهڻ، ضلعي ڄامشوري ۾ ٿيو. شبانہ سنڌي نہ صرف سٺي ڪهاڻيڪاره آهي. بلڪ ناول نگار بہ آهي. سندس ڪتابن ۾ "سپنو ساپيان ساڻ" (ناول 2005 ع) ، "هڪڙي هئي نمي" (ناوليٽ 2010 ع)، "اداس سانجهي" (ڪهاڻيون _ 2009 ع) شايع ٿيل آهن. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، جن ۾ عورتن جي گهريلو مسئلن کان وٺندي رومانوي پهلوئن کي اجاگر ڪيو ٿائين.

**شبانہ سنڌي** جو ناول "سپنو ساپيان ساڻ" 2005ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ عاشي، هارون ۽ صبا اهم ڪردار آهن. سندس ٻيو ناول "هڪڙي هئي نمي" بہ سٺو ناول آهي جنهن ۾ هڪ معصوم عورت جي زندگيءَ جو حال انتهائي دردمندانہ انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

## منير چانڊيو (8 آڪٽوبر 1983 ع)

منير چانڊيي جو جنم قمبر شهر ۾ ٿيو. منير چانڊيو سنڌ جو نوجوان ناول نويس آهي. هُن ناول جي پلاٽ ۾ ٽراءِ لاجي (Trilogy) ناول جو بهترين تجربو ڪيو آهي. ان ڏس ۾ سندس "ڪيف ڏاران ڪوءِ"... (2010 ع)، "تو پڄاڻان" (2011 ع) " ۽ "خودڪشيءَ کان اڳ ۾ " (2014 ع) لکيا آهن. پهريون مڪمل طور يونيورسٽي ۽ ٻيو جزوي طور ورسٽي ناول آهي. جڏهن تہ ٽيو ناول يونيورسٽي مان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ عملي زندگي متعلق آهي. پهرئين ناول، " ڪيف ڏاران ڪوءِ " ۾ منصور، قمبر سان تعلق رکندڙ، سنڌ يونيورسٽي جو شاگرد آهي جنهن جا گهريلو حالات ٺيڪ ناهن. سندس پيءُ جي ٻي شادي سبب منصور ۽ سندس ماءُ ڏکي زندگي گذارين ٿا. يونيورسٽي ۾ سنڌيا نالي ڇوڪري، منصور جي ڪلاس فيلو آهي جيڪا مارئي هاسٽل ۾ رهي ٿي ۽ سندس تعلق لاڙڪاڻي ضلعي سان آهي. سنڌيا ننڍي هوندي ئي يتيم ٿي ويئي هئي جنهن کي سندس ماءُ پورهيا ڪري پاليو هو. احساسِ محرومي، منصور ۽ سنڌيا ۾ هڪ قدرِ مشترڪ آهي. هي ٻيئي آهستي آهستي هڪٻئي

جي ايترو تہ قريب اچي وڃن ٿا جو هڪبئي کان سواءِ کين چين نٿو اچي. شام جي وقت ٻيئي ڄڻا ڪئمپس جي ڪنهن لان تي هڪبئي جي قربت ۾ گذارين ٿا ۽ مستقبل جي منصوبہ بندي ڪندي، هر حالت ۾ سچي زندگي گڏ گذارڻ جو وچن دهرائيندا رهن ٿا.هڪبئي کي پاڪرن ۾ پرڻ ۽ چميون ڏيڻ جو ڪو بہ موقعو هٿان نٿا وڃائين. هڪ نشيلي ڪيفيت جهڙو وقت گذاريندي هو آخري سال ۾ پهچن ٿا تہ سنڌيا انڪشاف ٿي ڪري تہ نوري نالي سندس ڳوٺ جو هڪ ڇوڪرو ڪافي وقت کان هن جي پويان آهي ۽ ڪيس فون ڪري تنگ ڪري ٿو. هو ساڻس شادي ڪرڻ ٿو چاهي پر سنڌيا جي انڪار تي هن اچي يونيورسٽي ۾ داخلا بہ ورتي آهي. منصور پريشان تہ ٿئي ٿو پر ڪيس پنهنجي پيار تي پورو يقين آهي. سنڌيا منصور تي زور ٿي پري تہ هو پنهنجن مائٽن کي راضي ڪري وٺي ۽ سندس رشتو موڪلي، ٻي صورت ۾ سنڌيا جا مائٽ سندس شادي نوري سان ڪرائي ڇڏيندا. منصور وڏي مشڪل سان مائٽن کي راضي ڪري وٺي ٿو پر سنڌيا سندس مٽان اها ڇپ ڪيرائي ٿي وجهي تہ نوري سندس مائٽن کي ڏاج جا پئسا ۽ پنهنجي ڀيڻ جو سڱ سنڌيا جي ڀاءُ کي ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهي. هوءَ منصور کان پڇي ٿي تہ ڇا هو پنهجي ڀيڻ جو سڱ، سندس ڀاءُ کي ڏيئي سگهي ٿو؟ منصور هڪ روشن خيال ماڻهو ۽ ادلي بدلي جي شادي جي سخت خلاف آهي تنهنڪري انڪار ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ هر وقت ڪيس سنڌيا جو فون انگيج ملي ٿو. سنڌيا کي منصور جي غربت ۾ پنهنجو مستقبل تاريڪ نظر اچي ٿو ۽ هوءَ، پيار جا سڀ واعدا وساري، نوري جي ٿي وڃي ٿي. منصور سخت ڊپريشن ۾ اچي وڃي ٿو. اتي پهرئين ناول جو اختتام ٿئي ٿو.

ٻيو ناول، ” تو ڇا ڄاڻان..“ دراصل ”ڪيف ڏاران ڪوءِ“ جو تسلسل يا ان جو ٻيو حصو آهي، هي ناول اتان ئي شروع ٿئي ٿو. جتان ”ڪيف ڏاران ڪوءِ“ پورو ٿيو هو. پر هن ناول ۾ سنڌيا جو ڪردار سڌي طرح جيتوڻيڪ غير حاضر آهي، پر پوءِ بہ سچي ناول ۾ موجود آهي. سچي جو سچو منصور جي ڊپريشن متعلق آهي. ايتري تائين جو هو ذهني مريض ٿي وڃي ٿو ۽ گدو جي اسپتال مان علاج ڪرائي ٿو. جيئن تيئن ڪري ايم اي ڪري وٺي ٿو ۽ پنهنجي گهر هليو وڃي ٿو. هر وقت سنڌيا جي يادن ۾ غرق ، هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ بہ وڃي ٿو پر ڊپريشن مان نٿو

نڪري سگهي ۽ هر وقت پيڙا مان گذري ٿو.

منصور جي ڊپريشن، ٽئين ناول، ” بري هن پنيور ۾ “ پڻ جاري رهي ٿي پر سندس ننڊي هوندي جي سٺي دوست ۽ پاڙيسري ڇوڪري،” شگو“ سندس همٿ ٻڌرائي ڪٽي نوڪري ڳولڻ لاءِ آماده ڪري ٿي. گهڻي ڳولا کان پوءِ ، ڪيس حيدرآباد جي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ ليڪچررشپ ملي ٿي. سندس حالات ڪجهه بهتر ٿيڻ شروع ٿين ٿا تہ هو پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ کي حيدرآباد وٺي اچي ٿو.ساڳئي پرائيويٽ ڪاليج ۾ ”صائمہ“ نالي ليڪچرار بہ پڙهائي ٿي جيڪا آهستي آهستي هن جي قريب ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. نانگ جو ڪاڏل، نوڙي کان بہ ڊڄي، تنهنڪري منصور ڏاڍو محتاط رهي ٿو ليڪن صائمہ پنهنجي پيش رفت جاري رکي ٿي. منصور نہ چاهيندي بہ هن جي قريب ٿيڻ شروع ٿئي ٿو ۽ آخرڪار، صائمہ جي زور ڀرڻ تي هو شادي لاءِ راضي ٿيو وڃي. ان دوران صائمہ کي سرڪاري نوڪري بہ ملي وڃي ٿي.

## ڪليم ٻٽ (4 اپريل 1984 ع)

ڪليم ٻٽ جو جنم سنڌ جی نالیواري تعليمدان، محقق ۽ ليڪ ڊاڪٽر الهہ رکيو ٻٽ جی گهر ۾ ضلعی دادو جی تعلقی مهيڙ جی ڳوٺ ٻٽ سرائی ۾ ٿيو. هو موجوده دور جو نالی وارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهی. جديديت جی لاڙن تی نہ صرف مضمون لکيا اٿائين ۽ پر انهن لاڙن تحت ناول بہ لکيا اٿائين.ڪليم ٻٽ هن وقت ميڊيا اسٽڊيز مان ايم فل ڪري رهيو آهی ۽ جنگ جی رپورٽنگ (وار رپورٽنگ) تي ايم فل جي ڊگري لاءِ تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي.

ڪليم ٻٽ لکڻ جي شروعات سال 2006 کان ڪئي، پر سندس پهرئين ڪهاڻي سزاءِ موت سال 2009 ۾ پندرهن روزا عبرت ميگزين ۾ ڇپي، ان کانپوءِ سندس لکڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سندس ناولن ۾ ”گمنام ليڪ“ (2012 ع)، ”لانگ مارچ“ (2013 ع)، ”ڏاهر“ (2015 ع)، ” آزادي جي اُپٽار“ (2017 ع)، ” مري ٿيا نہ مات“ (2017 ع)، ”وطن جن وساريو“ (2017 ع)،” آخري امتحان“ (2013 ع)، ”يوٽيو“ ، ريگل چوڪ (2022 ع) جڏهن تہ ڪيلم ٻٽ جا مختلف رسالن ۾ ڇپيل ناوليٽ هن ريت آهن: ڪندن جي

سيج (ناوليٽ)، ”عجب زندگي“ (ناوليٽ)، ”عاشق زهر پياڪ (ناوليٽ)، ”ڏرتي جو درد (ناوليٽ)، ”سرڳ، سنڌ ۽ سر“ (ناول) ۽ ”ڪراچي تنهنجا ڪيڏا روپ“ (ناول) شامل آهن.

ڪليم ٻٽ جو ناول ”ڏاهر“ هڪ منفرد انداز ۾ لکيل آهي. هي جاسوسي اسٽائيل ۾ لکيل هڪ ننڍو ناوليٽ آهي. پر هن هڪ دور کي، هڪ تاريخ کي، پروفيسر جي ڪردار جي ذريعي جيڪو هڪ راز جي کوج ۾ هوندو آهي ته عرب دور ۾ سنڌ جي فتح ٿيڻ جا سبب ڪهڙا هئا؟ ۽ اهو سڀ راز هڪ عرب جي لکيل دستاويزن مان ان کي ملي ٿو.

ڪليم ٻٽ، سائنس فڪشن، فينٽيسي تي ڪهاڻيون ، ناول ۽ مضمون به لکيا آهن. سندس ڪتاب ”اسپيس اوڊيسي“ ، ڊاڪٽر اي. آر ٻٽ ٽرسٽ پاران 2014ع ۾ شايع ٿيو. هي سندس سائنسي افسانن جو ترجمو آهي، هي ڪهاڻيون راجيشوري سنگ ۽ برجندرا سنگ جي ڪتاب اسپيس اوڊسي ، جيڪو لرنرز پريس، نيو دلي انگريزي زبان ۾ ڇپرايو آهي جو ترجمو آهي ۽ ان ۾ ٽي سائنسي افسانا ”ٽائيم مشين“، ”ليزر ديوتا جا ٻار“ ۽ ”ٽيمسس“ شامل آهن.

**حبيب ڪانهيو**

حبيب ڪانهيو نوجوان اديبن ۾ هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي. ”هئا اڳهين گڏ“ کان پوءِ حبيب ڪانهيو جو ٻيو ناول ”سگنيچر“ (2013ع) شايع ٿيو، جنهن جو مک ڪردار دارا نالي هڪ ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. هو وڏيري جو پٽ آهي. وڏيري سان سندس ماءُ پيار جي شادي ڪئي هئي. سندس ماءُ کي پاڇوڪڙ سڏيو ويندو هو. دارا سان خاندان جو رويو اهڙو رهيو جو هو اندرئي اندر ۾ ڊهندو رهيو. شهر ۾ اچي اين جي او جي وسيلي دولتمند بڻجي ويو. ناول جو ٻيو مک ڪردار ردا جو آهي. جيڪا محفلن جي زينت آهي ۽ ماڊلنگ جو ڪم به ڪندي آهي. دارا ۽ ردا شادي جو فيصلو ڪن ٿا. پر آخر ۾ خبر پئي ٿي ته ردا دارا جي ڀيڻ آهي. پلاٽ، بيانيه ۽ فلمي پڇاڙي جون ڪمزوريون پنهنجي جاءِ تي، پر ناول جي ڪردارنگاري ۾ رهجي ويل کوٽ نمايان آهي، جڏهن ته ان ۾ گهٽي گنجائش موجود هئي.

**ناشاد رحم علي**

ناشان رحم علي بنيادي طور شاعر آهي پر هن تي ناول به لکيا آهن جن ۾ ”ري اسٽور ٽيل ماڻهو“ (2017ع) ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ ٿر جي موجوده ۽ ائينده ايندڙ صورتحال کي بيان ڪيو آهي. ٿر جي سهڻي ۽ ثقافتي زندگي جي تشبيهن اطعارن خوبصورت ٻولي سميت هن ناول کي بيان ڪيو آهي. سندس ٻيو ناول ”هيئڙو به اڏ“ (2017ع) هڪڙو رومانوي ناول آهي.

**حوالا:**


1. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو“، ششمائي سنڌي ادب، سنڌي شعبو، يونيورسٽيءَ آف سنڌ ڄامشورو، 1986ع
2. محمد عثمان ڏيپلائي: ”مينا بازار“، 1949ع
3. محمد عثمان ڏيپلائي: ”انور پاشا“،اسلاميه دارالاشاعت اسلاميه پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1949ع
4. محمد عثمان ڏيپلائي: ”سانگهڙ“،شيخ غلام علي اينڊ سنز،1963ع
5. ساڳيو حوالو
6. ڪلا پرڪاش: سانگهڙ ناول جو جائزو، انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي، مرتب :تاج جويو، 2003ع
7. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي تاريخ“،(جلد ٽيون) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2003ع، ص، 35_36
8. قاضي فيض محمد: ”ٻاويهه سؤ ٻاويهه“،سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1979ع
9. قاضي فيض محمد: ”جنسار“،سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، 1979ع
10. قاضي فيض محمد: ”اڻڄاڻ“،سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1993ع
11. رحيمه سيال: ”مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو“،سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع
12. مختيار احمد ملاح: ”محمد بخش جوهر جو سنڌي جاسوسي ادب جي حوالي سان ڪردار“، ڪلاچي جرنل، شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2021ع

13. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي ادب جي تاريخ"،(جلد ٽيون) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2003 ع
14. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر: پ_ن( 357_58
15. شيخ محمد حسين "ڪنديارويءَ":"پيار جو سودائي"، اداره جديد سنڌي ادب شاهپور چاڪر، 1968ع
16. انجم هالائي:" ڪاروان زندگي"،بزم فردوس هالا، 1952 ع
17. ماهوار نئين زندگي (آڪٽوبر1989 ع
18. الله بخش ٽالپر: پرديسيءَ جو پيار" جامع عربيه پريس، حيدرآباد ،1952 ع
19. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر: پ —ن( 374
20. غلام محمد گرامي: "مهراڻ جو شاعر نمبر"،1969 ع (نمبر 1 ۽ 2)
21. سيد حافظ شاه حسيني: " تباهي "( مهاڳ)، 1962 ع
22. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: "ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر"، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، ص362
23. گل حسن نصرپوري: " دريا جي ڪپ تي"، (ديباچو) 1960 ع
24. فضل احمد بچاڻي:"عاشي"،
25. يوسف سنڌي : "نجم عباسي فن ۽ شخصيت" ؛ سچائي اشاعت گهر دڙو، 2003 ع، ص44
26. ساڳيو حوالو، ص 46
27. نجم عباسيءَ جو انٽرويو، ماهوار ادب سيپٽمبر 2000 ع
28. نجم عباسي: لينن جي انقلابي ڪهاڻي"،سچائي اشاعت گهر دڙو
29. اڪبر لغاري: "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنديارو، ص 82
30. سراج: "ڏکڻ مان ٿو سج اڀري"، اداره انسانيت، حيدرآباد، 1952 ع
31. رسول بخش پليجو : سراج جو نئون ناول " ، ماهوارن نئين زندگي، مئي: 1971 ع
32. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو، ششماهي سنڌي ادب، 1986 ع
33. فيض جوڻيجو: "ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول" ،فيئر فين پرنٽرس، ڪراچي، 1995 ع، ص 104

34. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: "پائي پٽ ڪٽا"، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد 2005 ع، ص 413
35. اڪبر لغاري: " سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ، ص 81
36. آغا سليم جو انٽرويو، عبرت ميگزين 15مارچ 1994 ع
37. اڪبر لغاري: " سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ، ص 84،85
38. اڪبر لغاري: "سنڌي ادب جو مختصر جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو ، ص 82
39. ممتاز مهر: "ويچار" آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد، 1980 ع ص 95_96
40. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "ذات ۽ ذاڻ جو ناءُ _ ماڻڪ"، (مئل ماڻهو_ جيئري پيڙا) سهيڙيندڙ: سحر امداد
41. ماڻڪ: "ٽي ناوليٽ" (رڇ ۽ پڙاڏا، لڙهندڙ نسل ۽ پاتال ۾ بغاوت) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1992 ع
42. عبدالوحيد جتوئي: "وجوديت ۽ سنڌي ادب"، سرگ پبليڪيشن، حيدرآباد 2001 ع ص 68
43. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: "سنڌي ناول ڪٺگهري ۾ "، ص 107
44. ماڻڪ: "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" ماءِ پبليڪيشن، 2014 ع
45. رشيد ڀٽي: "پاپ ۽ پيڙا"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1988 ع، ص 2
46. غلام نبي مغل: "اوڙاهه" ، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1984 ع
47. غلام نبي مغل: "دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ"،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1996 ع
48. غلام نبي مغل: "وطن واويلا" ، صادقين پبلشنگ هائوس حيدرآباد ، 2008 ع، ص 4
49. قاضي خادم : "زوال"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع
50. نجم عباسي: مضمون: "پيار جي پچار"، 1977 ع
51. قاضي خادم : "پيار ۽ سپنا" ، ادبي دنيا پبليڪيشن، حيدرآباد، 1969 ع ، ص 3
52. ولي رام ولڀ: "غدار"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد

53. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ”ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، ص 346
54. حوالو ماهوار سوجهرو :مئي 2004 ع
55. امرجليل: هلال پاڪستان جو ڪالم، 29 اپريل 1980
56. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: ”پائي پٽ ڪٽا“،گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد 2005 ع، ص 464_65
57. تنوير جوڻيجو : ”عورت، ڏاڍ ۽ سماج“ پ –ن(196
58. قبول ابڙو : رشيد ڀٽيءَ جو لکيل ناول تي مهاڳ، 1987 ع
59. غلام نبي گل : ”نہ راهون ساڻ هلنديون هن“ ، 2001 ع، ص 4
60. رسول ميمڻ: ”اسٽيل جا پنج گلاس“، ماءِ پبليڪيشن سکر، 2017 ع، ص 4
61. طارق عالم ابڙو: ”رهجي ويل منظر“،حسينا سيد پبلشرز صدر، حيدرآباد، 1984 ع
62. اخلاق انصاري: ۾ ”اڌوهي“، 2006 ع
63. ناول جو مهاڳ تاج بلوچ جو لکيل، 2007 ع
64. سليم چنا جو ناوليٽ ”سحر“، سليم چنا اشاعت گهر حيدرآباد 2007 ع، ص 2
65. سليم چنا: ”ڪيت جهڙا خواب“، سليم چنا اشاعت گهر، حيدرآباد طرفان 2009 ع
66. منصور ٿلهو : ”مٽي ۽ مهاڻا“ ، سنڌ ساحل، ڪارو ڇاڻ پبليڪيشن ، 2009 ع
67. ماهوار سوجهرو ڊسمبر 2007 ع

## آزاديءَ کانپوءِ هندستان ۾ سنڌي ناول (مختصر جائزو)

تقسيم هندستان کانپوءِ سنڌي هندو اديب جيڪي بلاشبہ سنڌي ادب جا انمول سرمايو هئا، هندستان هجرت ڪري هليا ويا. ان سبب جي ڪري سنڌي ادب خاص طور تي متاثر ٿيو. ليڪن هنن هندستان وڃي بہ نہ سنڌي ٻولي کي فراموش ڪيو نہ وري سنڌي ادب جو ساٿ ڇڏيائون. هنن اتي وڃي سنڌي ميڊيم اسڪول قائم ڪيا. سنڌي ڇاپ خانا قائم ڪيا ، سنڌي لئبريريون قائم ڪيون، ادبي تنظيمون جوڙيائون. مطلب تہ هنن ثابت ڪيو تہ هوسنڌ ۽ سنڌي ادب کي ڪڏهن بہ فراموش ڪري نٿا سگهن.

هند ۾ رهندڙ سنڌي اديبن تمام گهڻا ناول لکيا آهن. ان جي برعڪس هتي سنڌ ۾ اديبن ناول ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو آهي. جڏهن هندو اديب هتان لڏي هندستان پهتا تڏهن فطري طور تي هنن جي ناولن ۾ سنڌ سان محبت، سڪ، يادون وغيره جا موضوع ڇانيل هئا. اڳتي هلي هنن جي ناولن ۾ عشق ۽ شادي جو موضوع غالب رهيو آهي. گوبند مالهي کان وٺي رام پنجواڻي تائين، موهن ڪلپنا کان وٺي موتي پرڪاش تائين، لعل پشپ کان وٺي لڇمڻ ساتي تائين، پوپٽي هيراننداڻي کان وٺي ڪلاپرڪاش تائين، سندري اتمچنداڻي کان وٺي ريتا شاهاڻي تائين سنڌي ناول جو هڪ وڏو انگ لکيو ويو آهي.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو تہ "ورهاڱي کانپوءِ هنن جڏهن هندستان ۾ وڃي پير ڄمايا تڏهن پهريائين هنن پنهنجي علم و ادب ڏانهن توجهہ ڏنو، ۽ جلدئي هندستان ۾ سون جي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. جن ۾ گهڻو حصو ناولن جو هو. انهيءَ لاءِ هنن وٽ ڪيترائي سبب هئا. جن ۾ مکيہ سبب هو موضوعن جي گهڻائي سنڌ کان لڏي وطن جا وڻ ڇڏي پرديس جو جڏهن پاڻي نصيب ٿين. تڏهن وطن جي سڪ لڏپلاڻ واري افراتفري ۽ مالي حالت هنن جي ذهنن ۾ بي انداز موضوع آڻي گڏ ڪيا ۽ جيئن ئي هنن کي وقت مليو تيئن هنن انهن کي ڪتابي صورت ۾ ظاهر ڪيو. اها هڪ فطري ڳالهہ هئي تہ لڏي ويلن لاءِ وطن کي ڇڏڻ کانپوءِ هنن مالي حالتن ۽ نئين ماحول کي منهن ڏيڻ لاءِ عام

ماڻهن ۾ اهو رجحان پيدا ڪرڻ لاءِ ادبي ميدان ڪي بهتر سمجهي جدوجهد شروع ڪئي. انهيءَ جدوجهد جي نتيجي ۾ هندستان ۾ ڪيترائي ادبي ادارا وجود ۾ اچي ويا، جن نه رڳو نون موضوعن تي قلم ڪنيو پر انهيءَ سان گڏ سنڌ ۾ ڇپيل ناولن ڪي وري ڇپائڻ شروع ڪيو. انهيءَ جدوجهد ۾ وري گهڻو حصو ترجمن جو هو جيڪي ٻين زبانن جي ناولن تان ڪيا ويا. اهڙن ناولن جي ترجمن جو سبب اهو هو جو انهن ناولن جون حالتون ۽ واقعا انهيءَ وقت جي حالتن ۽ واقعن سان ٺهڪي آيا تي ۽ اهي عوام ۾ مقبول تي سگهيا تي. انهيءَ جدوجهد ۾ 1949ع ۾ مشهور اديب ۽ ناول نگار جڳت آڏواڻي جيڪو سنڌ ۾ ماهوار رسالو ڪهاڻي ڪڍندو هو، تنهن ڪي بدلائي ”ڪهاڻي ناول مالا“ نالو رکي بمبئي مان شروع ڪرڻ لڳو. جنهن سال ۾ اٽڪل ڇهه ناول ترجمو ڪري شايع ڪرڻ شروع ڪيا. 1953ع بهاري لالا چاٻڙيا وري ٻيو ادارو ”سرگم ساهتيه مالا“ شروع ڪيو. جنهن ۾ ترجمو ٿيل ناول شايع ڪرڻ شروع ڪيا“ (1)

هندستان ۾ جلد ناول جي ترقي ڪرڻ جو سبب اهو به هو ته هو اڳ ئي ناول جي صنف ۾ سنڌي مسلمانن کان اڳتي هئا. پريسن جا مالڪ هو هئا. مترجم هو هئا. وٽن اڳ شايع ٿيل ناولن جي گهڻائي موجود هئي. هندن جو وڏو انگ پڙهيل لکيل هو. وٽن ڪيترائي جهونا ناول نگار موجود هئا. بس ڪين پير ڄمائڻ جي ضرورت هئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر چندو لعل لکي ٿو ته ”ورهاڱي کان اڳ مسٽر آسانند مامتوراءِ ۽ مسٽر شيوڪ پوڄراج ناول لکڻ بند ڪري ڇڏيا هئا. شيوڪ پوڄراج ورهاڱي کان اڳ ئي سنڌ ڇڏي اچي بمبئي وسائي هئي. هو بمبئي يونيورسٽيءَ جي مخزن جو سمپادڪ هو. فرصت واري وقت ۾ هو ٻالڪن جي باريءَ جي مشغولين ۾ رڌل رهيو. مامتوراءِ صاحب ورهاڱي کانپوءِ بمبئيءَ ۾ آيو ۽ هڪ اسڪول جو هيڊ ماسٽر بڻيو. جنهن اسڪول ۾ گوبند مالهي به ماستر هو. وقت هوندي به مامتوراءِ صاحب ناول لکڻ لاءِ قلم ڪونه هلايو. شايد هن ڪي سنڪوچ ٿيو ته متان ”شاعر“ جهڙو ٻيو معياري ناول لکي نه سگهان. پروفيسر ڀمڀاڻي جو سنڌ ۾ سرگرم ناول نويس هو سو به ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ اچي بلڪل ماٺ تي ويو. لعل چند امر ڏني مل پنهنجي زندگيءَ ۾ صرف هڪ اصلوڪو ناول لکيو ”چوٽ جو چنڊ“ سو به اڌورو. هند ۾ هن ناول جو ٻيو ڇاپو ڇپيو

پر اهو ئي اڌورو. اڃا هوندي بہ لالچند اهو ناول مڪمل نہ ڪيو. سواءِ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي لڳ ڀڳ ٻرڪ ساهتڪار خاموش ٿي ويا. اهڙي ماناٽي ۾ نوجوان ليکڪ موڳا ۽ ويڳاڻا ٿي پون ها تہ عجب ڪونہ لڳي ها. پر نوجوان ليکڪ هٿ ٻڌي نہ ويٺا. جيڪي سنڌ ۾ ساهت جي آڪاش ۾ چند هئاسي جيڪڏهن هند ۾ اچي گم ٿي ويا، تہ اهي ليکڪ جي سنڌ ۾ معمولي يا گمنام ستارا هئا سي هند ۾ اچي چنڊ بڻجي پيا ۽ ساهت ۾ اچي نئون پرڪاش ڦهلايائون. انهن نوجوانن ليکڪن جي بدولت سنڌي جاتي مرڻ کان بچي ويئي. ورهاڱي ڪانپوءِ ڏک رسي ماڻهن ائين سمجهو تہ هندستان ۾ نہ رهندي سنڌي جاتي ۽ نہ وري رهندو سنڌي ساهت. انهن ماڻهن جا انديشا بلڪل غلط ثابت ٿيا. اڄ سنڌي جاتي بہ زور آهي تہ سنڌي ساهت بہ زور آهي. ”(2)

هندستان ۾ لکجندڙ سنڌي ناولن لاءِ مشهور آهي تہ انهن ناولن ۾ يڪسانيت تمام گهڻي آهي. جڏهن هو سنڌ مان لڏي هندستان ويا تہ فطري طور هنن جي ناولن ۾ سنڌ سان محبت جي اڪير، سِڪ، يادون، پنهنجا وڻ ۽ وڻاڻ، دوست ۽ احباب، محبتون ۽ پيار، ڀنيون ۽ ٻارا ۽ چارا وغيره جا موضوع ڇانيل هئا. اڳتي هلي ناولن ۾ عشق، عشق جي شادي، عام گهريلو ننڍا ننڍا مسئلا وغيره جا موضوع غالب ٿيا. گهڻن ناولن ۾ زندگيءَ ۾ ڪينواس ڪونهي. بهرحال ڪيترن ئي ناول نگارن يورپي فڪرن مطابق ناولن جو نوان موضوع متعارف بہ ڪرايا آهن تہ نوان تجربا بہ ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو تہ ”ورهاڱي بعد ناول ۾ هڪ نئين جاڳرتا جو دور آرنڀ ٿيو. جن مخصوص حالتن هيٺ نئين ادب جو نرماڻ ٿيو، تن جو تفصيل ۽ وستار ڪرڻ يا ڇيد ڪرڻ جي هت گنجائش ڪانهي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ سموهڪ تاريخي ولولي جي پيدائش هو ۽ سنڌي ساهتڪارن آجيان ڪئي ۽ ان سان ٽڪر کائي هڪ نئين دؤر جو آغاز ڪيو.“ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ وڌيڪ لکي ٿو تہ ”ورهاڱي بعد جي ناولن ۾ سماجڪ موضوع (Social Content) ناولن جو بنياد بڻجي ٿو اچي. جڏهن سماج هڪ ڀاري اٿل ۾ هوندي آهي، پراڻيون رسمون رواج، قدر ۽ ويچار مدي خارج بڻبا آهن جو زماني جي سٽ جهلي نہ سگهنديون آهن. زندگي ۽ سماج ۾ جيڪي ڪجهہ پراڻو هوندو آهي، سو ختم ٿيڻ تي هوندو آهي، تڏهن

ان جي جاءِ تي نئون ڪجهہ جهندو آهي، اپرندو آهي ۽ انساني ذهن ۾ وڏا وڏا سوال اٿندا آهن. جي نون قدرن ۽ ڌارائن کي جنم ڏيندا آهن. ورهاڱي بعد ڀارتي سماج هڪ انقلابي ۽ تاريخي موڙ تي اچي رسي هئي. جنهنجو اظهار ادبي ۽ ثقافتي جاڳرتا ۾ ڏسڻ ۾ آيو. سنڌي سماج پڻ اهڙي اثر کان خالي نہ رهيو. اهڙي سمي سنڌي ساهت ۾ بہ هڪ جولان هو هڪ اڀار هو. ڪيترن ناول نويسن اهڙي وقت جي تقاضا اونائي ۽ هن ڪوڪلي نظام کي نشتر هڻي ڦاڙڻ جي همت ٻڌي.“! ” (3)

ڊاڪٽر ايچ_ آءِ سدارنگاڻي ورهاڱي کانپوءِ جي ناول جي روپ ريکا لکندي ناول کي ٽن قسمن ۾ وراهيو آهي: (1) ترقي پسند (Progressivism) (2) نئين حقيقت نگاري (Realism New) ۽ (3) جديديت (Modernity) (پهرين قسم جي ناول جو ذڪر ڪندي سدارنگاڻي لکي ٿو تہ ”پهرين قسم جي ناول جو سنٻنڌ آهي آزاديءَ جي حاصلات جنهن سان ساڻ هئا مذهبي فساد، اپکنڊ جي اولهہ ڀاڱن کان هندن جي لڏپلاڻ، انهن جون ڪئمپن ۽ ٻئرڪن ۾ دردناڪ حالتون ۽ انهن جا سماجڪ، آرٿڪ ۽ وسڻ جا ٻيا مسئلا. سياويڪ آهي تہ پهرين قسم جا ناول انهن گهٽنائن سان پريل هجن. هنن ناولن ۾ منش کي نبل ۽ بيوس ڏيکاريو ويو آهي. جو قسمت جي هٿن ۾ ڪيڏوٺو آهي. هيءُ سڀ چٽڻ وقت غريبي ۽ شاهوڪاريءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش ڏيکاري ويئي آهي ۽ آرٿڪ مجبورين مان کهڙا کهڙا نہ اگرا نتيجا ٿا نڪرن، تن جا چتر چٽيا ويا آهن. ناول جي طرز مقرر ڪيل ۽ ڇاتل سڃاتل هئي. جيڪڏهن انهيءَ ۾ ڪو موڙ بہ هو تہ صرف ناول جي ڪردار کي اهميت ڏيڻ لاءِ يا ڪردارن جي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ“ (4)

ورهاڱي کانپوءِ هيل تائين گهٽي ۾ گهٽا ناول گوبند مالهيءَ لکيا آهن. هن ويهن کان مٿي ناول لکيا سندس پهريون ناول ”آنسو“ هو. هن ناول جي باري ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو تہ ”فني نڪتہ نظر کان نہ ايڏي معيار جو آهي ۽ نہ ئي ان مان شروعاتي ڪوشش جي لحاظ کان ايڏي اميد رکي سگهجي ٿي“ (5)

ايشور ڀارتي جو ناول ”ديوارون 1947ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو رومانوي ناول هو. ارجن ديئا رام ناناڻي جا ڪيترائي ناول شايع ٿيا. جيڪي مختلف موضوعن

تي مبني هئا. ٽيڪچند ريواڻي جو ناول ”شاعريءَ جا لڏون“ دراصل مزاحيہ ناول آهي. دولترام هيمنداس ڪلياڻي ڪيترائي جاسوسي ناول لکيا. جن ۾ ”تسور داس“ ۽ ”سندري“ اهم آهن. سشيلا لعلواڻي پڻ ڪجهہ جاسوسي ناول لکيا. جن ۾ ”پروفيسر موهن جو خون“ (1973) ”نرملا نرس جو خون“ (1975) ۽ ”جعلي نوٽ“ (1978) اهم آهن. سندر حشمتراءِ ڪيترائي رومانوي ۽ سماجي ناول لکيا. جن ۾ اهم ”تراس ناري“ (1964)، پيار جا سپنا (1967) ۽ ”ديوتا روئي ڏنو“ آهن. شريچند هوندراج وري ٻارن لاءِ سٺا ناول لکيا. جن ۾ سندس ”بهادر راجڪمار“ (1972)، ”پيار جو پيغام“ (1978)، خاص آهن. ڪرشن ايسرداس گربخشاڻي ”هنيلي“، ”هڪ دل هزار زخم“ جهڙا سٺا ناول لکيا. ڪشور چمو جا ”جيو“، ”لاج“ ۽ ”ڪمزور ڪڙيون“ جهڙا رومانوي ناول لکيا. ڪمل پياسي ”ٻہ آواز هڪ پڙاڏو“ ناول لکيو. جيڪو رومانوي ناول آهي. لوڪرام ڏوڏيجا ”خوني ڪير (1967) ”هندي جو حوالو“ وغيره ناول لکيا. مشهور ڪهاڻيڪار گنو سامتاڻي جو ناول ”واپس“ (1975) ڪافي مشهور ٿيو. هن ناول ۾ تمام گهٽو اثر آهي. ڪردار ناول جي ڪهاڻي کي پڄاڻيءَ تائين آڻيندي گفتگو ۽ عمل جو هڪ سلسلو قائم ڪن ٿا.

هولارام هنس، بنيادي طور تي نقاد آهي، هن جو ناول ”پايل“ 1982ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ فئنٽيسي تي ٻڌل هڪ ڪهاڻي آهي، جتي هڪ نئين دنيا جي ڇوڪري سان هو محبت ڪري ٿو ۽ هن کي هندستان جي ادب ۽ ثقافت سان روشناس ڪرائي ٿو. ان کان علاوه سندري اتمچنداڻي، پوپٽي هيرانندڻي، ڪلا پرڪاش، ريٽا شهاڻي، موهن ڪلپنا، ڊاڪٽر چندو لعل جيسنگهاڻي، موتي لعل جوتواڻي، ڪرشن کٽواڻي، ڪيرت مهرچنداڻي، موتي پرڪاش، هري موٽواڻي، لعل پشپ، گوبند خوشحالاڻي، هري همٿاڻي، پرم اپچنداڻي، آنند ٿهراڻي، جوتي ايشوري، آنند کيماڻي، آنند رامچنداڻي، تارا ميرچنداڻي، شيام جيسنگهاڻي، وشنو ڀاٽيا، لڇمڻ ساٽي، نامديو چنداڻي، گرڌاري لعل ڏوڏيجا، سندر حشمتراءِ ۽ ٻيا ڪيترائي نالا اچي وڃن ٿا. جن هندستان ۾ سنڌي ناول جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي.

## آزاديءَ کان پوءِ هندوستان ۾ ڪي مشهور سنڌي ناول نگار

### گوبند مالهي (1921_2001ع)

گوبند مالهي جو جنم ٽارو شاهه ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هن صاحب سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. سنڌي ناول نگاري، افسانہ نگاري ۽ ڊراما نويسي ۾ هن جون وڏيون خدمتون آهن.

هن جي ناول لکڻ جي شروعات ورهاڱي کان اڳ ئي چڪي هئي. سندس ناولن جو تعداد ٽيهه کان بہ مٿي آهي. 1946ع ۾ گوبند مالهيءَ جا ٽي ناول شايع ٿيا، جيڪي ان دور جي باغي نوجوان جي خيالن جي اپٽار ڪن ٿا. هنن ۾ "ساٿي" قومي موضوع تي، "قاسيءَ جي ڪوٺڙي" (ترجمو) انقلابي موضوع تي ۽ "چترليکا" تاريخي پسمنظر تي مبني هئا. اهڙي طرح 1947ع ۾ شايع ٿيل ناولن مان "انقلابي شاهراهہ"، "بغاوت ۽ انقلاب" اهم آهن ۽ جڏهن تہ سندس ٻيو ناول "آنچل" رومانوي ناول آهي. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جو يگانو ناول نگار هندستان لڏي ويو جتي ڪيترائي ناول لکيائين.

1952ع ۾ سندس ناول "ماءُ" شايع ٿيو جيڪو روسي ناول نگار ميڪسم گورڪي جي "Mother" جو ترجمو آهي. هن ناول ۾ هڪ ماءُ جي انقلابي ڪردار کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هي ناول ترجمو هجڻ جي باوجود سنڌي ادب جو شاهڪار آهي. گوبند مالهي تي ميڪسم گورڪي جو تمام گهڻو اثر هو. هن "ميڪسم گورڪي" جي 1984ع ۾ جيون ڪٿا بہ لکي. گوبند مالهيءَ تارا شنڪر بئنرجي جي ناول جو ترجمو "ڌرتي ماتا" (1953) جي نالي سان ڪيو. هي ناول قوم پرستي ۽ وطن پرستي جي لاڙن جي ترغيب ڏئي ٿو. چئندو ڪمار جي هندي ناول جو ترجمو "سنينا" (1953) جي نالي سان ڪيائين. هي ناول نفيساتي لاڙي تي مبني آهي، جنهن جو اهم موضوع عورت جي پيار تي ڏيکاريل آهي، جنهن جي زندگي ۾ الڳ الڳ مرد اچي وڃن ٿا.

1953ع ۾ سرگرم ساهتيہ وارن گوبند مالهي جو طبعزاد ناول "آنسو" شايع ڪيو. هن ناول ۾ مصنف سنڌ مان لڏي وڃڻ کانپوءِ هندستان ۾ بمبئي جي ڪئمپن جو ماحول ۽ اتي جون حالتون بيان ڪيون آهن ۽ ڪئمپن جي حالتن جو پورو پورو

نقش پيش ڪيو آهي. هن ناول ۾ مکيہ مسئلو جيڪو ڪهاڻي جو مرڪزي خيال آهي، سو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي شاديءَ جو آهي. هن ناول ۾ ڪامياب شاديءَ لاءِ چڱي ڄاڻ ڏنل آهي. جيتوڻيڪ ناول جو خاتمو خوشي جي حالت ۾ آهي پر سڄي ماحول تي ڏک جو ماحول پڻ ڇانيل آهي. ساڳي سال هن جو ٻيو ناول ”زندگي جي راهہ تي“ ڪهاڻي ساهتيہ وارن شايع ڪيو. جنهن جو خاص مسئلو ”ڪٽنب“ پيش ڪيل هو. هي هڪ گهريلو ۽ سماجي ۽ ڪٽنبي ناول آهي. ناول جي هيروئن سرسوتي پنهنجي مائٽن جي مرضي خلاف شادي ڪري ٿي، جنهن ۾ هوءَ ڪامياب زندگي گذاري ٿی“ (6)

1956ع ۾ لينو تانگ جو چيني ناول ’تانيءَ‘ جي نالي سان ترجمو ڪيائين. گوبند مالهيءَ ترجمي ڪرڻ سان گڏ ان ۾ ڪجهہ ڦير ڦار ڪري ان کي سنڌي ماحول سان ٺهڪايو اٿس. چين اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي؛ اسان سان گڏ ئي غلاميءَ کان نڪتو آهي، ان ڪري هن جا حالات اسان سان گهڻي قدر ملي اچن ٿا. هن ناول ۾ ڌرتي سان پيار ڪرڻ ۽ سنڌس حفاظت ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي.

ساڳي سال سندس ناول ”جيون ساٿي“ پڻ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع شاديءَ جي مسئلي تي رکيل آهي، جنهن ۾ معاشرتي معاشي حالتن، ريتن رسمن جو بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ ٽن جوڙن کي پيش ڪيو ويو آهي يعني هن ناول جي ڪهاڻي مرڪب (Compound) آهي، جنهن ۾ پهرين جوڙي جي ڪهاڻي تمام سٺي نموني ۾ پيش ٿيل آهي، پر آخر ۾ هيروئن جو مايوس ٿي بدمعاشن ۾ وڃڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهہ معلوم ٿئي ٿي. ٻيو جوڙو پهرين جوڙي سان بلڪل مليل نظر اچي ٿو، پر ٽيون جوڙو بلڪل جدا ڪهاڻي ۾ هلندو نظر اچي ٿو، جنهن جو پهرين ۽ ٻئين جوڙي سان ڪو بہ تعلق نہ آهي.

**من جو ميت:** ساڳي سال ۾ سندس ”من جو ميت“ شايع ٿيو. هن ناول ۾ موضوع شادي جي مسئلي تي ٻڌل آهي. هن ناول جو ماحول بہ بمبئيءَ جي ڪئمپن وارو آهي. هن ناول ۾ وري چار جوڙا متعارف ڪرايا ويا آهن. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ ”هن ناول جي خاص خوبي آهي، جو منجهس عملي طريقا ڏسيل آهي تہ ڪيئن سنڌو نگر جي پئنچاتي سرشتي کي سڌارڻ،

سهڪار منديون برپا ڪرڻ ۽ ڪارخانا کولي، ماڻهن کي مشغولي ڏيڻ سان هڪ آدرشي سنڌ پيدا ٿي سگهي ٿي“ (7)ساڳي سال مالهيءَ جو مشهور ناول ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ شايع ٿيو هن پوري ناول جي ڪهاڻي وطن جي يادگيرين سان پريل آهي، جنهن ۾ پنهنجي اصل وطن جي يادگيرين کي تمام خوبصورت ۽ جذباتي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هي ناول جذبات نگاري جي لحاظ کان شاندار آهي. ان کان علاوه ورهاڱي جي نتيجي ۾ لڏ پلاڻ ۽ ڪئمپن واري زندگيءَ جي به شاندار نموني عڪاسي ڪيل آهي.

1954ع ۾ سندس پهريون ناول ”للڪار“ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع معاشري جي بگڙيل فردن تي تنقيد آهي ۽ انهن بگڙيل فردن جي جوابداري معاشري تي مڙهيل آهي. هي ناول موضوع ۽ ڪردارن جي لحاظ کان بلڪل منفرد آهي. ساڳي سال سندس ٻيو ناول ”چنچل نگاهون“ شايع ٿيو. هي هڪ رومانوي ناول آهي. هن ناول جو موضوع پيار جي شادي تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ جيئري تي شادي ۽ طلاق جي مسئلي کي به آندو ويو آهي.

اهڙي طرح 1955ع ۾ سندس شاهڪار ناول ”عشق نه آهي راند“ شايع ٿيو. ناول جو ڪردار ”مان“ (يعني ”قيمت“) هڪ سرمايه دار گهراڻي جو نوجوان آهي ۽ ”گدو“ هڪ غريب گهر جو اڻ پڙهيل مگر عاشق مزاج جوانڙو آهي. ٻنهي جو ”ستيءَ“ سان پيار ٿئي ٿو. جيڪا خود هڪ وڏي گهراڻي جي ڇوڪري آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ گدو پنهنجي دوست قيمت کان لکڻ پڙهڻ سکڻ بعد شهر ۾ ڪمائڻ ٿو وڃي ۽ اتي قيمت معرفت ستيءَ کي خط لکندو رهي ٿو. هوڏانهن قيمت پنهنجي دولت جي زور تي ستي سان شادي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. پر پوءِ پڇتاءُ ڪري هن کي پنهنجي ڀيڻ وانگر ٿو رکي. ستي گدوءَ جي غم ۾ سلهه جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ گدو پنهنجي حياتي انسانيت جي خدمت ۽ بهبوديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي ٿو ۽ آخر ستياهه گرهه ڪندي پوليس جي گولي جو شڪار ٿئي ٿو. گدوءَ جي موت تي قيمت به رشڪ ڪائي ٿو.

ناول ۾ گدوءَ جو ڪردار هڪ مڪمل نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي. گدو اسان جي سنڌي سماج جي هر غريب ۽ عاشق مزاج نوجوان جي نمائندگي ٿو ڪري. قيمت جو ڪردار ايترو اپيل نه آهي، ۽ هن جا ڪيترا ڪم، هن جي ڪردار

تي پورا نتا اچن ۽ ائين ٿو لڳي جڻ هن کان زوريءَ اهي ڪم ڪرايا ويا آهن.

ستيءَ جو ڪردار چڱو اپريل آهي. ”مامي“ جو ڪردار ته اهڙو بهترين نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جو ان تي هر ڪنهن کي پنهنجي ”مامي“ هجڻ جو شڪ ٿو ٿئي. اهڙا ماما هر گهر ۾ موجود آهن. جيڪي پنهنجي نندن کي خوله مخوله جي رعب سان سڌارڻ ٿا چاهين پر نتيجو ابتو ٿو نڪري هي ناول موضوع ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان هڪ شاهڪار ناول آهي. هن ناول ۾ ڪردار نگاري ۽ جذباتيت کي وڏي اهميت ڏني ويئي آهي. ناول جي ٻولي ۽ مڪالما پڻ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

سندس ناول ”شرم ٻوٽي“ 1956ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڳوٺاڻي پسمنظر جي منظر نگاري شاندار آهي. ناول جي موضوع لاءِ ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿو ته ”هن ناول جو موضوع سنڌي خانه بدوش بازيگرن جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي“(8)

1955ع ۾ گوبند مالهي جو سماجي ناول ”لوڪ آهي ٻوڪ“ شايع ٿيو. هن ناول ۾ سماجي اوڻائين تي سخت چوٽون ڪيو ويون آهن.

1956ع ۾ سندس ناول ”ديسي سيڻ ڪجن“ شايع ٿيو. هن ناول بابت خود ناول نگار لکيو آهي. ”سورهيائي ان ۾ آهي ته سيني مشڪلاتن جو مقابلو ڪري اسين پنهنجي پوتر ۾ پوتر وستو ۽ سنڌيت کي سنڀاليون سانديون ۽ وڌايون. هن ناول جو مرڪزي خيال به اهوئي آهي“(9)

1961ع ۾ سندس ”ڏيهي پر ڏيهي ٿيا“ منظر عام تي آيو هن ناول ۾ لڏي ويل سنڌين ۽ سنڌ جي سنڌين جي وچ ۾ لاڳاپو ڏيکاريو ويو آهي. هن ناول جي خوبي اها آهي ته اهو سڄو خطن جي صورت ۾ آهي. ساڳي سال سندس ”پيار جي شڪست“ شايع ٿيو. هن ۾ ٻن ڀائرن جي ساڳي ڇوڪري سان پيار ڪرڻ تي ٻڌل ڪهاڻي آهي. هن ناول ۾ عورت جي پيار کي وڏيڪ اثرائتي نموني ڏيکاريو ويو آهي. ساڳي سال ۾ سندس ”سنڌو ڪناري“ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌين کي هندستان اجاگر ڪرڻ جو درس ڏنو ويو آهي. سندس ناول ”سنڌو ڪناري“ ۾ هندستان ۾ سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. ان کان علاوه اتان جي سنڌين جي سماجي ۽ معاشي مسئلن جي عڪاسي پڻ ڪئي آهي.

1956ع ۾ سندس ناول ”هڪ انسان سؤ طوفان“ شايع ٿيو، جنهن ۾ موضوع اهو آهي ته هر مرد جي ڪاميابي پويان ڪنهن عورت جو هٿ هوندو آهي، هن ناول ۾ هڪ عورت هڪ شرابي، ٺگ، گندي مرد کي سڌي رستي تي آڻي هڪ ڪامياب انسان بنائي ٿي، سڄي ناول ۾ عورت جي محبت عصمت ۽ قرباني کي ڏيکاريو ويو آهي. 1975ع ۾ هن جو ناول ”محبت جي راهه ۾“ شايع ٿيو. هي ناول انساني رشتن جي نباهڻ ۽ محبت جي حق کي نباهڻ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. ناول ”سوري پائين سيج“ هڪ تاريخي ناول آهي، جنهن ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ظالمن جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي. ناول ”سونهن جو سوداگر“ هڪ سماجي ناول آهي، جنهن ۾ اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته ضرورت کان گهڻ پيسو گناهه کي جنم ڏئي ٿو ۽ ضرورت کان وڌيڪ خود وڏو گناهه آهي.
”مسوريءَ جي راڻي“ اولاد ۽ والدين جي رشتن ۽ رنجشن متعلق آهي هن ناول ۾ اهو سمجهايو ويو آهي ته اولاد جي باري ۾ ڪو فيصلو ڪرڻ کان اڳ سندن راءِ معلوم ڪئي وڃي. ناول ”پاپي“ هڪ سماجي ۽ گهريلو ناول آهي، جنهن ۾ رشتن جي سچائپ تي زور ڏنو ويو آهي.
سندس ناول ”پيار جي پياس“ 2000ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع پيار جي نه ڪٽندڙ پياس آهي. هڪ انسان ڪيترو به پيار حاصل ڪري وٺي پر تڏهن به سندس پيار جي پياس ختم نه ٿي ٿئي.

ان کان علاوه به گوبند مالهيءَ جا ڪيترائي ٻيا به ناول شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ ترقي پسند فڪر، رومانيت، روحانيت، سماجي فڪر، ادبي فلسفا ۽ تحريڪون وغيره اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه هن جا ناول فني لحاظ کان مقصد تي ٻڌل هوندا آهن ۽ انهن ناولن جو مرڪزي خيال معاشري جي اصلاح هوندو آهي. سندس ناولن جي ٻي اهم ڳالهه جذبات نگاري ۽ ڪردارن جي اپٽار آهي. هن جا ڪردار عام ماڻهو آهن جيڪي معاشري ۾ گهمندا ڦرندا نظر اچن ٿا. انهن وٽ غلط، صحيح، جذبات ۽ جبلت وغيره جا احساس آهن. مطلب ته سندس ناول سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکن ٿا.

**پوپٽي هيراننداڻي (1924_2005ع)**

پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو

پوپٽي رامچند هيراننداڻي هو. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ هندستان هلي ويئي، جتي تعليم و تدريس جي پيشي سان وابسته رهي. هن سنڌي ادب جي سڀني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي. هوءَ ناول نگار، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، نقاد، محقق ، مترجم ۽ شاعر طور سڃاتي وڃي ٿي. هن چار ناول لکيا آهن: ”منجو“ (1950) ”حسرتن جي تربت“ (1961) ، ”جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تات“ (1966)، ”سيلاب زندگيءَ جو“ (1981). ”منهنجي حياتي جا سونا روپا ورق“ (آتم ڪهاڻي) ڪتاب کي 1982 ۾ ساهت اڪيڊمي انعام عطا ڪيو.

سندس پهريون ناول ”منجو“ 1950ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ناول ۾ هڪ رواجي ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ ۽ شهري ڇوڪري تي لکيل دلچسپ ڪهاڻي آهي. پورو ناول تجسس سان ڀرپور آهي. ناول ۾ ٻي جوڙ شاديءَ جو موضوع ڏنو ويو آهي. سندس مشهور ناول سيلاب زندگي“ جو (1981) ۾ شايع ٿيو. هي سندس شاهڪار ناول سمجهيو ويندو آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي سبب سنڌ ڇڏي هند وسائيندڙ سنڌين جي ٻن پيڙهن جي ذهني ۽ طبعي ورهاڱي جي حالتن تي چپيندڙ انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي. سنڌ ڇڏي ويندڙ ۽ هندستان ۾ پئدا ٿيل نسل ۾ ڏار ڏار ڏرتين جي نفسيات وسيل آهي، جن ۾ ثقافتي حالتون هڪٻئي کان ڌار هئڻ سان گڏ سندن پئدائش واري حالتن ۾ به وڏو ويڇو آهي. گڏوگڏ سموري سماج ۾ عورت جيڪي پوڳڻائون پوڳي ٿي تن تي به ڏاڍي تفصيل سان سوال اٿاري ماحول جي مڪروهيت تان پردو ڪنيو ويو آهي.

سندس ناول ”حسرتن جي تربت“ ۾ ڪاليجي زندگي ۽ ولايتي سفر جا رنگين دلچسپ واقعات ڏنل آهن، جيڪي وندر ۽ دلچسپي پيدا ڪن ٿا. پوپٽي سنڌي ناولن ۾ هڪ نئين رجحان کي متعارف ڪرايو. هن عورتن جي مسئلن اهي پلي گهريلو هجن، نفسياتي وهم يا روحاني نڪتا هجن. انهن سڀني جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. پوپٽي جي ناولن ۾ حياتيءَ جي هر ڪنڊ کي اظهار ڏنو ويو آهي. سندس ٻولي عام پڙهندڙ کي بهترين نموني سمجهه ۾ اچي ٿي. جتي سنڌري جا ناول ترقي پسندي واري نظرئي جي نمائندگي ڪن ٿا اتي پوپٽي جا ناول ۾ معاشرتی اوگهڙ ظاهر ڪرڻ ۾ به ماهر آهي.

پوپٽي هيرانندانڻيءَ جي 1987ع ۾ لکيل ناول `سيلاب زندگيءَ جو` ۾

عورتن جي حوالي سان ڪجهه اهم مسئلن جو ذڪر ٿيل آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي جي وقت جيڪا دڪدائڪ صورتحال هئي، ان جو به ذڪر آهي، جڏهن هندو سنڌ مان لڏي رهيا هئا ته گهر جون وڏيون عورتون، نوجوان ڇوڪرين کي خودڪشيءَ جا مشورا ڏينديون هيون، ته جيئن نوجوان ڇوڪريون مسلمانن جي ور نه چڙهي وڃن” (10) هن ناول ۾ نوڪري ڪندڙ عورت لاءِ سٺو تصور پيش ٿيل ناهي.

## موهن ڪلپنا (1934_1992ع)

سنڌي افسانوي ادب جي هن وڏي اديب جو جنم ڪوئٽڙي شهر ۾ ٿيو. سندس پورو نالو موهن بولچند لالا ڪلپنا هو. هو ڪهاڻيڪار، ناول نگار، شاعر ۽ نقاد هو. سنڌي ادب ۾ رومانوي اديبن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين جي مجموعن سميت ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن.

موهن جي ناولن ۾ ”آورله“ (1953) ”لگن“ (1954)، ”عورت (1956)، ”زندگي“ (1957)، ”پٿر جو جگر“، ”ميٺ جي دل“ (1958)، ”وشواس“ (1959)، ”سرڳ جي ڳولا“ (ٻارن لاءِ ناول 1958)، ”رج ۽ پاڇا“ (1966)، ”پيار جي پڇاڙي“ (1969)، ”جلاوطني“ (1964)، ”تون منهنجي سندرتا جو آرنيِ آهين“ (1975)، ”ماءُ“ (1979)، ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ (1981)، ”تاريخ مان موڪل“ (1991) ۽ ”درد جو درياهه“ (1992) شامل آهن. سندس پهرين ڪهاڻي ”آتم هتيا“ جنهن ۾ ورهاڱي ۽ وڇوڙي جو درد سمايل هو.

موهن ڪلپنا جو پهريون ناول ”آواره“ 1953ع ۾ شايع ٿيو، ان وقت سندس عمر صرف ٽيويهه سال هئي. هن ناول ۾ پيار ۽ پيڙا جي گڏيل احساسن کي کولي چٽو بيان ڪيو ويو. هڪ وئشيا جي جسم ۽ ان جي چن پٽ کي وائکو ڪري پيار جو اٽپورو انت ڏيکارو ويو، جنهن ڪري ناول تي اگهاڙپ جو الزام به لڳو. هن ناول تا ڳردار پنهنتي دنيا تا ٿودمتپيار ٺورما آهن. ٻاهران ائين پيو لڳندو ڙيڳاريل ائين آهي به هيءُ ڳردار زماني تي چال ٺان نه. پر زمانو هنن تي چال ٺان بدلتي رهيو آهي.

1954ع ۾ سندس ”لگن“ شايع ٿيو. هن ناول لاءِ چندر ڪيسواڻيءَ لکيو آهي ته ”موهن پنهنجي پهرين پيار ۾ ڪيل شعوري تجربن کي ناول جو موضوع بڻايو

جنهن جا مشاهداتي پس منظر پناهگير زندگي جي درد منديءَ تلخي آهي. ناول ادبي حلقن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي، جنهن ڪري ڪل هند ليکڪ ڪانفرنس ۾ ناول جي بنياد تي موهن ڪلپنا کي وڏي مڃتا ڏني وئي. هن ناول ۾ هڪ آزاد پسند قسم جي عورت جي شخصيت کي پيش ڪيو ويو آهي” (11)

سنڌس ناول ”عورت“1956ع ۾ شايع ٿيو. هي هڪ رومانوي ناول آهي. ناول لاءِ پروفيسر منگهاڻي لکيو آهي ته سوال آهي ته ڪيتري قدر انهيءَ حقيقت تي ٻڌل ڪلپنا مان پريم جي ماهنا هن ناول ۾ ظاهر ڪيل آهي جنهن جا ليکڪ گڻ ڳايا آهن. ناٽڪ پنهنجي پريتما ۾ اڀرو گمان ٿو آڻي ۽ ٻي ڇوڪري سان تڙ ۾ شادي ڪري ٿو ڇڏي پريتما وري رقيب ڪان بي دليو ۽ زبردستيءَ مٿيون پيئي ڏياري اهو رقيب واري تصور ۾ هڪ لکنوي نرتڪي ڏسي ان تي مفتون ٿي پوي ٿو ڪيس ڳولهڻ لاءِ سچ پچ لکنوءَ چڙهي ٿو وڃي منهنجي خيال ۾ هن ناول جا مکيہ پاتر جوش وهيڻا ۽ جذباتي پاڳل هئا، نہ مهان پريمي” (12)

سنڌس ناول ”ماءُ“ 1973ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ پيءُ ڪلياڻي پنهنجي پٽ حشمت کي مذهب تبديل ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو ته جيئن هو مسلم ڇوڪري سان شادي ڪري سگهي. ٻئي طرف ان ڇوڪري جي بہ خواهش آهي تہ جڏهن هوءَ مري وڃي تہ هن جي جسم جي خاڪ کي سنڌو درياهہ ۾ پرواهہ ڪيو وڃي. 1968ع ۾ سنڌس ناول ”رڃ ۽ پاڇا “شايع ٿيو. هي ناول آتم ڪٿائي آهي هن ۾ ڪمار پنهنجپ پاڻ کي ڏند ڪٿائي شخصيت ڪار تيسڪيا جي حوالي ڪري ٿو. ليکڪ لاءِ آرتيڪا مها آدرش آهي، جيڪو پنهنجي فن وسيلي ڏکن خلاف جدوجهد ڪري ٿو. ناول هڪ تہ آتم ڪٿائي آهي، ٻيو هن ۾ آرٽ جي اپٽار ڪيل آهي. ناول ۾ عورت جا مختلف روپ ڏيکاريا ويا آهن. زندگيءَ جي باريڪين کي فن آرٽ وسيلي ڏيکاريو ويو آهي” (13)

موهن جو ناول ”جلاوطني“ هندستان جي ورهاڱي جي پسمنظر ۾ هڪ شاهڪار ناول آهي. هونئن تہ هن ساڳي ڏس ۾ ٽي ناول لکيا. جلاوطني (1974)، ماءُ (1979) ۽ سمنڊ ۽ ڪانءُ (1981). سنڌس ناول ”جلاوطني“ ۽ ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ علامتي ناول آهن. اهي ٽئي ناول سنڌ مان شروع ٿي، سرحد پار ڪري هند ۾ ڇيهہ پائين ٿا. جلاوطني ۾ ڪيترين ئي اڻ وسرندڙ ستون آهن. مثال طور ”پڳوان

15 آگسٽ 1947ع تي مري ويو يا ”منهنجي مٽان بي پناهه آسمان آهي، مگر پيرن هيٺان نه قوت زمين ڪانهي“ يا ”هيٺ پاڻي ۽ مٿي آڪاس آهي، وچ ۾ منهنجي لاش آهي.“ يا ”مان تاريخ مان موڪل تي ٿو وڃان“ يا ”رستي جا پٿر ڪي پناهگير آهن، تاريخ جي راهه ۾ رُلندڙ.“

سنڌس ناول ”سمنڊ ۽ ڪانءُ“ به هن پناهگيري واري پسمنظر ۾ لکيو هو. هن ناول ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”گرونانڪ جڏهن آخري دفعو اکيون بند ڪيون. سنڌس چادر حاصل ڪرڻ لاءِ هندو ۽ مسلمان ششن ۾ به ڌريون ٺهيون ۽ پس پيش سنڌس چادر جا ٻه حصا ڪيا ويا. هندستان ۽ پاڪستان جو جنم ان ڏينهن ٿيو. هن ناول جو پسمنظر ڪراچي شهر ۾ ڏيکاريو ويو آهي. جنهن ۾ سلامت نالي هڪ غريب ڇوڪرو اڪيلي سر پوري سامراج سان جنگ جوٽڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. مطلب ته ناول هڪ انقلابي جي ڪهاڻي آهي.

”پيار جي پڇاڙي“ناول جي ڪهاڻي ”رڃ ۽ پاڇا“ سان ڪافي ملندڙ جلندڙ آهي. هن ناول جو هيرو چندر آهي، جيڪو ڪمار وانگر عورتن سان تعلق رکڻ چاهي ٿو وغيره هي هڪ رومانوي ناول آهي چندر ۽ ريکا جو. ريکا هڪ اسپتال ۾ نرس آهي. ان کان پوءِ هن جو عشق آشا سان به هلي ٿو. هن کي ڪٿي به سڪون حاصل نٿو ٿئي. هر دفعي هڪ نئين عشق جي تلاش ۾ اڳتي وڌي وڃي ٿو. سنڌس ناول ”وشواس“ ۽ ”درد جو درياهه“ اهڙا ناول آهن، جن ۾ هن هيٺين طبقي جي گهرائي ۾ وڃي، انهن جي مسئلن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. ”وشواس“ جو پلاٽ ماديت ۽ روحانيت جي ٽڪراءَ واري پسمنظر ۾ آهي“ (14)

موهن ڪلپنا جا ناول سنڌس ذات جي آس پاس گهمن ٿا. جيئن ته هو خود هڪ پيڙهيل طبقي سان تعلق رکندو هو ان ڪري هن جا ڪردار به سنڌس ذات جي نمائندگي ڪن ٿا. هن پنهنجي ناول ”آواره“ ۾ هڪ وئشيا جي زندگي کي چٽيو آهي. ”لگن“ ۾ هن پنهنجي پهرين پيار ۾ ڪيل شعوري تجربن کي ناول جو موضوع بنايو آهي. سنڌس ناول ”اڃا رات باقي آ“ ۾ پور چگيزن خلاف هندستاني ويڙهه جي تجربن ۽ هندستاني اڳواڻن جي چالبازين کي موضوع بڻايو ويو آهي.

هن جي ناولن جا موضوع وقت ۽ مڪان جون حدون ٽوڙي نہ فقط انساني رشتن ۽ ناتن کي جوڙين ٿا، پر پورن انساني قدرن سان نياهہ پڻ ڪن ٿا. هي نہ فقط سچي ۽ سڌي اظهار، نج آزموديءَ تخليقي ڏانءُ جي بنياد تي پر اهڙا فني ناول آهن، جيڪي احساسن ۽ پيڙائن جي اٽڪت رڻ ۾ گهلي وڃن ٿا.

موهن جون لکڻيون، درد، پيڙا ۽ سماجي اصلاح تي مبني آهن. هن جا ڪردار صدين کان بک، غربت، بيوسي ۽ غلامي ۾ جڪڙيل آهن. ان کان علاوه هن جي ناولن جا ڪردار حساس دل ۽ ڏکويل پڻ آهن. هو پيار حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپي تڙپي، پيار حاصل ڪرڻ بجاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي دل جو درد واپرائين ٿا.

موهن جي ناولن ۾ سنڌ لاءِ بي انتها محبت جو اظهار ملي ٿو. سندس ئي لفظن ۾ هر رات جنهن رات مون کي سنڌ خواب ۾ ايندي آهي، تڏهن مان هڪ وچڙيل ننڍي ٻار جيان ڇرڪي پوندو آهيان". موهن جي سيني ناولن ۾ رومانيت جو عنصر غالب هوندو آهي جن ۾ محبت جا داستان، وڇوڙا، عذاب ۽ فراق هوندا آهن. ان سلسلي ۾ "وشواس"، تون منهنجي سندرتا جو آرنيءِ آهين"، "رج ۽ پاڇا"۽ "آواره" رومانوي ادب جو بهترين مثال آهن.

موهن جي طرز تحرير آسان آهي، هو هر ڳالهہ منجهائيندڙ فلسفي بدران سادن سودن لفظن ۾ سمجهائي ٿو. سندس ناولن ۾ اونهائي بہ آهي. ناول "وشواس" ۾ وقت جو مشاهدو هيئن ڪيو اٿائين "وقت جذبي سان ڪنو هلندو آهي پل جو وڃڻ وقت جو هڪ پل اڳتي وڌڻ آهي."

موهن ڪلپنا جي 1953ع ۾ لکيل ناول 'آواره' ۾ بہ تمام حساس موضوع کي اٿاريو ويو آهي. 'ڪملا'، 'اشوڪ' سان محبت تي ڪري، پر اشوڪ، ڪملا کي دوکو ڏئي ٿو. هو پهرين شاديءَ جي ڳالهہ ڪملا کان لڪائي ٿو. ناول جو ڪردار موهن بہ عورت لاءِ ڪا چڱي راءِ نہ ٿو رکي"(15)

**چندو لعل ڪشنچند جئسنگهاڻي (1919ـ 1993ع)**

ڊاڪٽر چندو لعل جو شمار هندستان جي وڏن سنڌي ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو. سندس جنم رتوديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ورهاڱي بعد هندستان هليو ويو. هن ڪيترائي ناول لکيا آهن. جن ۾ "بادل يومي"، "ننگي پنج رنگي"، "پهاڙي

چوٽيون“، ”اگني“، ”اپراڌي“، ”يوئر آنر“، ”ساڌنا جو خون“، ”بندي“، ”اماس“، ”استري ۽ ايرڪا“، ”پرش ۽ پيار“، ”پن پن پن پوپون“، ”گهر گهر هن“، ”هڪ اهم ڀيو وهم“، ”زنده دل“، ”چوڏهن ڏينهن“ ”جنگ ۾ ماڌوري“، ”منهنجي شادي“، ”دوکو“، ”بگو بئريسٽر“، ”ڊاڪٽر ديال جو خون“ ۽ ٻيا ناول شامل آهن.

چندو لعل جو ناول سان دلي لڳاءُ رهيو آهي. هن ناول تي ”سنڌي ناول جي ارتقا“ جي عنوان سان ٿيسز لکي پي_ ايچ_ ڊي پڻ ڪئي آهي، جيڪا 2004ع ۾ شايع پڻ ٿي چڪي آهي. ڊاڪٽر چندو لعل جا اڪثر ناول تفريحي، جاسوسي ۽ ڪورٽ جي ڪيسن تي مبني دلچسپ موضوعن تي آهن.

سندس ناول ”زنده دل“ سٺو ناول آهي، هن ۾ هڪ مسلمان ڇوڪري ۽ هندو ڇوڪري جي عشق جو موضوع ڏنو ويو آهي. سندس ناول ”منهنجي شادي“ 1954ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جي باري ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته 1954ع جي پڇاڙي وارو ناول آهي. سنڌ واري جهوني ناول نويس چندو لعل جئسنگهاڻيءَ جو ”منهنجي شادي“، جنهن ۾ هڪ برجستي جوان جي ٽن ڇوڪرين کي عمدي نموني واري منجهيل مسئلي کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. اهي ٽي نمونا آهن: جذباتي پيار، روحاني پيار، جنسياتي پيار، ڪردار نگاري باريڪ طرح ڪيل آهي. ليکڪ جا ويچار گهرا آهن ۽ ٻولي به مؤزون ڪتب آندي اٿس“ (16)

”بگو بئريسٽر“ ۾ هن ڪورٽ جا اهي سچا ۽ حقيقي چٽ چٽيا آهن، جيڪي ماڻهو ڏسڻ چاهيندو آهي پر فرصت نه هئڻ سبب ڏسي نه سگهندو آهي. هيءُ هڪ جاسوسي ناول آهي. چندو لعل جو ناول ”پهاڙي چوٽيون“ (1957) ۾ به ڏاڍو مشهور ٿيو. هن جو مول ڪردار آنند جيڪو لڄارو ۽ شرميلو آهي. هو بمبئي ۾ ايم_اي جو امتحان ڏيڻ ٿو اچي ۽ اتي پنهنجي پاءُ جي دوست جي گهر ۾ رهي ٿو. اتي ان جي ڌيءُ ”بهلا“ سان هن جو پيار ٿي وڃي ٿو، پر سندن پيار ڪامياب نٿو ٿئي. ان عشق جي آڳ پار ڪرڻ کي ليکڪ ”پهاڙي چوٽيون“ ٿو سڏي. نيڪي بدي جي جنگ تي ٻڌل سندس ناول ”اپراڌي“ به سٺو ناول آهي. هن ۾ ڏيکاريل آهي ته اپراڌ جو انجام سزا آهي، پوءِ اها سزا قادر ڏئي يا قاضي مولىٰ ڏيئي يا منصف.

سندس ناول ”بادل پومي“ هڪ سياسي موضوع تي ٻڌل ناول آهي، جنهن جو مرڪزي ڪردار ڪرنل موهن آهي. سندس ناول ”پن پن پن پون“ ۾ گوتم نالي ڪردار جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي. ان کان علاوه عورت جي معاشري ۾ عزت ۽ مقام بہ هن ناول جو موضوع آهي.

اهڙي طرح هن پنهنجي ناول ”يوئر آنر“ جي ڪهاڻي پنهنجي پروفيشن مان کنئي آهي. هن قاعدي قانون جي نڪتن کي افسانوي ادب جو روپ ڏنو آهي. سندس ناول ”ننگي پنج رنگي“ هڪ سماجي ناول آهي، جن ۾ نوجوان ڇوڪرين جي آوارگي ۽ ڇڙواڳي موضوع بڻائي، ان تي تنقيد ڪئي ويئي آهي. ”باهہ برسات“ سندس رومانوي ناول آهي. جنهن ۾ سندس متو آهي تہ پيار جي شادين ۾ هٺرادو عمر جون رڪاوٽون هجڻ نہ گهرجن“ (17)

چندولال جئسنگهاڻيءَ جو ناول ’بندی‘ بہ ان ساڳی موضوع تی لکيل آهی، بندي ناول ۾ عورت جی سماجی حيثيت تی بحث ٿيل آهی، ڏنو ويی تہ سماج جو رويو عورت خلاف تمام ظالم رهيو آهی، بيواهہ ٿيڻ ۾ عورت جو هٿ نہ هوندو آهی، پر بيواهہ عورت هڪ محرم جيان گهر جي ڪنڊ ۾ بي جان مورت بڻجي زندگي گذارڻ تي مجبور هوندي آهي. ان کان علاوه هن جا ٻيا بہ ڪيترائي ناول شايع ٿيل آهن، جن ۾ سياسي، سماجي، جاسوسي ۽ رومانوي موضوع اڇي وڃن ٿا. هن جي ناولن جا پلاٽ پختا ۽ رٿائتا هوندا آهن.

## موتي لعل جوتواڻي (2007_1936ع)

سنڌي ٻوليءَ جو برک اسڪالر، لطيف شناس نقاد، ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي جو جنم روهڙي شهر ۾ ٿيو. انگريزي، هندي ۽ سنڌي ۾ 55 کان مٿي ڪتاب لکيائين. هن پنج ناول بہ لکيا، جن ۾ ”پيلي بتي“ (2006)، ”اهي رشتا ناتا“ (1982)، ”گڏ بہ جدا بہ“، ”ڪوٺ “(1985) ۽ ”مان جوئي آهيان سوئي آهيان“ (آتم ڪٿائي ناول 1997) سندس ڪهاڻين جا چار ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن مان ”سچاٽپ جو سنگهٽ“ ۽ ”ڪجهہ آپ بيتي، ڪجهہ جڳ بيتي“ وڌيڪ مقبول ٿيا. 1985ع ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي سنڌ حڪومت پاران کيس شاهہ لطيف ايڪسيلنس ايوارڊ ڏنو ويو هو. سندس ڪتاب ”شاهہ لطيف هز لائيف اينڊ ورڪ“ 2006ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو،

جنهن ۾ مهورتي تقريب ۾ پاڻ به شامل ٿيو هو.

سندس ناول ”اهي رشتا ناتا“ ۾ ريکا جيڪا وئشيه آهي انهن جي محبت تي ٻڌل آهي. هن ناول ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته زندگي کي ڪا معني ڏئي هڪ وئشيه سان به خوشحال زندگي گذاري سگهجي ٿي. سندس ناول ”پيلي ٻتيءَ تي“ شهري زندگي ۾ ٽڪل زال ۽ مڙس هڪ ٻئي سان بيزار نظر اچن ٿا. سندن وجود هڪٻئي کي بيزار ڪري ڇڏي ٿو. مڙس پاڻ کي وندرائڻ خاطر ڪئبري ڊانسون ڏانهن رک ڪري ٿو ۽ زال پاڙي ۾ آيل پاڙيسرين وٽ سڪون حاصل ڪري ٿي.

**ڪيرت مهر چنداڻي (1933ـ 1989ع)**

ڪيرت ڪيولرام مهر چنداڻي جو جنم ڳوٺ دريا خان مري، ضلعي نوابشاهه ۾ ٿيو. ورهاڱي ڪان پوءِ وڃي گجرات وسايائين. هن ڪيترائي ناول، جهڙوڪ ”گناهن جي رات“ (1956)، ”جواني ديواني“ (1957)، ”رات ڏينهن“ (1958)، ”سپنو ۽ حقيقت“، ”الزام“، ”نئون صبح ـ نئون گيت“ (1963) ۽ ”انتظار“ (1974)لکيا آهن.

پوپٽي هيرانندڻي جي راءِ ۾ ڪيرت جا ڪردار رولاڪ آهن. هو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڦرن ٿا. ڪيرت ٻاٻاڻي پڻ ان راءِ سان شامل آهي، جڏهن هو لکي ٿو ته ” ڪيرت مهر چنداڻي، دکي انسان جو مترنه. پر سچو گرو آهي، جيڪو فرسوده اثر هيٺ پنهنجي پاترن کي پٽڪائي ٿو نه ته ٻيءَ طرح سندس باريڪ بيني ۽ افسانوي قوت گهٽو ڪجهه ڏيئي سگهي ٿي. “

سندس ناول ”نئون صبح ـ نئون گيت“ لاءِ منگهارام ملڪاڻي ڄاڻايو آهي ته ” هن ناول ۾ هڪ سنڌي رولاڪ جي آتم ڪهاڻي ڏنل آهي، جنهن کي اتر ۽ ڏکڻ هندوستان جي مکيه شهرن ۽ ڌرمي استانن جي رٽن ڪرڻ تي فخر آهي، ڇو جو ور ور ڪري انهن جا بيان پيو ڪري ۽ اهي رٽن ڪندي ڪندي ۽ جيون جو اپياس پرائيندي هو هڪ فيلسوف بڻجي پيو آهي ۽ اندگيءَ بابت پنهنجا ڳوڙها ويچار سڄي ڪتاب ۾ پيو هر هر دهرائي. نائڪ ۽ نائڪا جي وچ ۾ ”اهم“، ”موهه“ ۽ ”تياڳ“ جهڙن گنڀير مسئلن تي بحث مباحثا ڪڪ ڪيو ڇڏين ۽ ڪي ته پورا سمجهه ۾ به نه ٿا اچن. ائين ڪرڻ ۾ ناول نويسيءَ جي ڪلا ڪونهي،

چوجو آڪاڻيءَ جي اوسر ڪي ڀنجواچي ٿو وجي“ (18)

ڪيرت جو ٻيو ناول آهي ”انتظار“ (1974). هن ناول جو ڪردار ٻـ ڪيرت جي هميشہ جي عادت موجب، ”مان“ ئي آهي. پر اڳتي اهو ”مان“ ڪردار وري هڪ ٻئي ”مان“ ڪردار کي جنم ڏئي ٿو. ۽ اهو ئي پنهنجي جيون ڪهاڻي ٿو ٻڌائي. ان ”مان“ ڪردار جو اصلي نالو موهن آهي. هو ورهاڱي کان اڳ پنجاب جي لاهور شهر ۾ پيدا ٿئي ٿو. ننڍو ٻار آهي تہ ماءُ مري ٿي وڃيس. پڻس ٻي شادي ٿو ڪري ۽ گهر ٻار سميت لڏي سنڌ جي حيدرآباد شهر ۾ رهي ٿو. ”مان“ کي ماٽيلي ماءُ پورو پيار نٿي ڏئي.

مطلب تہ ڪيرت جا ناول هندو سنڌي سماج جي سچي عڪاسي ڪن ٿا. جن ۾ سٺايون، خرابيون، معاشي ۽ ٻيا سماجي مسئلا اچي وڃن ٿا.

**ڪرشن کتواڻي (1927_2007ع)**

سنڌ جي هن نامور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جو جنم ٺارو شاهہ ضلعي نوشهرو فيروز ۾ 27 سيپٽمبر 1927ع ۾ عدن داس کتواڻي جي گهر ۾ ٿيو. سندس ادبي سفر ورهاڱي کان اڳ ڪهاڻين سان شروع ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو. پر ادبي سفر جاري رکيائين. سندس ناولن ۾ ”امر پيار“ (1961)، ”منهنجي منڙي سنڌ“ (1962)، ”ياد هڪ پيار جي“ (1978)، ”وئرٽ زندگي“ (1978)، ”ست ڏينهن“ (1985) ”سرحد پار“ (1990) ۽ ”ترنڊڙ بادل“ (1998) شايع ٿيل آهن. ڪرشن کتواڻي پنهنجي ناولن ۾ سنڌ ڌرتي سان پيار جو اظهار بيان ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ سماجي مسئلن جي اپٽار بہ ڪري ٿو. جنهن ۾ عورت جي سماج ۾ حيثيت، پيار جي شادي وغيره اهم موضوع آهن.

”امر پيار“ ڪرشن کتواڻيءَ جو پهريون ناول هو. جيڪو هن کنڊوا اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾ لکيو، جڏهن بمبئي وينڊڙ ٽرين پنج ڪلاڪ ليٽ هئي. ان دوران اهو ناول لکي پورو ڪيائين. سڄو ناول محبت جي لازوال موضوع تي مبني آهي. سندس ناول **”منهنجي منڙي سنڌ“** ۾ هن سنڌ سان واسبتہ يادن کي دهرايو آهي. ان وقت جي سنڌ ۾ پاڻ کي ارپي ڇڏيو اٿس. ناول ۾ هن سوڀي گيانچنداڻي کي ياد ڪندي لکيو آهي ان ۾ نور الله ماستر جو ڪردار گوبند مالهيءَ جي شخصيت تي آڌاريل آهي. هن ناول ۾ ورهاڱي کان اڳ لڳ ڀڳ ڇٽن ڏهاڪن

جي سنڌي جيوت جو چٽ چٽيل آهي، جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي، راڄنيتي پهلوئن، ڳوٺاڻي توڙي شهري زندگي جي اپٽار ۽ يادون آهن.

”منهنجي منڙي سنڌ“ ۾ سنڌ جون يادون، ليکڪ جي زندگي گذارڻ جو وڏو رومانس آهن. اهڙي طرح معاشي مسئلن کي بہ هن ناول ذريعي پيش ڪيو ويو آهي.

ڪرشن کٽواڻيءَ جي ناول ’ياد هڪ پيار جي‘ هڪ درديلو ناول آهي، جنهن جو هيرو محبت جي معاملي ۾ انتهائي جذباتي آهي. هو مختلف عورتن سان پيار ڪري ٿو پر سندس محبت پاڪ آهي. هي ناول روحاني محبت بابت آهي.۾ هيروئن نندني عورت جي پنهنجي شخصيت ۽ حيثيت تي ڳالهہ ٿي ڪري. نندني چوي ٿي تہ:”ڇا عورت اڪيلي جي نٿي سگهي؟ ڇا عورت جي ڪا پنهنجي شخصيت ۽ نجي زندگي نہ آهي؟ ڇا اهو هميشہ ضروري آهي تہ هوءَ ڪنهن مرد سان پلئہ ٻڌي هن جي پنيان ڦيرا پائيندي رهي؟ ڇا ان کان سواءِ عورت جي نجات ڪانهي، ڇوٽڪارو ڪونهي؟“ نندني سماجي رسمن ۽ نظرين جي نندا ٿي ڪري. هو زبردستيءَ جي شاديءَ جي خلاف آهي. هوءَ مرد پاران عورت کي ملڪيت سمجهڻ واري نظريي جي خلاف بغاوت ٿي ڪري. ”ست ڏينهن“ ناول جي ڪهاڻي ڊاڪٽر جوڙي تي مشتمل آهي. ڊاڪٽرياڻي جو پيار پنهنجي ڏير سان ٿي وڃي ٿو ۽ ڊاڪٽر جو وري بہ ڊاڪٽرياڻي سان مطلب تہ ناول ۾ زال ۽ مڙس جي گهرو زندگي کي موضوع بڻايو ويو آهي. ”وٿرت زندگي“ هڪ منفرد ناول آهي، جيڪو خطن جي صورت ۾ لکيل آهي. هن ناول تي اداسي جو عنصر غالب آهي. ناول ”ترندڙ بادل“ جو موضوع وطن جي وڇوڙي جو درد آهي ناول آتم ڪٿائي طرز تي آڌاريل آهي. بقول لڇمڻ ڪومل جي ”سڄو ناول روح جي هڪ دل ڏاريندڙ رڙ آهي“(19)

ڪرشن کٽواڻي جي ڪيترن ئي ناولن کي ايوارڊ بہ مليا آهن. سندس ناول موضوع ۽ ڪردار نگاريءَ جي لحاظ کان اعليٰ آهن. سندس باري ۾ مشهور ناول نگار لعل پشپ لکي ٿو ”هونئن هڪ ڪرشن ئي ناول نويس آهي، جنهن جا ڪردار وچولي ڪٽنب مان نہ اچي مٿئين درجي مان اچن ٿا. تنهنڪري هو قدرت، ڪلا، ڪلاڪار ۽ سونهن وغيره تي ويهي آرام سان سوچي سگهن ٿا ۽ انهيءَ

باعث وقت ڏئي سگهن ٿا. هن جو مکيه ڪردار گهڻو تڻو چترڪار هوندو آهي، ڪنهن ابدي اڃ ڪان سڪايل جيون جي ارٿ جو ڳولهائو. گيتن جو شوقين نئين سڏي زمين تي پنڌ ڪرڻ بجاءِ يا سمندن جا ڪنارا پسند ڪندڙ يا پهاڙي هل اسٽيشن تي وڃي ويهندڙ.

## سندري اتمچنداڻي (1924ع ـ 2013ع)

سندري اتمچنداڻي جو جنم حيدآباد ۾ ٿيو. مگر ورهاڱي ڪان پوءِ هندستان هلي ويئي. سندس سنڌي ادب ۾ وسيع خدمتون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس هندستان جي ”سنڌي خاتون اول“ ڪهاڻيڪار چيو ويندو آهي. پاڻ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار طور نيائيندي پئي اچي. سندس ناولن ۾ ”ڪرندڙ ديوارون“ (1953)، ”پريت پراڻي ريت نرالي“ (1956) ”تتل ساز“ (ترجمو ناول 1956) ”هڪ سسئي سؤ سور“ (1965)، ”توجنين جي تات“ (1970)، ”پوري“ (1979) ”ٻنڌڻ“ (1982) ”يگانتر“ (1989)۽ ”ڪيڙيل ڌرتيءَ“ (1992) وغيره شامل آهن.

مجموعي طور تي سندس شروعاتي لکڻين ۾ سنڌ لاءِ محبت، وڇوڙو ۽ سڪ جهڙا موضوع غالب هوندا هئا. بعد ۾ نئين ثقافت ۽ تهذيب جي تناظر ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي مسئلن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي اٿس. سندس افسانوي ادب ۾ رومانوي موضوع کي خاص اهميت حاصل آهي. هن نوجوان نسل ۽ پراڻي پيڙهي جي وچ ۾ وڌندڙ ويڇي کي بہ پنهنجي لکڻين جو موضوع بڻايو آهي. سندس لکڻين ۾ انوکا پلاٽ، جيئرا جاڳندا ڪردار، سادي پختي ٻولي، غير رواجي اسلوب وغيره ۽ هر موضوع جي پرچار، نفسياتي ڇنڊڇاڻ وغيره اهي سڀ ڳالهيون آهن، جن کي هن فن جي بلندين تي پهچايو آهي.

”ڪرندڙ ديوارون“ 1953ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو هڪ مکيه ۽ ڪامياب ناول آهي. هي هڪ گهريلو ناول آهي. هن ناول ۾ شادي ۽ گهويلو ماحول ۾ زال مڙس جي هڪٻئي جي لاءِ عزت ۽ همدردي ڏيکاريل آهي. هن ناول ۾ لڏپلاڻ کانپوءِ سنڌ مان هندستان ۾ لڏي ويلن جي حالتن ۽ انهيءَ وقت جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. هن ناول جي لکڻ جو مقصد بيان ڪندي ناول جي مقدمي ۾ خود سندري لکي ٿي تہ:”ڪرندڙ ديوارون تہ مون انهيءَ وقت لکيو هو،

جڏهن سچ پچ اسان جي سماج جون ديوارون ڪري رهيون هيون. اسين مڊل ڪلاس جا ماڻهو جڏهن هتي آياسين، تڏهن ڏاڍا ڊنل ۽ ڊنل هئاسين، اسان جي چوگرد جيڪا اقتصادي ديوار هئي سا ته بلڪل ڪري اچي پٽ پئي هئي. ”ڪرنڌڙ ديوارون“ هڪ گهريلو ناول آهي“ (20)

1956ع ۾ سندس ناول ”پريت پراڻي ريت نرالي“ شايع ٿيو. هن ناول جو شمار سندس بهترين ناولن ۾ ٿئي ٿو. هن ناول ۾ ٽي ڪردار پيش ڪيل آهن، جن ۾ ”موتي“ تعليم يافته پر بزدل نوجوان آهي. ”جمنا“ هڪ ڳوٺاڻي پر مڙس سان انتهائي وفادار آهي ۽ جڏهن ته سرلا تعليم يافته ۽ سلجهيل عورت آهي. سڄو ناول رومانوي آهي. هن ناول لاءِ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکيو آهي ته ”هن ۾ سندس ڪردار نگاري تمام عمدي نموني ادا ٿيل آهي. هن ناول کي پڙهندي ڪردارن کي اڳيان عملي شڪل ۾ ڏسندو رهي ٿو. هي ناول زندگي جي انهن حالتن سان واسطو رکي ٿو، جيڪي هر انسان کي ڪنهن نه وقت زندگي ۾ اچي سگهن ٿيون“ (21)

”درد هڪ پيار جو“ تکشي ناول ”چيمپن“ جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ساهتيه اڪيڊميءَ طرفان پهريون ڀيرو 1971ع ۾ ”ساگر جي سنتان“ جي عنوان سان شايع ٿيو. سندري اتم چنداڻيءَ جو هيءُ ترجمو اصلوڪي ٻوليءَ جون سڪون ٿو لاهي. اصل سان وفاداري ۽ مواد جي روح جي تحفظ جو خاص خيال رکيو اٿس. جو ڪٿي به اوپرائپ جو احساس ئي نٿو ٿئي.

هيءُ ناول هڪ رومانوي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن جي اُٽت هڪ طوائف جي چوڏاري ٿيل آهي، جيڪا سامونڊي ڪناري تي آباد مهاڻن جي برادريءَ جي رهڻي ڪهڻي، رواجن ۽ رسمن کي شڪل ڏئي ٿي. جيئن ته ناول ۾ طبقاتي جدوجهد موجود ناهي، انهيءَ ڪري ان کي اوچي سطح جي ناول نه به سمجهيو. موجود ناهي جي ڪهاڻي_ عنصر ۾ پاڻ مرادو جيڪا پي بناهه قوت پيدا ٿي ويئي آهي. انهيءَ ڪيس شاهڪار جي درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي.

ڪرشن چندر جو هي ناول ”پياسي ڌرتي پياسي دلڙيون“ سندري اتم چنداڻي جو ترجمو ڪيل آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي سماج جو به اولڙو آهي. جنهن ۾ هڪ نوجوان حسين نياڻي کي وڏي عمر جي مرد سان پرڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي

وجي. جيڪا پنهنجي ماحول سان بغاوت تي ڪري ۽ گهر ڇڏي وڃي ٿي. ناول جي هڪ خاص ڳالهه هي آهي تہ ترانا ۽ جهنگلي ڳوٺ مان نڪري شهر ۾ پهتا، پنهنجي زندگي ناهڻ لاءِ. پنهنجي زندگي جا خواب ماڻڻ لاءِ پر شهر ۾ پهچي اتي، هنن خاص ڪري ترانا ظلم ۽ ڏاڍ ڏسي اجتماعت ڏانهن سوچيو ۽ پنهنجو پلو وساري، اجتماعيت جي ڀلي لاءِ سوچيو اتي جهنگلي جيڪڏهن ڪن پلن لاءِ پنهنجو مقصد وساري ٿو ويهي تہ ترانا انتهائي جوش ۽ جولان سان جهنگلي جي ذاتي قرب ۽ پيار کي پري رکي ، اجتماعي مقصد سان سچي ٿي رهي ۽ نيٺ جهنگلي کي بہ متاثر ٿي ڪري ۽ ٻئي اجتماعيت ڏانهن ٿا سوچين.

مطلب تہ سندري جا ناول پنهنجي زماني ۾ جهڙي مقبوليت حاصل ڪري اڄ بہ ادبي ميدان ۾ جوڳي جاءِ ولارين ٿا. ڪٽنبي ۽ سماجي مسئلا ۽ انهن جو مقابلو ڪرڻ جو ڏانءُ سيڪاريندڙ هن جا ناول ادب ۾ اهم جڳهه ولارين ٿا.

## موتي پرڪاش (1931ـ 2015ع)

موتي پرڪاش جو پورو نالو موتي سڪرامداس شرما آهي ۽ سندس جنم ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن پر ناول ۾ "انڌيرو اجالو" (1954)، "ڪنالداس" (ترجمو 1953) "ادينا" (ترجمو 1953)، "ڪاڪو ڪلو" (مزاحيہ ناول 1957) شامل آهن.

موتي پرڪاش ترقي پسند سوچ رکندڙ ناول نگار آهي. هن جا اصلوڪا ناول ۽ ترجما انهيءَ سوچ جا ترجمان آهن. هن پنهنجي ناولن ۾ فرد جي پيڙا، سماجي ۽ معاشي مسئلا شاندار نموني چٽيا آهن.

1953ع ۾ موتي پرڪاش تارا شنڪر چٽرجي جي ناول جو ترجمو "ڪالنداس" جي عنوان سان ڪيو. هن ناول جو موضوع سماجي ۽ اصلاحي آهي، جنهن ۾ زميندارن بابت ظلمن جي اپٽار ڪيل آهي.

اهڙي طرح سندس ناول "ادينا" اصل صدرالدين جو لکيل آهي. هن ناول جو موضوع روس جي قومي انقلاب تي ٻڌل هو. "انڌيرو اجالو"ناول روجهم ساهتيہ مالا طرفان 1954ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع شادي، زال ۽ مڙس جي محبت تي ٻڌل آهي. ناول ۾ سڀ ڪان سٺي ڳالهه ان جي ٻولي آهي. ان ڪان علاوه سندس مشهور ناول "انڌيرو اجالو" ورهاڱي بعد نوجوانن ۾ ڦهليل مايوسي تي

مبني آهي.

**هري موٽواڻي (1929ـ 2006ع)**

هري پمي ٻائي نارائڻ سنگهه موٽواڻي جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ هندستان هليو ويو. سندس شمار سنڌي ادب جي نالي وارن ناول نگارن، ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سنڌي ادب جي ترقي ۾ سندس وڏو ڪارنامو ”ڪونج“ رسالو آهي. جيڪو بنا ڪنهن وقفي جي 1960ع کان جاري آهي. سندس ناولن ۾ ”ابو“ (ناول) 1988ع، ”اجهو“ 1993ع، ”ٻاهر نڪرڻ جو رستو“ (ناول) 1995ع ”ڪوڙو سچ“ (ناول 2000ع)، ”پنگار“ (ناوليٽ) 2004 شامل آهن.

سندس پهريون ناول ” **ابو**“سنڌ جي سياسي پسمنظر ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌ جا ڪيترائي حقيقي واقعا، منظر ۽ ڪردار ملن ٿا. ”ابو“ ناول تي دهليءَ ۾ مدر ٽئريسا ايوارڊ هٿان مليو ۽ ڪيس ساهتيه اڪيڊمي جو جيڪو ”اجهو“ ناول تي ايوارڊ مليو. سو وڏي ۾ وڏو ايوارڊ آهي. ناول ۾ 1945، 1946، 1947 ۽ 1948 وارن سالن دوران هندو ۽ مسلمانن جي باهمي رشتن جا بدلجندڙ روپ ڏنا ويا آهن. ناول ۾ ڪٿي ڪٿي نهرو، گانڌي، محمد علي جناح ۽ ٻين جا جيئرا جاڳندا ڪردار به ڏنا ويا آهن. مطلب ته سڄو ناول سنڌ جي محبت ۽ ان دور جي سياسي حالتن کي پيش ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي، هي ناول گهٽ پر ڊاڪيو مينٽري وڌيڪ لڳي ٿو.

سندس ٻيو ناول ”اجهو“ 1990ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع سنڌ مان لڏي ويل سنڌي هندن جي هندستان ۾ ڪئمپن ۾ رهڻ ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ جي پسمنظر ۾ آهي. سنڌي هندن تڪليفون سهي پاڻ کي نين حالتن ۾ ٺهڪايو ۽ حالتن سان سمجهوتو ڪيو ۽ هڪ نئون ”اجهو“ قائم ڪيو.

هري موٽواڻي جو ناول ”پاڻيارا پکي“ سنڌ جي پسمنظر ۾ آهي، جيڪو مسلمان کي زندگي جي ترجماني ڪري ٿو. ناول جي شروعات ڳوٺاڻي پسمنظر ۾ ٿئي ٿي. جنهن ۾ دلڪش نظارا سنڌ جي سونهن ۽ نج ڳوٺاڻي ماحول جي خوشبو سهڻي نموني ملي ٿي. ناول هڪ طرف رومانوي ڪٿا آهي ته ٻئي طرف سماجي ماحول کي به چٽي ٿو. ناول ۾ زينب، علڻ، پمي ۽ مني وغيره اهم ڪردار آهن.

**لعل پشپ ( 1953ـ 2009ع)**

لعل پگھوان ريجھواڻي پشپ جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ورهاڱي سان پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي ممبئي (هندستان) آباد ڪيائين. لعل پشپ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏو نالو هو. هو جديد ڪهاڻي جو باني، ناول نگار، نقاد ۽ مضمون نگار هو. لعل پشپ ڪي ڪيترن ئي ناولن تي انعام ۽ ايوارڊ به ملي چڪا آهن. سندس ناولن ۾ هڪ ٽريالاجي، "هڪ سرد ديوار" (1969)، "اها ديوار آسمان تائين" (1981)، "هڪ دفن ديوار"، "آتم مرياده" (1962)، "هڪ آتم جو موت" (1973) "تڏهن ۽ هاڻي" (1975) "پياري زندگي"، "ڪجھ نه ٿيڻ جو حادثو" (1982)، "اجنبي" (ترجمو) "آتم جيوني" (آتم ڪٿائي ناولن جي سيريز (2002) شامل آهن.

سندس ناول "آتم مرياده" (ڪويتا پشپ سان گڏ): 1961ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو ڪويتا پشپ سان گڏ لکيل هو. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي مطابق "هن ننڍڙي ناول ۾ سمايل آڪاڻي اجا به ننڍي آهي. ان جو مرڪزي خيال آهي ته لوڪ مرياده کان وڌيڪ آتم مرياده جو مهتو آهي. ناول جي نائڪا لوڪ_ مرياده ترڪ ڪري مڱيل ڇوڪري کي ڇڏي، سچي پريميءَ سان ملڻ وڃي ٿي، جنهن سان من توڙي تن جو پريم اٿس ۽ اهڙي طرح آتم مرياده قائم ٿي ڪري" (22)

"هڪ سرد ديوار" ناول ۾ به ڪردار ذهني طور هڪ ٻئي جي ويجھو اچي چڪا هئا. پوءِ به هڪ سرد ديوار هئي ٻنهي جي وچ ۾. تارا جڏهن لکنو مان هلي بمبئي اچي ٿي ته سرد ديوار هٽي چڪي آهي ۽ جسماني طور هڪ ٻئي جي ويجھو اچن ٿا. پر جسماني طور ايترو قريب اچڻ کان پوءِ اها ديوار آسمان تائين بلند ٿي وڃي ٿي. ان جا ڪارڻ آهن ٻنهي جون حدون ڏپ، ٻنڌڻ ۽ قانون جون پابنديون آهن. مرد تي پنهنجي گھر، زال ۽ ٻارن جون جوابداريون مڙهيل آهن. هوءَ هن جي ٻار جي ماءُ بڻجن چاهي ٿي پر هن کي تڏهن لڳي ٿو ته هڪ ٻوڏ اچي وئي آهي جنهن ۾ تباهي آهي.

سندس "هن جي آتم جو موت"هڪ شاهڪار ناول آهي. هن ناول جو غير روايتي ڪردار (Antihera) ڪافور کي هڪ گھري ڪشمڪش ۾ ڏيکاريو ويو آهي. هن سان پيش آيل واقعو ظاهر ۾ معمولي ٿو نظر اچي، يعني سندس هر هر "اک ڇنڀڻ" پر ان لاءِ تمام گھڻو پريشان ٿي وڃي ٿو. سو هو ان

عادت جو سبب ڳولڻ جي تلاش ۾ وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جيستائين مرض جي سببن کي معلوم نہ ڪبو. تيستائين ان جو صحيح علاج ڪيئن ٿي سگھندو. اهڙيءَ طرح "اها ديوار آسمان تائين" ناول جي موضوع ۾ ئي ڇاڻايل آهي تہ موضوع آهي ڇا. صدين جو سڙيل آهي: هڪ مرد آهي، شادي ڪيل آهي، تڏهن بہ اڪيلو آهي. هڪ عورت سان پيار ڪري ٿو جيڪا اڳي ئي مڱيل آهي، مرد کي پيار ڪري ٿي. عورت ۽ مرد جي رشتي سان تعلق رکندڙ موضوع ڪيترو بہ پراڻو هجي، پر وقت، حالتن ۽ قدرن جي مسلسل تبديليءَ سببان اهو نئون آهي ۽ دائمي آهي. جيستائين انسان جو وجود ڌرتيءَ تي قائم آهي، تيستائين عورت ۽ مرد جي وچ ۾ رشتو، چاهي ڪهڙي بہ صورت ۾، اڻ ٽر آهي ۽ زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي ان ڪري سدا نئون آهي.

ناول ۾ بہ ڪردار آهن: هڪ مرد (جيڪو ليکڪ آهي ۽ سنڌي ساهتيہ سميلن جي موقعي تي لکنوءَ ويو هو ۽ اتي هن جي ملاقات هڪ سنڌي ڇوڪري تارا سان ٿي هئي) تارا، جيڪا مرد سان ملڻ جي لاءِ لکنوءَ مان بمبئي آئي آهي. ٻنهي کي خبر آهي تہ سندن سفر جي ڪا منزل ڪانهي، ڪڏهن نہ ڪڏهن هن گهڙيءَ يا ايندڙ ڪن گهڙين کان پوءِ ٻنهي کي الڳ ٿي وڃڻو آهي ۽ الڳ جيئڻو آهي پوءِ بہ هڪ اجهل ڇڪ ٻنهي کي جڪڙي رکيو آهي، پر الڳ ٿيڻ ۽ وڇڙي وڃڻ جو احساس ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ پيڙا ٻنهي ڪردارن جي من تي ۽ سڄي ناول تي ڇانيل آهي.

لعل پشپ جو "تڏهن ۽ هاڻي"ناول 1975ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ ڏيڪاريل آهي تہ انسان اندر ڪيئن ٽو ٽئي. هي ناول وجودي فڪر جو ترجمان آهي. هڪ عورت جڏهن ڄاڻي ٿي تہ سندس مڙس ٻي عورت سان پيار ڪرڻ لڳو آهي تہ سندس زندگي بي معنيٰ بڻجي پوي ٿي.

لعل پشپ جي وڏي خوبي اها آهي تہ هو پنهنجي هر ناول ۾ زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن نئين پهلو جو بيباڪي سان مشاهدو ڪرائيندو آهي. اهو مشاهدو اهڙو تہ گهرو محسوس ٿيڻ لڳندو آهي. جو ان کي فقط فني ڪمال سان ئي ڇتي سگهجي ٿو.

## ڪلا پرڪاش (1934 _ 2018ع)

سنڌي ادب جي هيءَ مشهور ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگاره ڪلا پرڪاش پارومل جي ڌيءُ آهي. سندس جنم ڳوٺ خان واهڻ ضلع نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. هوءَ مشهور اديب موتي پرڪاش جي گهر واري آهي. ڪلا پرڪاش جو ادبي سفر ورهاڱي کان ٿورو اڳ شروع ٿيو. هن جا ڪيترائي ناول ۽ ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن. سندس وجهه شهرت هن جا رومانوي ناول آهن، جن ۾ ”هڪ دل هزار ارمان“ (1957)، ”وقت وٿيون ۽ ويڇوٽيون“ (1988)، ”شيشي جي دل“ (1960)، ”هڪ سپنو سکن جو“ (1972)، ”پيار“ (1999) ۽ ”پکن جي پريت“ (1999) ”حياتي هوتن ري“ (1975)، ”آرسي“، ”پيار سمنڊ ۽ ڪنارو“ (2004) شامل آهن.

ڪلا پرڪاش جا ناول رومانوي موضوعن تي ٻڌل هوندا آهن. جن ۾ عورتن جي چاهتن، حسرتن، نفيساتي مسئلن، معاشي حالتن جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي.

هوءَ پنهنجي پهرين ناول ”هڪ دل هزار ارمان“سان ئي هڪ ڪامياب ناول نگار بنجي ويئي هئي. سندس هن ناول ۾ هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪو مائٽن جي مرضي جي برعڪس ڏيتي ليتي، بنا نِنڊپڻ جي هڪ ساٿياڻي سان شادي ڪري ٿو. هو خوش زندگي گذارين ٿا، مگر ڇوڪري جا ساهرا ڇوڪري تي ظلم ڪن ٿا اڳتي هلي ڇوڪري هڪ انڌي ٻار کي جنم ڏئي ٿي. سندس مڙس به هن جي خلاف ٿي وڃي ٿو. آخر ۾ ڇوڪري عذاب سهي سهي مري وڃي ٿي. سچو ناول ڪتنبي ناول آهي، جنهن ۾ ڏک جي فضا ڇانيل آهي. ناول لاءِ ڊاڪٽر چندولعل لکيو آهي ته ”هڪ دل هزار ارمان“ ناول جو مول ڪردار گوپال آهي. هو نوجوان آهي. پڙهيل ڳڙهيل آهي. راڳيندڙ آهي پر جڏهن هو ڪاڪي جي اڳيان اچي ٿو تڏهن پيٽ ٻڌجي ٿو پوي. ڇپن کي چنو لڳائي ٿو چڙي ڪڇي جهڙي پيٽ، نتيجو اهو نڪري ٿو ته ميران، جنهن سان پيار جي شادي ڪئي اٿس، ڏکن جي ڪري مري ٿي وڃي ميران آشا کي جنم ٿي ڏئي. اها جنم کان انڌي آهي، بلڪل بي_ نور انهيءَ انڌائي جو ڪارڻ ڊاڪٽرياڻي هن ريت ٿي سمجهائي.

”هن کي سوچڻ، ويچارڻ ۽ ڳڻتيون ڪرڻ جي ته اصل بيماري هئي. جڏهن ڏس پيشانيءَ ۾ گهنج پيا ئي هوندا هئس. ايترو غمگين رهڻ جي حالت ۾ ٻار

جي نظر تي اثر پوڻ سيايڪ آهي“ (23)

1970ع ۾ سندس”شيشي جي دل“ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌ جون يادون، خصوصا ڪراچي جون جتي زندگيءَ جو احوال، تعليم، تربيت ۽ رونقون ڏيکاريل آهن. ٻئي طرف ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان ۾ گذريل تڪليفن جو احوال پڻ آهي. هن ناول ۾ رشتن جي سچائپ ڏيکاريل آهي. سڄو ناول ڏير ۽ ڀاڄائي جي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي. هن ناول لاءِ ڪيرت ٻاٻاڻي لکيو ته ”ڪلاپرڪاش جو هي ناول گهڻي اميد جاڳائي ٿو ته هو بيحد جذباتي آهي، تنهن ڪري جذبات ۾ اچي سڀ ڪجهه وساري ڇڏي ٿو“ (24)

سندس ناول ”وقت وٿيون وڇوٽيون“هڪ سنڌي ڪٽنب جي ڪهاڻي آهي جو ورهاڱي جي ڪري وطن ڇڏي هندوستان هليو ويو جتي ڪين نين ۽ ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻو پيو. هن ناول ۾ نه رڳو مرد ۽ عورت جي گهرو جيوت واري ڪشمڪش ڏيکاريل آهي، پر ٻن پيڙهين جي وچ ۾ اميدن، خواهشن، مسئلن ۽ آدرشن جي ڇڪتاڻ پڻ چٽيل آهي. جنهن کي ڪلا، سادي، سلوڻي ۽ دل ۾ گهر ڪندڙ نج ٻوليءَ جو ميناج ڏنو آهي ۽ ناول جي پراڻي طرز کان هٽي نئين انداز سان لکيو آهي.

**سمنڊ ۽ ڪنارو:** ڪلا پرڪاش جو هي ناول 2004ع ۾ شايع ٿيو. ناول گهرو ڪٽنبي مسئلن ۽ عام زندگيءَ جي ٻين مسئلن تي لکيل آهي. هن ناول ۾ شاندار نموني جذباتي ڪردارن جي پرچار ٿيل آهي.

سندس ”حياتي هوتن ري“ ناول 1975 ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن پنهنجي منفرد ۽ خوبصورت انداز ۾ هڪ مڊل ڪلاس خاندان جي معاشرتي مسئلن جي اپٽار ڪئي آهي. هن ناول تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر چندو لعل لکيو آهي ته ”ليکڪا جو ٽيون ناول ”حياتي هوتن ري“ مٿين ٻن ناولن وانگر امنگي ۽ جذباتي آهي. ناول شروع ڪرڻ سان ائين محسوس ڪبو ته ناول جو نائڪ موهن آهي ۽ نائڪا ڪملا. پر پوءِ محسوس ڪجي ٿو ته ناول جو مول ڪردار منشاراماڻي آهي، جنهنجي عمر چوئيتاليهه سال آهي. منشاراماڻي ”امنگ“ جو جسم روپ آهي. هو امنگ تي ٿو ٽڪي. هو ايترو ته امنگي آهي جو هنڪي سودائي به ڪوني سگهجي ٿو. اتفاق اهڙو ٿو بنجي جو هنجي پريتما جي ارٿي سندس

گھر مان ئي ٿي نڪري. هو ايترو تہ صدمو محسوس ٿو ڪري جو بمبئيءَ ۾ رهڻ نٿو چاهي ۽ پنهنجي بدلي ڪرائي اگٽپوريءَ ۾ وڃي ٿو“(25)

”پکن جي پريت“ ۽ ”پيار“ ٻئي ناول 1999ع ۾ سنگم پبليڪيشن، ڪراچي پاران گڏي هڪ ڪتاب ۾ شايع ڪيا. ٻنهي ناولن جو موضوع مختلف آهي. هڪ ۾ سنڌ جي سرهاڻ آهي، تہ ٻئي ۾ هند جو واس. ڪردار اسان جا پنهنجا ڇاتل سڃاتل. رويا ڏار ڏار. پکن جي پريت ۾ ليکڪا جون سنڌ سان ننڍپڻ جون يادون ڏنل آهن. سنڌ جون سياسي ۽ سماجي حالتن جو ذڪر آهي. ثقافتي اٽڪي وهٽي جو ذڪر آهي. هي هڪ آتم ڪٿائي ناول آهي.

”پيار“ هڪ رومانوي ناول آهي، جنهن ۾ ماحول ۽ ڪردار سڀ هندوستاني آهن. ناول ۾ پرسانت ۽ سريتا اهم ڪردار آهن.

ناول ”هڪ سپنو سکن جو“ جي طرز نئين نموني جي آهي. هن ناول ۾ مکيہ ڪردار واري وٿيءَ سان پنهنجي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائين ٿا، پنهنجي پنهنجي نظريي سان گهٽنائن کي ڏسن ٿا ۽ پنهنجا ويچار ورن ڪن ٿا. هر ڪو ڪردار پنهنجو پهلو ٻڌائي پڙهندڙ کان ڄڻ پڇي ٿو تہ ڇا سندس روش ۽ وهنوار صحيح نہ هو؟

مطلب تہ ڪلاپرڪاش جي لکڻين ۾ انسان جي معصوم دلين جي شناسائي ۽ پاڪيزگي جو اولڙو نظر ايندو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي لفظن ۾ ڪلا جا ناول پيار ۽ سماج جي چوگرد پيا ڦرن. هن جي تحرير ۾ جيڪو جوش ۽ جذبو سمايل آهي، خوبصورت لفظن ۽ جملن جو دخل آهي.

**ريٽا شهاڻي (1934 _2013ع)**

ريٽا وشنو شهاڻي جو هندستاني سنڌي اديبائن ۾ وڏو نالو آهي. سندس جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس هيل تائين مختلف صنفن ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ناولن ۾ ”پنيرڪي جي پڻ پڻ“ (1985)، ”منع ٿيل ميوو“، ”چنڊ کان سج تائين“ (1987)، ”پرھ جا پياڪ“ (1952)، ”ڇهي مئي“ (1995)، ” گونگي گگن سان گفتگو“ (2001)، ”ترڪٽا تروار (2004)، ”ست سر_ ست ڏينهن“ (2004) ۽ ”اڪت ڪهاڻي_ ڪبير“ شامل آهن.

سندس ناول ”پنيرڪي جي پڻ پڻ“ (1985) کي بهترين ناول هجڻ جو ايوارڊ ملي

چڪو آهي. سندس ناول هي هڪ سماجي ۽ رومانوي ناول آهي. هن ناول ۾ آنند ۽ اشوڪ ٻن دوستن جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. آنند، سيما نالي مالدار شخص جي ڌي سان عشق ڪري ٿو، پر معاشي مسئلي جي ڪري سندن جدائي ٿئي ٿي. هن ناول جو هيرو آنند هڪ باهمت ۽ بهادر شخص آهي. هو قرباني ۽ سچي محبت جي علامت طور ناول ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. سندس ناول ”چنڊ ڪان سج تائين“ (1989) دراصل سندس پهرين ناول جو ٻيو حصو آهي. سندس ناول ”چنڊ ڪان سج تائين“ (1989) ڪي بهترين ناول هجڻ جو ايوارڊ ملي چڪو آهي. هن ناول ۾ ليکڪا ٽيڪنڪ جي حساب سان نوان تجربا ڪيا آهن. هن ۾ حسرتن ۽ مهڻن جي ڪهاڻي سمايل آهي.

هي ناول سيما نالي هڪ شاهوڪار شادي شده عورت جي ڪهاڻي تي ٻڌل آهي، هوءَ واندڪائي جو وقت ڪلبن ۽ پارٽين ۾ گذاري ٿي. آرچيه آنند هن جو نندپڻ جو پيار هن سان سالن ڪانپوءِ ملي ٿو. سندن نئين رشتي ڪي ڪوبه نالو نه هو. نه پيار نه وري لالچ آنند هن تي ڪلبن جي دنيا ڪان وٺي سماجي پلائيءَ جي ڪمن ڏانهن وٺي ٿو اچي. ناول جو نالو به اهوئي آهي ته هن جي چنڊ جي روشني ڪان سج تائين پهچڻ يعني سج ٻڌجي روشني ڦهلائڻ.

ناول ”پرهه جا پياڪ“ جو مرڪزي خيال سنو آهي. اهڙي محبت جيڪا انڌي گهٽي وانگي هجي. جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو رستو نه هجي، يا ته ماڻهو مڪمل طور تي تباهه ٿي ويندو يا ته سندس شخصيت جي جوت مٿائي چڙهيندي آهي، ۽ ڪيس بلنديون عطا ڪندي آهي.

سندس ناول ”ڇهي مئي“ ۾ هن هڪ ڪومل ڪليءَ ڪي زندگي جي طوفانن سان مقابلو ڪندي ڏيکاريو آهي. اها نازڪ نينگري (سنيتا) ڪرندي، ٽاپڙجندي ڪيئن زندگيءَ ۾ نيون راهون تلاش ڪري وٺي ٿي. هي ناول پوري طرح رومانس سان ڀريل آهي. ناول ”ڇهي مئي“ تي تبصرو ڪندي اجيت ڪشور لکيو آهي ته ”هن ناول ۾ ريتاشهاڻي پنهنجي سمرٿ ۽ شڪست قلم ۽ نئين اسٽائيل ۾ هڪ ڪومل ڪلي ڪي زندگي جي طوفان جو مقابلو ڪندي ڏيکاريو آهي. اها نازڪ نينگري ڇهي مئي (سنيتا) ڪرندي، ٽاپڙندي، اٿندي ڪيئن وڏي ويجهي ۽ سامائجي ٿي. سچ پچ ته هيءَ اپنياس (ناول) هڪ ٻالڪا جي سمورٿ (مڪمل)

ناري بنجڻ جي ياترا ۽ سنڌس پريم ڪهاڻي پڻ آهي“ (26)
سنڌس ناول ”گونگي گگن سان گفتگو“ لاءِ موتي پرڪاش لکيو آهي ته هن ناول ۾ هن ڪوشش ڪئي آهي ته هڪ نهايت شفاف ۽ صاف دل استري جي من جي تهن کي کولي پڌرو ڪري ۽ ٻڌائي ته انسان اندر ۾ جيڪي پوڳي ٿو، سهي ٿو، پچي ٿو پري ٿو تنهن جي لڪا ڪوشش ڪري ھو ڪنهن کي پوڻ نٿو ڏئي.
ناول ترڪٽا ترورا (2004) به رومانوي آهي جيڪو بنيادي طور تي ٻن ڪردارن منوهر ۽ پدو جي چوڏاري ڦري ٿو. ناول جو پسمنظر رتن پور نالي هڪ ڳوٺ ۾ سمنڊ ڪناري ڏيکاريو ويو آهي.
ريتا شهاڻي جو ناول ”اڪٿ ڪهاڻي_ڪبير“ هي ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2009ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول ڪبير جي زندگي ۽ سندس شاعري جي تعليمات جي لحاظ کان ڪٿائي (Biographical) ناول آهي، جنهن ۾ ڪبير جا دوها به ڏنا ويا آهن. ريتا شهاڻي جو هي ناول تخليقي هئڻ سان گڏ تحقيقي پڻ آهي. هن ناول ۾ ڀڳتي مارڳ جي سمجهاڻي سهڻي نموني ڏنل آهي . هن ڪتاب تي سنڌي ٻوليءَ جي نامور دانشور سائين محمد ابراهيم جويي 22 صفحن جو مهاڳ لکي ڀڳتي تحريڪ جي تاريخ تي نه رڳو روشني وڌي آهي ۽ ٻڌايو آهي ته تاريخ جي وچين دور 700ع کان 1600ع تائين ڀڳتي تحريڪ جو زور ٻن شين تي رهيو ، هڪ پريم ۽ ٻيو ارپنا (Devotion) انهن ٻنهي شين کي سڀ کان اعليٰ وجود ( Supreme Beingتائين پهچڻ لاءِ ضروري ڄاڻايو ويو. جويي صاحب لکيو آهي ته ڀڳت ڪبير جنهن فلسفي جو سفير هو، اِن جي اسان کي اڄوڪي دور ۾ گهڻي گهرج آهي . هن دورجي ڀڳتي هيءَ آهي ته اسين سماج / سماجن ۾ برابري ، انصاف ۽ آزاديءَ تي ٻڌل هڪ نئين سماج جي تخليق ڪريون .

**گوبند خوشحالاڻي (1940_2018ع)**

گوبند ڪوتومل خوشحالاڻي جو جنم موري تي ”ابڙاڻ“، ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ڪوئل مل خوشحالاڻي جي گهر ۾ ٿيو. ورهاڱي سان سنڌس وڏا هندستان لڏي ويا. گوبند هندستاني سنڌي ادب ۾ هڪ نالي واري ناول نگار طور سڃاتو وڃي ٿو. سنڌس شايع ٿيل ڪتابن ۾ ”پاڻ هرتزيون مايون“ (ناول 2002) ”هڪ دفعو

وري" (ناول 2003) "گلستان غليظ تي رهيو آهي" (ناول 2004) "ملڪ تہ منهجو" (ناول 2000) "پيار ۾ پاڻ کهڙو" (ناول 2005)، "دل ڪر درخت دستور" (ناول 2007) "هر ديڳي چمچا" (ڪهاڻيون 2005) ۽ "استماري ڪهاڻين" جو مجموعو (2006) شامل آهن.

گوبند خوشحالاڻي هڪ مسلسل لکندڙ اديب آهي، سندس ناولن جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ انهن ۾ چٽيل ماحول، ڪردار، روزمرهہ جيون، اٿڻ ويهڻ بلڪل سنڌي آهي. ايتري قدر جو ڪي عادتون بہ اهڙيون ڏيکاريل آهن جيڪي اڪثر سنڌي ماڻهن ۾ نظر ايندا آهن.

سندس ناول "هڪ دفعو وري" لاءِ هري دلگير لکيو آهي تہ "مون گذريل چاليهن پنجاهن سالن ۾ ڪو بہ جاسوسي ناول نہ پڙهيو آهي ليڪن خوشحالاڻي هي ناول (هڪ دفعو وري) چترائيءَ ۽ چالاڪيءَ سان لکي اهڙيون حالتن کي پيدا ٿو ڪري جو پاٺڪ جو شڪ ٽن شخصن تي ٿو پوي جنهن تي شروع ۾ ذرو بہ شڪ نٿو ڪري سگهجي." گوبند خوشحالاڻي جو هي جاسوسي ناول آهي. جنهن ۾ تجسس ۽ پڙهندڙ جي هرکر جو عنصر هميشہ رهي ٿو" (27)

سندس ناول "دل ڪر درخت دستور" اڄ جي نجي ڪارپوريٽ سرڪل، ڌنڌي ۾ ناجائز پرئڪٽس جي اوگهڙ جي سلسلي ۾ آهي. هن ناول تي تبصرو ڪندي شير مهراڻي لکيو آهي تہ: "دل ڪر درخت دستور ۾ ڪيترين زندگين جو جهيڙو ۽ ميڙو آهي ۽ هن ۾ پنهنجي دور جون ڪيتريون، سچايون، پيچيدگيون، علم، شعور، احساس ۽ ڄاڻ جي ڪيتري ترجماني ڪري ٿو ۽ وقت جي تڪڙين تبديلين تي ناول کي هڪ مخصوص ٽولي جي ڪڏ ڊوڙايو ويو آهي. ان ٽولي جي پويان پڄائڻ دوران ناول کي ايترو تہ ٿڪايو ۽ سهڪايو ويو آهي جو هي پنهنجي مرڪز کان ڪوهين ڏور هليو ويو آهي. دنيا جو دستور آهي تہ هر شيءَ پنهنجي مرڪز جي مدار تي ڦرندي آهي ۽ آخر جي مرڪز ڏانهن تي موٽي ايندي آهي. ناول پنهنجي مرڪزي ڪردارن (نريش ۽ ڪاجل) کي ڪٽندي ٿي ڪانياڻي جي ڳوڙهي وانگر ايترو تہ ڏور اڇلايو آهي جو ڳولئي نٿا لهن، نيٺ مڙسي ڪري آخر ۾ انهن کي ٿڪل، هيسيل، حيران، پريشان ۽ پيشمان حالت ۾ هٿ ڪري ناول جي ڳاٽي تي رکيو ويو آهي ۽ زور زبردستي ڪانئن چورايو ويو آهي دل ڪر درخت

دستور" يعني دل کي وڻ وانگر ڪيو. هن ناول جي اهم ڪردارن سان به نانصافي ڪيل آهي”(28)

سندس ناول ”گلستان غليظ ٿي رهيو آهي“2004ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ هڪ هندستان جا ويچار آهن. جيڪي هن حسن جي وادي يعني ڪشمير جي حوالي سان ڏنا آهن. ناول دهشتگردي واري ڏس ۾ ڪنيو ويو آهي ته ان سان ڪشمير جهڙو گلستان غليظ ٿي رهيو آهي. سندس ناول ”ملڪ ته منهنجو“2006ع ۾ شايع ٿيو. هن ۾ سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي سونهري تاريخ جي واکاڻ ڪئي وئي آهي. ان جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخي ثقافتي ورثي کي بيان ڪيو ويو آهي.

گوبند خوشحالاڻيءَ جا ناول ”پاڻ هرتڙيون مايون“ ۽ ”دل ڪر درخت دستور“ ۽ ”آئي الا“در حقيقت (Triology) آهن. هن ناول ۾ سنڌي ڪٽنبي جيون جا عڪس، شهري زندگيءَ ۾ رشتن ناتن جي پيچ ڌاهه. تجسس، انتظار، جاسوسي ۽ ايڪسائيٽمينٽ پئدا ڪندڙ جذبا نظر اچن ٿا.

**هري همٿاڻي (13 فيبروري 1933ع)**

هري همٿاڻي ولد آسومل همٿاڻي جو جنم تعلقي موري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ سندن خاندان هندستان هليو ويو. هري همٿاڻي بهترين ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ناولن ۾ ”اپاهڄ“ (ناول 1954)، ”سوني رات“ (ناول 1955) ”آشا“ (ناول 1955)، ”آس نراس“ (ناول 1957)، ”پروفيسر“ (ناول 1958)، ”پيار روئي ڏنو“ (ناول 1960)، ، ”رات جو پيو پهر“ (ناول 1982) ”گل جلن پيا“ (ناول 1981)، ”ماضيءَ جا ڏنگ“ (ناول 1991) ۽ ”سيما“ (ناول) شامل آهن.

هن کي ڪيترن ئي ناولن ۽ افسانن تي ايوارڊ به ملي چڪا آهن.هري همٿاڻي جا ناول هندو سماج جا ناول آهن، جن ۾ درد، پيڙا، پيار معاشي، معاشرتي مسئلا ۽ وجودي فڪر به اچي وڃي ٿو.

سندس هي ناول ”رات جو پيو پهر“ 1982ع ۾ شايع ٿيو. ناول جي ست ست سيني ۾ سور جي ست اپاري ٿي. يا ته هر ڪنهن درد کي ڪا معنيٰ ڪانهي. ناول جو سٽاءُ ڪهاڻيءَ جو سلجهيل سلسلو ۽ ان جي ادائگي دل تي ڪي نقش

چڏي ٿي. هر لفظ جڻ پيڙا مان پيدا ٿيل ڪا ڪوتا آهي، جنهن کي نہ رڳو محسوس ڪري پر ڏسي ۽ ڇهي پڙهندڙن جا ڇهہ ئي حواس جاڳي ٿا اٿن. هي ناول ورهاڱي بعد جي خونريزي واري حالتن تي آڌاريل آهي. هن ۾ عشق جي هڪ عام رواجي ڪهاڻي آهي. ناول جو هيرو غير رسمي هندو آهي ۽ هيروئن ”زهره“ مسلمان آهي. پر ورهاڱي جي ڪري هو ٻئي هڪٻئي کان جدا ٿي وڃن ٿا. ان کانپوءِ هو هڪ دفعو ٻيهر خواجہ معين الدين چشتي جي درگاهہ تي ملن ٿا. هنن جي پريم ڪهاڻي جو پسمنظر سنڌ مان لڏپلاڻ آهي.

هري همٿاڻي جو ناول ”ماضي جا ڏنگ“ اهم ناول آهي. هن ۾ چار ڪهاڻيون اچن ٿيون. پهرين سنڌي ۾ طلسمي عياري جي ڪهاڻي ڏني ويئي آهي. ٻيو ناول جو پسمنظر ڳوٺاڻو آهي، ٽيون هڪ ننڍي فئنٽسي پڻ ناول ۾ شامل ۽ سمايل آهي، جا دلڪش منظر پيش ڪري ٿو. چوٿون ناول ۾ رومانوي داستان پڻ آيل آهن. ان کان علاوه آزادي وارن ڏينهن جو هندو مسلم فسادن جو بہ ذڪر ملي ٿو.

## پرم ابيچنداڻي (1926ـ 2005ع)

هو ناول نگار، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ مترجم هو. سندس ناولن جو ذڪر ڪندي پروفيسر هيرو شيوڪاڻي لکيو آهي تہ ”سنڌي ناول جي عڪاس ۾ پرم ابيچنداڻي جي ٻن ناولن ”جهرڻا“ (1962) ۾ ”هڪ جرم بہ ڇهون“ (1954) کي ڳڻڻ پلجي ويندا آهيون. هن ناول ۾ مروج ڏارائن کان الڳ، چست ۽ سٽري فارم ۾ آڏيا وشين تي، شاهس پورڻ ناول ڏيڻ جي سفل ڪوشش ملي ٿي. توڙي ٻنهي ناولن جو آڏيا چنتن للڪاري سگهجي ٿو، مگر هن جي اُٽت ۽ ناول جي ٻولي ۽ عبارت، هڪ اهڙو سنيار خلقي سگهيا آهن، جو ان جي وهڪري ۾ پڙهندڙ محو ٿي سگهي ٿو“ (29)

سندس ٻين ناولن ۾ ”هڪ جر بہ ڇپيون“ (1964)، ”لين بي“ (1988) ”ڪايا پلٽ“ (2000) شامل آهن. ان کان علاوه ڪجهہ ناول ترجمو بہ ڪيائين. ”لين بي“ ۾ ناول نگار مطابق انساني سوچون هميشہ لاءِ رهجي وڃن ٿيون. ناول جو امرت سفرينا سان محبت ڪري ٿو. پر هو ان سان شادي انڪري نٿو ڪري پر هو سمجهي ٿو جنهن سان محبت ڪجي ان سان شادي نہ ڪجي، امرت جو

دوست مهيش سفرينا سان شادي ڪري ٿو ۽ سندس پٽ جيڪو هن کي امرت منجهان هو ان کي به قبول ڪري ٿو. آخر ۾ امرت پنهنجي فيصلي تي تمام گهڻو پڇتائي ٿو.

**داس طالب (1928ـ1986ع)**

”داس طالب“ جو اصل منوهر چتارام بجلاڻي آهي، سندس جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جو افسانوي ادب ۾ سٺو مقام آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندس ناولن ۾ ”انسپيڪٽر جنرل“ ۽ ”چيخ“، ”وندانا“ (1961) ”پهريون پيار“ (1963) اهم آهن.

سندس ”انسپيڪٽر جنرل“ دراصل روسي ڊراما نويس گوگول جو ڊرامو هو، جنهن کي مرزا قليچ بيگ پڻ ترجمو ڪيو هو. ”داس طالب“ هن کي ناول جي روپ ۾ ترجمو ڪيو. هي مزاحيه ناول هو، جنهن ۾ غلط فهمي جي بنياد تي ڀراڙي جا سرڪاري آفيسر، هڪ ماڻهوءَ کي سرڪار جو مخفي انڪوائري آفيسر سمجهي هراسجي وڃن ٿا ۽ پريشاني ۾ پنهنجي ظلمن ۽ غلط ڪمن جا اقرار ڪن ٿا. سندس ناول ”چيخ“ لاءِ ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو ته ”ناول فني لحاظ کان ڪريل آهي ۽ ناول جي بيان ۾ ڪٿي ڪٿي تمام گهٽي ڊيگهه بيان ڪيل آهي ۽ ڪٿي بلڪل مختصر ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري مصنف ناول جو مقصد ظاهر ڪري نه سگهيو آهي ۽ ناول جو به خاتمو يڪدم ڪيو ويو آهي“ (30)

**آنند ٿهلرا ماڻي (1932ـ 2009ع)**

آنند ٿهلرا ماڻي جو جنم ميهڙ ضلعي دادو ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان وڪيل ۽ ادبي دنيا ۾ هدايتڪار، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس آهي. سندس ڪتابن ۾ ”سانجهيءَ جا پاڇولا“ (ڪهاڻيون 1976) ”نرس“ (ناول 1956)، ”آپا“ (ناول 1957) ۽ ”بي داغ ديوتا“ (ناول 1984) شامل آهن. ”نرس“ هڪ رومانوي ۽ دلچسپ ناول آهي. جڏهن ته ”آپا“ هڪ هندي ناول جو ترجمو آهي. ”بي داغ ديوتا“ هڪ سماجي ناول آهي.

**ايشوري جوتواڻي (11نومبر 1930)**

ايشوري جوتواڻي ”جوتي“ ناول نگار، مضمون نگار جو جنم سيوهڻ ۾ ٿيو.

سندس ناولن ۾ محبت جو تياڳ (1955) ۽ الفت جي آگ (1956) اهم آهن. ”محبت جو تياڳ“ هڪ هندي ناول جو ترجمو آهي. سندس ناول ”الفت جي آگ“ دراصل ڊاڪٽر تيج جي ”تراس“ ناول کان متاثر ٿي لکيو ويو آهي. سندس ناول پنهنجي زماني ۾ گهڻو مشهور ٿيا، ڇو جو انهن ۾ رومانيت به هئي ته سماجي عڪاسي به. جوتي جا ناول تمام گهڻو مقبول ٿيا ۽ پنهنجي پڙهندڙن جو هڪ حلقو پيدا ڪيو آهي. سندس ناول رومانوي آهي، جنهن ۾ گهريلو ڪهاڻيون، سماجي مسئلا ۽ معاشرتي اڻ برابريون آهن.

**آنند کيماڻي (9 سيپٽمبر 1937)**

آنند چمنداس کيماڻي جو جنم سڌو جاڳوٺ، تعلقو مورو ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. پاڻ ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ ناول نگار آهي ۽ ڪجهه ترجما به ٿيل اٿس. آنند کيماڻي عالمي ادب ۾ جديد ڪهاڻي لکندڙن جي قد جو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس آهي ته هند ۾ شايد ڪجهه اديب ئي آهن، جن جو عالمي جديد ادب جو مطالعو وسيع هجي، جيڏو آنند کيماڻي جو آهي.سندس ناولن ۾ ”ترائلاجي“، ”انتر ياترا“ (2002) ”رشتن جو ڏنڌ“ (2003) ”اڻ لتاڙيل پيچرا“ (2003) ۽ ”هڪ شخص جي واسنا“ (1999) شامل آهن.

سندس ناول ”هڪ شخص جي واسنا“1970ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو هيرو انيل سمجهي ٿو ته هو پنهنجي زال سان وفادار آهي ۽ هن جو سچو پيار سندس زال لاءِ ئي آهي. پر ٿئي ان جي ابتڙ ٿو. هو منجوءَ سان وقت گذاري ٿو ۽ هن سان گڏ هوٽلن ۾ گڏ رهي ٿو. هڪ طرف هو پاڻ کي انتهائي وفادار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ٻئي طرف ڪنهن ٻي عورت سان راتيون گذارڻ هن کي بيوفا ثابت ڪري رهيو آهي. اها آهي ناول جي هيرو انيل جي وڏي ذهني ڪشمڪش“(31)

**آنند گولاڻي (1925_ 2001ع)**

آنند رامچند گولاڻي جو جنم ڀاڳو ديرو ضلعي نوابشاهه ۾ ٿيو. پنهنجي دور ۾ بهترين افسانه نگار ۽ ناول نويس طور سڃاتو ويندو هو. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”ڦڙڪ“، ”راتيون ۽ چار ڪهاڻيون“ شامل آهن. جڏهن ته ناولن ۾ ”مجو“(1954)، ”زندگي خواب آهي“(1969) ۽ ”پنهنجو موت“ شامل آهن.

سندس ناول ”مڄو“1954ع ۾ شايع ٿيو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته مزاحيه ناول آهي مگر بقول ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جي مطابق جيتري مصنف جي دعويٰ ڪيل آهي اوتري مزاح پيدا ڪيل نه آهي جڏهن ته ناول جو موضوع ناول جي نالي مان ظاهر آهي“ (32)

**تارا ميرچنداڻي (6 لاءِ 1930)**

تارا ميرچنداڻي جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. پاڻ نالي وارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار آهي، ناولن ۾ ”هٺ يوڳي“ (ٻه ڀاڱا 1959)، ”ڪومايل ڪلي“ (1950)، ”اوشا“ (1958)، ”لهرن جي گونج“ (1992)، ”سورج جي پهرين ڪرن“ (1988) ۽ ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”آئينو ۽ عڪس“ (1965) ”رڃ جي گڏي“ (1965) ”الجهيل تندون ريشم جون“ (1986) ۽ ”درد“ (1991) اهم آهن.

سندس ناول ”ڪومل ڪلي“ 1950ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو موضوع عورت جي وفاداري تي رکيل آهي. ناول ۾ جذبات نگاري تمام سهڻي نموني ڪيل آهي. ماحول گهريلو پسمنظر ۾ پيش ٿيل آهي ۽ سادي سودي ۽ سليس انداز ۾ بيان ٿيل آهي. تارا مير چنداڻي جو ناول ”لهرن جو گونج“ 1992ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ ڪردار/ فرد جون يوڳنائون ڏيکاريل آهن، جن ڪي هو سماجي ڀلائي ۾ وڃي ڪري وسارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

**شيام جئسنگهاڻي (1937ـ2009ع)**

شيام سانولداس جئسنگهاڻي جو جنم ڪوئيٽا بلوچستان ۾ ٿيو. هو شاعر، نقاد، چترڪار ۽ ناول نويس هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. ناولن ۾ ”ڪاهيءَ جو چؤطرف“ (1976)، ”ڪچا ڌاڳا“ (1965) جڏهن ته ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”ننگو آسمان“ (1966) ۽ ”ٽونگو“ (1970) اهم آهن.

سندس ناول”ڪچا ڌاڳا“ لاءِ ڊاڪٽر چندو لعل لکي ٿو ته ”ان ۾ دستور عناصر ڪونهن هن ناول ۾ ڪردارن جا من چتر آهن، چيتن چتر انهن چتر ڪي مجرد (Abstract) به چئي نٿو سگهجي. اهي چتر تمثيلي به نه آهي. هيءُ سليس چتر آهن جي پاٺڪ سمجهي سگهي ٿو ۽ انهن تي پنهنجي فتويٰ به ڏيئي سگهي ٿو. هن ناول ۾ ٻن دلين جي امنگن جون صورتون ڏنل آهن. هن ناول ۾ صرف ٻه ڪردار آهن. روي ۽ سوما هنن ڪردارن ڪي ڊائري لکڻ جو شوق آهي جن

۾ هو زندگي جون گهتنائون درج ڪن ٿا. ناول ۾ انهن ڊائرين مان نڪتل ٽڪرا ڏنا ويا آهن. انهن ڊائرين جا ڏنل ٽڪرا سلسلي وار آهن. پوءِ الائجي ڇو ناول جي پرڪاشڪ ائين لکيو آهي. ”هي ناول . . . ناٽڪ ۽ ناٽڪا جي لکيل ڊائري جي ورقن ۽ خطن جي Extracts جو بي ترتيب سلسلو آهي.“ باقي پرڪاشڪ اها ڳالهه صحيح لکي آهي تہ ”هي ناول روايتي ڍنگ کان نرالو آهي“ (33)

سندس ناول ”ڪاهي جو چؤطرف“ ۾ مدن ٽريننگ سيلزمين جڏهن دورو ڪري موٽي پنهنجي مسواڙي گهر ۾ پهچي ٿو تہ ڪيس خط ملي ٿو تہ سندس ڏاڏي بيمار آهي هو رشتن ناتن جي هڪ ڊگهي رسمن ۾ پهچي ٿو هو سمجهي وڃي ٿو تہ سندس ڏاڏي آخري پساهن ۾ آهي. ان کي سيئي رشتا نياڻ هڪ ڏکيو عمل ۽ ناٽڪ لڳي ٿو. سڀ ريتون رسمون صرف صدين جي پوئواري لڳي ٿي. هن مطابق ڪجهه رشتن جا ڪي نالا ٿيندا آهن ۽ ڪجهه رشتا محض نالي جا ٿيندا آهن. رشتن جي ڪاهي ۾ هڪ فرد ڪرندو نظر اچي ٿو.

**لکمي کلاڻي (12 نومبر 1935)**

لکمي کلاڻي جو جنم ڳوٺ جهان خان، ضلعي سکر ۾ ٿيو. هو کهاڻيڪاره، ڊرامانويس ۽ ناول نگاره هئي. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”رت جا داغ“ (1972) ۽ ”اڌوري رچنا“ (1968) شامل آهن. جڏهن تہ ناول ۾ ”هاءِ منهنجي دل“ (1968) ”سازش“ ۽ ”امرت امرت“ (1974) شامل آهن. سندس ناول مزاحيہ، جاسوسي ۽ عام گهريلو مسئلن جي اپٽار ڪن ٿا.

**وشنو ڀاٽيا (1943_2011)**

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ، کهاڻيڪار، ناول نگار ۽ نقاد، وشنو ڀاٽيا، ڪراچي ۾ ٽوپڻداس ڀاٽيا جي گهر ۾ جنم ورتو.سندس ڪيترائي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ سندس چار پنج ناول بہ شايع ٿيل آهن، جن ۾ ، ”زندگي جا ڪنارا“ (1969) ”پيار جو آئينو“ (1991)، ”14 نوال“ (1976 ع)، ”دردن ماري دل“ (1963 ع)، ”راڻي ڊارلنگ“ ۽ ٻيا ناول شامل آهن.

پيار جو آئينو (1981)، هن ناول جو ٻيو ڇاپو، سنڌ ۾ ، ناري پبليڪيشن، حيدرآباد، 1991 ع ۾ ڇپايو هو، وغيره ڪتاب اچي وڃن ٿا.هي ناول رومانوي ماحول جي نمائندگي ڪن ٿا. ان کان علاوه انهن ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشرتي

حالتن جي عڪسبندي ڪن ٿا.

## لڇمڻ ساتي (1935)

لڇمڻ ”ساتي“ جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. هو نالي وارو ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم آهي. سندس ڪيترائي ناول شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ ”ساهيڙي“ (1968)، ”اڌري وچ ڙي ڪونج“ (1960)، ”ڪيچل“، ”ستل واديون“ ۽ ”آسمان روشن آهي“ آهن.

سندس ناول ”ساهيڙي“هڪ رومانوي ناول آهي جنهن ۾ آنند ۽ ماني هڪ ٻئي ڪي دل جي گهرائن سان محبت ڪن ٿا. ماني غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي. جڏهن ته آنند امير خاندان مان آهي. ماني جي شادي هڪ پوڙهي سان ٿي وڃي ٿي ۽ آنند ڪجهه به ڪري نه سگهيو. آخر ۾ ٻئي هڪ ٻئي ڪي سمجهائن ٿا ته هاڻي ٻنهي ڪي پنهنجي پنهنجي زندگي الڳ گذارڻي پوندي.
سندس ناول”ڪيچل“،هڪ سماجي ۽ نفسياتي ناول آهي، جنهن ۾ جنسي جبلتن جي عڪاسي ڪئي ويئي آهي. ناول ۾ ڪٿي ڪٿي اها جبلت حاوي ڪري ڏيکاري ويئي آهي.

## ناماديو تارا چنداڻي (25 نومبر 1946)

ناماديو تارا چنداڻي جو شمار هندستان جي نالي وارن شاعرن، ڪهاڻيڪارن، نقادن، ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو. هن افسانوي ادب ۾ پنهنجو خوب نالو ڪمايو آهي. سندس ناولن ۾ وتاراوچا (ترجمو 1979)، ”جوڙجڪ“ (1974)، ”سورج جي پهرين ڪرڻ“ (1988) ان کان علاوه ”لعل پشپ هڪ اپياس“ (2001)، ”سنڌي ڪٿا ساهتيه“ (2004) وغيره شامل آهن. سندس ناول ”جوڙجڪ“لاءِ لعل پشپ لکي ٿو ته ”ناول جون ٻه جاڙيون ڀينرن ٻن ڀائرن انشچت آهن ته هڪٻئي سان پيار ڪرڻ بعد به ٻئي ڀاءُ ڪي شادي ۾ ڀائيندي هو اهڙو دکي ڇو نه رهيون آهن، ۽ پاڻ ۾ ڪجهه ڪجهه سک جو انيو چوڪري رهيون آهن. جاڙين ڀينرن جي هڪٻئي جي سنٻڌن طرف توڙي سندن جي پريم پتين طرف سنٻدن ۾ ليکڪ جي گهڻ سجاڳي گهڻو ڪجهه حاصل نه ڪري سگهي آهي.“

## گرڌاري لعل ڏوڏيجا (1931_2000 ع)

گرڌاري لعل لوڪرام ڏوڏيجا جو جنم شڪارپور ۾ ٿيو. هو ناول نگار، ڪهاڻيڪار ناٽڪ نويس ۽ مضمون نگار هو. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس ناولن ۾ "هنديءَ جو حوالو" (1966)، "خوني ڪير" (1967) "گمراهه" (1965)، "اصلي نقلي" (1969) ۽ "پتني پنهنجي، پٽ پرائو" (1983) شامل آهن.

گرڌاري لعل جي ناولن تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته انهن ۾ عام گهريلو ڪهاڻيون زير بحث آنديون ويون آهن. "پتني پنهنجي پٽ پرائو" ۾ ساڳيو مسئلو اڇي وجي ٿو ته شاديءَ کان پوءِ پٽ سڄو سارو زال جو ٿي وڃي ٿو. والدين کي وساري وهي ٿو. ان کان علاوه هن جا ناول جاسوسي ۽ سماجي موضوعن تي پڻ آهن.

## سندر حشمتراءِ نيپواڻي (1919_1997 ع)

سندر حشمتراءِ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. سندس ڪيترائي ناول شايع ٿيل آهن. جن ۾ "تراس ناري" (1964) "پيار جا سپنا" (1967) "سڌريل زمانو بگڙيل پيار" (1968)، "ديوتا روئي ڏنو" (1970)، "مڌر ملن" (1977) " نادان ڇوڪري" (1967) ۽ "نئين ليکڪا" (1969).

هن جا ناول هلندڙ زماني جي مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪندا آهن، ان کان علاوه هو بنيادي طور تي رومانوي ناول نگار آهي. سندس ناول "نادان ڇوڪري" هڪ رومانوي ناول آهي. جڏهن ته "نئين ليکڪا" ۾ آشا هڪ ليکڪا آهي، جيڪا ڪنهن رسالي ۾ ڪم ڪري ٿي. هو اتي هڪ ڇوڪري سان محبت ڪري ٿي ۽ ڪيس قائل ڪري ٿي ته هن سان ڏاج بنا شادي ڪري. مطلب ته هي ناول هندو سماج ۾ ڏاج واري مسئلي تي لکيو ويو آهي.

### حوالا:

1. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: "ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو"، ششماهي ادب، 1986 ع
2. ڊاڪٽر چندو لعل: "سنڌي ناول جي ارتقا"، ڪونج پبليڪيشن، 2004 ع، ص

128

3. ڪيرت ٻاٻاڻي:" ادب ۾ قدرن جو سوال"،سورٺ پبليڪيشن بمبئي، 1974ع
4. ڊاڪٽر ايچ_آءِ سدارنگاڻي: "ورهاڱي ڪانپوءِ جي ناول جي روپ ريکا"
5. Indian Literature Since Independence ,p. 285
6. ايم سگڻ ۽ ڦتن پرسرسواڻي: "سنڌي ناول جو دور"، 1959ع، ص 23
7. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"،1980ع
8. ڊاڪٽر نور افروز خواجه: "پائي پٽ ڪٽا"، گنج بخش ڪتاب گهر ، حيدرآباد، 2005ع، ص 338
9. گوبند مالهي: "لوڪ آهي ٻوڪ"، 1955ع
10. هيراننداڻي پوپٽي/ شري راجڪمار چاهڙيا، 'سيلاب زندگيءَ جو'، سنڌي سڀا، هيپي هوم هال، ڪيرالا، مئي 1981ع
11. حوالو: ماهوار_سوجهرو سيپٽمبر 2000ع
12. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"، 1980ع
13. لعل پشپ: ورهاڱي ڪان پوءِ هند جو سنڌي ناول"، ڪينجهر 1987ع
14. ممتاز مهر: .سنڌي ناول نئون جنم وٺي ٿو"، ٽي ماهي مهراڻ، 4/ 1992ع
15. موهن ڪلپنا، "آواره"، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ڊسمبر 1953ع، ص 26
16. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"، 1980ع
17. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي : "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"، 1980ع
18. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"، 1980ع
19. ڪرشن کٽواڻي: "ياد هڪ پيار جي "، 1978ع، مهاڳ
20. سندري اتمچنداڻي: "ڪرنڊڙ ديوارون"، 1953ع
21. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو، ششماهي ادب 1986ع
22. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي: "پارت ۾ سنڌي نثرجي ترقي"، 1980ع
23. ڊاڪٽر چندولعل: "سنڌي ناول جي ارتقا" ڪونج پبليڪيش، 2004ع، ص 217
24. "شيشي جي دل" تي لکيل تبصرو، 1970ع
25. ڊاڪٽر چندولعل: "سنڌي ناول جي ارتقا" ڪونج پبليڪيش، 2004ع، ص 219

26. ڪتاب جو مهاڳ، ”ڇهي مئي“ ، 1995ع
27. ”هڪ دفعو وري“ ناول جو مهاڳ،2003ع
28. شير مهراڻي : تبصرو، ماهوار سوجهرو آگسٽ 2008
29. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: سنڌي ناول ڪٿهگري ۾ ” اکل ڀارتيہ. سنڌي ساهتيہ، دهلي، 1999ع، ص 65
30. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو، ششماهي ادب 1986ع
31. لعل پشپ: ورهاڱي ڪان پوءِ هند جو سنڌي ناول“، ڪينجهر 1987ع
32. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ: ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ناول جو مختصر جائزو ششماهي ادب 1986ع
33. ڊاڪٽر چندولعل: ”سنڌي ناول جي ارتقا“ ڪونج پبليڪيش، 2004ع، ص 220

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book